چوي شيخ فريد...

بابا فريد الدين گنج شڪر جي شخصيت، شاعريءَ، فڪر بابت
هند جي ڏاهي ليکڪ جي ڪتاب جو ترجمو

ڊاڪٽر ٽي. آر شنگاري

سنڌيڪار
ستار پيرزادو

Sindhica
سنڌيڪا
sindhica.org

چوي شيخ فريد...

بابا فريدالدين گنج شڪر جي شخصيت، شاعريءَ، فڪر بابت
هند جي ڏاهي ليکڪ جي ڪتاب جو ترجمو

ڊاڪٽر ٽي. آر شنگاري

سنڌيڪار
ستار پيرزادو

Sindhica
سنڌيڪا

467

حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

پهريون ڇاپو: 2019ع
ڪتاب جو نالو: چوي شيخ فريد
ليکڪ: ڊاڪٽر تلڪ راج شنگاري
سنڌيڪار: ستار پيرزادو
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: ذڪي پريس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

"CHAWE SHEIKH FARID"
(Sindhi Translation of Poetry of Sheikh Farid)
By: Dr. Tilak Raj Shangari
Translated by: Sattar Pirzado
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road, Karachi-74400

اسٽاڪسٽ

سنڌيڪا اڪيڊمي B_24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي 74400. فون: 021_32737290
سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر 5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ، 03133692150
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 03352233803_03013431537
سنڌيڪا بوڪ شاپ، جي پي او روڊ پوسٽ آفيس پنيان لاڙڪاڻو فون: 0331_3480039

العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي 0300-2827848، ڪانياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بٺراج روڊ، بخاري ڪتاب گهر، قادري بوڪ اسٽور، مهراڻ بوڪ اسٽور، مجاهد بوڪ اسٽور نيم کي چاڙهي سکر- پٺائي بوڪ هائوس حيدرآباد 03223011560 سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد- شاهه لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه- عثمانيه لائبريري، چنيهاٽي ڪنڊيارو، - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو- مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو- حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس -المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز- سليمان برادرس، مسجد روڊ، عوامي بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار- رفعت بوڪ هائوس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 03003319565، عطار ڪتاب گهر، بدين، مهراڻ ڪتاب گهر، عمرڪوٽ، حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو، وسيم ڪتاب گهر لکي در. سعيد بوڪ اسٽور، شڪارپور. سومرا بوڪ اسٽور ميهڙ، ساحر ڪتاب گهر، ڪوندي ميهڙ 0346-8948535 ، مڪتبه امام العصر گهوٽڪي، 03033695037

لکپڙهه لاءِ:

سنڌيڪا اڪيڊمي

B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي 74400 فون: 021-32737290،
ويب سائيٽ: www.sindhica.org اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com

فهرست

مهاڳ (اردو ڇاپو) تلڪ راج شنگهاري 9
وڌيس قُرب ڪُهي ستار پيرزادو 13
واگها سرحد: 17
ديرو بابا جئيمل سنگھ بياس: 19
رهاڪن لاءِ ڪالوني: 20
پنڊال: 21
ست سنگ: 21
ڇپائيءَ جو ادارو: 22
ريڊنگ روم: 25
لائبريري يا ڪتاب گھر: 25
روزمره جي شين جو مارڪيٽ: 26
گروءَ سان پاڪستانين جي ملاقات: 26
صحت جي سهولت: 28
موڪلاڻي ۽ دوستن سان آخري ملاقات: 29
هن ڪتاب بابت: 31

حصو پهريون: سوانح حيات

سوانح حيات 35
والده: 36
تعليم ۽ تربيت: 38
مرشد سان ملاقات: 40
مرشد سان لاڳاپو: 41
هانسيءَ جو سفر: 44
هانسيءَ ۾ رهائش: 45
حضرت ڪاڪيءَ جو جانشين: 46

اجوڌن: 47
جماعت گهر: 52
حضرت نظام الدين: 53
فقر ۽ فاقو: 55
نذر و نياز: 56
منهنجي ماني ڪاٺ جي: 58
ڪشف ۽ ڪرامتون: 59
سرڪار، حڪومت ۽ سياست کان دوري: 63
شادي: 64
چشتي سلسلو ۽ بابا فريد: 65
عظيم شخصيت: 70
اخلاق جي پاڪيزگي: 73
نرم دلي: 73
بردباري: 74
عاجزي ۽ انڪساري: 75
معافيءَ جو مجسمو: 75
ڪلام: 76
وفات: 78

حصو ٻيون: تعليم

١. چوي شيخ فريد 85
الله جي آڌار: 85
محبت جنهن جي من ۾: 88
ڏيکاءُ وارو پيار: 89
غير جو لاهه گمان: 91
مون وڙ وڏي ڪاند: 94
وسريو جنهن ڪان نام: 96
ساڄن ساڻ ملان: 98

٢. هيءُ تن ٿيندو خاڪ 101

هي محل رهندا هتي: 102
فريدا ! ڪٿي تنهنجا ابا ڏاڏا: 104

شيخ فريد تي ويو جُهور! 104
دنيا فاني آهي: 106
موت ماٺوءَ سان ساڻ هلي ٿو: 108
هلڻ هارا سپرين: 109
تمثيل: 110
چار حوالا: 111

٣. سچا تنهنجي آس 113

٤. ڪوئل تون ڪارِي ڇو؟ 123

برهه بادشاهه: 124
عشق ازلي آهي: 127
اصل ڪان جُدائي: 128
ڳوليان، نه لهان: 129
شيطاني تيز: 130
نفس ۽ دولت جا پردا: 131
جي تون ٿئين خدا جو: 133
ٻه نظم: 134
واحد تعليم: 135

٥. ڪهڙي ڪارڻ آدم آيو 139

ٻيا سڀ ڪم اجايا: 140
ڪجهه ضروري سوال: 140
پهريون نظريو: 141
ٻيو نظريو: 141
چوندا جي آزادي: 144
ڪلر ڪيري ڇپري: 145
نفساني خواهشن جي ڇڪ: 146
هٿ نه لاءِ ڪسنيڙي: 147
جو سِر سائين نه نوي: 150
شيطان جو چار: 151
سچو سودو: 152

٦. اندر رب وسي 154

اندر پرين آهي: 155

سپين پَرين سچو ڏٽي: 156
جوين جاڙ ڪِتوئي: 157
سوئي ويس ڪجي: 159
اها نہ پلي رِيت: 161
صُبح نِواج گذار: 162
قبر، عزرائيل ۽ دوزخ: 163
بابا فريد جي زندگي: 165

٧. من ۾ الله سوتن ۾ الله 169

دل انڌاري رات: 170
جي تو ٿئين الله جو: 171
بُرن ساڻ ڀلايون 172
ٿي درخت جي دستور: 173
ڀهڳڻ پوليچ: 174
رضا رباني: 175
سيني ۾ سچو ڏٽي: 176
سِڪ ناهہ سُٽوي: 178
نفس جي پؤنڪ: 180
صبر سندو ٻاڻ: 180
سچ تہ بينو نچ: 182
اخلاقي پاڪيزگي: 182

٨. آهي دنيا امتحان! 185

دوزخ: 186
بهشت يا سورگ: 187
وڪٽي پلڙا وئين انگور: 188
نائي نيڻ نهار: 191
عملن جا قسم: 193

٩. جيڪو گروءَ گس 197

مهر ڪر موليٰ: 198
درويش سان ملائي: 199
اچي لٿا هنجهہ: 201
ويجها ٿيا وصال ڪي: 204

جاڻو تين اڻجاڻ: 205
مال نہ مڱي مڱڻو: 206
بينو پڪاري پاتڻي: 207
ٻگهہ ٻهارن ڀوند ڀندن ۾: 208
زندہ ڪامل مرشد: 211
مرشد :زندہ مثال 212
جيڪا ڳروءَ ڏسي وات: 214
ٻيڙو پار اُڪاري هو: 215
عشق مجازي: 216
مولٰي مهر ڪر: 217

١٠. جنهن ڪان وسريو نانءُ 221

خوفائتا چهرا: 222
جاڳرو ڏسي راهہ: 223
ذڪر: 224
تصور) ڌيان(: 226
اسم اعظم: 226
پنهنجو پاڻ سڃاڻ: 228
جيئري مرڻ: 230
بابا فريد ۽ اسم جو حصول: 233
خواجہ مُعين الدين چشتي ۽ ڪلمو) اسم(: 235
امير خسرو جو ڪلمو (اسم(: 237
حضرت محمد صلي الله عليه وسلم، صوفي ازم ۽ ڪلمو (نام(: 238
ٻيا صوفي درويش ۽ اسم: 239

١١. نمازِ معڪُوس 243

١٢. ٻيڙو پريو بينو آ 251

هلڻ هارا سپرين: 253
ڏينهن مڙوئي ڏون: 254
ساهہ تي ويساهہ ڪهڙو: 256
بي قدري لوهر جو قصو: 257
بينو پُڪاري پاتڻيڪڙا پڪاري پاتني) ملاح بينو سڏي(............ 258
پڪيئڙا ويندا اڏامي: 259

١٣. ڦيرو ڪج فضل جو 261

پرين! پنهنجو ڪرم ڪر 262
جي محب ڪري منظور 264
سچ جو سهارو 266
رحمت پريو مقدر 268
خدائي عشق جي خيرات 268
سلج تنهن سلوڪ 269
رضا ۽ رحمت 270

١٤. صُوفي فلسفو ۽ گرو مت يا سنت مت 274

١٥. لُبِ لُباب (اصل مقصد) 289

پهريون پاسو 292
ٻيو پاسو 293
ٽيون پاسو 293

حصو ٽيون: ڪـــلام

ڪلام شيخ فريد 295

ضميمو: شـعـري صــلاحـيــت 377

شعري صلاحيت 379
الهامي ڪلام 379
تعليمي ڪلام 380
مضمون جو مقصد 382
ٻولي 383
عام فهم ڪلام 385
لفظن جي جوڙڪ ۽ انهن جو استعمال 386
محاورن جو استعمال 387
لفظن جي نقاشي ۽ معنيٰ 388
استعارا، تشبيهون، تمثيلون 391
ڳهاڳهر ۾ ساڳر 393
حاصل مقصد 398

مهاڳ

(اردو ڇاپو)

هندوستان جي عظيم صوفياءِ ڪرام مان هڪڙو شيخ بابا فريد (1173_ 1265ع) ٿي گذريو آهي. بابا فريد کي پنجابي ٻوليءَ جي پهرئين صوفي شاعر طور مڃيو آهي. ڪين درويشن جو درويش، صوفين جو صوفي ۽ شاعرن جو شاعر ڄاتو ويندو آهي. ڇو تہ ڪانئس پوءِ وارن صوفين جي ڪلام تي سندس شخصيت ۽ ڪلام جو وڏو اثر آهي. ڏٺو وڃي تہ پاڻ پنهنجو ڪلام دنيا جي مهان صوفي شاعر مولانا جلال الدين رومي (1207_1273ع) کان بہ اڳ چيو اٿن. جنهن کي گرو نانڪ (1469_1539ع) بابا فريد جي ٻارهين گادي نشين شيخ ابراهيم کان حاصل ڪري پنهنجي جانشينن کي سونپيو ۽ گرو ارجن ديو، گرو صاحبان، سنت نامديو، گرو روي داس، سنت ڪبير جي ڪلام سان گڏ سندس ڪلام شري آدگرنٿ ۾ شامل ڪيو. ان ڪري سندس ڪلام جي مهر پاڻ مرادو دلين تي لڳي تي وڃي.

پنجاب ۾ نرگڻ واد (اها ذات جا صفات انسانيءَ کان متاهين) جي لهر جي پوري طرح ختم ٿيڻ کان اڳ ئي بابا فريد مهان سنت طور مقبول عام ٿي چڪو هو. پنهنجي بي مثال شخصيت، بندگي ۽ عبادت، بردباري، خدمت خلق ۽ عرفان جي آبِ حيات ساڻ ٿمتار ماکيءَ مليل ڪلام جي ڪري عوام جي دلين ۾ سندس گهڻي عزت ۽ عقيدت پيدا ٿي چڪي هئي. زمانو جيئن پاسا ورائيندو ويو تيئن سندس ڪلام ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪندو ويو شري آدِ گرنٿ ۾ شامل ٿيڻ ڪري پنجاب ۾ سندس ڪلام جو پرچار ۽ شهرت وڌندي رهي. موجوده دؤر ۾ سندس ڪلام، اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي نصاب جو اڻ ٽٽ حصو آهي ۽ اسان جي زندگيءَ جي سوچن جي تهان ئي اوڏڙو ٿيندو ويو آهي.

بابا فريد جو ڪلام صدين کان سوچ ويچار ۽ تحقيق جو موضوع رهيو

آهي. سندس ڪلام تي ڪيترائي تبصرا ڪيا ويا آهن. بابا فريد جي حياتي ۽ تعليم جي باري ۾ سوين مقالا ۽ ڪتاب لکجي چڪا آهن. 1973ع ۾ بابا فريد جي (اٺ سؤ) ڇهر ڏڻ جي موقعي تي سندس زندگي ۽ تعليم تي سيمينار ڪيا ويا. ڪيترا نوان ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا. اڻ ڳڻ مضمون اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا. ائين پئي لڳو تہ بابا فريد کي پروڙڻ لاءِ ھوڏ اچي وئي آهي. دراصل بابا فريد جي زندگي، سندس ڪلام ۽ سندس خيالن بابت ايترو ڪجھ چيو ۽ لکيو ويو آهي جو هاڻ ان بابت وڌيڪ لکڻ جي ضرورت ئي نہ رهي آهي. پر جڏهن هيل تائين بابا فريد جي لکڻين تي نظر وجهجي ٿي تہ ٻہ ڳالهيون سامهون ڪرُ کڻي ٿيون بيهن. پهرين اها تہ بابا فريد جي باري ۾ لکڻيون هڪ طرفيون آهن. ڪجھ تہ خالص تاريخي لحاظ سان لکيون ويون آهن. ڪجھ سندس حياتيءَ کي روشناس ڪرائن ٿيون ۽ ڪجھ بابا فريد کي عظيم اديب طور پيش ڪري رهيون آهن. ٻي ڳالھ تہ اڪثر لکڻيون ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي استادن ۽ شاگردن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکي لکيون ويون آهن. انهن ۾ خيالن جي اپٽار جو رنگ ڍنگ ڪجھ ڏکيو ۽ اديباڻو آهي سو عام پڙهندڙ انهن مان جوڳو لاڀ وٺي نہ ٿو سگهي.

هن لکت جو مقصد نہ نئين مواد جي ڳولا آهي ۽ نہ ئي بابا فرييد جي طويل حياتيءَ کي پيش ڪرڻ ۽ نہ ئي سندس تعليم ۽ زندگيءَ سان لاڳو واقعن ۽ قدرن بابت ڪو بحث مباحثي ۾ پوڻ آهي. لکندڙ جو مقصد سندس زندگي ۽ تعليم سان لاڳاپيل اڄ سوڌو مليل مواد جو ليکو چوکو ۽ روايتن جي تاريخي سچائيءَ متعلق ڇنڊڇاڻ ڪرڻ بہ ناهي. اصل ۾ بابا فريد جي سوانح حيات بابت مختصر ٻڌائيندي، سندس ڪلام ۾ موجود روحاني رمزن کي موجوده دؤر جي محاورن ۾ سادگيءَ ۽ سلسليوار پيش ڪرڻ آهي، جيئن اڄڪلھ جي سادڙي پڙهندڙ کي بہ سندس تعليم جو روحاني پهلو آسانيءَ سان سمجھ ۾ اچي وڃي. جيڪي رمزون واقعا يا روايتون بابا فريد جي حياتيءَ ۽ تعليم جي ڪنهن بہ پهلوءَ کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿين، انهن کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

بابا فريد جو ڪلام مقدار جي لحاظ سان ٿورو آهي پر ان ۾ لڪل رمزن کي اهڙي خاص ڍنگ سانُ بطور علامت پيش ڪيو اٿس جڻ ساگر کي گهاگهر ۾ بند ڪري ڇڏيو اٿس. هن ڪتاب ۾ ڪلام جي مڪمل تشريح

ڪئي وئي آهي، جيئن سندس ڪلام ۾ لڪل ڳوڙهي معنيٰ ظاهر ٿي وڃي. ڪلام جي مختلف پهلوئن جي تشريح ڪندي جابجا خواجه معين الدين چشتي، سائين بلهي شاهه، سلطان باهو ۽ مولانا روم وغيره، صوفي درويشن ۽ ڪجهه سنت مهاتمائن جي ويچارن مان مدد ورتي وئي آهي، جيئن سندس ڪلام کي تصوف جي اصولن جي پس منظر ۾ ڏسي سگهجي ۽ سندس ڪلام کي مدنظر رکي مڪمل صوفي ويچارن کي سمجهي سگهجي ۽ ٻين نرگڻ وادي سنتن جي ڪلام سان سندس هڪ جهڙائي ڏسي سگهجي.

بابا فريد جي ڪلام جا ڪيترائي حوالا هڪ کان وڌيڪ ڪتابن تي ٻڌل آهن. ان ڪري اهي ئي حوالا مختلف موضوعن خاطر هرهر ورجايا ويا آهن. اميد آهي ته اهڙي ورجاءَ کي پڙهندڙ خوشيءَ سان قبول ڪندا. هن خادم کي ٽيهه ورهيه ايم. اي جي شاگردن کي بابا فريد، بلهي شاهه، شاهه حسين پڙهائڻ جو موقعو مليو. سائين بلهي شاهه تي ڪتاب لکڻ ويل بابا فريد تي ڪتاب لکڻ جي خواهش به جاڳي هئي. ڪجهه عرصو اڳ جڏهن راڌا سوامي ست سنگ بياس جي موجوده سربراه پاران مون ناچيز کي بابا فريد تي ڪتاب لکڻ لاءِ چيو ويو ته ڏاڍي خوشي ٿيم، ڇو ته ان طرح سنگت جي خدمت سان گڏوگڏ هن ناچيز جي دلي خواهش به پوري ٿي رهي هئي. تنهن ڪري هن خادم هوريان هوريان پر لڳاتار هي ڪم جاري رکيو جيڪو مرشد جي مهر ۽ ڪرم سان جڙي راس ٿيو ڪتاب لکڻ ويل ان ڳالهه جو خاص ڌيان رکيو ويو آهي ته بابا فريد جي تعليم سندس ڪلام مان قدرتي طور جاري ٿئي، بابا فريد جي ڪلام مان چند نتيجا ضرور ڪڍيا ويا آهن پر پنهنجي ذاتي سوچ تي بابا فريد جي خيالات کي ترجيح ڏني وئي آهي.

هن تصنيف ۾ ڪيترن ئي اديبن ۽ محققن جي خيالن مان بي بها مدد ملي آهي. ليڪڪ انهن مڙني جو قرضدار آهي. هن ڪتاب جي تياريءَ، نظرثاني ۽ ڇپائيءَ ۾ گهڻن ئي سائين پيار ڀري دوستن مدد ڪئي آهي. ليڪڪ انهن جو دل جي گهراين سان مشڪور آهي.

پنهنجي محبوب مرشد جي ياد ۾ سندس دوستن کي هي ڪتاب پيش ڪندي، ناچيز کي بيحد خوشي محسوس ٿي رهي آهي.

آر_45، راڌا سوامي ست سنگ بياس
ديره بابا جيمل سنگهه
ضلعو امرتسر_ڀارت

تلڪ راج شنگاري

وڏيسِ قُرب کھي

نــہ ايــرُ نـــہ پيـــرُ، نـــہ کـــو اوتـــي آئيـــو
مـون وٽ آيـو ڪـين ڪـي، پـائِران پـري پيـرُ،
ڪِتــابتون ڪيــرُ، آڻــي ڏينــدُم اُن جــون.
(شاھہ)

هڪڙي ڏهاڙي دوست نور احمد ميمڻ جي سنڌيڪا اڪيڊمي، نيشنل آٽو پلازا ڪو ڪتاب خريد ڪرڻ جي لاءِ ويس. ڪتاب تہ خريد ڪيم، پوءِ هن يار سنڌي مهمان نوازيءَ مطابق چانهہ گهرائي . جيسين چانهن اچي تہ هن يار ڪجهہ ڪتاب ڪيڏي منهنجي آڏو رکندي چيو تہ "اوهان جي لاءِ ممڪن هجي تہ هي ڪتاب ترجمو ڪريو ڪتاب ڏاڍو سٺو آهي ۽ پيو تہ هي درويش بہ اسان جوئي آهي." ڪتاب منهنجي هٿ ۾ ڏنائين. مان هڪ تہ ضرورت مند بہ هوس پيو تہ مون اهو ڪتاب ڏٺو بہ هو پر تيسين پڙهيو نہ هوم، باقي جنهن ليکڪ جو لکيل هو ۽ جنهن اداري جو ڇپيل هو، مان ان ليکڪ سان ٻارهن ڏينهن مڪا ميلو ڪري، ڪچهريون ڪري، سنڌس خيالن کان واقف ٿي آيو هوس ۽ جتان جو اهو ڪتاب ڇپيل هو يعني 'راڌا سوامي ست سنگ بياس' اتي ٻارهن ڏينهن رهي، اتان جون انتهائي خوبصورت يادگيريون ساڻ کڻي موٽيو هوس، حقيقت ۾ موٽڻ تي دل نہ پئي ٿيم پر موٽڻو تہ هو ئي.

'راڌا سوامي ست سنگ'بياس، جيڪو اسان جي ڏوڪري شهر جيترو شهڙو آهي. مان اتي يارهن ڏهاڙا ان لاءِ رهي آيو هوس جو هنن يارن 'شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ' تي ڪتاب لکي ڊاڪٽر آنند ڪمار پنجواڻيءَ جي معرفت نظرثانيءَ ڪرڻ لاءِ موڪليو هو جنهن جي لاءِ جڏهن مون کان پڇيو ويو تہ مون ڊاڪٽر نواز علي شوق جو نالو ڏنو هو پر هن يار چيو تہ نہ اهو ڪم توهان کي ڪرڻو پوندو، مون اول آناڪاني ڪئي پر ڊاڪٽر پنجواڻيءَ جو

مون تي ايترو اعتماد هو شايد جو نه پر مون کي ٿي چپائين اهو توهان ئي نظر مان ڪڍو ۽ درستگيون ڪيو. مون اهو ڪتاب سڄو پڙهيو ۽ خاص اڪر ڊاڪٽر پنجوانيءَ کان ٿي پڇيم، جي سنسڪرت يا پراڪرت جا هئا. جڏهن اهو ڏسي پورو ڪيم ته هنن يارن وٽان وري اها فرمائش آئي ته اهو ڪمپيوٽر تي ڪمپوز به اوهان ڪرائي پروف ڏسي سي ڊيءَ تي آڻي موڪليو پر هنن کي جڏهن اهو ڪمپوز ڪري موڪليو ويو هو ته هنن وٽ اهو ڪلي نه سگهيو هو. ان ڪري هنن ان ماڻهوءَ کي گهرايو جنهن ڪتاب جي نظرثاني ڪئي ۽ پروف به ڏٺا هئا. اهو ان لاءِ هو ته اهو هنن کي درست صلاحون اچي ڏئي، جيئن هو ڪتاب چڱي نموني ڇاپي سگهن. چو ته هنن ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نالو به ڪو نه ٻڌو هو.

نور احمد مون کي جيڪو ڪتاب ڏنو اهو 'بولي شيخ فريد' عنوان سان، اردو ٻوليءَ ۾ هو ۽ ٽي. آر شنگاريءَ جو لکيل هو. هي اهو ئي ماڻهو هو جنهن شاهه لطيف تي ڪتاب ڪامل درويش، 'شاهه عبداللطيف ڀٽائي' لکيو هو. مون هائوڪار ڪئي ۽ ڪيس مٿيون واقعو به ٻڌايم ته هن کي اجا به پڪ ٿي ته مان ئي صحيح ماڻهو آهيان جو اهو ڪتاب ترجمو ڪري سگهندس. مون اهو ڪتاب پاڻ سان آندو ۽ بسم الله ڪري ترجمو ڪرڻ شروع ڪيم پر بيحد افسوس سان چوڻو ٿو پويم ته اهو ترجمو ڪرڻ ۾ مون ڪافي ڏينهن لڳائي ڇڏيا، جو نوڪري ٺوڪري به منهنجي مٿان ڀيل آهي، جيڪا مان شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڪندو آهيان، جتي مون کي شام جو پنجين وڳي تائين رهڻو پوندو آهي ۽ گسائڻ جي مون کي عادت بنهه ڪانهي. تنهن هوندي به 'دير آيد درست آيد' مصداق هي ڪتاب نيٺ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هاڻ ٿورو پاڻ بابت به اوهان کي ٻڌايان ته هي حقير فقير پاپي سرير عبدالستار عرف ستار پيرزادو ولد دوست علي، ڳوٺ حاجي لعل بخش شيخ ٻلهڙيجي ۾ 29 جنوري 1950ع تي پيدا ٿيو. تعليم جي لحاظ کان وڏا ڦاڙها ماري نه سگهيو آهيان، سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي.اي پاس جي اپري سنڌ اٿم. ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ گهرو حالت سيري نه هجڻ ڪري ليب اسسٽنٽ جي نوڪري، سنڌ ايگريڪلچرل ريسرچ انسٽيٽيوٽ ٽنڊو ڄام ۾ حاصل ڪيم. اتان رڙهندو اچي پيٿالوجي ليبارٽري، حيدرآباد ۾ اٺ ورهيه گذاري

ڪراچيءَ پيڙو ٽيس ۾ اول لانڍي اسپتال ۾ پوءِ ڪراچي ليبارٽريءَ ۾ ڪم ڪندو ۾ وري ڪٽاليٽران ڪارپوريشن. ڪراچيءَ ۾ اول سيلس ايگزيڪيٽو ۾ آخر ۾ اسسٽنٽ مئنيجر سيلس ٽيس پر منهنجي ڪارڪردگيءَ مان چوويهہ ورهين گذرڻ کان پوءِ مطمئن نہ ٿيڻ ڪري نوڪريءَ مان ڌڪاريو ويس ۾ 'جهڙي آئي جيئن. تهڙي ملان تن ڪي' جي مصداق مون کي گهر پيڙو ڪري ڇڏيائون. وري ڏيڍ سال کن شاهہ محمد پيرزادو جي ڪمپني ليب سروِ ۾ شرافت سان نوڪري ڪرڻ باوجود. هڪڙي گراهڪ جي شڪايت تي ان يار بہ مون کي گهر پيڙو ڪري ڇڏيو. هاڻ 2012ع جي آڪٽوبر مهيني کان ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۾ جيئڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهيان. اها اٿم رام ڪهاڻي. جيڪا ان لاءِ ٿو ڏيان تہ ڪيترن ماڻهن کي منهنجي باري ۾ پوري ڄاڻ نہ هجڻ ڪري غلط لکيو ٿو وڃي.

لکڻ جي لحاظ کان منهنجي کاتي ۾ پنج طبع زاد ڪتاب ڇپيل آهن ۾ ٻيا ڪجهہ سهيڙيل ۾ ترجمو ڪيل بہ اٿم ۾ ائين منهن جي کاتي ۾ ڪل ايڪويهہ ڇپيل ڪتاب آهن. اهو اٿم ننڍڙو زندگيءَ جو تات پرچ. باقي مون انهن ۾ کهڙو ٻوڙ هاريو ۾ کهڙا رندا روڙيا آهن اهو اوهان پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي. هاڻ راڌا سوامي ست سنگ بياس جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايان ٿو.

مون کي جن نہ ڪن. نہ اير نہ پير. نہ خيال نہ خواب. نہ چاهت نہ تمنا. هڪ ڏينهن ڊاڪٽر آنند ڪمار پنجواڻيءَ چيو: "توهان وٽ پاسپورٽ آهي؟" مون هائوڪار ڪئي. چيائين. "سڀاڻي ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي کڻي اچجو." وڌيڪ پڇا ڪا نہ ڪئي. ڇو ۾ ڇا لاءِ؟ ڪو بہ سوال نہ جواب. نہ ڪو هن يار ئي ٻڌايو تہ ڇاجي لاءِ ٿو چوان. مان بہ چئيوان. سڀاڻي تي پاسپورٽ جي ڪاپي آڻي ڏني مانس.

وري ڪجهہ ڏينهن رکي پاسپورٽ ۾ ٽي تصويرون آڻڻ لاءِ چيائين. جڏهن اهي آندم تہ هڪ فارم ڀرڻ لاءِ ڏنائين. تڏهن پڇڻ تي ٻڌايائين تہ. "توهان لاءِ ڀارت وڃڻ لاءِ ويزا جي لاءِ هي فارم آهي. هڪ جٿو بياس ٿو وڃي. مان چاهيان ٿو تہ توهان بہ انهن سان وڃو."

مون کي اعتبار ئي نہ اچي تہ مون کي ڀلا ڇو ويزا ڏيندا. بهرحال هن يار کان پڇڻ تي ٻڌايائين تہ: "بياس ۾ راڌا سوامي ست سنگ جي لاءِ دوست

ويجن ٿا. هي جيڪو ڪتاب اوهان ’شاهه لطيف پڻائيءَ‘ تي لکيل ڏسي ۽ درست ڪري رهيا آهيو اهو به اتان آيو آهي. مان چاهيان ٿو ته انهن سان اوهان ملي ڪين ان ڪتاب ۾ ڪيل غلطين بابت ٻڌائي اچو ته بهتر ٿيندو. هڪ نئين دنيا به ڏسي ايندؤ پڪ اٿم ته اوهان کي ڳالهه وڻندي.“

10 سيپٽمبر 2007 تي ٻڌايائين ته: ”اوهان جي ويزا گهڻو ڪري تي وئي آهي، پر اجا پڪ نه پئي ٿئي. توهان تياري ته ڪري ڇڏيو. آفيس وارن کي به ٻڌايو. خرچ پکي لاءِ پنج هزار ڪافي آهن.“

12 سيپٽمبر 2007 تي چيائين ته: ”توهان جي ويزا لڳي وئي آهي. اوهان کي 14 سيپٽمبر 2007 تي، واڳها رستي بياس، امرتسر ويڃڻو آهي.“

مون موڪل لکي ڇڏي، آفيس وارن کي ٻڌائي ڇڏيم. گهر وارن کي ٻڌايم. ڪجهه پئسا تبديل ڪرائي آمريڪي ڊالر ورتم. ڪجهه پاڪستاني رپيا به کيسي ۾ رکيم. 14 سيپٽمبر 2007ع، جمعي ڏينهن، پهرين رمضان المبارڪ 1428هه تي، شام جو ڇئين وڳي، ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تان اسان کي قراقرم ايڪسپريس ۾ روانو ٿيڻو هو. مون سان گڏ جيڪي ٻيا دوست ڪراچيءَ مان هليا پئي، اهي نه مون کي سڃاڻن نه مان کين سڃاڻان. هڪ دوست خوشحال نالي هو جنهن جو فون نمبر مون کي ڊاڪٽر پنجواڻيءَ ڏنو هو مان ان سان رابطي ۾ هوس، هن پنهنجي گهر وارن سان منهنجي لاءِ به سيٽ بوڪ ڪرائي ڇڏي هئي.

شام جو ٽين وڳي ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي پهچڻو هو. هو مون کي اتي ملڻا هئا. ڊاڪٽر پنجواڻي به اتي پهچڻو هو. ڊاڪٽر پنجواڻي آيو ته پوءِ هن انهن دوستن سان ملايو. هتان ڪراچيءَ مان 9 ڄڻا ۽ پوري سنڌ مان 165 ڄڻا ويڃڻا هئا، جن ۾ مان اڪيلو مسلمان هوس، باقي سڀ هندو ياتي بند هئا.

اسان ٻئي ڏينهن يعني 15 سيپٽمبر 2007 ڇنڇر ڏينهن صبح جو ساڍي نائين وڳي لاهور اسٽيشن تي پهتاسون. اتي اسان سڀني لاءِ بسن ۽ ناشتي جو بندوبست ٿيل هو. هتي مون کي اها به پروڙ پئي ته پنجاب جا ڪجهه مسلمان به بياس جا پوئلڳ آهن.انهن ناشتو ڪرايو بسن ۾ سامان سٽيو ويو ۽ اسان واڳها سرحد ڏانهن روانا ٿياسون. هاڻ هن وارتا کي گهٽائڻ ۽ صحيح حقيقت ٻڌائڻ لاءِ مان ان سفر کي هيٺئن ٿو ورڇيان.

واگها سرحد:

واگها سرحد پهچڻ لاءِ لاهور اسٽيشن کان ڏيڍ ڪلاڪ جو سفر بسن رستي طئي ڪيوسون. هتي گرمي خوب هئي، ڇٽ جي موسم اڃا نہ گذري هئي، سرن پاند اڃا نہ نسريا هئا. سارين جو فصل اڃا سائو بينو هو اها گرمي انهن لاءِ ضروري هئي، بسن مان لٿاسون. هر ڪنهن کي پنهنجو پنهنجو سامان کڻڻو هو. ڪيترين عورتون نِنديا. اصل ڪير پياڪ پار بہ کڻي آيون هيون جن کي ڏسي ڏاڍو افسوس بہ پئي ٿيم ۽ همت بہ پئي ٿيم تہ مون کي تہ گهٽ ۾ گهٽ سامان، فقط هڪڙي سوٽ ڪيس هئي. پر پنڌ ۽ گرمي مون کي ماندو ڪري وڌو. بہ فرلانگ ڪن پنڌ ڪري پاڪستان ڪسٽم ۽ اميگريشن تائين پهتاسون. اتي اسان کي پاسپورٽ ملڻا هئا. محترم سشيل ٽيلهو پريل پاسپورٽ کڻي اندران نڪتو ۽ ماٺهو ڳاهت ٿي، پنهنجو پنهنجو پاسپورٽ ڳولڻ لڳا. نيٺ مون کي بہ پاسپورٽ ۽ ويزا فارم جي ڪاپي هٿ اچي وئي. کولي، ڏسي پڪ ڪيم. ويزا پوري هڪ مهيني جو لڳل هو. اول ڪسٽم ٽيو جنهن ۾ اهو لکي ڏيڻو هو تہ مان کڻي ڇا ٿو وڃان، مون وٽ تہ فقط هڪ سوٽ ڪيس هو ۽ هوس بہ اڪيلو. وري اميگريشن لاءِ بہ قطار ۾ ويهڻو پيو. هنن مون کان فقط پئسن جي پڇا ڪئي. مون ٻڌايو مان تہ مون وٽ سؤ پندرهن آمريڪي ڊالر ۽ ساڍا ٽي هزار پاڪستاني رپيا آهن. هنن وڃڻ جو اشارو ڏنو.

اتان وري ڪجهہ پنڌ ڀارتي حصي واري طرف کان ڪري ڀارتي اميگريشن جي آفيس ۾ ساڳئي مرحلي مان گذرڻو هو. ٻنهي طرفن وڏا لنگهہ ٺهيل هئا پر انهن ۾ دروازا لڳل نہ هئا. ڀارتي حصي ۾ بہ اهائي ڳالهہ ٿيڻي هئي، سامان جي لکت، پاسپورٽ نمبر ۽ وڃڻ جو هنڌ لکي ڏنوسون. دريءَ مان پاسپورٽ ڏسڻ ۽ چڪاسڻ لاءِ ڏناسون. گرمي اهڙي هئي جو منهنجو پگهر اصل نہ سڪي، هتي منهنجو پاسپورٽ جهليو ويو اندران بيٺل همراهہ منهنجو نالو ڪنيو مان سامهون آيس، چيائين: "تون مسلمان آهين؟" هائوڪار ڪيم تہ هو ٻاهر نڪري آيو. پڇا ڪرڻ لڳو "تون مسلمان آهين؟" "هائو."

چيائين: "هي تہ هندن جي عبادت جو هنڌ آهي، تون ڇو ٿو وڃين؟ ڇا تون 'راڌا سوامي' آهين؟"

مون انڪار ڪيو.

پڇيائين: "پوءِ ڪهڙو سبب آهي تنهنجي وڃڻ جو؟"

مون حقيقت بيان ڪئي، چيم: "هنن ’شاهہ لطيف ڀٽائيءَ‘ تي ڪتاب لکيو آهي، مون اهو تصحيح طور ڏنو آهي، ان ڪري انهن سان ان ڪتاب جي باري ۾ ڳالهائڻ ۽ کين سمجهائڻ لاءِ وچي رهيو آهيان. باقي مڙئي خير. "
هن يار کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي ۽ اهو چئي ويو تہ: "توهان هتي ويهو، مان پنهنجي آفيسر کي وٺي ٿو اچان. "
ٿوري دير ڪانپوءِ هڪ ماڻهو جيڪو هنن جو آفيسر هو ٻئي طرفان آيو ۽ مون کان نالو پڇي، لڳ ڀڳ ساڳيا سوال ڪيائين، مون بہ سوڌ پوڌ ساڳيا جواب ڏنامانس. ڳالهہ سمجهہ ۾ آيس يا نہ، پڇيائين،"شاهہ لطيف ڪير؟" مون شاهہ لطيف بابت ٻڌايس، پر جاتم هن کي ڪا خبر نہ هئي پر مون کي پاسپورٽ هٿ ۾ ڏئي وڃڻ جو اشارو ڪيائين.
هتي منجهند ٿي وئي هئي، ان ڪري مانيءَ جو بندوبست ٿيل هو هر ڪنهن کي ڪاڏو ڏنائون، مون هڪ بس ۾ ويهي ماني ڪاڌي، پاڻي پيتو. جڏهن سيئي ڪائي سير ٿيا تہ وري اتان ٻاهر نڪرڻو هو.
هن جاءِ تي جهوپڙا هوٽل، پاڻي وارا، پڪوڙن وارا، سموسن وارا، فروٽ وارا ۽ سگريٽ ماچيس جون مانديون بہ هيون. هتي ’ڏيره بابا جيمل سنگهہ بياس‘ جون ٿي بسون ۽ انهن سان گڏ سامان ڪڻائڻ وارا نوجوان (شيوادار) بہ هئا. مان جيئن بس جي پرسان پهتس تہ هنن مون کان سوٽ ڪيس ورتو ۽ هڪڙي بس ۾ رکي ڇڏيائون. پتو پيو تہ هي اتي جا شيوادار آهن.
جيسين سڀ ماڻهو اچن، تيسين مان هيڪلو نہ ڳالهائڻ وارو نہ سڃاڻڻ وارو. ڪراچيءَ مان گڏجي آيل ساٿي اڪثر پنهنجي پنهنجي ٻارن سان هئا. منهنجي پرسان بہ جوان آيا، هنن مون کي چانهن پيئڻ جي صلاح ڪئي، مون بہ هائوڪار ڪئي ۽ گڏجي وڃي هڪ هوٽل جي ڪرسين تي ويناسون. تعارف ڪندي هنن مان هڪڙو هو محترم جنڪ، هي محترم نواب شاهہ جو هو. ٻئي جو نالو پيسو مل هو هي وري سانگهڙ جو هو. هي بہ ٻئي اڪيلا ئي هئا. چانهن پيتي سون ۽ مون کين شاهہ لطيف جا بيت ۽ انهن بابت ٻڌائڻ شروع ڪيو هنن کي شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي جاڻ ئي ڪانہ هئي، پوءِ تہ منهنجا ساٿي ٻڌجي پيا. بسن ۾ سامان سٽجي ويو ماڻهن چانهن پاڻي پي ورتو ۽ ڪن پئسا بہ تبديل ڪرايا. نيٺ هلڻ، بسن ۾ ويهڻ جو سڏ ٿيو مان، جنڪ ۽ پيسو مل هڪ ئي بس ۾ ويناسون، بسن هلڻ شروع ڪيو.

ديرو بابا جئيمل سنگهہ بياس:

اسان جون بسون جيئن ئي هليون تہ خبر پئي تہ اهو پنجاب جو ضلعو امرتسر آهي. بياس هڪڙو شهر بہ آهي ۽ بياس نديءَ جي ڪري هن شهر تي اهو نالو پيو آهي. بياس ندي اڳ پاڪستان جي حصي ۾ هئي پر پوءِ پاڪستان 1960ع ۾ ٻہ نديون هندستان کي وڪرو ڪيون هيون، انهن ۾ بياس ۽ ستلج ندي شامل هيون. بابا جئيمل سنگهہ (1839_1903ع) آگري جي راڌا سوامي، 'حضور شو ديال سنگهہ' (1818_1878ع) کان 'نام دان' وٺي پنهنجي جهوپڙي اچي بياس نديءَ تي اڏي ۽ ويهي عبادت ڪرڻ لڳو. هي دؤر انگريزن جي حڪومت جو هو. تنهن ڪري اتي رهي پيو. پوءِ آبادي وڌندي وئي. هاڻ ان جاءِ تي هڪ وڏي عاليشان ڪالوني جڙيل آهي جنهن کي "ديره بابا جئيمل سنگهہ. راڌا سوامي بياس" ڪري سڏاتو وڃي ٿو جيڪو اصل ساوڻ سنگهہ (1858_1948ع) آباد ڪيو. ديرو اسان جي سنڌ جي شهرن يا ڪالونين يا صوفين جي آستانن کان بنهہ مختلف هو جديد قسم جي ڪالوني هئي، جتي اندر ڪنهن بہ قسم جو هل هنگامو نہ هو ٻاهران آيل زائرين جي لاءِ هاسٽلون، خاص هاسٽلون يورپ مان ايندڙن جي لاءِ هيون جي اسان کان پري بہ هيون ۽ اوڏانهن شايد وڃڻ جي اجازت بہ ڪانہ هئي ۽ هند جي مختلف شهرن مان فقط انهن ڏينهن لاءِ آيل ماڻهن لاءِ وڏا لوها پنڊال نهيل هئا. روڊ رستا اهڙا جهڙو اسان وٽ سپر هاءِ وي. پيدل گهمڻ وارن لاءِ فوٽ پاٿون جڙيل ۽ انهن کي روڊ طرف کان لوهي گرل لڳل جيئن ڪو اڻ وڻندڙ واقعو يا حادثو نہ ٿي پوي. روڊ تي چپي چپي تي بيٺل شيوادار، جيڪي ماڻهن جي مدد لاءِ هر وقت هڪيا تڪيا تيار اهي صبح جو ڇهين وڳي کان شام جو ستين وڳي تائين ماڻهن جي مدد لاءِ تيار بيٺا رهندا هئا.

هي ديرو جيئن تہ بياس نديءَ جو پيٽ آهي، ان ڪري ڏاڍو سائو هو وڻ، ٻوٽا، ڇٻر جا وڏا وڏا ٻارا، بنهہ ساوا. ماڻهو (شيوادار) ان جي هر وقت صفائي ڪندا رهيا ٿي. اسان جنهن هاسٽل ۾ رهياسون، اها 11 نمبر هاسٽل هئي. تہ ماڙ عمارت، هر ڪمري ۾ ٻہ ٻہ بسترا، گڏيل باٿ روم ۽ ٽيبل ڪرسيون. سامان رکڻ جي لاءِ ديوار ۾ ڪبٽ جڙيل. ٻن هاسٽلن جي وچ ۾ هڪڙي ڪينٽين، جتي هر قسم جي هلڪي غذا سستي اگهہ ٽوڪن ذريعي ملي

سگهي ٿي. هتي پئسن جي ڏيتي ليتي بنھ ڪانہ ڏسڻ ۾ آئي. پئسا ڏئي اوترا ٽوڪن وٺي رکياسون ۽ جتي ڪٿي اهي ڪم ٿي آيا. اها ڪينٽين صبح جو ڇهين وڳي کان رات جو ڏهين وڳي تائين کليل رهي ٿي. ماني کائڻ لاءِ ڇٽن قسمن جون هوٽلون يا جن کي 'لنگر' ۽ 'پوڄن پنڊار' ٿي چيائون. انهن کان سواءِ ڇٽن جاين تي ڪينٽين هيون. جن ۾ هلڪو کاڌو ملي ٿي سگهيو. جيئن چانھہ. کير. بسڪوٽ. ڏهي بڙا. پڪوڙا ۽ سموسا وغيره.'لنگر' ۾ کاڌو بلڪل مفت ۽ 'پوڄن پنڊار' ۾ کاڌي جو اگهہ مقرر ٿيل هو صرف 9 رپيا. هتي کاڌي جي لاءِ صرف ٽيبلون رکيل هيون. باقي کاڌو بيهي کائڻو هو. اهو شيوادار اسٽيل جي بالٽين ۾ کڻي آيا ٿي. جنهن کي جيڪو وڻي اهو وٺي. پوڄن پنڊار ۾ وڃڻ وقت دروازي تي نَوَ رپين جا ٽوڪن ڏئي. پليٽ. گلاس ۽ چمچو کڻڻا هئا. ان ئي پنڊال ۾ هڪڙو ڪمرو ٺهيل هو جنهن ۾ ٽيبل ڪرسيون رکيل هيون. اهو خاص ڪري پوڙهن ۽ ٻار وارين عورتن لاءِ هو. هتي جيترو وٺي کائي ٿا سگهو. هيڇ کان ڪم وٺڻو نہ هو جو جيترو وٺو اهو سڀ کائي وڃڻو هو بچائڻ جي ضرورت ڪانہ هئي. جو هنن جو خيال هو تہ کاڌو زيان نہ ٿيڻ گهرجي. کاڌي واري جاءِ اسان جي هاسٽل کان هڪ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي هئي.

رهاڪن لاءِ ڪالوني:

هتي ڪم ڪندڙ ماڻهن لاءِ پڪا گهر جڙيل هئا. جيڪي هر ڪنهن ڪم ڪندڙ کي مليل هئا. سڀ هڪ جهڙا. هڪ جيترا. ساڳئي رنگ جا. رنگ ٻاهران ڳوڙهو ناسي ۽ اندران بادامي هو. هاسٽلن جو بہ رنگ ساڳيو. صفائي اهڙي جو اجا ماني کائون مس تہ ٽيبل صاف. رهاڪن جي لاءِ گهر بہ ماڙهئا. اندر هر قسم جي سهولت ۽ گهرو ضرورت لاءِ هڪ مارڪيٽ جڙيل هئي ۽ ان سان گڏوگڏ وڏو ڪتاب گهر پڻ موجود هو جتي هر ٻوليءَ ۾ اتي يعني ست سنگ بياس جا ڇپيل ڪتاب ايترا سستا ٿي مليا جو دل پئي چاهيو تہ سڀ جا سڀ ڪتاب خريد ڪجن. ڪم ڪرڻ وارن جو ڊيوٽي ٽائيم صبح جو ساڍي نائين وڳي کان ساڍي ٻارهين وڳي تائين ۽ وري شام جو ساڍي ٽي وڳي کان ساڍي ڇهين وڳي تائين هو. باقي مارڪيٽ تہ انهن وڳي تائين کليل رهندو هو.

پنڊال:

پنڊال اڪثر اهڙن ماڻهن لاءِ جڙيل هئا، جيڪي ويجهي پنڊ يا هند جي مختلف شهرن مان گرو جيءَ جو درشن ڪرڻ لاءِ وقتي طور تي اچن پيا. انهن ۾ هڪ هڪ پنڊال ۾ 5 کان 10 هزار ماڻهن جي رهڻ جي گنجائش هئي. هر نسل، قوم، ڌرم جا ماڻهو آيا ٿي.شاهه لطيف چوائي:

هلو هلو ڪاڪ تڙين ، جتي نينهن اُڇل،
نه ڪا جهل نه پل، سڀ ڪا پسي پرينءَ کي.

هنن جو پرين 'گرو گريندر سنگهه' هو هيءَ هنن جي ڇهين بادشاهي پئي سڏجي.

ست سنگ:

'ست'، سنسڪرت جو لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس 'سچ يا حق'، 'سنگ'، لفظ به سنسڪرت جو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، 'سنگت يا ساٿ'. 'ست سنگ'، معنيٰ 'سچ جو ساٿي'، هتي اهو اچي سگهي ٿو جيڪو سچ جو ساٿي هجي يا سچ جو ساٿي ٿيڻ جي خواهش رکندو هجي . هتي جيئن ته هر ڪنهن کي سچ جو ساٿ ڏيڻ ۽ سچ کي سمجهڻ لاءِ اچڻو هو تنهن ڪري ڪوڙي دنيا جي ڪنهن به شيءِ جي اجازت ڪانه هئي. جيئن سيل فون، ٽي وي يا ريڊيو ۽ ڪئميرا رکڻ جي منع ٿيل هئي. ان ڪري اسان کان سيل فون گيٽ کان لنگهڻ مهل گيٽ وٽ جڙيل هڪڙي ڪمري ۾ رکرائي ان جي داخلا ڪري ٽي ڇڏيائون، جو هنن جو اهو خيال هو ته هتي صرف عبادت طرف ڌيان ڌريو وڃي ۽ اهڙين اجاين ۽ خام ڳالهين تي وقت نه وڃايو وڃي. اسان جي هاسٽل ۾ رهڻ لاءِ هڪ ڪارڊ ٺهي مليو هو جنهن ۾ اسان جو تفصيل ۽ پاسپورٽ نمبر، ڪمرو نمبر ۽ ست سنگ ۾ٻڌڻ لاءِ وري اين . آءِ. آر ڪارڊ تصوير سان جڙيل هو. (اين آءِ آر جو سچو جملو هو نان انڊين ريزيڊنٽ) هر ست سنگ ۾ اهو ڏيکارڻو هو ته انهن جي داخلا الڳ دروازي کان پئي ٿي. هر ڪنهن جي تلاشي ورتي پئي وئي. اندر لوهائون پنڊال جڙيل، روشني قدرتي طور ٻٽيل، جنهن ۾ ٻڌڻ لاءِ لائوڊ اسپيڪر لڳل. ويهڻ لاءِ پٽ تي گاديليون ۽ بيمار اپاهج ۽ ڪراڙن لاءِ ڪرسيون رکيل هيون. ان پنڊال ۾ ڏهه لک ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش هئي. ست سنگ هر

روز صبح جو پوڻين نوين وڳي کان پوڻي ڏهين وڳي تائين ٿيندو هو جيڪو هر ڪنهن لاءِ ٻڌڻ لازمي هو. صبح جو ستين وڳي کان وٺي پوڻين نوين وڳي تائين ست سنگ پنڊال ۾ پهچڻو هو. هر ڪنهن کي پنهنجي ڪمري جي چابي ڪائونٽر تي ڇڏي وڃڻي هئي، متان ڪٿي ڪري پوي. ٻيو سبب صفائي هو. صبح جو ست سنگ پوري نوين وڳي شروع ٿيندو هو ۽ پورا پنجيتاليهه منٽ هلندو هو. اهو پنڊال اسان جي هاسٽل کان ٻه يا اڍائي ڪلوميٽر پري هو. هر ڪو اڳ۾ وڃي ويهڻ جي تمنا ڪئي تي ويو. پاڪستان وارن کي بلڪل پنڊال جي وچ ۾ جڙيل مٿاهين اسٽيج ۽ گاديءَ وٽ سامهون ويهڻ ڏنو تي ويو.

آچر 14 سيپٽمبر 2007ع تي بابا جي گرو گريندر سنگهه جو خطاب يا ست_سنگ هو جلد تيار ٿي، چانهن پي، ست_سنگ پنڊال ڏانهن روانا ٿياسون. جيڏانهن نظر ڪر ماڻهو ئي ماڻهو انين وڳي پهتاسون. مان جيئن ته هيٺ ويهي نه سگهندو آهيان. جو پنين ۽ سٿرن ۾ سور ۽ چيلهه ۾ سور پوندو اٿم. ان ڪري ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ اجازت گهري. جيڪا ملي وئي، جو مان پاڪستاني هوس، ورنه ٻين پوڙهن، بيمارن، يا اپاهجن کي مخصوص ڪارڊ جڙي تي مليا. پوري نوين وڳي گرو جي آيا. پوءِ ست_سنگ جو خطبو شروع ٿيو جيڪو هڪ ڪلاڪ 35 منٽ هليو. هڪ ماڻهو بلهي شاهه جي ڪافي پئي پڙهي ۽ هن ان کي معنيٰ ۽ شرح پئي بخشي. مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ منهنجي اندر جي ڳالهه گروءَ جي زباني پڌري ٿي رهي هجي. هن جي ان پوري خطاب ۾ مون لاءِ ڪا به نئين ڳالهه ڪا نه هئي، باقي ماڻهن جو تعداد چون پيا ته ڏهه لک کن هو ٻين ڪيترو سمجهيو ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي.

ڇپائيءَ جو ادارو:

هي اهو ادارو هو جتي اصل ۾ مون کي وڃڻو هو. جنهن ڪم يا ڳالهه جي لاءِ مان ايڏي تڪليف ڪري آيو هوس، اهو مقصد هو شاهه لطيف بابت ڊاڪٽر ٽي. آر. شنگاريءَ (ڊاڪٽر تلڪ راج شنگاري) پاران لکيل ڪتاب، جيڪو اصل ۾ هن گرمکي اردوءَ ۾ لکيو هو ۽ اهو هڪ هند جائي سنڌي عورت 'ڪملا ديديءَ' سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو جيڪا اصل ۾ انگلينڊ ۾

رهندڙ هئي. پهريون پيرو محترم جنڪ ۽ پيسو مل گڏ هئا. هن اداري ۾ جڏهن پهتاسون تہ ساڍا ٻارهن لڳي ويا هئا. هڪ همراهہ آفيس بند ڪري ٻاهر نڪري رهيو هو جڏهن ڪائنس ڊاڪٽر ٽي. آر. شنگاريءَ لاءِ پڇيوسون تہ وراڻيائين: "اهو پاپي شرير هي آهي." جڏهن مون لاءِ ڪيس ٻڌايو ويو تہ هو وڏو ياڪر پائي مليو ۽ وٺي هلي آفيس ۾ وهاريائين. حالي احوالي ٿياسون، جاڻ سڃاڻ جو سلسلو ڳنڍڻ جي ڪٽي سون. هو انگريزي ادب ۾ پي. ايڇ. ڊي هو. اردو ۽ پارسيءَ جا ڪجهہ ڪورسز ڪيا هئائين ۽ رٽائرڊ پرنسپال هو. اول ناستڪ هو ۽ چيائين تہ گروءَ جي ديا سان مان روحانيت ڏانهن لڙيس. هت آيس تہ جڪڙجي ويس ۽ مون تي لکڻ جو ڪم سونپيو ويو آهي. اندر ڪالونيءَ ۾ رهڻ لاءِ گهر مليل هوس. ڏاڍو خوش مزاج، خوش خُلق، رلٽو ملٽو ماڻهو هو. لڳو ئي نہ پئي تہ ڪو مون کان گهڻ پڙهيو ۽ گهڻ عمريو آهي. چانهہ بسڪيٽ سان خاطر تواضع ڪيائين. اول ئي گروءَ جي خطاب بابت پڇا ڪيائين. مون ٻڌايس تہ اهو تہ سڀ ڪجهہ منهنجو پڙهيل آهي، جيڪا ٻاٽي ڪٽي هن ڳالهايو اها منهنجي ڪنهن صوفي راڳيءَ کان ٻڌل آهي، جيڪي مثال ڏنائين، اهي منهنجا پڙهيل آهن. ڪبير، تلسي داس، خواجہ فريد، بلها شاهہ تہ مون پڙهيا آهن. فقط نانڪ ۽ گيتا نہ پڙهي سگهيو آهيان. هو اڃا بہ خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو ان ڪري تہ گروءَ جن اوهان کي هتي گهرايو آهي، پر جيئن تہ اهو وقت وڃڻ جو ٿي چڪو هو تنهن ڪري شام يا سڀاڻي ملڻ جو واعدو ڪري اٿياسون. هن کي موٽر سائيڪل هئي ۽ هو گهر روانو ٿي ويو. مان شام جو اچي نہ سگهيس ٻئي ڏينهن آيس، ان ڏينهن يعني اڱاري تي مان ست-سنگ ٻڌڻ نہ ويس، آچر کان سواءِ ٻين ڏينهن تي اهو ڪم ٻين تي رکيل هو پر گرو گديءَ تي ويهندو ضرور هو.

ان ڏينهن شام جو تہ وڃي نہ سگهيس، باقي ٻئي ڏينهن يعني اربع 17 سيپٽمبر 2007ع تي مان ست-سنگ ٻڌڻ نہ ويس. مون کي ڏاڍو ٿڪ هو. آتما رام چيو: "توهان چابي ڪائونٽر تي ڏئي، اندر سمهي پئو جڏهن ٻيا ماڻهو اچن تہ پوءِ نڪرجو يا مان اچي دروازو کوليندس." آتما رام اصل ۾ لاڙڪاڻي جو هو ۽ هو بہ مون وانگر اڪيلو هو. مان ڪجهہ دير ليٽي پيس، پر ننڊ نہ آئي، اڻ وقتي ننڊ تي هريل ئي نہ هوس، جڏهن ماڻهن جي چهل پهل ڪن پيم تہ ٻاهر نڪتس ۽ پوءِ سائيڪل رڪشا تي پبليڪيشن هليو ويس. هتي آٽو رڪشا

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

گوڙ ڪرڻ ڪري هلائڻ جي اجازت ڪا نہ هئي. ڊاڪٽر ٽي .آر شنگاري ڪمري ۾ نہ هو. جڏهن آيو تہ هن ڏاڍي مرحبا ڪئي. چانهہ ۽ بسڪيٽ جو دور هليو. ٿوري وقت ۾ محترم پي پي ناواڻي بہ اچي سهڙيو. پوءِ شاهہ لطيف بابت ڪتاب جي لکت تي ڳالهايوسون. مون هنن کي سموريون اهي ڳالهيون ٻڌايون جيڪي درستگيون ڪرڻيون هيون. هن چيو تہ ،"اهي مون کي لکت ۾ ڏيو ۽ محترم ناواڻي صاحب اهو ترجمو ڪري ڏئي تہ مان اهو ڪجهہ گروءَ کي ڏيکارڻ تو گهران." پوءِ مان ۽ ناواڻي صاحب ماني کائي، هاسٽل نمبر چار جتي ناواڻي صاحب رهيو پئي، اتي ٻاهر ٻئنچن تي اچي ويٺاسون ۽ مون سنڌيءَ ۾ ٻہ صفحا ڪن لکي ورتا ۽ ناواڻي صاحب اهي گرمکي لپيءَ ۾ ترجمو ڪيا. مون لکيو هو تہ: "اهڙو ڪتاب سنڌ ۾ ڪنهن بہ نہ لکيو آهي، سواءِ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ۽ ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي، انهن ڪن ڪن بيتن جي صوفي متي موجب شرح ڪئي آهي."

هن يار ان جو انگريزي ترجمو ڪيو اهو ٽائيپ ڪرايو ۽ هڪ ڪاپي مون کي بہ ڏنائين ۽ ڪاپي پاڻ وٽ رکيائين تہ سياڻي مان گروءَ سان ان باري ۾ ڳالهائيندس، اسان گروءَ جو آخري خطاب ٻڌو اهو تلسيداس جي ٻاڻيءَ تي آڌاريل هو جيڪا منهنجي اڳ پڙهيل نہ هئي، اها ٻاڻي هڪ گروءَ سيد تقي شاهہ کي مخاطب ٿي چئي هئي . اتي هن هڪ ٻئي ماڻهو محترم پريم سنگهہ عالم سان ملاقات ڪرائي، اهو فارسي ٻوليءَ جو ماهر هو. ڏاڍو پيارو ماڻهو هو. ڳالهائڻ ڌيمي لهجي ۾، مون جيان ڏاڙهي ڪوڙ هو ۽ هو صوفي مت تي ڊڪشنري ايڊٽ ڪري رهيو هو. ان کان سواءِ هن کي سچل سرمست ۽ پائي چين راءِ لنڊ، ساميءَ تي لکڻ لاءِ حڪم مليل هو جنهن لاءِ ڪتاب ڏياري موڪلڻ لاءِ چيائين. ڊاڪٽر ٽي .آر. شنگاريءَ مون کي ٻين واسطيدار ماڻهن سان بہ ملايو. انهن ۾ هڪڙو جوان سهڻا وصف، هند ۾ جاول سنڌي نالي ڪمل بہ هو پر هن مون ۾ ايتري دلچسپي ڪانہ ورتي ۽ نہ ئي وري هن ڪو سنڌ يا شاهہ لطيف بابت ئي ڳالهايو.

خميس 18 سيپٽمبر 2007ع تي مان جيئن ڊاڪٽر شنگاريءَ وٽ ويس تہ هن ٻڌايو تہ،"اهو سڀ ڪجهہ جيڪو اوهان لکرايو آهي منظور ٿي ويو آهي، ان لاءِ حڪم ٿيو آهي تہ ان تي دفتري نوٽ هيٺ محترمہ ڪملا ديديءَ کي موڪليو وڃي ۽ ڪاپي دفتري رڪارڊ تي بہ رکي وڃي." اسان اها

ڪملا ديديءَ کي گهر پهچائڻ وياسون پر هن جو گهر بند هو ڊاڪٽر شنگاريءَ چيو تہ اهو مان هن کي پهچائيندس.

ريڊنگ روم:

پبليڪيشن سيڪشن جي پر ۾ ريڊنگ روم هئو جيڪو ڪافي وڏو هال هو. ٻن طرفن کان دروازا، هڪڙو اچڻ لاءِ ۽ ٻيو وڃڻ لاءِ هو. ٻن حصن ۾ ورهايو ويو هو. ڊيسڪن ۽ ڪرسين جي لائين لڳل. وچ تي ويهڻ لاءِ صوفا سيٽ رکيل ۽ ڪنڌ ۾ نظرداري ڪندڙ ٻنهي دروازن تي شيوادار ويٺل. هڪ حصي ۾ ساڳي تاريخ ۽ ڏينهن جون هندستان ۾ ڇپجندڙ هڙئي اخبارون رکيل ۽ ٻئي حصي ۾ گذري ويل ڏينهن جون اخبارون رکيل هيون. سامهون ديوار سان لڳل بوڪ شيلف هئا جن ۾ ڪجهہ ڪتاب رکيل، جيڪي ان وقت ويهي پڙهي سگهجن پيا. اسان بہ ڪجهہ اخبارون ڏٺيون، پاڪستان جي بحران جون بہ خبرون ڇپيل هيون، اتي مون حليج ٽائيمس ۽ عرب نيوز بہ ڏٺيون. ڪي ماڻهو ڪتاب پڙهندي بہ ڏٺم. اتي ڪم ڪرڻ وارا بہ اڪثر شيوادار هئا. ماحول ماٺ وارو ۽ فضا ٿڌي، پورٽ ايبل ايئرڪولر لڳل هئا. اسان سنڌي ڪتاب ڏٺا پر تمام ٿورا هئا. ڪابہ سنڌي اخبار نظر نہ آئي.

لائبريري يا ڪتاب گهر:

هڪ ڏهاڙي ڊاڪٽر شنگاري مون کان لائبريريءَ بابت پڇا ڪئي. مون چيو "ڏٺي ڪانہ اٿم. ڏسڻ جو شوق اٿم." اتفاق سان ان ڏينهن لائبريريءَ جي بند هئڻ جو وار هو پر ڊاڪٽر شنگاريءَ جي چوڻ تي اندران ئي دروازو کولي ڏنائون. ڏاڍي سٺي لائبريري لڳم. اندر صفائي تي رهي هئي، پڙهڻ لاءِ ٽيبل ڪرسيون رکيل. ڪتابن جا شيلف رکيل، انهن ۾ مختلف ڪتاب سليقي سان رکيل. ڊاڪٽر شنگاريءَ ٻڌايو تہ "اسان جو خيال آهي تہ دنيا ۾ صوفي-مت ۽ مذهبن بابت هيءَ وڏي ۾ وڏي لائبريري هوندي، جنهن ۾ هر مذهب ۽ ڌرم جا ڪتاب رکيا ويندا، کوجنا ڪرڻ وارن کي بهتر ماحول ملندو." هن مون کي لائبريريءَ جا ٻيا سيڪشن بہ ڏيکاريا. هڪڙو سيڪشن ڪتابن تي جلد ٻڌڻ ۽ بائينڊنگ جو بہ هو جتي جديد مشينري لڳل هئي. ماحول تي ماٺ مڙهيل هئي. هر ڪو پنهنجي ڪم ۾ مگن هو. ڊاڪٽر

شنگاريءَ کي هر ڪنهن کيڪار پئي ڪئي. لائبريريءَ جي عمارت اجا نئين جڙي هئي، ڪتاب سمورا اجا نه آيا هئا، اچڻا هئا.

روزمره جي شين جو مارڪيٽ:

هڪ ڏهاڙي مان دوستن سان گڏجي مارڪيٽ ڏسڻ ويس، هي گول قسم جي هڪ ماڙ عمارت جڙيل هئي جنهن ۾ روزمره جي ڪم جون شيون رکيل هيون تن لاءِ مختلف دڪان ٺهيل هئا. جنهن ۾ هر قسم جي سبزي، ڦل ميوو هو پر ڪنهن به قسم جو گوشت نه هو. هڪ وڏو ڪتاب گهر هو. ڪترن مالهن اتان بسڪيٽ ۽ چاڪليٽس جا ٽوڪرا ڀري ورتا جو اتي سستا ۽ خاص ڳالهه ته انهن بسڪيٽن ۾ آنا پيل نه هئا. جو هتي اڇڻ وارا هڙئي ويشنو يا سبزي خور ئي هئا. مون ڪتاب ڏٺا، ڪجهه خريد به ڪيم. ڇهه سؤ صفحن جو ڪتاب ڏهين ربئين مليو. هتي هڪ ڳالهه ڪندو هلان ته هندستان جو رپيو اسان جي رپئي کان 40 سيڪڙو وڌيڪ آهي. اسان وٽ آمريڪي ڊالر انهن ڏينهن ۾ سٺ رپيا 83 پئسا تي مليو ۽ جڏهن بياس ۾ بئنڪ مان تبديل ڪرايم ته اتي ڊالر جي قيمت 39.65 رپيا هئي. هڪڙو ڪتاب "جپ جي صاحب" تازو ڇپيو هو ان جي قيمت سترهن رپيا هئي ۽ مون کي ڪتاب گهر ۾ نه مليو خبر پئي ته هن ڪتاب جو ٻنهي ٻولين يعني سنڌي ۽ هنديءَ جون هڪ لک ڪاپيون وڪجي چڪيون آهن. هو ان جو ٻيو ايڊيشن ڇپڻ لاءِ سوچي رهيا هئا.اهو ڪتاب به شنگاري صاحب جو لکيل هو. مون پنج ڪتاب ورتا، سيني جي قيمت ويهه رپيا بيٺي.

گروءَ سان پاڪستانين جي ملاقات:

آچر 23 سيپٽمبر 2007ع تي گروءَ جو ست_سنگ هو. اوترائي ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا، ڪي ڇنڇر جي رات جو ۽ ڪي ڏينهن جو اچي سهڙيا. هن ڏينهن جي ست_سنگ جو اعلان گذريل آچر واري ست_سنگ ۾ گرو جي پاڻ ڪيو هو. پانت پانت جو آدم، رنگ ۽ نسل الڳ الڳ. وري هاسٽلون ڀرجي ويون. وري پنڊال ڀرجي ويا، ست_سنگ جو اهو ئي وقت مقرر ٿيل هو. اسان به وڃي سهڙياسون. هن ڀيري به مان ڪرسيءَ تي ويٺس، ڏيڍ ڪلاڪ هيٺ ويهڻ مون لاءِ ممڪن نه هو. پوٺي نوين وڳي دروازا بند ڪيا ويا. گرو جي اچي ويو

اها ئي هٿ جوڙ اهو ئي گڏيءَ ڪي سجدو هن جي اچڻ ۽ ويهڻ سان ماڻهن تي ماٺ مڙهجي وئي، هٿ هڪ ڳالهہ چوان تہ ايتريون عورتون ڪٿي بہ گڏ ٿين تہ ماٺ ڪري ويهڻ هنن لاءِ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، چاڪاڻ تہ اهو دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڪوڙ آهي، پر هتي مون واقعي عورتون ماٺ ڏٺيون. گرو جيءَ جي خطاب جو موضوع 'دل ۾ دوست جو ديرو ڪرڻ' لاءِ ان جي صفائي هو. هن جيڪا باڻي پڙهي اها تلسيداس جي باڻي هئي، جا هن ريت هئي:

"دل کا حجرا صاف کر، جانا کے آنے کے لیے،
دھیان غیروں کا اٹھا، اس کے بٹھانے کے لیے۔"

طريقو ساڳيو هر مصرع جي وضاحت ۽ تشريح، پوءِ ان جي پرتي ڪرڻ خاطر مختلف صوفي يا سنت شاعرن جا مثال ڏيندو پئي ويو. مون کي ايئن پئي لڳو تہ اهو سڀ ڪجهہ منهنجي اندر مان نڪري، گروءَ جي زباني ماڻهن تائين پهچي ٿو.

ست-سنگ پورو ٿيو. اعلان موجب اڄ گروءَ پاڪستان مان ڪهي آيل غير ملڪين سان ملاقات لاءِ 25 منٽ وقت ڏنو هو. جڏهن سڀ خلق هلي وئي تہ پاڪستان جا ماڻهو قطار ڪري بيٺا ۽ دوست سشيل قطار ۾ بيٺل ماڻهن کي چيو تہ: "ڪو بہ دنياوي سوال نہ پڇي، هر ڪو روحاني سوال پڇي." مون دوست محترم سشيل، جيڪو جوان سال هو ان کي چيو: "هنن مان ڪو بہ روحاني سوال نہ پڇندو هنن کي روحانيت جي خبر ئي ڪانهي." اندر وياسون، ويٺاسون. ماڻهن کي سمجهايو ويو تہ سوال پڇڻ لاءِ هتي اچي ويهبو هڪ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ مائيڪ هو. هر ڪو واري واري سان سوال پڇي، جواب وٺي پنهنجي جاءِ وٺي، جيئن ٻئي کي سوال ڪرڻ ۾ آساني ٿئي، اتي ويٺي منهنجي ذهن ۾ ڪبير داس جو دوهو اڀريو:

"حد حد هليا هر ڪوءِ، لاحد نہ هليا ڪوءِ،
لاحـــد دي ميـــدان وچ، ڪـــڙا ڪبيـــرا روءِ"

ان دوهي مان سوال جڙيو: "حدون ڪٿي ختم ٿيون ٿين ۽ لاحد ڪٿان تي شروع ٿئي؟"

ڳالهہ مون واري درست نڪتي، فقط هڪ ٻن ماڻهن روحانيت ۽ خاص ڪري ذڪر جي باري ۾ سوال ڪيو. باقي نہ تہ مڙئي سوال هئا. انهن سيني

جو هڪ جهڙو جواب ملين ته "نام جو ورد ڪريو ۽ ان ۾ ڌيان لڳايو." جڏهن منهنجي سوال ڪرڻ جو وارو آيو ته مون سوال ڪيو، گرو جيءَ پهرين حصي جو جواب ته درست ڏنو پر ٻئي حصي جو جواب هضم ڪري ويو يا سمجهائي نه ٿي سگهيو ڇو ته جواب ڏکيو ۽ ڳوڙهو آهي يا ڪيس پروڙ نه هئي. ماڻهن جا سوال پورا ٿي ويا. ڪل 19 منٽ لڳا. پوءِ گرو جي هٿ جوڙي موڪلائي روانو ٿي ويو.

سومر جي ڏينهن نام دان، ملڻ جو وقت هو. جڏهن ملاقات پوري ٿي ته ماڻهو مون کان منهنجي پڇيل سوال بابت پڇا ڪرڻ لڳا. مون چيو ته "گرو جيءَ جي ڏنل پهرئين حصي جو جواب درست هو پر ٻئي حصي جو جواب ڏکيو هو تنهن ڪري گرو جي لنوائي ويو." اڄ منجهند کان ئي ماڻهو واپس وڃڻ شروع ٿي ويا. اسان جي هاسٽل ۾ رهڻ وارا اسين سنڌ مان آيل ٻچياسون ۽ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ هند جي مختلف شهرن جا جن کي 'نام دان' لاءِ عرض ڪرڻو هو.

صحت جي سهولت:

ديري ۾ اندر هڪ فرسٽ ايڊ طريقي جي اسپتال يا ڊسپينسري به هئي، جتي ديري ۾ آيل ماڻهن جي ڪنهن به اهنج جو علاج بنا ڪنهن پئسي پنجڙ جي ڪيو پئي ويو. ظاهر آهي ته جتي ايترا ماڻهو مختلف علائقن جا هڪ هنڌ اچي گڏ ٿيندا، ته ضرور ڪنهن نه ڪنهن کي ڪو نه ڪو اهنج ٿيڻ، اڻ ٿيڻي ڳالهه ته ناهي، انهن لاءِ اتي اندر ديري ۾ ڊسپينسري هئي ۽ مون اتي به ڏکيون قطارون صبح شام ڏٺيون. ان اسپتال کان سواءِ هڪ وڏي ادائي سؤ بسترن واري اسپتال بياس ريلوي اسٽيشن جي پرسان هئي، جيڪا هو اسان سنڌ مان آيل سنڌين کي ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويا هئا. چئن بسن جو بندوبست ڪيو ويو هو ۽ اهو چيو ويو هو ته فقط اسپتال ۾ ئي وڃڻو آهي. ديري کان اها ڇپل پنڌ تي هئي، جتان جتان بس لنگهي پئي، عام رواجي شهرڙو محسوس ٿيو پئي. بياس ڪو وڏو شهر نه هو.

جڏهن اسپتال جي احاطي ۾ بسون گهڙيون ته اسان کي قطار ۾ اندر وٺي هليا. جنهن جاءِ تي ويهاريائون، اهو اسپتال جو آڊيٽوريم هو. اتي سامهون اسٽيج جڙيل هئي. ماڻهو ويهي ويا ته اسپتال جو ايڊمنسٽريٽر ۽ سپرنٽنڊنٽ آيا ۽ انهن خطاب ڪيو پليڪار ڪئي ۽ اسان کي ٻن گروپن ۾ ورهائي

اسپتال جا مختلف وارڊ ڏيکاريائون، جتي 25 چورس ڪلوميٽر ايراضيءَ ۾ ماڻهن کي مفت علاج مهيا ڪيو ويندو آهي، پوءِ پل ڪيترو به خرچ اچي. ڪيترن ماڻهن کي اها به خبر نه هئي ته ڪراچي سنڌ ۾ به اهڙي قسم جي ڪا اسپتال آهي، جتي مفت علاج ٿيندو هجي. مون کين ٻڌايو، اسپتال ۾ لڳ ڀڳ سڀ وارڊ ۾ سڀ جديد سهوليتون موجود هيون، پر اتي اها هڪ نئين ڳالهه ٻڌايائون ته هتي مريضن سان ڪنهن کي رهڻ جي ضرورت ناهي. اسان وٽ شيواردار آهن. مريض کي گهر ڀاتي فقط وقت تي ڏسڻ اچن، اندر ئي ڪالوني جڙيل هئي، نرسز هاسٽل ۾ ڇڙن لاءِ هاسٽل، اندر ڪينٽين، ڪالونيءَ ۾ مارڪيٽ پڻ هو. مون ليبارٽري ڏسڻ جي خواهش ڪئي ۾ هڪ سيڪنڊيئر BDS جي شاگرديائي به ڏسڻ جي تمنا ڪئي، اها اسان کي ڏيکاريائون.

اتي وارڊس ۾ مريضن جي ست_سنگ ٻڌڻ لاءِ هيڊ فون، هر ڪمري ۾ هر بستري وٽ موجود هو ڪو به ٻڌي سگهيو ٿي، صاف سٿري اسپتال، اندر رهائش يا مريضن لاءِ سنا ڇپر جا ٻارا جڙيل، گل ٻوٽا، وڻ ٽڻ، سهڻو نظارو پيش ڪري رهيا هئا. اسان کي ٻين وڳي اتان واپس ديري تي وٺي آيا. نيٺ سيني سان موڪلائي، هٿ جوڙي ڪري هاسٽل تي آيس، منهنجو روم ميٽ 'نام دان' وٺي آيو هو جنهن لاءِ ٻڌايائين ته اول انٽرويو ڏيڻو پوندو آهي، جيڪو ٽن مرحلن ۾ هوندو آهي، جيڪو ماڻهو ٽئي مرحلا پاس ڪندو، تڏهن ئي هن کي 'نام دان' ملندو.

موڪلائڻ ۾ دوستن سان آخري ملاقات:

سومر 24 سيپٽمبر 2007ع تي صبح جو ست_سنگ ڪنهن ننڍي پنڊال ۾ ٿيڻو هو. چاڪاڻ جو پوءِ 'نام_دان' وٺڻ وارن لاءِ وقت رکيل هو. سنڌ مان آيل نوَ ماڻهو هئا، جن مان لاڙڪاڻي جا ٻه ڄڻا، جن مان هڪڙو منهنجو روم ميٽ محترم آتما رام هو ٻيو به لاڙڪاڻي جو جهونڙو هو. اڄ محترم ٻي، ٻي ناواڻي شام جو واپس وڃڻو هو. هن کي جڏهن مون سنڌ جي حالت بابت ٻڌايو ته هو جذباتي ٿي ويو هو. مون کيس پنهنجو اردوءَ ۾ شيخ اياز جو ڪتاب آواره ۾ هڪ مضمون ۾ به نظم ڏنا ته پل اهي اتي جي ڪنهن رسالي ۾ ڇپرائي ڇڏي ۽ ڪتاب کيس لڪشمڻ ڀاٽيا جي لاءِ ڏنم. اڱاري تي اسان کي ديرو ڇڏڻو هو. ان ڪري شام جو مان سڀني سنيري ڊاڪٽر ٽي. آر. شنگاري ۾

پريم سنگهہ عالم کان موڪلائڻ لاءِ ويس، ڊاڪٽر شنگاري چيو تہ تون نہ وڃ، توهان جهڙا ماڻهو هتي نہ ٿا اچن. پريم سنگهہ عالم سچل سرمست ۽ ساميءَ تي ڪتابن موڪلڻ لاءِ چيو ان ڏينهن ڪملا ديويءَ جي فون آئي، مون کيس ٻڌايو هن جو چوڻ هو تہ 90 سيڪڙو اوهان جون درستگيون قبول ڪيون آهن، باقي ٻي موڪليل اي ميل کلي ئي نہ ٿي، مون سندس پاڻ کي بہ سمجهايو پر نہ ڄاڻ هنن وٽ ڪتاب ڇو نٿي کليو.

اڱاري 25 سيپٽمبر 2007ع تي اسان کي صبح جو تيار ٿيڻ لاءِ چيو ويو هو. اول سيني کان هاسٽل ۾ ست۔سنگ ڪارڊ ورتائون، پوءِ ماڻهو ڳٽي بسن ۾ ويهاريائون. سامان سڄو ويچارن شيوادارن مٿي رکيو. سنڌ جي ماڻهن ٽوڪرا ڪٽي بسڪوٽن ۽ چاڪليٽن جا پريا هئا. ڪن تہ منائي بہ ورتي هئي، ان جا بہ سبب هئا. هڪڙا چون پيا تہ ملڻ وارن ۾ مٺن مائٽن ۾ پرشاد طور ورهائينداسون. ٻين جو چوڻ هو تہ هي بسڪوٽ ان لاءِ ونون ٿا جو اها پڪ آهي تہ هنن ۾ آنو مليل ناهي.

واڳها بارڊر تي پهتاسون. وري ساڳئي مرحلن مان گذرڻو پيو. وري بہ پري بيڙيءَ ۾ هڪ مسلم ڳورو مون کان وري بہ پڇا ڪيائون تہ مان ڇو ويو هوس، هنن سان منهنجي سڃاڻ ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿي، مون محترم سدارنگ ڏانهن اشارو ڪري چيو تہ ،"هي بہ لاڙڪاڻي جو ۽ مان بہ لاڙڪاڻي جو ڪيئن نہ سڃاڻينداسون، ان کان سواءِ ڊاڪٽر آنند ڪمار پنجواڻيءَ سان گذريل ويهن سالن کان سڃاڻ اٿم، جيڪو بہ راڌا سوامي ويچارن جو آهي."

شاهہ لطيف بابت چيائون تہ هنن سان ان جو ڪهڙو سٻنڌ؟ مون چيو "جيڪو بہ صوفي۔مت جو آهي يا سنت۔مت سان لاڳاپيل ڳالهہ ڪري ٿو اهو سيني لاءِ هڪ جيترو احترام جوڳو آهي. هنن شاهہ لطيف جي شاعريءَ مان پنهنجي ويچارن سان ملندڙ شاعري ڪنئي آهي ۽ ڪتاب لکيو آهي، جيڪو مان نظرثاني ڪري رهيو آهيان. جيڪي ڳالهيون سامهون ڪري سگهجن ٿيون اهي فون يا خط رستي سمجهائي نہ سگهبيون." نيٺ ماٺ تي ويو جيتوڻيڪ هاڻ تہ مان واپس اچي رهيو هوس، حقيقت ۾ ديري ۾ آيل ماڻهن لاءِ پوليس رپورٽ ڪرڻ منع آهي، تنهن ڪري اها ڳالهہ ٿي هجي.

نيٺ اسان 26 سيپٽمبر 2007ع اربع تي واپس اچي لاڙڪاڻي پهتاسون. مون لاءِ هي زندگيءَ جو عجيب يادگار سفر بڻجي ويو.

هن ڪتاب بابت:

ڪتاب تہ ڪتاب ئي هوندو آهي، هر ڪتاب لکيو بہ بهتر ئي ويندو آهي، هاڻ پڙهندڙ تي ان جو دارومدار هوندو آهي تہ اهو ڪتاب ڪنهن لاءِ سٺو تہ ڪنهن لاءِ رکو ڪتاب ئي هوندو آهي. مان هڪ پڙهندڙ جي حيثيت سان اهو ضرور چوندس تہ هن موضوع تي هن طريقي جو ڪتاب منهنجي نظر مان اڳ ڪڏهن نہ گذريو آهي. اسان تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي بہ ڪڏهن ڪميونسٽ پارٽيءَ جو انڊر گرائونڊ ڊاهو فلسفي ڪري پيش ڪندا رهيا آهيون ۽ سچل سرمست کي تہ اسان ڪاپي ڊر جو سيڪريٽري جنرل ڪري ويهاري ڇڏيو باقي اسان اهو ڪري نہ سگهياسون تہ ڪو هن جي هٿ ۾ يڪتارو نہ پر ڪلاشنڪوف هوندي هئي جا ان زماني ۾ اهڙي قسم جي ٺهندي هئي. اسان تہ اڃا بہ الائي ڇا ڇا ڪرڻ پيا گهرون، جو نيٺ انگريز جي حڪومت ۾ ڏيڍ سؤ ورهيہ اڳ وصال ڪري ويل شاهہ لطيف جي هڪڙي بيت تي ڪيس جيل اماڻڻ جي ڊاڪٽر ايچ. ٽي. سورلي حڪومت کي سفارش ڪئي هئي. ڪاش! اهو جج ڪو ضياءُ الحق جي مولوي مشتاق جهڙو جج نہ هو.

ڪتاب 'بولے شيخ فريد' (شيخ فريد چوي) بہ ڊاڪٽر تلڪ راج شنگاريءَ جو لکيل آهي. هن کي پنهنجي گروءَ پاران حڪم ٿيو هو تہ بابا فريد شڪر گنج جي زندگي ۽ سندس ڪلام جي پيغام تي اهڙو ڪتاب لکي ڏي جيڪو 'ديري بابا جئيمل، ست سنگ بياس' جا معتقد پڙهي ۽ پرجهي سگهن. هو يار تہ اصل ۾ ريسرچ جو ماڻهو ۽ انگريزي ادب جو ماهر ۽ رٽائرڊ پرنسيپال آهي، ان سان گڏ هندي ۽ سنسڪرت جا ڪورسز بہ ڪيا اٿس ۽ نيٺ هن جيڪو ڪتاب لکي ڊيري وارن کي ڏنو اهو مان نہ ٿو ڄاڻان تہ سندن معتقدن ڪيترو پڙهيو ۽ ان مان ڪيترو پرايو پر هن ڪتاب مون کي پڙهڻ کان پوءِ ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ مون سچو بنا رک رکاءَ جي جيئن جو تيئن ترجمو ڪيو آهي، جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي. مان پنهنجي راءِ پاڻ کان وڌيڪ ڄاڻندڙن جي مٿان، اڃايو ڇو مڙهيان ۽ پوءِ پاڻ لاءِ ويهي ابتا سبتا خيال اٿسڏيءَ طرح ڊڏان، تنهن ڪري اوهان هي ڪتاب پڙهو مون کي اها پڪ آهي تہ پورو ڪرڻ کان سواءِ ان کي ڇڏي نہ سگهندا. پوءِ پنهنجي خيال جو اظهار لکت ۾ ڪندا تہ اوهان جا لک لائق ٿيندا.

حقيقت ۾ هي ڪتاب لکيو ئي اهڙن طالبن جي لاءِ ويو آهي، جيڪي حق جي ڳولا لاءِ ڪنهن مرشد جي بعيت ڪرڻ گھرن ٿا يا اهڙن گادي نشينن جي لاءِ ڪارآمد ٿي سگھي ٿو جيڪي تمام وڏن صوفي درويشن جا گادي نشين بڻيا ويٺا آهن پر سندن تصوف جي راهه تي هلڻ جي ڄاڻ بنهه محدود اڃا بہ نہ جي برابر آهي. ڪين ان جي پڙهڻ سان اها خبر بخوبي پئجي ويندي تہ هو پاڻ ڪهڙي پنڌ جا پانڌيئڙا آهن ۽ هو اهڙي سگهہ پاڻ ۾ ساري ٿا سگهن تہ ڪنهن معتقد کي حق تعاليٰ جي صحيح واٽ تي هلائي سگهڻ جي طاقت بہ رکن ٿا يا مڙيئي وڏڙن جي ڪيل ڪمائيءَ تي ئي ياڙيو ويٺا آهن. هيءَ راهہ ڏاڍي ڏکي ۽ بنهہ اڻانگي آهي، شاهہ لطيف چوائي:

سڏڙيا شرابن جون، ڪوهہ پچارون ڪن،
جہ ڪات ڪلاڙن ڪڍيا، موٽيا پوءِ وچن،
ڀِڪون سي پِين، سر جن جا سٿ ۾.

ستار پيرزادو
03452217471

ڪراچي
نومبر 2018ع

حصو پهريون

سوانح حيات

سوانح حيات

مشهور صوفي مولانا جاميءَ* جو قول آهي:

بندهٔ عشق شُدی ترکِ نسب کُن جامی
کا ندر این راهِ فُلاں اِبنِ فُلاں چیزے نِیست

يعني: اي جامي! تون خدا جي عشق جو غلام ٿي وڃ، خانداني مٽي مائٽي ڇڏي ڏي، ڇو تہ عشق جي پنڌ ۾ اها ڳالهہ بي معنيٰ آهي تہ ڪير ڪنهن جو پٽ آهي.

بابا فريد خدا جي عشق ۾ خدائي روپ هجڻ وارو ڪامل درويش هو. بيائيءَ مان گذري هيڪڙائي تائين رسائي ماڻي چڪو هو. اهڙن حق جي درويشن جي لاءِ سماجي، خانداني ۽ شرعي حدبنديون بي معنيٰ ٿي وڃن ٿيون. هو ساري دنيا جا ٿي وڃن ٿا. تہ سڄي دنيا سندن ٿيو وڃي. هو ڪنهن خاص مقام تي، ڪنهن خاص ماءُ پيءُ جي گهر ۾ ضرور ڄاوا هوندا آهن ۽ زندگيءَ جي مخصوص حالتن سان ضرور مهان منهن ٿيا هوندا آهن پر خدا سان وصال کان پوءِ سندن ماءُ پيءُ، مٽن مائٽن، ڪٽنب، ملڪ، مذهب ۽ ملت وغيره جي وضاحت هنن لاءِ بي معنيٰ هوندي آهي جيتري معنيٰ خيز سندن تعليم. سندن فضيلت سندن فلسفي ۽ عملي ۽ روحاني طريقي سان نمايان ٿيندي آهي. جن جي هو تعليم ۽ تلقين ڏيندا آهن. سندن اصل موڙي سَندن مريد هوندا آهن، جيڪي هن پاران مليل تعليم مطابق پنهنجي زندگي گذاريندا آهن. اها ڳالهہ خوشيءَ جي آهي جو بابا فريد جي زندگيءَ بابت مواد ڪافي سارو ملي ٿو وڃي ۽ سندن ڪلام بہ اصل صورت ۾ موجود آهي،

* جامي (1414_1492ع) سندس پورو نالو مولانا عبدالرحمٰن جامي هو پاڻ عربي ۽ فارسيءَ جو مشهور عالم ۽ صوفي ٿي گذريو آهي، ڪين ايران جو آخري صوفي مڃيو ويو آهي. سندن قرآن جو تفسير ۽ تصوف جي اصطلاحن جي ڪيل تشريح صوفي ادب ۾ مٿاهون مقام رکندڙ آهي.

جنهن مان سندن زندگيءَ ۾ حاصل ٿيل تعليم ڪِهِ ڄاڻڻ ۾ مدد ملي ٿي. لکندڙن بابا فريد جو نسبي سلسلو ڪجهه حوالن سان ڪابل جي بادشاهه فرخ شاهه سان منسوب ڪندي سلطان ابراهيم ابن احمد سان ڳانڍاپي جي ڪري حضرت محمد ﷺ جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقؓ تي پهچايو آهي. سندن وڏا ڪابل جا رهاڪو هئا. غزنوين ۽ غورين جي ڏينهان ڏينهن پاڻ ۾ جهيڙن جهٽن ۽ ويڙهه جهيڙهه جي ڪري افغانستان ۾ اهڙي بدامنيءَ جو ماحول بڻيو رهندو هو جو امن پسند رعيت جي لاءِ امن امان سان زندگي گذارڻ ڏکيو ٿي پيو هو غز قبيلي جي 1157ع جي حملي وقت بابا فريد جو ڏاڏو حضرت قاضي شيخ شعيب فاروقي عيال سميت لاهور اچي وارد ٿيو.

ڪجهه عرصو لاهور ۾ گذارڻ کان پوءِ قصور ۽ اتان ملتان هليو ويو. اتي ڪوتوال يا کهتوال جو قاضي مقرر ڪيو ويو ۽ پنهنجي ڪٽنب سميت اتي رهائش اختيار ڪيائين. ڪوتوال کي ڪوٺي وال• بہ چيو ويندو آهي. اڄڪلهه ان ڳوٺ جو نالو چاولي مشائخ تي چڪو آهي.[2]

قاضي شعيب جي ٽن پٽن مان ٻئي جو نالو جمال الدين هو جنهن جي شادي مولانا وجيح الدين خُجنديءَ جي ڌيءَ قرسم خاتون سان ٿي هئي. ان کي 1173ع• ۾ پٽ ڄائو جنهن جو نالو مسعود رکيو ويو. فريد الدين سندس لقب آهي جيڪو پوءِ بابا فريد جي نانءَ سان مشهور ٿيو سندس بہ ڀائر هئا. هڪڙو وڏو ۽ ٻيو ڪانئس ننڍو هو. سندن هڪڙي ڀيڻ بہ هئي.

والده:

ننڍپڻ ۾ ئي والد جي ڇانءَ مٿي تان کڄي وڃڻ ڪري سندس پرورش ۽ سنڀال سندس والده جي نظرداريءَ ۾ ٿي. سندس والده قرسم بيبي، جنهن کي مريم بہ ڪوٺيو ويندو هو نيڪ عورت ۽ پاڪيزگيءَ جو پتلو هئي. هوءَ سڄي سڄي رات الله تعاليٰ جي عبادت ۾ رڌل رهندي هئي. سندس نيڪ سيرت بابت ڪيئي قصا رائج آهن. چيو ويندو آهي تہ هڪڙي رات ڪجهه چور گهر ۾ گهڙي آيس. ڪين بيبي قرسم جي ڇهري جي چوگرد. روحاني نور

• محمد آصف خان 131 اديبن جي پاران مختلف نالا ڏيڻ جي حوالن سان ثابت ڪيو آهي تہ ڳوٺ جو اصل نالو ڪوٺي وال آهي.[1]

• محمد آصف خان سندس ڄم جو سن 1188ع ڄاتو آهي.[3]

جو عجيب غريب گهير و ڏسڻ ۾ آيو ۽ ڇهري مان پرسڪون شعاع نڪرندي ڏسڻ ۾ آيا. چورن جي دلين تي ايترو گهرو اثر ٿيو جو هو چوريءَ جي ڪرت سدائين لاءِ ڇڏي نيڪ انسان بڻجي ويا.(4) ڪجهه عالمن بيبي قرسم جي نور سان انڌو ٿيڻ ۽ وري سندس ئي دعا سان هنن جي اکين جي روشني واپس موٽڻ بابت لاءِ پڻ لکيو آهي.(5)

بي بي قرسم جي زندگي روحانيت جي سانچي ۾ پلٽيل هئي. هوءَ انهن رواجي مائرن مان نہ هئي جيڪي پنهنجي پٽن لاءِ دنيائي عزت ۽ شهرت جا خواب ڏسنديون آهن. هوءَ پنهنجي پٽ کي الله تعاليٰ جو سچو عاشق بڻائڻ پئي گهري. سندس والده جي دل ۾ فريد کي ڪامل درويش بڻائڻ جي خواهش هئي، ان سان گڏ کيس ان جي پڪ هئي تہ سندس اها خواهش ضرور پوري ٿيندي. فريد اڃا ٻالڪ ئي هو تہ هڪ ڏهاڙي هن پري کان دهل وڄڻ جو آواز ٻڌو ۽ پنهنجي ماءُ کان پڇيائين تہ هي ڪهڙو دهل ٿو وڄي؟ ماءُ ٻڌايس تہ تنهنجي وڏي ڀاءُ، هتان کان ٿي ڪوهہ پري هڪڙو نئون ڳوٺڙو ٻڌو آهي، اهو دهل جو آواز اتان اچي رهيو آهي. ٻالڪ چلو لائي مان چيو "امڙ مون کي بہ دهل وٺي ڏي، مان بہ دهل وڄائيندس." والده چيس تہ، "پٽڙا! تنهنجو دهل هاڻ ڇڪجي پيو. جڏهن اهو وڄندو تہ ٽن ڪوهن تائين نہ پر پنهي جهانن ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو."(6)

ان يقين کي نظر ۾ رکندي، والده پٽ کي ٻالڪپڻ کان ئي دين جو پائبند ۽ پاڪ قدرن جي مُلهہ کان واقف ڪرائڻ ۽ الله تعاليٰ جي عبادت ڏانهن ڏيان ڏيارڻ شروع ڪيو. هن پٽ کي ٻالڪپڻ ۾ نماز ادا ڪرڻ سيکاري، چيو ويندو آهي تہ پٽس جي دل ۾ نماز لاءِ شوق پيدا ڪرڻ لاءِ والده کيس ٻڌايو تہ نماز ادا ڪرڻ سان الله تعاليٰ کنڊ موڪليندو آهي، تنهن ڪري سندس والده، جڏهن فريد نماز جي لاءِ اٿندو هو تہ کنڊ جون پڙيون مصلي هيٺان رکي ڇڏيندي هئس. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ سندس والده هڪڙي ڏينهن کنڊ جي پڙي رکڻ وساري ويٺي، پر ڪرم الاهيءَ سان فريد کي روز جيان مصلي جي هيٺان کنڊ جي پڙي ملي وئي. مطلب تہ والده پنهنجي پٽ جي دل ۽ دماغ ۾ روحانيت ۽ ديني قدرن بابت شوق جاڳائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي. ڪجهه عالمن جو خيال آهي تہ ربي رحمت سان فريد جي مصلي هيٺان کنڊ جي پڙي ملڻ ڪري هو 'شڪر گنج'، يا

’گنج شڪر‘ (کنڊ جو خزانو) جي لقب سان سڏجڻ ۾ آيو. سندن لقب ’گنج شڪر‘ سڏجڻ جي باري ۾ عالمن ڌار ڌار سبب ڄاڻايا آهن. جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا:

1۔ هڪڙي ڀيري هڪڙو سوداگر کنڊ جون ڀوريون ڏاندن تي ڪنيو پئي ويو پاڻ ڪانئس پڇيائون ته "ڇا ٿو ڪنيو وڃين؟ سوداگر جواب ۾ وراڻيس، لوڻ جون ڀوريون آهن. پاڻ چيائونس ته چڱو لوڻ ئي هوندو. ايتري ۾ کنڊ جون ڀوريون لوڻ ۾ تبديل ٿي ويون. سوداگر ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ بابا فريد کان معافي طلبيائين." چيو ٿو وڃي ته بابا فريد جي حڪم سان لوڻ وري کنڊ ۾ تبديل ٿي ويو.

2۔ هڪ ڀيري بابا فريد هفتي جا روزا رکڻ کان پوءِ پنهنجي پير مرشد جي ديدار لاءِ وڃي رهيو هو. وات تي ٿيڙ کائي زمين تي اونڌي منهن ڪري پيو ۽ سندس وات ۾ مٽي پئجي وئي. الله تعاليٰ جي فضل سان مٽيءَ جو ذائقو کنڊ جهڙو ٿي ويو. پاڻ پنهنجي مرشد سان اها ڳالهه سليائين ته هن وراڻيس ته "تنهنجي وات ۾ مٽي کنڊ ٿي وئي آهي ته تنهنجي زبان (ٻوليءَ) ۾ کنڊ گڏجي ويندي ۽ سڀ ماڻهو تنهنجي مٺڙي ٻوليءَ مان فيض حاصل ڪندا."

3۔ هڪ ڀيري پاڻي نه ملڻ ڪري پاڻ روزو افطار مٽيءَ جي ڀوڙهه سان ڪيو ته مٽيءَ جو اهو ڀوڙهه کنڊ بڻجي ويو. ان تي غيبي آواز چيس، "اسان توکي مٺڙو ڳالهائيندڙ درويش ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي ۽ توکي گنج شڪر (کنڊ جو خزانو) بڻائي ڇڏيو آهي."*

غور طلب آهي ته مرشد پاران ۽ وري غيبي آواز جي وسيلي به بابا فريد کي مٺڙي ٻوليءَ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي، ان ڳالهه ۾ سندس ’گنج شڪر‘ چوائڻ ۾ راز لڪل آهي. ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته بابا فريد بذات خود به نوڙت ۽ نياز سان پُر مناڻ جو سرچشمو هو سندس ڪلام به مناس سان ڀرپور آهي.

تعليم ۽ تربيت:

رسمي طريقي سان سندس شروعاتي تعليم پنجن ڇهن ورهين کان شروع ٿي، انهن ڏهاڙن ۾ مسلمان ڪٽنبن ۾ قرآني تعليم لازمي ڄاتي

* ڪسو نظامي، دي لائيف اينڊ ٽائيمز آف شيخ فريد الدين گنج شڪر، ص: 67_166

ويندي هئي، ان ڪري شروعاتي تعليم ڪان پوءِ ڪيس قرآني تعليم ڏني وئي. ان ڪان پوءِ پاڻ ڪجهه ديني ڪتابن جو مطالعو ڪيائين. ان سان سندس دل ۾ خدائي عبادت جو شوق وڌندو ويو. پاڻ عبادت ۾ ان حد تائين مشغول رهندو هو جو سندس عبادت جي ڳالهه عوام ۾ ڦهلجي وئي.

انهن ڏينهن ۾ هڪ صوفي درويش شيخ جلال الدين تبريزي دهليءَ ويندي ڪوتوال مان لانگهائو ٿيو. هن ماڻهن کان پڇيو ته ڇا هتي ڪوئي صوفي درويش به رهي ٿو. ماڻهن ٻڌايس ته هتي درويش ته ڪوئي ناهي پر قاضيءَ جو هڪڙو ننڍو پٽ مسعود آهي جيڪو هر وقت الله تعاليٰ جي عبادت ۽ بندگيءَ ۾ رڌل رهندو آهي، ماڻهو ڪيس قاضيءَ پٽ ديوانو ڪري سڏيندا آهن. پاڻ شوق مان فريد کي ڏسڻ لاءِ ويو. رستي ۾ ڪيس ڪنهن ڏاڙهون نذر ڏنو. هو اهو ئي ڏاڙهون پاڻ سان ڪنيو ويو. هن ڏاڙهون پيچي فريد کي ڏنو. جيئن ته فريد روزي ۾ هو تنهن ڪري ڏاڙهون نه ورتائين. شيخ جلال الدين خوش ٿي هن تي رحمت ڀري نظر وڌي. شيخ جي وئي پڇاڻا ڪيس ڏاڙهونءَ زمين تي ڪريل نظر آيو. پاڻ اهو سوچي ته اهو ڏاڙهون هڪڙي درويش جي هٿان ڪريو آهي، اهو رومال ۾ ٻڌي رکي ڇڏيائين ۽ ان ئي ڏاڙهون سان روزو کوليائين.*

شيخ جلال الدين ڏاڙهونءَ جي هڪڙي داڻي وسيلي بابا فريد تي نه صرف رحمت ڪئي پر هن بابا فريد کي فقر جي هڪڙي رمز، اهم نقطو به سمجهائي ويو ۽ سندس آئيندي جي باري ۾ هڪڙو اشارو به ڪري ويو. شيخ صاحب ڏنو ته فريد ڳالهائڻ دوران پنهنجي ڦاٽل شلوار کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. شيخ صاحب سندس ان ترڻ کي ڏسندي چيو "بخارا ۾ هڪڙو درويش هو ان کي ستن ورهين تائين شلوار نه ملي سگهي، هن ست ورهيه ائين گوڏ ٻڌي گذاريو. تون فڪر نه ڪر، ڏس ته اڳتي ڇا ٿو ٿئي."[8]

ڪوتوال ۾ تعليم پوري ڪرڻ ڪان پوءِ فريد ملتان هليو ويو. اتي هو مولانا منهاج الدين ترمذيءَ جي مدرسي ۾ داخل ٿي ويو ۽ قرآن شريف ياد ڪري ورتائين. پاڻ چوڏهن ڪلاڪن ۾ پورو قرآن درست تلفظ سان تلاوت ڪري ويندو هو.[9]

---

* ڏسو سريشٽ گوشٽان، مترجم: پريتم سنگهه ص: 7

مرشد سان ملاقات:

فريد جي عمر ارڙهن ورهيہ ٿي چڪي هئي. هو ڏيان سان پنهنجي تعليم ۽ قرآن جي تلاوت، روزي نماز ۾ رڌل رهندو هو. انهن ئي ڏهاڙن ۾ حضرت بختيار ڪاڪي ملتان ۾ آيل هو. حضرت ڪاڪيءَ ان ئي مسجد ۾ رهائش اختيار ڪئي جتي خواجہ فريد تعليم حاصل ڪري رهيو هو. فريد، حضرت بختيار ڪاڪيءَ جي ديدار مان شرف حاصل ڪيو تہ ان ڏانهن ڇڪبو ويو. تنهن ڪري فريد محسوس ڪيو تہ هو ضرور ڪو درويش آهي.

هڪ ڏهاڙي، حضرت بختيار ڪاڪيءَ نماز مان فارغ ٿي ڏٺو تہ فريد، اسلامي فقهہ جي ڪتاب جو مطالعو ڪرڻ ۾ رڌل هو. حضرت ڪاڪيءَ پيار ڀرئي لهجي ۾ پڇيس، "مسعود تون ڇا پيو ڪرين؟" فريد جواب ڏنس "ڪتاب نافع پڙهي رهيو آهيان" حضرت ڪاڪيءَ پڇيس، "ڇا توکي نافع جي پڙهڻ مان نفعو ٿيندو؟"[10]

فريد جي واتان اوچتو هي لفظ نڪتا، "مون کي تہ حضرت جن جا پير چمڻ مان نفعو ٿيندو." ائين چوندي فريد پنهنجو نياز منداڻو مٿو حضرت جن جي قدمن تي رکندي چيو: "جنهن کي اوهان قبول ڪيو اهو سدائين قبول پئجي ويو. اوهان جي رحم ۽ ڪرم کان ڪو بہ ڪڏهن محروم نہ رهيو آهي. جنهن ذري تي ڪن پل اوهان جي نگاهہ ڪرم پئجي وئي، اهو هزارن سجن کان روشن ٿي ويو."[11]

ان واقعي مان خبر پوي ٿي تہ فريد دلي طور تي مرشد سان ملڻ لاءِ تيار ٿي چڪو هو. سندس عمل پاڪ هئا. سندس ذهني لاڙو مالڪ جي بندگيءَ طرف هو ۽ دل ۾ مرشد ڪامل جي وصال جي تڙپ ۽ قدر هئي. ڪامل مرشد دلين جي راز کان واقف هوندو آهي. حضرت بختيار ڪاڪي فريد کان ڏاڍو راضي ٿيو. هن پنهنجي شفقت جو هٿ، فريد جي مٿي تي رکيو. حضرت ڪاڪي دهلي واپس هليو ويو. فريد بہ ساڻس گڏ دهليءَ هليو آيو. هتي پهچي فريد، حضرت ڪاڪيءَ جي هٿ تي بيعت ڪئي. امير خورد لکيو آهي تہ "فريد کي بيعت ڪرڻ مهل قاضي حميد الدين ناگوري، مولانا علاءُ الدين ڪِرماني، سيد نور الدين مبارڪ غزنوي، مولانا شمس الدين ترڪ وغيره عظيم صوفي اتي موجود هئا."[12]

سير العارفين جي مصنف شيخ جماليءَ جو خيال آهي تہ حضرت

بختيار ڪاڪيءَ، فريد کي ملتان ۾ بيعت ڪيو. فريد ٿي روحاني منزلون حضرت ڪاڪيءَ وٽ طئي ڪيون. ان کان پوءِ فريد کي ظاهري تعليم جي تڪميل لاءِ ملتان روانو ڪيائين. شيخ جماليءَ مطابق فريد ملتان اچي نہ صرف ڪجهہ عرصو اتي ترسيو پر هو اعليٰ تعليم جي حاصلات لاءِ قنڌار بہ ويو ۽ گهڻو پوءِ دهليءَ ۾ مرشد جي خدمت ۾ اچي حاضري پريائين.[13]

ڪجهہ سوانح نگارن بابا فريد جي قنڌار، غزني، خراسان، بغداد، بخارا، بدخشان ۽ ڪِرمان وغيره جي سئر سفر ۽ پيرن، فقيرن ۽ درويشن سان ملاقاتن بابت پڻ لکيو آهي، پر ڊاڪٽر نظامي ساڻن متفق ناهي. هن جو چوڻ آهي تہ 'فوائد الفواد'، 'خيرالمجالس' ۽ 'سير الاولياءَ' جهڙن مستند ڪتابن ۾ فريد جي ٻين ملڪن ۾ سياحت جي باري ۾ ڪوئي تفصيل نٿو ملي، تنهن ڪانسواءِ اُن وقت انهن ملڪن ۾ هل هنگاما برپا هئا، وري جڏهن بابا فريد جو مرشد هندوستان ۾ هو تہ ڪيس بدامنيءَ وارن ملڪن ۾ پنڌڪڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. نظاميءَ جي راءِ مطابق بابا فريد پنهنجي تعليم جي تڪميل خاطر وڌ ۾ وڌ قنڌار تائين ويو هوندو.[14]

مورخن، بابا فريد جي هندوستان ۾ ڪشمير، اجمير ۽ مالوه وغيره جي سئر سفر جي ڄاڻ ڏني آهي ۽ فريد ڪوٽ (پنجاب) جي سياحت جي باري ۾ بہ لکيو آهي، فريد ڪوٽ جو پراڻو نالو موڪل نگر هو. هي علائقو راجا موڪل ديو ٻارهين وڪرمي صديءَ جي آخر ۾ آباد ڪيو هو. ڳوٺ ۾ راجا دور ۾ جوڙايل قلعي جو نالو 'موڪلهار' هو. چيو ويندو آهي تہ بابا فريد کان ان شهر جو راجا ايترو متاثر ٿيو جو ان شهر جو نالو ئي 'فريد ڪوٽ' رکي ڇڏيائين. فريد ڪوٽ ۾ بابا فريد جا يادگار اڃا موجود آهن.[15]

مرشد سان لاڳاپو:

بابا فريد جو مرشد حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪي (وفات:1235ع) پنهنجي دؤر جو ڪامل درويش هو. پاڻ اُوش، ايران جو رهاڪو هو. جيڪو انهن ڏهاڙن ۾ صوفياءِ ڪرام جو مشهور مرڪز هو. اوش ۾ پنهنجي تعليم پوري ڪري بغداد روانو ٿي ويو جيڪو ان زماني ۾ اسلام جو مرڪز هو. اتي پاڻ قادري سلسلي جي باني درويش شيخ عبدالقادر جيلاني (1077_1166ع) ۽ سهروردیہ سلسلي جي عظيم صوفي شيخ شهاب الدين سهروردي (1145_

1234ع) ۽ هندستان ۾ چشتي سلسلي جي بانيڪار خواجہ معين الدين چشتي 1139ـ1231ع) جهڙن جليل القدر درويشن جي صحبت مان فيضياب ٿيو. پاڻ خواجہ معين الدين چشتيءَ جي روحاني رسائيءَ کان ايترو تہ متاثر ٿيو جو سندس مريد ٿي پيو. ڪجهہ ڏينهن سندس صحبت ۾ رهندي پوءِ ملتان ۽ اتان وري دهلي هليو ويو.

انهن ڏهاڙين دهلي عالمن ۽ درويشن، پيرن فقيرن جو مرڪز هئي. اهو سلطان التمش جو دؤر حڪومت هو. حضرت ڪاڪيءَ جي دهليءَ پهچڻ تي سلطان پاڻ سندس آڌرڀاءُ ڪيو ۽ کيس شاهي محل ۾ رهڻ جي آڇ ڪيائين. پر پاڻ اها قبول نہ ڪيائون. چيو ويندو آهي تہ سلطان پاڻ هفتي ۾ ٻہ ڀيرا سندس ديدار لاءِ ايندو هو. بادشاهہ جو پيار ڏسندي هڪڙي ڀيري، حضرت ڪاڪيءَ کيس نصيحت ڪئي: "اي سلطان! تون غريبن فقيرن، درويشن ۽ بي سهارا انسانن سان سهڻو سلوڪ ڪندو ڪر ۽ سيني سان رحمدليءَ سان ملندو ڪر. ماڻهن جي ڀلائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ڪر. جيڪو بادشاهہ پنهنجي رعيت جو خيال رکندو آهي، خدا تعاليٰ ان جو خيال رکندو آهي ۽ دشمن بہ سندس دوست بڻجي پوندا آهن."[16]

سلطان التمش حضرت ڪاڪيءَ جو گهڻو احترام ڪندو هو. سلطان کيس "شيخ الاسلام" جي لقب سان نوازڻ پيو گهري پر پاڻ اهو خطاب وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. تڏهن سلطان التمش اهو خطاب نجم الدين صغريٰ کي ڏئي ڇڏيو.[17] انهن ڏينهن ۾ خواجہ معين الدين دهليءَ ۾ آيل هو. نجم الدين صغريٰ حضرت ڪاڪيءَ جي خلاف دل ۾ ڪينو رکندو هو ۽ کيس ڪنهن ٻُڪپ ۾ نہ آڻيندو هو. خواجہ صاحب کي نجم الدين صغريٰ جو حضرت ڪاڪيءَ ڏانهن اهڙو رويو پسند نہ هو. ان ڪري هن پنهنجي مريد کي پاڻ سان گڏ اجمير هلڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن خواجہ صاحب ۽ حضرت ڪاڪي اجمير جي لاءِ روانا ٿيا تہ دهليءَ جا ماڻهو ميلن تائين ساڻن گڏجي آيا. سلطان التمش بہ رعيت سان گڏ درويشن جي پويان پويان هلندو رهيو.

سلطان ۽ راڄ جي محبت ڏسي خواجہ صاحب جي دل نرم ٿي وئي. پاڻ حضرت ڪاڪيءَ کي دهليءَ موٽي وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيائين. التمش شڪراني طور خواجہ صاحب جا پير چُميا.[18] خواجہ صاحب جي دهليءَ واپس ورڻ سان بابا فريد کي مرشد جي قدمن ۾ رهڻ جو موقعو ملي ويو.

حضرت بختيار ڪاڪيءَ جهڙو ڪامل مرشد ۽ بابا فريد جهڙو هوشيار ۽ سچو مريد، حقيقت ۾ اهو عجيب اتفاق هو. مرشد، خانقاه ۾ فريد کي هڪڙو حجرو ڏنو. فريد مرشد جي رهنمائيءَ ۾ دل ۽ جان سان روحاني شغل ۾ مشغول رهڻ لڳو. جيئن جيئن سندس روحاني ترقي ٿيندي رهي، فريد جي شوق ۾ اضافو ٿيندو ويو. هو پنهنجي حجري مان تمام گهٽ ٻاهر نڪرندو هو. ٻيا مريد هر هر مرشد جي ديدار خاطر ويندا رهندا هئا. پر فريد مهيني ۾ هڪڙو ڀيرو ئي مرشد جي ديدار لاءِ ويندو هو.

ڪجهه وقت کان پوءِ خواجه معين الدين چشتي اجمير کان دهلي موٽي آيو. پاڻ فريد کي ڏسي، پنهنجي مريد کي خوشيءَ مان چيائين "بختيار تو اهڙي شهباز کي ڦاسايو آهي، جنهن جو آکيرو سدرت المنتهيٰ ۾ هوندو. فريد اهڙو درويش ڏيئو آهي، جيڪو درويشن جي سيني سلسلن کي روشن ڪندو."[19] ائين چئي خواجه صاحب فريد کي به دعا ڪئي ۽ پنهنجي مريد کي فريد تي خاص رحمت جي پالوٽ جو حڪم ڏنو جنهن ڪري فريد بلڪل اطمينان ۾ اچي ويو ۽ سندس روح اسم اعظم کي مضبوطيءَ سان جهلي روحاني طبقات ۾ پرواز ڪري ويو.*

فريد جهڙا خوش نصيب مريد تمام گهٽ هوندا آهن. جنهن کي نه صرف پنهنجي مرشد پر مرشد جي مرشد جي بخشش به نصيب ٿي هجي. تاريخدانن لکيو آهي ته اهڙو اتفاق سلسله چشتيه جي ڊگهي تاريخ ۾ ڪڏهن نه ٿيو آهي. روحانيت جي تاريخ ۾ اهڙو موقعو شايد ئي ڪنهن کي ڪڏهن ميسر ٿيو هجي. امير خورد سير الاولياءَ ۾ فريد تي ان عظيم بخشش ۽ نعمت جي باري ۾ لکيو آهي: "درويشن ٻئي جهان اوهان جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن. وقت جي انهن شاهن توکي شاهه بڻائي ڇڏيو آهي. هي جهان ۽ هو جهان به تنهنجي حڪم هيٺ آهن. سڄي ڪائنات تنهنجي سپرد ڪري ڇڏي اٿائون."[20]

هڪ ڏينهن بابا فريد پنهنجي مرشد کان چلو ڪڍڻ جي اجازت گهري مرشد وراڻيس: "چلي ڪشيءَ جي ضرورت ناهي، اهڙيون سخت رياضتون شهرت جو سبب بڻبيون آهن. چشتي سلسلي جي بزرگن درويشن ان کي ڪڏهن اهميت ناهي ڏني. فريد چيو "اوهان دلين کي ڄاڻو ٿا. منهنجو مقصد

---

* تفصيل لاءِ ڏسو هن ڪتاب جو باب "وسريا جنهه نام"

شهرت حاصل ڪرڻ ناهي. اوهان جي هوندي مون کي شهرت سان ڪهڙي غرض ٿي سگهي ٿي."فوائد الفواد جي مطابق حضرت ڪاڪي اهو ٻڌي خاموش ٿي ويو پر ڪيس چلو ڪيڻ جي اجازت نہ ملي. سيرالاولياءَ ۾ ڪجهہ ٻين ملفوظات* جي مطابق کين "چلہ معڪوس"** جي اجازت ڏني وئي. پر چشتي سلسلي جي ڪجهہ ڪتابن ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ مرشد چلو ڪيڻ جي اجازت نہ ڏني هئس. تنهن ڪري فريد کي عمر ڀر ان جو افسوس رهيو تہ مرشد جي هڪ پيرو منع ڪرڻ سان هن مرشد جي آڏو دليل بازيءَ جي گستاخي ڇو ڪئي؟ ان باري ۾ بابا فريد جي مرشد جي ان ڳالهہ کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي تہ هو پاڻ ۾ سلسلئہ چشتيہ جا پيا وڏا درويش اهڙي قسم جي ڏکي رياضت کي روحاني ترقيءَ لاءِ ضروري نہ ڄاڻندا هئا.[21] تنهن ڪري اها ڳالهہ پڪ سان چئي ٿي سگهجي تہ سلسلئہ چشتيہ جا درويش هٺ مارگي سخت رياضت ڪندڙ نہ پر سهج مارگي (سولي رياضت) وارن سنتن مهاتمائن ۾ ٻين ڪامل درويشن جيان شغل اسم اعظم جي قدرتي روحاني طريقي جا حامي هئا. حضرت بختيار ڪاڪيءَ جهڙي ڪامل درويش جي مريديءَ ۾ اچڻ کان پوءِ فريد جي لاءِ اهڙا مجاهدا ڪرڻ کي ترجيح ڏيڻ درست نہ هو.* ڊاڪٽر نظامي، ڊاڪٽر ڪالا سنگهہ بيدي[23] وغيره جهڙن لکندڙن اهڙيءَ طرح جي بيانن کي غيريقيني ڄاتو آهي.

سيني تذڪره نويسن بابا فريد جي خانگي درويش هجڻ جي تصديق ڪئي آهي. هو شادي شده هو.** سندس پٽ ۽ ڌيئر هيون. سندس ٻار بہ پرڏيل هئا. ان مان ظاهر آهي تہ هو نہ دنيا تياڳڻ جي حق ۾، نہ ئي مجاهدن جي حق ۾ هو.

هانسيءَ جو سفر:

تاريخ ۾ ان ڳالهہ جو ذڪر نہ ٿو ملي تہ بابا فريد ڪيترا ڀيرا دهليءَ آيو ۽ ڪيترا ڀيرا مرشد سان گذاريائين. 'جواهر الڪلام'[24] ۾ اشاري جي طور تي ان ڳالهہ جو حوالو ٿو ملي تہ دهلي اچڻ کان اول سندس دل جو ٿانءُ پوري طرح صاف ٿي چڪو هو. تنهن ڪري کيس روحانيت ۾ ڪمال حاصل

---

* درويش جا اقوال:

** نماز معڪوس ۽ چلہ معڪوس بابت هن ڪتاب جو باب نماز معڪوس ڏسو.

* ڏسو فوائد الفواد. اردو ترجمو حضرت امير الله سنجري[22]

** ڪجهہ تذڪره نويسن سندس ٽي ۽ ڪن چار شاديون ٻڌايون آهن.

ڪرڻ ۾ گهڻي دير نہ لڳي. مرشد جي مهر، دلي لڳاءُ ۽ جاکوڙ جي صدقي پاڻ جلد ئي روحاني مقامات جو راهرو ۽ رهاڪو بڻجي ويو.

هڪ ڏهاڙي مرشد وٽان فريد کي هانسيءَ وڃڻ جو حڪم مليو. فريد وراڻيو "مان اوهان جو خادم آهيان، جيئن حڪم ڪندؤ ائين ٿيندو." مرشد چيس، "مالڪ جي اها رضا آهي." اهو چئي مرشد پنهنجو مصلو ۽ لٺ فريد کي عطا ڪئي ۽ چيائينس، "مان تنهنجي امانت يعني سجاده، دستار ۽ ڪڙائون، جيڪي هٿون هٿ مون کي پيرانِ چشت کان پهتيون آهن، قاضي حميد الدين ناگوريءَ جي حوالي ڪري ڇڏيندس ۽ تون منهن جي وصال کان پنجين ڏينهن دهليءَ ۾ اچجانءِ تہ توکي تنهنجي اها امانت ڏني ويندي."[25] ائين چئي حضرت بختيار ڪاڪيءَ فريد کي ٻار جيان هنج ۾ وهاري پيار ڪيو ۽ چيائينس "اسان جي هيءَ دنياوي طور تي آخري ملاقات آهي. نہ مان پنهنجي مرشد جي آخري ڏهاڙن ۾ وٽس هوس ۽ نہ ئي تون منهنجي آخري سفر ۾ مون وٽ هوندين."[26] اهڙيءَ طرح هڪ عظيم پير ۽ اهڙو ئي مريد جسماني طور هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا.

هانسيءَ ۾ رهائش:

فريد دهليءَ کي ڇڏي هانسي (هاڻ ضلعي حصار هريانہ) ۾ رهائش اختيار ڪئي. انهن ڏهاڙن ۾ هانسي هڪ ڇانوڻي هئي. پاڻ سوچيو هونداءُن تہ هتي گمناميءَ ۾ رهي عبادت ۽ رياضت جو سلسلو جاري رکڻ ڪجهہ سولو ٿي پوندو.

مُشڪ کي ڪيترو بہ پردن ۾ ويڙهجي، تہ بہ ان جي خوشبوءِ ٻاهر اچي ئي ويندي آهي. مالڪ جي مرضي جو هڪڙي ڏينهن مشهور معروف درويش مولانا نور ترڪ هانسيءَ ۾ اچي سهڙيو. هن جو وعظ نهايت اعليٰ هو. هڪ ڏينهن هو وعظ ڪري رهيو هو تہ فريد بہ ڦاٽل ساٽل پهراڻ پائي اُتي ويو ۽ ماڻ ميٺ ۾ مجمعي جي پويان ويهي رهيو. مولانا نور ترڪ ۽ بابا فريد جي اڳ ۾ ڪڏهن بہ ملاقات نہ ٿي هئي. فريد جي چهري مان سندس اندروني ڪيفيت جو اندازو لڳائي، مولانا ترت ئي چئي ڏنس، "مسلمان ڀائرو! رمزن جو رازدار سچو سونارو اچي چڪو آهي، هن گودڙيءَ ۾ لڪل لعل جو ديدار ڪريو."[27]

سڀني جون نظرون فريد تي مرڪوز ٿي ويون. پيڙاپيءِ ۾ پهچي فريد پنهنجي

مريدن کي چونڊو هو ته جيڪي لفظ هن درويش منهنجي تعظيم ۾ چيا، اهڙا ڪڏهن ڪنهن بادشاهه لاءِ به نه چيا ويا هوندا. پاڻ چوندو هو ته اها ان درويش جي فضيلت هئي، ورنه مان ته خدا جو هڪ ادنيٰ ٻانهو آهيان.

ان واقعي جي ڪري هانسيءَ ۾ بابا فريد جي شهرت چوڌاري پکڙجي وئي ۽ روحانيت جا ڳولائو ٽولن جا ٽولا سندس ديدار لاءِ اچڻ شروع ٿي ويا. هانسيءَ ۾ رهائش جي دوران بابا فريد جو مشهور مريد شيخ جمال الدين سندس پناهه ۾ آيو جنهن کي پوءِ بابا فريد پنهنجو خليفو مقرر ڪيو. ڪجهه مؤرخن جي چوڻ مطابق پاڻ ٻارهن ورهيه ۽ ٻين عالمن مطابق اٺويهه ويهه سال هانسيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائون. هن پنهنجي مرشد بختيار ڪاڪيءَ جي وصال کان پوءِ هانسيءَ کي الوداع ڪيو.

حضرت ڪاڪيءَ جو جانشين:

پير ۽ مريد جي پاڻ ۾ پاڪ محبت کي لفظن ۾ بيان ڪري نٿو سگهجي نه مريد مرشد کان ڌار رهڻ پيو گهري، نه ئي مرشد پنهنجي مريد کي اکين کان پري ڪرڻ پيو گهري. جنهن مريد کي اڳتي هلي پنهنجي مرشد جو جانشين ٿيڻو هو، مرشد ان کي شروع کان ئي ان ذميواريءَ لاءِ تيار ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. حضرت ڪاڪيءَ پنهنجي گادي فريد کي سپرد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ورهيه اڳ ٻڌائي ڇڏيو هو. گادي نشينيءَ جي ٻين اميدوارن کي مايوسي ته ضرور ٿي پر مرشد جو حڪم اٽل هو ان حڪم جي پويان ربي رضا، مرشد جي موج، فريد جي بي مثال عبادت ۽ رياضت ۽ مرشد جي چاهت شامل هئي.

ڇيو وڃي ٿو ته جنهن رات حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪيءَ کي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪرڻو هو ته فريد کي بشارت ٿي ته مرشد ڪيس سڏي رهيو آهي. فريد صبح سوير ئي دهليءَ لاءِ روانو ٿي ويو. ڪيس سندس مرشد جي وصال جي خبر هڪڙي قاصد رستي ۾ ڏني. فريد سندن وصال کان پوءِ پنجين ڏينهن دهليءَ پهتو.* مرشد جي حڪم مطابق قاضي حميد الدين ناگوريءَ مرشد وارا سيئي تبرڪات فريد جي حوالي ڪري ڇڏيا. فريد

* تفصيل لاءِ ڏسو نظامي، ص: 324

نهايت محبت ۽ احترام سان مرشد پاران عطا ڪيل خرقو مٿي تي رکيو ۽ مرشد جي حڪم مطابق چشتي سلسلي جي واڳ سنڀالي.

دهليءَ ۾ زندگيءَ جا طور طريقا هانسيءَ کان بلڪل مختلف هئا. راڄڌانيءَ جي هلچل ۾ هانسيءَ وارو سڪون ڪٿي! بابا فريد کي ڪڏهن هڪڙي مجلس ۾ ويٺو پوندو هو ته ڪڏهن ٻيءَ ۾. کيس تيز رفتار ۽ پيچ پيچان واري زندگي پسند نه هئي. حالت اتي اچي پهتي ته هانسيءَ مان سرهنگا نالي سندس هڪڙو مريد نيازمنديءَ لاءِ آيو. ڪيترا ئي ڏهاڙا خدمتگار کيس مرشد سان ملڻ کان روڪي ڇڏيو. هڪ ڏهاڙي پاڻ اوچتو ٻاهر آيو ته مستاني پير ڇهاءَ لاءِ عرض ڪيو. "حضور هانسيءَ ۾ اوهان سان ملاقات آسان هئي، هتي ته ڏاڍي مشڪل آهي." پاڻ ترت ئي دهلي ڇڏي هانسيءَ وڃڻ جو فيصلو ڪيائين. عقيدتمندن عرض ڪيو ته اوهان جي مرشد اوهان کي پنهنجي گادي عطا ڪئي آهي. پاڻ دهليءَ ۾ رهندا هئا. تنهن ڪري اوهان کي به دهليءَ ۾ ئي رهڻ گهرجي. پاڻ ورنايائون ته: "مان شهر ۾ رهان توڙي ويراني ۾، منهنجي مرشد جو فضل ۽ ڪرم مون تي هميشه رهندو."[28]

دراصل بابا فريد دهليءَ جي سياسي ماحول کان پري رهڻ پيو گهري. حضرت بختيار ڪاڪيءَ جي وصال کان ڪجهه عرصو پوءِ سلطان التمش به هي جهان ڇڏي ويو هو درويشن ۽ علماءُ جو قدردان ۽ عقيدتمند هو. ان کان پوءِ دهلي دربار سازشن جو ميدان بڻجي وئي. ان ڪري بابا فريد دهليءَ ۾ چشتي سلسلي جو ڪم، پنهنجي مريد ۽ ياءُ بدرالدين غزنويءَ جي سپرد ڪري پاڻ دهليءَ مان روانو ٿي ويو.

هڪڙي سرڪاري ڪارندي بدر الدين جي لاءِ هڪڙي خوبصورت خانقاهه جوڙائي. جيڪا شاهي داءُ پيچن جو اڏو ۽ بدر الدين جي تباهيءَ جو سبب بڻي. ان مان پروڙ پوي ٿي ته بابا فريد جيڪو شاهي محلات کان پري رهڻ جو فيصلو ڪيو هو اهو سندس دور رس نگاهه جي علامت هو.[29]

اجوڌن:

جيڪڏهن بابا فريد دهليءَ ۾ رهڻ نه پيو گهري ته هانسيءَ ۾ به رهڻ نه ٿي گهريائين، ڇو ته اتي به سندس شهرت عام ٿي وئي هئي. پاڻ هانسيءَ مان ترت ئي پنهنجي ڳوٺ کوتوال واپس موٽي آيو. جڏهن هتي به عقيدتمندن

جون قطارون لڳي ويون تہ پاڻ اجوڌن ڏانهن رخ رکيائون ۽ نيٺ پنهنجي آخري پساهن تائين اتي رهيو.

انهن ڏينهن ۾ اجوڌن اچ وچ جو اهم مرڪز هو. ڏيرا غازي خان ۽ ڏيرا اسماعيل خان کان ايندڙ بہ وڏيون مغربي سڙڪون هتي اچي ملنديون هيون. اهي سڙڪون هندوستان کي ايشيا، ايران ۽ ترڪستان سان ڳنڍينديون هيون. هتان ڪيتريون ئي سڙڪون ملڪ جي مختلف حصن ۾ وينديون هيون. حملا ڪندڙ فوجون، واپارين جا قافلا ۽ سيلاني هتان لنگهي اڳتي ويندا هئا. اجوڌن، اڄڪلهہ پاڪ پٽڻ جي نانءَ سان مشهور آهي. 'پٽڻ'، 'پٽڻ' مان جڙيو آهي. سنڌو درياهہ جو هي پاڪ پٽڻ، بابا فريد جي نالي سان منسوب پاڪ ۽ پوتر پٽڻ جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

تنهن وقت ۾ هتي اٽپڙهيل مالوند ماڻهن جا قبيلا آباد هئا، جيڪي ڪيترن ئي وهمن جو شڪار هئا. بابا فريد جهڙي گوشي نشين درويش جي لاءِ ان کان وڌ موزون جاءِ ڪهڙي ٿي سگهي پئي. بابا فريد هتي بہ عبادت ۽ رياضت جو شغل پوري زور شور سان جاري رکيو. هوريان هوريان هتي بہ سندس پارسائي ۽ بزرگيءَ جي خوشبوءِ پري پري تائين پکڙجي وئي. روحانيت جا شائق ۽ ڳولائو وڏي تعداد ۾ وٽس اچڻ لڳا. حقيقت ۾ هر ڪامل درويش جي پوشيده ظاهر ٿيڻ جو هڪڙو وقت مالڪ الڪل وٽ مقرر ٿيل هوندو آهي. جڏهن موزون وقت آيو تہ بابا فريد عام ماڻهن کي ديدار ڪرائڻ ۽ خدا جي عبادت ڪرڻ جهڙي سچي واٽ جو راز سمجهائڻ شروع ڪري ڇڏيو.[30] نتيجو اِهو نڪتو تہ بابا فريد جي بزرگيءَ جي خوشبو پنهنجي ملڪ ۾ ئي نہ پر ٻين ملڪن تائين بہ وڃي پهتي ۽ اتي بہ پنهنجو اثر ڏيکارڻ لڳي. جتي سچا ڳولائو خوشي خوشيءَ سان سندس دربار ۾ اچي روحاني اڃ اجهائڻ لڳا، اتي ظاهري ڪتابن جي علم جا قيدي بابا فريد جي روز بروز وڌندڙ شهرت سان حسد ڪرڻ لڳا.[31]

بابا فريد ڳوٺ ٻاهران ڏيڍ سؤ فوٽ اوچي دڙي تي پنهنجو جماعت خانو جوڙايو. اهو هڪڙو وسيع ڪچو ڪوٺو هو جيڪو مريدن ۽ مسافرن جي رهڻ لاءِ جوڙايو ويو هو. چاڪاڻ جو هاڻ سندس مريد ۽ مسافر هيڏانهن اچڻ لڳا هئا. پنجاب ۽ هندوستان جي مختلف حصن کان، ان حد تائين تہ ترڪستان، ايران مان ايندڙ مسافر بہ هن جماعت خاني ۾ رهندا هئا.

بابا فريد جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ شهرت ۽ مقبوليت کي ڏسي، اجوڌن جو قاضي حسد جي باهہ ۾ سڙڻ لڳو. قاضيءَ جي برغلائڻ تي، علائقي جي اميرن ۽ ڪارندن، سندس ڪٽنب جي ڀاتين کي ڪک ڪرڻ شروع ڪيو پر پاڻ سندن ان مخالفت کي صبر ۽ تحمل سان برداشت ڪندو رهيو.

بابا فريد ۾ سهپ، شڪتي، سمنڊ کان بہ اونهي هئي. پاڻ هر قسم جي نڪتہ چيني، تڪرار يا بحث مباحثي کان پوري رهندو هو. قاضيءَ ملتان جي علماءَ کي سندس خلاف فتويٰ صادر ڪرڻ جو مشورو ڏنو پر علماءَ اهو چوندي تہ"بابا فريد جهڙي سچي درويش تي اگر ڪٿڻ ناممڪن آهي." فتويٰ صادر نہ ڪئي.[32]

اها راءِ ٻڌي قاضي ماٺ ٿي ويو پر هو دل ئي دل ۾ ڪڙهندو رهيو. ان حد تائين جو هن هڪڙي پيشيور قاتل جي وسيلي بابا فريد کي قتل ڪرائڻ جي ناڪام ڪوشش بہ ڪئي. جڏهن اهو ماڻهو ڪيس قتل ڪرڻ جي ارادي سان آيو، پاڻ ان وقت عبادت ۾ رڌل هو. اوچتو پاڻ اکيون پٽڻ بنا، ڀر ۾ ويٺل هڪڙي مريد، نظام الدين کي ان شخص جو ڊيل ڊول ٻڌائيندي چيو تہ ان چڱي مڙس کي چئو تہ پنهنجي عزت صحيح سلامت وٺي واپس هليو وڃي. اهو ٻڌي قاتل جو رنگ ئي اڏامي ويو، هاڻ ندامت ۾ ٻڏل شخص پنهنجو چهرو لڪائيندي اتان ڀڄي ويو.[33]

باوجود ان جي قاضيءَ، بابا فريد جي ڪٽنب سان دشمنيءَ جو سلوڪ روا رکيو. ڪٽنب وارن ڪيس شڪايتي انداز ۾ چيو. "اوهان جي درويشيءَ مان اسان کي اهو فائدو پلئہ پيو آهي جو ماڻهو اسان کي تنگ ڪرڻ لڳا آهن." [34] پاڻ انهن کي صبر جي تلقين ڪئي. پاڻ دليل طور چيائون، "ڪنهن شيءِ جو عرق ڪڍڻ ۽ ڪشتو ٺاهڻ جي عمل ۾ باهہ جي گرمي نهايت ضروري هوندي آهي." سندن مطلب هو تہ دشمنن جي ڏشمنيءَ جي باهہ حق تعاليٰ جي درويشن لاءِ صبر، شڪر، رضا ۽ توڪل جهڙين صفتن کي ظاهر ڪرڻ جو طريقو هوندي آهي. مخالفن پاڻ مرادو وڪرڻ لڳا. ان حد تائين جو ڪيترائي ڪٽر دشمن سندس عقيدتمند ۽ مريد ٿي پيا.[35]

سندس واعظ ٻڌڻ ۽ دل جا شڪ شبها لاهڻ لاءِ ماڻهو پري پري کان اچڻ لڳا. ڪجهہ ماڻهو طرح طرح جون باسون باسڻ ۽ مرادون ماڱڻ لاءِ ايندا هئا. هڪ ڀيري سلطان ناصر الدين جي فوج، بابا فريد جي ديدار لاءِ اچي سهڙي،

هجوم کي ڏسي، پاڻ پنهنجو چوغو ٻاهر ٽنگي ڇڏيائين. عقيدتمند ڏسندي ئي ڏسندي ان کي ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري کڻي ويا. سندس مريدن کيس چوطرف وڪوڙي ڇڏيو ته جيئن پاڻ هجوم کان محفوظ رهي. هڪڙو فراش (تنبو اڏڻ ۽ فراسيون وڇائڻ وارو) مريدن جو گهيرو ٽپي سندس قدمن ۾ اچي ڪريو. هن عرض ۽ گذارش ڪئي ته: "اي درويش! ماڻهو اوهان جي ديدار لاءِ آتا آهن. توهان کين پنهنجي ديدار کان محروم نه ڪريو." بابا فريد، انهن کي ديدار ڪرائڻ جي ارادي سان، انهن عقيدتمندن جي وچ ۾ اچي ويهي رهيو.[36]

فقط عوام ئي نه، پر ڪيترائي صوفي، قلندر ۽ جوڳي به ساڻس ملڻ لاءِ ايندا رهندا هئا. حضرت نظام الدين ڪيترن موقعن تي بابا فريد سان ملڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ لاءِ وٽن اچڻ جو ذڪر ڪيو آهي.[37]

بابا فريد عربي، فارسيءَ جو وڏو عالم فاضل هو. کيس قرآن شريف ۽ صوفي ادب جو گهرو علم هو. پاڻ قرآن شريف، 'عوارف الموارف' ۽ قاضي حميد الدين ناگوريءَ جي ڪتاب 'لواح' جي ڏاڍي سهڻي تشريح ڪندا هئا. پاڻ علماءَ جو احترام ڪندا هئا پر باطني اسرارن مان واقف فقراءَ کي علماءَ تي ترجيح ڏيندا هئا. سندس نظر ۾ علماءَ ۽ عامل فقراءَ ستارن جي جهرمٽ ۾ روشن چنڊ جيان آهن.[38]

بابا فريد پاڻ ۾ پيار ۽ محبت تي زور ڏيندو هو. هڪ ڀيري ڪنهن کيس قئنچي ڏني ته پاڻ چيائونس ته. "مون کي قئنچي نه سئي گهرجي، ڇو ته قئنچي ڪپيندي آهي، سئي ڳنڍيندي آهي."

فقط عقيدتمندي ئي نه، ڪڏهن ڪڏهن جهيڙاڪر ۽ شرارتي ماڻهو به سندس جماعت گهر ۾ اچي ويندا هئا. هڪ ڀيري بابا فريد عبادت ۾ رڌل هئا ته هڪڙو قلندر ساڻس ملڻ لاءِ اصرار ڪرڻ لڳو. سندس مصلو دروازي کان ٻاهر پيل هو. قلندر ان تي ويهي رهيو. سندس پيارو مريد بدرالدين جماعت گهر جو منتظم هو. هن انتهائي ادب ۽ احترام سان هن کي ڪاڏو ڪارايو. سندس انتظار ۾ قلندر، ان پيالي ۾ ڀنگ گهوٽڻ شروع ڪري ڏني، جنهن جا ڪجهه ڇنڊا سندس مصلي تي به اچي پيا. بدر الدين قلندر جي ان بيجا حرڪت تي گهڻو ناراض ٿيو. هن قلندر کي جهليو ته هو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. هن بدر الدين تي اُلرڪئي ته بابا

فريد ٻاهر نڪري آيو. پاڻ قلندر کان پنهنجي مريد جي گستاخيءَ جي معافي گهريائين پر قلندر هٺ هيٺ نہ ڪيو. قلندر چوڻ لڳو "قلندر ڀرين تہ هٿ ڪڍندا ناهن. جيڪڏهن هٿ ڪڍندا آهن تہ هٿ خالي واپس نہ ڪندا آهن" پاڻ قلندر کي چيائين تہ اوهان ڪاوڙ پٽ تي لاهي ڇڏيو. قلندر ايڏي زور سان مُڪ هڻي جو پٽ ڪري پئي.[39] پاڻ خاموش رهيو ۽ قلندر کي ڪجهہ نہ چيائين. پاڻ ان ڳالهہ جو تاڪيد ڪندو هو تہ دشمن کي بہ پيار سان کٽڻ جي ڪوشش ڪريو. ڪنهن بہ قسم جي زيادتيءَ جي جواب ۾ هرگز ڪاوڙ نہ ڪندا ڪريو.[40]

هڪ ڀيري هڪڙو پير مرد پنهنجي پٽ سان گڏ ساڻس ملڻ لاءِ آيو. هن کيس چيو تہ "مان اوهان سان حضرت بختيار ڪاڪيءَ جي خانقاهہ ۾ مليو هوس." ان پير مرد جو پٽ گهڻ ڳالهائو هو. هو بابا فريد سان وڏي واڪ بحث ڪرڻ لڳو هن جي خلاف ڪجهہ گستاخيءَ وارا لفظ بہ استعمال ڪيائين. بابا فريد جو پٽ شهاب الدين ڊوڙندو اندر آيو هن ڇوڪري کي چماٽ هڻي ڪڍي. جڏهن ان ڇوڪري شهاب الدين کي چماٽ هڻڻ لاءِ هٿ کنيو تہ نظام الدين ان جو هٿ جهلي ورتو. بابا فريد پنهنجي پٽ تي ڪاوڙيو تہ "هن ان نوجوان کي چپاٽ ڇو هڻي. پاڻ پٽ کي حڪم ڏنو تہ جيئن تو ان پير مرد ۽ سندس پٽ کي ناراض ڪيو آهي. هاڻ ائين ئي کين خوش ڪر. شهاب الدين کي تڏهن ئي معاف ڪيو ويو جڏهن هن انهن مهمانن کي راضي ڪيو.

مخالفت ۽ جهيڙي جهٽي جي ارادي سان آيل ماڻهو بہ بابا فريد جي عاجزي، محبت، معافي ۽ بردباريءَ جي ڪري پرسڪون ٿي ويندا هئا.

هڪ ڀيري هڪڙي قلندر بابا فريد جي شان ۾ گستاخانہ لهجي ۾ چيو تہ "تون پاڻ کي بت بڻائي وينو پرستش ڪرائين."[41] پاڻ جواب ڏنائونس تہ "مان پاڻ تہ ڪجهہ نہ بڻيو آهيان، مان اهو ئي آهيان." قلندر وري ٻيهر چيس، "تون بذات خود بت بڻيو وينو آهين." پاڻ ورائيو تہ "خدا جي رضا ڪانسواءِ ڪجهہ نہ ٿيندو آهي."[42] پاڻ اهي لفظ اهڙي پيار ڀرئي لهجي ۾ چيائون جو قلندر ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ ماڻهي ڪري اتان هليو ويو.

هڪڙي ڀيري پنج قلندر بابا فريد سان بحث ڪرڻ لڳا. سندن دعويٰ هئي تہ "هنن سڄي دنيا ڏٺي آهي، اڄ تائين ڪو بہ سچو درويش کين ڏسڻ ۾ نہ آيو." پاڻ انهن کي ويهڻ جي صلاح هڻندي چيائين تہ "مان توهان کي

سچي درويش جي باري ۾ ٻڌايان ٿو." انهن قلندرن ڳالهه نه مڃي ۽ اتي وڃڻ لڳا. پاڻ کين ڪافي جهلپائين ۽ ريگستان طرف وڃڻ کان منع ڪيائين ۽ چيائين ته اوهين هتي ترسو. قلندرن سندس چيو نه مڃيو. کين ريگستان طرف ويندو ڏسي بابا فريد جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. مريد ان راز کي پروڙي نه سگهيا. ٻئي ڏينهن خبر پئي ته چار قلندر اڃ سبب ريگستان ۾ بنهه بيحال ٿي ويا. جڏهن پنجين ڏينهن کين پاڻي مليو ته هنن ايترو پاڻي پي ورتو جو پيٽ پرجڻ سان مري ويا.[43]

صبح سوير وهنجي سهنجي عبادت ۾ مگن ٿي ويندا هئا. ان ويل حجري جو دروازو به اندران بند ڪري ڇڏيندا هئا. ڪنهن کي به اندر اچڻ جي اجازت نه هوندي هئي. پاڻ جيئن ئي حجري کان ٻاهر نڪرندو هو ته عقيدتمندن جو اچڻ شروع ٿي ويندو هو. هڪ هڪ ڪري عقيدتمند وٽن ايندا هئا ۽ پاڻ غور سان سندن احوال ٻڌندا هئا. سندس دربار ۾ اچڻ واري ڪنهن به عقيدتمند کي ڪا به شڪايت نه ٿي، ته کيس پورو توجهه نه مليو. پاڻ اڪثر چوندو هو "دروازي تي جيسين هڪڙو به ضرورتمند سوالي بيٺو آهي، عبادت ۾ لطف نه ايندو"[44] ان ڳالهه مان صاف ظاهر آهي ته هن لاءِ خدا جي خلق جي خدمت به خدائي بندگيءَ جو حصو هئي.

جماعت گهر:

بابا فريد جي جماعت گهر جو رنگ سڄي دنيا ۾ نرالو هوندو هو. اهو دنياوي پريشانين کان الڳ ٿلڳ هڪ پرسڪون وٽڪار جيان هو. امير، وزير، سپاهي، واپاري، علماءَ، گويا ۽ صوفي ئي نه پر ڪيترائي جوڳي به هتي اچي ترسندا هئا. ٻوليءَ کان همدردي بهتر آهي، يعني دلي دوستي زباني دوستيءَ کان بهتر آهي. مختلف علائقن مان آيل ۽ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ هتي اچي خدمت، عاجزي، انڪساري ۽ محبت جي منڙي ٻولي ٻوليندا هئا.[45] ان جماعت گهر جو ماحول، ان ڳالهه جو عملي ثبوت هو ته قومن، مذهبن، ملڪن جي جهجهائيءَ هوندي به خدا ۽ سندس مخلوق جو پيار سڄي دنيا کي روحانيت جي هڪڙي لڙيءَ ۾ پوئي ٿو سگهي.

حضرت نظام الدين:

حضرت نظام الدين بابا فريد جي جماعت خاني واري گلدستي جو هڪ نهايت وڻندڙ گل هو. هو دهليءَ جو مشهور عالم هو جيڪو عمر ۾ ننڍو پر علم ۾ ڪافي مٿاهون هو. هو بابا فريد جي ديدار خاطر هڪڙي ڀيري آيو ته اتان جو ٿي ويو. سندس اجوڌن اچڻ جو قصو به ڏاڍو دلچسپ آهي.

نظام الدين اڃا ٻارهن ورهين جو هو. تڏهن هن بابا فريد جو نالو ٻڌو هو. هڪ ڏهاڙي هو پنهنجي استاد وٽ ويهي پڙهي رهيو هو ته سندس استاد سان هڪڙي راڳيءَ ابوبڪر خراهه بابا فريد بابت ڪجهه ڳالهايو. اهو راڳي ملتان مان آيو هو. هن اول بهاءُ الدين زڪريا جي خانقاهه جي پاڪ روحاني ماحول جي تعريف ڪئي پوءِ بابا فريد جي جماعت گهر جو ذڪر ڪيو. راڳي شيخ بهاءُ الدين جي وڏي تعريف ڪئي پر نظام الدين کي سندس دل پاڻمرادو بابا فريد وٽ ڇڪي آئي. بابا فريد کي بنا ڏٺي سندس دل ۾ گهري محبت ۽ عقيدت، عزت ۽ احترام پيدا ٿي ويو. هن جي دل ۾ بابا فريد جي محبت جي چڻنگ ائين پڙڪي پئي جو ڪجهه وقت هلي، هڪ ڀيڙ جي صورت اختيار ڪري وئي. حالت اتي اچي پهتي ته نماز کان پوءِ نظام الدين جي زبان مان بابا فريد جو نالو پاڻ مرادو نڪري ويندو هو جنهن سان کيس عجيب و غريب قسم جو روحاني سڪون ميسر ٿيندو هو. سندس هڪ جيڏن ساٿي پڙهندڙن کي هن جي بابا فريد سان عقيدت جي ڄاڻ حاصل ٿي چڪي هئي. جڏهن به ڪائنس ڪنهن ڳالهه جي تصديق ڪرائڻي هوندي هئي ته هو کيس چوندا هئا ته ڪڻ بابا فريد جو قسم![46]

نظام الدين جي دل ۾ اڀرندڙ عشق جو ٻوٽو هوريان هوريان وڌندو رهيو. هڪ ڀيري هو پنهنجي ڪنهن مائٽ سان گڏجي بدايون مان دهليءَ اچي رهيو هو. هن جي مائٽ کي رستي ۾ جڏهن به ڪنهن چور، ڌوڙ يا جهنگلي جانور کان خوف جو احساس ٿيندو هو ته هو ٻئي هٿ کڻي دعا گهرندو هو: "پير مرشد! اسان کي هن آفت کان بچاءِ" نظام الدين کائنس سندس مرشد جو نالو پڇيو ته هن ٻڌايس ته "منهنجو مرشد شيخ فريد اجوڌي آهي."[47] ان ڳالهه جي ڪري نظام الدين جي دل تي بابا فريد جي ڇاپ لڳي وئي. نظام الدين به دل ئي دل ۾ بابا فريد جي آڏو دعائون گهرڻ شروع ڪيون.

رستي ۾ هڪڙي هنڌ وجد جي حالت ۾ ڪيس محسوس ٿيو ته ڄڻ هڪڙي ڪاري جبي واري بزرگ ڪيس جوش مان پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيو ۽ سندس سيني کي سنگهندي چيائينس، "هن مان مون کي هڪڙي حقيقي مومن جي خوشبوءِ ٿي اچي." مالڪ جي ڪرٽي ته دهليءَ ۾ جتي نظام الدين کي ترسڻو هو انهن جي پاڙي ۾ بابا فريد جو ننڍو ڀاءُ شيخ نجيب الدين متوڪل رهندڙ هو شيخ نجيب الدين باطن پاڪ ۽ سادو سودو درويش هو. ان درويش شخص، سچي عبادت گذار جي ڏکهي صحبت نظام الدين کي ڏاڍو متاثر ڪيو. هڪ ڀيري نظام الدين هن کي چيو "توهان الله تعاليٰ جي حضور ۾ دعا ڪريو ته مان قاضي ٿي وڃان." شيخ صاحب وراڻيس، "تون قاضي ٿي ڇو ٿو بڻجڻ گهرين. ڪجهه ٻيو ٿيءُ." [48] حضرت نظام الدين اڪثر چوندو هو ڪيس ڪافي وقت ڪان پوءِ شيخ صاحب جي پاڪ خيال جو علم حاصل ٿيو. حضرت نظام الدين کي جو ڪجهه اڳتي هلي بڻجڻو هو ان درويش کي ان جو اڳ ئي علم هو پر هن اهو راز پردي ۾ رکيو.

نظام الدين جي عمر مشڪل سان ويهه ورهيه هئي، جڏهن هو اجوڌن پهتو. ڪيس ڏسندي ئي بابا فريد چيس:

اے آتشِ فراقت دِل ہا کباب کردہ
سیلابِ اِشتیاقت جانہا خراب کردہ

يعني: تنهنجي وڇوڙي ۾ دل سڙي ڪباب ٿي پئي آهي، توسان ملاقات جي آرزوءَ جي طوفان جسم کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي.

نظام الدين جواب ۾ چيو:

اِشتیاقِ پائبوس عظیم غالب بُودہ است [49]

يعني: اوهان جي قدمن چمڻ جي وڏي خواهش هئم.

ان مان خبر پوي ٿي ته نه صرف مريد کي ئي ڪامل مرشد جي ڏسڻ جو شوق هوندو آهي پر مرشد به پنهنجي اهڙي مريد جو بيتابيءَ سان منتظر هوندو آهي، بابا فريد ان ئي ڏهاڙي نظام الدين کي بيعت ڏني.

بابا فريد جي عمر نوي ورهين ڪان مٿي ٿي چڪي هئي. ان ڪان پوءِ پاڻ صرف ٽي ورهيه ئي حياتيءَ جي قيد ۾ رهيو. نظام الدين هر سال سندس ديدار لاءِ ويندو هو. مرشد جي وصالِ حق ڪان اڳ هو ٽي ڀيرا دهليءَ ڪان اجوڌن اچي

ڪجهہ ڏينهن لاءِ مرشد جي صحبت مان فيضياب ٿيندو هو. جڏهن ٽيون ڀيرو هن مرشد کان وڃڻ لاءِ عرض ڪيو تہ بابا فريد کيس خلافت جو خرقو عطا ڪيو ۽ پاڻ کان پوءِ جانشين ٿيڻ جو اشارو بہ ڏنائين.

بابا فريد دعا ڪيس تہ "الله تعاليٰ جي فضل ڪرم سان تون اهڙو وڻ ٿيندين، جنهن جي گهاٽي ڇانءِ ۾ بيشمار پکين (انسانن) کي سکون ۽ فرحت نصيب ٿيندي"[50] جيتوڻيڪ مجمعي ۾ ڪيترائي بزرگ عبادت گذار مريد موجود هئا، پر بابا فريد بجاءِ انهن جي، هڪڙي ٽيهن ورهين جي نوجوان کي پنهنجو جانشين چونڊيو ڇاڪاڻ جو روحانيت جو بنياد عمر نہ پر رباني رضا ۽ مرشد جي مهر جي نظر ۽ باطني پهچ تي ٻڌل آهي.

فقر ۽ فاقو:

هيءَ ڳالهہ حيران ڪندڙ آهي تہ بابا فريد جهڙي درويش کي، جنهن جي مريدن جي حلقي ۾ امير امراءَ وزير ۽ فوجي ئي نہ پر نواب ۽ سلطان بہ شامل هئا، انتهائي تنگ دستيءَ ۾ گذران ڪرڻو پوندو هو سندن مريد، سندس لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار هئا. جيڪڏهن پاڻ چاهي ها تہ بيشمار دولت گڏ ڪري وٺي ها پر فقر سندس اصل دولت هئي. بک تي رهڻ سندس زندگيءَ جو هڪڙو قدرتي وهنوار بڻجي چڪو هو. سندس ڪٽنب ڪافي وڏو هو جنهن ۾ سندس پنج پٽ ۽ ٽي ڌيئر شامل هيون.

مفلسيءَ جي ڪري ڪڏهن ڪنهن کي تہ ڪڏهن ڪنهن کي لنگهڻ ڪڍڻو پوندو هو جڏهن کيس ان لاءِ ٻڌايو ويندو هو تہ پاڻ ان طرف ڪو توجهہ ئي نہ ڏيندو هو هڪ ڏهاڙي سندس گهر واريءَ شڪايت ڪيس تہ، "اوهان جو هڪڙو پٽڙو بک وگهي مرڻ ڪنڌيءَ پهچي چڪو آهي." پاڻ جواب ۾ چيائونس، "خدا جي اها رضا آهي تہ فريد ڇا ٿو ڪري سگهي." مالڪ جي مهر سان سندس پٽ نظام الدين فوج ۾ ڀرتي ٿي ويو. ٻيا ٻار ٻني ٻارو ڪري گذر بسر ڪندا هئا.

پاڻ پنهنجي سڄي ڄمار پراڻن ڦاٽل ڪپڙن ۾ ئي گذاري ڇڏي، پاڻ هڪڙي ٻول ۾ لکي ٿو "فريدا! کِهنتهڙ ميکها اگليان"[51] يعني منهنجي گودڙيءَ کي ججهہ ججهہ پيوند لڳل آهن.

جڏهن بہ ڪو عقيدتمند کيس نوان ڪپڙا پيش ڪندو هو تہ پاڻ اهي ڪپڙا ڪنهن ضرورتمند کي ڏئي ڇڏيندو هو. هن وٽ هڪڙو ڪمبل هو جيڪو ڏينهن جو ويهڻ لاءِ ڪتب آڻيندو هو ۽ رات جو سمهڻ مهل مٿان وجهندو هو. ڪمبل ايترو ننڍو هو جو جيڪڏهن پير ڍڪيندو هو تہ منهن مٿو اگهاڙو رهجي ويندو هوس ۽ جيڪڏهن منهن ڍڪيندو هو تہ پير اگهاڙا رهجي ويندا هئس. وهاڻي جي جاءِ تي پنهنجي مرشد پاران ڏنل لٺ مٿي هيٺان رکندو هو.

هڪ ڀيري حضرت نظام الدين اولياءَ پنهنجي پڳ گروي رکي، هڪ دڪاندار کان لوڻ خريد ڪري آيو جيئن بابا فريد جي ڀاڄي ڦڪي نہ کائڻي پوي. جڏهن ڪاڌو کائڻ لاءِ آندو ويو ۽ فريد جيئن ڀاڄيءَ مان گرهہ کنيو تہ سندس هٿ اتي رڪجي پيو مٿي نہ کڄيو پاڻ يڪدم هٿ پوئتي ڇڪي چيو 'ازیں بُوئے اِسراف می آید'.[52] مون کي هن مان فضول خرچيءَ جي بوءِ پئي اچي. حضرت نظام الدين لکي ٿو تہ مان ٿرٿر ڏڪڻ لڳس تہ مرشد جي خوشيءَ بدران ناراضگي حاصل ٿي رهي آهي. مون ترت ئي پنهنجو ڏوهہ باسيندي عرض ڪيو: "حضور باقي سڀ شيون تہ اسان جهنگ مان آنديون آهن، صرف لوڻ اڌارو وٺي آيو آهيان." پاڻ فرمايائون ان صورت ۾ هي ڪاڌو اسان مان ڪو بہ کائي نہ ٿو سگهي. اڌارو وٺي ڪاڌو کائڻ درويشن جي اصول جي خلاف آهي. سمورو ڪاڌو جيڪو رڌيو ويو هو سو غريب غربا ۾ ورهايو ويو.

نذر و نياز:

بابا فريد پنهنجي ڪٽنب جو گذران پنهنجي حق حلال جي ڪمائيءَ تي ڪندو هو. حضرت نظام الدين جي چوڻ مطابق بابا فريد لڳاتار ڪيترائي ڪلاڪ زنبيل (ڇٻا) ٺاهيندو رهندو هو. زنبيل جي ڪمائيءَ مان سندس لاءِ بہ مانيون پچنديون هيون. پاڻ هڪ مانيءَ جا ڀُڳا ڪري وينلن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو ۽ هڪڙي ماني پاڻ کائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي مانيءَ مان بہ اڌ يا ڀُڳري ورهائي ڇڏيندو هو.[53]

پاڻ هڪڙي ٻول ۾ لکيو اٿائين:

فریدا! بار پرائے بَیسنا سائیں مُجھے نہ دیہ
جے تُو ایویں رکھسی جِیو سرِیروں لیہ[54]

پاڻ مالڪ الڪل کان دعا ٿو گهري، اي پروردگارا مون کي ڪنهن جو

محتاج نہ ڪجانءِ، ان کان بهتر آهي تہ منهنجو روح جسم کان ڌار ٿي وڃي. پاڻ ڪنهن اڳيان هٿ ڊگهيرڻ کان موت بهتر سمجهندا هئا. پاڻ عبادت گذارن جي لاءِ اعليٰ اخلاق قائم ڪيائون.

هتي اهو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي تہ بابا فريد جي شهرت جي هاڪ پري پري جي علائقن تائين پکڙجي چڪي هئي. سندس ديدار جي خواهشمند ۽ سندس وعظ ٻڌڻ جي شائق شخصن جون قطارون لڳيون پيون هونديون هيون. ان ڪري روحانيت جي اچ جي اجهائڻ واسطيٰ، ايندڙ معتقدن، درويشن ۽ فقيرن جي کاڌ خوراڪ پوري ڪرڻ لاءِ عوام کان نذر و نياز قبول ڪرڻو پوندو هون. انهن نذرانن جي استعمال جو اصول ڏاڍو سخت هوندو هو اهو تہ جو ڪجهہ بہ نذراني خاطر، جڏهن بہ ايندو هو اهو ان ڏينهن پوياڙيءَ تائين ضروتمندن ۾ لازمي طور ورهائي ڇڏبو هئي ڏهاڙي لاءِ ڪجهہ بچائي رکڻو نہ هو.

سلطان ناصر الدين سندس عقيدت مند هو هڪ ڀيري هن ڪافي ڏوڪڙ ۽ چئن ڳوٺن جو فرمان (ڪٽت) هڪڙي وزير جي هٿان سندس خدمت ۾ موڪليو پر پاڻ ڪٽت جو پروانو (اجازت نامو) ڪيس واپس موٽائي مڪائين ۽ روڪ رقم رکيائين. جيڪا درويشن تي خرچ ڪري ڇڏيائين. هڪ ڀيري اجوڌن جي حاڪم بہ ٻن ڳوٺن جي ڪٽت جو اجازت نامو جاگير طور ڏيڻ چاهي، پاڻ هن جو اهو اجازت نامو هيئن چوندي واپس موٽائي ڇڏيو تہ "جيڪڏهن مان جاگيرون قبول ڪرڻ شروع ڪريان تہ مان فقير نہ پر منهنجو شمار دنياادارن ۾ ٿيڻ لڳندو ۽ مان ڪنهن فقير کي منهن ڏيکارڻ جي لائق ئي نہ رهندس.

ائين هڪ ڀيري سلطان غياث الدين بلبن سندس خدمت ۾ ٽڪن ڀريل هڪ ٿالهہ پيش ڪيو. ان مهل سج لهي چڪو هو پر پاڻ صبح جو انتظار نہ پئي ڪري سگهيو. سندس حڪم سان سندس مريد بدر الدين ان مهل ئي سڄي رقمَ ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏي هڪڙو ٽڪو اوندهہ ۾ ڪري پيو هو جيڪو پوءِ بدر الدين کي ڏيئي جي روشنيءَ ۾ نظر آيو. هن اهو ٽڪو پنهنجي ٽوپيءَ ۾ حفاظت سان رکي ڇڏيو. ان خيال کان تہ صبح ٿيندي ئي ڪنهن ضرورتمند کي ڏئي ڇڏبو. جڏهن بابا فريد سومهڻي جي نماز ادا ڪري رهيو هو تہ ڪيس پنهنجي دل تي ڪجهہ بوجهہ محسوس ٿيو ۽ عبادت ۾ بيچينيءَ جو احساس ٿيس. پاڻ بدر الدين کان پڇيائين تہ "ڇا سموري رقم غريبن ۾

ورهائي وئي؟" بدر الدين تڪي جي باري ۾ ٻڌايو. پاڻ اهو تڪو هن ڪان وٺي اچلائي ڇڏيائين ۽ پرسڪون ٿي عبادت ۾ محو ٿي ويو."[55]

بابا فريد کي هزارين رپيا نذراني ۾ مليا پر پاڻ انهن مان هڪ هڪ پئسو غريبن ۽ ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. پاڻ خاص ڪري بيواهن ۽ يتيمن تي وڌيڪ مهربان هوندو هو. انهن جي مدد ڪندي کيس دلي سڪون ملندو هو. نذراني ۾ ملندڙ رقم مان هڪ پئسو به پنهنجي ذات تي خرچ نه ڪندو هو جڏهن ته گهر ۾ ڪفن جي لاءِ به پئسو نه هوندو هو. هڪ ڪراڙي عورت سفيد چادر سندس ڪفن لاءِ ڏني. گهر جو دروازو پيچي ان مان نڪتل سرون سندس تربت تي هنيو ويون.

منهنجي ماني ڪاٺ جي:

بابا فريد جو قول آهي:

فريدا روٹی میری کاٹھ کی لاون میری بُھکھ۔
جِناں کھادی چوپڑی گھنے سہن گے دُکھ۔[56]

ان دوهي کي بنياد بڻائي ڪجهه تذڪره ڪندڙن لکيو آهي ته بابا فريد پنهنجي پيٽ سان ڪاٺ جي ماني ٻڌي رکندو هو جڏهن به کيس بک جو احساس ٿيندو هو ته ان مانيءَ ۾ چڪ هڻندو هو ته سندس بک ختم ٿي ويندي هئي. وري پاڻ عبادت ۾ مشغول ٿي ويندو هو.

ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته سندس خوراڪ ڪافي گهٽ هئي. رياضت جي مرحلن ۾ پاڻ ڏکيا روزا به رکيائين. گهٽ کائڻ، گهٽ سمهڻ، گهٽ ڳالهائڻ ۽ ڪنداڻتو رهڻ سندس زندگي ۽ سندس تعليم ۽ تبليغ جا اهم جزا هئا پر سندس ڪلام ۾ ڪنهن به هٺ ڌرميءَ جي ڪڏهن وڪالت ٻڌڻ ۾ نه آئي. اها ڳالهه بابا گرونانڪ جي حوالي سان پائي گورداس به ائين لکي ٿو.

ربت اک آہار کر روڑاں گور کری وِچھائی
بھاری کری تپسّیا وڈے بھاگ ہر سنو بن آئی۔[57]

منهنجي ماني ڪاٺ جي ۽ 'ربت اک آہار کر'، محض استعاري اشارا آهن. دراصل ڳالهه هيءَ آهي ته درويش لذيذ کاڌا نه کائيندا آهن. اهي رُکو سُکو کائي پنهنجو گذران ڪندا آهن. ڪنهن سالڪ چواڻي: مالڪ جي

عبادت گذارڻ لاءِ ان ڀاڱي گھٽ رکيو ويو آهي.[58] گرونانڪ انهي اصول کي نظر ۾ رکندي چوي ٿو: نقراءَ 'الپ آهار سُلپ سي نِدرا' يعني گھٽ کائڻ ۽ گھٽ سمهڻ جو تاڪيد ڪندا هئا. اهوئي منهنجي ماني ڪاٽي جي ۽ ريت اڪ آهارڪر جو اصل مقصد آهي. بابا فريد جي دوهي جي ٻي سٽ ۾ آهي ته 'جِنا کهادهي چوپڙي گھڻے سہن گے دُکھ' چوپڙيءَ جو مطلب لذيذ کاڌا آهن. گھڻي سهن گي دک. جي معنيٰ آهي، حسي لذتن ۽ خواهشن طرف مائل ڪندڙ ذائقا، انسان کي گناهن ڏانهن مائل ڪندا آهن، جن جي سزا ڀوڳڻ لاءِ انسان کي بيشمار ڏک ۽ اذيتون برداشت ڪرڻيون پونديون آهن.

ان ئي سلسلي ۾ بابا فريد جو هڪڙو ٻيو دوهو آهي:

فريدا! ہوں بلہاری تنهاں پنکھیاں جنگل جنهاں واس
ککر چُگّن، تھل وسّن، ربّ نه چھوڈن پاس[59]

پاڻ چون ٿا ته مبارڪ آهن اهي پکي، جيڪي جهنگ ۾ رهندا آهن، ڪکرا چگھندا آهن پر رب جو ساٿ نه ڇڏيندا آهن. سندس چوڻ جو هي مطلب آهي ته رب جا سچا عابد رکي سکي کائي، صبر جي زندگي گذاريندا آهن ۽ زندگيءَ جي هر مشڪلات کي خوشيءَ سان خدا جي رضا ميڄيندي، سندس بندگي ۽ عبادت ۾ سچي دل سان رُڌل رهندا آهن. پاڻ وڌيڪ چيو اٿائين:

رُکّھی سُکّھی کھاءِ کے ٹھنڈا پانی پیئو
فریدا! دیکھ پرائی چوپڑی نه ترسائیں جیئو[60]

سچو درويش مالڪ جي مرضيءَ تي راضي برضا رهندي زندگي گذاريندو آهي. پنهنجي حق حلال جي ڪمائيءَ مان جو به رکو سکو نصيب ۾ خدا طرفان حاصل ٿيندو اٿس، اها هن لاءِ سڀ کان اعليٰ نعمت هوندي آهي، هو خدا جي عشق ۾ ان حد تائين محو هوندا آهن، جو هو ٻين جي عيش عشرت جي زندگيءَ طرف اک کڻي به نه ڏسندا آهن.

ڪشف ۽ ڪرامتون:

ٻين ڪامل درويشن جيان ڪيترين قسمن جون ڪرامتون بابا فريد جي نانءَ منسوب ٿيل آهن. ڪشف المحجوب جي ليکڪ حضرت

داتا گنج بخش چوائي: ڪرامت يا معجزو ولي ۽ پيغمبر جي پاران قدرتي آهي. حضرت نظام الدين مڃيو آهي تہ ولي الله کي اها قدرت هوندي آهي تہ هو بنا تعليم هر علم حاصل ڪري وٺندو آهي، جيئن شيون ماڻهو خواب ۾ ڏسندا آهن، اهي هو جاڳ جي حالت ۾ ڪليل اکين سان ڏسي سگهندا آهن. نقط خيال، توجهہ يا هڪڙي نظر سان ماڻهن جي دلين کي جيڏاهن چاهين لاڙي ٿا سگهن.[61]

بابا فريد هڪ ڀيري هڪڙو تصو ٻڌايو:

"هڪڙو بادشاهہ هڪڙي درويش ڏانهن ويو. درويش جي آڏو هڪ ٿالهيءَ ۾ صوف رکيل هو بادشاهہ دل ئي دل ۾ سوچيو تہ جيڪڏهن درويش دلين جا ڀيد ڄاڻي ٿو تہ اهو صوف مون کي ڏيندو. بادشاهہ جي دلي خواهش کي ڄاڻي درويش هڪ ڪهاڻي ٻڌايس. اها هيئن هئي: هڪڙي گڏهہ جي مالڪ ان کي هِن ڳالهہ تي هيرايو هو تہ هو ماڻهوءَ کي سنگهي ڏسيندو هو تہ هن کي سون جي منڊي آهي يا نہ. جيڪڏهن مان اها ڪرامت ڏيکاريان تہ مان ان منڊي سنگهَندڙ گڏهہ جي برابر ٿيس. جيڪڏهن دل جو راز نہ ٻڌايان تہ ماڻهو ائين سمجهندا تہ درويش دلين جا ڀيد نہ ٿو ڄاڻي. اهو چوندي درويش اهو صوف بادشاهہ کي ڏئي ڇڏيو.[62]

ڪامل فقير روحاني رياضت ۾ مگن پنهنجي مريدن جي هر طرح مدد ڪندا آهن. روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ ڪائنٽ ڪجهہ اهڙا عمل ٿيندا رهندا آهن، جن کي ڏسي انساني عقل دنگ رهجي ويندو آهي. ائين ڪرڻ سان سندن اصل مراد مريدن جي مدد ڪرڻ آهي. طاقت يا ڪرامتن جو نماءُ نہ. ان باري ۾ بابا فريد سان لاڳاپيل ٻہ واقعا غور طلب آهن:

هڪ ڀيري هڪڙو مريد بابا فريد جي ديدار لاءِ اچي رهيو هو. رستي ۾ هڪڙي بدڪار عورت کيس پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي ورتو. بلڪل انهيءَ ويل اوچتو هڪڙي شخص سندس ويجهو اچي کيس ڳل تي چماٽ وهائي ڪڍي ۽ چيائينس: "توکي شرم نہ ٿو اچي، تون هليو تہ مرشد جي ديدار جي نيت سان آهين، پر هي تون ڇا ٿو ڪرين؟" اهو ٻڌندي ئي سندس ڪپاٽ کلي ويا. هو ڊوڙندو وڃي مرشد وٽ پهتو ۽ پنهنجو سِرُ سندس قدمن تي رکي ڇڏيائين. بابا فريد چيس، "توکي الله تعاليٰ گناهہ کان بچائي ورتو. ان جو شڪر بجا آڻ. شڪرانو ئي سندس دروازي جو نذرانو آهي."

ائين ٻئي ڀيري بابا فريد جي علائقي تي هڪڙو بادشاهہ ويڙهہ لاءِ تيار

تي آيو. هو لٽ مار ڪندو ڳوٺ مان ڪافي سامان ڦري ويو. ان هل هنگامي ۾ هڪڙي چاڪيءَ جي خوبصورت زال کي بہ اغوا ڪري ويا. چاڪيءَ روئندو رڙندو بابا فريد وٽ دانهين تي آيو. پاڻ ساڻس همدرديءَ جو اظهار ڪنديءَ ڪيس ڪاڏو ڪارايو ۽ چيائين، "تسلي رک تنهن جي شيءِ ڳولي لهبي." چاڪي بيدليءَ سان اتي رهي تہ پيو پر سندس دل کي سڪون ئي نہ هو. ٽئين ڏينهن حاڪم جو منشي اچي بابا فريد کي منٿ ميڙ ڪرڻ لڳو ۽ چيائين، "حاڪم مون کي حساب ڪتاب جاچڻ لاءِ گهرايو آهي، جنهن جو چوٽڪارو ڪرايو." بابا فريد کي ان ڳالهہ جي پروڙ هئي تہ اهو نيڪ شخص بي ڏوهي آهي. پاڻ چيائونس، "تون فڪر نہ ڪر. توکي ڪا بہ سزا نہ ملندي، اجا بہ انعام ملندءِ، پر انعام ۾ ملندڙ هڪڙي شيءِ اسان کي ڏجانءِ." منشيءَ چيو "حضور سڀ ڪجهہ اوهان جو آهي، اوهان مون تي رحم ۽ ڪرم ڪريو." بابا فريد ان چاڪيءَ کي ساڻس روانو ڪيو. منشيءَ جو معصوم چهرو ڏسي حاڪم چيس "هن کي انعام ڏئي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ هڪڙي عورت بہ ڪيس انعام ۾ ڏئي ڇڏيو." حڪم مطابق منشيءَ کي انعام ڏنو ويو ۽ عورت سندس حوالي ڪئي وئي. اها عورت چاڪيءَ جي زال هئي. چاڪي پنهنجي زال ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. زال مڙس بابا فريد جا ڳڻ ڳائيندا پنهنجي گهر واپس ويا.* فقراء جي اهڙن روزمرهہ جي انساني ۽ روحاني مدد ملڻ جي واقعات کي ماٺهو ڪرامتن جو رنگ ڏيندا آهن ۽ ساڻن منسوب ڪري ڇڏيندا آهن. عام فارسي چوڻي آهي تہ "پير اڏامندا ناهن، مريد کين اڏاريندا آهن."** يعني پير ڪرامات نہ ڪندا آهن، مريد ڪيترين ڪرامتون ساڻن لاڳو ڪري ڇڏيندا آهن. مريدن کي شايد ان ڳالهہ جو خدشو رهندو آهي تہ سندن پير مرشد ٻين جي پير مرشد جي مقابلي ۾ گهٽ تصور نہ ڪيا وڃن. ان ڪري جيئن ڪرامتون ٻين درويشن سان منسوب ڪيون ويندڙيون آهن. هو انهن کان بہ اڳتي وڌيءَ پنهنجي پيرن جي نانءِ ڪرامتون جوڙي وٺندا آهن. هڪ درويش جي باري ۾ چيو ويو آهي تہ هو جڏهن ڪمبي جو ارادو ڪندو هو تہ فرشتا ڪمبو ڪٽي اچي سندس اڳيان رکندا هئا. ڪنهن ٻئي درويش جي باري ۾ لکيو ويو آهي تہ ڪيس ڪٿي جلدي پهچڻو هو هو هڪڙي ديوار تي چڙهي وينو. هن ديوار کي ٿڦڪي هنئي ۽

---

* تفصيل لاءِ ڏسو سريشٽ گوشان مترجم پريتم سنگهہ ص: 58_61

** پير ان نمي پرند مريدان پرانند.

حڪم ڏنائينس تہ هل. ايترو چوڻ جي دير هئي تہ ديوار گهوڙي جيان ڊوڙڻ لڳي. عقلمند پاڻ ان ڳالهہ مان اندازو لڳائي ٿا سگهن تہ اهڙي طرح جي ڪرامتن جي ڪهڙي اهميت ٿي سگهي ٿي؟ اهڙين ڪرامتن جو تاجي پيٺو اَندڙ عقيدتمند ان ڳالهہ جي ذري جيتري بہ پرواهہ نہ ڪندا آهن تہ هو پنهنجي پيرن واسطي، ڪوڙي عقيدت جي اثر هيٺ بدل بڌايل ڳالهين جي سهاري جيڪو ڪجهہ بہ چوندا آهن، ڇا ان درويش جي اصل تعليم جي خلاف ۽ ابتڙ نہ آهي؟ مرزا فريد الدين بابا فريد سان اهڙيون ٿيهہ ڪرامتون وابستہ ڪيون آهن. پر انهن سان گڏوگڏ اهو بہ چيو اٿس تہ ڪرامتون ڏيکارڻ اسلام ۾ ڪنهن پر جائز ناهن ۽ صوفي درويشن جي تعليم مطابق ناهن.[63]

مولانا الحاج واحد بخش سيال چشتيءَ چواڻي: بابا فريد ۽ ٻين اعليٰ درجي جي درويشن ڪرامتون نہ ڏيکاريون. ڇاڪاڻ جو ڪرامتون ڏيکارڻ ننڍي ڳالهہ آهي. ڪرامتن ڏيکارڻ سان روحاني رتبي ۾ ڪوٽ پوندي آهي. سالڪ جيئن جيئن ذات حق تائين رسائي حاصل ڪندو آهي، پاڻ هرتو ڪرامتن کان متي هليو ويندو آهي. الله تعاليٰ جي ذات ۾ فنا ٿيل درويش ڪرامتون ڏيکارڻ بجاءِ الله تعاليٰ جي رضا ۾ راضي رهڻ پسند ڪندو آهي.[64]

بابا فريد جي مرشد حضرت بختيار ڪاڪيءَ چيو تہ "الڳ الڳ صوفي درويشن مقامات ۽ منزلن جي ڳڻت الڳ الڳ طريقي سان ڪئي آهي. ڪنهن درويش ترقيءَ جا هڪ سو مقام ٻڌايا آهن. ڪنهن اسي تہ ڪنهن پنجونجاهہ. چشتي سلسلي جي درويشن پندرهن روحاني مقامن جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪي درويش روحاني سفر جون هڪ سؤ منزلون ٻڌائين ٿا، انهن مطابق اَسيهين منزل تي پهچي ڪرامتن جي طاقت حاصل ٿي ويندي آهي. چشتي درويشن مطابق ڏهين منزل تي پهچڻ وقت ڪرامتن جي سگهہ حاصل ٿي ويندي آهي. جيڪو بہ مجاهد ان مقام تي پهچي، ڪرامتن جي اظهار سان پنهنجو پاڻ ڪي ظاهر ڪندو آهي، ان جي باقي منزلن تي رسائي بيهي ويندي آهي. ڪامل درويش اهو ئي آهي، جيڪو آخري مقام تي پهچي بہ ڪرامتن جي مظاهري کان پاڻ کي پليندو آهي.*[65]

* رضوي صوفين درويشن بابت لکيل گهڻين لکڻين جي تاريخي سچائيءَ تي شڪ جو اظهار ڪيو آهي. ان کي وڏاءَ قرار ڏئي نيڪ جعلسازي Pious Forgery جو نالو ڏنو آهي. سندس خيال آهي تہ بابا فريد جي نالي منسوب اڪثر ڪرامتون من گهڙت آهن. جيڪي چشتي درويشن جي منافي آهن. تفصيل لاءِ ڏسو هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا، حصو 1_ ص: 20_1

سرڪار، حڪومت ۽ سياست کان دوري:

وچين دؤر جا صوفي درويش عام طور تي ۽ چشتي درويش خاص طور تي، پنهنجي زماني جي سرڪار کان پرڀرو رهڻ پسند ڪندا هئا. وڏا سرڪاري عملدار، وزير، شهزادا ۽ سلطان، اڪثر سندن درٻار ۾ ايندا رهندا هئا. پر درويش نہ پاڻ سندن ويجهو وڃڻ پسند ڪندا هئا ۽ نہ ئي ڪانئن ذاتي فائدو حاصل ڪندا هئا ۽ نہ ئي وقت جي سياست ۾ ڪنهن بہ قسم جي دخل اندازي ڪندا هئا. سندن تعليم جو طريقو انسانن جي دلين ۾ اخلاقي ۽ روحاني وصفون پيدا ڪرڻ هوندو هو. بابا فريد پنهنجي مريدن کي وڏي واڪي چٽن لفظن ۾ شهزادن جي صحبت کان پري رهڻ جي تلقين ڪندو هو.[66]

بابا فريد پنهنجي سڄي ڄمار ان اصول تي ڪاربند رهيو. پاڻ نہ ڪڏهن فاقاڪشي ۽ نہ ئي درٻار جي تعظيم ۽ وڏائي جي ڪري پنهنجي اصولن تي سمجهوتو ڪيو. جڏهن تہ ڪيترن ئي عالمن، ملن ۽ قاضين پنهنجا دامن داغدار ڪري ڇڏيا هئا پر پاڻ سندن صحبت کان پري رهيا. سندس هڪڙي مريد سيد مولانا اجوڌن کان دهلي وڃڻ جي اجازت گهري تہ کيس صاف طور نصيحت ڪيائين تہ "دهليءَ وڃڻ لاءِ بضد آهين تہ منهنجي نصيحت کي سدائين ياد رکجانءِ تہ تون شاهن ۽ سندن عملدارن کان هميشہ بچندو رهجان."[67]

مولانا سيد دهليءَ پهچي پنهنجي پير جي هدايت جي خلاف شاهي عملدارن سان ميل ميلاپ وڌائي ڇڏيو. اها خانقاه سياسي آکاڙو بڻجي وئي. آخرڪار سندس جسم ۾ ڪوڪا چڀايا ۽ ڇرا کپايا ويا ۽ هن تي مست هاٿي ڇڏي کيس مارايو ويو.[68]

سلطان التمش خواجہ بختيار ڪاڪيءَ کي "شيخ الاسلام" جي خطاب جي پيشڪش ڪئي، هن اهو قبول نہ ڪيو حضرت نظام الدين اولياءَ کي ڪيترائي ڀيرا جاگير جي پيش ڪش ڪئي وئي، پاڻ کلي چوندو هو تہ "چشتي درويشن ڪڏهن جاگيرون قبول نہ ڪيون."[69]

بابا فريد مريدن کي نصيحت ڪندو هو تہ سرڪاري عزت ۽ دٻدٻي جا طلبگار نہ بنجو روحانيت کي ڪنهن بہ صورت ۾ دنياوي خواهشن تي قربان نہ ڪريو.

حضرت بختيار ڪاڪيءَ جي هڪڙي مريد ۽ بابا فريد جي پير ڀائي بدر الدين غزنوي هڪڙي بادشاهي عملدار نظام الدين جي مدد سان خانقاهه جوڙائي، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهو عملدار غبن ڪندي جهلجي پيو ته بدر الدين بابا فريد کي هڪڙو خط موڪليو ته توهان هن عملدار لاءِ دعاگو ٿيو. پاڻ بدر الدين کي لکي موڪليائين ته:

"مون کي منهنجي ڀاءُ جو خط مليو خوشي ٿي، جيڪو به پنهنجي بزرگن جي روايتن جي خلاف ورزي ڪندو، ان کي ڏک ۽ تڪليف سهڻي پوندي، اسان جي سلسلي جي ڪنهن به بزرگ، پنهنجي رهڻ يا تبليغ خاطر ڪڏهن به ڪا خانقاهه نه جوڙائي آهي. اهو اصول نه اسان جي پير حضرت بختيار ڪاڪيءَ جو هو ۽ نه ئي سندس پير خواجه معين الدين چشتيءَ جو هو. هن پنهنجي ڪنهن به مريد کان اهڙي خانقاهه نه جوڙائي هئي، جنهن کي هو دنيادارن جيان ٺاهي سجائي رکندا هجن. هو هيڪلائي پسند هوندا هئا ۽ عوام جي نظرن کان پري رهندا هئا. ان ڪري اوهان جي لاءِ به لازم آهي ته اوهان به اهڙي قسم جي وڏن ماڻهن جي ويجهڙائيءَ کان پاسو ڪريو."[70]

شادي:

چيو ويندو آهي ته بابا فريد جي شادي سلطان بلبن جي ڌيءَ سان ٿي هئي پر ڊاڪٽر نظامي تاريخي نظريي سان اها ڳالهه نه ٿو مڃي.[71]

دهليءَ جو سلطان بلبن بابا فريد جو بيحد احترام ڪندو هو. هڪ پيري ڪنهن ضرورتمند، بابا فريد کي هر هر چيئي، پنهنجي لاءِ سلطان جي نالي هڪ سفارشي خط لکرايو بابا فريد عربي ٻوليءَ جي ان خط ۾ لکيو "مون هن جو سوال پهرين خدا جي حضور ۾ پيش ڪيو هاڻ خدا جي حڪم سان تنهنجي آڏو ٿو رکان. جيڪڏهن تون هن کي ڪجهه ڏيندين ته داتا (ڏيندڙ) دراصل الله تعاليٰ هوندو پر ان جي فضليت توکي ملندي، جيڪڏهن تون هن کي ڪجهه نه ڏيندين ته حقيقت ۾ خدا جو منڪر ٿيندين."[72]

پاڻ پنهنجي لاءِ يا پنهنجي مريدن لاءِ ڪنهن سلطان جي خوشامد نه ڪندو هو. پاڻ حقيقي داتا ۽ ڪل ڪائنات جي مالڪ کي ئي مڃيندو هو.

ڊاڪٽر نظاميءَ چواڻي ملتان جو گورنر، بلبن جو سوٽ شير خان، بابا فريد جي گلا ڪندو هو. بابا فريد اڪثر ڪيس چوندو هو "افسوس! تون ان اصليت کان بيخبر آهين، جڏهن توتي حقيقت ظاهر ٿيندي ته ان ويل پڇتائڻ مان ڪجهه نه ورنديءِ."[73]

نيٺ ائين ئي ٿيو. ڪجهه عرصي کان پوءِ شير خان کي سخت رسوائي ۽ ندامت سامهون آئي. بابا فريد عام ماڻهن کي ڪافي نصيحتون ڏنيون آهن پر شاهن ۽ سياستدانن کي صرف هڪڙي نصيحت ڪئي آهي، "ملڪ به وزير خدا ترس ضبط ڪن."[74] يعني ملڪ جي واڳ ڪنهن خدا ترس وزير جي هٿ ۾ ڏجو.

چشتي سلسلو ۽ بابا فريد:

هندوستان ۾ صوفين جي چشتيه سلسلي جو بنياد خواجه معين الدين چشتيءَ رکيو. حضرت بختيار ڪاڪيءَ جي دؤر ۾ هي سلسلو ڪافي وڌيو ويجهيو پر چشتين جي اخلاقي ۽ روحاني بنياد مضبوط ڪرڻ ۽ انهن کي عوام ۾ پهچائڻ ۾ بابا فريد جو وڏو هٿ آهي.

بابا فريد جي مريدن ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو شامل هئا. هڪڙا اهي جن صرف روحانيت کي زندگيءَ جو اڪيلو نشان ڄاتو ٿي. ٻيا اهي جيڪي دنياوي ذميوارين کي سنڀاليندي، مرشد جي هدايت جي نظر هيٺ روحاني ترقيءَ جي ڪوشش ڪندا هئا. ٻئي قسم جي ماڻهن لاءِ لازمي هو ته هو مرشد جي حڪم مطابق، بنا ساهي پٽڻ جي عبادت ڪندي زڪوات شريعت ۽ زڪوات طريقت ادا ڪندا رهن. پهرئين قسم جي مريدن لاءِ زڪوات حقيقت* پهريون شرط هو.[75] ان ڪانسواءِ هنن لاءِ وڏيڪ هدايت هيءَ هئي:

"روحاني ترقيءَ لاءِ شريعت جو پابند رهڻ ۽ مشين جيان ذڪر ڪندو رهڻ ڪافي ناهي، شاغل (مطلب خدا جو ذاڪر) جي نس نس مان روحانيت جي خوشبوءِ اچڻ گهرجي. ان کي گهرجي ته دل جي صفائيءَ طرف پورو پورو ڌيان ڏري، جو ته نفس تي ضابطو ۽ دل

---

* آمدنيءَ جو ائون حصو خيرات ۾ ڏيڻ زڪوات شريعت آهي. ست حصا خيرات ۾ ڏيڻ زڪوات طريقت آهي. پنهنجو سڀ ڪجهه الله جي راهه ۾ ڏئي ڇڏڻ زڪوات حقيقت مڃيو ٿو وڃي. تفصيل لاءِ "راحت القلوب" ڏسو ص: 9

جي صفائيءَ ڪانسواءِ روحاني ترقي ناهي ٿيندي معرفت جي طالب لاءِ اهو ضروري آهي تہ پنهنجي دل مان شهوت، غصي، حسد ۽ نفرت وغيره کي پاڙان پٽي اڇلائي. ڪنهن سان جهيڙو جهڳڙو نہ ڪري پر دشمنن کي بہ دوست بڻائڻ جي ڪوشش ڪري.[76] اهل معرفت کي اميرن کان پري رهڻ گهرجي. دولت ۽ حشمت، عزت، وڏائي ۽ چمڪ دمڪ اخلاق کي ڪمزور ڪندا آهن ۽ روح جي لاءِ پيرن ۾ زنجيرن جو ڪم ڪندا آهن.[77] سالڪ کي دنياوي ذميواريون نباهيندي، پنهنجا سڀ فرض خير خوبيءَ سان ادا ڪرڻ گهرجن پر دل هميشہ سچي دوست ڏانهن هئڻ گهرجي.[78]

بابا فريد ديني ڪتابن جي مطالعي ۽ روحاني مسئلن جو حامي هو. ان سان گڏوگڏ پاڻ ان ڳالهہ تي بہ زور ڏيندو هو تہ محبت ۽ عقيدت بنا، عقل جو ڪوڏيءَ جيترو بہ ملهہ ناهي.[79] پاڻ پنهنجي مريدن کي محض متڪلم بڻائڻ نہ چاهيندو هو. سندس اصل مقصد وصفن ۾ خالص اخلاقي وصفون پيدا ڪرڻ هو. پاڻ ڪين ڪورا عالم نہ پر عامل بڻائڻ گهرندو هو. پاڻ جن مريدن کي پنهنجي مسلڪ جي روحاني تعليم ۽ تبليغ جي لاءِ پنهنجو خليفو مقرر ڪندو هو انهن مان بلند اخلاق ۽ اعليٰ درجي روحاني پهچ جي اميد رکندو هو. حضرت نظام الدين کي پنهنجو خليفو مقرر ڪرڻ ويل پاڻ چيائونس، "الله تعاليٰ اوهان کي علم ۽ عقل سان نوازيو آهي ۽ عشق بہ عطا ڪيو آهي. ڪنهن مرشد جي خليفي جي نامزدگيءَ خاطر انهن ٽنهي وصفن جو هجڻ تمام ضروري آهي.[80]

بابا فريد پنهنجي زندگيءَ جي دوران ڪيترائي خليفا مقرر ڪيا، جيڪي مرشد جي حڪم ۽ ان جي رهنمائيءَ ۾ چشتي طريقي جي تعليم ۽ تبليغ ڪندا هئا. انهن مان شيخ مجيب الدين متوڪل، مولانا بدر الدين اسحاق، شيخ جماالدين هانسوي، شيخ نظام الدين اوليا، شيخ عارف، شيخ علي احمد صابر، مولانا فخر الدين صفاهاني مشهور آهن.[81]

خليفو صرف اهڙي شخص کي مقرر ڪيو ويندو هو جنهن کي مرشد ان جي قابل ڄاڻندو هو. بابا فريد ڪچن ۽ اڌورن خليفن جي حق ۾ نہ هو. پاڻ چوندو هو تہ "سڀ کان وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ پير باطني ڪشف ۽ الاهي فرمان جي مطابق مريد کي خلافت عطا ڪندو آهي، گهٽ ۾ گهٽ مريد جي صلاحيت

ڪي نظر ۾ رکي مرشد جي رحمت جو شامل حال هئڻ ضروري آهي."[82]

بلگرام جو مولانا فخر الدين صفاهاني پنهنجي علائقي ۾ ڪافي مقبول هو. هن هڪڙي صوفي شيخ دائود جي وسيلي سفارش ڪرائي ته بابا فخر الدين کي خلافت عطا ڪريو. اجا به شيخ دائود حضرت نظام الدين ۽ مولانا شهاب الدين کان به سفارش ڪرائي. بابا فريد چيس:

اين كارِ حق است با آرزُو نيست،
هر كه قابل باشد خواسته بيايد

يعني: اهو حق تعاليٰ جو ڪم آهي، ڪنهن جي گهرڻ سان خلافت نه ملندي. جيڪو ان جي قابل هوندو آهي، ان کي بي گهرئي ملي ويندي آهي.[83]

بابا فريد اڪثر هن ڳالهه تي زور ڏيندو هو ته مرشد ۽ مريد جو پاڻ ۾ زنده رشتو هوندو آهي. ڪو به انسان ڪنهن گذريل مرشد جو مريد نٿو ٿي سگهي. جيسين مرشد پاڻ هن کان بيعت نه ڪرائي، مرشد ۽ مريد جو روحاني رشتو قائم رهي نه سگهندو. بيعت صرف ڏيکاءَ خاطر ناهي. هي مرشد ۽ مريد جي وچ ۾ هڪڙو اقرار نامو آهي. مريد مرشد جي هدايتن تي عمل ڪرڻ جو دعويدار هوندو آهي، ۽ مرشد کيس حق جي سڌي واٽ (راهِ مستقيم) تي هلائڻ جي ذميواري کڻندو آهي. بابا فريد جي هڪڙي پٽ حضرت بختيار ڪاڪيءَ جي مزار تي مٿو ڪوڙائي اعلان ڪيو ته مون حضرت ڪاڪيءَ جي بيعت ڪئي آهي، جڏهن بابا فريد کي ان جو اطلاع مليو ته پاڻ چيائين، "شيخ قطب الدين بختيار ڪاڪي منهنجو مرشد اعظم آهي، پر اها بعيت درست ناهي، بيعت ڪرڻ جو هي طريقو آهي ته مريد، مرشد جو هٿ جهلي."[84]

بابا فريد پنهنجي مريدن جي اخلاقي ۽ روحاني تربيت تي وڏيڪ ڏيان ڏريندو هو. باطني علم جي وسيلي هو پنهنجي هر مريد جي اندروني ڪيفيت کان باخبر رهندو هو. هو محبت، همدردي، سوجهه ٻوجهه ۽ ضرورت ويل پوريءَ سختيءَ سان سندن هر قسم جي نقص کي دور ڪري انهن ۾ سچي روحانيت کي پختو ڪندو هو.[85]

هڪ ڀيري مولانا بدرالدين اسحاق مرشد جي حڪم جي خلاف قرآن

شريف جي تلاوت ڪندو رهيو. بابا فريد ڪيس سمجهايو ته "مرشد جو حڪم بجا آڻڻ کان سواءِ تلاوت يا رياضت ڪارگر ناهي. مرشد جي حڪم جي نافرمانيءَ سان عبادت ۾ زبردست رڪاوٽ پوندي آهي."[86]

حضرت نظام الدين اولياءَ جو چوڻ آهي:

"مرشد ڪامل اهو آهي، جيڪو روحاني سفر طئي ڪري چڪو هجي ۽ مريد کي به روحاني سفر طئي ڪرائڻ ۾ مدد ڪري. جيڪو مريد جي مال ۽ دولت تي نظر رکڻ بنا مريد جي روحاني تربيت ڪري ٿو جنهن کي هو خدا جي نالي پنهنجي مريديءَ ۾ آڻي ٿو ۽ ڪنهن به حالت ۾ ڪانئس منهن موڙ نٿو ڪري. جنهن ڪم کان ڪيس مرشد جهليو هجي، پنهنجي مريدن کي به انهيءَ کان پري رهڻ جي تلقين ڪري. جيڪڏهن مريد اشاري سان يا هدايت ۽ نرميءَ سان سڌي واٽ نه وٺي ته سندس بهتريءَ لاءِ هن تي سختي ڪرڻ کان به نه رهي، ڇو ته مرشد دائيءَ جيان آهي ۽ مريد ٻارڙي مثال."[87]

هڪ ڀيري بابا فريد 'عوارف المعارف' جو تفسير ٻڌائي رهيو هو سندس مريد نظام الدين وچ ۾ پنهنجو دليل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. بابا فريد کي اها ڳالهه بهتر نه لڳي، هو ڪانئس خفي ٿي ويو. نظام الدين کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ پشيماني به ٿيس. مرشد سندس خطا معاف ڪري ڇڏي ۽ پوءِ وري ڪيس پنهنجو جانشين مقرر ڪيائين.[88] ان ڳالهه مان ظاهر آهي ته مريد جي روحاني تربيت ڪيترو اهانگو ڪم آهي. دراصل روحانيت جو سڄو راز مرشد جي ذات ۾ لڪل هوندو آهي. ڪنهن به ڪامل پير جي رحمت ڀريل تربيت بنا، مريد جي روحاني تربيت ۾ ترقي مشڪل ئي نه پر ناممڪن آهي. بابا فريد جو ڪلام آهي:

بولِيئے سچ دهرم جُهوٹھ نه بولِيئے،
جو گُر دسے واٹ مُريداں جو لِيے۔[89]

يعني: مريد کي گهرجي ته پنهنجي من پسند راهه ڇڏي، مرشد پاران ڏسيل واٽ اختيار ڪري، ڇو ته اها سچائي آهي ۽ دين ڌرم جي اصل واٽ به آهي.

بابا فريد ۽ ٻين چشتي درويشن پنهنجي مريدن جي ترقيءَ لاءِ سڀ کان وڌ زور پنهنجي نفس کي قابو ڪرڻ تي ڏنو آهي. نفس کي قابو ڪرڻ لاءِ سالڪ کي گهرجي تہ:

1۔ حليمي يا عاجزي اختيار ڪري ۽ ٻين کي پاڻ کان افضل ۽ بهتر ڄاڻي.

2۔ دوستن سان تہ سيڪو بهتر هلت هلندو آهي، خدا جي عابد لاءِ لازمي آهي تہ هو دشمنن سان بہ نيڪي ڪري ۽ ساڻن نرميءَ سان پيش اچي.

3۔ پاڻ کي هميشہ خدا جي حضور ۾ تصور ڪري، هر ڪم ڪرڻ کان اول خدا وٽ حاضر هئڻ جو احساس ڪري، گهٽ ۾ گهٽ اهو خيال ڪري تہ الله تعاليٰ سندس هر عمل ۽ فعل تي نظر رکيو ٿو اچي.

4۔ مڪمل طور مرشد جي حڪم جي طابع رهي، ڇو تہ مرشد جي پناهہ، اُن جي رحمت، سندس حڪم جي تعميل کانسواءِ نفس تي قابو پائڻ ممڪن ناهي.(90)

اسلامي دستور جي مطابق چشتيہ سلسلي ۾ شراب پيئڻ، نشي آور شين واپرائڻ جي منع ٿيل آهي. نشو ڪندڙ شين جو واهپو تہ هڪ طرف رهيو صوفي درويش ۽ شاغل اهڙين شين جي ويجهو بہ نہ ويندا آهن. جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي تہ بابا فريد وٽ هڪڙو قلندر ڀنگ گهوٽي رهيو هو. ڀنگ جا ڪجهہ ڇنڊا، بابا فريد جي مصلي تي وڃي پيا. بابا فريد جي خدمتگار کي اها حرڪت ناگوار لڳي تہ مرشد جو مصلو ناپاڪ ٿي پيو.

بابا فريد جي دربار ۾ عورتن جو مردن کان وڌ احترام ڪيو ويندو هو.(91) پاڻ، چوندو هو تہ عورتن ۾ خدا جي عبادت جو جذبو مردن کان ڪجهہ درجا بهتر ۽ پختو هوندو آهي، پاڻ اڪثر پنهنجي والده جي تعريف ڪندو هو ۽ ان ڳالهہ تي زور ڏئي چوندو هو تہ نيڪ سيرت مائرون، پنهنجي ٻارن ۾ اعليٰ ۽ نيڪ اخلاق پيدا ڪري سگهنديون آهن. درويشان چشتيہ جو عقيدو هو تہ انسان جي فضيلت تزڪيہ نفس (من جي پاڪائي) ۾ آهي، عورت يا مرد هئڻ ۾ ناهي.(92)

چشتي درويشن جو غلامن کي سندن آقائن کان آزاد ڪرائڻ جو هڪ اِنوکو ڍنگ هوندو هو. بابا فريد جي پنهنجي مريدن کي نصيحت هئي تہ صوفي سلسلو هر قسم جي غلاميءَ جي خلاف آهي، ڇو تہ ان ۾ الله تعاليٰ کانسواءِ ٻئي کي آقا مڃڻ جي ممانعت آهي.(93) مالڪ هڪڙو آهي. اهو رب

العالمين آهي، سيني جو هڪجهڙو آقا آهي. ان ڪري ڪنهن بہ انسان کي ٻئي انسان کي غلام بڻائڻ جو حق ناهي.[94] ماڻهن ۾ اها ڳالهہ عام هئي تہ پير ۽ مرشد ڪنهن غلام کي آزاد ڪرائڻ سان ڏاڍو خوش ٿيندا آهن. هر نئون مريد ترت ئي پنهنجي غلام کي آزاد ڪري ڇڏيندو هو بلڪ اهو ٻين غلامن کي آزاد ڪرائڻ جي بہ ڪوشش ڪندو هو.

هڪ ڀيري شيخ شرف الدين ناگوري بابا فريد جي ديدار لاءِ آيو. سندس ٻانديائيءَ مرشد جي لاءِ دستار نذراني طور موڪلي. شيخ صاحب ٻانديائيءَ واري دستار بابا فريد کي پيش ڪئي. پاڻ چيائونس "خدا ڪيس آزادي بخشي، آزاديءَ جهڙي تہ ڪا بہ شيءِ ناهي." گهر موٽڻ ويل شيخ سوچيو تہ بابا فريد جي حڪم سان ٻانديائي تہ آزاد ٿي ئي ويندي، چو نہ ان جي قيمت وصول ڪئي وڃي. وري خيال آيس تہ جيڪڏهن هيءَ ڪنهن ٻئي جي قبضي ۾ وڃي آزاد ٿي تہ ان جو ثواب ان کي ملندو مون کي نہ اهو سوچيندي شيخ گهر هلندي ئي ان ٻانديائيءَ کي آزاد ڪري ڇڏيو.[95]

خواجہ معين الدين چشتي جي وسيلي شروع ڪيل ۽ حضرت بختيار ڪاڪيءَ جي ڪوشش سان اڳتي وڌايل، چشتي سلسلي بابا فريد جي رهنمائيءَ ۾ هڪ زوردار لهر جي شڪل اختيار ڪري ورتي هئي. بابا فريد کان پوءِ سندس مريد اعليٰ، جانشين حضرت نظام الدين اولياءَ ان تحريڪ کي اڃان بہ وڌايو ۽ پختو بنائڻ ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نہ ڪئي. انهن ڪامل پيرن جي وسيلي دل و جان سان ماڻهن جي ڪيل رهنمائي سان ملڪ ۾ روحاني حلقن ۾ بابا فريد ۽ چشتيہ سلسلي جي درويشن جي قدر و قيمت وڌيڪ ۽ ان سلسلي جي معتقدن جو ڳاڻيٽو تهائين وڌي ويو. جنهن سان هِن سلسلي جي شهرت، عزت پري پري جي علائقن ۾ وڃي پهتي.

عظيم شخصيت:

بابا فريد منڍ ۾ وليندڙ تہ هئو ئي، سندس شڪل و صورت بہ نهايت وڻندڙ ۽ رعبدار هئي، چهري مان نور ربي جهلڪندو هوس. سندس صحبت ۽ قربت ۾ اچڻ واري کي سڪون ۽ چين ملندو هو. پاڻ جيڏانهن بہ ويندو هو عوام پاڻ مرادو ڇڪجي ايندا هئس.[96]

تمام گهٽ ڳالهائو هو پر سندس هر قول روحاني رمزن سان ڀرپور هوندو هو. ماڻهن کي جيترو وڌيڪ ساڻس گڏ ويهڻ جو شرف حاصل ٿيندو هو اوترو هو سندن تعليم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، اوترو ئي انهن جو اعتماد پختو ٿيندو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته سندس قول ذاتي تجربي ۽ مشاهدي تي ٻڌل هوندا هئا، تنهن ڪري سندس تعليم جو انهن جي دلين تي گهرو اثر پوندو هو.

سندن وڏو مريد حضرت نظام الدين اولياءَ جڏهن ٻهريون ڀيرو ساڻس ملاقات لاءِ اجوڌن آيو هو ته ان وقت سندس عمر لڳ ڀڳ نوي ورهيه هئي. ان وقت سندس ڪيترائي پراڻا پيارا مريد موجود هئا. پاڻ انهن سڀني کي ڇڏي پنهنجي هن نئين مريد کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو. اهو سڀ ڪجهه هن پنهنجي باطني علم جي نظر سان ڪيو هو. ڪير چئي ٿو سگهي ته سندس فيصلو درست نه هو؟ حضرت نظام الدين چوندو هو ته "جڏهن هو شيخ صاحب جي پناهه ۾ ايندو هو ته سندس دل ۾ ڪشمڪش جاري ٿي ويندي هئي ته تعليم جاري رکان يا ڇڏي ڏيان." هڪ ڏهاڙي بابا فريد پاڻ مرادو هن کي چيو: "مون ڪڏهن به ڪنهن کي تعليم حاصل ڪرڻ کي ڇڏي ڏيڻ لاءِ ناهي چيو درويش کي گهرجي ته هو تيسين ٻاهريون علم ۽ اندروني شغل جاري رکي، جيسين ٻنهي مان هڪڙي جي ڪشش ٻئي تي حاوي نه ٿي وڃي."[97]

بابا فريد صوفي ادب جو اعليٰ درجي جو عالم فاضل هو. سندس علم صرف ڪتابي علم تائين ئي محدود نه هو. ڪيس انساني نفس جي به گهري ڄاڻ هئي ۽ پاڻ باطني علم جي نور سان به روشن هو جنهن جي روشنيءَ ۾ پاڻ هر ڳالهه کي ان جي درست حالت ۾ سمجهڻ جي صلاحيت رکندو هو. هيٺ ڏنل واقعو ان سچائيءَ جي بهترين ترجماني ڪري ٿو:

> "پاڪ پٽڻ ۾ هڪڙو مُلو هو جو هميشه فقيرن جي مذمت ڪندو هو. هو اڪثر چوندو هو ته هنن ماڻهن شريعت جا ڪتاب پڙهيا ئي ناهن. هي شخص دين جي ڄاڻ نٿا رکن. هڪ ڀيري هو بابا فريد وٽ اچي اجائي سجائي ڳالهائڻ لڳو. بابا فريد کانئس پڇيو: مولانا، اسلام جا رڪن ڪيترا آهن؟ هن ورائيو: پنج آهن: ڪلمو نماز، روزو، زڪوات ۽ حج. بابا فريد چيس: مون ٻڌو آهي ته ڇهون رڪن به آهي ۽ اهو آهي "ماني." مُلو غصي ۾ ٻر ٿي چوڻ لڳو

"توکي ڪا بہ ڄاڻ ناهي. ان جو ذڪر نہ قرآن ۾ آهي نہ ئي حديث ۾، نہ وري فقھ جي ڪتابن ۾ آهي، توهان ڇهون رڪن ڪٿان جوڙي ڪڍيو؟ خير مولانا ناراض ٿي واپس وري ويو.
ڪجھ عرصو گذرڻ کان پوءِ اهو ملان حج تي اسهيو ۽ ست ورهيہ مڪي مڪرمہ ۾ ترسيو. جڏهن واپس پئي موٽيو تہ رستي ۾ طوفان جي ڪري جهاز پرزا پرزا ٿي ويو. ملان هڪڙي تختي تي لڙهندو، سمنڊ ڪناري ڪنهن اڻ ڏٺل جاءِ تي وڃي سهڙيو. هو بک ۽ اڃ جي ڪري بيحال ٿي ويو وٽس رقم بہ نہ هئي. اتي هڪڙو شخص آيو مٿي تي ٿالھ هوس. ملان جي ماني گهرڻ تي هن چيس تہ تون مون کي حج جو ثواب ڏي تہ بدلي ۾ مان توکي ماني ڏيان.
ملان سوچيو زباني چوڻ سان ڇا ٿيندو. تنهن ڪري زبان سان چئي تو ڏيان، اُڃ، بک تہ اجهايان. اڻ واقف کيس ماني ڏني. وري ٿوري دير کان پوءِ پيهر بک ستايس تہ مانيءَ جي بدلي روزن جو ثواب بہ ان کي ڏئي ڇڏيائين. ٽئين ڏينهن نمازن جو ثواب، چوٿين ڏينهن زڪوات جو ثواب ڏئي ماني کاڌائين. آخري پيري ملان چوڻ لڳس تہ مون وٽ تہ ڪجھ نہ بچيو. ماني وڪڻندڙ چيس ڪا ڳالھ ناهي، تون مون کي صرف اهو لکي ڏي تہ مان مانيءَ جي بدلي سڀ ثواب ڏئي چڪو آهيان ۽ اڄ صرف هيءَ لکت لکي ڏئي رهيو آهيان. ملان اهڙي لکت ڏئي واپس گهر پهچي ويو. جڏهن بابا فريد کي ملان جي واپس موٽڻ جي خبر پئي، تہ هو کيس گرمجوشيءَ سان مليو حج جي سفر جو احوال پڇيائينس ۽ چيائينس تہ اسان، اوهان کي گهڻو ئي ياد ڪندا رهيا آهيون. هاڻ تہ تون مون کان ناراض ناهين؟ ان ڏينهن تون هڪڙي ڳالھ جي ڪري مون سان ناراض ٿي هليو ويو هئين. تو اسلام جا پنج رڪن ٻڌايا هئا پر مون چيو هو تہ ڇهون رڪن بہ آهي. ملان کي سڀ ڪجھ ياد اچي ويو ۽ هن وري وڏي واڪ چيو: مان هاڻي بہ چوان ٿو تہ فقير لوڪ شرع جا ڪتاب ناهن پڙهندا. کين ڪا خبر ناهي، اهين ٽاڻوڙا هڻندا آهن. مون ڪنهن بہ ڪتاب ۾ لکيل ڏٺو ناهي. جيڪڏهن توهان لکيل ڏٺو آهي تہ ڏيکاريو. بابا فريد پنهنجي خادم کي سڏي چيو

اهو ڪاغذ ڪٺي اچ. ملان پنهنجي لکت ڏسي هڪو ٻڪو ٿي ويو ۽ بابا فريد جي پيرن تي ڪري پيو."(98)

اخلاق جي پاڪيزگي:

عظمت جي ماڙيءَ نيڪ ۽ پاڪ اخلاقن جي بنياد تي اوساري ٿيندي آهي، بابا فريد جي زندگي نيڪ، پاڪ، اخلاق جي پاڪيزگيءَ جي قالب مان نڪتل بينظير مثال هئي، ضبط ۽ تحمل، پرهيزگاري ۽ پارسائي سندس زندگيءَ جا بنيادي جزا هئا. گهٽ کائڻ، گهٽ سمهڻ، گهٽ ڳالهائڻ سندس زندگيءَ جا قدرتي حصا هئا.

نرم دلي:

پاڻ انتهائي نرم دل هئا، ٻين جي ڏک کي پنهنجو ڏک ڪري سمجهندا هئا. ڪو ٻه ڏکويل سندس درٻار ۾ دانهين تي ايندو هو تہ سندن دل رجي ويندي هئي ۽ اکيون آليون تي وينديون هئن. پاڻ هر هڪ جي ڳالهہ ڏاڍي پيار سان ٻڌندو ۽ کيس دلاسو ڏيندو هو. ماڻهن جي ڏک درد ۾ برابر شامل ٿيندو ۽ هر ممڪن حد تائين سندس ڏک ڏور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ان باري ۾ هڪڙو واقعو غور لائق آهي:

اجوڌن (پاڪ پٽڻ) جو هڪڙو عملدار پنهنجي منشيءَ کي ڏاڍو تنگ ڪندو هو منشيءَ ڪڪ تي نيٺ بابا فريد وٽ دانهين تي آيو. پاڻ هن جو سمورو حال ڏاڍي غور سان ٻڌو ۽ ان عملدار کي چٺي مُڪي، "فريد تي احسان ڪر، هن ويچاري منشيءَ کي تڪليف نہ ڏي" عملدار اها چٺي پڙهڻ ڪانپوءِ ابتڙ ان جي، ان منشيءَ کي وڌيڪ ستائڻ لڳو. منشي وري بابا فريد وٽ دانهن کڻي آيو. پاڻ چيائونس: "ائين ٿو لڳي تو ڪڏهن ڪنهن مظلوم جي دانهن ئي نہ ٻڌي آهي. تنهن ڪري تنهنجي بہ فرياد ٻڌي نہ وئي." اهو ٻڌي منشيءَ توبهہ ڪئي. اڳتي واسطي هڪ ڏکويل انسان جو ڏک ٻڌڻ ۽ ان جو ڏک ڏور ڪرڻ جو وعدو ڪري ويو. رب جي رضا جو ڪجهہ ڏينهن ۾ ئي عملدار جو رويو منشيءَ ڏانهن بهتر تي ويو ۽ ساڻس همدرديءَ سان پيش اچڻ لڳو.

بردباري:

بابا فريد نهايت مانيٽو مزاج رکندڙ درويش هو. سندس خلاف ڪيترين ٻه چڙ ڏياريندڙ ڳالهيون ڪيون ويندڀون هيون تہ بہ سندس ماٿ جي ڳنڍ ڪڏهن نہ کلندي هئي. سندس بردباري ۽ تحمل مزاجي ظاهري يا غيرفطري نہ هوندي هئي. سندس روح خدا ۾ سمائجي خدا جيان پُرسڪون ۽ ثابت قدم رهڻ واري طبعي ڪيفيت سان ظاهر ٿيل هڪڙو قدرتي سڪون هوس.

هڪ ڀيري هڪڙو افزا دين نالي هڪڙو عالم دهليءَ ۾ آيو. هن مناظري ۾ سيني عالمن فاضلن کي هارائي ڇڏيو. بابا فريد جي شهرت ٻڌي پاڪ پتڻ آيو. شايد اهو سوچي تہ بابا فريد سان بحث مباحثو ڪريان ۽ کيس بہ هارائي وڃان پر بابا فريد ساڻس مناظرو ڪرڻ مناسب ئي نہ ڄاتو. پاڻ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان کيس ٽاريندو رهيو. سندن مريد نظام الدين پاڻ هن سان بحث ڪيو ۽ پنهنجي دليلن سان افزادين کي حيران ڪري ڇڏيائين. جڏهن بابا فريد کي ان ڳالهہ جي خبر پئي تہ پاڻ نظام الدين تي ڪاوڙيا ۽ چوڻ لڳس: "درويشن جو شان جهيڙو ڪرڻ ناهي. تو هن کي گهٽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اهو درويشي ادب ۽ آداب جي خلاف آهي. درويشن جو شان علماءُ جو احترام ڪرڻ آهي، نہ وري کين خوار ڪرڻ." مرشد جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ نظام الدين افزادين کان معافي گهري ورتي ۽ ساڻس نهايت ئي عزت ۽ احترام سان پيش آيو.

حضرت نظام الدين پنهنجي مرشد جي هيءَ ڳالهہ اڪثر ورجائيندو رهندو هو تہ جيڪڏهن، 'تون سڄي دنيا کي پنهنجو دشمن ٿو ناهڻ گهرين تہ پنهنجي 'انا کي اپار'. بابا فريد جي صحبت ۾ اچڻ کان اڳ ۾ نظام الدين محفل ڦٽائيندڙ ٻين جي خيالن جا بخيا اڌيڙيندڙ مشهور هو. بابا فريد جي ارادت جي گهيري ۾ اچڻ کان پوءِ سندس رويو تبديل ٿي ويو. هن پنهنجي مرشد واري انڪساري ۽ عاجزيءَ کي پنهنجائي ڇڏيو هو. هو اها ڳالهہ دل جي گهرائيءَ سان محسوس ڪندو هو تہ مخالفن جي خيالن کي تحمل ۽ ٿڌي دل سان ٻڌڻ گهرجي. جيئن ڪنهن جي دل ۾ ڪا رنجش پيدا نہ ٿي وڃي.

عاجزي ۽ انڪساري:

بابا فريد نهايت نرم دل، عاجزي ۽ انڪساريءَ جو مجموعو هو. پاڻ هر ڳالهہ مالڪ الڪل يا پنهنجي مرشد ڏانهن منسوب ڪندو هو. پاڻ روحاني اسرار رمزون بيان ڪرڻ ويل پنهنجي ذات جي نفي ڪندي پنهنجي ڳالهہ ائين پيش ڪندو هو ڄڻ ڪنهن ٻئي جو تجربو يا مشاهدو بيان ڪندو هجي، پاڻ پنهنجي لاءِ هميشہ عاجز فقير، ناچيز ۽ حقير جهڙا لفظ استعمال ڪندا هئا. صرف مسلمانن، عملدارن ۽ بارسوخ انسانن سان ڳالهائڻ ويل ئي نہ بلڪ عوام ۽ مسڪينن سان بہ عاجزي ۽ انڪساريءَ سان ڳالهائيندو هو.

سندس زندگيءَ ۾ عاجزي ۽ انڪساريءَ جي جهلڪ ظاهر ڏسڻ ۾ ايندي هئي، جنهن ۾ پاڻ روحاني واٽ جي سالڪن کي بہ عاجزي ۽ انڪساريءَ جي وصف پنهنجائڻ جو تاڪيد ڪندو هو.

معافيءَ جو مجسمو:

بابا فريد معافيءَ جو مجسمو هو. هو نہ ڪنهن جي ڳالهہ تي ڪاوڙبو ۽ نہ ئي ڪنهن جي ڳالهہ جو غلط تاثر وٺندو هو. نہ ئي وير پاڙڻ جي خواهش پنهنجي من ۾ رکندو هو. پاڻ هر ڪنهن جي زيادتيءَ کي نهايت صبر ۽ تحمل سان ٻڌندو هو. هڪ ڀيري هڪڙي جادوگر ڪاري جادوءَ سان ڪيس تڪليف پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن اجوڌن جي گورنر کي ان ڳالهہ جو علم ٿيو تہ هن جادوگر کي سخت سزا ڏيڻ گهري پر پاڻ ئي ڪيس معاف ڪري ڇڏيائين ۽ گورنر کي هن کي معاف ڪرڻ جي سفارش ڪيائين. شيخ نظام الدين اولياءَ لکيو آهي، "بابا فريد گهڻو تڻو ان ڳالهہ جو تاڪيد ڪندو هو تہ پنهنجي دشمنن کي معاف ڪري ڇڏيو ۽ ساڻن محبت ڀريو سلوڪ ڪريو."

ذڪر آهي تہ هڪ ڀيري لاهور جي صوبيدار بابا فريد جي هڪڙي مريد عارف سيوستاني، جيڪو لاهور جو رهاڪو هو نذراني طور سؤ دينار بابا فريد جي خدمت ۾ پيش ڪرايا. شيخ عارف جي دل ۾ کوٽ پيدا ٿي. هن صرف پنجاهہ دينار ئي بابا فريد کي نذراني طور پيش ڪيا. بابا فريد چيس، "ادا، تو اڌو اڌ حصا ڪري انصاف واري ورهاست ڪئي آهي."[99] عارف

شرمندو ٿي باقي پنجاهہ دينار بہ نذراني ۾ رکي ڇڏيا. پاڻ کيس سمجهايائون تہ "درويشن کي هميشہ ايمانداريءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي، ورنہ سندس پهرين واري روحاني ڪمائي بہ ختم ٿي ويندي ۽ هو ڪڏهن بہ پنهنجي منزل مقصود تائين پهچي نہ سگهندو." ائين چئي بابا فريد سون جا دينار عارف کي ڏئي ڇڏيا. پوءِ کيس لاهور ۾ پنهنجو خليفو بہ مقرر ڪيائين. ان واقعي مان سندس تحمل مزاجي ۽ درگذر ۽ دريا دليءَ جو ثبوت ملي ٿو. پاڻ ڪنهن انسان جي اصلاح ڪرڻ ۾ يقين رکندو هو کيس گهٽ ڏيکارڻ ۾ نہ.*

ڪلام:

بابا فريد پنجابيءَ کانسواءِ عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ بہ ڪلام چيو آهي. امير خسروءَ سندس ڪلام ۽ رباعين جو نمونو ڏنو آهي، مولوي عبدالحق 'صوفيز ورڪ ان ارلي ڊولپمينٽ آف اردو لينگويج' پروفيسر محمود شيراني 'پنجاب ۾ اردو' ۽ ڊاڪٽر موهن سنگهہ ديوانہ 'هسٽري آف پنجابي لٽريچر' ۾ ساڻس اردو ڪلام منسوب ڪري ان جو نمونو ڏنو آهي.

پروفيسر نظاميءَ اهڙين لکڻين جا مختلف نمونا ڏنا آهن. انهن تي بابا فريد جي ذريعي تخليق ڪيل هجڻ تي شڪ جو اظهار ڪيو آهي."[100]

'شري آدگرنٿ' ۾ سندس 112 اشلوڪ ۽ چار مڪمل شبد شامل آهن. ٻہ شبد 'راڳ آسا' ۾ آهن ۽ ٻہ راڳ 'سوهيءَ' ۾ آهن. سندس اشلوڪن سان گرو صاحبن پاران گڏايل 18 اشلوڪ بہ شامل آهن. محمد عارف پاڪستان ۾ پنهنجي ڇپيل ڪتاب بعنوان 'آکهيا بابا فريد نے' ۾ بابا فريد سان منسوب ڪيل اشلوڪن کانسواءِ 83 اشلوڪ ٻيا بہ شامل ڪيا آهن.

بابا فريد جو ڪلام گرو نانڪ صاحب کي بابا فريد جي ٻارهين گادي نشين شيخ ابراهيم (جنهن کي فريد ثاني بہ چيو ويندو آهي) کان حاصل ٿيو.[101] ڪافي عرصي تائين اها ڳالهہ بحث جو موضوع بڻي رهي تہ اهو ڪلام بابا فريد جو ئي آهي يا شيخ ابراهيم جو ڪيترن عالمن ان جي ٻوليءَ جي حوالي سان ان کي شيخ ابراهيم جو ڪلام ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. رضويءَ جو خيال آهي تہ شري آد گرنٿ ۾ شامل بابا فريد جي نالي واري ڪلام ۾ تعليم بابا فريد جي آهي، جيتوڻيڪ ان ۾ بابا

* پيارا سنگهہ پدم "ٻولي شيخ فريد" ۾ گهڻن ئي قصن ۽ واقعن کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي. جيڪي بابا فريد جي شخصيت ۽ حيات کي سمجهڻ ۾ مددگار آهن. ڏسو ص: 85_112

فريد جي وارثن جو فريد جي نالي سان تخليق ڪيل ڪلام بہ شامل آهي.[102] ان سان گڏوگڏ ان ڪلام کي بابا فريد جو ڪلام ثابت ڪرڻ لاءِ علماء سڳورن هيٺ ڄاڻايل ثبوت ۽ دليل ڏنا آهن:

1ـ گرونانڪ هي وڏي مها پُرک جي واٽيءَ سان گڏوگڏ ان جو صاف صاف نالو ڏنو آهي. جيڪڏهن هي ڪلام شيخ ابراهيم (فريد ثانيءَ) جو هجي ها تہ گرو صاحب ان جو ضرور اشارو ڪري ها.

2ـ بابا فريد پنهنجو ڪلام هيئن شروع ڪيو آهي. "بولے شيخ فريد پيارے الله لگے."[103] ان مان صاف ظاهر آهي تہ شيخ ابراهيم جو ناهي.

3ـ گرو صاحب شري آد گرنٿ ۾ ڪلام شامل ڪرڻ ويل صرف ڪلام جو معيار ۽ ان جي ٻوليءَ جو ئي نہ پر ڪلام جي تخليقڪار مها شخص جي روحاني ۽ سماجي رتبي ۽ عظمت کي بہ نظر ۾ رکيو ويو آهي.

4ـ بابا فريد جي ڪجهہ اشلوڪن سان ٻين گرو صاحبن جو ڪلام بہ شامل آهي. انهن ۾ چار اشلوڪ گرو نانڪ جا آهن. سو قدرتي ڳالهہ آهي تہ گرو ناناڪ وٽ بابا فريد جا اشلوڪ بہ موجود هئا. ان مان خبر ٿي پوي تہ گرو نانڪ صاحب شيخ ابراهيم کان بابا فريد جو ڪلام ورتو هو.

5ـ سيرالاولياءَ ۾ بابا فريد جي فارسي ڪلام کان سواءِ ملتاني (اولهندِي پنجاب) جي شاعريءَ ڏانهن بہ اشارو ملي ٿو. انهيءَ فارسي ڪلام کان سواءِ ملتاني ٻوليءَ ۾ بہ منثرو ۽ روان ڪلام چيو اٿس.[104]

ان مان بابا فريد جي اشلوڪن جي باري ۾ پختو ثبوت ملي ٿو. گهڻو وقت گذرڻ کان پوءِ اهي اشلوڪ عوام جي يادگيري ۾ گهر ڪري ويا ۽ هر دل کي وڻندڙ ٿي ويا. بس گرو صاحب جيڪو ڪلام شيخ ابراهيم کان ورتو هو. اهو بابا فريد جو ئي ٿي سگهي ٿو.•

ڊاڪٽر نذير احمد پنهنجي ڪتاب "ڪلام بابا فريد شڪر گنج" ۾ ڪيترن حوالن سان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ شري آدگرنٿ ۾ شامل ڪلام بابا فريد جو ئي آهي.◆

• تفصيل لاءِ ڏسو (ا) فريد درشن مصنف ڊاڪٽر ديوان سنگهہ (ب) مانوتا دا پرتيڪ بابا فريد باني پرمانڪتا پروفيسر راج بير ڪور.[105]

◆ تفصيل جي لاءِ ڏسو آپ ڪي ڪتاب ص: 12ـ14

اسان ان ڪلام جي تشريح ڪي موضوع بڻايو چاڪاڻ تہ اهو ڪلام خاص صحيح حالت ۾ اسان جي آڏو آهي. بابا فريد سان منسوب ٿيل ڪلام کي اهميت نہ ڏني وئي تہ جيئن صرف ثابت ٿيل درست ڪلام جي آڌار تي ئي سندس تعليم جي روحاني پاسن کي روشناس ڪرائجي. بابا فريد جو ڪلام هن ڪتاب جي ٽئين حصي ۾ معنيٰ سميت ڏنو ويو آهي.

وفات:

زندگيءَ جي ڪيترين قسمن جي ڏکيائين جي باوجود آڌيءَ رات تائين خلق خدا جي خدمت ۾ مصروف رهڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. عمر جي بہ پنهنجي تقاضا ٿيندي اهي. "بُڈها ہويا شيخ فريد، ڪنّبن لگی دیہہ"[106] بابا فريد بڍو ٿي چڪو هو سندن عمر ڏينهون ڏينهن ڪرندي پئي وئي. آنڊن ۾ سوڄ جي ڪري سور پوڻ شروع ٿي وين.

15 آڪٽوبر 1265ع جو ڏهاڙو هو. پاڻ رات جي نماز ادا ڪرڻ لاءِ اٿيو پر پڻنست ٿي ڪري بيهوش ٿي ويو. جماعت ۽ گهر ۾ ڏک ۽ تشويش جا ڪڪر گهري آيا. جيڪا جاءِ ورهين جا ورهيہ روحاني مصروفيت جي اچ وڃ سان سدائين ڇهڪندي رهندي هئي، اتي اوچتو ئي مُقام جهڙي ماٺ ۽ اداسي ڇانئجي وئي. اوچتو بابا فريد اکيون کولي پڇيو "ڇا مون سومهڻيءَ جي نماز ادا ڪري ورتي؟" ماڻهن پاران هائوڪار ۾ جواب ملڻ جي باوجود، پاڻ وري مراقبي ۾ محو ٿي ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ اکيون پٽيائين، سندس چپن ۾ آخري ڀيرو چرپر ٿي ۽ پاڻ ياحَيُّ يَا قَيُّومُ (اي لافاني خدا) چوندي هن فاني جهان کان هميشہ لاءِ نيڻ ٻوٽي ڇڏيا.[107]

بابا فريد جي اوچتو وفات کان ڪجهہ اڳ ۾ سندس هڪڙو مريد سيد محمد ڪرماني دهليءَ مان اجوڌن آيو. پاڻ پنهنجي حجري ۾ علالت جي حالت ۾ ليٽيل هو ۽ ٻاهر سندس پٽ ۽ مريد سوچ ويچار ۾ هئا تہ پاڻ ڪنهن کي پنهنجو جانشين بڻائيندا. پٽن جو خيال هو تہ گادي ڪين ملي پر ڪامل درويش جيڪو ڪجهہ بہ ڪندا آهن، اهي باطني طرح مالڪ الڪل جي حڪم سان ڪندا آهن. بابا فريد جي پٽ جي منع ڪرڻ جي باوجود سيد ڪرماني حجري ۾ گهڙي ويو ۽ پنهنجو مٿو مرشد جي قدمن تي رکي ڇڏيائين. پاڻ جهٽ پٽ اکيون پٽيائون ۽ پڇيائونس، "سيد! تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟ تون ڪڏهن آيو آهين؟" پاڻ ڪافي ڪمزور ٿي ويا هئا پر پورا

هوش حواس ۾ هئا. سيد ڪرماني جواب ۾ چيو تہ "نظام الدين اوهان جي خدمت ۾ نياز رکيا ۽ دعا سلام لاءِ عرض ڪيو آهي." بابا فريد متجسس ٿي پڇيس، "نظام ڪيئن آهي؟ هو خوش تہ آهي؟" پاڻ پنهنجو خرقو ۽ عصا (لٺ) هن جي حوالي ڪندي چيائون، "هي شيون نظام الدين کي ڏجانءِ." پاڻ وڏي واڪ چوڻ لڳو "نظام الدين!" وري بہ پاڻ ئي چوڻ لڳو "نظام الدين تہ دليءَ ۾ آهي."[108] هن کيس اڳ ئي چئي ڇڏيو هو تہ " نہ مان پنهنجي مرشد جي پوئين ويل هن وٽ هوس ۽ نہ وري تون منهنجي پوين پساهن ويل مون وٽ هوندين."

جهڙيءَ طرح بابا فريد فڪر ۽ فاقي (بک ڏک) واري زندگي گذاريندو هو، ائين ئي هو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس ڪفن دفن لاءِ گهر ۾ ڪجھ بہ نہ هو. امير خورد جي والده هن جي ڪفن لاءِ سفيد چادر (ڪپڙو) نذر ڪئي ۽ گهر جو دروازو پٽيو، سندس قبر جي لاءِ ڪچيون سرون حاصل ڪيون ويون. جنهن شخص بابا فريد جي زندگيءَ ۾ کيس پڪو گهر ناهي ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي، ان سندس مقبرو جوڙايو. پوءِ سلطان فيروز شاھ تغلق ان جي مرامت ڪرائي.[109] اڄ تائين ماڻهو ان روضي مبارڪ کي هڪ متبرڪ جاءِ سمجهن ٿا.

ڪجھ ليکڪن بابا فريد جي خليفن جو تعداد هزارن ۾ ٻڌايو آهي. 'جواهر فريدي' جي ليکڪ مطابق، پوءِ ايندڙ ليکڪن مفروضن آڌار خليفن جو تعداد وڌائي بيان ڪيو آهي. هن 'سير الاولياءَ' ۾ صرف ستن خليفن جو ذڪر ڪيو آهي.[110] بابا فريد سيني خليفن مان نظام الدين کي ئي پنهنجي گاديءَ جي قابل ڄاتو. بيشڪ سندس جانشين پيشنگوئي مطابق رهيو ۽ هن پنهنجي مرشد جي هدايت مطابق خدا جي خلق جي روحاني خدمت کي بخوبي سرانجام ڏنو ۽ پنهنجي مرشد جي ڪم کي عروج تي رسائي ڇڏيو.

بابا فريد جي ڳڻپ رڳو هندوستان جي صوفي درويشن ۽ ڪامل مرشدن ۾ ئي نہ پر سڄي نيا جي درويشن ۾ ٿئي ٿي. سندس بي مثال زهد ۽ عبادت، مرشد پرستي، حليمي، روحاني ۽ خدا جي طلب ۽ تلاش ۾ پٽڪندڙ روحن تي ڪيل بي انتها مهر ۽ ڪرم جي ڪري کيس زندھ جاويد بڻائي ڇڏيو.*

---

* بابا فريد جي حياتيءَ جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻڻ لاءِ ڏسو رضوي 'اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا'

بابا فريد کي نہ رڳو صوفي سلسلي جي تاريخ ۾ پر روحانيت جي تاريخ ۾ بہ هڪ عظيم صوفيءَ جي حيثيت ۾ بہ عزت ۽ احترام وارو مقام حاصل آهي. عربي ٻوليءَ ۾ فريد جو مطلب آهي: بي مثال يا لاثاني موتي. فريد الدين جي معنيٰ ٿيندي دين جو خالص موتي: عام طور هر بزرگ کي بابا جي نانءَ سان پڪاريو ويندو آهي. شيخ جو مطلب آهي پيشوا، 'پير''مرشد'. احترام مان کيس شيخ ڪبير، (وڏو مرشد) شيخ الشيوخ" "مرشدن جو مرشد" "گنج شڪر يا شڪر گنج "کنڊ جو ڍير" جھڙا عزت وارا لقب ڏنا ويا آهن. پاڻ پنهنجي هر ڏنل لقب تي پورا ثابت ٿيا آهن.• پر سچي ڳالھ هيءَ آهي تہ سندس تعريف يا خوبي لفظن ۾ بڏائي نٿي سگھجي. پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ لکي ٿو:

کر کرپا پربھ سادھ سنگ میلی
جا پھر دیکھاں تاں میرا اللہ بیلی(112)

ان حوالي مان صاف اشارو ملي ٿو تہ بابا فريد الله تعاليٰ سان وصال ڪري چڪو هو. (فنا في الله ٿي چڪو هو) ۽ ڪامل درويش هو. گرو ارجن ديو جي چوڻ ٿو:

سادھ کی سوبھا سادھ بن آئی،
نانک سادھ پَر بھ بھید نہ بھائی(113)

يعني: ڪنهن ساڌو يا درويش جي فضيلت ٻڌائڻ ممڪن ناهي. ڇاڪاڻ جو ان ۾ ۽ خدا ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي. گوروارجن ديو بابا فريد جي ڪلام کي ٻين گرو صاحبن، پيرن، فقيرن جي ڪلام جي برابر عزت ڏني آهي، ڇاڪاڻ جو پاڻ خدا ۾ سمائجي خدائي روپ وارو ڪامل درويش ٿي چڪو هو."

حصو 1، ص138_158

• پنجاب جي قصا گوئين پاران ڪيل تعريف جي لاءِ ڏسو "بابا فرید جیون، سماں اتے رچنا" (سنسڪرت) سريندر سنگھ ڪوهلي. ان ڪتاب مطابق پنجابيءَ جي مشهور قصہ خوان وارث شاھ پنهنجي قصي "هير رانجهي" ۾ بابا فريد جي تعريف ڪئي آهي:

شکر گنج مسعود بھرنور ہے جی، مَودُود دا لاڈلا پیر چشتی،
شہر فقر دا پٹن مشہور ہے جی۔ خاندان وچ چشت دے کاملیت،
جس دی عاجزی زہد مشہور ہے جی، بائیاں کُتباں وچ اوہ پیر کامل
ڈُکھ درد پنجاب دا دُور ہے جی۔(۱۱۱) شکر گنج ہے آن مقام کیتا،

بابا فريد انسانيت جو خير خواهہ سيني جي ڀلائي چاهيندڙ هڪ سچو ڪامل فقير هو. پاڻ پنهنجي زندگي حق جي متلاشين سنئين واٽ ڏيکارڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي ۽ پنهنجي اڻ ملهہ روحاني مدد جي عيوض پنهنجي ذاتي مفاد خاطر ڪنهن کان هڪڙي ڪوڏي بہ قبول نہ ڪيائين. پاڻ پنهنجي پويان پنهنجو ڪلام ڇڏي ويو جيڪو صدين کان انسانيت کي سچي روحانيت جي بي مثل علم سان مستفيض ڪري رهيو آهي. سندس اهو ڪلام اڄ بہ تڙيل گل مثل فضا کي معطر ڪري رهيو آهي. اها دلڪشي، لطف ۽ سرور، ترغيب ۽ تلقين جو اهڙو اڪٽ ڀنڊار آهي، جنهن مان اسين اڄ بہ صحيح رخ (طرف- رستو) حاصل ڪري، پنهنجي زندگي سڦل ڪري سگهون ٿا.

حوالا

(1) آکيا بابا فريد ني، ص32
(2) ديوان سنگهہ فريد ردشن، ص18
(3) آکيا بابا فريد ني، ص25
(4) نظامي، دي لائف اينڊ ٽائمز آف شيخ فريد الدين گنج شڪر، ص15
(5) ديوان سنگهہ فريد ردشن، ص19
(6) پيارا سنگهہ پدم، بولي شيخ فريد،ص19
(7) سريشٽ گوشٽان، (انوواد) پريتم سنگهہ ص51_54
(8_9) نظامي، ص16
(10_12) نظامي، ص17
(13_14) نظامي، ص17_18؛ 29_30
(15) (ا) ڪاهن سنگهہ نابهہ، مهان ڪوش، ص811
(ب) فوجہ سنگهہ اينڊ آر سي رابڙا، دي سٽي آف فريد ڪوٽ، ص3
(16) نظامي، ص20
(17_18) نظامي، ص21
(19_20) نظامي، ص21_22
(21) نظامي، ص22
(22) فوائد الفواد، ص89
(23) فريد تي فريد دي باني، ص16
(24) جواهر الڪلام، ص230
(25) (ا) نظامي، شبير حسن چشتي، خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي، ص60_61
(ب) شارب، ظهورالحسن، خمخانہ تصوف، ص56
(26) نظامي، ص58
(27) پيارا سنگهہ پدم، بولي شيخ فريد، ص98
(28) نظامي، ص34
(29) نظامي، ص34_35
(30) نظامي، ص36
(31_32) نظامي، ص37
(33_35) نظامي، ص37
(36) رضوي، اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا1، ص142
(37) رضوي، اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا1، ص143_144
(38) رضوي، اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا1، ص146
(39) رضوي، اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا1، ص142_143
(40) رضوي، اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا1، ص80
(41_42) رضوي، اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا1، ص143
(44) نظامي، ص42
(45) شڪر گنج (سنسڪرن) پريتم سنگهہ

ص32_33
(46_48) نظامي، خليق احمد، شيخ نظام الدين اولياء ص37_38
(49) نظامي، خليق احمد، شيخ نظام الدين اولياء، ص77
(50) نظامي، ص77
(51) آد گرنٿ، ص1380 شلوڪ 47
(52) نظامي، ص49
(53) نظامي، شبير حسن چشتي، بابا فريد گنج شڪر، ص65
(54) آد گرنٿ، ص1380 شلوڪ42
(55) نظامي، ص54، 102
(56) آد گرنٿ، ص1379 شلوڪ 28
(57) وار1، پوڙي24
(58) آد گرنٿ، ص467
(59) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ101
(60) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ29
(61) صفدر محمد حسن، تصف هماري نظر ۾، ص180_181
(62) هشت بهشت، راحت القلوب، ص54
(63) وحيد الدين بيگ، دي بگ فائيو آف انڊيا ان صوفي ازم، ص81
(64) مقامِ گنج شڪر، ص197_198
(65) خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي، ص94_96
(66_67) نظامي، ص101_102
(68) وحيد الدين بيگ، دي بگ فائيو آف انڊيا ان صوفي ازم، ص73_75
(69) نظامي، ص101_102
(70) وحيد الدين بيگ، دي بگ فائيو آف انڊيا ان صوفي ازم، ص75
(71_72) نظامي، ص103
(73_74) نظامي، ص104
(75) نظامي، ص91_92
(76_80) نظامي، ص93
(81) نظامي، ص67
(82_84) نظامي، ص95
(85_88) نظامي، ص96
(89) آد گرنٿ، ص488
(90) فوائد الفواد، ص110، 249_250، 420
(91_92) فوائد الفواد، ص21_22
(93_94) فوائد الفواد، ص5_14، 202
(95) پيارا سنگھ پدم، بولي شيخ فريد، ص100
(96) راحت القلوب، ص9
(97) نظامي، ص74
(98) پيارا سنگھ پدم، بولي شيخ فريد، ص105_106
(99) پيارا سنگھ پدم، بولي شيخ فريد، ص100
(100) نظامي، ص84_86
(101) نظامي، ص84_86
(101) فريد درشن، ص27
(102) رضوي، اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا1، ص329
(103) آد گرنٿ، ص488
(104) رنجيت سنگھ ڪڙگ، بابا فريد (انڪ)، پنجابي دُنيا، ص22
(105) (ا) فريد درشن، ص107_114
(ب) بابا فريد: جيون، سمان اتي رچنا (سنسڪرن)
سرندر سنگھ ڪوهلي، ص242_244
(106) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ 41
(107) نظامي، ص56
(108) نظامي، ص57
(109) نظامي، ص58
(110) نظامي، ص67
(111) بابا فريد: جيون، سمان اتي رچنا، ص242_244
(112) آد گرنٿ، ص794
(113) آد گرنٿ، ص272

حصو پیون

تعلیم

1

چوي شيخ فريد

الله جي آڌار:

بولے شيخ فريد پيارے الله لگے.[1] بابا فريد پيار پرئي لهجي ۾ چوي ٿو اي منهنجا پيارا دوستو! منهنجي ڳالهہ مڃي ۽ الله تعاليٰ ڏانهن رجوع ٿيو ۽ الله تعاليٰ سان محبت ڪريو. عربي زبان ۾ لفظ الله جي معنيٰ "معبود" آهي ۽ خدا جو اسم ذات آهي. سندس مطلب آهي تہ اهو الله تعاليٰ جيڪو سڀني کان اتم آهي، جيڪو طاقت ۽ توانائيءَ جو لازوال خزانو آهي، جيڪو اسان سڀني جو خالق آهي، اهو ئي بندگي ۽ محبت جي قابل آهي. الله تعاليٰ حقيقت آهي. (قرآن 22:6) پاڪ آهي، ازلي ۽ ابدي جوهر آهي، اهو مڙني صفتن ۽ خوبين جو سرچشمو آهي، توهان ان سان محبت ڪري اُن جا ٿي وڃو ۽ ڪيس پنهنجو ڪريو. توهان پنهنجو پاڻ کي هُن جي محبت جي رنگ ۾ اهڙو تہ رنگي ڇڏيو جيئن توهان ۽ الله تعاليٰ جي وچ ۾ ڪو فرق ئي نہ رهي. گرو نانڪ جي فرمان مطابق، 'جيسا سيوے تيسو بوئے'[2](جهڙو سبي تهڙو ٿئي). يعني جڏهن تون سائس وابستہ ٿي، ان جي صورت (وصف) ٿي ويندين تہ تو ۾ سندس وصفون پيدا ٿي وينديون.

فريدا! خالق خلق ميں، خلق وسے رب ماںہه
مندا کِس نُوں آکھیے جاں تِس بِن کوئی ناںہه[3]

خالق مخلوق ۾ آهي ۽ مخلوق خدا منجهہ آهي. خدا تعاليٰ جي تخليق ڪيل مخلوق خدا جي سهاري قائم آهي. خدا پنهنجو پاڻ مان آهي ۽ پنهنجو آڌار بہ پاڻ ئي آهي، باقي ٻيو جو ڪجهہ آهي اهو سڀ هست ۽ بود جي لاءِ الله تعاليٰ جو محتاج آهي. مادي دنيا سندس حڪم جو ڪيل آهي.

انساني روح بہ ان جي حڪم سان آهي: الرُّوحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ* ۽ سندس ذات جي ڪري قائم آهي. اڄڪلھ اسان انهن شين جي پويان ڊوڙي رهيا آهيون جن جو پنهنجو ڪو بہ وجود ناهي. اسان سک چين جي لاءِ ڪڏهن هڪڙي انسان جو سهارو ڳوليندا آهيون ڪڏهن ڪنهن ٻئي جو (حاصلات خاطر) اسان جا سهارا ڏهاڙي بدلبا رهندا آهن، ڇو تہ اسان کي پختو دائم ۽ قائم سهارو ملي نہ سگهيو آهي. بابا فريد چواڻي اهڙو واحد ۽ اڪيلو سهارو خدا وند ڪريم ئي آهي. ڪبير صاحب چواڻي:

تُوں میر و میرُو پربت سوامی اوٹ گہی میں تیری
نا تُم ڈوله نا ہم گِرتے رکھ لِینی ہری موری[4]

لفظ خدا، خود ۽ الف جي ميلاپ سان جڙيو آهي، جنهن جو مطلب آهي پاڻ نازل ٿيل، جيڪو پاڻ مان هجي. فارسيءَ ۾ خدا جو مطلب آهي پنهنجو پاڻ مان پيدا ٿيڻ وارو ۽ موجود هجڻ وارو مالڪ، صاحب وغيره. گرو نانڪ ديو فرمائين ٿا: "تھا پیا نه جائے کیتا نه ہوئے، آپے آپ نِرنجن سوئے"[5] دنيا ۾ هر هڪ شيءِ پنهنجي هستي ۽ وجود جي لاءِ ڪنهن ٻي شيءِ تي مدار رکي ٿي. جڏهن تہ خدا کي ڪنهن جي سهاري يا آڌار جي ضرورت ناهي. جڏهن اسين ان قادر مطلق ڪامل و اڪمل، ازلي ۽ ابدي خدا تعاليٰ کي پنهنجو سهارو ۽ آڌار بڻائينداسين تہ اسان بہ نامڪمل، فاني ۽ بي بنياد شين جي سهاري کان آزاد ٿي هميشہ دائم ۽ قائم جي سهاري جي اوٽ ۾ اچي وينداسون. ان طرح اسان بہ لافاني ۽ پُر سرور زندگيءَ جا حقدار ٿي وينداسون. بابا فريد چواڻي:

پروردگار، اپار، اگم، بے انت تُوں،
جنهاں پچھا تا سچ چُماں پیر موں۔[6]

پروردگار يعني اهو خدا تعاليٰ فقط دنيا يا ڪائنات جو خالق يا ڪردگار ئي ناهي، ان جو نالو رزاق ۽ پروردگار بہ آهي. هو ڪائنات کي پيدا ڪري ان کان بي نياز ناهي. هو ان جي پوري نظرداري ۽ سنڀال بہ ڪري ٿو. هو پنهنجي مخلوق جي رزق جو پورو انتظام ڪري ٿو گرو ارجن ديو چوي ٿو:

---

* سورة بني اسرائيل، آيت85

سيل پٿر مهه جنّت اُپائي تاڪارِ جڪ اَڳِ ڪر دهريا.[7]

يعني هو پاڻ ئي، صحرائن، ڪوهسارن ۽ آسمانن ۾ وسندڙ جاندارن جي پرورش ڪري ٿو. 'اپار اڳم بي انت تُو... وه پر ماتما اڳم (پهچ کان پري) ۽ اوناشي (لافاني) آهي.'جِنا پڇها تا سچ چُما پير مُوں'. پاڻ چوي ٿو جيڪو ان اَلک (اڻ ڏٺي) اڳم (پهچ کان پري) حقيقت کي ڄاڻي ٿو وٺي، مان انهن تان صدقي ٿيان.

اهو پروردگار پهچ کان پري، لافاني ۽ زنده جاويد آهي. دنيا جي هر شيءِ زمان ۽ مڪان جي دائري ۾ قائل آهي. اهو خداوند ڏانهن حدبنديدن کان مٿاهون آهي، بي انت ۽ لافاني آهي. هر انسان ۽ هر شيءِ جي ڪا حد هوندي آهي، اها پنهنجي حدن کان ٻاهر نه ٿي نڪري سگهي. اڌورين ۽ فاني شين جو سهارو به اڻ پورو ۽ ناپائدار ٿي سگهي ٿو. فقط ان ڪامل ۽ اڪمي ۽ لافاني خدا کان پورو ۽ لافاني سک حاصل ٿي سگهي ٿو. بابا فريد چوي ٿو:

فريدا! شکّر، کهنڈ، نِوات، گُڙ، ماکهيوں، ماجها، دُدھ
سبھے وستُو مٹهياں رب نه پُجّن تُدھ[8]

يعني: شڪر، کنڊ، نبات (يعني) مصري، ماکي ۽ ماهيو کير دنيا جي سڀ کان بهترين مٺين شين ۾ ڳڻيا ويندا آهن، پر دنيا جو ڪو به مٺاڻ خدا سان وصال جي روحاني مٺاڻ کي نٿو پهچي سگهي.

پاڻ هڪ ٻئي دوهي ۾ چوي ٿو: فريدا رب کهجوری پکياں ماکھے لئی وِبنّ[9] خدا پڪل ڪتل (ڪجور) ۽ ماکيءَ جي نديءَ مثال آهي، بيحد مٺو لذيذ ۽ سرور جو خزانو آهي. سچ ته اهو آهي ته دنيا جي ڪا به لذت خدائي وصال جي لاثاني عجيب ۽ غريب سواد (سرور) جو مقابلو نٿي ڪري سگهي.

بابا فريد اشارو ٿو ڪري ته هاڻ اسين حواسن جي لذتن، نفساني خواهشات ۽ عيش وعشرت جي بي ڪنار خواهشن کي ئي سيني کان اتم ٿا ڄاڻون پر جنهن وقت خدا تعاليٰ سان وصال جو لطف ۽ سرور ميسر ٿيندو تڏهن اهي سڀ لذتون ڦڪيون ٿي پونديون. ڪبير صاحب جي مطابق، "اوه رس پيا، اِه رس نہی بهاوا."[10] گرو نانڪ ديو چوي ٿو: "کُو جاميوا ميں چاکهيا اِک نام تمہارا"[11] دنيا جو ڪو به سک، ڪا به لذت خدا ۽ سندس اسم مان ملندڙ لطف ۽ سرور جهڙي ٿي نٿي سگهي. فرق انتهائي گهٽ يا وڌ

لطف ۽ سرور جو نہ آهي. نہ ئي فرق مقدار (Quantity) ۽ صفت (Quality) جو آهي. حسي ۽ نفسياتي لذتون عارضي ۽ ناپائدار آهن. جڏهن تہ ڪلمي (سُخن) جو لطف ۽ سرور مسلسل، بي پايان ۽ قدرتي آهي. ان ڪري اوهان وصل خدا جي اعليٰ سرور لاءِ ٻاڏائيندا آهيو.

تيرى پنه خُدا ئے تُو بخشندگى
شيخ فريدے خير ديجئے بندگى[12]

يعني: اي بخشڻهار! مان سڀ سهارا ڇڏي تنهنجي پناهہ ۾ آيو آهيان، تون مون تي رحم و ڪرم ڪر ۽ مون کي پنهنجي بندگيءَ جي رنگ ۾ رڱي ڇڏ. مون کي پاڻ سان گڏائي هڪ ڪري ڇڏ.

محبت جنهن جي من ۾:

دِلوں محبّت جِيں سَے اى سچّے آ
جَيں من ہور، مُکھ ہور، سَے کانڈھے کچّے آ[13]

"دِلوں محبّت جِيں سَے اى سچّے آ" پاڻ حق جي ڳولائن کي آگاهہ ٿا ڪن تہ توهان دل جي خلوص سان خدا ڏانهن رجوع ڪريو. جيڪڏهن اوهان دل و جان جي سچائيءَ سان هن کي محبت ڪندا تہ توهان بہ صادق ۽ صديق بڻجي ويندا. پوءِ اوهين هن فاني ۽ ناپائيدار ماياوي (دوکيباز) ڪائنات جون حدون ٽپي، اعليٰ حقيقت ۾ فنا ٿي، حيات ۽ موت جي ڏکوئيندڙ بندش کان سدا لاءِ آزاد ٿي ويندؤ. پاڻ متين ڳالهہ جاري رکندي چوي ٿو "جَيں من ہور، مُکھ ہور، سَے کانڈھے کچّے آ" جيڪڏهن توهان ظاهري طرح خدا جي عاشق هئڻ جي دعويٰ ٿا ڪريو ۽ اوهان جون دليون دنيا جي ڏيک ويک ۽ شين جي محبت سان ڀرپور آهن؛ تہ توهان حقيقت اختيار ڪندڙ صادق چوائڻ بجاءِ ڪوڙي دنيا جي محبت ۾ قاتل ڪوڙا سڏبا. گرو نانڪ چوي ٿو:

سچ ملے سچيار کُوڑ نہ پائيے
سچے سؤ چِت لائے بہڑ نہ آئيے[14]

يعني: پرماتما جهڙي سچ ۾ سمائجي انسان سچار سڏائيندا آهن.

جڏهن تہ مايا جهڙي ڪوڙ ۾ گم تي ڪوڙا ڪوٺائيندا آهن.

قرآن پاڪ ۾ روز ميثاق جو ذڪر اچي ٿو جڏهن خدا روحن کان پڇيو تہ "ڇا مان اوهان جو رب نہ آهيان؟" روحن گڏجي جواب ڏنو " قَالُوا بَلَىٰ"[15] يعني بيشڪ تون ئي اسان جو پروردگار آهين ۽ فقط تون ئي اسان جي عشق ۽ عبادت جي قابل آهين. صوفي درويشن جو نظريو آهي تہ ڪافر يا مومن جو تعلق هندو يا مسلمان هئڻ ۾ ناهي. اصل ڪافر اهو آهي جيڪو سواءِ الله تعاليٰ جي ڪنهن غير کي پنهنجو معبود ٿو ڄاڻي ۽ الله تعاليٰ جي عشق ۽ عبادت کي ڇڏي ڪنهن ٻئي معبود جي پرستش ۾ قائل آهي. بابا فريد چوي ٿو:

فريدا! دِل رتّا دُنی سيوں، دُنی نه کِيتے کم
مثل فقيراں گاکهڑی سو پائيے پُور کرم[16]

پاڻ انسان کي خبردار ڪندي چوي ٿو اي پلا انسان! تنهنجي دل نڪمي ۽ فاني دنيا جي رنگ ۾ رنگيل آهي تہ تون سچو درويش يا عابد ناهين. خدا جو عاشق بڻجڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. پاڻ وڌيڪ چوي ٿو:

واٹ بماری کهری اُڈينی
کهنّيوں تِکهی بہت پئينی۔[17]

خدا جي عشق جي منزل ڏور ۽ سندس واٽ انتهائي پُرخطر آهي. بابا فريد جي چوڻ مطابق:

در درويشی گاکهڑی چلّاں دُنيا بهَت،
بنّهہ اُٹهائی پوٹلی کِتهے وَنجاں گهت۔[18]

جيڪو شخص دنيادارن جيان هلي ٿو جنهن جي فطرت دنيادارن جهڙي آهي، جنهن پنهنجي مٿان دنياوي چاهت جي ڳوري ڳنڍ کنئي آهي، اهو رب جو سچو عاشق ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

ڏيکاءُ وارو پيار:

فريدا درويشی گاکهڑی چوپڑی پريت
اِک نه کِنّے چالیئے در ويساوی ريت۔[19]

سچو پيار ڏاڍو ڏکيو آهي، ڏيکاءَ واري محبت بي فائدي آهي. بابا فريد خبردار ڪندي چوي ٿو تہ خدا جو عشق دوکي، فريب ۽ خود غرضيءَ جي راند

نہ هئڻ گهرجي. توهان کي خدا سان لوڀ ۾ پيار نہ هئڻ گهرجي تہ توهان جا دنياوي ڪم ڪاريون سهل ٿي وڃن يا هو توهان کي دنياوي نعمتن سان مالامال ڪري ڇڏي نہ ئي ان خوف کان هن سان پيار جو ڍونگ رچايو تہ جيڪڏهن هن جي بندگي ۽ عبادت نہ ڪندا تہ توهان کي ڪنهن قسم جو نقصان برداشت ڪرڻو پوندو يا ڪنهن قسم جي سزا ڀوڳڻي پوندي. توهان لوڪ لڄا لاءِ بہ خدا جي بندگيءَ جو ڍونگ نہ رچايو پاڻ ڪنهن ٻئي حوالي سان چوي ٿو: "رتے عشق خداء رنگ ديدار کے"[20] يعني اوهان فقط سندس ديدار ۽ هن جي وصال جي تڙپ ۾ خواهش سان سندس عبادت ڪريو. توهان الله تعاليٰ جي خاطر الله تعاليٰ سان محبت ڪريو. توهان خدا سان ان طرح پيار ڪريو جڻ توهان ساڻس پيار ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهو. سندس وڏيڪ چوڻ آهي تہ:

فريدا! رَتّی رَت نه نِکّلے جے تَن چيرے کوءِ
جو تن رتّے رب سيوں تِن تَن رت نه ہوءِ[21]

يعني: خدا جي عشق ۾ رڱيل سچن عاشقن جو بدن جيڪڏهن چيريو تہ ان مان رت جو هڪ ڦڙو بہ نہ نڪرندو. رت مان بابا فريد جو مطلب ڇا هي؟ گرو امر داس هيٺئين شلوڪ ۾ بابا فريد جي مٿئين شلوڪ جي اصل معنيٰ سمجهائيندي چوي ٿو:

ايهه تن سبهو رت ہے، رت بِن تن نه ہوءِ
جو شَوه رتّے آپنے تِنت تن لوبھ رت نه ہوءِ
بَهے پيئے تن کِهين ہوءِ، لوبھ رت وچوں جاءِ
جِيوں بَيسنتر دمات سُدھ ہوئے
تِيوں ہر کا بھَو دُر مت مَيل گواءِ
نانک تے جَن سوہنے جے رتّے ہر رنگ لائے۔[22]

مراد هيءَ آهي تہ رت تہ پوري جسم ۾ هوندو آهي، پر رب جي سچن عاشقن ۾ لالچ جهڙي رت جي هڪڙي بوند بہ نہ هوندي آهي. جيئن باهہ ۾ ساڙيل سون ۾ باقي ڪو بہ کوٽ نہ رهندو آهي، اهڙيءَ طرح خدا جي عشق ۽ خوف جي باهہ لالچ جهڙي بديءَ کي ساڙي عاشق جي دل کي پوريءَ طرح صاف ڪري ڇڏيندي آهي. يعني جيسين دنيا جي لوڀ ۾ چاهت سان دل ميري هوندي، ان تي عشق ربيءَ جو رنگ چڙهي نٿو سگهي.

بابا فريد جو چوڻ آهي:

فريدا! جا لوبهہ تاں نينهہ کيا؟ لُب تاں کُوڑا نينّهہ
کِچر جهَٹ لنگهائيے چهپّر تُٹّے مينهہ[23]

جنهن پيار ۾ لوڀ لالچ ۽ خود غرضيءَ جي ملاوٽ آهي، اهو پيار ڪوڙو آهي، جيئن جهريل ڇپرو بارش جي لپيٽ سهي نہ سگهندو آهي، اهڙيءَ طرح لالچ ۽ پيار هٿي گڏوگڏ رهي نہ سگهندا. پاڻ خبردار ٿو ڪري تہ:

فريدا! راتِيں وڈّياں ڈُمکهہ ڈُمکهہ اُٹهن پاس
دِمرگ تنهاں دا جِيوَيا جناں وِڈانی آس[24]

سچي محبوبہ دل جان سان پنهنجي عاشق (چاهڪ) سان پيار ڪندي آهي. جن سهاڳڻين جي دل ۾ پنهنجي پيتار سان سچو پيار آهي، انهن کي جدائيءَ جي هڪڙي رات بہ سوين سالن کان ڊگهي لڳندي آهي. انهن سهاڳڻين جي زندگي ملامت جي قابل آهي، جيڪي پنهنجي مڙس بجاءِ ڪنهن ٻئي مان اميد رکنديون آهن. دنيا ۽ دنيا جي مال اسباب جي حسرت ۽ خدا جو عشق ٻئي هڪ ئي وقت گڏ رهي نٿا سگهن.

غير جو لاهہ گمان:

ڈُموڈميندِيئے سُہاگ کُوں! تو تن کائی کور
جنهاں ناؤں سُہاگنی تنهاں جهاک نه ہور[25]

پاڻ سهاڳڻ کي نصيحت ڪندي چوي ٿو تون ڏيکاءُ تہ مڙس سان پيار جو ٿي ڪرين، دراصل تنهنجي اميد (جهاڪ) ڪنهن ٻئي طرف آهي. سچي سهاڳڻ تہ ڪڏهن خواب ۾ بہ ڪنهن غير جو خيال دل ۾ نہ آڻيندي آهي. جيسين تنهنجي دل ڪنهن غير جي چاهت جي ميراڻ کان صاف نٿي ٿي وڃي، ان ۾ ان واحد جو سچو پيار سمائجي نہ ٿو سگهي، پرم سنت تلسي داس جو چوڻ آهي:

دِل کا حُجره صاف کر جاناں کے آنے کے لئے
دميان غيروں کا اُٹها اُس کے بِٹهانے کے لئے

ايک دِل لاکھوں تمنا اُس په اور زیادہ ہوس
پھر ٹھکانه ہے کہاں اُس کے ٹِکانے کے لئے [26]

جيڪڏهن تون ان حقيقي پاڪ ذات محبوب کي پنهنجي دل ۾ وهارڻ چاهين ٿو تہ پنهنجي دل مان دنيا جي شڪل صورت، ساز و سامان سان لڳاءَ جون ڪثافتون ڪڍي ڇڏ. جيسين تنهنجي دل دنياوي خواهشات جي ڪري ميري آهي، ان ۾ وقوفِ اعليٰ (پرم چيتن) ۽ نور بالذات جو گذر نٿو ٿي سگهي. ڪثرت سان دلچسپيءَ جي تياڳ ئي ان واحد جي عشق جي راهہ ۾ پهريون قدم آهي. گرو رامداس ان خيال جا بہ پهلو ظاهر ڪيا آهن:

بسُدھا سپت دِیپ ہے ساگر کڈھ کنچن کا دمریجَ
میرے ٹھاکر کے جن اِنہونه باچھہ ہر ما گہہ ہر رس دیجَ [27]

خدا جي عاشقن جي سامهون ستن ئي جزيرن ۽ ستن ئي سمنڊ جو خزانو ڇو نہ رکي ڇڏيو هو ان ڏانهن اک کڻي بہ نہ ڏسندا. هو تہ بس سندس ديدار جا مشتاق آهن. پاڻ وڌيڪ چيو اٿس.

سُرگ مُکت بیکنُٹھ سبھ بانچھت نِت آسا آس کریجَ
ہر درشن کے جن مُکت نه مانگہہ مِل درشن ترِپت من دِھی جے [28]

ماٺهو جنتن، بيڪُنٺن يا نجات جي خواهش سان خدا جي عبادت ڪندا آهن پر رب جا سچا عاشق انهن ڳالهين جي تمنا نہ ڪندا آهن. انهن کي تہ رب جي ديدار ۽ وصال مان ئي سڪون ۽ فرحت حاصل ٿيندي آهي.

صوفي درويشياڻي بيبي رابعہ بصريءَ جو قول آهي، "اي الله هن دنيا جي جيڪا مال دولت مون کي ڏيڻ ٿو گهرين، اها پنهنجي دشمنن کي ڏئي ڇڏ ۽ جيڪو حصو نعمتن جو مون لاءِ عقبيٰ ۾ مخصوص ڪري ڇڏيو هجئي، اهو پنهنجي دوستن ۾ ورهائي ڇڏ. ڇاڪاڻ جو مون لاءِ صرف تون ئي آهين." سندس وڌيڪ چوڻ آهي: "اي الله جيڪڏهن مان دوزخ جي خوف کان تنهنجي عبادت ڪندي هجان، تہ مون کي دوزخ ۾ ڦٽي ڪجان، جيڪڏهن مان جنت جي آرزوءَ ۾ تنهنجي بندگي ٿي ڪريان تہ مون لاءِ جنت حرام ڪري ڇڏ. پر جيڪڏهن مون صرف تنهنجي خاطر ئي عبادت ڪئي آهي تہ مون کي پنهنجي ديدار کان محروم نہ ڪجانءِ." [29]

حضرت عيسيٰ ﷺ جو چوڻ آهي تہ "منهنجو پهريون ۽ وڏو حڪم هي آهي تہ توهان ان خداوند سان, پنهنجي سموري دل ۽ جان ۽ پنهنجي پوري سُرت سمجهہ سان محبت ڪريو"* الله تعاليٰ جو عشق ۽ الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت بابا فريد جي ڪلام جو محور آهي. پاڻ مختلف مثالن ۽ اصطلاحن جي وسيلي هڪڙي ئي مضمون کي دهرائي رهيو آهي تہ روح روپي محبوبہ کي سدائين خدا روپي محبوب جي محبت ۾ سرشار رهڻ گهرجي. پاڻ چوي ٿو:

جے جاناں لڑچھجنا پیڈھی پائیں گنڈھ،
تیں جی وڈ میں نہ کو، سبھ جگ ڈِٹھا ہنڈھ۔[31]

پاڻ مٿي چئي آيو آهي تہ اسان کي ان الله تعاليٰ سان جڙجي وڃڻ گهرجي. وري هتي هيئن ٿو چوي تہ اسان کي سانس مضبوطيءَ سان ڳنڍجي وڃڻ گهرجي. گرو ارجن جو چوڻ آهي: "مو لالن سنو پریت بنی، توری نہ توٹے چھوری نہ چھوٹے ایسی مادھو کھنچ تنی۔"[32] يعني, اي محبوب! مون کي توسان محبت ٿي وئي آهي. مان چاهيان ٿي تہ منهنجي محبت سدا قائم رهي. ڪڏهن ان ۾ کوٽ نہ پوي.

روح کي ڪهڙي محبوب سان نڪاح ڪرڻو آهي؟ "تیں جی وڈ میں نہ کو، سبھ جگ ڈِٹھا ہنڈھ" ان وحده لاشريڪ خدا سان, هو مهان کان مهان تر, اونچي کان اونچو حقيقت بالذات ۽ پاڪ بالذات آهي. هن جهڙو نہ ڪڏهن ٿيو نہ ئي ٿي سگهي ٿو. ان لاثاني وَرَ کي حاصل ڪري, روح بہ اهو لافاني رتبو ماڻي وٺندو ۽ ان سان وابستہ سيني اوصاف جو حقدار ٿي ويندو.

اج نہ سُتّی کنت سیوں انگ مڑیں مُڑجاءِ
جاءِ پُچّھو ڈوہاگنی: تم کِیو رَین وہاءِ[33]

سچي سهاڳڻ پنهنجي سهاڳ جي پل پر بہ جدائي سهي نہ سگهندي آهي. ان مثال مان بابا فريد جي مراد هيءَ آهي تہ توهان هڪ پيرو خدا جي عبادت, خدا سان عشق ۽ خدا سان وصال جو مزو چکي تہ ڏسو توهان جا سيپ

* Thou shall love the lord thy God with all thy heart and will all thy soul, and with all thy mind This is the first and great commandment..[30]

شڪ ۽ گمان گم ٿي ويندا. اجا تہ توهان جو ان لطف ۽ سرور ڏانهن ڌيان ئي ناهي ويو پر ان کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ اوهان کن پل لاءِ بہ کانئس جدا ٿيڻ لاءِ تيار نہ ٿيندؤ. گرو امرداس جي واڻي آهي،

اے من میریا تُو سدا رہو ہرنا کے
ہر نال رہو تُو من میرے دُوکھ سبھ وِسارنا
انگی کا را وہ کرے تیرا کارج سبھ سوارنا
سبھنا گلی سمرتھ سوامی سو کیؤ منہو وِسارے
کہے نانک من میرے سدا رہو میرے نالے [34]

گرو صاحب جو پيغام آهي تہ رب روپي محبوب جي صحبت اختيار ڪريو ڇو تہ هو قادر مطلق آهي. هن جو پاند پڪڙيندؤ تہ توهان جا سڀ ڪم سولا ٿي پوندا. يعني جنهن لطف ۽ سرور جي ڳولا ۾ توهان دربدر ڀٽڪي رهيا آهيو سولائيءَ سان ان اعليٰ سرور جا مستحق ٿي ويندؤ اهو سوال ڪرڻ بجاءِ تہ خدا سان وصال ڇو ڪريون؟ اهو سوچيو تہ اهڙي قادر مطلق، ڪامل ۽ اڪمل ۽ سدا سترهي خدا تعاليٰ سان وصال جلد از جلد ڇو نہ ڪجي، ان ڪري پاڻ "سدا رهو هر نالي" جو پيغام ڏنو اٿن.

مون وڙ وڏي ڪاند:

فریدا! کنت رنگاولا وڈا بے محتاج
اللہ سیتی رتّیا ایہہ سچاوا ساج [35]

خدا روپي عظيم کان عظيم، اعليٰ کان اعليٰ سهاڳ يا نيڪ سيرت مالڪ رنگيلو نهايت دل کي وڻندڙ ۽ حسين آهي. سدائين نؤ ورنو آهي. اهو لاتعلق، بي خوف، بي پرواهہ محبوب، حسن، محبت ۽ لطف ۽ سرور جو اڪٽ سرچشمو آهي، هن جيان سندس فضل ۽ ڪرم بہ بي پايان آهي، " اللہ سيتی رتّیا ایہہ سچاوا ساج " يعني روح روپي محبوب کي گهرجي تہ اهڙي دل کي وڻندڙ محبوب کي محبت جي سينگار سان خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري

ڪبير صاحب جو چوڻ آهي، 'ڪبير ڪوٺها ڪُرانَد بِنودي' [36] گرو نانڪ جو چوڻ آهي، 'ست سُہان سدا من چاؤ' [37] گرو ارجن ديو جو چوڻ آهي 'ہؤ نہ چھوڈ ؤ کنت پاسرا، سدا رنگیلا لال پیارا ایہہ مہنجا آسرا' [38] هو

سچو آهي، خوبصورت آهي ۽ مسرور بالذات آهي. رشين بہ هن کي ’ست‘ (هست بالذات) ’چت‘ (مدرک بالذات) ۽ آنند (مسرور بالذات) ڪوٺيو آهي. سنت مهاتما اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرائڻ ٿا گهرن تہ هو پرماتما، خوبصورتي، خوشين، آنند ۽ سرور جو اکٽ ڀنڊار آهي، روح جي لاءِ اهڙن گڻن جي خزانن جو محبوب ۽ عاشق بڻجڻ کان وڌي خوش نصيبي ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ بابا فريد ڪيترن ئي شلوڪن ۾ خدا تعاليٰ کي پيارو ڪنت (محبوب پتار) سائين، شوهہ، پِر (خاوند) سهاڳ، مالڪ، ساجن، صاحب، ڍٽي وغيره جي استعارن سان مخاطب ڪيو آهي. اهي الفاظ روح ۽ رب سان ڳوڙهي ۽ اٽوٽ لاڳاپي جو اظهار ڪن ٿا. عورت جي هستي ۽ خوشي مڪمل طرح ان جي مڙس تي مدار رکندي آهي. عورت کي خوبصورت لباس، سورنهن سينگار، عاليشان ماڙيون ۽ بي شمار نوڪرياڻيون ڇو نہ حاضر ڪري ڏنيون وڃن، پوءِ بہ کيس سچو سڪون ملندو تہ صرف پنهنجي پتار جي پيار ۽ ميلاپ مان. پنهنجي مڙس کان وڇڙيل عورت جي لاءِ دنيا جا سيئي عيش آرام بي معنيٰ آهن. جڏهن تہ مڙس سان ميلاپ جي لطف جي سرور ۾ مسرور عورت باقي سمورن سکن کان بي نياز هوندي آهي. اهڙيءَ طرح روح بصورت عورت کي جڏهن بہ سچو سک ملندو خدا تعاليٰ جي وصال مان ئي ملندس، مادي شين ۽ اسباب ۾ نہ ملندس. بابا فريد چوي ٿو.

جوبن جاندے نه ڈراں جے شوه پریت نه جاءِ
فریدا! کِتّی جوبن پریت بن سُک گئے کملاءِ[39]

ڪنهن بہ عورت کي پنهنجي حسن ۽ جوانيءَ جو فڪر هوندو آهي، پر خدا جي محبوب روح کي صرف ان ڳالهہ جو فڪر هوندو آهي تہ سندس محبت ڪمزور نہ ٿي وڃي. ان ڪري محبوب جي محبت ئي ان جي زندگيءَ جو صل سهارو آهي. بنا محبت جي هن جي ڦڪي ۽ بي سواد زندگي ڪوڏيءَ ملهہ برابر بہ نہ آهي.

سوہنرے ڈھوئی نه لہے، پئیے ناہیں تھاؤں
پِر واتڑی نه پُچّھ ای، دھنّ سُہاگن ناؤں[40]

بابا فريد چوي ٿو تہ: هر ڪو خدا جي عابد هجڻ جي دعويٰ تو ڪري پر

جيسين سندس محبوب سان وصال نٿو ٿئي. اوستائين ان جي نہ پيءُ جي گهر يعني هن دنيا ۾ ڪا قدر و قيمت آهي ۽ نہ ئي ساهري يعني آخرت ۾. دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ سڪون ۽ آرام، عزت ۽ احترام جو هڪڙو ئي طريقو ان حقيقي محبوب جي رحمت ڀري محبت آهي. پاڻ فرمائي ٿو تہ:

فريدا! چِنت کهٽولا، وان دُکهہ، بره وِچهاون ليف
ايهہ ہمارا جيونا، تُوں صاحِب سچّے ويکهہ[41]

وڇوڙي جي ويڙهيل عاشق جي لاءِ خوبصورت پلنگ ۽ آرام بہ ڏکن ۽ آهُن جو سامان آهن. هو هر پل پنهنجي محبوب کي پنهنجي مرده زندگيءَ ڏانهن ڏيان ڇڪائيندي، هن کان رحم ۽ ڪرم جي التجا ڪري ٿو:

فريدا جے ميں ہودا وار يامتا آئڙياں
ہيڑا جلے مجيٹهہ جيؤ اُوپر انگارا[42]

پاڻ چوي ٿو جيڪڏهن پنهنجي محبوب ڪان مان ڪجهہ لڪائي رکان يا مان پنهنجو سڀ ڪجهہ هن تان قربان نہ ڪريان تہ هاڻ ڪوئلي جيان باهہ ۾ سڙي خاڪ ٿي وڃان. يعني سچو عاشق پنهنجو سڀ ڪجهہ پنهنجي محبوب تان گهوري ڇڏيندو آهي. هو محبوب تان قربان ٿيڻ ۾ ئي سچو سک ۽ آرام محسوس ڪندو آهي ۽ ان کان غفلت هن لاءِ باهہ ۾ سڙڻ برابر هوندي آهي.

وسريو جنهن ڪان نام:

پاڻ فرمائي ٿو:

رتے عشق خُداءِ رنگ ديدار کے
وسريا جَيں نام تے بھوَيں بهار تهيئے۔[43]

مطلب جيڪڏهن تون محبوب جي رنگ ۾ رنگيل آهين تہ تون سچو عاشق آهين. جيڪڏهن تون خدا يا ان جي اسم کان غافل دنياوي شڪلين صورتن ۽ انهن جي ساز و سامان جي لڳاءَ ۾ گم آهين تہ تون ڌرتيءَ تي بوجهہ آهين. اجا بہ ائين پاڻ تہ تو پنهنجو جنم ائين ضايع ڪري ڇڏيو ان ڪري پنهنجي زندگيءَ کي ڪامياب بڻائڻ خاطر خدا ۽

سندس اسم اعظم کي زندگيءَ جو سهارو بڻائي ڇڏ. هن وقت اسان جي پيار جو دارومدار ماءُ پيءُ، زال مڙس، پٽ ڌيءَ، يارن دوستن، مٽن مائٽن، تائين محدود ناهي، قومن، مذهبن ۽ ملڪن تائين پکڙيل آهي. اسين هر گهڙيءَ دنيا جي جهنجهٽن جو حصو بڻيا ٿا رهون. جڏهن بابا فريد يا ٻيا درويش اسان کي ٻئي طرف منهن موڙ ڪرڻ جي صلاح ڏين ٿا ته حيران ٿي ٿا وڃون ۽ اسان جي دل ۾ هي خيال ٿو پيدا ٿئي ته آخر ائين ڇو ڪيو وڃي؟ اسين سوچيون ٿا ته بيشڪ خدا جي باري ۾ ٻڌندا ته گهڻو ڪجهه آهيون پر ان کي ڪڏهن ڏٺو نه اٿئون. اسان کي جو ڪجهه به نظر اچي ٿو ۽ جنهن ۾ اسان راحت، پيار، سڪون ۽ چين محسوس ڪندا آهيون. ان کي ڇڏي ڪنهن ٻئي طرف ڇو ڏسڻ لڳئون، جنهن جي باري ۾ پڪ سان ڪجهه چئي به نه سگهجي. بابا فريد اهڙي الجهاءُ جو بهترين حل پيش ٿو ڪري: "جِنا پچها تا سچ چُمّا پير موں" پاڻ خدا کي سچ ٿو چئي. پنهنجي ڪلام ۾ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو "سبهنا میں سچا دهنی"[44] اهو حقيقي مالڪ هر شيءِ ۾ سمايل آهي. يعني خدا جي ذات هڪ حقيقت آهي.

بابا فريد ۽ ٻيا ڪامل فقير اهو ڳوڙهو راز سلينڌا آهن ته خدائي حقيقت قائم دائم آهي. گرونانڪ ديو فرمائي ٿو: "آد سچ جُگاد سچ، ہے بهی سچ نانک ہوسی بهی سچ"[45] يعني اهو مالڪ ڪل حال ۽ مستقبل، اڄان به هر وقت ۽ هميشه قائم دائم واحد حقيقت آهي. پاڻ اڳتي چوي ٿو "ہے بهی ہوسی جائے نه جاسی رچنا جِن رچائی"[46] اهو رب غير متبادل، هڪ رنگو ۽ لازوال عظيم سچائي آهي. ان ڪري اسان کي هن سان محبت ڪرڻ جڳائي.

عام خيال آهي ته "رب" محض هڪڙو خيال يا قياس آهي. ڪجهه ماڻهو چون ٿا ته دنياوي خامين ۽ ڪمزورين کان مٿاهين خيالي ڪيفيت جو نالو 'رب' آهي. ڪجهه هن ڳالهه جا به حامي آهن ته جن اصولن جي ڪري ڪائنات رواں دواں آهي، اهو ئي هڪ قسم جو 'رب' آهي. اڪثريت خدا جي هستيءَ کان ئي انڪاري آهي. اهڙن ماڻهن جو چوڻ آهي ته ظاهري طور مادي دنيا پنهنجو پاڻ ۾ مڪمل آهي. ان کان مٿي يا ان کان ڏورانهن لاءِ ڪنهن غيبي دنيا جو تصور فضول آهي.ماديت جي فلسفي ۾ يقين رکندڙ انسان شعور کي به ماديت جي ئي ابتدائي صورت ٿا چاهن. هو نه خدا جي هستيءَ ۾

يقين رکندا آهن ۽ نہ ئي ڪنهن غيبي، لطيف ۽ لافاني دنيا کي مڃيندا آهن.

ان جي ابتڙ بابا فريد ۽ ٻيا فقراءَ ٻڌائين ٿا تہ خدا ئي اڪيلو قائم ۽ دائم حقيقت آهي. پاڻ هر هر تاڪيد ڪندا آهن تہ تبديل ٿيندڙ ۽ فاني شڪلين صورتن ۽ شين جو سک بہ تبديل ٿيندڙ ۽ فاني ٿي سگهي ٿو. وقت گذرڻ تي شيون ۽ انسان اسان کي ڇڏي ويندا آهن يا اسين کين الوداع چئي ويندا آهيون. ان ڪري اسان کي ڪڏهن دائمي خوشي ملي نٿي سگهي. ان جي باري ۾ ايندڙ باب ۾ تفصيل سان غور فڪر ڪيو ويندو.

دنيا جي تاريخ جا ورق اٿلائڻ سان خبر پوي ٿي تہ وقت بوقت هزارين عقيدا، هزارين حڪومتون، سياسي ۽ معاشرتي فرقا وجود ۾ آيا. انهن سڀني جو مقصد انسان کي سچو دائمي ۽ مڪمل آرام ۽ سڪون مهيا ڪرڻ هو. پر انهن مان ڪنهن کي بہ پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي ملي نہ سگهي. سبب هي آهي جو دنيا تبديل ٿيندڙ ۽ فاني آهي. ان ڪري ان جا فلسفا يا اصول بہ اڌورا ۽ تبديل ٿيندڙ آهن. فلسفا، اصول يا حڪومتون دائم ناهن. نہ ئي دنيا کي ثبات حاصل آهي، نہ ئي ان جي ڪا بہ شيءِ تبديليءَ کان مٿاهين آهي. دنيا کي دائمي سک پهچائڻ وارو نہ تہ اڳ ئي اهڙو نظام جوڙيو ويو هو نہ ئي اڳتي اهڙو ڪوئي انتظام ڪري ٿو سگهجي. قادر مطلق جنهن ڪائنات کي فاني ۽ تبديل ٿيندڙ بڻايو آهي، ان مان دائمي سک، چين جي اميد رکڻ بي معنيٰ آهي. دنيا سدائين جاڪوڙ جو ميدان رهي آهي. آئينده بہ ائين ئي رهندي. ڪامل درويش دنيا کي سڌارڻ نہ پر انساني نجات لاءِ ايندا آهن. گرو ارجن ديو جو فرمان آهي:

پُورا پربهہ آرادهيا پورا جا ڪا ناؤ
نانک پُور پائيا پورے کے گُن گاؤ(48)

بابا فريد جيان گرو ارجن ديو ۽ ٻيا پير فقير هدايت ڪندا آهن تہ اسين هن دنيا کي مڪمل ڪري نہ سگهنداسون. پر ان ڪامل اڪمل خدا سان لنؤن لڳائي، انسان بذاتِ خود ڪمال کي پهچي سگهي ٿو

ساڃن ساڻ ملان:

الله تعاليٰ ڪامل ۽ اڪمل آهي، خدا جي وصال ۾ ئي انسان جي

ڪمال جو دارومدار آهي. چو جو ان جي ئي وصال ۾ انسان کي سڪون ۽ چين ملندو آهي، ان ڪري بابا فريد جو چوڻ آهي:

1- فريدا! گليئں چِڪڙ، دُور گھر، نال پيارے نينهہ
چلّاں تاں بِھجّے ڪمبلی رہاں تاں ٹٹے نينهہ[49]

2- بھجّو سِجّو ڪمبلی! الله ورسؤ مينهہ!
جاءِ مِلاں تنہاں سجّناں، تٹو نایں نِینّهہ[50]

هتي ڳليءَ جو مطلب دنيا آهي، گپ چڪ ۽ مينهن جو مطلب آهي رستي جون بندشون ڪتيءَ جو پسڻ بہ رستي ۾ ايندڙ رنڊڪن ڏانهن اشارو آهي. عابد کي روحانيت جي راهہ ۾ ڪيترين ئي قسمن جي ڏکيائين سان مهاڏو اٽڪائڻو پوندو آهي، پر اهو نہ راهہ ۾ رنڊڪن جي شڪايت ڪندو آهي ۽ نہ ئي رستي جي ڊيگهہ جي شڪايت ڪندو آهي. خدا جو سچو عابد الاهي رضا کي مڃيندي، ڏک ۽ سک ٻنهي حالتن ۾ دلي طور مالڪ جي عبادت ۾ رڌل رهندو آهي.

" الله ورسؤ مينهہ " مان مراد دل ۾ وصال جي طلب پيدا ڪندڙ بہ اهو ئي رب پاڪ پاڻ آهي. راهہ ۾ رنڊڪون پيدا ڪرڻ وارو بہ پاڻ آهي. 'جائے ملاتنا سجنا' مطلب تہ طالب مطلوب کي مينهن بند ڪرڻ لاءِ نہ چوندو آهي. اجا بہ مينهن کي سندس رحمت تسليم ڪندي پنهنجو سفر جاري رکندو آهي. پاڻ ٻئي حوالي سان چوي ٿو: ' فريدا! دُکھ سُکھ اِک کر، دِل تھیں لاہ وِکار، الله بھاوے سو بھلا تاں لبّھی دربار '[51] يعني جيڪڏهن الله تعاليٰ جي دربار ۾ داخل ٿيڻ گهرين ٿو تہ ان جي رضا ۽ ان جي رحمت کي تسليم ڪندڙ دل واري حالت پيدا ڪر. اها دلي ڪيفيت محبت جي وسيلي پيدا ٿي سگهندي آهي. ان ڪري بابا فريد انسان کي هر هر خدا سان عشق ۽ ان سان وصال جو پيغام ڏيندو رهي ٿو. جڏهن تون خدا جي رحمت ۽ رضا کي هڪجهڙو مڃيندين تہ ڏک سک جي فرق کان مٿاهون ٿي خدا سان وصال جي پرسرور لطف واري ڪيفيت ۾ پهچي ويندين. اها ڪيفيت خدا جي عشق ۽ وصال سان پيدا ٿيندي ان ڪري تون خدا جي عشق وسيلي هميشہ لاءِ ان ۾ ضم ٿي ويندين.

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص488

(2) آد گرنٿ، ص223

(3) آد گرنٿ، ص1381، شلوڪ75

(4) آد گرنٿ، ص969

(5) آد گرنٿ، ص2

(6) آد گرنٿ، ص488

(7) آد گرنٿ، ص495

(8) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ27

(9) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ89

(10) آد گرنٿ، ص342

(11) آد گرنٿ، ص155

(12_13) آد گرنٿ، ص488

(14) آد گرنٿ، ص4

(15) سورة الاعراف، آيت172

(16) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ 111

(17) آد گرنٿ، ص794

(18) آد گرنٿ، ص1377: شلوڪ2

(19) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ118

(20) آد گرنٿ، ص488

(21) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ51

(22) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ52

(23) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ18

(24) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ21

(25) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ114

(26) ٽلسي صاحب (پنجابي)، ص84

(27) آد گرنٿ، ص1323

(28) آد گرنٿ، ص1324

(29) تذڪره الاولياء، ص66

(30) ميٿو 22:37

(31) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ4

(32) آد گرنٿ، ص827

(33) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ30

(34) آد گرنٿ، ص917

(35) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ 108

(36) آد گرنٿ، ص1105

(37) آد گرنٿ، ص4

(38) آد گرنٿ، ص761

(39) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ34

(40) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ31

(41) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ35

(42) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ22

(43) آد گرنٿ، ص488

(44) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ129

(45) آد گرنٿ، ص1

(46) آد گرنٿ، ص6

(47) آد گرنٿ، ص1057

(48) آد گرنٿ، ص295

(49) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ24

(50) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ25

(51) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ109

2

هيءُ تن ٿيندو خاڪ

بولے شيخ فريد پيارے الله لگے
اِيهه تن ہوسی خاک نمانی، گور گھرے [1]

پياري الله لڳي وسيلي بابا فريد خدا جي عشق جي تعليم ڏئي چڪو آهي، پاڻ ان سان گڏ هڪڙي تنبيهه بہ ڪري ٿو "ايههُ تن ہوسی خاک نمانی گور گھرے" منهنجي هيءَ نصيحت بہ ياد رکو تہ هي جسم فاني آهي، هڪ ڏينهن خاڪ جو ڍير بڻجي قبر ۾ دفن ٿي ويندو پاڻ اشاري سان اهو ذهن نشين ڪرائڻ گهري ٿو تہ دنيا سان چاهت خدا جي عشق جي راهہ ۾ سڀ کان وڏي رنڊڪ آهي.

ڪبير صاحب چوي ٿو:

کبیر من تو ایک ہے بھاویں تہاں لگائے،
بھاویں گُورو کی بھگتی کر بھاویں وِشے کمائے [2]

جسم هڪڙو آهي نفس بہ هڪڙو آهي. ان کي خواهہ لذت ۾ لڳايو يا خدا جي عبادت جي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو.

سنت نامديو جي چواڻي:

نامے پریت نارائن لاگی،
سہج سُبھائے بھیؤ بیراگی [3]

گرو نانڪ ديو چوي ٿو: "من رے کنو چُھوٹہہ بن پیار" [4] دراصل خدا جو عشق ئي نفس کي جسم ۽ بنيادي لڳاءَ جي ڏيڻ مان ٻاهر ڪڍي سگهي ٿو پر ڀهرين ڪيس جسم ۽ دنيا کان منهن موڙڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي آهي.

جيڪڏهن جبل تي چڙهڻ ويل پير رسيءَ ۾ ٻڌل هجن ۽ هيٺان کو

ڪيس چڪيندو رهي تہ اهو ماڻهوءَ جبل تي هرگز چڙهي نہ سگهندو. ان طرح جيسين روح حواسن جي لذت ۽ نفساني خواهشن جي لڳاءَ، جسم روپ ڏرتيءَ سان ٻڌل آهي، تيستائين اهو اڪين پويان اچي روحاني مقامات ڏانهن اڏام نٿو ڪري سگهي. ان جي لاءِ بابا فريد خدا جي عشق سان گڏوگڏ نفس ڪي جسم ۽ دنياوي لڳاءَ کان موڙڻ جي بہ نصيحت ڪندا آهن.

نفس کي دنيا ۽ جسم کان موڙڻ جو مطلب ان کي نفساني حواسن ۽ خواهشن جي لذتن، يارن، مٽن مائٽن جي سِڪ ۽ دنيا جي انهن فضول ڪمن کان روڪڻو آهي، جيڪي اسان جي روحاني ترقيءَ جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻيل آهن. جيسين نفس کي سمجهائي جسم ۽ دنيا کان نٿو موڙجي تيستائين ڪيس ڪڏهن بہ خدا سان جوڙي نٿو سگهجي. حضرت بو علي قلندر جو قول آهي، جيڪڏهن ڪو خدا سان بہ پيار ڪري ۽ هن ڪميڻي دنيا جي خواهش بہ رکي تہ اهو تہ صرف هڪڙو خيال آهي، هڪ جنون آهي، جيڪو ڪڏهن پورو نہ ٿي سگهندو.• ان خيال کي ڪبير داس هيئن بيان ڪيو آهي:

پيا چاہے پریم رَس لیوا چاہے مان
ایک میان میں دو کھڑگ دیکھا سُنا نہ کان (6)

اسان جي دل مان حواسن جي لذتن جو لڳاءُ ختم ڪرڻ جي لاءِ بابا فريد ڪيترن ئي طريقن سان جسم جي اصليت سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هي محل رهندا هتي:

فریدا محل نسخن رہ گئے واسا آیا تل
گوراں سے نمانیاں بہسن روحاں مل (7)

پاڻ چوي ٿو جن عاليشان محلاتن جي تعمير ۾ اسان پنهنجون گهڻيئي زندگيون برباد ڪري ڇڏيندا آهيون، اهي محلاتون پويان خالي رهجي وينديون آهن ۽ آخرڪار جسم کي قبر ۾ ويڙهو پوندو آهي:

فریدا جن لوئن جگ موہیا سے لوئن میں ڈٹھ
کجّل ریکھ نہ سہدیاں سے پنکھی سوئے بہٹھ (8)

• ہم خدا خواہی وہم دُنیائے دوں، ایں خیال است و محال است و جنوں. (5)

اسان کي پنھنجي جواني ۽ بيباڪيءَ جو غرور آھي. اسان جواني خوبصورتي ۽ جسماني طاقت ۾ پنھنجو شان سمجھندا آھيون. بابا فريد خبردار ڪري ٿو تہ دنيا جو سينيءَ ڪان سھڻو چھرو مذمست، شوخ ۽ دلڪش اکيون ۽ ناز و انداز سان پاليل جسم، ڪجھ بہ پائدار ناهي. ان شلوڪ سان هڪڙي ڪهاڻي وابستہ آھي جيڪا شلوڪ جي اندروني مفهوم کي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪري ٿي. چيو ويندو آھي تہ هڪ پيري بابا فريد ڏٺو تہ هڪڙي نازنين پنھنجي ٻانهيءَ تي ڪوڙا وسائي رهي هئي. سبب پڇڻ تي خبر پيس تہ ان بيوقوف ٻانهيءَ سرمو اهڙو پينو هو جو مالڪياڻيءَ جي نازڪ اکين ۾ چڀيو ٿي. زمانو گذرندو رهيو. هڪ پيري قبرستان وٽان لنگهنديءَ بابا فريد جي نظر هڪ انساني کوپريءَ تي وڃي پئي، جنهن ۾ ڪنهن پکيءَ ٻچا ڦوڙيا هئا. پاڻ متوجھ ٿي ڏٺائون تہ اها کوپري ان مغرور حسينا جي هئي جنهن ڦوڏر ڦوڏر سرمو پيهڻ ڪري پنھنجي ٻانهيءَ کي ڪوڙا ٿي هنيا.

هر شخص پنھنجو پاڻ کي دنيا جو خوبصورت، سڀ کان عقلمند ۽ سڀ کان اعليٰ سمجھندو آھي پر پڇاڙي سيني جي هڪ جهڙي ٿي ٿيندي جنهن جي باري ۾ بابا آگاھ ڪندي ٻڌائي ٿو:

فريدا! گرب جنہاں وڈيائياں، دھن جوبن آگاہ
خالی چلے دھنی سیوں ٹبے جیوں مینہاہ[9]

ڌن، دولت، جواني، خوبصورتي ۽ دنيائي مرتبي ۽ وڏائي جي نشي ۾ ڦاٿل انسان زندگيءَ جي بازي هارائي ويھندا. 'خالي چلي ڌني سئو' اهي ان سچي سائينءَ جي ميلاپ کان وانجھيلر هجي ويندا. سندن انساني زندگي فضول ضايع ٿي ويندي پاڻ وڏيڪ فرمائين ٿا تہ:

فریدا اِٹ سرہانے بھوئیں سَوَن کیڑا لڑیو ماس
کیتڑیاں جُگ واپرے اِکتُ پیاں پاس[10]

محلن ۾ گلن جي سيج تي سمهڻ وارا جسم قبر پيڙا ٿي ويندا آھن. بخملي وهاڻي جي جاءِ تي سِرَ وهاڻو بڻجي ويندي آھي. جسم کي ڪيڙا پٽي چڪي کائي ويندا آھن. دنيا ۾ ٺينگ ٽپا ڏيندڙ انسان ۾ پاسو ورائڻ جي بہ همت نہ رهندي آھي.

فريدا! ڪٿي تنهنجا ابا ڏاڏا:

جسم جي اصليت بيان ڪندي بابا فريد زندگيءَ جي سچائي جي عڪاسي ڪئي آهي. پاڻ چوي ٿو:

فريدا! کتھے تیڈے ما پے آ جنھی توں جنیوں
تَیں پاسوں اوہ لدگئے تُوں اجے نہ پتینوں[11]

مها ڀارت ۾ ذڪر آيو آهي: يڪش يڌشٽر کان سوال ڪيو ته 'وارتا' (ڳجهي ڳالهه) يعني سڀ کان عجيب ڳالهه ڪهڙي آهي؟ يڌشٽر ورائيس ته "سڀ کان عجيب ڳالهه هيءَ آهي ته سڀ ماڻهو هر روز مرندڙ کي ڏسندا آهن. پوءِ به هر ڪنهن جي دل ۾ هي وهم چپ هڻي ويٺو هوندو آهي ته موت ٻين جي لاءِ آهي، هن لاءِ ناهي."[12] ان سلسلي ۾ بابا فريد ياد ٿو ڏياري: ' فريدا! کتھے تیڈے ما پے آ ' يعني زندگيءَ کي پائيدار سمجهڻ جي ڀُل ڪندڙن کي هي ياد رکڻ گهرجي ته اسان جا ابا ڏاڏا ڪٿي آهن؟ انهن سيني کي هتان ويٺو پيو ُتے پاسهوا وڃي لد گئے تُوں اجے نہ پتینھوہ' ڳالهه بنهه سڌي ۽ صاف آهي ته اسان کان اڳ آيل ماڻهو به هتي رهي نه سگهيا ۽ نه ئي اسين هتي رهي سگهنداسون.

کہے فرید سہیلیو شَوہ اُلائیسی
ہنس چلسی ڈُمنا، اہہ تن ڈھیری ہوسی[13]

پيارا دوستو! اوهان هيءَ ڳالهه چڱيءَ ريت سمجهي ونو ته جڏهن روح روپي عورت کي ڪل مالڪ روپي مڙس جو سڏ ايندو آهي (سوه الائيسي) ته ٻڌتر ۾ قاتل روح روپي عورت (هنس ڊمنا) کي مجبور ٿي به جسم کي خيرباد چوڻو پوندو آهي. روح جسم کان ڏار ٿيڻ نه چاهيندو آهي پر ڪيس زوريءَ جسم کان الڳ ڪيو ويندو آهي. جسم خاڪ جو ڍير بڻجي پوئتي رهجي ويندو آهي. جسم ۽ روح جو رشتو ڪوڙو ۽ وقتي آهي. ان ڪري اوهين جسم جي چاهت کان پري رهو موت کان پوءِ ان کي مٽيءَ حوالي ڪيو ويندو آهي يا باهه حوالي. آخري وقت ۾ جسم روح سان گڏجي نه ويندو آهي ته پوءِ دنيا جا مال اسباب ۽ مت مائٽ ڪيئن گڏجي ويندا.

شيخ فريد ٿي ويو جُهور!

بُڈھا ہویا شیخ فرید، کنّبن لگی دیہہ
جے سو وَرھیاں جِیونا بھی تن ہوسی کھیہہ[14]

پاڻ ھئي تنبيھ ٿو ڪري پھرين اھا تہ جواني ھميشہ قائم نہ رھندي آھي، ٻي ڳالھ اھا تہ عمر ڪيتري بہ ڊگھي ڇو نہ ھجي، موت کي ڪنھن بہ صورت ۾ ٽاري نٿو سگھجي. جواني مستاني ۽ ھٺيلي ھوندي آھي پر فقط چئن ڏينھن جي مھمان آھي. ٻڍاپي ۾ تہ انسان کي پنھنجي جسم جو بوجھ کڻڻ بہ مشڪل ٿي پوندو آھي. ان ويل ڪانئس خدا جي عبادت جي اميد رکڻ ڪيئن ممڪن ٿيندو؟ بابا فريد بشر کي آگاھ ٿو ڪري:

فريدا اکھیں ديکھ پتينياں سُن سُن رِيۂ کنّ،
ساکھ پکندی آئی آ، ہور کرينّدی ونّ۔[15]

آخري عمر تي پھچي ماڻھوءَ جي اکين جي روشني جھڪي ٿي ويندي آھي، ڪنن سان ٻُڌي نہ سگھبو. سڪل ڪاٺيءَ جھڙو پھرين ورتل بدن بلڪل بيڪار بڻجي ويندو آھي.

چَبن، چلن، رتّن، سے سُنيئر بھی گئے
ہيڑے مُتّی دماہ سے جانی چل گئے[16]

ٻڍاپي ۾ ڏند (چٻڻ)، ٽنگون (چلڻ)، اکيون (ڏسڻ) ۽ ڪن (ٻُڌڻ) ڪان جواب ڏئي ويندا آھن، اھڙي حالت جسم جي ٻين عضون جي بہ ٿيندي آھي. بيڪار ٿيل جسم دانھين ٿو تہ (ہيڑے مُتّی دماہ) منھنجا ساٿي سنگتي يعني منھنجا انگ منھن جو ساٿ ڇڏي ويا آھن.

فريدا اِنی نِکّی، جنگھيئں تھل ڈونگر بھوِيوم
اج فريدے کوجڑا سے کوہاں تھيويوم[17]

نوجوانيءَ جي زماني ۾ ڪو نوجوان ننڍين ننڍين جنگھن سان ڊگھي کان ڊگھي مسافت طئي ڪري سگھندو آھي. ھو ٽپا ڏيندو ڊوڙندو ڪيڏندو ريگستان، جھنگ ۽ آسمان سان ڳالھيون ڪندڙ پھاڙن کي عبور ڪري سگھندو آھي پر ٻڍاپي ۾ ڪيس ڪٺ جي پر ۾ پيل ڪوئنرو بہ سوين ميل پري ڏسڻ ۾ ايندو آھي.

فقراءَ ٻڌائين ٿا تہ جسم جا سڀ عضوا جواب ڏئي ويندا تہ ڪجھ نہ بڻجندو جيڪو بہ ڪرڻ گھرو ٿا ھاڻ اصل ھن ويل ئي ڪرڻ گھرجي.

سنت پيڪن جو چوڻ آهي:

نينهُ نِير بهے تن کهينا بهئے کيس دُدهہ وانی
رُودها کنتھ سبد نہی اُچرے اب کیا کریہ پرانی[18]

بابا فريد فرمائي ٿو:

کندهی اُتے رُکھڑا، کچرک بنّے ڈمیر
فریدا! کچے بھانڈے رکھئیے کچر تائیں نیر[19]

هي جسم درياهہ جي ڪناري ٿنل وڻ برابر آهي جيڪو ڇاڻ ڪِريو ڪي ڪِريو اهو هڪڙي ڪچي ٿانءَ جيان آهي، جنهن ۾ ساهن جو پاڻي گهڻي دير تائين بچائي رکي نٿو سگهجي.

دنيا فاني آهي:

بابا فريد مٿئين فلسفي کي وسيع نظرئي سان پيش ڪندي چوي ٿو:

شیخ حیاتی جگ نہ کوئی تھر رہیا
جس آسن ہم بیٹھے کیتے بیس گئیا[20]

’جگ نہ کوئی تھر رہیا‘ يعني هن جهان ۾ ڪو بہ بشر سدائين لاءِ نہ رهندو. ’جس آسن ہم بیٹھے کیتے بیس گئیا‘ جنهن جاءِ اڄ اسين ويٺا آهيون اتي بيشمار ماڻهو اڳ ئي ترسي ويا آهن. جيڪي زمين، جائيداد ۽ عهدا اسان وٽ آهن، اهي پهرين ڪنهن ٻئي جي نانءَ هئا. نہ اڳ آيل ماڻهو هميشہ لاءِ هتي رهي سگهيا، نہ اسان ئي سدائين لاءِ هتي رهي سگهنداسون. هي ساز و سامان نہ اڳوڻن ماڻهن سان گڏ ويا آهن نہ ئي اسان سان گڏ ويندا، تنهن ڪري انهن جي لالچ ۽ ان سان لڳاءُ بي معنيٰ آهي. پاڻ فرمائي ٿو:

فریدا! کِھنتھڑ میکھا اگلیاں، جند نہ کائی میکھ
واری آپو آپنی چلے مشایخ شیخ[21]

’کِھنتھڑ میکھا اگلیاں‘ يعني گودڙي هر هر ڦاٽي پوندي آهي تہ ان کي چتيون لڳايون وينديون آهن پر جڏهن جسم جي گودڙي ڦاٽڻ لڳندي آهي تہ پوءِ ڦاٽندي ئي ويندي آهي. موت جي آڏو ڪابہ تدبير ڪارگر ثابت نہ

ٽيندي آهي. ' واری آپو آپنی چلے مشايخ شيخ ' فقط غريب، اڻ پڙهيل ۽ بدڪار انسان ئي موت جو نشانو نہ بڻيا آهن. وڏي ڪان وڏا عالم فاضل، سائنسدان، سياستدان، سخي ۽ مهذب انسان بہ پنهنجي پنهنجي واري سان، جهان مان لڏي ويندا آهن. دولت، علم، حسن، طاقت ۽ نيڪي وغيره بہ موت جي وار کي روڪي نہ سگهندا آهن.

پاس دمامے چھتُ سر، بھیری، سدو رڈ
جائے سُتے جِیران میں تھِیے اَتیماں گڈ(22)

ڇا موت صرف غريبن ۽ لاچارن تي ئي ايندو آهي؟ نہ. "پاس دمامے ڇهت سِر بهيری سدو رڈ" اهي راجا مهاراجا جن جي هاڪ جا دهل وڄايا ويندا آهن. جن جي بهادريءَ جا قصا ڇپيا ويندا آهن. جن جي سِرن مٿان ڇٽ ٽا جهولن. اهي بہ قبرستان جي ويرانيءَ ۾ وڃي پهچندا آهن. انهن کي بہ يتيمن جيان قبر ۾ وڌو ويندو آهي. 'تهيئے اِتيما گڈ' اهي بہ آخري وقت هٿين خالي هليا ويندا آهن.

چل چل گئیاں پنکھیاں جنھیں وسائے تِل
فریدا! سر بھریا بھی چلسی تمکے کنّول اِکل(23)

دنيا روپي تلاءَ جي ڪنڌيءَ تي راند ۾ مصروف انسان روپي پکئي موت جو شڪار نہ ٿيندا آهن. هڪڙي ڏينهن هي پريل تلاءُ بہ خالي ٿي ويندو. "سر بهريا بهی چلسی " نہ هيءَ دنيا پائيدار آهي ۽ نہ ئي ان جو ڪو فرد.

فریدا! رُت پھری وَن کنّبیا پت جھڑیں جھڑ پائیں
چارے کُنڈاں ڈُھونڈھیاں رہن کِتھاؤں نایِیں(24)

'پت جهڙيں جهڙ پائيں' خزان ايندي آهي تہ وڻن جا سڀ پن ڇڻي ويندا آهن. ائين موت هر انسان تي ايندو آهي. ڪنهن بہ جاءِ تي اڇي سگهي ٿي. "رہن کِتھاؤں نایِیں" فقط هندوستاني ئي موت جي ڪاڄ نٿا بڻجن. آمريڪي ۽ آفريڪي بہ موت هٿان بچي نٿا سگهن. "چارے کُنڈاں ڈُھونڈھیاں" دنيا جون چارئي ڪندون ڳولي ڏسو هر جاءِ تي موت کي ڦيرا ڏيندي ڏسندا. پل ڪٽي اوچي ڪان اوچي جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويهو پل تہ پاتال ۾ وڃي لڪي ويهو. دنيا ۾ ڪا بہ جڳهہ موت کان بچي نہ ٿي سگهي.

چلي چلنہار وچاراں ليئي منوں
گنڈميندياں چھ ماہ تڑندياں ہک کھنو[25]

" چلي چلنہار وچاراں ليئي منوں" تون پنھنجي من ۾ چڱيءَ طرح سوچ ويچار ڪري ڏس، تہ سموري دنيا هتان هلي ٿي وڃي، پوءِ تون سدائين هتي ڪيئن رهي ٿو سگھين؟ جيڪڏهن هتي ڪوئي رهي سگھي ها تہ اسان کان اڳ آيل ماڻهو هتان ڇو وڃن ها؟ جيڪڏهن اڳ آيل انسان هتي رهي نہ سگھيو تہ اسان هتي سدائين رهڻ جي اميد ڪيئن ٿا رکي سگھون؟

' گنڈميندياں چھ ماہ تڑندياں ہک کھنو ' ڪنهن شيءِ جي ٺهڻ ۾ هڪ ڊگھو عرصو گھربو آهي پر ڊهندي هڪ پل ۾ آهي. جنهن جسم جي سنڀال ڪرڻ ۾ ورهيہ لڳي ويندا آهن، اهو هڪ معمولي بهاني جي ڪري موت جي ور چڙهي ويندو آهي. ڪا بہ ننڍي بيماري يا ڪوئي بہ ننڍڙو حادثو موت جو سبب بڻجي پوندو آهي. موت اٽل آهي، ڪھڙي بہ ويل، ڪھڙي بہ بهاني اچي سگھي ٿو. دوامي زندگيءَ جو ڀروسو خام خيالي آهي.

موت ماڻهوءَ سان ساڻ هلي ٿو:

موت هر جڳهہ موجود ۽ اٽل آهي پر اهو اوچتو ئي اچي ويندو آهي. پاڻ هن طرح اشارو ڪري ٿو:

فريدا! درباوے کنّے بگلا بيٹھا کيل کرے
کيل کريندے ہنجھ نوں اچنچے باز پئے
باز پئے تِس رب دے، کيلاں وسرياں
جو من چِت نہ چيتے سن سو گالی رب کياں[26]

دنيا روپي درياهہ جي ڪنڌيءَ تي رنگ رليون، نفساني لذتون ۽ دنياوي رت ۽ گوشت ۾ مشغول انسان اوچتو موت جي باز جي چنبي ۾ اچي ويندو آهي. "کيلاں وسرياں" اک ڇپندي ئي طرح طرح جا رنگ تماشا، ناچ گانا، ناٽڪ ۽ ٻيا خانداني ۽ سماجي، قومي ۽ بين الاقوامي ڪاروبار ٺپ ٿي ويندا آهن. جيڪا ڳالهہ خواب خيال ۾ بہ نہ هئي، آخرڪار اهائي اوچتو آڏو اچي ويندي آهي. اها ئي الله تعاليٰ جي مرضي آهي. 'جو من چت نہ چيتے سن سو گالی رب کياں۔'

فريدا! بهنَى گهڙى سَوَنوِى، ٹُٹَى ناگر لجَ
عزرائيل فريشته کَيں گهر ناٹهى اج[27]

بهنی گهڙی سو نوی، جيئن معمولي ڌڪ لڳڻ سان رنگ برنگي گهڙو پڇي پوندو آهي، ايئن موت جو ڌڪ لڳندي ئي، سينگاريل جسم پڇي پري وڪري ويندو آهي. جڏهن موت جو فرشتو جسم روپي گهر ۾ مهمان ٿي ايندو آهي، ساهه جي خوبصورت ڏوري ۽ جسم روپي خوبصورت گهڙو ٻئي پڇي پوندا آهن. هڪڙو پيرو دنيا مان انسان منهن موڙي هليو ويجي ته وري سندس شڪل نظر نه ايندي آهي.

فريدا! دُو ديوِيں بَلَنديان، مَلَک بہٹها آء،
گڑھ لِيتا، گهٹ لُٹَيا، ديوڑے گيا بجهاء[28]

اجا اکين جون ڏياٽيون ٻرنديون رهنديون آهن ته انسان جي ڏسندي ڏسندي موت جو فرشتو اچي جسم ۾ واسو ڪندو آهي. انسان سچ پچ بي وس ۽ لاچار آهي. موت جو فرشتو جسم روپي قلعي ۾ گهڙي ساهه جي پونجي لُٽي ويندو آهي. گهٹ لُٹيا ۽ اکين جون ڏياٽيون اجهائي ڇڏيندو آهي. 'ديوڑے گيا بجهاء.'

هلڻ هارا سپرين:

بابا فريد خبردار ٿو ڪري:

ساڈھے تَرے من دیہڑی، چلے پانی اَن،
آیؤ بندہ دُنی وچ وَت آسو نی بنھ
ملک المَوت جاں آوسی سبھ درواجے بھن
تنھاں پیاریاں بھائیاں اگے دِتّا بنّھ
ویکھو بندہ چلیا چَونّھ جنیاں دے کنّھ
فریدا! عمل جو کیتے دُنی وچ درگاہ آئے کمَ[29]

دنيا ۾ انسان جو ساڍا ٽي مڻ جسم ڪاڏي پيتي پويان ڊوڙندو ٿو رهي. هو دنيا ۾ بي شمار خواهشن جي ڳنڍڙي ٻڌي اچي ٿو پر جڏهن موت جو فرشتو جسم جا سمورا دروازا ڀڃي اندر داخل ٿئي ٿو ته جسم بي حس ۽ بي حرڪت ٿيو وڃي، ان جي سيني خواهشن جي نڙي گهٽجي ٿي وڃي، جيڪو

جسم چُستي ۽ ڦُڙتيءَ جو مجموعو هو پين ماڻهن جي ڪلهن تي سوار ٿي قبرستان تائين جو سفر طئي ڪندو آهي. ان وقت ڪجھ بہ ساڻ نہ نيندو آهي. 'فريدا عمل جے کيتيا دُنی وچ در گاه آئے کمّ' گڏ ويندڙ هڪڙي ئي شيءِ مالڪ ڪل جي عبادت جا نيڪ عمل آهن، جن کان انسان سڄي عمر اکيون پوريون پيو هلي.

ایہنیں لوئنِیں ویکھدیاں کیتی چل گئی
فریدا! لوکاں آپو آپنی مَیں آپنی پئی(30)

' ایہنیں لوئنِیں ویکھدیاں کیتی چل گئی ' اسان جي ڏسند ڏسندي اسان جا دوست ۽ مٽ مائٽ سڀ ويندا ٿا رهن. ڪيترائي اسان کي ڇڏي هليا ويا آهن ۽ گهٽن کي اسان بہ ڇڏي ويندا سون. ' لوکاں آپو آپنی مَیں آپنی پئی' ياڻ چوي ٿو تہ دنيادارن کي تہ دنياوي حال سبب گڏ ڪرڻ جي تڪڙ لڳي پئي آهي پر مون کي ان ڳالھ جو فڪر آهي تہ جلدي جلدي مالڪ جي عبادت جي دولت گڏ ڪري وٺان.

تمثيل:

روحاني ادب ۾ هڪ مثال ايندو آهي: هڪڙو راجا هڪڙي درويش وٽ ويو. هن درويش کان سوال ڪيو "جيڪڏهن اوهان جو حڪم هجي تہ توهان جي خدمت ۾ ڪجھ نذر ڪريان؟" درويش وراڻيس، "جا شيءِ تنهنجي پنهنجي هجي، اها ئي نذر ڪج." راجا چيس، "پنهنجو راڄ ڀاڳ توهان جي نذر ٿو ڪريان." درويش چيس، "توکان اڳ اهو راڄ ڀاڳ ڪنهن جو هو ۽ توکان پوءِ ڪنهن جو ٿيندو؟" راجا جواب ۾ چيس، "اهو اول منهنجي والد جو هو ۽ هاڻ مون کان پوءِ منهنجي پٽ جو ٿيندو." درويش چوڻ لڳو "پوءِ تہ اهو تنهنجو نہ ٿيو." راجا چيس، "پنهنجو جسم اوهان جي نذر ڪريان." درويش پڇيس تہ "موت کان پوءِ هي ڪنهن جو ٿيندو؟" راجا چيس تہ، "اهو باهہ جي حوالي ڪيو ويندو." درويش چيس تہ "پوءِ اهو جسم بہ تنهنجو ناهي." راجا چيس "پوءِ اوهان ڏسيو تہ ڪهڙي شيءِ توهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان؟" درويش چيس تہ "تنهنجي اها خودي تنهنجي پنهنجي آهي، جنهن جي ڪري دنيا جي هر شيءِ کي تون پنهنجو ٿو سمجهين. تون اها خودي مون کي نذر ڪري ڇڏ."

دراصل حق پاڪ جا درويش اهو سمجهائڻ ٿا گهرن تہ انسان جو پنهنجو جسم، دنيا ۽ دنيا جي ڪنهن بہ شيءِ کي پنهنجو سمجهڻ وڏي ۾ وڏي جهالت آهي. اها جهالت ئي روح ۽ خدا تعاليٰ جي وچ ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. جڏهن انسان پنهنجي جهالت قربان ڪري ڇڏيندو آهي تہ سندس روحاني ترقيءَ جو دروازو کلي پوندو آهي.

بابا فريد ۽ سيئي ڪامل فقراءَ اسان کي دنيا ۽ انساني جسم کي پنهنجو سمجهڻ جي اڻ ڄاڻائي ۽ پنهنجي خوديءَ کان نجات ڏيارڻ ٿا گهرن. هتي اسان جو ڪجهہ بہ ناهي، جيڪو ڪجهہ آهي مالڪ جو آهي. اسين ان مالڪ جا آهيون ۽ هو اسان جو آهي. سواءِ ان جي ڪو بہ اسان جو ناهي ۽ نہ ئي ڪڏهن اسان جو ٿي سگهي ٿو. ان ڪري هي فاني جسم، دنيا ۽ ان جي شڪلين صورتن، مال ملڪيت کي لافاني سمجهڻ جي جهالت کي ڇڏي، ان لافاني ۽ لايزال الله تعاليٰ کي پنهنجو بڻائڻ گهرجي.

چار حوالا:

بابا فريد پنهنجي ڪلام ۾ جسم ۽ دنيا جي ناپائيداريءَ کي نهايت خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو آهي، جيڪڏهن ان ۾ هنن چئن حوالن کي ترجيهہ ڏجي تہ سندن سمجهايل فنائيت جو سچوئي منظر اڀري آڏو اچي ٿو:

1- چارے کُنڈاں ڈُھونڈھیاں رہن کِتھاؤں ناہیں[31]

2- شیخ حیاتی جگ نہ کوئی تھر رہیا[32]

3- سر بھریا بھی چلسی[33]

4- جے سو وَرمیاں جِیونا بھی تن ہوسی کھیہہ[34]

ظاهر آهي تہ بابا فريد جي ڪلام ۾ فنائيت جو سُر غالب آهي، پر پاڻ ان سچي بيان سان گڏ جا بجا ننڍا ننڍا اشارا بہ ڏئي ڇڏيا اٿس:

1- فریدا کِڑی پوندیئی کھڑا نہ آپ مہاء[35]

2- سائی جائے سمہال جتھے ہی تؤ و نجنا[36]

3- نوبت وَجّی صُبح سِیوں چلّن کا کر ساج[37]

4- فریدا عمل جے کیتے دُنی وچ درگاہ آئے کمؔ[38]

5- آکھیں سیخا بندگی چلن اج کہ کل[39]

پاڻ دنيا جي ناپائيداريءَ جي پُردرد اصليت جو بيان اڻ ڄاڻ انسانن کي

جاڳائڻ ۽ هي پيغام ڏيڻ لاءِ ڪيو آهي تہ هو جلد از جلد عاقبت جو سامان تيار ڪري وٺي. اهو ڪم صرف خدا جي عشق يا سندس عبادت جي وسيلي ئي ممڪن آهي. ان ڪم ۾ ڪاميابيءَ لاءِ دل ۾ خدا جو عشق وڌائڻ ايترو ئي ضروري آهي، جيترو ان ۾ جسم ۽ دنيا سان لڳاءُ کي گهٽ ڪرڻ ضروري آهي. موت اٽل آهي ۽ اوچتو اچي ويندو آهي، ان ڪري زندگيءَ جي نصب العين کي جلد کان جلد پورو ڪرڻ گهرجي.

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص488
(2) ڪبير ساکي سنگرهہ ص147
(3) آد گرنٿ، ص1164
(4) آد گرنٿ، ص60
(5) مثنوي بُو علي قلندر، ص14
(6) ڪبير ساکي سنگرهہ ص46
(7) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ97
(8) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ14
(9) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ105
(10) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ67
(11) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ73
(12) مها ڀارت 3:313:116
(13) آد گرنٿ، ص794
(14) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ41
(15) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ10
(16) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ77
(17) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ20
(18) آد گرنٿ، ص659
(19) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ96
(20) آد گرنٿ، ص659
(21) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ47
(22) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ45
(23) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ66
(24) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ102
(25) آد گرنٿ، ص488
(26) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ99
(27) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ68
(28) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ48
(29) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ100
(30) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ94
(31) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ102
(32) آد گرنٿ، ص488
(33) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ66
(34) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ41
(35) آد گرنٿ، ص1377: شلوڪ1
(36) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ58
(37) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ79
(38) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ100
(39) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ97

3

سچا تنهنجي آس

بابا فريد جي ڪلام ۾ فنائيت جو سگهارو سُر ٻُڌڻ ۾ اچي ٿو. دنيا ڏانهن سندس نااميديءَ جو دوکو ٿي سگهي ٿو. بيشڪ هڪ عام انسان زندگي، جواني، مال اسباب، يارن مٽن مائٽن، شان شوڪت وغيره، امن ۽ سک شانت جي اميد ۾ ان ڏانهن رجوع ڪندو آهي، جڏهن ته بابا فريد کي انهن مان ڪنهن به شيءِ مان سک شانتيءَ جي اميد ٺي ناهي. سندس چوڻ هي آهي ته جسم فاني آهي، جواني لهندڙ ڇانءِ مثل آهي، يار ۽ مٽ مائٽ هميشه ساٿ نه ڏيندا، محل ماڙيون به سدائين قائم نه رهنديون، مال ۽ دولت، حڪومت ۽ بادشاهت، علم ۽ عقل وغيره ڪا به شيءِ انسان کي ٻڏاپي کان بچائي نٿي سگهي. صرف انهن ڳالهين جي ڪري بابا فريد کي دنيا مان نااميد چئي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ جو ڪيس ڪجهه شين مان پڪي ۽ سچي اميد آهي.

١. کر کرپا پربھ سادھ سنگ میلی
جا پھر دیکھاں تاں میرا اللہ بیلی [1]

’تیری پنہہ خداء تُو بخشندگی‘[2] بابا فريد کي خدا مان رحم ۽ ڪرم جي اميد آهي، ڇاڪاڻ جو خدا تعاليٰ رحيم ۽ ڪريم بخشڻهار آهي. هو رحمت جو اڻ کٽ خزانو آهي ۽ انسان کي ڪيل گناهن جي باوجود هر قيد ۽ بند مان آزاد ڪري ڇڏيندو آهي.

٢. سروَر پنکھی ہیکڑو پھاہیوال پچاس
اِیہہ تن لہریں گڈ تِھیا، سچّے تیری آس [3]

اهو درست آهي ته حياتيءَ جي سمنڊ ۾ انسان روپي پکيءَ کي نفس (من) دولت (مايا)، موت (ڪال)، اميد ۽ خواهش، نفساني لذتن وغيره وڪوڙي رکيو آهي. ان جي حالت پڪ سان رحم جوڳي آهي پر بابا فريد نااميد ناهي. سچا تنهنجي آس، کيس ان رحيم ڪريم خدا تعاليٰ کان مدد

۽ تحفظ جي پوري اميد آهي.

۳۔ ديکھ فريدا جو ٿِيا: سکّر ٿوئی وِس،
سائيں باجھوں آپڻے ويدن کہڻے کِس۔[4]

اهو درست آهي تہ انسان هڪ وڏي مصيبت جو شڪار آهي، جيڪا ڏسڻ ۾ کنڊ محسوس ٿئي ٿي، پر اصل ۾ نسورو زهر آهي. هن مالڪ جي رحمت سان ئي مصيبت ٽري سگهي ٿي.

۴۔ کاگا کرنگ ڈھنڈوليا سگلا کھايا ماس،
اے دُو نيناں مت چُھوہيو پير ديکھن کی آس[5]

زماني جي ڪانوَ پاران جسم جو سمورو گوشت پٽي پٽي کائڻ کان پوءِ بہ بابا فريد کي پنهنجي پرينءَ جي ڏسڻ جي آس آهي.

۵۔ لَمی لَمی ندی وہے. کندھی کيرے ہيت
بيڑے نُوں کپّر کيا کرے جے پاتن رہے سُچيت[6]

زندگيءَ جي بيڙي خطرناڪ ڪُن ۾ ڦاسي پئي آهي پر ڪامل مرشد ان کي حياتيءَ جي سمنڊ سان اُڪاري پار پهچائي سگهي ٿو. ان ڪري پاڻ مرشد، رهبر کان پراميد آهي.

٦ جو گوُر دَسے واٹ مُريدا جو ليئے [7]

منزل پري آهي، رستو خطرناڪ ۽ ڏکھو آهي، تنهن هوندي بہ بابا فريد کي پوري اميد آهي تہ رهبر/ مرشد جي ٻڌايل واٽ وٺي منزل تي پهچي سگهجي ٿو.

۷. فريدا عمل جے کيتے دُنی وچ درگاہ آئے کم[8]

بابا فريد کي ٻنھ اميد ناهي تہ انسان فقط قوم، ملڪ، مذهب، ملت، ذات پات، رنگ روپ، عمر، عقل، مال، دولت، شان شوڪت جي آڌار تي خدا تعاليٰ جي دربار ۾ رسائي حاصل ڪري ٿو سگهي. ها! هو ان ڳالھ کان پُراميد ضرور آهي تہ خدا جي عبادت جا نيڪ عمل خدا جي حضور ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا.

۸. الف) فريدا! گليئیں چکڑ، دُور گھر، نال پيارے نينھ
چلاں تاں بِھجّے کمبلی رہاں تاں ٹٹّے نينھ [9]

٨. ب) ڀڄو سِڄو ڪمبلي! الله ورسؤ مينهه!
جاءِ مِلاں تنہاں سجّناں، ٿٿو ناہیں نِيُنهه[10]

نااميد تہ اهو ٿيندو آهي جيڪو مصيبت کان گهبرائجي وڃي، بابا فريد تہ ڏکھي کان ڏکھو ۽ خطرناڪ رستو پار ڪرڻ لاءِ تيار آهي. چاڪاڻ جو سندس دل ۾ پنهنجي محبوب سان ميلاپ جو شوق هو.

٩. فريدا! ايهه تن ڀھوڪنا نِت نِت دُکهيے کَون
کِتَيں ٻُجّے دے ربّاں کِتّی وَگّے پَون[11]

پاڻ چوي ٿو نفس روپ ۾ ڪتو هر روز نون نون شين لاءِ ڀؤنڪندو رهي ٿو پر منهنجي اندر خواهشات نفسانيءَ جي تيز تر انڌاري چو نہ اچي، مون پنهنجي ڪنن ۾ ڪپهہ وجهي ڇڏي آهي ۽ مون تي انڌاري اثر انداز نہ ٿيندي ان طرح ڪن بند ڪرڻ دنيا کان منهن لڪائڻ کي نراسائي چئي سگهجي ٿو پر بابا فريد مطلع ٿو ڪري تہ نفس، حواس ۽ نفساني خواهشن جي بڪ نہ ڪڏهن ختم ٿي آهي ۽ نہ ئي ختم ٿي سگهي ٿي. ان ڪري اوهان کي نفس ۽ حواس جو غلام بڻجڻ ۾ نہ پر انهن جو مالڪ بڻجڻ جي اميد ڏسڻ ۾ اچي ٿي. گرو ارجن ديو فرمائي ٿو 'دس اندری کر راکهے واس، تاکے آتمے ہوئے پرگاس'[12]. خدا تعاليٰ جو عابد حواسن جي لذتن جو مريد ڪيئن ٿي سگهندو؟

بابا فريد ۽ ٻيا ڪامل فقراءَ اها ڳالهہ نہ مڃيندا آهن تہ نفس جو ڪجهہ گهري ٿو جيڪڏهن ڪيس اهو سڀ ڪجهہ ڏيندا وڃو تہ نيٺ اهو ٿڪجي هارجي پاڻ ئي ماٺ ٿي ويندو. گرو ارجن ديو جو چوڻ آهي، "جنئو پاوک ايدهن نہی دھرابے"[13] باهہ مچائڻ لاءِ سڙڻ واري شيءِ وجهڻ سان باهہ ڪڏهن بہ نہ اجهامندي، اُن ۾ جيتريون ڪاٺيون وجهندا ويندؤ اوتريون وڌيڪ گهرندي. گرو نانڪ ديو فرمائي ٿو. 'بهکهيا بهکهه نه اتری جے بنا پر يا بهار'[14] نفس کي خواهشن مان ڪڏهن بہ تسڪين نہ ٿيندي بابا فريد کي من جي آوارگي ۽ نفساني خواهشن جي غلاميءَ کان حقيقي امن ۽ سڪون جي ڪا بہ اميد نظر نہ ٿي اچي پر روح کي نفس جي چنبي مان آزاد ڪرائي خدا ۾ مشغول ڪرڻ ۾ اميد جا ڪرڻا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

١٠. فريدا! رب کهجُوريں پکياں ماکهيا نِئيں وہن ـ[15]

فريدا! شڪَر، کھنڊ، نِوات، گُڙ، ماکيوڻ، ماجھا، ڏُدھ
سڀي وستُو مٺيان رب نه پُڄَن تُدھ (16)

بابا فريد ڪي حواسن جون لذتون منيون ۽ سڪدائڪ نٿيون لڳن، رب جو نانءُ مٺو ۽ سڪدائڪ هوندو آهي. اوهان حسين لذتن جي زهر سان نه. رب جي نانءُ جي آب حيات مان پر اميد آهيو.

١١. واٹ بماري کهري اُڎيني،
کھنّيوں تِکهي بهت پئيني (17)
نوبت وَجّي صُبح سِيوں چلّن کا کر ساج (18)

بابا فريد اهڙي عابد انسان جي ڳالھ ٿو ڪري جيڪو پنهنجي نصب العين کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي ۾ وڏي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي. سندس نشان ۽ منزل دنيا نه آخرت آهي. اها ڪوشش ۽ پروسي جي مورت آهي.

12_ بابا فريد جي ڪلام ۾ فنائيت ۽ موت جو سر ڇِٽو ضرور آهي پر ڇا موت هڪ سچائي ناهي؟ ڇا بابا فريد جي وسيلي بيان ڪيل جسم، دنيا، محل، ماڙيون ۽ مٽن ماڻتن جي اصليت سچائيءَ جي برعڪس آهي؟ ڇا سنت ڪبير، گرو رويداس، گرو نانڪ، گروتيغ بهادر وغيره جي ڪلام ۾ انسان کي انهيءَ گهري سچائيءَ بابت ڏنل آگاهي زندگيءَ جي واسطي نااميديءَ جو مظهر آهي؟ جيڪڏهن ان نظرئي سان ڏٺو وڃي ته پوءِ دنيا جا سيئي فقراءَ نااميدي پسند آهن. اصليت جي سڃاڻ جو اهو صحيح طريقو ناهي. بين قفراءَ جيان بابا فريد نه بين انسانن کي بي عمل ٿيڻ جي ترغيب ڏئي ٿو ۽ نه ئي سندن حوصله شڪني ڪري ٿو ۽ نه وري ان جي مستقبل جي باري ۾ نااميد ڪري ٿو. هو انسان کي عمل جو رخ تبديل ڪرڻ جو ڏس ڏئي ٿو ۽ کيس سندس درست نصب العين طئي ڪرڻ جو مشورو ڏئي ٿو.

13_ بابا فريد انسان کي تارڪ الدنيا ٿيڻ جي صلاح ئي نه ڏيندو آهي، پر جهاد اڪبر جي لاءِ تيار ڪندو آهي. هو انسان کي پوري طاقت ۽ سوچ سمجھ سان ميدان جنگ ۾ ڪڏي پوڻ ۽ جنگ ۾ ڪامياب ٿي ورڻ جي ترغيب ٿو ڏئي، جيئن هو پنهنجي مخالف طاقتن کي نوائي سگهي، سندس مخالف طاقتن ۽ سندن ڏانوٽن جي باري ۾ آگاهه ڪرڻ جو مقصد، انسان کي خوفزده ڪرڻ ناهي، پر پوري طاقت ۽ همٿ سان بازي کٽڻ جي صلاح

ڏئي ٿو. پاڻ انسان جي حوصلہ افزائي ڪري ٿو تہ هو سڀ سهارا ڇڏي هڪ قادر مطلق، رحيم ڪريم الله تعاليٰ جي پناهہ ۾ اچي وڃي ۽ هر طرح جي رڪاوٽن کي اورانگهي پوري پروسي سان ڪامل مرشد جي هدايت مطابق پنهنجي پوري توجهہ سان اندر ۾ اسم اعظم سان لاڳو ڪري ڇڏي، جيئن ڪاميابيءَ جي پڪ ٿي وڃيس. جڏهن دنيا جو خالق تنهنجو ٿي ويندو تہ دنيا خود بخود تنهنجي قدمن ۾ اچي ويندي. ايڏي وڏي فتح جو طريقو سمجهائڻ واري ۽ ايڏي وڏي ڪاميابيءَ جي اميد ڏيارڻ واري درويش کي مايوسي پسند ڪيئن ٿو چئي سگهجي؟

١٤. رُکهی سُکهی کهاءِ کے ٹهنڈا پانی پیئو،
فریدا! دیکهہ پرائی چوپڑی نہ ترسائیں جیئو[19]

جيڪي ماڻهو هن دنيا کي آخري سچ مڃيندا آهن، جيڪي دنياوي سکن، سهولتن، عزت وڏائي، حسين لذتن ۽ خواهشن وغيره کي انساني مقصد ٿا سمجهن ۽ انهن جي حاصلات لاءِ زندگيءَ جي اعليٰ اصولن کي قربان ڪرڻ ۾ ڪا بہ برائي نٿا سمجهن، اهي ان ڳالهہ کان حيران ٿيندا تہ بابا فريد جهڙا درويش رکي سکي کائي زندگي گذارڻ جي ترغيب ڏين ٿا.

فریدا جن لوئن جگ موہیا سے لوئن میں ڈِٹھ
کجّل ریکھ نہ سہندیاں سَے پنکھی سُوئے بہٹھ[20]

ماڻهو ان ڳالهہ تي حيران آهن تہ حق جي درويشن کي نہ حُسن ۽ جواني سان ڪا دلچسپي آهي، نہ ئي راڳ رنگ جي محفلن ۾. جيڪي ماڻهو هن دنيا کي سڌاري سک جي نگري بڻائڻ چاهين ٿا، انهن کي سنت مهاتما زندگيءَ ڏانهن نااميد ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جو تہ هنن عظيم هستين کي هيءَ دنيا ڏکن جو مسڪن نظر ايندي آهي. اهڙن ماڻهن کي اهڙا درويش نهايت مايوس ڪندڙ نظر ايندا آهن. ڪانڊيرن جو فصل، ڪلرائي زمين، بنا پنن ۽ ڪنڊن وارو باغ ۽ ان جي لذتن کي ڪنڊ مليل زهر جون ڳوڙهيون ۽ زهر ۾ بدلجڻ واري ڪنڊ جو نالو ڏيندا آهن. اهڙن ماڻهن جي اهڙن خيالن جو اصل سبب حق جي درويشن جي نقطہ نظر جي صحيح معنيٰ ۽ دنيا ۾ اچڻ جي حقيقي مقصد کان ناواقف هئڻ آهي.

15_ بابا فريد چوي ٿو:

جوبن جاندے نہ ڈراں جے شوہ پریت نہ جاءِ۔[21]
اللہ سیتی رتّیا ایہہ سچاوا ساج[22]

فریدا! شکّر، کھنڈ، نِوات، گُڑ، ماکھیوں، ماجھا، دُدھ
سبھے وستُو متّھیاں رب نہ پُجّن تُدھ[23]

ظاهر آهي تہ اوهان جي دنيا ۾ ان جي صورتن، مرتبن، عهدن ۾ حاصلاتن کان نااميديءَ جو سبب هي آهي تہ اوهان هر مادي حاصلات کي مالڪ سان وصال جي سرور جي مقابلي ۾ نهايت ئي گهٽ ڄاڻندا آهيو.

16_ بابا فريد جي تعليم آهي:

(ا) فریدا اِکنا آتا اگلا اِکنا نابی لون
اگے گئے سنجا پسن چوٹاں کھاسی کون[24]

(ب) پاس دمامے چھتُ سر، بھیری، سڈو رڈ
جائے سُتے جِیران میں تھِیے اَتیماں گڈ[25]

(پ) فریدا! موتے دا بنّا ایوں دِسے جیوں دریاوے ڈھاہَ
اگے دوزخ تپیا سنئے ہول پوے کہاہَ
اِکنا نُوں سبھ سُوجی آئی، اک پھر دے وے پرواہَ
عمل جو کیتے دُنی وچ سے درگاہ اوگاہ[26]

(ت) فریدا تنہاں مکھ ڈراونے جنہاں وساریو ناؤں
ایتھے دُکھ گھنیرے آ اگے تھور نہ تھاؤں[27]

بابا فريد جي شلوڪن جو خاص پهلو هي آهي تہ سندس شلوڪ گرو تيغ بهادر جي شلوڪن سان مشابهت رکن ٿا. هتي اسان گرو تيغ بهادر جي ڪجھ شلوڪن تي غور ٿا ڪريون. پاڻ فرمائي ٿو:

1_ گُن گوبند گائیو نہی جنم اکارتھ کِین
کہو نانک ہر بھج منا جہہ بدھ جل کو مِین[28]

2- بِکھئين سئو کا ہے رچيؤنمکھ نہ ہو بہ اُداس
کہو نانک بھج ہر منا پرے نہ جم کی پھاس (29)

پاڻ خدا جي عبادت کي نفساني خواهشن تي ترجيح ڏيندي ان کي انساني زندگيءَ جو اصل مقصد قرار ڏئي ٿو. پاڻ وڌيڪ چوي ٿو:

1- سبھ سُکھ داتا رام ہے دُوسر نابن کوئے
کہو نانک سُن رے منا تہہ سمرت گت ہوئے (30)

2- جئو سُکھ کؤ چاہے سدا سرن رام کی لیہہ
کہو نانک سُن رے منا دُرلبھ مانکُھ دیہہ (31)

يعني حقيقي قائم دائم ۽ مڪمل سرور فقط خدا سان لنئون لڳائڻ سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو. پاڻ چوي ٿو:

رام گیؤ راون گیؤ جاکو بُہہ پروار
کہو نانک تھر کچھو نہی سپنے جئو سنسار (32)

نہ ئي شري رام چندر مهاراج جهڙا ڪامل انسان سدائين هتي رهي سگهندا آهن. نہ ئي راوڻ جهڙا بدڪردار. دنيا ۽ ان جي ساز و سامان جي حقيقت خواب کان وڌ ڪجهہ بہ ناهي. پاڻ انسان کي خبردار ڪن ٿا:

دمن دمارا سمپت سگل جن اپنی کرمان
ان مے کچھو سنگی نہی نانک ساچی جان (33)

ڌن دولت، هَٽَ حويليون، زمين جائيداد، ڌيئر پٽ، دوست، مٽ مائٽ سڀني جو ساٿ ڪوڙو آهي. پاڻ وڌيڪ چوي ٿو:

1۔ اِہ جگ ہے سمپت سپنے کی دیکھ کہا ایڈانو (34)

2۔ اِہ جگ دُھوئے کا پہار، تے ساچا مانیا کہہ بچار (35)

3۔ جیسے جل تے بُد بُدا اُپجے بنسے نیت
جگ رچنا تیسے رچی نانک سُن میت (36)

4۔ جگ رچنا سبھ جھوٹھ ہے جان لیہورے میت
کہو نانک تھر نہ رہے جئو بالو کی بھیت (37)

5_ مِرگ ترسنا جنو جهوٺهوا يهه جگ[38]

پاڻ انهن شلوڪن ۾ دنيا جي خواب ۾ گڏ ڪيل دولت کي دونهين جي پهاڙ پاڇيءَ جي بوٽئي، واريءَ جي ديوار ۽ سراب (مِرگ ترِشنا) سان تشبيهه ڏئي ٿو. پاڻ سچوءِ سدائين قائم ڪنهن کي ٿو چوي:

نام رہئيو سادهو رُہيئو رہيئو گور گوبند
کہو نانک ايہه جگت ۾ کن جپيئو گورمنت[39]

هو خداوند (گوبند) سچو آهي، ان ۾ سمائجي ان جو روپ ٿي ويل سنت ستگرو سچا آهن. خدا جو نالو سچو آهي ۽ انساني زندگي فقط اهڙن ماڻهن جي ڪامياب آهي، جيڪي ڪنهن ڪامل مرشد جي تعليم مطابق ڪلمي جو ورد ڪندا آهن. ظاهر آهي مرشد سائينءَ کي دنيا، ان جي شڪلين صورتن، ان جي ساز ۽ سامان، ان جي عزت وڏائي، حواسن جي لذتن وغيره ۾ نہ فقط خدا. مرشد ڪامل ۽ ان پاران مليل ڪلمي، عبادت ۽ اطاعت جي اميد آهي، گرو ارجن چوي ٿو:

نمکھ کام سُوا دکارن کوٹ جنم دُکھ پاوہے
گھری مہت رنگ مانہہ پھر بہر بہر پچھوتاوہے
اندھے چیت ہر ہر رائیا، تیرا سو دِن نیڑے آئیا
پلک درِشٹ دیکھ بھولو آک نیم کو تو نمر
جیسا سنگ بسئیر سئو ہے رے تیسو ہی ایہہ پرگرہے
بیری کا رن پاپ کرتا بست رہی امانا
چھوڈ جاہہ تِن ہی سِئو سنگی ساجن سئو بیرانا
سگل سنسار اِ ہے بِدھ بیا پیؤ سو اُ بریو جس گور پورا
کہو نانک بھو ساگر تریو بھئے پنیت سربرا[40]

ڪبير داس جو چوڻ آهي:

لنکا سا کوٹ سُمند سی کھائی تہہ راون گھر خبر نہ پائی
کیا ماگؤ کچھو تِھر نہ رہائی. دیکھت نین چلیو جگ جائی
اِک لکھ پُوت سوا لکھ ناتی، تہہ راون گھر دیا نہ باتی
چند سُورج جاکے تپت رسوئی، بیسنتر جاکے کپرے دھوئی

گورمت رامے نام بسائی، استھر رہے نہ کتھوں جائی
کہت کبیر سنو رے لوئی، رام نام بن مُکت نہ ہوئی(41)

ظاهر آهي تہ سيني درويشن پنهنجي ڳالهہ هتي (دنيا) ۾ اڳتي (عقبيٰ) بحرِ حيات کي پار ڪرڻ ۾ 'رام نام بن مکت نہ ہوئی' (ڪلمي بنا نجات ناهي) جي پسمنظر ۾ چئي آهي. ڪامل درويشن جي نظر ظاهري حادثن ۾ انهن جي سچائين پويان لڪل اصليت ۾ دارالفاني کان مقامِ حق تائين وڃي ٿي. اهي اهڙن حادثن ۾ واقعن جي شروعات کي سندن پڇاڙيءَ سان، انجام کي شروعات سان گڏائي ڏسندا آهن. اهي حواسن جي عارضي ۾ بي معنيٰ لذتن کان واقف هوندا آهن ۾ انهن مان پيدا ٿيندڙ ڏکهن ۾ بي بيان عذابن کان بہ واقف هوندا آهن. هو حال جي مختصر زندگيءَ کي روحاني زندگيءَ جي لامحدوديت جي پسمنظر ۾ ڏسندا آهن. گهڙي پل جو سک جيڪو ڏکهي عرصي لاءِ عذاب بڻجي وڃي، هو ان کي سکدائڪ نہ ڄاڻندا آهن. دنيائي لذتن جو منتر جيڪو انسان کي بيهوش ڪري، سندس اصلي گهر جي سک، امن ۾ سڪون کان پري ڪري ڇڏي، اهي ان کي ڏکوئيندڙ سمجهندا آهن سکدائڪ نہ.

ڪامل فقراءَ انسان جي روبرو حال جي ادنيٰ، وقتي، حسي لذتن ۾ ظاهري دنيا جي نامڪمل ۾ عارضي سکن جي جاءِ تي خدا تعاليٰ سان وصال، جي غير مادي، دائمي ۾ لطيف روحاني سڪون جي حصول جو نظريو قائم ڪندا آهن. اهي دائمي روحاني سڪون کي حقيقي ۾ حال جي کن پل جي حسي لذتن کي باطل قرار ڏيندا آهن. جيڪڏهن زندگيءَ جو اصل مقصد حاصل ٿيندي نظر اچي تہ اهي حال جي کن پل وارين گهڙين جي محرومين ۾ عذابن کي خوش خلقيءَ سان برداشت ڪرڻ جا حامي آهن. اهو ئي سبب آهي تہ هڪ طرف دنيائي شيون، مئن مائٽن، عهدن ۾ حاصلاتن جي غير معقوليت جو دل سوز پيغام ڏيندا آهن ۾ ٻئي پاسي خدا جي وصال ۾ حاصل ٿيندڙ سچي ۾ روحاني سڪون جا پرامید گيت ڳائيندا آهن. جنهن خود غرض دنيادار انسان ماديت ۾ نفسانيت جي ڪارن شيشن واري عينڪ پائي ورتي آهي، انهن کي سڀئي ڪامل درويش خواب پسند، تارڪ الدنيا، خود پسند ۾ مايوس نظر ايندا آهن، جڏهن تہ روحاني نظرين وارن لاءِ اهڙا فقراءَ سيني کان وڌيڪ حقيقت آگاهہ، جاکوڙي، انسان دوست ۾ اميد پسند ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص794
(2) آد گرنٿ، ص488
(3) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ125
(4) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ10
(5) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ91
(6) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ86
(7) آد گرنٿ، ص488
(8) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ100
(9) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ24
(10) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ25
(11) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ88
(12) آد گرنٿ، ص236
(13) آد گرنٿ، ص280
(14) آد گرنٿ، ص1
(15) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ89
(16) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ27
(17) آد گرنٿ، ص794
(18) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ79
(19) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ29
(20) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ14
(21) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ34
(22) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ108
(23) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ27
(24) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ44
(25) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ45
(26) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ98
(27) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ106
(28_30) آد گرنٿ، ص1426
(31) آد گرنٿ، ص1427
(32) آد گرنٿ، ص1428
(33) آد گرنٿ، ص1426
(34_35) آد گرنٿ، ص1186
(36) آد گرنٿ، ص1427
(37) آد گرنٿ، ص1428
(38) آد گرنٿ، ص219
(39) آد گرنٿ، ص1429
(40) آد گرنٿ، ص403
(41) آد گرنٿ، ص481

4

ڪوئل تون ڪارِي ڇو؟

هن ڪان اڳ اسين بابا فريد وٽ خدا جي عشق جي اهميت، مادي جسم ۽ دنيا جي فنائيت جو بيان ڪري آيا آهيون. سندس ڪلام روحانيت جي هڪڙي خوبصورت معرفت تي روشني وجهي ٿو:

ڪالي ڪوئل تُو ڪِت گُن ڪالي
اپنے پريتم کے ہَوں بِرہے جالی
پِرہے بِہُوں کِتھ سُکھ پائے
جاں ہوۓ کرپال تا پربھو ملائے(1)

روح کان سوال ڪيو ويو آهي. ڪالي ڪوئل تو ڪت گُن ڪالي؟ اي روح روپي ڪوئل! تون اهو ٻڌاءِ تہ تنهنجي اها حالت ڪيئن بڻي؟ تون ذِيشعور، روشن بالذات، علم بالذات، مسرور بالذات هئينءَ. تون ڏکن ڏاڍي ۽ سورن ساڙِي حالت ۾ ڪيئن پهچي وئينءَ؟ روح جواب ڏنو: 'اپنے پريتم کے ہؤ بر ہے جالي' منهنجي ڏکن ڏاڍي ۽ سورن ساڙِي صورتحال جو اصل سبب محبوب جي جدائي آهي. مان محبوب جي هجر ۽ فراق ۾ سڙي ڪوئلو ٿي ويو آهيان. روح سوال ٿو ڪري: 'پر به بہوُں کتہه سُکھ پائے' ڇا تو ڪڏهن ڪنهن عاشق کي محبوب کان وڇڙي سک جي ننڊ سمهندي ڏٺو آهي؟ محبوب جي جدائي ۽ حقيقي سڪون جو ڏينهن ۽ رات جو رشتو آهي. اهي ٻئي ڪڏهن گڏجي هلي نہ ٿا سگهن.

مٿي بابا فريد ڪافي سادي پر معنيٰ خيز طريقي سان دنيا جي سيني ڪامل درويشن واتان چيل هن ڳالهه ڏانهن توجهه ڇڪايو آهي تہ روح اصل ۾ مقامِ حق جو رهاڪو آهي. اهو ان مالڪ جو جزو آهي. پهرين هي ان مالڪ ۾ سمايل هو. ان خالق پنهنجي موج ۾ اچي، ڪيس پنهنجو پاڻ کان جدا ڪري، هن فاني دنيا ۾ موڪلي ڇڏيو جيئن ئي روح پاڻ پنهنجي سرچشمي کان جدا ٿيو تہ

هن جي اڻ ڳڻ عذابن جو داستان شروع ٿي ويو. مالڪ ڪل جي ڪري ئي روح ۾ قوت بالذات، علم بالذات، عشق بالذات آهي پر من ۽ مايا جي اثر هيٺ ڪيل عملن سندس قدرتي نور کي ڍڪي رکيو آهي. هاڻ هي بنهه ڪمزور ۽ ناتوان ٿي چڪو آهي هاڻي هو اڻجاڻائيءَ جي اوندهه ۾ گهيرجي چڪو آهي. اها روح جي خوشنصيبي چئجي جو هن جي اندر ۾ ڇپ هٽي ويئل پنهنجي اصل مقام جي ياد ۽ محبوب حقيقيءَ جي عشق کي ڪنهن به حالت ۾ ختم نٿو ڪري سگهجي. هن خالق روح جي اندر پنهنجو ۽ سندس اصلي مقام جو پيار يا ويراڳ پاڻ پيدا ڪيو آهي. اهو پيار ۽ ويراڳ ئي آخر انسان جو خدا تعاليٰ سان وصال جو ذريعو بڻبو آهي. ان باري ۾ به بابا فريد اڳتي ڪولي سمجهائي ٿو.

برهه بادشاهه:

بِرهَا بِرهَا آکيي بِرهَا تُوں سلطان
فريدا! جِت تن برہوں نه اُپجے سوتن جان مسان[2]

ماٺهو هجر ۽ فراق جي جهوريءَ جي شڪايت ڪندا آهن پر بابا فريد جي نظر ۾ اها جهوري وڌ کان وڌ ۽ پاڪ کان پاڪ تر آهي. ان جهوريءَ جو خدا سان وصل جو اهو درجو آهي، جيڪو هڪ سلطان جو پنهنجي سلطنت سان. ڪنهن عاشق کان اهو پڇو ته اهو ڪنهن به قيمت تي ان جهوريءَ کي ڇڏڻ لاءِ تيار آهي؟ سندس جواب نفيءَ ۾ هوندو. وڇوڙي جو درد دراصل عشق جي زندهه هجڻ جي نشاني آهي. انسان جي هستيءَ جو مول مقصد عشق آهي، پر وڇوڙي جي جهوري عشق جي زندهه هجڻ جو ثبوت آهي، جيڪڏهن ڪو به ڪنهن قسم جي کوٽ محسوس ڪندو آهي، ڪنهن شيءِ لاءِ تڙپندو آهي. ته اهو ان شيءِ کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش به ڪندو آهي، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. جنهن شيءِ جي کوٽ جو احساس ئي نه ٿيندو هجي، ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ ان جي لاءِ پنهنجي ڪنهن شيءِ کي قربان ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. تڙپ، عشق کي ظاهر به ڪندي آهي، ان کي پختو به ڪندي آهي. اها ئي محبوب سان وصال جو ذريعو بڻبي آهي. ان ڪري فراق واري زندهه دل قابل قدر آهي، جڏهن ته فراق کان خالي دل قبر جي مثال آهي.

گهڻن ئي صوفي درويشن پنهنجي ڪلام ۾ ان امر ڏانهن اشارو ڪيو آهي تہ جڏهن کان روح خدا تعاليٰ کان ڌار ٿي آيو آهي، تہ اهو سندس جدائيءَ جي جهوريءَ کان بيچين ۽ بيقرار آهي، انسان کي دنيا ۾ چاهي جو بہ ملي وڃي ان جي اندر ڪا نہ ڪا کوٽ، بيچيني ۽ بيقراريءَ جو احساس برقرار رهندو آهي. اها بيقراري روح جي مالڪ ڪل پاران قدرتي ڇڪ جي ڪري هوندي آهي. جيسين اهو واپس موٽي ڪل ۾ نٿو سمائجي تيسين سندس بيچيني ۽ بيقراري ختم نٿي ٿي سگهي. بابا فريد ان کي برهہ تون سلطان" جو نالو ڏنو آهي. روحاني نظرئي سان برهہ جي تڙپ ئي روح جو رب سان وصال جو سڀ کان اعليٰ ۽ حقيقي ذريعو آهي. جيڪڏهن رب روح جي اندر پنهنجي وصال جي تڙپ پيدا نہ ڪئي هجي ها تہ ڪو بہ روح ان ٻنڌڻ کان آزاد ٿي پنهنجي خالق سان واصل نہ ٿي سگهي ها. بابا فريد ان ڳوڙهي رمز ڏانهن اشارو ٿو ڪري تہ دنيا جي لوڀ انسان کي ڪائنات سان ٻڌي رکندي آهي ۽ خدا جي تڙپ نيٺ کيس خدا تعاليٰ سان ملائي ڇڏيندي آهي.

سڀني حق جي درويشن اهائي تعليم ڏني آهي تہ جيسين انسان هن ڪوڙي دنيا جي محبت ۽ رغبت ترڪ ڪري پنهنجي اندر خدا جي لاءِ سچو عشق پيدا نہ ٿو ڪري، جيسين ان محبوب سان وصال جي سچي تڙپ پيدا نہ ٿيندي، تيسين هو ساڻس واصل ٿيڻ جي اميد نٿو رکي سگهي. روح ۾ قدرتي وصال جي تڙپ موجود آهي پر موجوده حالت ۾ هي اعمال، تاثرات ۽ دنيا جي ٻنڌڻن جي بوجهہ هيٺان دٻجي ويو آهي. ان لڪل/ستل محبت کي جاڳائڻ ۽ وڌائڻ ئي سچي روحانيت جو حاصل مقصد آهي. خدا جي عبادت يا ڪلمي (نماز) جي رياضت جو اصل مقصد بہ ننڍاڪڙي محبت کي سجاڳ ڪرڻ آهي.

مهاراج چرن سنگهہ هڪڙو خوبصورت مثال ڏئي سمجهائيندو هو تہ ماءُ پنهنجي ٻار کي دائي سان گڏ ٻاهر کيڏڻ لاءِ موڪلي ڇڏيندي آهي. دائي ٻارڙي کي ٻاتڙي ٻوليءَ ۾ کهاڻيون ٻڌائي ميوا ۽ مٺائي ڏئي ۽ ٻين ڪيترن ئي طريقن سان ريجهائي رکندي آهي. جيسين ٻارڙو دائيءَ سان خوشي خوشي راند ۾ مصروف رهندو آهي تہ سندس والده بي فڪر رهندي آهي. جيئن ئي ٻار سڀ ڪجهہ وساري ماءُ لاءِ روئندو تہ ماڻس کان رهيو نہ ٿيندو آهي ۽ هوءَ ترت ئي ڊوڙي اچي ٻار کي سيني لائيندي آهي. ائين ئي جيسين

روح ڪائنات جي ڪيڏوڻن سان ڪيڏندو رهندو آهي تيستائين مالڪ ڪيس ان راند ۾ رڌل رهڻ ڏيندو آهي. جڏهن هو هر طرف کان ڌيان هٽائي پنهنجي والد خدا تعاليٰ لاءِ بيقرار ٿيندو آهي ته رب پاڻ ڪيس پاڻ سان ملائي ڇڏيندو آهي. بابا فريد چوي ٿو:

جوبن جاندے نه ڈراں جے شوه پریت نه جاءِ
فریدا! کِتّی جوبن پریت بن سُک گئے کملاءِ[3]

حقيقي عاشق چوي ٿو ته پل سپ ڪجهه هليو وڃي پر منهنجي دل مان محبوب جي محبت نه وڃي. ڇو ته جيسين محبت قائم آهي، محبوب سان وصال جو امڪان آهي، جيڪڏهن محبت ئي مري ويندي ته محبوب سان وصل جو امڪان به ويندو رهندو. بابا فريد ان خيال کي هن طرح ٿو بيان ڪري:

1- کاگا کرنگ ڈھنڈولیا سگلا کھایا ماس،
اے دُو نیناں مت چُھوہیو پیر دیکھن کی آس[4]

2- کاگا چونڈ نه پنجرا، بس اے تاں اُڈ جا
جِت پنجرے میرا شوہ وسے ماس نه تدوں کھا[5]

انهن شلوڪن ۾ عاشق جي پنهنجي محبوب سان ميلاپ جي تڙپ جي نهايت خوبصورت ترجماني ڪئي اٿس. فراق واري عاشق کي نه بک لڳندي آهي، نه ئي ننڊ ايندي آهي، محبوب جي فراق ۾ سندس جسم سڪي ڪنڊا ٿي ويو آهي. حقيقي محبوب جي هجر ۾ ويڇوڙي جي وڏيل محبوبه زماني جي ڪانءَ کي منٿ ٿي ڪري، اي ڪانءَ! تو منهنجي جسم جو سارو ماس ته پٽي ڇڏيو آهي، مان منٿ ميڙ ٿي ڪريان ته منهنجون ٻئي اکيون نه کائج، ڇو جو اجا مون کي محبوب جي ديدار جي آس آهي.

بابا فريد اشارن ۾ چوي ٿو ته عاشق پنهنجي محبوب جي ديدار خاطر هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي. هو پنهنجي محبوب جي وصال لاءِ وڏي ۾ وڏو ڏک سهڻ لاءِ به تيار آهي. جيسين ڪيس محبوب جو ديدار نه ٿو ٿئي، هن جي دل ۾ برهه جي چٽنگ دکندي رهندي آهي. ان کي نه تن بدن جو هوش آهي نه کاڌي پيتي جو هوش آهي ۽ نه ڪا ڪيس ڏک ڏولاون جي پرواهه آهي. پاڻ چوي ٿو:

فريدا! چِنت کھٹولا، وان ڈُکھ، بره وِچھاون ليف
ايہه ہمارا جيونا، تُوں صاحِب سچّے ويکھ[6]

بابا فريد برهہ جي چيڪي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ فڪر کٽ آهي، ڏک جي واڻ سان واڻيل آهي، ان تي هجر جو هنڌ وڇايل آهي، اي منهنجا محبوب! ٿورو مون طرف ڏس تہ سهي، تنهنجي جدائيءَ ۾ منهنجي ڪهڙي حالت ٿي وئي آهي. منهنجي زندگي، فڪر، ڏک ۽ بي قراريءَ جي مورت بڻجي وئي آهي. تون پنهنجي رحمت سان مون کي انهن ڏکن مان نجات ڏيار.

عشق ازلي آهي:

عشق جو وجود ازل کان آهي. سائين بلهي شاهہ جو چوڻ آهي:

١۔ اک رانجھا مينوں لوڑی دا
کُن فيکون اگے دياں لگياں، نہوں نہ لگڑا چوری دا[7]

٢۔ نی مينوں لگڑا عشق اول دا، روزِ ازل دا
وِچ کڑاہی تل تل جاوے، تلياں نُوں چا تلدا
موياں نُوں اِه ول ول مارے، وَلياں نُوں چا ولدا
کيا جانا کوئی چنگ ککھيں اے، نِت سُول کليجے سلدا
تير جگر وچ لگا عشقوں، نہيں ہلياں ہلدا
بُلھاؔ شاه دانہوں انوکھا، نہيں رلاياں رلدا[8]

کن فيکون و روزِ ازل، مان مراد آهي ڪائنات جي ابتدا جيڪا حڪم الاهي سان ٿي. پاڻ اشارو ٿو ڪري تہ جڏهن کان حڪم الاهيءَ جي ڪري روح رب کان ڌار ٿيو ۽ جنهن جو نزول مقام حق کان ٿيو اهو هِن عالم فانيءَ ۾ اچي جاڳير ٿيو. ان ڏينهن کان هن ۾ عشق ۽ ان جي جدائيءَ جو درد پيدا ٿي واسو ڪري چڪو هو. 'وِچ کڑاہی تل تل جاوے، موياں نوں اه ول ول مارے،نت سول کليجے سلدا' وغيره جا بيان جدائيءَ جي لڳاتار ڏک جو مظهر آهن. نہيں رليا رلدا، جو بيان برہا تُو سلطان، جي مفهوم جي ترجماني ڪري ٿو. بابا فريد ۽ سائين بلهي شاهہ هي چوڻ ٿا چاهين تہ ڪا بہ ٻي شيءِ ان ازلي درد جو بدل نٿي ٿي سگهي. اهو ئي سبب هو جو روح روپي

هير ازل کان ئي رب روپي رانجهن جي ڳولا ۾ ڀٽڪي رهي آهي. حضرت سلطان باهو هوبهو اها ڳالهه هيئن بيان ڪئي آهي:

بَنهہ چلایا طرف زمیں دے، عرشوں فرش ٹِکایا ہُو
گهر تهیں مِلیا دیس نکالا، لکهیا جهولی پایا ہُو
رہۀ نی دُنیا نه کر جهیڑا، ساڈا دِل گهبرایا ہُو
اسیں پردیسی وطن دُرا ڈا، دم دم الم سوایاہُو[9]

يعني مقام حق ۾ رهندڙ روح ان وقت نفس ۽ ماديت جي اڻ ڏٺي ڏيهه ۾ حيران ۽ پريشان ڀٽڪي رهيو آهي. اهو پنهنجي اصل مقام ڏانهن موٽي وڃڻ جي لاءِ بي چين آهي. 'دم دم الم سوايا هو' ان ۾ جدائيءَ جو ڏک پل پل وڌي رهيو آهي. دنيا ۾ سندس دل نٿي لڳي. اهو تڪڙو تڪڙو پنهنجي اصل مقام ڏانهن پهچڻ ٿو گهري. جيئن پنهنجي اصل سان ملي سگهي.

اصل کان جُدائي:

فریدا! جیں دینهہ نالا کپّیا ے گل کہّیں چُکهہ
پوَن نه اِتّی مامِلے، سہاں نه اِتّی دُکهہ[10]

'نالا کپیا' جي معنيٰ آهي ناڙو ڪپڻ، 'ے گل کهه چُکهه'. يعني جيڪڏهن منهنجو ناڙو ڪپڻ بجاءِ منهنجو ڪنڌ ڪپيو وڃي ها ته بهتر هو. ناڙو ڪهڻ مان مراد آهي ٻار جو ماءُ کان جدا ٿيڻ. بابا فريد ان طرح اشارو ٿو ڪري ته جيستائين روح روپي ٻار ۽ رب روپي والده سان ڳنڍيل هو ته اهو هر قسم جي ڏک ۽ تڪليف کان آزاد هو. 'پوَن نه اِتّی مامِلے، سہاں نه اِتّی دُکهہ'. نه ئي روح خدا کان جدا ٿئي ها. نه ئي ڪيس مادي دنيا ۾ طرح طرح جا ڏک سهڻا پون ها. 'اپنے پریتم کے ہوبرہہ جالی'،'جو ڈوبا گن رب دی جهور یدی جهورے' ۽ 'پون نه اتی ماملے سہاں نه اتی دُکهہ'. اهي ٽئي بيان ان ڳالهه جي وضاحت ٿا ڪن ته جيسين روح پنهنجي اصل مقام تي پنهنجي اصل سرچشمي ۾ ضم نٿو ٿي وڃي تيستائين ان جا ڏک درد ڪڏهن به رفع نه ٿيندا. رب کان جدا ٿيڻ ئي روح جو سڀ کان وڏو ڏک آهي. جيسين روح پنهنجو پاڻ کي ان عظيم حقيقت ۾ سمائي نٿو ڇڏي، ڪيس ڪڏهن به عذابن مان ڇوٽڪارو ملي نه سگهندو.

تتّی توءِ نه پَلوے جے جل ٹُبھی دے
فريدا! جو ڈوہاگن ربّ دی جُھوريندری جُھورے[11]

عام لفظن ۾ سڪل پوک کي ڪيترو به پاڻي ڏيو ته به اها ڪڏهن به سائي نه ٿيندي، ان طرح خدا تعاليٰ کان وڇڙيل روح ڪڏهن به مطمئن نه ٿيندو.

ان سلسلي ۾ بابا فريد جي ڪلام ۾ اڳ ئي اشارو ڪيو ويو آهي. پاڻ هتي ذهن نشين پيا ڪرائين ته خدا تعاليٰ کان وڇڙيل روح کي توڙي جو حواسن جي لذتن سان ٽمٽار ڪري ڇڏيو ته به هو پنهنجي محبوب جي وصال لاءِ بيتاب ۽ بيقرار رهندو. جنهن وريتيءَ جو وڙ پرديس هليو ويو هجي، ان کي ڪيترائي زيور، هار سينگار ۽ لذيذ طعام ڏنا وڃن، پل ڪيس عاليشان محلاتن ۾ رکيو وڃي ۽ بيشمار نوڪر چاڪر سندس خدمت ۾ هڪيا حاضر هجن، تنهن هوندي به اها سدائين اداس رهندي. پاڻيءَ کان جدا ڪيل مڇيءَ کي پل کير، گهه ۽ ماکيءَ ۾ وجهي رکو ته به اها هميشه پاڻيءَ لاءِ ڦتڪندي رهندي، اهڙيءَ طرح خدا روپي سهاڳ جي هجر ۾ سڙيل ٻريل روح کي دنيا جا ڪيترا به ساز و سامان ميسر ڪيا وڃن، ان مان خدا تعاليٰ کان جدائيءَ جي بيچيني گهٽ نه ٿيندي، ان جي جدائيءَ جو اڪيلو علاج خدا سان وصال آهي.

ڳوليان، نه لهان:

فريدا! گلّيں سو سجّن وِيهه، اِک ڈھونڈھيندی نه لہاں
دُھکّھاں جيوں ماليهه، کارن تنہاں ما پِری[12]

'جے جل ٹُبی دے' جو اشارو دنياوي عيش عشرت جي گهٽائيءَ طرف آهي. 'گليں سو سجن وِيهه' جو اشارو دوستن متن مائٽن جي گهٽائيءَ تي آهي. روح چوي ٿو ته مون سان مائٽي جوڙڻ وارن جي گهڻتائي ناهي. پر منهنجو ساٿ نباهڻ وارو سچو ساٿي ڪو به ناهي. 'اِک ڈھونڈھيندی نه لہاں' ۾ ڪوڙن مِتن ۾ وڪوڙيل مان، ازل کان پاڻ کي هيڪلو تصور ٿو ڪيان. انهن اهو 'هڪڙو' مون کي نظر نه ٿو اچي، جيڪو اصل ۾ منهنجو پنهنجو هجي.

دُھکّھاں جيوں ماليهه' روح چوي ٿو ته اهوئي سبب آهي جو مان وڻ ۾

وڌ عيش عشرت جا سبب ۽ هزارين مائٽن جي باوجود چيٽن جيان اندر ئي اندر ٻري رهيا آهيان. مون کي مسلسل جدائيءَ جي اڏوهي کائي رهي آهي. ’جو ڏوہاگن رب دی جُھوریدی جھورے‘ جي مفهوم کي ’دُمکھاں جنو مانلیہ‘ جي حوالي سان ثابت ڪيو ويو آهي. بابا فريد روح جي هيڪلائي ۽ ان مان پيدا اٿيندڙ دائمي ڏک جي يادگيري ٿو ڏياري ته جيسين اها هيڪلائيءَ دفع نه ٿيندي تيستائين ڏک جو درد به نه لهندو. ڪيترن ئي صوفي شاعرن جدائيءَ جي ڏک درد جا گيت ڳاتا آهن. مولانا روميءَ پنهنجي مثنويءَ جي شروعات، روح جي پنهنجي اصل کان جدائيءَ جي آهه و زاريءَ سان ڪئي آهي. روح روپي بانسريءَ جو چوڻ آهي ته مان پنهنجي وڇوڙي جا ورلاپ ڪري رهي آهيان. جڏهن کان مون کي بانس جي جهنگل مان ڪپي ڌار ڪيو ويو مان خوار ۽ پريشان آهيان. جڏهن ڪنهن کي به پنهنجي اصل کان ڌار ڪيو ويندو آهي، ان جي اندر ۾ پنهنجي اصل سان وصل جي تڙپ پيدا ٿي ويندي آهي ۽ اهو پنهنجي وصل جو زمانو وري ياد ۾ تلاش ڪندو رهندو آهي.[13]

شيطاني تيز:

بابا فريد ’گلیں سوسجن وبہہ‘ ۽ ’دُکھا جنو مانلیہ‘ جو راز کوليو آهي. ان سان گڏ ئي خبردار به ڪري ٿو:

فریدا! کو کیندَیاں چانکینَدیاں مِتّیں دیندیاں نِت
جو شَیطان ونَجایا سے کِت پھیرے چِت[33]

” مِتّیں دیندَیاں نِت “ ۽ جو ”شَیطان ونَجایا “ جي وسيلي پاڻ اهو لڪل راز ظاهر ٿو ڪري ته روح ۾ پنهنجي اصل ۾ ازلي وصل جي قدرتي چِڪ آهي پر نفس جهڙو شيطان باطن ۾ هر پل کيس گمراهه ڪري، حسي لذتن، نفساني خواهشن ۽ دنيا جي بين اڻ ڳڻين دلفريب خواهشن طرف آماده ڪندو رهندو آهي. ”سے کِت پھیر بہہ چِت“ انسان ان قدر نفس ۽ دولت ۾ ڦاسي، پنهنجي اصل مقام ڏانهن روان ٿئي ٿو ۽ نه ئي پنهنجي اصل مقام کي حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙڻ لاءِ تيار ٿو ٿئي. فقراءَ جي هر هر هدايتن جي باوجود ان جي مٽي ۾ جونءَ به نٿي چري پري.

نفس ۽ دولت جا پردا:

آَج مِلاوا شيخ فِرِيد، ٺهاکم کونجڙياں، منوں مچندڙياں [15]

پاڻ يقين ٿو ڏياري تہ جيڪڏهن نفس کي اپارڻ يا هوا ڏيڻ وارن حواسن کي قابو ڪيو وڃي تہ خدا سان بہ وصال ٿي سگهي ٿو. 'ٺاکم کونجڙيا'، انسان جي هستيءَ جو اصل بنياد روح آهي، پر موجوده حالت ۾ جسم نفس ۽ روح پاڻ ۾ هڪٻئي سان پيوست آهن. بجاءِ ان جي تہ نفس روح جي تابع هجي، نفس روح کي مطيع ڪري ڇڏيو آهي. نفس ئي روح جو حواسن جي لذتن ڏانهن ڏيان ٿو ڇڪائي ۽ ڪانئس قسمين قسمين ڪم ٿو ڪرائي، نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ انسان نفس جي پيدا ڪيل خواهشن جي تسڪين جي لاءِ طرح طرح جي اعمال ۾ ڦاسي پوندو آهي ۽ پوءِ ڪيل عملن جو نتيجو ڀوڳڻ لاءِ روح آواگون (جنم جنم جي ڦيري) جي چڪر ۾ ڦاسجي ٿو وڃي.

نفس ذي شعور روح ۽ غير شعوري جسم کي پاڻ ۾ ملائڻ واري هڪڙي ڪڙي آهي. مثال طور جيڪڏهن سفيد بلب جي مٿان نيري پني چاڙهي وڃي تہ بلب مان نيري رنگ جي روشني نڪرندي نظر ايندي. ڌرمي پُستڪن ۾ اهڙي عمل کي 'صحبت جو نقص' چيو ويو آهي. نفس روح جي قدرتي نور کي ڍڪي ڇڏيندو آهي. اهو نہ ان نور کي بدلائي سگهندو آهي نہ ئي ختم ڪري سگهندو آهي پر جيئن جيئن روح تي نفس، دولت ۽ عملن جا پردا چڙهندا ويندا آهن، ان جو قدرتي نور غائب ٿي ويندو آهي ۽ اهو روحاني نور جي لازوال آبشار خدا کان پري ٿيندو ويندو آهي. مثال طور ڪو خانہ بدوش ڪنهن شهزادي کي اغوا ڪري، ان جي هٿ ۾ پنڻ لاءِ پيالو ڏئي ڇڏيندو آهي تہ هوريان هوريان اهو شهزادو پنهنجي اهليت وساري ان خانہ بدوش کي پنهنجو مائٽ يا دوست سمجهڻ لڳندو آهي. ان خانہ بدوش جي وطن کي پنهنجو وطن ۽ ان جي ڪرت کي پنهنجو ڪاروبار ڄاڻڻ شروع ڪري ڇڏيندو آهي. دراصل اها سندس لاعلمي هوندي آهي جيڪا سندس سڀ کان وڏي دشمن آهي. نفس جي طابع روح جي بہ اهڙي حالت ٿيندي آهي. حضرت سلطان باهو ان باري ۾ هيئن ٿو اشارو ڪري:

> کُن فيکون جدوں فرمايا، اساں بهی کولے ہاسے ہُو
> ہکے ذات صفات ربے دی، ہکے جگ ڈھونڈيا سے ہُو

هڪِ لا مڪان اساڏا، هڪِ بُت وچ پهاسي هُو
نفس شيطان پليتي ڪيتي، اصل پليت تاں ناسي هُو[16]

قرآن شريف ۾ خالق جي وسيلي ڪائنات جي تخليق جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي: 'كُنْ فَيَكُوْنُ'[17] معنيٰ خدا تعاليٰ حڪم ڏنو: ٿي وڃ، تہ ٿي ويو يعني خدا جي حڪم سان هيءَ ڪائنات وجود ۾ آئي آهي. حضرت سلطان باهو ان حوالي سان چوي ٿو تہ جنهن وقت خدا جي حڪم سان هيءَ ڪائنات وجود ۾ آئي ان وقت (مقام حق) ۾ روح موجود هئا. 'اساں بهی کولی باسے ہُو' روح ۽ رب جي ذات هڪڙي ئي آهي. روح هڪڙي ئي جوهر مان ٺهيا آهن ۽ انهن جو اصل مقام اهو ئي (مقام حق) آهي. روح خدا تعاليٰ جيان ڪثافت کان بالاتر آهي. ان تي جيڪا بہ ڪثافت آهي، اها نفس جي ڪري ئي آهي.

حضرت بو علي قلندر جو قول آهي 'آفريده حق مرا از نورِ ذات'[18] يعني خدا مون کي پنهنجي نور مان پيدا ڪيو آهي. 'امر ربی است روح وسر خُد است'[19] روح رب جي حڪم سان آهي ۽ مان لڪل راز الاهي آهيان. سائين بلهي شاهہ جو ڪلام آهي:

1- بُلّها شاه سنبهال تُوں آپ تائیں
تُوں تاں اننت لگ دیہه میں کہاں سوویں[20]

2- بُلّها شاه سنبهال تُوں آپ تائیں
تُوں تاں سدا انند ہیں چاننا ہیں[21]

3- سُکھہ رُوپ اکھنڈ چیتن ہیں تُوں
بلّها شاه پُکارے وید چارے[22]

4- بلّها شاه سنبهال جب آپ دیکھا
سدا سوہنگ پرکاش ہوئے جُھلدا ہیں[23]

اصل ۾ روح خدا جيان لامحدود آهي. اهو زمان ۽ مڪان جي ٻنڌڻن کان آزاد آهي. اهو لافاني آهي. اهو وقت ۽ موت جي زير نہ آهي. ان کي نہ تلوار ڪپي ٿي سگهي، نہ باهہ ساڙي ٿي سگهي ۽ نہ وري پاڻي ڳاري ٿو سگهي. هي غير ذي شعور ناهي. ذي شعور آهي. اهوماديت جي ڪثافت کان

صاف آهي. اهو خالص ذي شعور آهي. اهو نور بالذات آهي. قوت بالذات ۽ مسرور بالذات آهي. اهو ڪثرت، لاهن چاڙهن ۽ موت سان پيدا ٿيڻ وارن عذابن کان متاهون آهي. ان تي جيڪا به ڪثافت آهي، نفس ۽ دولت جي تعلق سان ڪيل عملن جي ڪري آهي.

جي تون ٿئين خدا جو:

آپ سنوارہِں مَیں مِلیں، میں مِلیاں سُکھ ہوءِ
فریدا! جے تُوں میرا ہو رہیں سبھ جگ تیرا ہوءِ[25]

خدا تعاليٰ بندي کي چوي ٿو: جيڪڏهن تون پاڻ کي سنوارين، يعني دنيا جي بدران منهنجو بڻجي وڃين، تہ مان بہ تنهنجو بڻجي ويندس. توکي مڪمل سرور حاصل ٿي ويندو جيڪو ڪجهہ منهنجو آهي، سڀ ڪجهہ تنهنجو ٿي ويندو.

روح انسان جي هستيءَ جو اصل بنياد آهي. ان ڪري روحاني ادب ۾ پنهنجي سڃاڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. جيسين روح نفس ۽ حواسن کان ڌار نہ ٿيندو اهو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي نہ سگهندو ۽ نہ ئي پنهنجي اصل سرچشمي يعني خداوند ڪريم کي ئي سڃاڻي سگهندو. ان ڪري پنهنجي سڃاڻ کي اصل جي سڃاڻ جو بنياد چيو ويو آهي. آپ سوارهہ جيسين روح حواسن ۽ نفس سان ڳنڍيل آهي تيسين گندو ميرو آهي. ان پاڪ ۽ صاف خدا تعاليٰ ۾ سمائجي نہ سگهندو. سندس پاڪ ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ هو اول جسم ۽ پوءِ نفس کان ڌار ٿي وڃي. خدا جي عبادت ۽ ڪلمي جو شغل بہ اصل ۾ روح کي جسم ۽ نفس کان ڌار ڪري خدا تعاليٰ سان ڳنڍڻ لاءِ آهي.

روحاني ادب ۾ تمثيل طور جسم کي "رٿ" (بگي) چيو ويو آهي. نفس کي گهوڙي ۽ روح کي ان جي سوار سان مشابهہ ڪيو ويو آهي. گهوڙي ۽ گاڏيءَ جو دارومدار سوار (هلائيندڙ) تي آهي پر سوار جي پنهنجي هستي بہ آهي. موجوده حالت ۾ سوار (روح) بگي ۽ گهوڙي سان ائين لاڳاپيل آهي، جو ڪانئس گاڏيءَ تان لهڻ ۽ پنهنجي ڌار هستيءَ جي سڃاڻ ئي وساري ويٺو آهي. بابا فريد جي ئي نہ پر سموري دنيا جي وڏن فقراءَ جي تعليم جو حاصل مقصد هي آهي تہ روح کي نفس ۽ حواس کان جدا ڪري ان کي خدا تعاليٰ

سان ڳنڍيو سگهجي ٿو. ان ڪري انساني زندگيءَ جو اصل مقصد روح کي نفس ۽ حواسن کان الڳ ڪري، خدا تعاليٰ سان جوڙڻ چيل آهي. بابا فريد جو ڏاڏو پير معين الدين چشتي اشارو ٿو ڪري ته:

جيڪڏهن تون خدا جو جلوو ڏسڻ ٿو گهرين ته پاڻ کان ڌار ٿي وڃ، تنهنجي انانيت کانسواءِ (تنهنجي ۽ خدا جي وچ ۾) ٻيو ڪو به حجاب ناهي.

تون جسم جي خول مان لنگهي روح جي اصل جوهر کي ڏس، ڇو ته ان جوهر کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪتاب راز ناهي.•

پاڻ سمجهائي رهيو آهي ته جيڪڏهن حواسن ۽ نفس جا پردا لاٿا وڃن ته روح هڪدم خدا سان واصل ٿي ويجي. اهو ئي مطلب بابا فريد. 'آپ سنواريں مَيں مِليں، ميں مِلياں سُکھ ہوءِ' ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ٻـ نظم:

موجوده زماني جي روحاني فلسفي جي شارح ڪوي ڀائو وير سنگهه ان سلسلي ۾ نظم لکيا آهن. پاڻ هڪڙي نظم ۾ چوي ٿو:

صابن لالا دھوتا کولا دُدھ دہیں وچ پایا
کھنبھ چاڑھ رنگن وی دھر یا رنگ نه اوس وٹایا
وِچھڑ کے کالکھ سی آئی بِن مِلیاں نہیں لہندی
انگ اگّ دے لاکے دیکھو چڑھدا رُوپ سوایا[27]

يعني ڪاري ڪوئلي کي هر هر صابڻ سان ڌوتو ويجي، پل ته ان کي کير ۾ ئي وڌو ويجي پل ته کنڀ ۾ چاڙهي ڌوپي ان کي ڌوئي، ته به اهو پنهنجي ڪاراڻ نه ڇڏيندو. جيڪڏهن ان کي باهه جي چلهه ۾ وڌو ويجي ته ان جي ڪاراڻ بلڪل ختم ٿي ويندي ۽ اهو ڏکي ٻري سڙي ويندو آهي. باهه کان جدائيءَ جي ڪاراڻ باهه جي ڪاراڻ سان ئي لهندي آهي. شاعر بابا فريد جي وسيلي ظاهر ڪيل ان مفهوم 'کالی کوئل تُو کِت گُن کالی، اپنے پریتم کے ہو بِر ہے جالی' پنهنجي مخصوص انداز ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشس ڪئي آهي.

• شهود حق طلبی از وجود خود بگذر — که جز وجود تو اودا حجاب نیست
زقشر تن بگذر در لباب جان بنگر — درآں لباب عجب گر کتاب دیگر است[45]

ٻئي نظم ۾ شاعر رات جي اڪيلائيءَ ۾ هڪ وهندڙ چشمي کان سوال ٿو ڪري:

سِنجھ ہوئی پر چھاویں چُھپ گئے کیوں اِچھا بل تُو جاری؟
نیں سرود کر رہی اویں ہی تے ٹُرنوں بِی نہیں ہاری
سیلانی تے پنچھی مالی ہن سبھ آرام وچ آئے
سہم سوادلاچھا گیا سارے تے قُدرت ٹِک گئی ساری

اي اڇابل (چشما) هن ويل سڄي ڪائنات ماٺ آهي ۽ پرسڪون آهي، پکي پکڻ، وڻ ٽڻ، ٻوٽا ۽ انسان سڀ آرامي آهن. تو هن مهل به وهي رهيو آهين. ڇا سبب آهي جو تون ڪنهن پل به ساهي نٿو پٽين؟ جهرڻو جواب ڏئي ٿو:

سینے کھچ جنہاں نے کھادھی، اوہ کر ارام نہیں بہندے
نہوں والے نینا کی نیندر، اوہ دنے رات پئے وہندے
اکوّ لگن لگی لئی جاندی، ہے ٹور اننت اونہا وی
وصلوں اُرے مقام نہ کوئی، سو چال پئے نت رہندے[28]

هن نظم ۾ اڇابل روح جي علامت آهي جنهن کي خدا روپي سمنڊ سان واصل ٿيڻو آهي. اهو سمنڊ ۾ سمائجڻ لاءِ بي چين رهندو آهي. ان ڪري مسلسل وهندو ٿو رهي ۽ سفر ۾ آهي. تنهنڪري جنهن عاشق جي دل ۾ پنهنجي سچي محبوب لاءِ سچي محبت آهي، جنهن جي دل محبوب جي وصال لاءِ تڙپي رهي آهي. اهو ڪڏهن سک سان ويهي نہ سگهندو. ان جي منزل محبوب جو وصال آهي جنهن کان سواءِ هن لاءِ آرام حرام آهي.

هن نظم ۾ شاعر پنهنجي انداز ۾ بابا فريد جي خيال فريدا! گلئیں چِکڑ، دُور گھر، نال پیارے نینھ' ۽ 'جائے مِلا تنا سجنا تٹو نا ہی نیہہ' جي ترجماني ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

واحد تعليم:

سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ ويدن، اپنشدن، بائيبل ۽ قرآن شريف جو مطالعو ڪري ڏسو سيني پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ خدا کان وڇڙيل روح جي هجر جو بيان ڪيو آهي ۽ انسان کي خدا تعاليٰ سان وصال جي تعليم ڏني آهي. مهاراج چرن سنگهہ اڪثر چوندو هو تہ انسان کي پل دنيا جا سڀ

عيش آرام ملي وڃن، پَل خوبصورت زال، نيڪ اولاد، ڌن دولت، عزت مان به ملي وڃي، ان جي باوجود ڪيس اندر ۾ ڪا نه ڪا کوٽ محسوس ٿيندي رهندي آهي. ڪيس هيڪلائيءَ جو احساس لائق ستائيندو رهندو آهي. اهو روح جي پنهنجي اصل سان وصل جي قدرتي ڇڪ جي سبب آهي. جيسين اها ڇڪ وصل ۾ نٿي بدلجي وڃي، روح بيچين رهندو آهي. ان ڪري بابا فريد 'برما تو سلطان' وارو اشارو ڏنو هو. خدا جي طرفان پاڻمرادو روح جي اندر پيدا ڪيل پنهنجي اصل سان وصل جي تڙپ ئي آخرڪار خدا سان سندس وصال جو سبب بڻبو آهي. صرف بابا فريد ئي نه، دنيا جي مڙني ڪامل فقراءَ روح ۾ خوابيده ان محبت کي ٻيهر سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. گوسوامي تلسي داس، 'رم چرت مانس' ۾ چوي ٿو:

ايسور انس جيو ابناسی، چيتن امل سہج سُکھ راسی
سومايا بس بھئو گوسائیں، بندھیو کِیر مرکٹ کی نائیں
جڑ چیتن گرنتھی پری گئی، جد پی مرشا چھوٹت کٹھنئی
تب سے جیو بھؤ سنساری، چھوٹ نہ گرنتھی نہ ہوئی سکھاری[29]

خدا جو جز هئڻ جي ڪري روح ان جيان پاڪ، ذي شعور، لافاني، قائم دائم ۽ مسرور بذات آهي پر نفس ۽ ماديت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل روح جي پڃري ۾ قيد ڪيل طوطي يا فقير جي رسيءَ ۾ ٻڌل پولڙي جهڙي ٿي وئي آهي. ذي شعور روح، غير شعوري جسم ۽ نفس ۽ حواسن جي صحبت ۾ غير شعور ۽ ذي شعور جي پاڻ ۾ ڳنڍ اچي وئي آهي. پَل ته اها ڳنڍ ڪوڙي آهي پر ان جو ڇڙڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان ڳنڍ جي ڪري انسان مادي دنيا سان ٻڌو پيو آهي. نه اها ڳنڍ کلي ٿي، نه ئي اسان کي سچو سڪون ملي ٿو.

سُرت تُو دُکھی رہے ہم جانی
جادِن سے تُم شبد بسارا من سنگ یاری ٹھانی
من مورکھ تن ساتھ بندھانی اِندری سوا دلبھانی
کُل پروار سبھی دُکھدائی اِن سنگ رہت بُھلانی
تُو چیتن یہ جڑ سب مِتھیا کیوں کر میل ملانی
تاں تے چیت چلو یہ اوسر نہنہ بھر موتُم کھا[30]

روح جي مڙني ڏکن جو سبب نفس ۽ حواسن جي ڪري ئي آهي. نفس ۽ ماديت جا زنجير ڇنڻ بنا روح نہ پنهنجي اصل هستي سڃاڻي ٿو سگهي، نہ ئي پنهنجي ڪُل ۾ سمائجي سچو سڪون حاصل ڪري ٿو سگهي. بلها شاهہ قرآن شريف جو حوالو ڏيندي پنهنجي ڪلام ۾ لکي ٿو:

1ـ ليس نی جنتی حال بنایا، اشرف اِنسان بنایؤ ای۔[31]

يعني: اي انسان توکي جنت ۾ واپس پهچڻ جهڙو جوڙيو ويو آهي ۽ سيني کان اعليٰ درجو ڏنو ويو آهي.

2ـ ولقد کرمنا یاد کرایو، لاالٰه دا پردہ لایھؤ۔[32]

اي انسان! ڏس مون تنهنجو مرتبو ڪيترو بلند ڪيو آهي، مون کانسواءِ ٻيو ڪو بہ رب ناهي. تون صرف مون کي ئي پنهنجي محبت ۽ عبادت جي قابل ڄاڻ.

3ـ توں اوس مکانوں آیا ہیں، تُوں آدم بن کے آیا ہیں۔[33]

پاڻ فرمائي ٿو تہ بيشڪ هن وقت روح دار الفنا ۾ قيد آهي پر منجهس پنهنجي اصل مقام تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۽ جنهن ڪُل جو پاڻ جزو آهي، ان ۾ سمائجي وڃڻ جي صلاحيت موجود آهي. ان قادر مطلق جو جزو هئڻ جي ڪري، سندس هر هڪ خواهش جو پورائو اڳ ۾ طئي ٿيل آهي. جيئن ئي کيس پنهنجي اصل ۾ سمائجڻ جي شدت سان خواهش پيدا ٿيندي آهي تہ ان خواهش جو سبب پاڻ مرادو پيدا ٿي پوندو آهي.

بابا فريد 'کالی کوئل تُو کُن کالی' کان شروع ڪندي 'ا آپ سنوارہِں مَیں مِلِیں، مَیں مِلِیاں سُکھ ہوءِ' جي وسيلي هيءَ تعليم ڏني آهي تہ انسان پاڻ کي سڃاڻڻ سان ئي زندگيءَ جي بازي کٽي سگهي ٿو ۽ مڪمل سرور جو حقدار بڻجي سگهي ٿو. انساني زندگيءَ جو اصل مقصد بہ اهو ئي آهي. خدا جي حصول کان گهٽ ڪا بہ آرزو ۽ ان کان گهٽ ڪو بہ نصب العين انسان جي شان وٽان ناهي.

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص794

(2) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ36

(3) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ34

(4) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ91

(5) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ92

(6) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ35

(7) ڪليات، ص18

(8) ڪليات، ص302

(9) حضرت سلطان باهو بيت29

(10) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ76

(11) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ62

(12) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ87

(13) مولانا روم، مثنوي1 ص31

(14) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ15

(15) آد گرنٿ، ص488

(16) حضرت سلطان باهو بيت150

(17) سورة يٰسۤ، آيت82

(18) مثنوي بُو علي قلندر ص5

(19) ديوانِ نياز بريلوي، ص90

(20) ڪُليات، ص395

(21) ڪُليات، ص393

(22) ڪُليات، ص389

(23) ڪُليات، ص384

(24) گيتا 2:23

(25) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ95

(26) ديوانِ غريب نواز ص34

(27) لهران دي هار، وچوڙا، ص25

(28) منتڪ هُلاري، اڇابل تي ڊونگيان شامان، ص63

(29) مانَس 7:116: 1_3

(30) سار بچن نظم 14:10

(31) ڪُليات، ص156

(32) ڪُليات، ص85

5

ڪهڙي ڪارڻ آدم آيو

فريدا چار گوائيان هنڍم ڪے، چار گوائيان سَمَ
ليکها رب منگيسيا: تُو آيون ڪِهڙے ڪمَ؟[1]

بابا فريد هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻ ٿو گهري تہ رب کان وڇڙيل روح رب سان واصل ٿي ڪري ئي امن ۽ سڪون حاصل ڪري ٿو سگهي. پاڻ هڪ اونهو راز ٿو کولي تہ جنهن قادر ڪائنات پيدا ڪئي آهي، ان انسان کي هڪ خاص ڪم جي تڪميل خاطر، هن ڪائنات ۾ موڪليو آهي. ان ڪم کي مڪمل ڪرڻ بنا زندگي بيڪار آهي. 'چار گوائيان هنڍم ڪے، چار گوائيان سَمَ ' پاڻ انسان کي آگاهہ ٿو ڪري تہ تو پنهنجا چار پهر تہ دنيا ۾ ڀڄ ڊوڙ ڪندي وڃائي ڇڏيا. هاڻ رات جا چار پهر ڪونگهرا هٿي گذاري ڇڏيندين، توکي موڪليو ڇاجي لاءِ ويو هو ۽ اتون اتي ڇا ڪندو رهيو آهين تہ تون ڪهڙو جواب ڏيندين؟

ڪنهن سلطان يا حاڪم جي فرمان مطابق، ڪنهن غير ملڪ ۾ ڪو خاص ڪم جي پورائي خاطر، ڪوئي ڪهي طئہ ٿيل ڪم کي وساري ويهي تہ پنهنجي ملڪ ويندي تہ ڪيئن پنهنجي مالڪ جي ناراضگي ڪٽڻي پوندي آهي ۽ مالڪ پاران طئہ ٿيل سزا ڀوڳڻي پوندي اٿس. دنيا جو سمورو روحاني ضابطو ان بنيادي فلسفي جي چوڌاري ڦرندو آهي تہ انسان پنهنجي وٽندڙ دنيا ئي مقصدن جي پورائيءَ لاءِ پنهنجي زندگي وڃائي ٿو ڇڏي يا پنهنجي خالق جي طئہ ٿيل مقصدن خاطر.

گرو نانڪ صاحب تنبيهہ ٿو ڪري:

رَين گوائی سوئے کے دوس گوائيا کهائے
هيرے جيسا جنم ہے کوڈی بدلے جائے
نام نه جانيا رام کا، موڑے پھر پاچھ پچھوتا ہه رے[2]

بيا سڀ ڪم اجايا:

’فريدا جنهي ڪمي نابه گُنُ‘ بابا فريد جو چوڻ آهي تہ مالڪ ڪل جي وسيلي طئہ ٿيل فرائض کان سواءِ سڀ ڪم اجايا ۽ بيڪار آهن. اسين پل ساري دنيا جي حڪومت حاصل ڪري وٺون، پل دنيا جا سڀ کان وڏا راجا مهاراجا بڻجي وڃون. فلسفي، اديب ۽ سائنسدان، سياستدان، فنڪار، سخي يا عوام جا خدمتگار بڻجي وڃون، مالڪ جي درٻار ۾ ان جي ڪا بہ قيمت ناهي. ان سچي دربار ۾ عملن جو کوٽو سڪو نہ هلي سگهندو. اتي صرف عشق الاهي يا خدا جي اسم جو سچو سڪو هلندو آهي. پاڻ چوي ٿو:

فريدا! دِل رتّا دُنی سيوں، دُنی نه کِتے کم
مثل فقيراں گاکھڑی سو پائیے پُور کرم[4]

’دل رتا اس دُنی سنو‘ اسان جو نفس دنياوي رنگن ۾ رنگيل آهي. اسان دنيا ۾ رهندي خالص دنيادار بڻجي چڪا آهيون، ’دنی نه کِتے کمّ‘ پاڻ چوي ٿو تہ جنهن دنيا کي انسان پنهنجو دين ايمان بڻائي رکيو آهي، اها دراصل سندس محبت جي قابل ناهي. هن فاني دنيا جي محبت ۾ نہ کنهن کي سچو ۽ دائمي سک مليو آهي، نہ ئي ملي ٿو سگهي. آخري وقت ويل هتان جي ڪا بہ شيءِ اوهان سان گڏ نہ هلندي، نہ ئي دنيا جي ڪاميابي سچي درٻار ۾ کنهن جو ساٿ ڏيندي ڪامل فقيرن جيان خدا جي بندگي ۽ عبادت جي دولت گڏ ڪرڻ کنهن حد تائين ڏکيو ڪم آهي.* پر آخري وقت ۾ مددگار ۽ سندس درگاهہ ۾ ڪارآمد شيءِ صرف خدا جو عشق، خدا جي بندگي ۽ عبادت ۽ خدا جو نالو ئي آهي.

ڪجهہ ضروري سوال:

مٿين حوالن ۾ بيان ڪيل، ’ليکها رب منگيسيا تُو آنهو کيرے کمّ‘ هت شرمنده ٿيو سي سائين دي دربار ۽ ’دنی نه کِتے کمّ‘، اسان جي آڏو اهم سوال پيدا ڪن ٿا. مثال اسان دنيا ۾ ڪهڙي ڪم لاءِ آيا آهيون؟ اسين ڪهڙا ڪم ڪريون جو رب جي درٻار ۾ حساب چڪتو ڪرڻ ويل اسان

---

* هٿ ڪم ڪار ۾ دل يار ڏي، هجڻ لاءِ خواجه محمد زمان لنواريءَ واري جو قول. نباهه مشڪل ضرور آهي پر ناممڪن ناهي. (سنڌيڪار)

کي شرمندو نہ ٿيڻو پوي نہ ئي سزا ڀوڳڻي پوي؟ جيڪڏهن دنيا ۽ ان جا ڪم ڪار بيڪار آهن تہ ڪم واري ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ صحيح ۽ پائيدار ڪم ڪهڙو آهي؟ بابا فريد جي مٿي بيان ڪيل خيالن مان اشارو ملي ٿو تہ دنيا ۾ انسان جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ اهو خدا تعاليٰ جي وسيلي طئي ٿيل فرضن کي ترجيح ٿو ڏئي يا پنهنجي مرضيءَ مطابق دنيائي حاصلات جي لاءِ زندگي گهاري ٿو.

ٽيون نظريو:

دنيا جو مشاهدو ٻن نظرين تي آڌاريل آهي. ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ ڪائنات جي تڪميل پاڻ مرادو ٿي آهي ۽ اها پنهنجي چرپر جي طاقت جي ڪري روان دوان آهي، نہ ئي ان جو ڪو خالق آهي ۽ نہ ئي ان دنيا کان پري ۽ اونچائيءَ تي ڪا وڌيڪ مزيدار روحاني دنيا موجود آهي. اهڙا ماڻهو هن دنيا جي اصلاح ۽ ان ۾ وڌ کان وڌ عيش ۽ آرام جي لاءِ سبب پيدا ڪرڻ تي زور ٿا ڏين. هنن جو چوڻ آهي تہ هر هڪ انسان لاءِ اتي، لتي ۽ اجهي جي ضرورت پوري هجڻ گهرجي. سندس جسماني، دماغي، فني ۽ اخلاقي ترقيءَ جي لاءِ وڌ ۾ وڌ اسباب ۽ موقعا ڏيڻ گهرجن.

ٻيو نظريو:

فريدا مے جانيا دُکهہ مجهہ کو دُکهہ سبائے جگ
اُوچے چڑھ کے ديکهيا گهر گهر ايہا اگ[5]

بابا فريد آگاهہ ٿو ڪري تہ دنيا ڏکن جي نگري آهي، اها اڄ تائين نہ سکن جي نگري بڻجي سگهي آهي ۽ نہ ڪڏهن بہ سکن جي نگري بڻجي سگهي ٿي.

'اوچے چڑھ کے ديکهيا' حق جي درويشن کي بلند روحاني طاقت جي حاصلات طرف اشارو آهي. عام انسان جي نگاهہ پنهنجي ذات ۽ دنيا تائين محدود آهي. ڪامل درويشن جي اندر جي تار مالڪ الڪُل سان ڳنڍيل آهي. اهي ٻنهي جهانن کان مٿاهان ٿي هن ڪائنات کي سندس اصل صورت ۾ ڏسندا آهن. اهي ڪائنات جي آغاز ان جي تخليق جي ڪارڻ، ان نظام جي ڪارگر ضابطن، ان ۾ روان دوان طاقتن، انساني پيدائش جي اصليت وغيره کي مجموعي طور ڏسندا آهن. سندن نظر ۾ هيءَ دنيا ڏکن جي گهاٽي ۾ پيڙجي

رهي آهي. بابا فريد. 'دُکھ سبائي جگ' ۽ گرو صاحب 'نانک دُکھيا سبھ سنسار'[6] جي اعليٰ ڪلام جي وسيلي انساني زندگيءَ جي اصليت جي عڪاسي ڪئي آهي. ڪبير صاحب جو چوڻ آهي:

تن دھر سُکھيا کوئی نہ دیکھا، جو دیکھا سو دُکھیا ہو
اُدے است کی بات کہت ہیں، سب کا کیا بِیسکا ہو
جوگی دُکھیا جنگم دُکھیا، تپسی کو دُکھ دُونا ہو
آسا ترِسنا سب کو ویاپے کوئی محل نہ سُونا ہو
ساچ کہوں تو کوئی نہ مانے، جُھوٹھ کہا نہنہ جائی ہو
برہما وِشنُو مہیشور دُکھیا، جِن یہ راہ چلائی ہو
اودھو دُکھیا بھُوپت دُکھیا، رنک دُکھی بِپریتی ہو
کہہ کبیر سکل جگ دُکھیا، سنت سُکھی من جیتی ہو[7]

'آسا ترسنا سب کو وياپے': سڄي دنيا اميد جي باھ ۾ پسم ٿي رهي آهي. جيڪا خواهش پوري نہ ٿيندي آهي، اها ئي انسان کي ڏکوئيندي آهي. گرونانڪ جو چوڻ آهي: 'بُھکھيا بھکھ نہ اُتری جے بنا پُرياں بھار'[8] انسان کي ساري دنيا جو راڄ ملي وڃي، پوءِ بہ سندس من نٿو پرچي. گرو ارجن جو چوڻ آهي: 'اس کے ہاتھ ہوئے تا سبھ کچھ لے'[9] جيڪڏهن انسان جي وس ۾ هجي تہ هو سڄي دنيا کي پنهنجي وس ۾ ڪري ڇڏي. جنهن دل ۾ عشق جي باھ سدائين پڙڪندي رهندي آهي، ان ۾ حقيقي سڪون ۽ چين جي لاءِ جڳھ ڪٿي آهي؟

هيءَ دنيا جاکوڙ ۽ فنا ۽ موت جو ميدان آهي. هتي انسانن، تنظيمن، جماعتن، قومن، مذهبن ۽ ملڪن جا جهيڙا جهٽا هميشہ جاري رهندا آهن. هتي هٽ ڪس، دشمني، مخالفت، حسد، ڪيني بغض، فنا ۽ موت جي حڪمراني آهي. هتي هڪڙي شخص جي آباديءَ جو محل ٻئي شخص جي بربادي‌ءَ جي ڍير تي تعمير ڪيو ويندو آهي. وڏي مڇي ننڍي مڇيءَ کي ڳڙڪائي ويندي آهي. پکي ڪيڙن ماڪوڙن کي پنهنجو کاڄ بڻائي ڇڏيندا آهن. پکين کي باز کائي ويندو آهي. رڍن ٻڪرين کي بگهڙ پنهنجو شڪار بڻائي ڇڏيندا آهن. بگهڙن کي شينهن ماري کائي ويندو آهي پر انسان سڀني جاندارن، پکين پکڻن کي پنهنجي خوراڪ بڻائي ڇڏيندا آهن. نہ

زمين تي هلندڙ موت جي خوف کان آزاد آهن. نہ ئي سمنڊ ۾ رهندڙ ۽ نہ آسمان (فضا) ۾ اڏامندڙ ڪامل فقراءَ سمجهائين ٿا تہ جنهن ڪائنات جو بنياد ٻيائيءَ، جدوجهد، حسد، ڪيني، بغض، فنا ۽ موت تي رکيل هجي، ان ۾ سچي دائمي امن ۽ مڪمل سڪون جي اميد رکڻ محض وهم گمان ئي آهي ۽ نسوري جهالت کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي. سوال پيدا ٿو ٿئي تہ پوءِ سک جي ڳولا ڪٿي ڪجي، سهجو ٻائيءَ جو چوڻ آهي:

دمن وِنتے سبھ بی دُکھی نِردمن ہیں دُکھ رُوپ
سادھ سُکھی سہجو کہے پایؤ بھیدا نُوپ(10)

معنيٰ: (دولتمند ڏکارا آهن، بي دولتيا بہ ڏکايل آهن. سهجو چوي ٿي تہ ساڌو ئي سکي آهي، جنهن اهو راز ڄاڻي ورتو).

تلسي داس جو چوڻ آهي:

کوئی تو تن میں دُکھی، کوئی چت اُداس
ایک ایک دُکھ سبن کو، سُکھی سنت کا داس(11)

معنيٰ: (ڪوئي جسماني تڪليف ۾ آهي تہ ڪنهن جو من (دل) اُداس آهي، هڪڙو هڪڙو ڏک سڀ ڪنهن سان آهي، رڳو سنت جا ٻانها سکي آهن.)

ان کان اڳ بابا فريد، ’ آپ سنواریں مَیں مِلیں، میں مِلیاں سُکھ ہوءِ ‘ جي تعليم ڏني آهي. ڪبير صاحب، ’سنت سکھی من جیتی ہو‘ جي هدايت ڪئي آهي. تلسي صاحب، ’سکھی سنت کا داس‘ جو اشارو ڏنو آهي ۽ سهجو ٻائي، ’سادھ سُکھی سہجو کہے پایؤ بھیدا نُوپ‘ جي ڳالهہ چئي آهي. سيني ڪامل درويشن جي ڪلام جو اصل مقصد هي آهي تہ هن ڏکن ڀري دنيا ۾ سک جي اميد صرف اهڙا خوشنصيب ڪري ٿا سگهن، جيڪي ڪامل فقيرن جي هدايت موجب دنيا ۾ اچڻ جي اصلي روحاني مقصد کي ڄاڻي، ان تي عمل ڪري، پنهنجي زندگيءَ کي ڪامياب بڻائيندا آهن.

ڪامل فقراءَ سمجهائين ٿا تہ خالق هن ڪائنات کي نامڪمل جوڙيو آهي. ڇاڪاڻ تہ واڌ ويجهہ صرف نامڪمل شيءِ جي ئي ٿي سگهندي آهي. جيڪڏهن دنيا مڪمل هجي ها تہ پوءِ نہ ان جي اصلاح جي ضرورت هجي ۽ نہ ئي ڪنهن جاندار جي ارتقا جي. ان بنا واڌ فقط ٻيائيءَ ۾ ئي ممڪن آهي.

جيترو طاقتور پهلوان اسان جي آڏو هوندو آهي، اسين اوترو طاقتور بڻجڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. الله تعاليٰ شيطان، ماديت، نفساني ڪمزورين، اميدون ۽ خواهشون وغيره جيڪي طاقتون انسان جي آڏو اٽي بيهاريون آهن، اهي سڀ سندس روحاني ترقيءَ جي خاطر آهن. ان قادر مطلق جو جز هئڻ ڪري روح ۾ بي انتها قوت ۽ صلاحيت موجود آهي. نفس ۽ مايا جي صحبت جي ڪري ۽ ڪيل عملن جي اثر هيٺ روح جي طاقت ڍبيل آهي پر انسان جيئن جيئن باطن ۾ پنهنجو توجهه خدا تعاليٰ سان وابسته ٿو ڪري ته ان جي اندر ۾ ڍبيل يا ستل روح جي اها طاقت ۽ صلاحيت سجاڳ ٿي پوي ٿي. هوريان هوريان انسان سيني مخالف طاقتن مان جند ڇڏائي ان قادر مطلق ۾ سمائجي ويندو آهي ۽ ان طرح ئي قادر مطلق، هر علم ڄاڻندڙ همه دان، عشق بالذات ۽ مسرور بالذات بڻجي ويندو آهي. بابا فريد ۽ ٻيا ڪامل درويش سمجهائن ٿا ته خدا ۾ سمائجي نامڪمل کان مڪمل ٿيڻ، لاعلم کان عليم ٿيڻ، محدود کان لامحدود ٿيڻ ئي انساني زندگيءَ جو اصل مقصد آهي ۽ اهو مقصد خدا سان واصل ٿيڻ سان ئي پورو ٿيندو.

چوندَ جي آزادي:

هر انسان مٿي ڄاڻايل نظرين مان ڪو به نظريو پسند ڪرڻ لاءِ آزاد آهي، چوندَ جي آزادي ته آهي پر جيڪو به شخص فقراءَ ۾ يقين رکندي هن دنيا کي خالق جي تخليق ٿو ڄاڻي، بابا فريد ان کي ان سان اها ڳالهه به ياد رکڻ جي ترغيب ٿو ڏئي ته انسان جي سچي ڀلائي خدا جي وسيلي لاڳو ڪيل ان فرض جي پورائي ۾ آهي، پنهنجي پسند جا ڪم ڪرڻ ۾ ناهي. ورنه خدا ۾ اعتبار ۽ ان کي ڪائنات جو خالق تسليم ڪرڻ عملي طور تي بي معنيٰ آهي.

بابا فريد، گرو نانڪ صاحب ۽ ٻين پيرن فقيرن پنهنجي ڪلام ۾ سڀ کان وڌ انسان جي ان مسئلي کي سلجهائڻ تي زور ڏنو آهي. هُنن انسان کي بي خبر، غافل، لاعلم، ديوانو بيوقوف وغيره چئي ڪري بار بار تنبيهه ڪئي آهي ته جن شين ۽ ڪمن کي هو هاڻ زندگيءَ جو آغاز حال ۽ انجام سمجهي ويٺو آهي، روحاني نقطئه نظر سان انهن جي اهميت يا قيمت ئي ناهي. جن ڪمن ڪرتن ۾ هو مصروف آهي ۽ جن شڪلين ۽ ساز و سامان سان هُن پاڻ کي قابو ڪري رکيو آهي، اهو خدا طرفان سونپيل فرضن جي پورائي جي نظرئي

ڪان بلڪل مختلف ۽ بي معني' آهي.
ان بحث جي پس منظر ۾ بابا فريد پاران دنيا لاءِ استعمال ڪيل چند حوالا غور طلب آهن.

ڪلر ڪيري ڇپري:

ڪلّر کیری چھپڑی آءِ اُلتھے ہنّجھ
چِنجو بوڑن نہ پِیوِیں اُڈن سندی ڈنّجھ(12)

ڪلر ڪيري ڇپري: بابا فريد جي چوڻ مطابق هيءَ دنيا ڪاري پاڻيءَ جي ڍنڍ جيان آهي، بنجر ۾ ٺوڪيل ٻج مان فصل هٿ نہ ايندو آهي. بيٺل پاڻي ڪنو هوندو آهي، ان ۾ وهنجڻ سان اجا بہ ماڻهو ڪنو ٿي ويندو، ڪڏهن صاف ٿي نہ سگهندو. سندس چوڻ آهي تہ هن دنيا ۾ نہ ٺي ڪنهن کي ڪجهہ مليو آهي، نہ ٺي ملي ٿو سگهي. دنيا من ۽ مايا، نفساني خواهشن ۽ زهر آلود ڪثافتن جو ڍبو آهي. انسان ان ۾ جيترو بہ ٽپيون ڏيندو اوترو ٺي پليد ٿيندو ويندو آهي. هي هتي گذريل جنمن جون گندگيون ڌوئڻ لاءِ آيو هو پر حسي لذتن ۾ ڦاسي، اجا بہ وڌ گندو ٿي ويو.

ہنس اُڈر کودھرے پیا لوک وِڈارن جاءِ
گہِلا لوک نہ جاندا ہنس نہ کودھرا کھاءِ(13)

ان سلسلي ۾ بيت جو اهو ٺي حصو غور طلب آهي: 'ہنس اُڈر کو دھرے پئیا' بابا فريد جو چوڻ آهي تہ هيءَ دنيا ڪوڏري پوڪ (ڪچ) برابر آهي. ڪچ اهڙو اناج آهي جيڪو کائڻ جي قابل نہ ڄاتو ويندو آهي. مطلب تہ هن مادي دنيا مان ڪنهن بہ اهڙي اعليٰ شيءِ جي اميد نٿي ڪري سگهجي، جيڪا روح جي خوراڪ بڻجي سگهي. گرونانڪ ديو آگاهہ ٿو ڪري، 'کلر کھیتی بیجئے کئو لاہا پاوے'(14) بابا فريد چوي ٿو:

کِجھ نہ بجھے کجھ نہ سجھے دُنیا گجھی بھاہہ
سائیں میرے چنگا کیتا نا ہی ت ہنگ بھی دجھاں آہہ(15)

'دنيا گجھی بھاہہ' دنيا ڳجهڙي باهہ آهي، جيڪڏهن باهہ ڏسڻ ۾ اچي تہ ان کان بچڻ آسان آهي. دنيا بظاهر سهڻي رنگين ڏسڻ ۾ ايندي آهي پر

اندروني طرح ساڙيندڙ باھ جيان آھي، اسان کي نفساني ۽ حسي لذتون منيون ۽ سھائيندڙ لڳنديون آھن. دنيا جا ناٽڪ تماشا، رنگ ڍنگ اسان جي نفس کي پاڻ ڏانھن ڇڪين ٿا. اسان دنيا جي عزت، وڏائي، عھدن ۽ حاصلاتن جي پويان ڊوڙندا رھندا آھيون. تومن، مذھبن ۽ ملڪن جي حڪومت اسان جي من ۾ ڪشش پيدا ڪندي آھي پر اھي سيئي شيون، اسان کي اسان جي منزل کان تيزي ڇڏينديون آھن. اھي شيون دوستيءَ جي لبادي ۾ لڪل دشمني ۽ مني زھر وارو اثر رکنديون آھن.

نفساني خواھشن جي ڇڪ:

فريدا اے وِس گندلا دمرياں کھنڈ لِواڑ
اِک راہے دے رہ گئے اِک رادھی گئے اُجاڑ[16]

پاڻ انسان ذات کي آگاھ ٿو ڪري تہ دنياوي ساز و سامان ۽ حواسن جون لذتون ظاھري طور سھڻيون ۽ منيون لڳنديون آھن پر انھن جو اثر زھريلو آھي. دنيادار وڏي شوق سان حسي لذتن ۽ نفساني خواھشن طرف آماده ٿي ويندا آھن جيڪي اصل ۾ سندن تباھيءَ جو سبب بڻيون آھن. افسوس جو اھلِ دنيا انھن کان آگاھ ھجڻ جي باوجود بہ انھن جي ھاچيڪار واپار ۾ رڌل رھندا آھن. 'اِک راہے دے رہ گئے' سيئي انسان اھو گندو وکر وکڻ ۾ ئي پنھنجي ساري عمر برباد ڪري ڇڏيندا آھن. 'اِک رادھی گئے اُجاڑ' ڪجھ ماڻھو پوکيل فصل بہ ڀيلائي ڇڏيندا آھن، يعني ھو گڏريل نيڪ عملن جي پونجي پاڻ سان کڻي ايندا آھن، جنھن کي حسي لذتن ۾ تباھ ڪري ڇڏيندا آھن. بابا فريد ڏکويل لھجي ۾ چوي ٿو:

ديکھ فريدا جو تھِيا: سکّر ہوئی وِس،
سائیں باجھوں آپنے ويدن کہئے کِس۔[17]

'سکر ہوئی وِس' ان کان وڌ حيران ڪندڙ ڪھڙي ڳالھ ٿي سگھي ٿي تہ ڪنھن شيءِ جو ذائقو تہ کنڊ جھڙو ھجي پر ان جو اثر زھر جھڙو ھجي، 'سائیں باجھوں آپنے ويدن کہئے کِس ' اھڙي خطرناڪ مصيبت کان تہ مالڪ ئي بچائي ٿو سگھي.

بابا فريد 'گجی اگ'، 'وس گندلا' ۽ 'سکر ہوئی وِس' جي تمثيلن

وسيلي انسان جي حسي لذتن ۽ نفساني خواهشن جي تباهہ ڪندڙ اصليت ڪان سڃاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نفساني خواهشون ۽ حِسي لذتون اسان جي نفس کي پاڻ ڏي لاڙينديون آهن پر نيٺ اهي اسان جي جسماني، دماغي، اخلاقي ۽ روحاني تباهي ۽ بربادي جو سبب بڻجنديون آهن. اسين سوچيندا آهيون تہ اسين انهن لذتن جو لطف تا ماڻيون پر اصل ۾ اهي لذتون اسان کي چٽ ڪري رهيون هونديون آهن. مثال طور اسين سمجهندا آهيون تہ شراب کي اسين پي رهيا آهيون، جڏهن تہ شراب اسان کي پي رهيو هوندو آهي. اسين ان وهم جو شڪار آهيون تہ اسين آفيم کائي رهيا آهيون پر دراصل آفيم اسان کي ڳڙڪائي ويندو آهي. گرو نانڪ ديو آگاهہ ٿو ڪري:

بہُہ سا دبُہ دُکھہ پراپت ہو وَے
بھوگہُہ روگ سوانت وِگووَے
ہر کھہُہ سوگ نہ مِٹئی کبہُو وِن بھانے بھر مائیدا (18)

جيترا گهڻا ذائقا اوترا گهڻا ڏک، جيتري گهڻي عيش عشرت اوتريون وڏيڪ بيمارن ۽ ڏکن جي ڀرمار ۽ اوترا ئي اخلاقي ۽ روحاني روڳ. ظاهر آهي دنيا مايا جي مٺي زهر جو خوفناڪ کيل آهي.

هٿ نہ لاءِ ڪسنيڙي:

بابا فريد چوي ٿو:

ہتھہ نہ لاء کسنُبھڑے جل جاسی ڈھولا(19)

اي پيارا، ڪسنيڙي جي گلن کي هٿ نہ لائج، تنهنجا هٿ سڙي پوندا. ڏسڻ ۾ ان جا گل سهڻا ۽ دل کي وڻندڙ لڳندا آهن پر جلد ئي ڪومائجي ويندا آهن. هنن کي هٿ لائڻ سان هٿن ۾ ساڙو ٿيندو آهي. ان ڪري پاڻ خبردار ٿو ڪرڻ گهري ٿو تہ دنيا ڪسنيڙي جي پوک آهي، ان جي ظاهري ۽ اندروني اصليت ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، سائين بلهي شاهہ جو فرمان آهي:

مَیں کسنبھڑا چُن چُن ہاری
ایس کسنبھے دے کنڈے بھلیرے اڑاڑ چُنری پاڑی(20)

ڪسنيڙي جا گل ڏاڍا دل لڀائيندڙ ٿيندا آهن پر نہ سندن رنگ پڪو ٿيندو آهي ۽ نہ ئي انهن جو اثر سگهدائڪ آهي. عام طور پيرن فقيرن هن مادي دنيا جي تشبيهہ ڪسنيڙي جي باغ سان ڏيندي، اها ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ هن دنيا جي ظاهري چمڪ دمڪ ڏسي دوکي ۾ اچڻ نہ گهرجي پر سندس اندروني سچائيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، جيئن ان سان لڳاءُ کي ترڪ ڪري خدائي عشق ۾ پختو ٿيڻ گهرجي.

فريدا! بُهوم رنگاولى منّجھ وِسولا باگ
جو جَن پِير نواجيا تنهاں آنّچ نه لاگ[21]

بابا فريد جي شلوڪن سان گڏ لکيل هِن شلوڪ ۾ گرو ارجن ديو هن طرح خبردار ٿو ڪري تہ هن دنيا ۾ سنڀالي هلڻ گهرجي. 'بُهوم رنگا ولى' يعني دنيا ٻاهران ڏسڻ ۾ ڏاڍي سهڻي لڳندي آهي پر 'منجهہ وِسُو لا باغ' پر ذائقي ۾ زهريلي آهي. 'جو جن پير نواجيا' جنهن بہ ڪنهن ڪامل درويش جي دامن سوگهو جهليو آهي، جنهن بہ ڪنهن ڪامل فقير جي پناهہ ۾ وڃي ان جي هدايت مطابق پنهنجي باطن ۾ خدا سان لنئون لاتي آهي، ان تي اها زهريلي ٻاهہ اثرانداز ٿي نہ سگهندي. باقي سڀ بري طرح ان ٻاهہ ۾ سڙي رهيا آهن. بابا فريد چوي ٿو:

فريدا اِكنا آٹا اگلا اِكنا نابى لون
اگے گئے سنو اپسن چوٹاں کھا سی کون[22]

'اِڪنا آٽا اگلا' ڪجهہ ماڻهن وٽ دنيا جا ساز سامان گهڻيئي آهن. ڪين عيش عشرت جا سامان بيشمار آهن. 'اِڪنا نابى لون' ڪجهہ ماڻهن کي چٽيهہ طعام هڪيا حاضر آهن ۽ ڪجهہ ماڻهو هڪڙي گرهہ بصر چٽيءَ لاءِ سڪندا آهن. 'اگے گئے سنو اپسن چوٹاں کهاسی کون' پاڻ هوشيار ٿا ڪن تہ بيشڪ هن وقت ڪجهہ ماڻهو نڱجي، بي ايماني، زور زبردستي ۽ طاقت جي سهاري عيش عشرت ۾ مصروف آهن، پر جڏهن ڪين الله تعالىٰ جي دربار ۾ حساب ڏيڻو پوندو ۽ مار ڪائڻي پوندن ان ويل خبر پوندن تہ اهي سڀ شيون سکن جي لاءِ هيون يا ڏکن ڏاکڙن لاءِ. گرو ارجن ديو خبردار ٿو ڪري:

دِن رات ڪمائڻ يوسو آئيو ماٿي
جِس پاس لُڪائيدڙ وسو ديکهي ساٿي
سنگ ديکهي ڪرن هار اڪائي پاپ ڪمائي
سُڪرِت ڪيجئي نام ليجي نرڪ مُول نه جائي[23]

بابا فريد بہ ساڳي ڳالهہ سڻائي آهي تہ دنيا ۾ رب جي بندگيءَ ۾ مشغول رهندي نيڪ ۽ پاڪ زندگي گذارڻ گهرجي. تنگدستيءَ جي زندگي، انهن بداعمالن جي عيش عشرت جي زندگيءَ کان هزار ڀيرا بهتر آهي، جيڪي آخرڪار دوزخ ۾ رهڻ جو سبب بڻجن ٿا.

فريدا! ڪوٺي منڊپ ماڑياں اُسارينڊے بهي گئي
ڪُوڙا سودا ڪر گئي، گوريں آءِ پئي[24]

'ڪوٺي منڊپ ماڑياں' دنيا جي عيش عشرت جي بلنديءَ جون علامتون آهن. اهي صرف راجائن مهاراجائن کي نصيب ٿينديون آهن. عام ماڻهو ڀين جي محلاتن، ماڑين کي ڏسي آهون ڀريندا آهن، هو انهن جو صرف خواب ئي ڏسي سگهندا آهن. بابا فريد انسانن کي آگاهہ ٿو ڪري تہ توهان ڪجهہ غور ڪيو تہ آخري وقت اوهان جون اهي محل ماڑيون، هٽ حويليون، زميني جائدادون توهان سان گڏ وينديون؟ ڇا اهي رب جي حضور اوهان جي حق ۾ گواهي ڏينديون؟ گرو ارجن ديو جي چوڻ مطابق: 'سودمن سنچهه جو چالے نال'[25] سچي دولت يا سچو سودو اهو آهي جيڪو دنيا ۽ عاقبت ٻنهي ۾ راحت جو سبب بڻجي. دنيا ۽ عاقبت ۾ خواري ۽ پريشانيءَ جو باعث بڻجڻ واري وکر جي خريداري ڪرڻ بيشڪ ڪوڙو سودو آهي.

فريدا! ڪوٺي منڊپ ماڑياں ايت نه لائيں چت
مِٽي پئي اَتولويں ڪوئے نه ہوسی مِت[25]

بابا فريد آگاهہ ٿو ڪري، 'اي سنا انسانو توهان پنهنجي دلين مان محل ماڑين کي ڪڍي ڇڏيو. توهان کي محل ماڑيون ضرور سٺيون ٿيون لڳن پر انهن جي اصليت کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪريو. يعني اوهان ڪوڙين ۽ فاني شين تان پنهنجو ڌيان هٽايو. هُو آخرت ويل ساڻ ويندڙ شين ڏانهن متوجهہ ٿيڻ جي ترغيب ڏئي ٿو. پاڻ تنبيهہ ٿو ڪري:

فريدا! پچهل رات نه جاگيوں جِيوَندڙو مُويوں
جے تيں رب وساريا تَيں رب نه وسريوں[27]

جيڪو انسان رات ير گهري ننڊ ۾ ڪوگهرا هڻندي گذاري ٿو چڙي خدا جي بندگي ۽ عبادت طرف ڌيان نہ ٿو ڏري، اهو زندگيءَ جي بازي ڪٽڻ ۽ زندگيءَ ۾ خدا سان واصل ٿيڻ جي اميد ڪري ئي نٿو سگهي. اهڙو انسان چوڻ خاطر تہ زندهہ آهي پر اصل ۾ هو مردي جي مانند آهي. ' جِيوَندڙو مُويوں ' هو دنيا ۾ جهڙو آيو تهڙو نہ آيو. اهو پنهنجي زندگي بي سود گذاري هليو ويو. پاڻ آگاهہ ٿو ڪري تہ 'جے تيں رب وساريا تَيں رب نه وسريوں' جيڪڏهن ڪبوتر ٻلي کي ڏسي پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏي تہ ان جو اهو مطلب ناهي تہ ٻلي ان کي نہ جهڙپيندي. جيڪڏهن انسان پنهنجو وقت بيڪار ڏنڏن ڏاڙين ۾ وڃائي ڇڏي ۽ رب کان غافل ٿي وڃي تہ ان جو اهو مطلب ناهي تہ رب بہ هن کان غافل ٿي ويو آهي. رب تہ ڪائنس دم دم جو حساب وٺندو. ان چيني جو اهو مطلب آهي تہ انسان کي بندگي ۽ عبادت طرف مائل ڪرڻو آهي.

جو سِر سائين نہ نوي:

1- اُٿهہ فريدا! وضو ساز، صُبح نماز گُزار
جو سِر سائيں نه نِوے سو سِر کپ اُتار[28]

2- جو سِر سائيں نه نويں سو سِر کيجے کاءِ
کُنّے بيٹهہ جلائيے بالن سنَدے تھاںءِ[29]

پاڻ چوي ٿو جو مٿو علي الصباح سائينءَ آڏو نٿو جُهڪي اهو ڪپي ڇڏڻ جي قابل آهي. اجا بہ اهڙو مٿو ڪاٺين جيان باهہ ۾ ساڙي ڇڏڻ جي قابل آهي. ان جو مفهوم بہ اهو ئي آهي، تہ خدا تعاليٰ جي عبادت کانسواءِ زندگي بيڪار آهي.

فريدا! بے نمازا کُتّيا، ايهہ نه بهلّی رِيت
کبهی چل نه آئيا پنجے وقت مسِيت[30]

پاڻ الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت کان پري انسان کي بدنصيب ڪتي جيان چئي هن جي مذمت ٿو ڪري، 'پنجے وقت مسِيت ' (پنج ئي

وقت نماز) جو بہ اهو ئي مقصد آهي تہ خدا جي عبادت کي زندگيءَ جو نصب العين بڻائڻو آهي.

فريدا تنهاں مکھ ڈراونے جنهاں وساريو ناؤں
ايتهے دُکھ گهنيرے آ اگے ٿهور نه ٿهاؤں[31]

پاڻ هوشيار ٿو ڪري تہ جيڪي ناسمجھ انسان خدا يا ان جي اسم کان غافل آهن اهي وڏا بدنصيب ۽ منحوس آهن ۽ اهي ڌڪار جي قابل آهن. اهي پنهنجي دنيا ۽ عاقبت ٻئي برباد ڪريو ڇڏين. ڪين نہ هن جهان ۾ سهارو ملندو آهي، نہ ايندڙ جهان ۾. اهي هتي بہ سچي سک کان محروم ٿا رهن، آئينده بہ دوزخ جي باھ ۾ سڙندا.

1- فريدا! رات کتهوری ونڈیئے سُتیاں مِلے نه بهاؤ
جِنهاں نَین نِندراولے تنهاں مِلن کو آؤ[31]

2- پہلے پہرے پُھلڑا، پھَل بھی پِچھَا رات
جو جاگن لہن سےَ سائیں کنُوں دات[32]

جيڪي رات جي پوئين پهر جاڳي خدا جي عبادت نتا ڪن. بابا فريد انهن کي مثل ٿو سمجهي. پاڻ هتي سمجهائي ٿو: 'رات ڪتهوری ونڈیئے'. يعني رات جي پوئين پهر خدا جي بارگاھ مان، رحمت وسندي آهي. 'سُتيا مِلے نه بهاؤ' 'بهاؤ' جو مطلب ڀاڱ آهي. ان رحمت مان حصو انهن خوش نصيبن کي ملندوآهي جيڪي ان پهر خدا تعاليٰ سان جڙيل هوندا آهن. جيڪي ماڻهو ان وقت خدا جي بندگي يا ذڪر ۾ مشغول رهندا آهن، انهن جون جهوليون خدا جي رحمت سان پرجي وينديون آهن. جِنهاں نين نيندر اولے تِنهاں مِلن کواؤ، جن جون اکيون ان ويل ننڊ جي خمار ۾ هونديون آهن، انهن جون جهوليون خالي رهجي وينديون آهن.

شيطان جو چار:

فريدا! کو کينّدياں چانکينّدياں مِتّیں دينّدياں نِت
جو شَيطان ونَجايا سے کِت پهيرے چِت[33]

’فريدا! ڪو ڪينَديان چانڪينَديان مِتَين دينديان نِت‘ ۾ پاڻ افسوس جو اظهار ٿو ڪري تہ حق جا درويش انسان کي خدا جي بندگي ۽ خدا جي عشق طرف آڻڻ جي ڏاڍي ڪوشش ٿا ڪن، پر انسان ايتري قدر نفس ۽ شيطان جي چنبي ۾ جڪڙجي ويا آهن جو سندن هدايت ڏانهن توجهہ ئي ناهي.

شيطان يا نفس بہ مالڪ الڪُل جي تخليق آهي. اهو انسان کي سچي رستي کان گمراهہ ڪري فاني دنيا جي شڪلين، صورتن، ساز و سامان جي چاهہ ۾ ڦاسائي ڇڏيندو آهي. شيطان ۽ نفس روح کي مٽي کان هيٺ آڻي ۽ اندر کان ٻاهر ڪڍي، ان کي حواسن جي لذتن ۽ نفساني خواهشن ڏانهن راغب ڪندا رهندا آهن. طرح طرح جي عملن ڏانهن موڙي هڪڙي قالب مان ڪڍي ٻئي قالب ۾ آڻي (آواگون) جڪڙي ڇڏيندا آهن. پوءِ پاڻ ئي داورِ محشر بڻجي، انسان کي پنهنجي عملن جو ڦل چکڻ تي مجبور ڪندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ انسان هميشہ چوراسي (جهنم) جي جيل خاني ۾ قيدي ٿي رهندو آهي. اهي ئي انسان جي دل ۾ ٻيائي يا مان ۽ پاڻ پڻي جو احساس پيدا ڪرائي، ڪيس قومن، مذهبن، ملڪن ۽ ذات پات جي جهيڙن جهٽن ۾ منجهائي ڇڏيندا آهن. اهي ئي خدا تعاليٰ جي وسيلي، سانس وصال خاطر طئي ٿيل باطني ۽ حقيقي عبادتن جي بجاءِ، دنيا جي اڻ ڳڻين ظاهري عبادتن ڏانهن مائل ڪري انسان کي الله تعاليٰ کان پري رکڻ جي ڪوشس ڪندا آهن. بابا فريد افسوس ڪندي چوي ٿو تہ دنيادار ايترا ناسمجهہ آهن، جو اهي مالڪن جي بندن جي ڳالهہ تي ڪن ئي نہ ٿا ڏين، جڏهن تہ اهي سندن سچا خير خواهہ آهن. پر نفس يا شيطان جي چڪر ۾ ڦاسي پنهنجي زندگي فضول ضايع ڪريو ڇڏين.

سچو سودو:

فريدا! ڪنت رنگاولا وڏا بے محتاج
الله سيتي رتّيا ايهہ سچاوا ساج[35]

’سچاوا ساج‘ ۾ پاڻ پوين ڪيترن ئي حوالن ۾ ڪوڙي سودي جو ذڪر ڪندو آيو آهي، هتي پاڻ سچي سودي، سچي ساز و سامان يا اسباب طرف اشارو ٿو ڪري، فقط خدا جو عشق، عبادت ۽ خدا سان وصال ئي سچو سودو آهي. سچو ساز سامان، سينگار آهي. باقي سڀ ڪجهہ ڪوڙ ۽ فاني آهي.

دنيا ۽ آخرت ۾ مددگار ۽ انسان کي ڪوڙي دنيا کان نجات ڏياري، خدا سان واصل ڪرائيندڙ ڳالهه خدا سان عشق يا عبادت الاهي ئي آهي. ان ڪري هميشه ئي خدا جي عبادت جي رنگ ۾ رنگيل رهڻ سچو لباس ۽ سينگار آهي. ڳڻيڻ واري هڪڙي ئي شيءِ خدا تعاليٰ جي بندگي آهي. الله تعاليٰ جي عبادت گذارڻ جي زندگي ئي اصل ۽ ڪامياب زندگي آهي. مبارڪ آهن اهڙا انسان جيڪي الله تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ڪري وٺندا آهن. انهن کي ئي ٻنهي جهانن ۾ اصل سڪون ۽ سچي عزت ملندي.

حوالا

(1) آدگرنٿ، ص1379: شلوڪ38
(2) آدگرنٿ، ص156
(3) آدگرنٿ، ص1381: شلوڪ59
(4) آدگرنٿ، ص1383: شلوڪ111
(5) آدگرنٿ، ص1382: شلوڪ81
(6) آدگرنٿ، ص954
(7) ڪبير شبدا ولي، ڀاڱو1، ص34
(8) آدگرنٿ، ص1
(9) آدگرنٿ، ص277
(10) سهجو ٻائي ڪي باني، ص15
(11) سنت باني سنگرهه، ڀاڱو1، ص230
(12) آدگرنٿ، ص1381: شلوڪ64
(13) آدگرنٿ، ص1381: شلوڪ65
(14) آدگرنٿ، ص419
(15) آدگرنٿ، ص1378: شلوڪ3
(16) آدگرنٿ، ص1379: شلوڪ37
(17) آدگرنٿ، ص1378: شلوڪ10
(18) آدگرنٿ، ص1034
(19) آدگرنٿ، ص794
(20) ڪليات، ص273
(21) آدگرنٿ، ص1382: شلوڪ82
(22) آدگرنٿ، ص1380: شلوڪ44
(23) آدگرنٿ، ص461
(24) آدگرنٿ، ص1380: شلوڪ46
(25) آدگرنٿ، ص191
(26) آدگرنٿ، ص1380: شلوڪ57
(27) آدگرنٿ، ص1383: شلوڪ107
(28) آدگرنٿ، ص1381: شلوڪ71
(29) آدگرنٿ، ص1381: شلوڪ72
(30) آدگرنٿ، ص1381: شلوڪ70
(31) آدگرنٿ، ص1383: شلوڪ106
(32) آدگرنٿ، ص1382: شلوڪ80
(33) آدگرنٿ، ص1384: شلوڪ112
(34) آدگرنٿ، ص1378: شلوڪ15
(35) آدگرنٿ، ص1383: شلوڪ108

6

اندر رب وسي

فريدا! جنگل جنگل ڪيا ڀوين؟ وَن ڪنڊا موڙين
وسي رب هيلا ليئي، جنگل ڪيا ڍُونڍيه[1]

هن ڪان پهريان ڄاڻايوسين ته انسان جو اصل مقصد خدا جو وصال آهي. ڇو ته جيسين روح واپس موٽي رب ۾ سمائجي نٿو وڃي، سچو سڪون ۽ رات حاصل ڪري نه سگهندو. روح رب جي ڳولا ڪٿي ڪري؟ بابا فريد هدايت ٿو ڪري:

1. 'وسي رب هيلا ليئي': الله تعاليٰ اسان جي اندر ۾ وسي ٿو. هو جنهن کي به مليو آهي، اندر ۾ ئي مليو آهي. جنهن کي به ملندو پنهنجي دل جي اندر ئي ملندو. هو باهر نه ڪنهن کي مليو آهي ۽ نه ئي ملي سگهي ٿو.
2. 'جنگل ڪيا ڍُونڍيه': اندر ۾ ويٺل الله تعاليٰ جي ڳولا جهنگلن، پهاڙن، رڻ پٽن وغيره ۾ ڪندي اجايو وقت نه وڃايو.
3. 'وَن ڪنڊا موڙين': جهنگلن، رڻ پٽن ۾ ڳولا ڪرڻ سان پيرن ۾ ڪنڊا ته چڀي سگهن ٿا، رب نه ملي سگهندو. يعني ٻاهرين جستجو ۾ سواءِ خواري ۽ پريشانيءَ جي ڪجهه به هٿ نه ايندو.

فريدا! سو اي سرور ڍُونڍه ليهه، جتهون لبهي وٿه،
ڇپڙ ڍُونڍهي ڪيا ٿوئي؟ چِڪڙ ڏُبي هٿه.[2]

پاڻ نصيحت ٿو ڪري ته تون رب يا سندس اصل نام جي وکر (وٿ) کي اهڙي تلاءَ ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪر جتي اهو اصل وکر موجود آهي. 'چِڪڙ ڏُبي هٿه' هو آگاهه ٿو ڪري ته جسم روپي سچي تلاءَ ۾ رب يا ان جي نانءَ جي ڳولا ڪرڻ ڪانسواءِ، جيڪڏهن دنيا روپي گندي ڇپ ۾ ان کي ڳوليندين ته تنهنجا هٿ گپ ۾ پرجي ويندا ۽ توکي ڪجهه به حاصل نه ٿيندو.

اندر پرين آهي:

تن تپ تنّور جيُون بالن بڈّ بلن
پَيرِين تهڪّان سِرين جُلاں جے مُون پِری مِلن[3]

پاڻ فرمائن ٿا تہ مان پنهنجي تن کي تنور جيان تپائڻ ۽ هڏين کي ٻارڻ جيئن ٻارڻ لاءِ تيار آهيان. جيڪڏهن ائين ڪرڻ سان منهنجو پرينءَ سان وصال ٿي وڃي. جيڪڏهن مان محبوب جي ڳولا ۾ پيرين پنڌ هلندي ٿڪجي پوان تہ مٿي سان هلڻ شروع ڪندس. سندس ان دوهي سان گرونانڪ صاحب جو هي دوهو درج ٿيل آهي:

تن نہ تپاءِ تنُور جِيوں بالن ہڈ نہ بال
سِر پَيرِيں کيا پھيڑيا، اندر پِری نہال[4]

گرو نانڪ صاحب بابا فريد جي دوهي جو اصل مقصد ٻڌائيندي چوي ٿو پنهنجي باطن ۾ رهندڙ محبوب جي ڳولا خاطر، مٿي، پيرن يا جسم جي ٻين عضون کي تڪليف ڏيڻ، جهنگلن، پهاڙن ۽ بيابانن ۾ پريشان ۽ دربدر ٿيڻ جي ضرورت ناهي. ضرورت صرف پنهنجي توجهہ کي ٻاهر بدران اندر ڏانهن موڙڻ جي آهي. ان ڪري هيٺئين دوهي ۾ گرو رامداس صاحب چون ٿا:

ہوُڈُ موڈ ميدی سجنا سجن ميڈے نال
نانک الکھ نہ لکھيئے گُور مُکھ ديئے دِکھال[5]

جنهن محبوب کي عاشق ٻاهر هنڌين ماڳين ڳولهي رهيو آهي، اهو حواسن جي سطح تي الک يا گم آهي. گرو ارجن صاحب جو فرمان آهي 'نانک سے اکھڑياں ہے ان جنی ڈسندو ماپرے'[6] ان لطيف اللطيف ۽ مٿاهين درجي واري ذي شعور حقيقي محبوب يعني الله تعاليٰ کي صرف باطني اکين سان ئي ڏسي سگهجي ٿو. اندروني اک کي کولڻ جو طريقو ڪامل درويش ئي ٻڌائي ٿو سگهي.

قرآن شريف ۾ آيل آهي، 'نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ'[7] يعني الله تعاليٰ شهہ رڳ کان بہ ويجهو آهي. پنهنجو توجهہ ٻاهرين دنيا ۽ جسماني اکين جي هيٺئين حصي مان ڪڍي باطن وارين اکين جي پويان شهہ رڳ ۾ ڪٽي اچو اتان رب تعاليٰ وڌيڪ ويجهڙو آهي. اُتان کان توکي باطن ۾ خدا

تعاليٰ جو نور نظر ايندو. ان ڪري بابا فريد خدا جي طالب کي سڀ کان ظاهري دنيا ۾ رلڻ کي ڇڏي اندروني قدرتي ڳولها ڪرڻ کي عادت بڻائڻ جي هدايت ٿو ڪري:

کاگا چونڈ نه پنجرا، بس اے تاں اُڈ جا
جِت پنجرے میرا شوہ وسے ماس نه تدوں کھا[8]

'جت پنجرے ميرا سهه و سے' هي بدن روح کي قيد ڪرڻ لاءِ بڻايو ويو آهي. هي انساني جسم رڳو پڃرو ئي ناهي، ان پڃري ۾ سچي مڙس يا محبوب حقيقيءَ جو مسڪن بہ آهي. جهڙيءَ طرح بدن روح جو گهر آهي، اهڙيءَ طرح اهو خدا تعاليٰ جي رهائش جي جاءِ آهي. ٻئي هڪڙي ئي گهر جا واسي آهن. ٻئي هڪ ٻئي جي ويجهو آهن. جيڪڏهن خدا تعاليٰ ڏيکاري نٿو ڏئي تہ ان جو اهو مطلب ناهي تہ هو گهٽو پري آهي. اصل ۾ روح باطن ۾ رهندڙ محبوب سان وصال جي طريقي کان واقف ناهي.

سيين ٻرين سچو ڏٺي:

اِک پھِکّا نه گالائیں، سبھنا میں سچا دھنی
ہیاؤ نه کہیں ٹھاہیں، مانک سبھ امولویں[9]

ڇا الله تعاليٰ ڪنهن مخصوص مذهب، ملت، قوم يا ملڪ ۾ رهندو آهي؟ ڇا خدا تعاليٰ رڳو طاقتور، دولتمند يا نيڪ ماڻهن ۾ رهندو آهي؟ ڇا هو صرف اديبن، فلسفين، يا عالمن ۽ فاضلن ۾ آهي؟ بابا فريد چوي ٿو: 'سبھناں سچّا دھنی' يعني اهو خدا تعاليٰ ڪڏهن هندو مسلمان، سک، عيسائي، عورت، مرد، اڻ پڙهہ، پڙهيل ڳڙهيل، امير غريب، نيڪ، بد وغيره ۾ فرق نٿو ڪري، هر مذهب ۽ ملت، هر قوم جو انسان پنهنجي اندر رهندڙ ان محبوب حقيقيءَ سان واصل ٿيڻ جي صلاحيت رکي ٿو. حضرت سلطان باهوءَ جي نظر ۾ اهو خدا تعاليٰ حقيقي آب حيات ۽ سچو ڪعبو هر انسان جي اندر ۾ آهي. ان ڪري ڪيس سچو سجدو بہ اندر ۾ ئي ڪرڻ گهرجي. سچو ڪلمو بہ اندر ۾ ئي پڙهڻ گهرجي.

1۔ ایہہ تن رب سچے دا حجرہ، وچ پا فقیرا جھاتی ہُو
نہ کر مِنّت خواج خضر دی، تیں اندر آب حیاتی ہُو[10]

2۔ ايهه تن رب سچے دا حجره، کھڑياں باغ بہاراں ہُو
وِچے کُوزے وِچے مصلّے، سجدے دياں ہزاراں ہُو
وِچے کعبه وِچے قبله، اِلاّ الله پُکاراں ہُو[11]

سائين بلهي شاهه جو فرمان آهي. 'بهلی ہير ڈھونڈھيدی بيلے، رانجھن يار بُکل وچ کھيلے'[12] هر انسان جي اندر خداوند ڪريم لڪو وينو آهي. ڪير به ڪامل درويشن جي هدايت جي موجب پنهنجي باطن ۾ هن جي ڳولها ته ڪري، اهو مقام حق ۾ رسائي حاصل ڪري ته وٺي، جتي دائمي امن و سڪون آهي.

اِک لازم بات ادب دی اے، سانُوں بات معلُومی سبھ دی اے
ہر ہر وچ صورت رب دی اے، کتے حاضر کتے چھپیند اے
جس پايا بھيد قلندر دا، راه کھوجيا اپنے اندر دا
اوه واسی بے سُکھ مندردا، جتھے چڑھدی اے نه لہندی اے[13]

جوڀن جاڙ ڪِتوئي:

جوبن جاندے نه ڈراں جے شوه پريت نه جاءِ
فريدا! کِتّی جوبن پريت بن سُک گئے کملاءِ[14]

بابا فريد چوي ٿو مون کي زندگاني يا جواني وڃڻ جي ڳڻتي ناهي، مون کي فڪر ان ڳالهه جو آهي ته منهنجي محبت وڃي ويجهي يعني انسان جي پيدائش، جواني تڏهن ئي خوبصورت آهن، جڏهن خدا روپي محبوب سان وصال ٿي وڃي، ان دوهي کي گرو ارجن ديو جي دوهي سان ملائي پڙهي ڏسو:

فريدا! عُمر سُہاوڑی سنگ سُونڑی دیہه
وِرلے کوئی پائيں جنھاں پيارے نيہه[15]

'سونڑی دیہه'، خوبصورت رنگ وارو حسين جسم، پاڻ انساني قالب جي اهميت بيان ڪندي چوي ٿو ته انسان ڏاڍو خوبصورت آهي. 'عمر سہاوڑی' انساني زندگي انهن لاءِ ڏاڍو سهڻو انمول موقعو آهي جيڪي ان کي خدا جي بندگيءَ ۽ سائنس وصال لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن.

سائين بلهي شاهه قرآني آيت جو حوالو ڏيندي چوي ٿو:

ليس فِی جنتی حال بنايا
اشرف انسان بنائيو ای[16]

حق تعاليٰ انسان کي مالڪ جي درگاهہ ۾ واپس پهچڻ جي قابل بڻايو آهي ۽ کيس ڪائنات ۾ سڀ کان اعليٰ ۽ افضل درجو عطا ڪيو آهي. حضرت عيسيٰ ؑ جو چوڻ آهي، "خدا انسان کي پنهنجي شڪل تي بڻايو."* مالڪ الڪل انسان ۾ پنهنجا سڀ اوصاف داخل ڪري ڇڏيا آهن ۽ کيس پنهنجي وصال جي صلاحيت عطا ڪئي آهي. بابا فريد اشارو ڏئي فرمائي ٿو:

اَج مِلاوا شيخ فِريد
ٹهاکم کونجڑياں، منوں مچندڑياں
جے جاناں مَر جايئے گُهم نه آيئے
جهوٹهی دُنيا لگ نه آپ ونجايئے[18]

رب هر انسان جي اندر ۾ آهي. ان سان اڄ ۽ هاڻ ئي وصال ٿي سگهي ٿو سوال ٿو اٿي ته ڪيئن؟ 'ٹهاکم کونجڑياں، منوں مچندڑياں' جيڪڏهن انسان پنهنجي نفساني خواهشن تي ضابطو رکي، ڇاڪاڻ جو اهي نفساني خواهشون، انسان جي سفليات (ڪميٽائپ وارين حرڪتن) کي اپارين ٿيون. نفس ۽ حسي خواهشون روح کي ٻاهرين طرف ڇڪي ٿيون وٺن. اهو ئي سبب آهي جو روح اندر خدا تعاليٰ جي ديدار کان محروم رهندو آهي.

جے جانا مرجائيے نه آئيے
جهوٹهی دُنيا لگ نه آپ ونجائيے

جيڪڏهن اسان کي ان سچائيءَ جو علم ٿي وڃي ته انساني زندگي املهہ آهي، پر اسان کي نيٺ موت سان ٻگلي ملڻو آهي ۽ موٽي هن دنيا ۾ اچڻو ناهي، ته جيڪر اسان سندس ڪوڙين لذتن ۾ ڦاسڻ بجاءِ پنهنجو ڌيان باطن ۾ الله تعاليٰ سان لڳائڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ پنهنجي زندگي برباد نہ ڪريون. سندس چوڻ آهي:

آپ سنوارہں مَیں مِلیں، مَیں مِلياں سُکهہ ہوءِ
فريدا! جے تُوں ميرا ہو رہیں سبهہ جگ تيرا ہوءِ[19]

---

* God created man in His own image.[17]

پاڻ مٿئين دوهي کي ٻئي نموني بيان ڪندي ٻڌائي ٿو: جيسين روح نفس ۽ حواسن جي تابع آهي تہ اهو نفساني خرابين جي ڪري گدلو آهي، جيڪڏهن اهو نفس ۽ حواسن کان پاسيرو ٿي وڃي ۽ پاڻ کي پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏي تہ اهو خدا سان واصل ٿي امن ۽ سڪون حاصل ڪري ٿو سگهي. هتي بہ پاڻ اهائي ڳالهہ ذهن نشين ٿو ڪرائي تہ نفس ۽ حواس انسان کي گمراهہ ڪري حقيقي محبوب کان پري ڪري ڇڏين. پاڻ وڌيڪ چوي ٿو:

فريدا! کو کينّدياں چانکينّدياں مِتّيں ديندياں نِت
جو شَيطان ونّجايا سے کِت پھيرے چِت[20]

پاڻ افسوس ظاهر ٿو ڪري تہ پير فقير وڏي آواز انسان کي انساني زندگيءَ کان واقف ٿا ڪن ۽ خدا تعاليٰ سان وصال جو تاڪيد ٿا ڪن پر انسان ان حد تائين شيطان يا نفس جي چنبي ۾ اچي ويو آهي جو ان طرف ڌيان ئي نہ ٿو ڏئي ۽ مسلسل پري پڇندو ٿو رهي، تنهن ڪري باطن ۾ وينل محبوب سان وصال ڪري نٿو سگهي، ائين انساني زندگي بيڪار گذري ٿي وڃي.

سوئي ويس ڪجي:

فريدا! پاڑ پٹولا دھج کریں، کمبلڑی پہرئیو
جنھیں ویسی شَوہ مِلے سے ای وِیس کرئیو[21]

خدا تعاليٰ انسان جي اندر آهي پر ان سان وصال ڪيئن ڪيو وڃي؟ بابا فريد فرمائي ٿو: آئون خدا سان وصل جي لاءِ دنيادارن وارو لباس ترڪ ڪري تارڪ الدنيا وارو لباس اختيار ڪرڻ يعني پنهنجي لاءِ ڪوئي بہ وسيلو اختيار ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. گرو امر داس صاحب مٿئين دوهي جي حقيقي معنيٰ سمجهائيندي چوي ٿو:

کائے پٹولا پاڑتی کمبلڑی پہرے
نانک گھر ہی بیٹھیاں شَوہ مِلے.
جے نِیت راس کرے[22]

’جے نيت راس ڪرے‘ خدا تعاليٰ جي تلاش ۽ حاصلات جو تعلق نفس، روح، دلي توجهہ. نفس جي لاڙي ۽ نيت تي آهي. هڪڙي قسم جو ويس

بدلائي، بئي طريقي جو ويس اختيار ڪرڻ يا گهر ٻار ڇڏي جهنگلن، پهاڙن ۾ رولاڪي سان ناهي. خدا سان وصال خاطر انسان عام طور ڇا ڪندا آهن؟ ڪجهه ماڻهو هڪڙو مذهب ڇڏي ٻيو مذهب اختيار ڪرڻ تي زور ڏيندا آهن. ڪجهه ماڻهو گهر ٻار ڇڏي ڏيڻ ۽ ڪجهه ماڻهو اهنجين مشقن جي حمايت ڪندا آهن. ڪجهه ماڻهو ڏگها روزا رکندا آهن، ڪجهه ماڻهو چلا پچائيندا آهن. ڪجهه ماڻهو هڪ جنگهه تي مسلسل ويهي مجاهدي ۾ رڌل رهندا آهن. ڪجهه ماڻهو باهه جي دونهين دکائيندا آهن، ڪجهه ماڻهو جتائون (وڏا وار) رکندا آهن، ڪي ڪن ٽوپائيندا آهن، ڪجهه ماڻهو ڪيترن ئي قسمن جي نشانن، ويسن يا لباس تي زور ڏيندا آهن. پاڻ 'نيت راس ڪرے' جي وسيلي سچي روحانيت جي بنيادي نقطي تي روشني وجهي رهيو آهي ته خدا جي حاصلات جو تعلق ڪنهن به قسم جي ظاهر تي ناهي پر سچي نيت يا نفس جي لاڙي تي آهي. انسان جو رجحان ان جي اصل مذهب ۽ اصل سڃاڻ تي آهي. اسين اوڏانهن ويندا آهيون، جيڏانهن اسان جو دلي لاڙو هوندو آهي. اسين اهڙا ئي هوندا آهيون جهڙو اسان جو دل لاڙو هوندو آهي. جيڪو انسان تارڪ الدنيا ٿي چڪو آهي پر سندس نفساني خواهشون اڃا زنده آهن، اهو دنيادار آهي تارڪ الدنيا نه آهي. جيڪو انسان دنياداري، يعني سموريون گهرو ذميواريون ته نباهي رهيو آهي پر سندس لاڙو روحانيت ڏانهن آهي، اهو ئي سچو تارڪ الدنيا يا روحانيت پسند ماڻهو آهي. ڪامل فقيرن خدا جي ياد کي ئي خدا جي عبادت چيو آهي. 'سچي روحانيت جو قالب' ذڪر جي بنياد تي قائم آهي. الله تعاليٰ جو يادگيرو ئي ذڪر آهي. اسين ان کي ياد ڪندا آهيون، جنهن سان اسين محبت ڪندا آهيون، جنهن کي اسين ياد ڪندا آهيون ان سان محبت لازمي آهي. ان ڪري فقراءَ سمجهائيندا آهن، 'گهر ہی بیٹھیاں سہہ ملے' جيڪڏهن دل دنيا جي بدران خدا جي محبت جي رنگ ۾ رنگجي وڃي ته گهر ويٺي ئي خدا سان وصال ٿي ويندو. دنياوي لاڳاپو دنيا سان جوڙي ٿو خدا جو عشق خدا سان ملائيندو آهي.

بابا فريد پاڻ شادي شده ۽ عيالدار درويش هو پاڻ نه ڪنهن مخصوص لباس جو محتاج هو ۽ نه ئي پنهنجي مريدن کي ڪنهن خاص لباس پهرڻ جي هدايت ڪندو هو پاڻ عام دنيادارن جيان زندگي گذاريائين. پاڪ

صاف، اخلاق ۽ حق حلال جي ڪمائيءَ جي اصول تي عمل ڪندي باطني روحاني رستو اختيار ڪيو ۽ پنهنجي پوئلڳن کي بہ انهيءَ رستي تي هلڻ جي تاڪيد ڪندو هو.

اها نہ ڀلي رِيت:

فريدا! بے نمازا کُتّيا، ايہه نہ بهلّی رِيت
کبهی چل نہ آئيا پنجے وقت مسِيت[23]

بابا فريد سمجهائي ٿو تہ تنهنجو دنيادارن وارو طريقو رجحانٰ يا خيال نيڪ نہ آهي، تون ان طريقي، رجحان يا خيال کي بدلائي ڇڏ. هن وقت اسان جسم ۽ دنيا جي لڳاءَ، يارن دوستن جي محبت ۽ دنيائي ڏنڌن ۾ ان حد تائين غرق آهيون، جو اسين خدا کان لا تعلق ٿي ويا آهيون.

'فريدا بے نِواجا کُتيا' پاڻ سراسر دنيا ۽ مادي لاڙي واري انسان کي 'بے نواج کيتا' سمجهي ٿو. ڪنهن بہ شخص کي ملامت ڪرڻي هجي تہ پنجابي ٻوليءَ ۾ هڪڙو محاورو 'نخصما' (بي وارثو) چيو ويندو آهي. 'بے نواج کيتا' ان شخص طرف اشارو آهي، جيڪو هڪڙي سچي مالڪ جو دروازو ڇڏي مادي دنيا ۾ دربدر ڀٽڪندو وتندو آهي. هڪڙو درويش چوي ٿو:

جے کُتا در در پهرے، در در دُر دُر ہوئے۔
جو اِک در کا ہوئے رہے، کاہے دُر دُر ہوئے۔[24]

ان ڪري بابا فريد هدايت ٿو ڪري تہ تون دنيا جي دربدريءَ جي رولاڪڙي ڇڏي صرف مالڪ الڪل جي پناهہ ۾ اچي وڃ، ۽ پنهنجو ڌيان ان جي بندگيءَ ۾ لڳاءِ.

'کبهی چل نہ آئيا پنجے وخت مسيت' پاڻ ان کان اڳ بہ هوشيار ڪيو هوس تہ:

فريدا چارگوائياں ہنڈھ کے، چار گوائياں سَمّ
ليکها رب منگيسيا: تُو آيوں کہڑے کمّ؟[25]

سندس مطلب آهي تہ جنهن انسان وٽ بندگي ۽ عبادت جي لاءِ ايترو بہ وقت ناهي جو اهو گهٽ ۾ گهٽ پنجن وقتن تي نماز ادا ڪري، اهو سراسر دنيادار يا نفس جو غلام آهي، خدا جو عابد ناهي. ڪيس ان هلت يا رجحان

کي بدلائڻ گهرجي ۽ خدا تعاليٰ جي سچن عابدن واري هلت اختيار ڪرڻ گهرجي، جيڪي هر دم سندس عبادت ۾ رڌل رهندا آهن.

صُبح نواج گذار:

اُٿهہ فريدا! وضو ساز، صُبح نماز گُزار
جو سِر سائين نه نِوے سو سِر کپ اُتار[26]

بابا فريد نصيحت ٿو ڪري تہ اي چڱا ماڻهو تو پوري رات ننڊ ۾ گذاري ڇڏي، هاڻ صبح ساجهر مالڪ جي بندگيءَ خاطر اٿي وڃ. وضو يا اُضو جو مطلب آهي 'پنج اشناني' (نماز لاءِ شرعي طريقي سان هٿ منهن وغيره ڌوئڻ) عام طور تي هندوستان ۾ پاڻي ججهو آهي. ان ڪري هندوستاني ڌرمن ۾ صبح سويل ننڊ جي سستي ختم ڪرڻ خاطر ۽ خدا جي بندگي ڪرڻ لاءِ وهنجڻ تي زور ڏنو ويندو آهي. عرب ملڪن ۾ شايد پاڻيءَ جي کوٽ کي آڏو رکندي، صرف وضو ساري نماز ادا ڪئي ويندي آهي. پاڻي نہ ملڻ جي صورت ۾ مٽي يا واريءَ سان وضو (تيمم) ڪيو ويندو آهي. ان جو مقصد سستيءَ کي ڀڄائڻ ۽ چست ٿي نفس کي ڳهر ۽ دنياوي ڏنڌن مان ڪڍي مالڪ جي بندگيءَ ۾ لڳائڻ آهي. وضو نہ آخري عمل آهي نہ مڪمل غسل. گرو ارجن صاحب جو چوڻ آهي 'سادهہ ٻهلے انِ ناتيان چورس چورا چور،'[27] صاف دل انسان جي بنا وضوءَ جي بندگي بہ غسل ڪيل بندگيءَ کان مبارڪ آهي. پر جنهن جي نيت صاف ناهي، ان کي وضو يا وهنجڻ سان بہ فائدو نہ ٿيندو.• وضو غسل، نماز وغيره جو اصل مقصد نفس کي دنياوي خيالن کان ڦيرائڻُ آهي ۽ ان جي رجحان کي روحانيت ڏانهن مائل ڪرڻُ آهي. اهو صرف وسيلو آهي، منزل ناهي.•

• جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهہ نماز
سڀ وڃائي ساز تهان پوءِ تڪبير چئو.
جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهہ سجود.
وڃائي وجود. تهان پوءِ تڪبير چئو.
(شاهہ لطيف)

• روزا نماز اي پڻ چڱو ڪم
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسڻ ٿئي پرينءَ جو.
(شاهہ لطيف)

قبر، عزرائيل ۽ دوزخ:

بابا فريد ۽ ٻين صوفين درويشن، سنتن، ڀڳتن جي ڪلام ۾ انسان کي موت کان پوءِ قبر ۾ دفنائڻ، دوزخ ۾ موڪلڻ ۽ عزرائيل فرشتي جي باري ۾ اشارا ملن ٿا.

1- فريدا! محل نسكّهن ره گئے واسا آيا تَل
گوراں سے نِمانياں بهسن رُوحاں مل
آكهيں شيخا بندگى! چلن آج كه كل[29]

2- فريدا! كو كينّدياں چانكينّدياں مِتّيں دينّدياں نِت
جو شَيطان ونّجايا سے كِت پهيرے چِت[33]

3- فريدا! بهنّى گهڑى سَونّوِى، ٹُتّى ناگر لجّ
عزرائيل فرِيشته كَيں گهر ناٹهى اج[30]

مٿي ڄاڻايل ڪلام ۾ ڪيل اشارن جو اصل مقصد ته انسان کي عمل ۾ نتيجي جي دائمي حسرت ناڪ انجام کان آگاهه ڪندي خدا جي عبادت طرف راغب ڪرڻ آهي. ستانوي شلوڪ ۾ موت کان پوءِ روحن کي قبرن ۾ پورڻ جو خوف ڏياري هدايت ڪئي وئي آهي. اي شيخ: اڄ يا صبحاڻي اکيون بند ٿي وينديون. درويش خدا جي بندگيءَ جي هدايت ڪري رهيو آهي، ڇو ته موت تيزيءَ سان هلندو پيو اچي. ڪبير ڀڳت جو چوڻ آهي:

1- باڑ جرے جئوں لاكرى، كيس جرے جئوں گهاس
سب جگ جرتا ديكهه كر، بهئے كبير اُداس[31]

2- لكڑى كہے لوہارسوں، تُو مت جارے موہنه
اِک دِن ايسا ہوئے گا، ميں جارُوں گى توہنه[32]

پاڻ ٻاهه ۾ ساڙڻ (سنسڪار) جي ياد ڏياريندي انسان کي خدا جي بندگيءَ کان آگاهه ڪيو آهي. محاورو اسلامي هجي يا هندومت جي باري ۾ هجي، بابا فريد ۽ ڪبير ڀڳت ٻنهي درويشن جو اصل مقصد انسان کي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ آهي. عزرائيل، فرشتي ۽ دوزخ جو ذڪر گرو ارجن جي ڪلام ۾ به ملي ٿو:

پاپ کريدڑ سر پر مُتھے، عجرائيل پھڑے پھڑ کُٹھے
دوزک پائے سرجنہارے ليکہا منگے بانيا[33]

عزرائيل هر انسان کان عملن جو حساب وٺندو آهي. هو گنهگارن کي وٺي، ڏک هڻندو آهي ۽ دوزخ جي باهہ ۾ ساڙائيندو آهي.* ان جي برعڪس:

خود خصم خلق جہان الله مہروان خُدائے
دِنس رين جے تُدھ ارادھے سو کئو دوزک جائے
عزرائيل يار بندے جِس تيرا آدمار
گُنہہ اُس کے سگل آفُو تيرے جن ديکھه دِيدار[34]

اي خالق ڪائنات، رحيم، ڪريم، خدا تعاليٰ، جيڪو انسان ڏينهن رات تنهنجي عبادت ۾ رڌل آهي، دوزخ ۾ ڪيئن ٿو وڃي سگهي؟ جيڪو انسان تنهنجي پناهہ ۾ اچي ويو عزرائيل ان جو دوست بڻجي ويندو آهي، ڇو جو تنهنجو ديدار ڪرڻ واري جا سڀ گناهہ معاف ٿي ويندا آهن. بابا فريد ڪنهن شريعت جو پرچار نٿو ڪري نہ ئي گرو صاحب. ٻئي ڪامل درويش ٻان ڳالهہ تي زور ڏيندا آهن تہ خدا جي بندگيءَ کي فراموش ڪرڻ وارا انسان دوزخ جا ڏک سهندا آهن. جڏهن تہ خدا جا عابد ان جي وصل جي حقيقي سرور جو لطف حاصل ڪندا آهن. اصل ۾ ان جي اصل ڳالهہ انسان کي روحانيت ڏانهن مائل ڪرڻ آهي. عام طور صوفي درويشن روحاني ترقيءَ کي چئن منزلن ۾ ورهايو آهي: شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت. ان باري ۾ سائين بلها شاهہ جو ڪلام آهي:

شريعت ساڈی مائی ہے، طریقت ساڈی دائی ہے
اگوں حق حقیقت آئی ہے، اور معرفتوں کُجھ پایا ہے[35]

شريعت ۽ طريقت انسان ۾ روحاني رجحان ۽ اخلاقي صفتون پيدا ڪندا آهن. بابا فريد پنهنجي ڪلام ۾ پنجئي وقت نماز ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ برا ڪم وساري، ڪاوڙ نہ ڪرڻ، صبر ۽ شڪر سان ڪم ڪرڻ،

---

* هي جملو اسلامي روح مطابق درست ناهي. عزرائيل جو ڪم صرف ساهہ قبض ڪرڻ آهي نہ کي مارڻ نہ دوزخ ۾ ڌڪڻ. (سنڌيڪار)

پنهنجي حق حلال جي روزي پين سان وندي کائڻ. حقيقي مذهب ۽ هلت مطابق عمل پيرا رهڻ، رب جي رضا تي راضي رهڻ وغيره. جهڙن نيڪ عملن تي زور ڏنو آهي، جن جي باري ۾ ايندڙ باب ۾ مفصل بحث ڪيو ويندو. اهي سيئي وصفون اخلاق جي پاڪيزگيءَ ۾ مددگار ثابت ٿينديون آهن.

معرفت جي لغوي معنيٰ آهي خدا جي سڃاڻپ، ان کي ذاتي روحاني مشاهدو بہ چيو ويندو آهي. روحاني شغل جي وسيلي روح کي خدا تعاليٰ جي ذات ۾ فنا ڪرڻ، حقيقت جي منزل حاصل ڪرڻ آهي. معرفت جي دڳ ۾ طالب کي باطن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا روحاني مشاهدا ٿيندا آهن پر جيسين طالب جو خدا تعاليٰ سان وصال نہ ٿيندو، طلب ۾ جدوجهد جاري رهندي آهي. هر ڪامل درويش پنهنجي مريدن کي معرفت جي ڏاڪڻ جي وسيلي حقيقت جي منزل تي رسائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

هر مذهب جي شريعت الڳ الڳ تي سگهي ٿي پر اخلاقي ۽ روحاني بنياد هڪجهڙا آهن. دنيا جا سڀ مذهب سچائي، معافي، عجز ۽ انڪساري، بردباري، خدمت، ترڪ، عدم تشدد ۽ اخلاق جي پاڪيزگي، نيڪ وصفون اختيار ڪرڻ جو تاڪيد ڪندا آهن. ان طرح دنيا جا سڀ ڪامل درويش، عشق الاهي ۽ باطني روحاني شغل جي وسيلي رب ۾ فنا ٿيڻ جو صحيح ڏس ڏيندا آهن. هنن جو چوڻ آهي تہ انسان جي سچي ڀلائي شريعت يا طريقت تي بيهي رهڻ ناهي پر طلب جي وسيلي روح کي خدا جي ذات ۾ فنا ڪرڻ آهي.

بابا فريد شريعت جي وسيلي روحاني سفر طئي ڪندي طريقت، معرفت ۽ حقيقت جون منزلون ماڻيون. پاڻ فرمائي ٿو: ' جا پهر ديکهاں تاں ميرا الله بيلی '[36] يعني خدا جي بندگيءَ جي وسيلي سندس خدا تعاليٰ سان وصال ٿي ويو. پاڻ چوڻ هي پيا چاهين تہ شريعت مان مناسب فائدو حاصل ڪندي، اخلاقي پاڪيزگي اختيار ڪندي روحاني شغل جي وسيلي خدا جي ذات ۾ جذب ٿي وڃڻ جي لاءِ مجاهدو ڪرڻ گهرجي.

بابا فريد جي زندگي:

هن ڪتاب جي شروعات ۾ بابا فريد جي زندگيءَ بابت ڏنل چارٽ کي نظر ۾ رکندي، مٿي بيان ڪيل خيالات کي آسانيءَ سان سمجهي تو سگهجي.

بابا فريد جي زندگي هڪڙي مسلسل نماز ٿي هئي. سندس روح هڪڙو پيرو الله تعاليٰ جي حضور ۾ جهڪيو ۽ هميشہ لاءِ ان ۾ محو ٿي ويو.

بابا فريد زبان جي وسيلي ادا ٿيندڙ صفاتي ڪلمي کان شروع ٿي، اسمر اعظم جي هميشہ لاءِ جاري و ساري ڪلمي سان لاڳاپجي ويو.

بابا فريد جي ساري زندگي هڪ مسلسل روزو هئي جنهن جي شروعات پيٽ جي روزي کان شروع ٿي نفس جي روضي تي وڃي پوري ٿي. هُن کائڻ واسطي ڪڏهن بہ نہ کاڌو محض عبادت جي غرض سان رکو سکو کائي صبر ڪيو ۽ زندگي ڀر نفس جي ڪتي جي اڳيان نفساني خواهشن خاطر هڪڙو گرهہ بہ نہ ڏنو.

پاڻ زڪوات ڏيڻ لاءِ زندهہ مثال هو. پاڻ پنهنجو سڀ ڪجهہ ان حد تائين جو پنهنجي خودي بہ خدا تعاليٰ ۽ سندس مخلوق جي نذر ڪري ڇڏي

شرعي طور پاڻ حج بيت الله وڃي نہ سگهيو پر سندس هر ساهہ رب جي حاضريءَ واري حج ۾ ڪجهندو هو.

قرآن شريف ۾ سندن دلي اعتماد هو رسمي نہ هو پاڻ هر ڳالهہ قرآن شريف جي روءِ سان سمجهائيندا هئا. ان سان گڏوگڏ ڪامل صوفي درويشن جي زندگيءَ جي طريقي ۽ سندن ڪلام سان پنهنجي تبليغ جي سمجهاڻي ڏيندو هو.

پاڻ حضرت محمد ﷺ جي زندگيءَ کي نمونو سمجهندي هر ڳالهہ ۾ سندن اعليٰ طريقۂ زندگيءَ جا مثال ڏيندو هو. ان سان گڏوگڏ پنهنجي مرشد جي روحاني رهنمائيءَ ۾ ذاتي شغل جي ذريعي پاڻ بہ روحاني حاصلات جي لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ خاڪي قالب کي خيرباد چوڻ کان اڳ نظام الدين اولياءَ کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيائين، ڇاڪاڻ جو پاڻ فقط پنهنجي وقت جي ڪامل مرشد کي عملي رهنمائي ۽ نجات جو اصل وسيلو مڃيندو هو.

بابا فريد جو جهاد بہ نرالو هو. سندس جهاد ٻاهرين ڪافرن سان ويڙهہ نہ پر باطن ۾ ڪافر نفس سان ويڙهہ هئي. سندس نظر ٻاهرين فاني حڪومت بجاءِ اندروني لافاني سلطنت تي مرڪوز هئي. قرآن شريف ۾ اچي ٿو "اي مومنؤ! جڏهن (حملو ڪندڙن جي) ڪنهن ٽوليءَ سان اوهان جو مقابلو ٿئي تڏهن لڙائيءَ ۾ ثابت قدم رهو ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪيو انهيءَ لاءِ تہ توهان ڪامياب ٿيو."[37] صوفين جي اصطلاح ۾ جڏهن اوهان تي نفس امارو حملو ڪري (يعني شهوت، غصو طمع، لڳاءُ ۽ تڪبر وغيره) دشمن

تنهنجي روح کي وڪوڙي وڃن تہ تون الله تعاليٰ جي ذڪر سان انهن تي فتح حاصل ڪج. ان کي جهاد اصغر کان جهاد اڪبر ڏانهن رجوع ڪرڻ چيو ويو آهي.

صوفي درويش شيخ شرف الدين جي چوڻ مطابق هر برائيءَ جي پاڙ اسان جو نفس ئي آهي. غير مسلم يا ڪافرن سان ڪيل جنگ سچي جنگ ناهي. نفس ڪافر جي خلاف ڪيل جنگ ئي اصل جهاد آهي.•

حديث شريف ۾ فرمايو ويو آهي: "مان چاهيان ٿو تہ تنهنجو ذڪر ڪندي ئي زندگي بسر ڪريان ۽ تنهنجو ذڪر ڪندي ئي مري وڃان." حضرت محمدﷺ جن جي صحابين پڇا ڪئي، "ڇا ڪافرن سان جهاد ڪرڻ اهو درجو نہ ٿو رکي؟" پاڻ جواب ڏنائون: "نہ! بيشڪ اوهين تيسين وڙهندا رهو جيسين توهان جي تلوار ٽڪرا ٽڪرا نہ ٿي وڃي."[39] پاڻ خدا جي عبادت وسيلي ئي نفس تي فتح حاصل ڪرڻ کي اعليٰ جهاد قرار ڏنو اٿن.

بابا فريد پنهنجي تبليغ ۽ پنهنجي ڪلام ۾ ظاهر ڪيل خيالن جي وسيلي انسان جي طبعي رجحان ۾ انقلاب پيدا ڪرڻ جو عظيم ڪم ڪيو. سندس ڪلام ۾ سڀ کان وڌيڪ زور عشق الاهيءَ تي ڏنو ويو آهي. مثال طور:

1- جوبن جاندے نہ ڈراں جے شوہ پریت نہ جاءِ
فریدا! کِتّی جوبن پریت بن سُک گئے کملاءِ[40]

2- اج نہ سُتّی کنت سیوں انگ مڑیں مُڑجاءِ
جاءِ پُچّھو ڈوہاگنی: تم کِیو رَین وہاءِ[41]

3- دِلوں محبّت جِیں سَے ای سچّے آ
جَیں من ہور، مُکھ ہور، سَے کانڈھے کچّے آ[42]

4- بولے شیخ فرید پیارے الله لگے[43]

بيا بہ اهڙا ڪيترائي حوالا آهن، جن جو پهرئين ۽ ٻئي باب ۾ ذڪر

• The greatest heretic of all, believed the shaikh, and the real source of all evil was not jihad argued the sheikh, against non Muslims which was the real war, but that against the nafs-i-Kafir (The heretical nafs) of one's own lower self. [38]

ڪيو ويو آهي، جن ۾ انسان کي دنياوي لاڙي کي ڇڏي روحانيت ڏانهن لاڙو وڌائڻ جي ڪوشش ڪندي، پنهنجي نفس کي دنياوي ساز و سامان سان لڳاءَ جي بجاءِ، خدا تعاليٰ جي عشق ڏانهن موڙڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. بابا فريد حق جي ڳولائن کي پهرين هيءَ ڳالهه سمجهائي آهي ته ان محبوب حقيقيءَ جي ڳولا پنهنجي باطن ۾ ڪريو ان جي جستجو ۾ ٻاهر دربدر ۽ پريشان نه ٿيو. ٻي نصيحت هيءَ آهي ته: خدا تعاليٰ جي حاصلات جو تعلق ظاهري لباس ۾ ناهي، دلي لاڙي کي بدلائڻ ۽ دل ۾ ان جو سچو عشق پيدا ڪرڻ ۾ آهي. انهن نصيحتن تي عمل ڪندي پنهنجي باطن ۾ ان محبوب حقيقيءَ جو ديدار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندؤ.

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ19
(2) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ53
(3) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ119
(4) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ120
(5) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ121
(6) آد گرنٿ، ص577
(7) سورة ق، آيت16
(8) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ92
(9) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ129
(10) حضرت سُلطان باهو بيت17
(11) حضرت سُلطان باهو بيت18
(12) ڪُليات، ص158
(13) رُهتڪي، انور علي، قانونِ عشق، ص70
(14) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ34
(15) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ83
(16) ڪُليات، ص155
(17) جينسس 1:27
(18) آد گرنٿ، ص488
(19) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ95
(20) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ15
(21) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ103
(22) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ104
(23) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ70
(24) خبر ناهي
(25) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ38
(26) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ71
(27) آد گرنٿ، ص789
(28) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ97
(29) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ15
(30) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ68
(31) ڪبير ساکي سنگرهه، ص56
(32) ڪبير ساکي سنگرهه، ص256
(33) آد گرنٿ، ص1019
(34) آد گرنٿ، ص724
(35) ڪُليات، ص89
(36) آد گرنٿ، ص794
(37) سورة الانفال، آيت45
(38) رضوي، اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا1، ص233
(39) برڪر ڊتايتس، اين انٽروڊڪشن ٽو صوفي ڊاڪٽرن، ص126_127
(40) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ34
(41) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ30
(42_43) آد گرنٿ، ص488

7

من ۾ الله سوتن ۾ الله

فريدا! درويشى گاكھڑى، چوپڑى پريت
اِکن کنهے چالى اے درويشاوى ريت[1]

پوين بابن ۾ اسان پڙهي آيا آهيون تہ خدا تعاليٰ سان وصال جي لاءِ بابا فريد انسان کي بہ هدايتون ڏنيون آهن. پهرين ٻاهر پٽڪڻ بدران پنهنجي باطن ۾ خدا جي ڳولا ڪريو. ٻي پنهنجي نفس جي لاڙي کي بدلائي دنيا جو غلام بڻجڻ جي بدران خدا تعاليٰ جو عابد بڻجڻ يعني ان جي عبادت ڪرڻ گهرجي.
نفس کي خدا جي بندگيءَ ڏي موڙي عابد بڻجڻ لاءِ انسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ 'فريدا در ويسى گاكھڑى'بابا فريد انسان کي آگاهہ ٿو ڪري خدا جي عبادت يا درويشي راهہ ڏاڍي ڏکي آهي. سندس چوڻ آهي: "واٹ بمارى كھرى اُدينى كھنہه تكھى بہت پئينى"[2] خدا جي عبادت يا راهہ فقر تلوار جي ڌار کان وڌيڪ تيز ۽ وار کان بہ وڌ سنهڙي آهي. حضرت سلطان باهو فرمائي ٿو:

راه فقردا مُشكل باہُو گھر ماں نه سيرا ردّما ہُو[3]

يعني فقيري کيرٽي يا حلوو کائڻ جي برابر ناهي. '*چوپڑی پریت*' بابا فريد جو چوڻ آهي, فقيري مڪر ۽ فريب يا ڏيکاءَ جي واٽ ناهي. '*اکن کے چالیے*' نہ ئي اهو رستو آسان آهي ۽ نہ ئي ان ۾ بيدلي ۽ بدتر سان ڪاميابيءَ جي اميد ڪري ٿي سگهجي. پاڻ وڌيڪ چوي ٿو:

در درويشى گاكھڑى چلّاں دُنيا بھَت،
بنّھ اُٹھائى پوٹلى كِتھے وَنجاں گھت۔[4]

ان مالڪ جي گهر جي فقيري نهايت ڏکي آهي. دنيا جو ڪوئي بہ ڪم آسان ناهي. هاريءَ کي مٽيءَ سان گڏ مٽي ٿيڻو پوندو آهي, تڏهن ئي فصل

پچي راس ٿيندو آهي. ماءُ کي اولاد جو منهن ڏسڻ لاءِ گرڀ جا سور سهڻا پوندا آهن. ڊاڪٽرن، سائنسدانن ۽ فنڪارن کي سخت ۽ محتاط ٿي محنت ڪرڻي پوندي آهي. جيتري منزل اهم ۽ پري هوندي، ان ۾ ڪاميابيءَ لاءِ اوتري وڏيڪ محنت ۽ جدوجهد ڪرڻي پوندي آهي، اوتري ئي وڏي قرباني ڏيڻي پوندي آهي. خدا تعاليٰ سان وصال سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان افضل هدف آهي. قدرتي طور تي ان جو حصول به اوترو ئي مشڪل آهي. 'چلّاں دُنيا بهَت' يعني سچو درويش بڻجڻ لاءِ سچي درويش وارو صبر و تحمل ضروري آهي. جيڪو انسان دنيادارن وارو رويو اختيار ڪندو اهو درويش بڻجي نه سگهندو آهي. 'بنهہ اُٺهائی پوٹلی' جنهن پاڻ تي دنياوي خواهشن ۽ عملن جي ڳري پري ڪٽي رکي آهي، اهو روحانيت جو سفر طئي ڪري، درويشي منزل تي ڪيئن رسي سگهندو؟

دنيا جي سموري رُوحاني ادب جو دارومدار درست لائحہ عمل تي آهي. ان ۾ هڪ طرف انسان جي سامهون خدا ۽ مقام حق جي حصول جو نشان مقرر ڪيو ويندو آهي ته ٻئي پاسي هن کي دنياوي لاڙو ترڪ ڪري خدا جي عبادت گذارن وارو لاڙو اختيار ڪرڻو پوندو آهي. بابا فريد فرمائي ٿو:

فريدا! دِل رتّا دُنی سيوں، دُنی نه کِيتے کم
مثل فقيراں گاکھڑی سو پائيے پُور کرم[5]

جيسين دل، نڪمي دنيا جي حرص و هوس جي گندگيءَ ۾ ميري ٿيل آهي، خدا جو عابد بڻجڻ جو خواب پورو ٿي نه سگهندو. 'مثل فقيراں گاکھڑی' فقيرن وارو پاڪ اعليٰ رتبو حاصل ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. 'پائيے پُور کرم' هي رتبو وڏي قسمت ۽ الله تعاليٰ جي رحمت سان نصيب ٿيندو آهي.

بابا فريدا خدا جي حصول خاطر منزل ڏانهن راهي سالڪ جي لاءِ زندگي گذارڻ جو جيڪو طريقو طئي ڪيو آهي، سندس زندگي، زندگيءَ جي اُن طريقي جو زنده مثال هئي. پاڻ زندگيءَ جي ان طريقي جي مختلف پاسن تي روشني وڌي آهي.

دل انڌاري رات:

فريدا کن مصلا صُوف گل دِل کاتی گُڑ وات
باہر دِسے چاننا دِل اندھیاری رات[6]

پاڻ ظاهري ڏيکاءَ ۽ باطني اوصاف جو فرق سمجهائيندي انسان کي آگاهه ٿو ڪري تہ عابد يا صوفي بڻجڻ جي لاءِ ڪلهي تي مصلو کڻڻ ۽ بدن تي اوني چوغو پائڻ ڪافي ناهي.

جوگ نه بهگوی کپڑی جوگ نه میلے ویس
نانک گھر بیٹھیا جوگ پائیے ستگور کے اُدیس(7)

سچي عبادت گذار جي لاءِ ڪو مخصوص لباس يا ويس درڪار ناهي. فقط ڪامل مرشد جي هدايتن موجب دلي ڪيفيت بدلائڻ جي ضرورت هوندي آهي. بابا فريد چوي ٿو 'دل کاتی گُڑ وات' ۽ 'باہر دِسے چاننا دِل اندھیاری رات' جيڪڏهن ظاهري علم، بندگي، نيڪي، صداقت، پاڪيزگي ۽ رحم وارين وصفن جو نماءُ ڪبو پر دل ۾ خود غرضي، لالچ، دنياوي رغبت ۽ تڪبر پريل هجي تہ پوءِ پل اسان درويشي لبادي ۾ هجون پر اندروني طور اسين بنهہ دنيادار آهيون. درويش جي قول ۽ فعل ۾ دلي مناسبت هجڻ لازمي آهي، جيسين قول ۽ فعل ۾ دلي پاڪيزگي نٿي اچي، سچي درويشي جو خواب اڌورو آهي.

فریدا! کالے مَیڈے کپڑے، کالا مَیڈا ویس
گُنہیں بھریا مَیں پھراں لوک کہیں درویش(8)

سچي شاغل جي نظر ظاهري لباس تي ناهي، اندروني دلي ڪيفيت تي هوندي آهي، هن جي نظر پنهنجي عيبن ۽ گناهن تي هوندي آهي. نفس جي ڪدورت ۽ درويشيءَ جو لاڳاپو ڏينهن ۽ رات جيان هوندو آهي، جيئن نيرولي ميري ڪپڙي کي نہ رنگيندو آهي، ان طرح خدا جي عشق ۾ رنگجڻ جي لاءِ، نفس جي لباس جو سفليات ۽ گناهن جي ميراڻ کان صاف هئڻ لازمي آهي.

بابا فريد سچي عابد يا درويش وڏيڪ گهٽيئي نيڪ وصفون اختيار ڪرڻ جو مشورو ڏئي ٿو.

جي تو تئين الله جو:

فریدا! تھیو پوابی دَبھ، جے سائیں لوڑیں سبھ
اک چھجّے بیا لتاڑیے تاں سائیں دے در واڑیے(9)

بابا فريد بذات خود عجز ۽ انڪساري، صبر ۽ تحمل جو مجسمو هو. پاڻ فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن توکي سائينءَ جي ڳولا آهي ۽ تون سچو درويش بڻجڻ جو خواهشمند آهين تہ پيرن هيٺان گاهہ بڻجي وڃ. ماڻهو گاهہ لتاڙيندا آهن پر گاهہ ٻڙڪ بہ نہ ٻاڦيندو آهي. جڏهن تون گاهہ واري وصف حاصل ڪري وٺندين تہ هڪ ڏينهن هُن مالڪ جي حضور ۾ قبول پئجي ويندين.

فريدا! خاک نہ نندیئے! خاکو جیڈ نہ کوءِ
جِیوَندیاں پیراں تلے، مویاں اُپر ہوءِ[10]

سچو سالڪ عجز ۽ عاجزيءَ جو مجسمو هوندو آهي. اهو ٻين جا عيب نہ جاچيندو آهي، هو خدا جي مخلوق کي پنهنجو پاڻ کان افضل ڄاڻندو آهي. اهو ڪنهن جي برائي يا گلا نہ ڪندو آهي. هن کي مٽيءَ ۾ بہ خوبي نظر ايندي آهي، جيڪا زندهہ انسانن جي پيرن جو سهارو بڻبي آهي تہ قبر ۾ وري مردي جي پرده پوشي ڪندي آهي. ڪبير داس جو چوڻ آهي:

”ہم تج سب بھلے ہم سے بُرا نہ کوئے،
جِن ایسا کر بُوجھیا میت ہمارا سوئے“[11]

سچي درويش کي ننڍي وڏي ۾ ڪو بہ فرق نظر نہ ايندو آهي.

بُرن ساڻ ڀلايون...

فریدا بُرے دا بھلا کر غُصہ من نہ ہڈھاء
دیہی روگ نہ لگئی پلے سبھ کچھ پاء[12]

دنيا ۾ سروٽي جو جواب پٿر هڻي ڏيڻ جو رواج آهي. ماڻهو پلي انسان جي برائي ڪرڻ تائين هليا ويندا آهن. بابا فريد عابد جي سوچ کي بدلائڻ ٿو گهري. پاڻ چاهي ٿو تہ هن کي هر نيڪ ۽ بد ۾ مالڪ الڪل جو جلوو نظر اچڻ گهرجي. سواءِ الله تعاليٰ جي ڪنهن غير کي حاجت روا سمجهڻ شرڪ آهي. قرآن شريف جي سورت فاتح ۾ ان مالڪ الڪل کي رب العالمين چيو ويو آهي، يعني اهو رب جيڪو سموري مخلوقات جو رب آهي. اهو رب صرف هندن ۽ مسلمانن اڃا بہ انسانن جو ئي نہ پر تمام مخلوقات جو رب آهي، هر چرند، پرند ۽ ٻوٽن وغيره جو بہ خالق ۽ پروردگار آهي. ڪائنات

جي ڪائي بہ شيءِ سندس نور کان خالي ناهي، جڏهن متلاشي تمام مخلوقات کي ان مالڪ الڪل جي شبيهہ ڪري ڄاڻندو، ان جو عاشق، خدمتگار ۽ همدرد بڻجي ويندو آهي تہ پاڻ مرادو جبر ۽ تشدد، حسد نفرت، ڪيني ۽ بغض ۽ بدلي جي احساس جهڙن ڪيترن ئي ادنيٰ خيالات کان پاڪ ٿي ويندو آهي، بابا فريد فرمائي ٿو:

فريدا! جے تَيں مارن مُکّياں تنهاں نه مارن گُھمّ،
آپنے گھر جائیے پَیر تنهاں دے چُمّ۔[13]

روحانيت جو سچو پيروڪار بدلجڻ کان متاهون هوندو آهي، نيڪ انسان سان هرڪو ئي نيڪ ورتاءُ ڪندو آهي پر سچو عابد غيبت، بدگوئي، ڪينو ۽ حسد ڪرڻ وارن سان بہ محبت ۽ عزت سان پيش ايندو آهي. تلسيداس، ڀڳوان شوءِ پاروتيءَ جي مڪالمي جي حوالي سان سمجهائي ٿو:

اُما سنت کی اہے بڑائی، مند کرت جو کرئی بھلائی[14]

مهاتما ٻڌ، حضرت عيسيٰ، ڪبير داس، گرو نانڪ ۽ سيني ڪامل فقراءَ بدلي وٺڻ جي خواهش کان آزاد ٿيڻ ۽ دشمنن سان دوستن جهڙو ورتاءُ ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو آهي، گرو ارجن صاحب فرمائي ٿو:

برہم گیانی کے مِتر سُتر و سمان
برہم گیانی کے ناہی ابھمان[15]

ٿي درخت جي دستور:

فريدا! صاحب کی کر چاکری دِل دی لاہ بھرانّد
درویشاں نُوں لوڑیے رُکھّاں دی جِیراند[16]

مالڪ الڪل جي بندگي ڪرڻ وارن عابدن ۾ وڻن جهڙي تحمل مزاجي هوندي آهي، جيئن وڻ گرمي، سردي، اوندهہ، روشني، بارش، اس، برف باري وغيره سڀ ڪجهہ چپ چاپ برداشت ڪندو آهي، ان طرح درويش رضاءِ الاهي جي صورت هوندو آهي، ڀل تہ وڻ جي ٽارين کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏيو وڻ ڪڏهن ڪجهہ بہ نہ چوندو آهي. جيڪڏهن هن کي پٿر هڻو تہ جواب ۾ ميوو ڏيندو آهي. اهائي حالت رب جي سچي درويش جي آهي.

بابا فريد جي حالات زندگيءَ ۾ ڏنو ويو آهي تہ جن ماڻهن سندس مخالفت ڪئي يا ساڻس دشمنيءَ وارو ورتاءُ ڪيائون، پاڻ ڪانئن بدلو وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪيائين. جنهن جا دوگر ڪين نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي پاڻ ان کي بہ معاف ڪري ڇڏيائين. جنهن مريد هٿان ڪنهن مالدار نذراني لاءِ ڪجھ رقم موڪلي ۽ مريد ان مان اڌ پاڻ وٽ رکي ڇڏي، پاڻ باقي رقم بہ کيس ڏئي ڇڏي ۽ سندس خطا بہ معاف ڪري ڇڏي. جڏهن ڪنهن جهيڙو ڪندڙ تي سندس پٽ هٿ کنيو تہ پاڻ ان سان ناراض ٿي پيو جيسين سندس پٽ ان ماڻهوءَ کان معافي وٺي خدمت نہ ڪئي ۽ کيس خوش ڪري روانو ڪيو تيسين پاڻ پنهنجي پٽ کي معاف نہ ڪيائين. سندن وڏو مريد حضرت نظام الدين اولياءَ بحث مباحثي لاءِ آيل کي پنهنجي دليلن سان شڪست ڏني تہ پاڻ ان ڳالھ کان بہ ڪافي ناراض ٿيو. پاڻ کيس سمجهايائون تہ درويش ڪنهن کي هيڻاهون ڏيکارڻ جي ڪوشش نہ ڪندو آهي. درويش جي ڪنڌ تي ڪوئي تلوار بہ رکي ڇڏي، پوءِ بہ اهو نہ هن کي بددعا ڏيندو آهي ۽ نہ ئي هن کان بدلي جي خواهش دل ۾ رکندو آهي. چيو ويندو آهي تہ حضرت عيسيٰ ؑ کيس صليب تي ٽنگڻ وارن کي بہ دعا ڪئي هئي: "اي بابا! تون هنن کي بخشي ڇڏجانءِ چو تہ هي نٿا ڄاڻن تہ هي ڇا ڪري رهيا آهن."(17)

ڪبير پڳت جو چوڻ آهي:

ڪبير سنت نہ ڇها ڏے سنتئ جوء ڪوٽڪ ملهہ اسنت
مليا گُر بهئنگم بيڏيو ت سيتلتا نہ تجنت(18)

زهر جي تپش جو ستايل نانگ چندن جي چوگرد ويڙهجي ويندو آهي، چندن جو وڻ سندس زهر ۽ تپش جو اثر قبول ڪئي بنا، هن کي ٺڏ ۽ خوشبو ڏيندو آهي، اهڙيءَ طرح درويش وڏي کان وڏي گنهگار کي بہ معاف ڪري ڇڏيندو آهي.

ڀڳڻ پوليج:

1- ڪوَن سُو اکهر، ڪوَن گُن، ڪون سو منيا منّت
ڪوَن سُو ويسو ہوں ڪِری جِت وس آوَے ڪنت(19)

2- نِون سُو اکهَر کهَون گُن، جِيبها منيا منَت
اے تَرے بهَينے وِس کر تاں وَس آوی کنت[20]

بابا فريد پهرئين دوهي ۾ سوال ٿو ڪري، ڪهڙي ٻولي ڳالهايون ڪهڙا ڳڻ اختيار ڪجن، ڪهڙو منتر ڦوڪيو وڃي، جنهن سان هو محبوب هٿ وس ٿئي. ٻئي دوهي ۾ جواب ٿو ڏئي ته محبوب جي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ عاشق کي عاجزي، انڪساري، صبر ۽ تحمل جون وصفون ۽ مٺڙي ٻوليءَ سان منتر ڦوڪڻ گهرجن. ان مان پروڙ ٿي پوي ٿي ته درويش جي لاءِ ڪنهن مخصوص ظاهري لباس جي ضرورت ناهي. ضرورت فقط عاجزي ۽ انڪساري، محبت ۽ صبر و تحمل ۽ بردباري اختيار ڪرڻ جي آهي.

رضا رباني:

1- کندهی، وبن! نه ڈماه، تُوں بهی ليکها ديونا
جِدهر رب رضاءِ وبن تداؤں گوکرے[21]

2- فريدا! دُکھ سُکھ اِک کر، دِل تهيں لاه وِکار
الله بهاوے سو بهلا تاں لبّهی دربار[22]

پاڻ سالڪن جون ٻه وڏيڪ وصفون بيان ٿو ڪري. پهريون 'جدهر رب رجائے وبن تداؤ گنؤ کرے' ۽ ' الله بهاوے سو بهلا تاں لبّهی دربار' سچو سالڪ پنهنجي مرضي رب جي رضا ۾ فنا ڪري ڇڏيندو آهي. هو رب جي رضا جو مجسمو بڻجي پوندو آهي. ٻي وصف، ' فريدا! دُکھ سُکھ اِک کر، دِل تهيں لاه وِکار ' سچا عاشق ڏک سک کان مٿاهان ٿي ويندا آهن. هو ڏک ۽ سک جي ٻنهي حالتن کي ان خالق جي پاران ڄاڻندي انهن کي هڪ نظر سان ڏسندا آهن. اهڙيءَ طرح هو ٻيائي ۽ انانيت کان آزاد ٿي الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ قبول پئجي ويندا آهن. بيبي رابعه بصريءَ جو چوڻ آهي، "سچو درويش اهو آهي جيڪو ڏک ۽ سک ۾ فرق نٿو ڪري."[23] گورو تيغ بهادر جو چوڻ آهي:

پرنندا اُستت نہه جاکے کنچن لوه سمانو
ہرکھ سوگ تے رہے اتيتا جوگی نابهِ بکهانو[24]

سيني ۾ سچو ڏٺي:

سبھناں من مانک، تھابن مُول مچانگوا
جے تَو پریا دی سِک ہیاؤ نہ تھاہیں کہیں دا[25]

سيني جون دليون هيرن جواهرن جهڙيون آهن. ڪنهن جي دل ٽوڙڻ بهتر ناهي. جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ محبوب حقيقيءَ جي وصل جي تڙپ آهي ته ڪنهن جي دل نه ٽوڙ.

اِک پھِکّا نہ گالائیں، سبھنا میں سچا دھنی
ہیاؤ نہ کہیں ٹھاہیں، مانک سبھ امَولویں[26]

ڪنهن سان رکو ۽ ٻاڙو نہ ٻول، ڇاڪاڻ جو هر بشر ۾ اهو مالڪ ٿو وسي.

فریدا! خالق خلق میں، خلق وسّے ربّ ماںہہ
مندا کِس نُوں آکھیے جاں تِس بِن کوئی ناںہہ[27]

يعني خالق مخلوق ۾ ۽ مخلوق خالق ۾ سمايل آهي. ڪنهن کي به برو ڀلو چوڻ خالق کي چوڻ برابر آهي.

مٿي ڏنل دوهن ۾ اهو واضح ڪيو ويو آهي تہ سچي سالڪ کي هر ڪنهن ۾ هڪ ئي خدا تعاليٰ جو نور ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهو قومن مذهبن، ملڪن جي فرق کان مٿانهون ٿي سوچيندو آهي. هو مخلوق کي پنهنجي هڪ جهڙي محبت ۽ خدمت جي قابل ڄاڻندو آهي، هو ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪندو آهي، ڇو تہ ائين ڪرڻ سان هن جي اندر مقيم خالق کي ڌڪ رسندو آهي.

بابا فريد ۽ سيئي سچا درويش ڪهڙي هدايت ٿا ڪن ۽ اسان جو ردِ عمل ڪهڙو آهي؟ سيني مذهبن جا ماڻهو مڃيندا آهن تہ ساري مخلوق جو خالق هڪڙو ئي رب آهي، هو خالق ڪائنات جي ذري ذري ۾ سمايل آهي. فقط انسانن ۾ ئي نہ پر سيني چرند پرند، وڻن ٻوٽن ۽ ساوڪ ۾ بہ ان جو ئي جلوو آهي. ڪائنات ۾ جو ڪجھ بہ آهي، سندس ئي پيدا ڪيل آهي. هر شيءِ سندس سهاري قائم آهي ۽ سيني ۾ سندس نور ٿو وسي. اهو سڀ ڪجھ ڄاڻندي بہ مختلف مذهبن جا پيروڪار پاڻ ۾ وڙهي مري رهيا آهن ۽ اهو بہ انهن ئي نالي وارن مذهبن جيءُ نالي ۾. هڪ طرف تہ هر مذهب جا

رهنما ان ڳالهه تي زور ڏيندا آهن تہ انسان جي دل الله تعاليٰ جو سچو پچو گهر آهي، ٻئي پاسي سِرن ۽ پٿرن سان جوڙيل انهن مذهبي عمارتن جي نالي تي هزارن انسانن کي قتل ڪيو ٿو وڃي، ڇا اهي خالق جي عبادت لاءِ ٺهايل مندرن، مسجدن ۽ گردوارن کي ڊاهڻ جي برابر ناهي؟

اهڙيءَ طرح پنهنجي دين ڌرم ۽ مذهبي ڪتابن جا پارکو چوائيندڙ ماڻهو اهو بہ مڃين ٿا تہ هر ذي روح جي اندر ۾ خدا تعاليٰ مقيم آهي. پوءِ بہ کهڙي نہ بي رحميءَ سان جانورن کي ذبح ٿا ڪن.* ڪوئي ڪلمو پڙهي انهن جي ڳچين تي ڇري ٿو هلائي، ڪوئي منترن کي اچاري انهن جو ڳلو ٿا ڪپين. ڪجهہ ماڻهو ڌرمي جاين تي جانورن جي قرباني ڏئي ديوي ديوتائن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. ان سلسلي ۾ ڪبير ڀڳت آگاهہ ٿو ڪري:

جيئه بدمہہ سو دهرم کرتها ہہُ ادهرم کہہُ کت جائی
آپس کؤ مُنی ور کرتها ہہُه کا کؤ کہہه قصائی(28)

ڪبير داس چوي ٿو:

بيد کتيب کہه مت جُهوٹهے جُهوٹها جو نه وِچارے
جونسبهہ مہه ايک خُدائے کہت ہو تؤ کئو مُرغی مارے(29)

پاڻ دليل ٿو ڏئي تہ جانورن کي جيڪڏهن ذبح ڪرڻ شرعي طور جائز آهي تہ ناجائز ڇاهي؟ جيڪڏهن جانورن جي قرباني ڏيندڙ رشي مُني ٿا چوائين تہ قاصائي ڪنهن کي چيو ويندو؟ پاڻ کي شاسترن جي عالم سڏائيندڙ کان سوال ٿا ڪن تہ جڏهن اوهان هندن جي چئن ويدن، يهودين، عيسائين ۽ مسلمانن جي چئن ڪتابن، توريت، زبور، انجيل ۽ قرآن ڪريم جي حوالن سان اها ڳالهہ ثابت ٿا ڪريو تہ سڀني ۾ هڪڙي ئي خدا تعاليٰ جو نور آهي تہ پوءِ جانور ڪهڻ جي وڪالت ڪهڙي سبب جي ڪري سگهجي ٿي. ان جو مطلب تہ هي ٿيو تہ اوهين انهن ديني ڪتابن جي اوٽ وٺي پنهنجي غلط ڪمن کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو.

هندو، مسلم، سک، عيسائي، يهودي وغيره، هر مذهب جا ماڻهو پنهنجي پنهنجي مذهب جي مڃيندڙن کي اعليٰ ۽ ٻين مذاهب جي پيروڪارن کي

---

* مختلف مذهبن جي لاءِ رهنما طور موڪليل ڪتابن ۾ ڪجهہ جانورن کي انسان جي خوراڪ لاءِ الله جو نالو وٺي ذبح ڪرڻ جائز ڪيو ويو آهي. (سنڌيڪار)

ادنيٰ ۽ خراب چو سمجهندا آهن؟ هو صرف پنهنجي مذهب جي پيروڪارن کي رب جي خاص رحمت جا حقدار تصور ڪندا آهن. رب جا چونڊيل ۽ بخشيل ڄاڻندا آهن ۽ رحمتن ۽ برڪتن جو حقدار سمجهندا آهن ۽ ٻين ڌرمن جي ماڻهن کي دوزخ جي قابل ڄاڻندا آهن. ڪيتري حيرانگيءَ جي ڳالهه آهي تہ هندن جي حساب سان مسلم ۽ مسلمانن جي حساب سان هندو دوزخ جي باهہ ۾ اڇلايا ويندا. ان جو مطلب هي ٿيو تہ سڀ دوزخ ۾ ويندا. بابا فريد ٻين سنت مهاتمائن کي آگاهہ ٿو ڪري تہ جڏهن هو قادر مطلق هر انسان ۾ وسي ٿو تہ مذهب، ملڪ، ذات پات جي ڪري انسانن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ مناسب ناهي.

سِڪ ناهہ سُتري:

رُکھی سُکھی کھاءِ کے ٹھنڈا پانی پیؤ
فریدا! دیکھہ پرائی چوپڑی نه ترسائیں جیئو (32)

خدا جو عابد صبر ۽ قناعت جو مجسمو هوندو آهي. اهو رکي سڪي کائي بہ خدا تعاليٰ جي بندگيءَ ۾ رڌل رهندو آهي. ٻين جا چٽيهہ قسم جا طعام ڏسي نہ انهن سان حسد ڪندو آهي، نہ ئي پنهنجي دل کي سڪائيندو آهي. جنهن حال ۾ الله تعاليٰ کيس رکندو آهي، ان حال ۾ خوش رهندي هن جي عبادت ۾ مگن رهندو آهي، 'دیکھہ پرائی چوپڑی نه تر ساؤ جیؤ' ان هدايت تي مفصل غور و فڪر ڪرڻ جي ضرورت آهي. بابا فريد اهو چوڻ ٿو گهري تہ سچو سالڪ اهو آهي، جنهن کي جو بہ رکو سڪو کائڻ لاءِ ملي وڃي، ان تي خدا جو شڪر بجا آڻيندو آهي، جيڪي نہ مليس ان جي گلا نہ ڪندو آهي. هڪ عالم جي دل ۾ احتجاج پيدا ٿيو تہ مون کي پيرن ۾ پائڻ لاءِ بوٽ بہ ناهي. جڏهن سندس نظر اهڙي ماڻهوءَ تي پئي جنهن کي ٻئي پير نہ هئا تہ هو مالڪ جو ازحد شڪر گذار بڻيو تہ جيڪڏهن بوٽ نہ آهي تہ نہ سهي، مون کي هن مالڪ پير تہ عطا ڪيا آهن. اصل ڳالهہ دل کي سمجهائڻ جي آهي. اسان ڪجهہ امير، صحتمند يا نام نهاد سکين ماڻهن کي ڏسي ڏينهن رات آهون ڀريندا آهيون ۽ پاڻ کان وڌ نادارن، ڏکايلن ۽ لاچارن انسانن کي ڏسي خدا جو شڪر بہ ادا ڪندا آهيون. پنهنجون حالتون بهتر ڪرڻ ئي ڳالهہ آهي ۽ پنهنجي مقدر کي هر وقت گهٽ وڌ چوڻ ئي ڳالهہ آهي.

ڪامل درويش دنيا ۾ رهندي دنيا کان بي نياز هوندو آهي. هو دنياوي ذميواريون نڀائيندو هڪ سٺي شهريءَ جي ناتي پنهنجا سمورا فرض پورا ڪندو آهي. خدا جي عبادت جو روحاني فرض ادا ڪرڻ ۾ غفلت نه ڪندو آهي. سچو درويش دنياوي فرض ادا ڪرڻ ۾ غفلت نه ڪندو آهي، سچو درويش دنياوي فرض محنت ۽ دلي لڳاءَ سان پورا ڪندو آهي. هو محنت ۽ همٿ جو زنده مثال هوندو آهي ۽ الله تعاليٰ جي رضا ۾ راضي ۽ مطمئن رهندو آهي. مالڪ سندس ڪوشش جو جيڪو ڦل ڏيندو آهي اُن تي صبر ڪندو آهي.

فريدا روٹی میری کاٹھ کی لاون میری بھُکھ
جِنا کھادی چوپڑی گھنے سہن گے دُکھ(33)

هتي ڪاٺ جي مانيءَ جو مطلب رکي سڪي ماني آهي، درويشي صبر و قناعت ۾ آهي. سچو عابد صبر و قناعت جو مجسمو هوندو آهي. ڪيس جو ڪجھ رکو سڪو ملي، کائي ويندو آهي ۽ ان تي صبر و قناعت ڪندو آهي. هو ڪڏهن شڪايت ئي نه ڪندو ته ڪيس فلاڻي شيءِ نه ملي ۽ نه ئي هو ڪنهن شيءِ جي خواهش ڪندو آهي. درويش فقط الله تعاليٰ جي بندگي ڪرڻ لاءِ کائيندو آهي، کاڌي جي نيت سان نه کائيندو آهي. مهاڀارت ۾ مهاتما سُپچ جي باري ۾ ذڪر آيو آهي ته دروپديءَ هن جي آڏو ڪيترين قسمن جون نعمتون رکيون ته هن سڀئي شيون پاڻ ۾ گڏائي ڇڏيون، جيئن انهن جو ذائقو ختم ٿي وڃي. سندس ڪنهن مريد کيرٽيءَ ۾ ڪنڊ جي جاءِ تي لوڻ ملائي ڏئي ڇڏيو درويش ماٺ ميٺ ۾ اهو کير پي ڇڏيو. جڏهن سندس مريد اها کيرٽي چکي ته ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ پنهنجي خطا جي معافي گهريائين، درويش وراڻيس خدا تعاليٰ جا ٻانها ذائقي خاطر نه کائيندا آهن.

فریدا! بوں بلہاری تنہاں پنکھیاں جنگل جنہاں واس
ککر چُگّن، تھل وسّن، ربّ نه چھوڈن پاس(34)

بابا فريد مطابق اهي درويش روپي پکيئڙا مبارڪ آهن، جيڪي رکن سکن ٽڪرن جي سهاري زندگي گذاري ڇڏيندا آهن، پر خدا تعاليٰ جي بندگيءَ ۾ ڪوتاهي نه ڪندا آهن، 'رب نه چھوڈن پاس' رکو سڪو کاڌو ۽ زندگيءَ جي هر هيٺ مٿاهين ۽ تنگيءَ ۾ مگن رهڻ، خوشي، صبر و تحمل

ڪان ڪم ونڻ ئي ڪافي نہ ڄاڻندا آهن. هر مخالف حالت ۾ خدا جي عبادت ۽ بندگيءَ ۾ مشغول رهڻ بہ لازمي آهي، جيڪڏهن اسان چاهيون تہ گرميون نہ اچن، تہ بہ گرميون ضرور اينديون. ان ڪري سچا عابد زندگيءَ جي مناسب ۽ غير مناسب حالتن ڪي مالڪ الڪل جي عبادت ۾ رنڊڪ بڻجڻ نہ ڏيندا آهن. ڏک ۽ سک زندگيءَ جو لازمي حصو آهن. جيڪڏهن عيش ۽ آرام ۾ مگن ٿي يا ڏکن ڪان پريشان ٿي مالڪ جي بندگي نہ ڪنداسين تہ ڪڏهن بندگي ڪري ئي نہ سگهنداسون.

نفس جي پؤنڪ:

فريدا! ايہہ تن بھَوكنا نِت نِت دُكھيے كَون
كِنّيں بُجّے دے رِہاں كِتّی وَگّ پَون[35]

اسان جي بدن ۾ نفس جي روپ ۾ ڪتو پؤنڪندو رهندو آهي، اهو روز بروز نيون نيون خواهشون پيدا ڪري انسان کي عبادت کان گمراهہ ڪندو رهندو آهي. نفس حرص و هوس ۽ خواهشن جون پل تہ ڪيتريون ئي ترڪيبون ٻڌائي، سچو سالڪ ان جي هڪڙي بہ نہ ٻڌندو آهي. هو صبر ۽ قناعت جي دامن نہ ڇڏيندو آهي، اسان جي حالت ڪهڙي آهي؟ خواهشون اسان جو نفس پيدا ڪندو آهي ۽ اهي اسان خدا تعاليٰ کان پوريون ڪرائڻ چاهيندا آهيون. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اسان پنهنجي نفس کي رباني رضا جي تابع ڪرڻ جي بجاءِ خدا تعاليٰ کي پنهنجي خواهشن جي تابع ڪرڻ ٿا گهرون. درويشي نفساني خواهشات خلاف خدا تعاليٰ تي مڪمل اعتماد ڪرڻ جو رستو آهي.

صبر سندو ٻاڻ:

صبر منّجھ كمان اے، صبر كا نہنو
صبر سنّدا بان، خالقِ خطا نہ كری![36]

مالڪ الڪل جا سچا عبادت گذار صبر و قناعت جا مجسما هوندا آهن. هو صبر کي ڪمان ٻڌائي ان تي قناعت جو چلو ڪيندا آهن ۽ وري صبر سان ئي نشاني تي تير هڻندا آهن. مالڪ الڪل رحيم ۽ ڪريم آهي.

هو پنهنجي ٻانهن جي صبر ۽ تحمل سان ڪيل ڪوشش کي ڪاميابيءَ جو ڦَل عطا ڪندو آهي.

بابا فريد اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرائي ٿو تہ روحاني جدوجهد راتو رات ڦلدائڪ نہ ٿيندي آهي، روحاني شغل ۾ ڪاميابيءَ لاءِ وقت درڪار هوندو آهي. اها جدوجهد اڪثر ڏکي ۽ ڪک ڪنڊڙتي پوندي آهي. شروعات ۾ روحاني شغل بي مزي شيءِ لڳندي آهي جنهن سان ڪو بہ سواد نہ ملندو آهي ۽ نہ ئي اهو فائديمند ٿيندو آهي. ڪوشش ڪاميابي ماڻي يا نہ ماڻي، سالڪ کي شغل جاري رکڻ گهرجي. سائين بلهي شاهہ چوي ٿو:

پہلے اُکھلی صاف کرائیں، روڑا مِٹی دُھول ہٹائیں،
پھر اُکھلی وِچ چینا پائیں، چھج صبر دا رکھیں تیار،
چینا ایں چھڑیندا یار[37]

خدا جي بندگيءَ جو چيٽو ڇڙڻ جي لاءِ پهرين نفس جي اکريءَ کي خواهشات نفساني، اميد ۽ آرزوءَ جي دز مٽيءَ کان صاف ڪريو. ان کان پوءِ چيٽي کي صبر جي ڇڄ سان ڇنڊيو. مطلب تہ خدا تعاليٰ جي بندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ جي لاءِ صبر ۽ تحمل ۽ طبيعت ۾ هڪ ڪرائي هئڻ ضروري آهي. پنجابي چوڻي 'جهٹ منگنی پٹ بیابی' واري ڳالهہ ناهي. روحانيت ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ خاطر ورهين جا ورهيہ محنت جي ضرورت آهي، سچو سالڪ ڦل بنا، صبر ۽ تحمل سان عبادت الاهيءَ ۾ رڌل رهندو آهي.

صبر ایہہ سُآؤ، جے تُوں بندہ دِڑ کریں
ودھ تھیویں درباؤ، تُٹ نہ تھیویں وابڑا[38]

پاڻ فرمائي ٿو تہ ٻانهو صبر ۽ تحمل ۾ پختو ٿي وڃي تہ گهٽ ۾ گهٽ ئي فائدو اٿس، صبر ۽ شڪر سان ڪيل شغل وڏي سمنڊ ٻڻجي ويندو آهي. معمولي واهڙ نہ رهندو آهي. سندس مطلب آهي تہ سالڪ کي زندگيءَ جي هر طرح جي حالات ۾ ڪاميابي جي پرواهہ ڪرڻ بنا صبر ۽ تحمل سان شغل ۾ مشغول رهڻ گهرجي. ان طرح شغل ۾ خدا تعاليٰ جي رحمت ۽ برڪت ٿيندي آهي. اهو شغل پوءِ سالڪ کي ان منزل تي رسائي ڇڏيندو آهي.

سچ ۽ بينو نچ:

بابا فريد فرمائي ٿو تہ ’بولڻے سچ دهرم جُهوٹھ نه بولڻے‘[39] سندس ڪلام جي ان ننڍڙي نقطي کي سمجهيو وڃي تہ سندس وسيلي زندگيءَ جي طئي ڪيل طريقي جي تصوير پوري طرح اکين اڳيان اچيو وڃي. هن ڏرم ۽ آڌرم، دين ۽ دنيا، ڪفر ۽ ايمان، سچ ۽ ڪوڙ جي پاڻ ۾ تضاد آڌار پنهنجي ڳالهہ واضح ڪئي آهي، پاڻ چوي ٿو "تون مومن، ديندار، روحاني يعني رب جو سچو عاشق بڻج، ڪافر، دنيادار يا خود غرض نہ بڻج، تنهنجي زندگيءَ مان سچي عبادت گذار جي مهڪ اچڻ گهرجي، ڪوڙي ۽ فاني دنيا جي متوالن واري بدبوءِ نہ اچڻ کپي. تون پنهنجي زندگي عبادت، محبت، سچائي، پرهيزگاري، ضبط، صبر، معافي، تميز، حلم، ترڪ، اهنسا ۽ رضا جي قالب ۾ پرٽي ڇڏ، ان کي نفرت، ڪوڙ شهوت، غصي، لالچ، تڪبر، خود غرضي، ظلم ۽ تشدد، جبر، بي انصافي وغيره جي غلط رستي تي نہ هلاءِ. تون وحدت الوجود يا همہ اوست جو فرق سمجهندي، سڄي ڪائنات ۾ هڪ خدا تعاليٰ جي نور کي جهلڪندو ڏس. تون سڄي مخلوق جو سچو عاشق ۽ خدمتگار بڻجي سڄي ڪائنات کي محبت جي سٽيءَ سان ساڳئي ڌاڳي ۾ ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪر، بيائيءَ جي تلوار سان ان کي ٽڪرا ٽڪرا نہ ڪر. ان طرح تون مخلوق جي لڳاءَ کان آزاد ٿي، خالق جي عشق ۾ پختو ٿي ويندين ۽ توکي خدا جي سچي عاشق يا درويش واري ڪيفيت حاصل ٿي ويندي"

اخلاقي پاڪيزگي:

بابا فريد اخلاقي پاڪيزگيءَ کي روحاني ترقيءَ ۾ مددگار قرار ڏنو آهي پر سندس اصل منزل تہ خدا تعاليٰ سان وصال آهي. اخلاقي پاڪيزگي منزل مقصود تي پهچڻ ۾ مددگار ٿيندي آهي. پاڻ چوي ٿو:

1- فريدا! تهيو پواہی دَبھ، جے سائیں لوڑیں سبھ
اک چهجّے بیا لتاڑیٔے تاں سائیں دے در واڑیٔے[40]

يعني سالڪ کي گاهہ مثل بڻجي وڃڻ گهرجي، جو جو ان مالڪ جي بارگاهہ ۾ رسائيءَ لاءِ عاجزي ۽ انڪساري ضروري آهي.

2- فريدا بُرے دا بھلا کر غُصه من نه ہڈھاء
دیہی روگ نه لگئی پلے سبھ کچھ پاء(41)

خراب ماڻهو سان چڱائي ڪر، غصي کان بچ، ڇو جو ان سان تن من ۾ روح جي روڳن کان بچيل رهندين ۽ تنهنجو خالق سان وصال به ٿي ويندو.

3- سبھناں من مانک، ٺھاہن مُول مچانگوا
جے تَو پریا دی سِک ہیاؤ نه ٹھاہیں کہیں دا(42)

جيڪڏهن حقيقي محبوب سان ميلاپ چاهين ٿو ته ڪنهن جي دل نه ڀڃ.

4- فریدا! گرب جنہاں وڈیائیاں، دمن جوبن آگاہ
خالی چلے دمنی سیوں ٹبّہ جیوں مینّہاہ(43)

جواني ۽ شان شوڪت جو غرور نه ڪريو ورنه خدا جي رحمت کان پالها رهجي ويندؤ.

5- نِون سُو اکھّر کھَون گُن، جِیبھا منیا منَت
اے تَرے بھَینے وِیس کر تاں وَس آوی کنت(44)

مٺا ٻول ٻول، حلم ۽ بردباري اختيار ڪر. ڇو جو اهي ئي وصفون هن محبوب کي متوجهه ڪنديون آهن.

6- فرِیدا! دُکھ سُکھ اِک کر، دِل تھیں لاہ وِکار
الله بھاوے سو بھلا تاں لبّھی دربار(45)

دل مان ڪدورت ڪيڍي ڇڏ. ڏک سک کي هڪ جهڙو ڄاڻ. اهڙيون وصفون اختيار ڪرڻ سان، بارگاهه الاهيءَ ۾ رسائي ٿي سگهي ٿي.

مٿي آيل ڳالهه جي آئيني ۾، خاص آخر ۾ ڏنل حوالن جي حساب سان صاف ظاهر آهي ته بابا فريد روحانيت جي شائقن کان جنهن طريقي جي زندگي گذارڻ جي اميد ٿو رکي، ان جو پسمنظر عشق آهي ۽ ان جو مقصد خدا تعاليٰ سان وصال آهي. سچي عابد جو ارادو، ان جي سوچ ۽ ان جا قدم هڪ ئي منزل طرف وڌندا آهن ۽ اُها منزل اهو موليٰ يا مالڪ الڪل آهي.

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ118

(2) آد گرنٿ، ص794

(3) حضرت سُلطان باهُو بيت7

(4) آد گرنٿ، ص1377: شلوڪ2

(5) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ111

(6) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ50

(7) آد گرنٿ، ص1421

(8) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ61

(9) آد گرنٿ، ص1376: شلوڪ16

(10) آد گرنٿ، ص1376: شلوڪ17

(11) ڪبير ساکي سنگرهه، ص144

(12) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ78

(13) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ7

(14) مانٿس 5: 40: 4

(15) آد گرنٿ، ص272

(16) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ60

(17) خبر ناهي

(18) آد گرنٿ، ص1373

(19) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ126

(20) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ127

(21) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ84

(22) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ109

(23) موجود ناهي

(24) آد گرنٿ، ص685

(25) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ130

(26) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ129

(27) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ75

(28) آد گرنٿ، ص1103

(29) آد گرنٿ، ص1350

(30) موجود ناهي

(31) موجود ناهي

(32) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ29

(33) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ28

(34) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ101

(35) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ88

(36) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ115

(37) ڪافي: چِينا اين چڙيندا يار (حوالو موجود ناهي)

(38) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ117

(39) آد گرنٿ، ص488

(40) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ16

(41) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ78

(42) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ130

(43) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ105

(44) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ127

(45) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ109

8

آهي دنيا امتحان!

بابا فريد فرمائي ٿو تہ:

فريدا! موتے دا بنّا ايوں دِسے جيوں درياوے ڈھاہَ
اگے دوزخ تپيا سنئے ہول پوے کہاہَ
اِکنا نُوں سبھ سُوجی آئی، اک پھر دے وے پرواہَ
عمل جو کیتے دُنی وچ سے درگاہ اوگاہ[1]

پاڻ انسان کي آگاهہ ٿو ڪري:

1۔ 'فريدا! موتے دا بنّا ايوں دِسے جيوں درياوے ڈھاہَ': درياهہ جي ڀڃندڙ ڪناري جيان زندگي پل ڪن جي راند آهي.

2۔ 'اگے دوجک تپيا': موت کان پوءِ انسان کي گناهن جو قل ڀوڳڻ لاءِ، دوزخ جي باهہ ۾ سڙڻو پوندو آهي.

3۔ 'اگے دوزخ تپيا سنئے ہول پوے کہاہَ': دوزخ ۾ سڙندڙ انسانن جي درد ناڪ چيخ ۽ پڪار برداشت کان ٻاهر آهي.

4۔ 'اِکنا نُوں سبھ سُوجی آئی': ڪجهہ ماڻهو اعمال ۽ نتيجي جي قانون جي اذيت کي سمجهندي پنهنجي عاقبت سنوارڻ ۾ رڌل آهن.

5۔ 'اک پھر دے وے پرواہَ': ڪجهہ ماڻهو عملن ۽ انهن جي نتيجي کان غافل ۽ اڻ ڄاڻ آهن، هو دنيا ۽ ان جي عيش عشرت ۾ گم آهن. ڪين پنهنجي عاقبت جي ڪا بہ پرواهہ ناهي.

6۔ 'عمل جو کیتے دُنی وچ سے درگاہ اوگاہ': ماڻهو ان ڳالهہ کان بي خبر آهن تہ ڪين آخر ان سچي دربار ۾ ڪيل عملن جو حساب ڏيڻو پوندو. جو تہ خدا جي عبادت جي نيڪ عملن کي وساري اسان جو ڪجهہ بہ ڪندا آهيون، اسان کي ان جو مالڪ الڪل جي حضور ۾ جواب ڏيڻو پوندو.

هن ڪتاب جي پنجين باب ۾ بابا فريد جي هدايت پڙهي آيا آهيون تہ صرف اِهو يقين ڪرڻ ئي ڪافي ناهي تہ خدا تعاليٰ هڪ حقيقيت آهي ۽ اهو ئي دنيا جو خالق آهي. اها ڳالهہ دل ۾ اڪيريل هئڻ گهرجي تہ ان خالق انسان کي ڪائنات ۾ ڪنهن خاص مقصد جي لاءِ موڪليو آهي، متئين شلوڪ ۾ پاڻ هڪ ٻئي راز تي روشني وجهي رهيو آهي ۽ ان سان خبردار بہ ڪري رهيو آهي. پاڻ چوي ٿو تہ صرف اهو چوڻ ڪافي ناهي تہ هو خدا تعاليٰ ڪائنات کي پنهنجي رضا جي مطابق هلائي رهيو آهي. اهو ڄاڻڻ بہ لازمي آهي تہ هن ڪائنات جي انتظام ۾ عمل ۽ صلي جو توازن قائم رکيو آهي. تلسي داس جو چوڻ آهي:

کرم پردهان بِسو کر راکها، جو جَس کرئی سوتِس پهل چاکها[2]

گرو ارجن ديو فرمائي ٿو تہ سنسار 'کرما سندڙا کهيت ٻہ'[3] هتي پنهنجي پوکيل عملن جو ڦل چکڻو پوندو آهي. بابا فريد بہ اها ڳالهہ سمجهائي ٿو تہ موت اٽل آهي. پر موت سان جسم مرندو آهي، روح نہ. جسم جي مرڻ کان پوءِ روح کي ڪيل سٺن يا خراب عملن جي ڀوڳڻ لاءِ عالمِ مرگ، دوزخ يا جنت ۾ موڪليو ويندو آهي. دوزخ ۽ جنت پهرئين روحاني مقام کان هيٺ آهن. اهو عالمِ موت جو ئي ڀاڱو آهي.

دوزخ:

دوزخ ڪيترن ئي قسمن جا آهن. گناهہ نوعيت جي لحاظ کان جيترا سنگين هوندا، گناهن جي ڪرورت ڪٽ جي صفائيءَ جي لاءِ انسان کي اوترين ئي خوفناڪ دوزخ ۾ وڌو ويندو. اسان اڪثر ڏسندا آهيون تہ اسپتال ۾ انتهائي نگهداشت جا يونٽ هوندا آهن. جن ۾ شديد مرض وارن مريضن کي سخت نظرداريءَ ۾ رکيو ويندو آهي. تپ دق جي مريضن خاطر سينيٽوريم ٺاهيا ويندا آهن. ذهني مريضن يا سرطان جي مريضن لاءِ خاص قسم جون جدا جدا اسپتالون جوڙيون وينديون آهن. پاڳل مريضن کي بجليءَ سان جهٽڪا ڏنا ويندا آهن. ڪينسر (سرطان) جي مريضن کي مرض سان متاثر جسماني حصي ۾ ايٽمي شعاع گذاريا ويندا آهن. ڪيترين معدني شيون گهٽي يا وڌيڪ گرمي پد تي پگهربيون آهن. انهن

کي پگهارڻ لاءِ خاص قسم جون بنيون بڻايون ويندڀون آهن. اهڙيءَ طرح دوزخ ۾ اسپتال اهڙيون بنيون آهن، جنهن ۾ شديد ۾ خوفناڪ قسم جي عملن جو حساب چڪتو ڪيو ويندو آهي. روح تي گناهن جي جيتري ميراڻ يا ڪٽ هوندي، ان کي اوتري ئي پيانڪ دوزخ ۾ رکيو ويندو. گناهن جي ڪٽ لهڻ کان پوءِ کيس وري عالمِ مرگ ۾ روانو ڪيو ويندو آهي. ان ڪري دوزخ صرف روح کي سزائون ڏيڻ جو نہ پر ان تي چڙهيل ڪٽ جي تهن کي لاهڻ ۾ ان جي خراب روين کي سڌارڻ جو ذريعو بہ آهي. اڄڪلهہ جيلن کي 'سڌار گهر' چيو وڃي ٿو. جيئن خوفناڪ ڏوهين جو سماج ۾ هجڻ خطرناڪ ڄاتو ويندو آهي، اهڙي طرح خوفناڪ گنهگارن جو دنيا ۾ هجڻ ٺيڪ نہ آهي. دوزخ صرف سزا گهر ناهي پر سڌار گهر بہ آهن، جنهن جو اصل مقصد روح تي چڙهيل خوفناڪ گناهن جي گندگي صاف ڪرڻ بہ آهي، جيئن انهن تهن هيٺان لڪل روح جو نور ظاهر ٿي وڃي.

بهشت يا سورگ :

هڪ انسان محنت ڪري پنهنجي ملڪ ۾ گهڻي رقم گڏ ڪري وٺندو آهي ۽ پوءِ سير سياحت لاءِ ٻين ملڪن ڏانهن هليو ويندو آهي. اتي کيس ڪو بہ ڏنڊو ڏاڙي ڪرڻو نہ پوندو آهي. پنهنجي ملڪ مان آندل دولت مان ئي هو عيش عشرت ڪندو آهي. جڏهن سندس آندل پونجي ختم ٿي ويندي آهي تہ کيس موٽي پنهنجي ملڪ ۾ اچڻو پوندو آهي. بهشت يا سورگ اهڙي پاڪيزه طبقي جو اهڙو حصو آهي، جتي موت کان پوءِ انسان کي فاني دنيا ۾ ڪيل نيڪ عملن جو ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو ويندو آهي. اتي عملن ڪرڻ بنا فقط خواهش ڪرڻ تي ڦل ملي ويندو آهي پر جڏهن عالمِ مرگ ۾ ڪيل عملن جو ڦل پورو ٿي ويندو آهي تہ کيس هن دنيا ۾ واپس اچڻو پوندو آهي.

مٿي ڄاڻايل دوهي ۾ بابا فريد سمجهايو آهي تہ "اِڪنا نوسبهہ سوجهی آئی،اِک پهر دے وے پروايا" ڪجهہ ماڻهو انهيءَ کي سمجهي ويا تہ نہ صرف موت اٽل آهي پر موت کان پوءِ پنهنجي عملن جو ڪيتو پوڳڻ لاءِ دوزخ جي باهہ ۾ بہ سڙڻو پوندو آهي، ڪي ڄاڻن ٿا تہ " عمل جو کهتِ دُنی وچ سے درگاه اوگاه " ان ڪري هو بدعملن کان بچندا آهن. 'اک پهر دے وے پرواہَ'

شيطان جا پنڪايل اڪثر ماڻهو بهشت ۽ دوزخ کي محض خيالي تصور ڪندا آهن. اهي سدائين انهيءَ وهم ۽ شڪ ۾ رهندا آهن ته هو جو ڪجهه به ڪندا رهن ٿا. ان جو ڪانئن حساب وٺڻ وارو ڪو به ناهي. دنيا جا سيئي ظالم، چور، ڌاڙيل، ٺڳ، ڦريندڙ زاني، ڪيسا ڪپيندڙ رشوت وٺندڙ ۽ ٻيا. ان وهم ۽ شڪ ۾ اڻ ڄاڻائيءَ جو شڪار آهن ته هو صرف هن دنيا جي اڪين ۾ ڌوڙ ٿا وجهن پر الله تعاليٰ سان به ٺڳي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. بابا فريد انسانن کي ٻڌايو آهي، 'جي تي رب وساريا ت رب نه وسريو'[4] اي نيڪ انسان! جيڪڏهن تو خدا تعاليٰ کان منهن موڙيو آهي ته ان جو مطلب اهو ناهي ته الله تعاليٰ به توکي نٿو ڏسي. هو سدائين تنهنجي اندر ۾ تنهنجي هر عمل تي نظر رکيو وينو آهي ۽ توکي دير سوير هر عمل ۽ ڪم جو ڦل ضرور ملندو.

وڪڻي پلڙا وٺين انگور:

فريدا! لوڑے داکھ بجوڑیاں، کِکر بیجے جٹ
ہنڈھے اُنّ کتائے دا، پیدھا لوڑے پٹ[5]

بابا فريد اهڙن ماڻهن جي عقل ۽ فهم تي حيرانگيءَ جو اظهار ٿو ڪري، جيڪي عمل ته خراب ٿا ڪن پر ان جو ڦل بهتر ٿا چاهين. انهن جي حالت اهڙي جٽ جهڙي آهي جيڪو ٻٻر جا پلڙا وڪڻي انهن مان بجور جا سهڻا انگور حاصل ڪرڻ جي آس لڳائي وينو آهي. اهو ان جاهل جهڙو آهي، جيڪو ٿلهي اُن ڪتي، ريشم پائڻ ٿو گهري، ڪبير داس چوي ٿو:

کرتا تھا تو کیوں رہا، اب کر کیوں پچھتائے،
بووے پیڑ ببُول کا، آم کہاں سے کھائے[6]

گرو انگديو جي ٻاڻي آهي:

جو کوئے بوئے سُو اُگوے مُہہ کا کہیا واوء،
بیجے بِکھ منگے انمرت ویکھہُ ایہونیا وء[7]

ڦل دلي احساس سان پيدا ٿيندا آهن. وات يا زبان سان ڳالهيون ڪرڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو آهي. پاڻ دنيا جي عجيب و غريب حالت تي

حيران آهي تہ ماڻهو زهر جو ٻج پوکي رهيا آهن ۽ اميد آب حيات جي لڳائي ويٺا آهن. گرو نانڪ صاحب فرمائي ٿو:

جِت کيتا پائيے آپنا سا گهال بُری کئو گهاليئے۔
مندا مُول نه کيچئی دے لمّی ندر نِہا ليئے۔
جئو صاحب نال نه ہاريئے تے وہيا پاسا ڈهاليئے۔
کچھ لاہے اُوپر گهاليئے۔ (8)

گرو نانڪ صاحب دليل ڏئي سمجهائي ٿو تہ پنهنجي عملن جو قل اوهان کي ئي کاٽڻو آهي تہ دانشمندي ۽ ڀلائي ان ۾ آهي، تہ ممڪن حد تائين برائي کان پاڻ کي بچائجي. وقتي طور تي لوڀ لالچ ۾ اچي، ڪو بہ غلط ڪم ڪرڻ نہ گهرجي، دور انديشيءَ سان ڪم ڪرڻ گهرجي، دل ۾ اهڙن غلط ڪمن جي نسبت حرص و هوس هئڻ نہ گهرجي، جنهن جي ڪري دنيا ۾ ڪاميابي تہ ملي سگهندي هجي پر خدا تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ انهن جي سزا ڀوڳڻي پوي. هميشہ اهڙي اعليٰ طرز جي زندگي پنهنجائڻ گهرجي، جنهن سان مالڪ الڪل جي درگاهہ ۾ قبول پئجي سگهون. روح جي بهتريءَ ڪارڻ هر عمل ۽ فعل ان جي انجام کي نظر ۾ رکي ڪرڻ گهرجي. بابا فريد چوي ٿو:

فريدا! وِيکھ کپاہے، جو تهيا جو سر تهيا تِلاں
کمادے اُر کاگدے کُنّے کوئلياں
مندّے عمل کريندياں! ايهه سزا تِنہاں (9)

جهڙي طرح ڪپهہ کي پي ڇاري ۾ پيچيو ويندو آهي، ترن ۽ ڪمند کي پيڙيو ويندو آهي، ڪاٺيون ساڙي ڪوئلا بڻايا ويندا آهن يا ان مان ٻورو ٺاهي ڪاغذ ٺاهيو ويندو آهي، ٿانون کي باهہ تي چاڙهيو ويندو آهي، اهڙي طرح برا عمل ڪندڙ کي آخرڪار قسمين قسمين سزائون ڏنيون وينديون آهن. بابا فريد هڪ ٻئي مثال سان اها ئي ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

1- فريدا! در در وازے جاءِ کے کِيو ڈِٹهو گهڑيال
ايه ندوسا مارے، ہم دوساں دا کيا حال؟ (10)

2- گهڑیے گهڑیے مارےے پہریں لہے سزاءِ
سوہيڑا گهڑيال جيّوں ڈُکهی رَین وہاءِ (11)

اوهان ۾ اسان جو ڏيان گهمنتا گهر جي متان لڙڪندڙ گهڙيال طرف ڏياريندي چوي ٿو تہ هن ويچاري کهڙو گناهہ ڪيو هو جو ڪيس هر هر ڏک سهڻا ٿا پون. جڏهن ان بي قصور سان ايڏي خراب حالت ٿيندي آهي تہ خوفناڪ گناهہ ڪرڻ ڪري اسان جي ڪهڙي حالت ٿيندي. انهن ٻولن کان اڳ بابا فريد هيٺ ڏنل ٻن ٻولن ۾ چوي ٿو جن جي مضمون ۾ مٿئين تي وڌيڪ روشني پوي ٿي:

1- فريدا! اے وِس گندلاں دهرياں کهنڈ لِواڑ
اک رابيندے رہ گئے اک رادهی گئے اُجاڑ[12]

2- فريدا چارگوائياں ہنڈھ کے، چار گوائياں سَمّ
ليکها رب منگيسيا: تُو آيوں کہڑے کمّ؟[13]

پاڻ پهرئين ٻول ۾ اشاري ۾ چوي ٿو ڪجهہ ماڻهو پوين. جنمن جي عملن جي پونجي، پاڻ سان گڏ کڻي ايندا آهن، اهي انهيءَ ڪي حواسن جي لذتن ۾ وشي وڪارن ۾ وڃائي ٿا ڇڏين پر ڪجهہ ماڻهو نيڪ عملن جي ڪري پنهنجي زندگي سڌارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ٻئي ٻول ۾ پاڻ چوي ٿو تہ اڪثر ماڻهو پنهنجي سڄي عمر دنياوي ڪاروبار جي پيچ ٻڪ ۾ غفلت جي ننڊ ۾ اجائي وڃائي ويهندا آهن. هو اهو نہ سوچيندا آهن تہ خدا جي وسيلي سونپيل ڪمن ڏانهن ڪوتاهيءَ جي ڪري ڪين خدا تعاليٰ جي دربار ۾ پنهنجي عملن جو حساب ڏيڻو پوندو.

بابا فريد خبردار ڪري ٿو تہ عمل ۾ صلو عالمِ مرگ کان وٺي دوزخ ۾ بهشت تائين ٿهليل آهي. پاڻ فرمائي ٿو تہ جڏهن اسين ڪو بہ عمل يا فعل ڪري وجهندا آهيون تہ پوءِ ان جي صلي کان ڪنهن بہ صورت ۾ بچي نٿو سگهجي. گرو ارجن ديو خبردار ٿو ڪري:

پاپ کريدڑ سر پر مُٺے، عجرائيل پهڑے پهڑ کُٺے
دوجک پائے سِرجنہارے ليکها منگے بانيا
سنگ نہ کوئی بهيئا بيبا، مال جوبن دهن چهوڈ ونجيسا
کرن کريم نہ جاتو کرتا تِل پيڑے جئو گهانِيا
خوس خوس ليدا وست پرائی، ديکهے سُنے تيرے نال خُدائی
دُنيا لب پئيا کهات اندر اگلی گل نہ جانيا[14]

'اگلی گل نه جانیا' چوي ٿو تہ گناهہ اهي ماڻهو ڪندا آهن، جيڪي ان وهم ۾ شڪ ۾ مبتلا هوندا آهن تہ ڪين ڪو بہ نٿو ڏسي، نہ ئي ڪوئي ڪانئن حساب گهرندو. اصليت ڇا آهي؟ 'ديکھے سُنے تیرے نال خدائی' ڏسندڙ ٻڌندڙ خدا تعاليٰ ڪو گهٽو پري نہ آهي. هو هر انسان جي اندر آهي. هو اسان جي سوچ، هر خيال کان واقف آهي، اسان جي هر فعل تي نظر ڏريل اٿس. ڪانئس ڪجهہ بہ لڪل ناهي، 'پاپ کریندڑ سر پر مُنھے' گنهگارن کي سندن گناهن جو ميوو ضرور ڪاٽڻو پوندو. اهي ڪهڙو حساب پوڳيندا؟ 'عجرائیل پھڑے پھڑ کُٹھے'، 'دو جک پائے سِرجنہارے'، 'تِل پیڑے جئو گھانیا'، 'دُنیا لب پئیا کھات اندر'، 'لیکھا منگے بانیا'، ايستائين جو پائي پائيءَ جو، ننڍي کان ننڍڙي عمل جو حساب طلب ڪيو ويندو آهي.

نائي نيڻ نهار:

بابا فريد خبردار ٿو ڪري:

فریدا! جے تُوں عقل لطیف، کالے لِکھ نہ لیکھ،
آپنے گریوان میں سِر نیواں کر دیکھ۔[15]

لطيف جو مطلب آهي سنهڙو ۽ پاڪيزو. 'آپنڑے گِریبان میں سِر نِیواں کر دیکھ' ان جو مطلب آهي پنهنجي اندر ۾ ليئو پائڻ، غور سان سوچڻ ۽ سمجهڻ. بابا فريد اسان کي خراب عملن کان خبردار ڪيو آهي، پاڻ اسان کي عقل لطيف کان ڪم وٺندي، ڳوڙهي سوچ ويچار ڪندي، ان متعلق صحيح فيصلو ڪرڻ جو مشورو ڏئي رهيو آهي.

چوڻ لاءِ تہ اسين بہ چئي ٿا ڏيون تہ مالڪ الڪل هر جڳهہ موجود آهي. اهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهي. جيڪڏهن سچ پچ اسان کي ان جو يقين ٿي وڃي تہ اسين پنهنجي من ۾ خراب عملن جي باري ۾ سوچي بہ ڪيئن ٿا سگهون؟ اهڙي صورت ۾ اسان ڪنهن سان ڪڙي ڳالهہ سان اڍنگو ڪيئن ٿا ڳالهائي سگهون؟ اسان ماڻهن کي لٽڻ، سندن ڪنڌ ڪپڻ جا جتن ڪيئن ڪري سگهنداسون؟ دنيا ۾ چور بازاري، رشوت خوري، مار ڌاڙ ڇو ٿي ٿئي؟ دراصل اسان وهم جو شڪار آهيون تہ اسان کي پنهنجي عمل جو انجام ڀوڳڻو نہ پوندو.

پوءِ اسين ائين چوندا آهيون تہ رب العالمين آهي.[16] هو سيني جو

خالق، سڀني جو رازق آهي. ان ھڪڙي خالق ھيءَ سموري ڪائنات خلقي آهي. اهو الله تعاليٰ هر ڪنهن جي اندر ۾ رهندڙ آهي.

فريدا! خالق خلق ميں، خلق وسے رب ماںه
مندا ڪس نوں آکهيے جاں تس بن کوئی ناںه[17]

جيڪڏهن سچ پچ الله تعاليٰ رب العالمين آهي، هندن، مسلمانن، سکن، عيسائين سموري مخلوق جو خالق آهي ۽ سڀني ۾ آهي ته ڪوئي شخص ڪنهن ٻئي جو ڳلو ڪپڻ جا جتن ڪرڻ جو ڪيئن ٿو سوچي؟ ان صورت ۾ ڪو به انسان ڪنهن به سبب جي ڪري، ٻئي انسان جي قتل کي ڪيئن ٿو جائز قرار ڏئي سگهي؟ اسين قوم، مذهبن کي وڏو ۽ مالڪ الڪل کي ننڍو ٿا سمجهون. اسين پاڻ کي سندس قانون جي ماتحت هلڻ جي بجاءِ، ڪيس پنهنجي مرضيءَ جي تابع ڪرڻ ٿا گهرون؟

بابا فريد اسان کي آگاهه ٿو ڪري ته اي سڻا انسانو! پنهنجي اندر ۾ ليئو پايو ۽ ڪجهه سوچيو عقل سليم کان ڪم وٺو. اول اهو ته مالڪ الڪل محض خالق، قادر قدير ۽ رازق ئي ناهي، هو عادل به آهي. هو اڻ ڏريو انصاف ڪندڙ به آهي. جڏهن دير سوير عمل جو ڪيتو پوڄڻو ئي آهي ته خراب عملن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ئي عقلمندي آهي. مان الله تعاليٰ تي ايمان ٿو آڻيان، صرف زبان سان چوڻ ئي ڪافي ناهي، الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ جو مطلب آهي ته اسين ان قادر مطلق، عالم مطلق، هر هنڌ موجود ۽ عادل تسليم ڪريون ۽ کيس تمام ڪائنات جو رازق ۽ مالڪ به مڃيون. ان صورت ۾ ڪو به انسان، ڪنهن ٻئي انسان جي خلاف من ۾ ڪائي به غلط سوچ ويچار ڪيئن ٿو آڻي سگهي.

'ڪالے لِکھ نہ ليکھ' ڪاري ليک جو مطلب آهي: ڪارا عمل، يعني گناهه. گناهه ٻن قسمن جا هوندا آهن. پهريون ڪائنات جي ڪنهن شيءِ ڪنهن جاندار، ڪنهن انسان کي ڪنهن قسم جو ڏک، ايذاءُ يا تڪليف ڏيڻ جو گناهه ۽ ٻيو پنهنجي خالق، قادر رازق ۽ معبود حقيقيءَ کي وسارڻ جو گناهه. انهن ٻنهي قسمن کي شيطان ۽ رحمان جي خلاف ڪيل گناهه چيو ويندو آهي.

حضرت سلطان باهو فرمائي ٿو: 'جو دم غافل سو دم ڪافر مُرشد ايهه پڙهايا هُو'[18] هڪڙو پل به مالڪ جي ياد کي وسارڻ، ان رحيم ۽

ڪريم وٽ هڪڙو وڏو گناهہ آهي. اهي گناھ ڪنهن ٻئي جا نہ پنهنجو پاڻ جي خلاف آهن. حضرت عيسيٰ ﷺ دعا گهري هئي، "اي مهربان خداوند! هنن کي وڏيڪ سزا نہ ڏجانءِ، هي اڳ ئي سزاياب آهن."* اسان ڪيئن اڳ ئي سزاياب آهيون؟ اسان پنهنجي خالق کان جدا ٿي، هن عذابن جي دنيا ۾ ڀٽڪي رهيا آهيون. ڪنهن شهنشاهہ جو شهزادو پنهنجي والد کان وڇڙي دربدر ٺڏبو رهي تہ ڇا اڳ ئي سزاياب نہ آهي؟ خدا تعاليٰ جي فراق ۾ بي چين روح کي ٻي ڪهڙي سزا ڏيڻ جي ضرورت آهي؟ خدا تعاليٰ کان منهن موڙڻ ڪري اسان بذات خود پنهنجو پاڻ کي سزا ڏئي ڇڏي آهي. ڪنهن ٻئي کي سزا ڏيڻ جي وڌيڪ ضرورت ناهي. گرو ارجن ديو جو فرمان آهي: "نام نه جپہ تے آتم گهاتی"[20] سڀ کان وڏيڪ گناهہ روح کي رب کان پري رکڻ آهي.

جيستائين شيطان جي خلاف ڪيل گناهن جو تعلق آهي تہ گرو ارجن ديو جو فرمان آهي: "کهنڈ پاتال ديپ سب لوا، سبھ کالے وس آپ پربھ ڪيا"[21] يعني مالڪ الڪل ساري ڪائنات پيدا ڪري ان جو انتظام شيطان جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، جنهن هتي عمل ۽ صلي جو طريقو جاري ڪري ڇڏيو آهي. شيطان وٽ روح کي باندي ڪري رکڻ جو هڪڙو ئي ذريعو روح جي وسيلي ڪيل عمل آهن. جيسين روح ڪائنات ۾ ڪيل عملن جي اثر کان آزاد نہ ٿيندو، تيستائين اهو ڪڏهن بہ شيطان جي گهيري مان ٻاهر نڪري نٿو سگهي ۽ خدا تعاليٰ سان واصل ٿي نہ سگهندو.

عملن جا قسم:

عمل ٽن قسمن جا آهن: دل سان ڪنهن لاءِ برو سوچڻ، زبان سان ڪنهن کي برو چوڻ ۽ عملي طور ڪنهن لاءِ برائي ڪرڻ. سلسلي وار خيال، زبان ۽ فعل يا عمل جا گناهہ آهن. ان طرح خيال، ٻول ۽ عمل، ڪنهن لاءِ چڱو سوچڻ، ڪنهن کي ڀلو چوڻ ۽ ڪنهن جو ڀلو ڪرڻ ثواب آهي. اسين دنيا ۾ جيڪو گناهہ يا ثواب، چڱا يا خراب عمل ڪندا آهيون تہ اهي فرشتا يا ڌرم راج اسان جي ڪاتي ۾ لکندا ويندا آهن. پوءِ دير يا سوير سزا يا جزا،

* He that believeth in Him is not condemned; but be that believeth not is already condemned [19]

ڏک يا سک جي شڪل ۾ هر عمل ۽ فعل جو ڦل اسان کي ڀوڳڻو پوندو آهي تہ پوءِ خراب عمل (گناهہ) ڇو ڪجن؟

ان مسئلي جو بيو پاسو ان کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهي، ان طرف شايد ئي ڪنهن جو ڌيان ويندو آهي. هيءَ ڳالهہ تہ آسانيءَ سان سمجهہ ۾ ايندي تہ هر ڪيل عمل جو ڪيتو پاڻ کي ڀوڳڻو پوندو تہ خراب عملن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. ڪامل فقراءَ ان کان اڳتي نڪري ويندا آهن. گرو نانڪ ديو جو قول آهي، "من بتهہ بُدهي ڪيتيا ڪيتے بيد بيچار، ڪيتے بندهن جيه ڪے گورمکهہ موکهہ دُآر"[22] پاڻ ذڪر اذڪار پوجا پاٺ، گهر، جڳ، ثواب، تيرٿ، روزي وغيره جهڙن نيڪ عملن جو ذڪر ڪندي انهن کي بہ روح جڪڙي رکڻ جو زنجير چوندا آهن.

اها ڳالهہ غور طلب آهي تہ دنيا جي هر مذهب جا ملان، پادري، پنڊت، نيڪ عمل جي تلقين ڪندا آهن. اهي پنهنجي پنهنجي مذهب جي مڃيندڙن جي آڏو جنت، دوزخ بيڪنٺ جي حصول جو نشان رکندا آهن. جڏهن تہ ڪامل فقراءَ انسان جي اڳيان مقامِ حق ازلي ۽ ابدلي مقام جي حاصلات جي لاءِ نصب العين قائم ڪندا آهن. جنت، دوزخ ۽ بيڪنٺ ڇا آهن؟ اهي اهڙيون جايون آهن، جتي صرف خواهش ڪرڻ سان دل پسند عيش عشرت ملي ويندي آهي. دنيا ۾ ڪيل نيڪ عملن عوض انسان کي جنت ۾ موڪليو ويندو آهي. نيڪ عملن جو ڦل پورو ٿيڻ کان پوءِ ڪيس عالمِ مرگ ۾ موڪليو ويندو آهي. جنت جا سک عالم مرگ جي سکن کان لطيف ۽ دير تائين رهندڙ آهن پر اهي بہ هڪ مقرر مدت جي لاءِ حسي لذتن جيان آهن. اهي سک خدا تعاليٰ جي اعليٰ سرور جي مقابلي ۾ نهايت گهٽ ۽ بي معنيٰ آهن. جدا جدا ڌرمن ۾ بيان ڪيل بهشتن جي تفصيل مان پتو پوي ٿو تہ انهن ۾ ماکيءَ جون نديون، حورون، ڪلپ برڪش (هر قسم جي خواهش پوري ڪندڙ وڻ وغيره) جو ذڪر ڪيل آهي. جنتن جا سک اصل ۾ ڏک ئي آهن، اهي اصل ۾ اسان کي الله تعاليٰ سان ميلاپ کان پري رکڻ لاءِ شيطان جا ايجاد ڪيل فريب آهن. اهي سک ابدي، قائم دائم ۽ گهڻ وقتي ناهن. انهن جو مدو دنياوي سکن جي مقابلي ۾ وڌيڪ تہ آهن پر هڪ مقرر مدت جي لاءِ، اهي بہ دنياوي سکن جيان فاني آهن. انهن جو مدو پورو ٿيڻ تي روح کي واپس عالم مرگ ۾ اچڻو پوندو آهي، اهي عمل اسان کي عملي

قانون جي بندڻن ۾ ٻڌي رکندا آهن. ان لاءِ گرو صاحب انهن کي ’کیتے بندھن جیہہ کے‘ يعني روح کي عمل ۽ صلي جي دائري ۾ واڙي ڇڏڻ جا بندڻ آهن.

شيطان وٽ تہ صرف هڪڙو ئي هٿيار آهي، جيڪو روحن کي هن ڪائنات ۾ قيد ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪري ٿو سگهي، اهو آهي اسان جو عمل، نيڪ ۽ بد. شيطان وڏو شاطر آهي. اهو هر عمل ۽ فعل جو صلو پؤنسٺ ڏيندو آهي، سٺي جو سٺو خراب جو خراب. ان ڳالهہ کان محتاط رهڻ جي ضرورت آهي تہ سٺا عمل خراب عملن کي ختم ڪري نٿا سگهن. ثواب ، ثواب جي حساب ۾، گناهہ، گناهہ جي حساب ۾ گڏ ٿيندا رهندا آهن. گناهہ لوهہ جون پيرڪڙيون آهن تہ ثواب سون جي زنجيري. اهي ٻنهي قسمن جا اعمال روح کي ڪائنات ۾ ٻڌي رکڻ جي لاءِ هڪ جهڙا مؤثر آهن. اسان جيڪي بہ عمل ڪندا آهيون، اهي يا تہ اسان کي خدا تعاليٰ جي ويجهو آڻين ٿا يا ان کان پري ڪري ڇڏيندا آهن. غور سان ڏٺو وڃي تہ سمجهہ ۾ ايندو تہ گناهہ ۽ ثواب ٻنهي قسمن جا اعمال اسان کي خدا تعاليٰ کان پري ٿا رکن، ڇو تہ انهن جو صلو حاصل ڪرڻ جي لاءِ، اسان دنيا سان جڙيل رهندا آهيون. حاصل مطلب تہ شيطان اسان جي ڪيل عملن سان، خدا کان پري ڪرڻ ۽ مادي ڪائنات سان ٻڌي رکڻ لاءِ سازش ۾ رڌل رهندو آهي. سواءِ خدا تعاليٰ جي سچي عبادت، اسم اعظم جي رياضت يا اسم اعظم جهڙو ڪو ٻيو عمل، عملن جي ڄار کي ڪپي نہ سگهندو. عمل، عمل جي پاڙ وڍي نہ سگهندو. صرف ذڪر اسم اعظم ئي عمل کي فنا ڪري روح کي رب سان وصال جي قابل بڻائي ٿو. بابا فريد جي ڪلام جو غور سان مطالعو ڪرڻ سان خبر ٿي پوي تہ هن ڪٿي بہ حج، روزي، نماز زڪوات نيڪ عملن کي خدا تعاليٰ سان وصال جو وسيلو نہ مڃيو آهي. شريعت ۽ نيڪ عملن جو اصل مقصد اسان جي ڌيان کي روحانيت ڏانهن ڦيرائڻ آهي. نيڪ ۽ پاڪ زندگي گذارڻ ۾ مدد ڪرڻ آهي پر خدا تعاليٰ سان وصال جو ذريعو ان جو عشق ان جو اسم اعظم آهي. جيسين اسين عملن جي گهيري ۾ آهيون، گناهن بدران نيڪ عمل ڪرڻ گهرجن ڇو تہ هر عمل ۽ فعل جو صلو اسان کي پاڻ ڀوڳڻو پوندو. ڪامل فقراءَ جي هدايت اسان کي ياد رکڻ گهرجي، ڇو تہ جيسين خدا تعاليٰ سان وصال جو تعلق آهي تہ گناهہ ۽ ثواب ٻئي اسان کي ڪائنس پري ٿا رکن. نيڪ عمل روحانيت جو بنياد آهن پر ان جي

محلات خدا تعاليٰ جو عشق، ان جي عبادت آهي، جنهن کي درويشن اسم اعظم چيو آهي. اسم جو ورد ٿي هر طرح جي عمل کي فنا ڪري سگهي ٿو. اهو ٿي روح جو رب تعاليٰ سان وصال جو سبب بڻبو آهي. ان ڪري ذاڪر کي گناهن کان بچي رهڻ گهرجي ۽ اسم جي ورد سان ڪيل عملن کي فنا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ98

(2) مانس، 2_4:218

(3) آد گرنٿ، ص134

(4) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ107

(5) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ23

(6) ڪبير ساکي سنگرهہ ص103

(7_8) آد گرنٿ، ص474

(9) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ49

(10) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ39

(11) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ40

(12) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ37

(13) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ38

(14) آد گرنٿ، ص1019

(15) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ6

(16) سورة الفاتحہ آيت1

(17) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ75

(18) حضرت سلطان باهو بيت59

(19) جان18:3

(20) آد گرنٿ، ص188

(21) آد گرنٿ، ص1076

(22) آد گرنٿ، ص62

9

جيڪو گروءَ گس

بابا فريد فرمائي ٿو:

بوليِ سچ دهرم، جُهوٺھ نه بوليِ
جو گُر دسّے واٽ مُريداں جو ليئے[1]

پاڻ فرمائي ٿو: هن ڪوڙي دنيا سان لڳاءُ ڇڏي الله تعاليٰ سان محبت ڪج. ڪفر جي واٽ ڇڏي ايمان جي سچي رستي تي هلج. اهو انسان جو فرض آهي. اهو ڪم ڪنهن سچي مرشد جي مدد سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو. ڪفر ۽ ايمان جو فرق سمجهڻ، ڪفر جي واٽ ڇڏي ايمان جي واٽ وٺڻ لاءِ اهڙي ڪامل مرشد جي مدد درڪار هوندي آهي، جيڪو پاڻ اهو سفر طئي ڪري منزل تي پهچي چڪو هجي. حضرت سلطان باهوءَ مطابق 'مُرشد باهجوں فقر کماوے، وچ کُفر دے بُڈے ہُو'[2] يعني ڪامل درويش جي رهنمائيءَ کانسواءِ ڪيل بندگي ۽ عبادت ڪفر ۾ شامل ڪئي ويندي آهي.

بابا فريد مطابق رهنما (مرشد) جي ضرورت کي نظر ۾ رکندي گرو ارجن ديو بہ اشارا ڏنا آهن. پهريون 'سنت کا مارگ دهرم کی پوڑی کو وڈ بھاگی پائے'[3] ٻيو 'بھولے کو گورمارگ پانیا اور تیاگ بر بھگتی لانیا'[4] هر طرح جي عبادت روح کي رب تعاليٰ سان نٿي ملائي، هر رستو منزل مقصود تي پهچي نٿو سگهي. رهنما رستو طئي ڪري، الله تعاليٰ سان وصال حاصل ڪري چڪو آهي، مريد کي بہ مرشد پاران ٻڌايل رستي تي هلڻ گهرجي، جنهن سان هو منزل تي پهچي سگهي ٿو. صوفي فلسفو يا سنت مت روح کي مرضيءَ مطابق اڻ ڄاڻائيءَ کان موڙي، خدا تعاليٰ جي وٽندڙ عبادت سان ملائيندو آهي. 'جو گُورد سے واٹ فريدا جو ليئے' ان جو ٻيو پاسو هي آهي تہ طالب جي ڪوشش صرف مرشد جي ٻڌايل واٽ يا پرهيز ۽ عبادت تائين

ئي محدود نہ آهي. ان جو لاڳاپو اندروني سفر طئي ڪرڻ سان بہ آهي. اهو سفر جسماني نہ، روحاني آهي. اندروني رستو لڪل آهي، ان رستي تي هلڻ جو ذريعو بہ جدا آهي، ايتري تائين تہ اندروني منزل بہ لڪل آهي. اندروني رستو نهايت ئي لطيف پر اسرار ڏکيو لنگهہ ۽ خطرناڪ آهي، ان ڪري مرشد ڪامل ئي جيڪو پاڻ اهو رستو طئي ڪري منزل مقصود تي پهچي چڪو آهي. ان رستي تي سالڪ جي رهنمائي ڪري تو سگهي.

مولانا روم جو قول آهي "پر نور شيخ راهہ حق کان آگاهہ ڪندو آهي، پنهنجي تعليم سان نور عطا ڪندو آهي ' (شيخ نورانی زره آگهه کند- باسُخن ہم نور را ہمره کُند)[5] خواجہ حافظ جو فرمان آهي: "اهي ڪچا انسان جن عشق جو رستو طئي نہ ڪيو آهي، اهي خدا جي عشق جو لطف ڇا ڄاڻن؟" (خامانِ ره نرفته چه دانند ذوقِ عشق)[6] گرو نانڪ فرمائي ٿو: 'ديپک تے ديپک پرگاسيا تر بهون جوت دکهائی'[7] يعني طالب جو ننڍاڪڙو روح، مرشد جي سجاڳ روح جي ڇهاءَ سان جاڳي پوندو آهي. حضرت سلطان باهو فرمائي ٿو: 'کی ہو يا ڃے راتيں جاگيں، مُرشد جاگ نه لائی ہُو'[8] يعني پنهنجي عقل ۽ سمجهہ سان رات جو جاڳي عبادت ڪرڻ سان نہ روح متي اڏامر ڪندو آهي، نہ ئي الله تعاليٰ سان سندس وصال تي سگهندو آهي. جيئن اسان ڪنهن کان لسي وٺي کير ۾ گڏائيندا آهيون تہ کير ڏؤنرو (ڏهي بڻجي پوندو آهي. پوءِ ان ئي ڏؤنري کي ولوڙي مکڻ ڪڍيو ويندو آهي. مکڻ کي ڪاڙهي گيهہ ٺاهيو ويندو آهي. جڏهن کان ڪائنات وجود ۾ آئي آهي تہ ڪو بہ انسان مرشد جي بنا وسيلي خدا تعاليٰ سان نہ واصل ٿي سگهيو آهي نہ ئي واصل ٿي ٿو سگهي. ان باري ۾ بابا فريد اڳتي بيان ٿو ڪري

مهر ڪر مولا:

بابا فريد فرمائي ٿو:

کر کرپا پربھ سادھ سنگ میلی
جا پھر دیکھاں تاں میرا اللہ بیلی[9]

باب چوٿين ۾ سندس شلوڪن بابت ويچار ڪندي، اسان ڏٺو تہ رب تعاليٰ جي ذريعي ڪائنات جي تخليق کان پهرين روح رب تعاليٰ ۾ سمايل

هئا. خالق جي حڪم سان روح جو نزول روز ازل کان هن ڪائنات ۾ ٿيو. تڏهن بہ روح جي عذابن جو اصل سبب پنهنجي سرچشمي کان ڌار ٿيڻ هو ۽ اهي پنهنجي اصلي ملڪ ۾ پهچي سچو سک حاصل ڪري ٿا سگهن. هاڻ سوال هي آهي تہ رب جي حڪم سان ڪائنات روپي اونداهي کوھ ۾ ڪريل اڪيلو بي سهارو ڪمزور روح، ان کوھ مان نڪري پنهنجي ڪل (محبوب) سان ڪيئن ملي ٿو سگهي؟ 'ڪر ڪِرپا پربھ سادھ سنگ ميلی' (ڏٺي مهر ڪري ساڌ جي ساٿ سان ملاءِ) 'جا پھر ديکھاں تاں ميرا الله بيلی' جيئن مڙي ڏٺم تہ الله ان محبوب حقيقيءَ سان وصال جو هڪڙو ئي ذريعو آهي تہ هو پاڻ ئي طالب جو ڪنهن ڪامل مرشد سان ميلاپ ڪرائي ڇڏي. بابا فريد هتي هڪ اهم نقطو بيان ڪيو آهي. انسان بنا وسيلي پاڻ مرادو ڌڻيءَ سان وصال حاصل ڪري نہ ٿو سگهي. خدا تعالیٰ پاڻ ئي ڪيس پاڻ سان ملائي ٿو. گرو ارجن ديو چوائي، 'اپنے جيۂ تے آپ سمہالے آپ لئے لڑلائی'[10] ۽ 'جس کے جيۂ تن کيے سُکھالے بھگت جنا کؤ ساچا تاں'[11] جنهن خالق انسان پيدا ڪيا آهن، اهو پاڻ ئي انهن جو سهارو بڻجي، هن ڪائنات کان آزاد ٿو ڪري . هو ڪين ڪيئن ٿو آزاد ڪري؟ 'پربھ سادسنگ ميلی' جنهن انسان کي هو پاڻ سان ملائڻ ٿو گهري، ان جو ڪنهن ڪامل، درويش سان ميلاپ ڪرائي ٿو ڇڏي ' جا پھر ديکھاں تاں ميرا الله بيلی ' جڏهن ڪامل درويش ملي ويندو آهي تہ گرو ارجن ديو ان باري ۾ هيئن فرمائي ٿو:

اندھ کوپُ تے کاڈھنہارا، پریم بھگتی ہووت نستارا
سادھ رُوپ اپنا تن دھاریا، مہا اگن تے آپ اُباریا[12]

درويش سان ملائي:

'ڪر ڪِرپا پربھ سادھ سنگ ميلی' انسان کي ڪامل درويش جي ساٿ ۾ ٿي، روح ۽ رب جي اصل لاڳاپي جو علم ٿيندو آهي. ان کي جسم، دنيا ۽ ان جي صورتن ۽ سيرتن جو اصل علم حاصل ٿيندو آهي ۽ انسان کي رب جي وسيلي هن ڪائنات ۾ موڪلڻ جو اصل مقصد ۽ من پسند ڪوڙين عبادتن ۽ رب جي وصال جي لاءِ سندس مقبول عبادتن ۾ فرق سمجھ ۾ ايندو

آهي. الله تعاليٰ جي سچن عابدن جي صحبت ۾ ئي خدا تعاليٰ جي عبادت جو سچو طريقو ۽ موزون ماحول ملندو آهي، جنهن ۾ هو عملي طور تي اندروني روحاني سفر طئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. وليءُ الله جي صحبت ۾ ئي روحانيت جي تڪميل جو سبب بڻبو آهي. اهو ئي سبب آهي جو مولانا روم پنهنجي ڪلام ۾ فرمائي ٿو: اولياءَ الله جي گهڙي ٻه گهڙيون صحبت، سو سالن جي بي ريا عبادت کان بهتر آهي. *

کر کرپا سادھ سنگ میلی
جا پھر دیکھاں تاں میرا اللہ بیلی

ان شلوڪ جي معنيٰ ٻن طريقن سان ڪري ٿي سگهجي.

1ـ جڏهن خدا تعاليٰ پنهنجي رحم ڪرم سان درويش سان منهنجي ملاقات ڪرائي ته مان (روح) ڇا ٿو ڏسان ته منهنجو ٻيلي (ساٿي) الله تعاليٰ مون کي ملي ويو آهي.

2ـ جڏهن الله تعاليٰ مون تي ڪرم فرمائي منهنجي ملاقات ڪامل درويش حق سان ڪرائي ته مان (روح) ڇا ٿو ڏسان ته منهنجو ٻيلي (ساٿي) الله تعاليٰ ئي آهي.

اهي ٻئي معنائون عام طور تي سطحي ٿيون نظر اچن پر اهي ٻئي هڪ سادو مفهوم ادا ڪري رهيون آهن ته ڪامل درويش سان ملاقات الله تعاليٰ سان وصال جو ذريعو بڻبي آهي ۽ خدا تعاليٰ ئي اصل ڪامل درويش جي روپ ۾ هوندو آهي.

دِلوں محبّت جیں سَے ای سچّے آ
جَیں من ہور، مُکھ ہور، سَے کانڈھے کچّے آ۔ (14)

هن شلوڪ ۾ پاڻ ڪامل درويش جي باري ۾ نهايت خوبصورت اشارا ڪري رهيو آهي.

1ـ ڪامل درويش خدا جي عشق جو مجسمو آهي. ان ۾ خدا جو عشق اهڙيءَ طرح سمايل هوندو آهي جو سندس دل ۾ دنياوي لڳاءَ جي لاءِ ڪا به جاءِ نه رهندي آهي. جيڪي ماڻهو صرف زبان سان الله

---

* ہم نشینی ساعت با اولیاء - بہتر از صد سالہ طاعت بے ریا[13]

تعاليٰ جا عاشق هجڻ جي دعويٰ ڪندا آهن پر دلي طور تي دنياوي لڳاءَ ۾ ٻڏل هوندا آهن. اهي سچا درويش چوائڻ جي قابل ئي ناهن.

2. سچي درويش کي خدا تعاليٰ جي عشق ۽ ديدار کانسواءِ ڪنهن به غير جي درڪار نہ هوندي آهي، هو هميشہ خدا جي نالي جي رنگ ۾ مست رهندو آهي. جنهن جي دل ۾ خدا تعاليٰ ۽ سندس نالي سان محبت ناهي، اهو سچو درويش ناهي. اهو زمين تي بار آهي.

3. جنهن کي خدا تعاليٰ پنهنجي رحمت سان پاڻ سان ملائي ڇڏيو آهي، اهو ئي سچو درويش آهي. سندس ماءُ پيءُ مبارڪ آهن، انهن جو هن دنيا ۾ اچڻ مبارڪ آهي. ظاهر آهي تہ درويشي خدا جي نالي سان حاصل ٿيندي آهي، پر ان لاءِ سندس مهر ۽ ڪرم بہ لازمي آهي. سندس رحمت جي ڪري سندس نالي جي ورد بنا ڪوئي بہ سچو درويش بڻجي نہ ٿو سگهي. ان ڳالهہ کي اسان هيئن بہ چئي ٿا سگهون تہ جنهن تي خدا تعاليٰ جي رحمت ٿي وڃي، انهيءَ جو سچي درويش سان ميلاپ ٿيندو آهي. جنهن جي سچي درويش سان ملاقات ٿي وڃي، ان کي ئي خدا تعاليٰ جي عشق ۽ الله تعاليٰ جي نالي جي رياضت جي دولت نصيب ٿيندي آهي.

اچي لٿا هنجهہ:

خدا تعاليٰ سان وصال سندس فضل ڪرم سان ٿيندو آهي، اهو بہ ڪنهن ڪامل درويش جي وسيلي؟ ان باري ۾ بابا فريد پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترائي ڀيرا نهايت لطيف اشارا ڪيا آهن.

ڪلّر ڪيری ڇهپڑی آءِ اُلتهے ہنّجهہ
چنجو بوڑن نه پِيوِیں اُڈن سندی ڈنّجهہ[15]

آئے اُلتهے ہنجهہ: نهايت معنيٰ خيز جملو آهي. "التي" جي معنيٰ لٿا آهي. ڇيو ويندو آهي تہ هنجهہ مانسرووَر کان ايندو آهي. ان جو رنگ کير جهڙو سفيد هوندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪامل مرشد مقام حق مان اچي، هن مادي دنيا ۾ پهچندا آهن. سندن روح مادي دنياوي گندگين کان ٻاڪ ۽ صاف هوندو آهي. اهي هن ڪائنات ۾ صرف مالڪ الڪل جي پيارن، انهن

تي سونپيل مخصوص ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ موڪليا ويندا آهن. ڪامل درويش عام انسانن جيان عملن جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌل ڪائنات ۾ نہ ايندا آهن، اهي تہ مالڪ الڪل جي حڪم سان، شيطان ۽ دولت ۽ عملن جي ڄار ۾ ڦاٿل انسانن کي انهيءَ ڄار مان آزاد ڪرائڻ خاطر مقام حق کان هن دار الفنا ۾ ايندا آهن. ڪامل درويش الله تعاليٰ جي غيبي رحمت جو ظاهري روپ هوندو آهي، مثال طور هڪ راجا جيل خاني ۾ ويندو هو. هو اتان جو قيدي نہ هوندو هو پر قيدين تي ترس کائيندو هو ۽ انهن کي قيد مان ڇڏرائيندو بہ هو. ان طرح هو خالق ڪامل درويش جي صورت ۾ هن دنيا ۾ ايندو آهي. اهو رحمت جي مجسمي طور دنيا ۾ رهندي انسانن کي ڪائنات مان آزاد ڪرائي، پاڻ سان ملائڻ جو ڪم سرانجام ڏيندو آهي. بابا فريد جو فرمان آهي:

ہنس اُڈر کودھرے پیا لوک وِڈارن جاءِ
گَہلا لوک نہ جاندا ہنس نہ کودھرا کھاءِ(16)

'اڏر' جو مطلب آهي ڪنهن ولي يا سنت جو مقام حق کان اڏام ڪري عالم مرگ ۾ لهڻ. ڪامل درويش جو هڪڙو پير مادي دنيا ۾ ۽ ٻيو پير بارگاهہ الاهيءَ ۾ هوندو آهي. دنيا وارن کي اڪثر ان ڳالهہ جو خدشو رهندو آهي تہ سنت مهاتما ڪٿي اسان جي دولت نہ ڦٻائي وٺن. جاهل ماڻهو ان سچائيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪندا آهن تہ ڪامل مرشد مادي ساز و سامان ڏي ڏيان نہ ڏريندا آهن. اهي تہ ڪنهن جو نذرانو بہ قبول نہ ڪندا آهن. هو تہ صرف پنهنجي مالڪ جي حڪم جي تعميل جي لاءِ ڪائنات ۾ ايندا آهن ۽ مالڪ الڪل جي وسيلي جن روحن کي بيعت ڪرڻ جو ڪم کين سونپيو ويندو آهي. هو ان کي پورو ڪري هن دارالفنا مان پنهنجي اصل مقام ڏانهن واپس وري ويندا آهن. 'اُڏن سندی ڏنجھ'، ڪامل درويش دنيا ۾ رهندي بہ دنيا کان لاتعلق رهندو آهي. هو سدائين پنهنجي اصل مقام ڏانهن موٽي وڃڻ لاءِ پريشان رهندو آهي. بابا فريد سمجهائڻ ٿو گهري تہ صرف اهوئي پير، مرشد يا ساڌو روح جو رب سان وصال ڪرائي ٿو سگهي جيڪو يا تہ سڌو مقام حق کان آيل هجي يا پنهنجي رهنما جي رهنمائيءَ ۾ روح کي مالڪ الڪل ۾ جذب ڪري چڪو هجي.

روحاني ادب ۾ هڪڙو مثال ڏنو ويندو آهي تہ ڪنهن راجا پنهنجي

وزير کان پڇيو "مان ٻنڌڻن مان ڪيئن تو آزاد ٿي سگهان؟" وزير ان جو جواب ڏئي نہ سگهيو. وزير جي ڏيءُ وزير ۽ راجا ٻنهي جا هٿ ۽ پير زنجير سان ٻڌي، ڪين هڪ وڻ سان ٻڌي ڇڏيو ۽ ڪين هڪ ٻئي کي آزاد ڪرڻ لاءِ چيو. هو ٻئي ٻڌل هجڻ جي ڪري، هڪ ٻئي کي آزاد ڪري نہ سگهيا. وزير جي ڏيءَ ٻنهي جا زنجير کولي ڇڏيا ۽ چيائين تہ "اهو ئي توهان جي سوال جو جواب آهي." وري اچا بہ واضح ڪندي چيائين: "جيڪو پاڻ ٻڌل هجي، اهو ڪنهن ٻئي جا زنجير ڪيئن کولي سگهندو. ڪو آزاد ئي ڪنهن ٻڌل کي آزاد ڪرائي سگهي ٿو." ان سلسلي ۾ ڪبير داس جو دوهو آهي:

بندھے کو بندھا ملے، چھوٹے کون اُپائے
کر ستگت نر بندھ کی، پل میں لیئے چھڑائے(17)

بابا فريد 'کر کِرپا' سان گڏ 'پربھ سادھ سنگ ميلی' جو مطلب گڏائي ڇڏيو آهي. مولانا روم فرمائي ٿو "اوليا الله اهي پاڪ روح آهن، جيڪي مٿاهين مقام تان لهي، مادي جسم جي پڃري ۾ قيد ٿي، عالمِ مرگ جي روحن کي، موٽائي مالڪ الڪل وٽ وٺي وڃڻ جو ڪم سرانجام ڏيندا آهن."•

تلسي داس سمجهائي ٿو تہ ڪامل درويش مقام حق کان خدا تعاليٰ جي نانءَ جو ميوو عالم مرگ ۾ آڻڻ وارا ۽ هتان جي روحن کي مقامِ حق تائين پهچائڻ وارا سوداگر آهن.

ایسے ہردے سنت سُبھاوا بھوجل پار لگاویں تھاوا
جہاز سُرت اُن کی نِت چالیں سمُندر پار بھراویں مالیں
بھرتی بھریں سُرت کی ڈوری پہنچے پار جہاز کو چھوڑی
مال ولایت میں جا بیچیں میوہ آن خریدیں کھینچیں(19)

جيئن جوهري هيرن جواهرن جو واپار ڪندا آهن، ڪوئلن جو نہ. ان طرح رب تعاليٰ جا سچن عابدن جو هڪڙو ئي ڪم رب تعاليٰ کان وڇڙيل روحن کي رب تعاليٰ جي عبادت جي وسيلي واپس رب تعاليٰ سان واصل ٿيڻ ۾ مددگار ٿيڻ آهي. ان کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ننڍو ڪم سندن شان وٽان نہ ٿيندو.

• چیست روح آں طائر قدسی - در قفس محبوس بہر معرفت
آمدہ بہر تجارت از عدم - زو بداں سو باشد او را مبدم(18)

ويجها ٿيا وصال کي:

بابا فريد فرمائي ٿو:

صبر اندر صابري، تن ايوين جالين
هون نجيک خُداءِ دے، بهيت نه کيے دين[20]

ڪامل درويش صبر ۽ قناعت جي مورت هوندا آهن. 'تن ايوے جالين' تن کي ساڙڻ شاعراڻو خيال آهي. پاڻ ذهن نشين ڪرائڻ ٿو گهري ته ڪامل درويش صبر ۽ تحمل مان ڪم وٺندي پنهنجي انا کي خدا تعاليٰ جي عبادت جي طفيل قربان ڪري ڇڏيندا آهن. درويشاڻي زندگي گذارڻ، جوانيءَ جي موت مرڻ جيان آهي. صبر ۽ رضا کان وڌ ڪا بہ عبادت ڪانهي ڇو جو بدن کي مارڻ آسان آهي، من کي مارڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. درويش پنهنجي نفس کي ساڙي پنهنجي هستي خدا تعاليٰ جي ذات ۾ فنا ڪري ڇڏيندو آهي.

بابا فريد جو ڪلام 'آپ لیئے لڑ لاءِ در درويش سے' ۽ 'جا پهر ديکهاں تاں ميرا الله بيلی' جي باري ۾ اسين مٿي لکي آيا آهيون. مالڪ الڪل پنهنجي فضل ڪرم سان سچن عابدن کي پنهنجي درگاهہ ۾ داخل ڪري سچو دوست بڻائي ڇڏيندو آهي. پلٽو صاحب چوي ٿو: "رام کے گهر بيچ کاج سب سنتهہ کرتے"[21] گرو ارجن ديو فرمائي ٿو: "رُوڑ وٿهاکر کِتے وس نه آوے، ہر سو کچهہ کرے جے ہر کيا سنتا بهاوے"[22] هو حسين جميل بي پرواهہ مالڪ پنهنجي سنتن ڀڳتن جي وس ۾ ٿي ويندو آهي. سندس سنت مرضيءَ سان جيڪو چاهيندا آهن، هن کان ڪرائي وٺندا آهن. 'انک رنگ کريسه ٻهو بهاتی جنو پتا پوت لاڈائيدا'[23] جيئن ڪو بہ پيءُ پنهنجي لاڏلي پٽ جي هر ڳالهہ مڃي ويهندو آهي، اهڙيءَ طرح خدا تعاليٰ بہ بهتر پيءُ جيان عابدن جي چيل ڳالهہ پوري ڪندو آهي.

'ہون نزديک خُدائے دے بهيت نه کيہ دين' بابا فريد اشارو ٿو ڪري تہ ڪامل مرشد بيپناهہ طاقت جا مالڪ هوندي بہ شرافت ۽ بردباريءَ جا مالڪ هوندا آهن. اهي ڪڏهن بہ پنهنجي طاقت جو ڏيکاءُ نہ ڪندا آهن. گرو تيغ بهادر کي چيو ويو تہ يا تہ ڪرامت ڏيکاريا قتل ٿيڻ لاءِ تيار ٿي وڃ. گرو گوبند سنگهہ لکي ٿو: "سيس دِنيو پر سرّ نه دنيو"[24] سِر عربيءَ ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي راز. گرو صاحب سر ڏئي ڇڏيو پر پنهنجي بي پناهہ طاقت کي ظاهر نہ ڪيائين. سنت ڀيکا جو چوڻ آهي:

"بهيکها بات اگم کی، کہن سُنن ے نانہه،
جو جانے سو کہے نا، کہے سو جانے نانہه۔[25]

ڪبير تو چوي:

رام پدارتهہ پائے کے کبیرا گانتهہ باندهہ نه کهول
نہی پٹن نہی پار کهو نہی گاہک نہی مول[26]

چاٿُون تين اٿچاڻ:

مت ہوندی ہوئے ایانا، تان ہوندے ہوئے نِتانا
اَن ہوندے آپ ونڈاوئے: کو اَیسا بهگت سدائے[27]

پاڻ مٿي ڏنل بولن جي مفهوم کي هڪ منفرد انداز سان بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ سيني کان اعليٰ علم جو مالڪ هوندي بہ ڪامل درويش ٻارن جيان اڻ ڄاڻ ۽ معصوم رهڻ پسند ڪندا آهن. ست سمنڊ پيئڻ کان پوءِ بہ چَپ خشڪ هوندا اٿن. 'کہو کبیر چُهو چها گهٹ بولے. بهریا ہوئے سو کبہُو نه ڈولے'[28] ' تان ہوندے ہوئے نِتانا ' گرو ارجن ديو جو فرمان آهي: 'گور کرتا گور کرنے جوگ، گور پر میسر ہے بهی ہوگ'[29] 'برہم گیانی سگل کی رِینا'[30] ڪامل درويش ان مالڪ الڪل ۾ سمائجي، ان جو روپ ٿي چڪو هوندو آهي پر دنيا ۾ عاجزانہ زندگي بسر ڪندو آهي. عجز انڪساري سچي دوريش جو زيور هوندو آهي. علم ۽ بردباري ڪامل درويش جي سڀ کان وڏي سجاڻ آهي.

'اَن ہووے آپ ونڈائے، کو ایسا بهگت سدائے۔' ڪامل مرشد سچو خير انديش هوندو آهي، ونڊائي معنيٰ هو ڪجهہ ورهائڻ يا عطا ڪرڻ لاءِ آتو هوندو آهي، ڪجهہ وٺڻ جي لاءِ نہ هو. پينو نہ پر ڏاتار هوندو آهي. ساري دنيا مطلب پرست ۽ خود غرض آهي، صرف خدا جو عابد (سچو درويش) ئي خدا تعاليٰ جيان بي غرض ۽ بي پرواهہ هوندو آهي. هو دنياوي دولت بہ ٻين ۾ ورهائي ڇڏيندو آهي ۽ سخت محنت سان جمع ڪيل پنهنجي پونجي بہ پنهنجي هٿن سان لٽائيندو آهي.

بابا فريد جي حياتيءَ جي احوال ۾ اسان ڏٺو تہ پاڻ ڪيڏي نہ سخت رياضت ڪئي هئائون. ڪيئن بکيو اڃو رهي (چلا ڪيِي) راتيون جاڳي

خدا جي عبادت جي دولت گڏ ڪيائون. پاڻ اهو خزانو فراخدليءَ سان خدا ڪارڻ ۽ خير انديش عوام ۾ ورهائي ڇڏيو. خالق ڪائنات انسانن کان پنهنجي بخشش ۽ نعمتن جي اجوري جي ڪابہ گهر نٿو ڪري، پنهنجي انا مالڪ الڪل ۾ فنا ڪري ڇڏيندڙ ڪامل درويش بہ انسان کي عبادت جو درست طريقو ٻڌائڻ جي خدمت ڪندو آهي. خدا جو عابد عاجز ۽ مسڪين ڏکويل ۽ ٻي سهارا انسانن جو سهارو هوندو آهي. عوام جو ڏک سندس ڏک سور هوندو آهي. گرو ارجن ديو جو فرمان آهي: 'برہم گياني پر اُپڪار اُمابا'[31] پنهنجي هستي الله تعاليٰ ۾ فنا ڪري ڇڏيندڙ درويش جي هڪڙي خواهش هيءَ بہ هوندي آهي تہ هو هر انسان کي پاڻ جهڙو اعليٰ ۽ پاڪ مرتبت ٺاهي ڇڏي. دنيا جو هيو ڪو بہ خير انديش، ڪڏهن بہ اهڙي قسم جي پاڪ ۽ اعليٰ عنايت نٿو ڪري سگهي.

مال نہ مڱي مڱڻو:

فريدا! بار پرائے بَيسنا سائيں مُجهے نه ديه
جے تُو ايويں رکهسی جِيو سرِيروں ليه[32]

بابا فريد مطابق ڪامل درويش اهو آهي، جيڪو خدا تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو ڳيجهو نہ هجي. درويش ربي نعمتن جو داتا هوندو آهي. دنياوي ساز سامان جو خواهان نہ هوندو آهي. جيڪڏهن ڪوئي درويشيءَ جي دعويٰ تہ ڪري پر پنهنجي ضرورتن جي پورائي لاءِ طلبگار هجي. اميرن، وزيرن، يا بادشاهن جي مال ۽ دولت جو تہ پڪ ڄاڻو اهو درويش ناهي.•

بابا فريد جو وڏو معتقد ۽ خليفو نظام الدين اولياءَ فرمائي ٿو: "بابا فريد ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيس• جا ٿيلها ٺاهيندو رهندو هو. زنبيل جي آمدنيءَ مان سندس لاءِ بہ مانيون گهرايون وينديون هيون. پاڻ هڪ مانيءَ جا ڀُڳا ڀُڳا ماڻهن ۾ ورهائيندو هو. هڪڙي ماني پاڻ کائيندو هو. ڪيترا ڀيرا تہ هڪ ٿي مانيءَ جو اڌ يا چوٿ بہ ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو."•

• ڏسو هشت بهشت تفصيل خاطر ص: 15

• پيس: ڪجيءَ جي ڦرهن مان جوڙيل ڪا بہ گهرو استعمال جي شي، مثال: پنديون، ونجڻا، ڇبيون، تڏا ۽ واڻ وغيره.

• تفصيل لاءِ ڏسو شبير حسين چشتي، ڪلام بابا فريد گنج شڪر ص: 45.

گرو رام داس درويشيءَ جي باري ۾ فرمائي ٿو:

درويسی کو جانسی وِرلا کو درویس
جے گھر ہنڈھے منگدا دِمگ جیون دِمگ ویس
جے آسا اندیسا تج رہے گورمُکھ بھکھیا ناؤ
تس کے چرن پکھالی ابہ نانک ہؤ بلہارے جاؤ[33]

انسان خيرات وٺڻ يا مخصوص لباس پهرڻ سان نہ دل کي خدا جي عشق ۾ خدا تعاليٰ جي نانءَ جي رنگ ۾ رڱجڻ سان سچو درويش ٿيندو آهي.

بيڙو پڪاري پاتڻي:

فريدا! ڈُکھاں سیتی دینھُ گیا، سُولاں سیتی رات
کھڑا پُکارے پاتنی: بیڑا کپّر وات![34]

ڪامل درويش رحيم ڪريم ۽ بخشڻهار هوندا آهن. هو دنياوي ماڻهن کي ڏکن ۽ عذابن جي جانبهہ ۾ پيڙبو ڏسي، مٿن ترس کائي، کين آگاهہ ڪندا آهن تہ اوهان جي زندگيءَ جي ٻيڙي ڳُن ۾ ڦاسي پئي آهي، 'بيڑا کپر وات' يعني توهان جلد ئي ٻيڙيءَ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪريو. ڪامل درويش انسان جي سامهون آيل مصيبتن کان آگاهہ ڪندا آهن، جنهن جي باري مٿئين دوهي ۾ اشارو ڏنو ويو آهي.

لَمّی لَمّی ندی وہے، کندھی کیرے ہیت
بیڑے نُوں کپّر کیا کرے جے پاتن رہے سُچیت[35]

پاڻ فرمائي ٿو تہ دنيا روپي سمنڊ جي اونهائي ڄاڻڻ ممڪن ناهي، ان جون طوفاني لهرون ڪپر پائي رهيون آهن. انسان جو ان ۾ ٻڏي وڃڻ قدرتي ۽ يقيني آهي. 'جے پاتن رہے سُچیت' جيڪڏهن ملاح هوشيار هجي تہ ٻيڃارينڊڙ ۽ خوفناڪ سمنڊ ۽ ان جا خوفناڪ طوفان بہ انسان جي ٻيڙيءَ کي ڪو نقصان نٿا پهچائي سگهن. صرف هوشيار ملاح ئي ٻيڙي سمنڊ مان پتڻ تي پهچائي سگهي ٿو. مطلب اهو ٿيو تہ حياتيءَ جي سمنڊ کي پار ڪرڻ جي لاءِ ڪامل رهبر (درويش) جي مدد لازمي آهي. گرو نانڪ صاحب چوي ٿو:

پتن کُوکے پاتنی ونجھہو دمرک ولاڑ
پار پوندڑے ڈتھ مے ستگور بوہتھ چاڑ[36]

پاڻ هرتو دنياوي ساگر کي پار ڪرڻ واري اڻچاڻائيءَ سبب غوطا کائيندڙ ماڻهن جي لاءِ تنبيهہ آهي تہ جيڪڏهن ان سمنڊ کي پار ڪرڻ گهرو ٿا تہ ترت ٻوڙي ملاح روپي درويش جي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي وڃو. سائين بلهي شاهہ جو ڪلام آهي:

ندیوں پار مُلک سجن دا، لہر لوبھ نے گھیری
ستگور بیڑی پھڑی کھلو تے تیں کیوں لائی دیری[37]

صوفي درويش شاهہ حسين فرمائي ٿو:

ندیوں پار رانجھن دا ٹھانا، کیتا قول ضروری جانا
منتاں کراں ملاحے نال[38]

ٻگهہ ٻهارن ڍوند ڍنڍين ۾:

مَیں جانا وڈ ہنس ہے، تاں مَیں کِیتا سنگ
جے جانا بگ بپُڑا، جنم نه بھیڑی انگ[39]

پاڻ "ہنس" ولي الله، ساڌو يا سنت جي لاءِ استعمال ڪيو اٿس. ’وڈ ہنس‘ جو مطلب آهي، پرم سنت، ڪامل سنت، ڪامل درويش. پاڻ فرمائي ٿو تہ صرف ڪامل مرشد جي صحبت ۾ ئي رهڻ گهرجي. اڌوري يا پينو يا خام فقير جي ويجهو پل مان بہ وڃڻ نہ گهرجي. ’فریدا گلیں سُوسجن ویہہ اک ڈھونڈھیدی نه لہاں‘[40] ڪبير صاحب چوي ٿو: ’تیرا جن ایک آدھ کوئی‘[41] گرو ارجن ديو جو قول آهي: ’کوٹ مدھے کوئی سنت دِکھانیا، نانک تن کے سنگ ترانیا‘[42] دنيا ۾ سچا سنت تمام ٿورڙا آهن پر ٻگهن جهڙا سنت بي شمار آهن. ٻگهہ هڪڙي ٽنگ تي بيهي، ٻگهت هڻڻ جو مکر ڪري ٿو. دنيا ۾ اڪثر خام درويش يا مڪاري ساڌو جپ تپ، ذڪر اذڪار پوجا پاٺ، ڌرمي ڪتابن ۽ شاسترن (ديني ڪتابن) جي علم ۽ سخت رياضت جو ڏيکاءُ ڪري ابوجهڙن ماڻهن کي پاڻ ڏانهن اڇڻ تي آماده ڪندا آهن. جيئن ٻگهن جي نظر هر وقت مڇيءَ تي رهندي آهي، ان طرح اڌورن،

خام ۽ مڪار ساڌن جي نظر پنهنجي چيلن جي ڌن دولت ۽ دنيائي شان شوڪت تي هوندي آهي. بابا فريد مطابق، اهڙن پٽڪيلن کي بہ اهڙن بناوٽي مرشدن ڏانهن وڃڻ نہ گهرجي.

بنساں ديکهہ ترنّدياں بگّاں آيا چاؤ
ڈُب مُئے بگ پَڑے، سِر تل اُپر پاؤ(43)

بابا فريد آگاهہ ٿو ڪري تہ ڪامل درويش جي هوندي، ٻگهن جهڙا بہ پاڻ هرتو زندگيءَ جو سمنڊ اڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر غوطا ڪائيندي ٻڏي مري ويندا آهن. هو پاڻ تہ ٻڏندا آهن پر پاڻ سان گڏ انهن اعتبار ڪندڙ معتقدن کي بہ پاڻ سان ٻوڙيندا آهن.

1- بوليئے سچ دهرم جهوٹهہ نه بوليئے
جو گُر دسے واٹ فريدا جو ليئے(44)

2- چهيل لنگندے پار، گوری من دِهيريا
کنچن ونے پاسے کلوت چيريا (45)

پاڻ مٿي مرشد يا درويش کي وڏو هنج چيو اٿس، هتي پاڻ ڪامل مرشد کي 'چهيل' ٿو چوي 'چهيل' جي لغويُ معنيٰ آهي جوڌو حسين، رنگيلو 'گوری من دهيريا'. پاڻ چوي ٿو تہ دنيا ۾ جيڪي بہ انسان، ڪامل درويشن تي اعتماد ڪندي، زندگيءَ جي سمنڊ کي پار ڪرڻ گهرندا آهن، اهي پنهنجي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. 'کنچن ونے پاسے کلوت چيريا' اهي انسان جن جو ڏيان هميشہ سون، يعني دنياوي مال اسباب ڏانهن هوندو آهي، انهن جو ڪهڙو حشر ٿيندو آهي؟ 'کلوت چيريا' انهن کي ڪرٽ سان چيريو ويندو آهي ۽ مُئي پڇاڻا دوزخ جون ازيتون سهڻيون پونديون اٿن. پاڻ وڌيڪ چوي ٿو:

زمی، پُچھے اسماں، فريدا، کهيوٹ کن گئے
جالن گوراں نال اُلاہمے جِيا سہے (46)

'کهيوٹ' ملاح کي چوندا آهن. ڪامل درويش سنا ملاح ۽ پهتل تارو آهن. دنيا ۾ اهڙن ماڻهن جي بہ کوٽ ناهي، جيڪي دعويٰ تہ سچي ملاح هجڻ جي ڪندا آهن، جڏهن تہ اهي نہ پاڻ ٿي بحرحيات مان پار پئجي

سگهندا آهن. نہ ئي ٻين کي پار اڪاري سگهندا آهن. موت کان پوءِ اهڙن مڪار ۽ پينو ساڌن جي ڪهڙي حالت ٿيندي آهي؟ 'جالن گوراں نال اُلاہے جيۂ سہے' انهن جا خاڪي جسم تہ قبر ۾ دفن ڪيا ويندا آهن پر سندن روحن کي سندن ڪيل عملن جو مزو چکڻو پوندو آهي. سندس مطلب آهي تہ اهي ناقص مرشد جيڪي پاڻ عملن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن، ڪنهن ٻئي کي ڪيئن ٿا آزاد ڪرائي سگهن؟

مٿي ڪيل بحث مان ثابت ٿو ٿئي تہ بابا فريد هڪ طرف هن ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ مرشد (خدائي هدايت جو صاحب) ڪامل هجڻ گهرجي. ٻئي پاسي هي پڻ ذهن نشين ڪرائڻ ٿو گهري، تہ اهو مالڪ ئي ڪامل مرشد (پيغمبر) جي صورت ۾ انسانن جي ڇوٽڪاري لاءِ دنيا ۾ ايندو آهي. سائين بلهي شاهہ اشارو ٿو ڪري، 'بن مرشد کامل بُلهيا تيری ايويں گئی عبادت کيتی'[47] يعني عقل ۽ نفس جي تابع ڪيل عبادت ڪنهن بہ انسان کي خدا تعاليٰ سان وصال جي منزل تائين نٿي پهچائي سگهي. خدا تعاليٰ سان ملاڻ واري سچي بندگي ۽ عبادت جو علم صرف ڪامل مرشد(پيغمبر) وٽان ملندو آهي. پاڻ ٻيو اشارو ڪري رهيو آهي تہ مرشد کي عام انسان جاڻڻ تمام وڏي چُڪ آهي. وقت جي مرشد هادي (پيغمبر) جي روپ ۾ خداوند ڪريم پاڻ انسانن جي نجات لاءِ دنيا ۾ وارد ٿيندو آهي. سائين بلهي شاهہ جو چوڻ آهي:

1- رانجھا جو گيڑا بن آيا، واہ سانگی سانگ رچايا[48]

2- چُوچَک دا اُس چاک سدايا، اوہ آہا صاحب صفائی[49]

3- مولا آدمی بن آيا[50]

4- لوکاں دے بھانے چاک چکيٹا ساڈا ربّ غفور[51]

حضرت سلطان باهو چوي ٿو:

1- بابجھ مُرّبی کِسے نه لدھی، گُجھی رمز اندر دی ہُو[52]

2- مُرشد کامل اوہ مِليا، جِس دِل دی تاکی لاہی ہُو
مَیں قُربان اُس مُرشد تُوں، جِس دَسيا بھيد الٰہی ہُو[53]

3- بابجھوں مُرشد کامل باہُو، ہوندی نہيں تسّلا ہُو[54]

پاڻ سمجهائي رهيو آهي ته ڪامل مرشد اندروني رازن کان واقف هوندو آهي، اهو خدا تعاليٰ سان (وحي ذريعي) ويجهو هوندو آهي، اهڙي ڪامل مرشد بنا نه ڪوئي باطني راز سمجهي ٿو سگهي، نه ئي رب تعاليٰ جو ديدار ئي ڪرائي ٿو سگهي. پوري تسلي صرف ڪامل مرشد جي ذريعي ئي ٿيندي آهي.

زنده ڪامل مرشد:

مرشد ڪامل پيغمبرن کان شروع ٿي هڪ سلسلو بڻجي ٿو. ان ڪري مرشد ڪامل مان بابا فريد جي مراد ان سلسلي جو زنده مرشد آهي. ڪين جو ڪجهه به مليو پنهنجي مرشد جي فضل ۽ ڪرم سان ئي مليو آهي. دنيا مان لاڏاڻو ڪرڻ کان پهريائين، پاڻ حضرت نظام الدين اولياءَ کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيائين. سيني درويشن ۾ پير درپير جي روايت هلي ٿي اچي. دنيا مان لاڏاڻو ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪامل مرشد پنهنجو جانشين مقرر ڪندو آهي. بابا فريد جي چشتي سلسلي ۾ بخشش جي باري ۾ ڏسي آيا آهيون ته سندس هڪڙي فرزند سندس مرشد بختيار ڪاڪيءَ جي تربت تي وڃي اعلان ڪيو ته حضرت ڪاڪيءَ جي بيعت ڪئي اٿم. جڏهن اها ڳالهه بابا فريد تائين پهتي ته پاڻ فرمايائون ته "بيعت ڪرڻ جو اهو طريقو درست ناهي، مريد کي زنده مرشد جي هٿ تي بيعت ڪرڻ گهرجي."*

بابا فريد جي اشلوڪن سان گڏ لکيل هڪڙي شلوڪ ۾ گرو ارجن ديو فرمائي ٿو:

فريدا ڀُوم رنگاولي منجهه وسُولا باگ
جو جن پير نواجيا تنها انچ نه لاگ[55]

'جو جن پير نواجيا تِنها انچ نه لاگ' (اهو جنهن کي مرشد نوازيو هجي، تنهن کي لُوهَه به نه لڳي) مان پتو پوي ٿو ته مرشد مريد کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان نوازي، کيس پنهنجي پناهه ۾ وٺي ڇڏيندو آهي. مريد، مرشد چونڊيندو ناهي. مرشد جنهن کي چاهيندو آهي، پنهنجي مريديءَ ۾ قبول ڪندو آهي. مريد جي چونڊ به مرشد ڪندو آهي. کيس پنهنجي رحمت ۽

* تصديق لاءِ ڏسو هي ڪتاب ص: 59 ۽ رضوي، اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا: حصو 1 ص: 148

بخشش جي لائق بہ هو پاڻ ئي ڪندو آهي. اهو تڏهن ممڪن آهي، جڏهن مريد ۽ مرشد هڪ ئي ويل هڪ ٻئي سامهون موجود هجن. اسين جنهن پير جي مريديءَ ۾ وڃڻ چاهيندا آهيون، جيسين هو اسان کي پنهنجو مريد قبول نہ ڪندو تہ پير ۽ مريد جي وچ ۾ پيري مريديءَ جو رشتو قائم نہ ٿيندو. جڏهن اسين پنهنجي عقيدي جي مطابق صرف خيال ئي خيال ۾ تڏهوڪي زماني تي گذريل پير، ولي، گرو يا پيغمبر کي پنهنجو رهنما ٻڻائي محافظ يا مرشد ڄاڻي ويهندا آهن تہ اسان کي ان پير، گرو، مرشد يا درويش ۽ پيغمبر کان ڪو جواب نہ ملندو آهي. پنهنجي خوش فهميءَ جي لاءِ اسين جنهن کي بہ چاهيون پنهنجو رهنما، محافظ يا مرشد ڄاڻي وٺون پر جيسين ٻئي طرف کان انهيءَ امر جي پڪ نہ ٿيندي تہ روحاني طور ان مان سير حاصل نہ ٿيندو. جڏهن اسان پنهنجي زماني جي ڪنهن گرو يا پير کي پنهنجو مرشد ٻڻجڻ تي مجبور ڪري نٿا سگهون تہ الله تعاليٰ ۾ سمائجي ويل گذريل زماني جي گروئن، پيرن، پيغمبرن ۽ اوتارن وغيره کي پنهنجو مرشد ٻڻجڻ تي ڪيئن ٿا مجبور ڪري سگهون؟ حق جا درويش فرمائيندا آهن تہ اسين صرف ان پير يا مرشد کان فيضياب ٿي سگهنداسون، جيڪي ساڳئي وقت اسان جهڙا انسان بہ هجن ۽ نوراني (خدائي) صورت جا مالڪ بہ هجن. جيڪو خدا رتو نہ آهي اهو اسان کي ڪجهہ بہ ڏئي نہ سگهندو. جيڪي اسان جهڙا ناهن، انهن کان اسان ڪجهہ بہ حاصل ڪري نہ سگهنداسون. اسان صرف اهڙي مرشد جي رحمت ۽ بخشش کان فيضياب ٿي سگهنداسون جيڪو نہ صرف پنهنجي روح کي الله تعاليٰ ۾ فنا ڪري چڪو هجي پر انساني قالب ۾ اسان اڳيان موجود بہ هجي.

مرشد: زندهہ مثال

'راحت القلوب' ۾ بابا فريد پنهنجي زماني جي ڪامل مرشد جي عظمت هيئن بيان ڪئي آهي:

"پير ۾ ايتري طاقت هئڻ گهرجي جو هو مريد جي قلب تان ڪٽ لاهي، سندس قلب کي آئيني جيان پوري طور صاف ڪري ڇڏي. جيڪو اهڙي طاقت جو مالڪ ناهي، ان جي لاءِ بهتر آهي تہ هو ڪنهن کي پنهنجو مريد نہ ٻڻائي ڇو تہ جيڪو پاڻ گمراهہ آهي،

اهو ڀين ڪي رستو ڪيئن ڏيکاري سگهندو؟ جيڪڏهن پير پاڻ دنيادار هجي ۽ مريد کي دنيا تياڳڻ جي تلقين ڪري، ته سندس تعليم جو اثر ئي نه ٿيندو جيسين ڪوئي مثال بڻجي نه ڏيکاري، صرف تعليم سان ڪنهن تي ڪو به اثر نه ٿيندو."(56)

ڪامل مرشد مريدن جي لاءِ انسانيت ۽ روحانيت جو زنده مثال ۽ نيڪ اخلاق ۽ وصفن جو مجسمو هجي. سندس روح رب تعاليٰ ۾ فنا ٿي چڪو هجي. هو ڀاءُ، دوست، پٽ، مڙس، والد وغيره جي حيثيت ۾ پنهنجي مريدن جي لاءِ هڪڙو معيار ۽ خدا جي عبادت گذار طور زنده مثال ۽ پنهنجي مريدن جي حق ۾ ترغيب ڪندڙ ۽ روشنيءَ جو منارو هجي. سندس مريد سندس آڏو پنهنجا مسئلا رکندا آهن ۽ ڪائنس پنهنجي ڪمزورين جو حل پڇندا آهن. ان ڳالهه ۾ ڪو به وڌاءُ ناهي ته ڪو به مريد ڪنهن به مرشد جي رهنمائيءَ کان سواءِ مڪمل ترقي ڪري نه ٿو سگهي.

هيءَ ڳالهه سوچڻ جهڙي آهي ته ماضيءَ ۾ ٿي گذريل مرشد، پير، پيغمبر يا سنت مهاتما اڄ ڪٿي آهن؟ اهي مالڪ الڪل ۾ سمائجي چڪا آهن. اڄ انهن تي اعتماد ڪرڻ بجاءِ مالڪ الڪل کان سڌو سنئون مدد حاصل ڇو نه ڪجي، ڇو ته اهي عظيم هستيون به اُن ۾ سمايل آهن ۽ ٻيو ته اسان جو اصل مقصد پڻ منجهس سمائجڻ آهي پر اڄ جيڪڏهن اسين مالڪ الڪُل کان اڻ سڌي طرح مدد حاصل ڪري سگهون ٿا ته اڳين وقتن ۾ ٿي گذريل ماڻهو ائين ڪيئن نه پئي ڪري سگهيا؟ ان زماني ۾ انهن پيرن مرشدن جي اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي جن تي اڄ اسين يقين ڪري رهيا آهيون؟ ڪنهن به وقت ڪڪرن مان مينهن وسڻ جو مطلب اهو آهي ته بارش صرف بادلن جي وسيلي ئي ٿيندي آهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن به زماني جي روحاني رهنما کان ئي فيض ماڻي ٿو سگهجي.

ڪامل مرشد جي هستي سندس جسم ۽ ٻين مادي حالتن تي ٻڌل نه آهي. سندس اصليت سندس اندر ڪارفرما الاهي نور آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ ڪنهن به هنڌ، ڪنهن به مقام تي، ڪنهن به انساني وجود ۾ جلوه نما ٿي پنهنجو ڪم پورو ڪندو آهي. ان ڪري يا ته اسان کي مرشد جي ضرورت ئي ڪانهي، جيڪڏهن ضرورت آهي ته پنهنجي دؤر جي مرشد جي. اهوئي سبب آهي جو مرشد خاڪي جسم ڇڏڻ کان اڳ پنهنجو جاءِ

نشين مقرر ڪندو آهي ۽ کيس پنهنجو سجاده بڻائڻ لاءِ عصا ۽ خرقو نشانيءَ طور عطا ڪندو آهي. سندس جاءِ تي مقرر ڪيل پير سجاده نشين ڪوٺائيندو آهي.

مولانا روم جو قول آهي تہ "مرشد جي ذات ۾ خدا ۽ رسول جي ذات شامل آهي."• مرشد ۽ خدا کي بہ نہ ڄاڻ، بہ نہ ڏس ۽ بہ نہ چئہ. بندي کي مالڪ ۾ محو (فنا) ڏس. جيڪڏهن تون مرشد کي خدا کان جدا ڄاڻندين تہ روحانيت جي ڪتاب جي خلاصي ۽ مقدمي کي گم ڪري ڇڏيندين.• سندن مطلب هي آهي تہ جيڪو مرشد جي ذات کان منڪر آهي، اهو رسول ۽ رب جي ذات کان بہ منڪر آهي، ڇاڪاڻ جو رسول ﷺ ۽ رب تعاليٰ سان ملائڻ جو وسيلو مرشد آهي.

جيڪا گروءَ ڏَسي واٽ:

مٿي بابا فريد پاران گروءَ جي ڏسيل واٽ جو تفصيل ٻڌائي آيا آهيون. ان تعليم جا بہ پاسا آهن. پهريون اهو تہ مرشد مريد کي راهہ ڏسيندو آهي. مريد پنهنجو دل پسند رستو ڇڏي مرشد جي ڏسيل رستي تي هلندو آهي. مولانا روم جو فرمان آهي تہ. "تون اهڙي مرشد جي رهنمائيءَ ۾ سفر طئي ڪج جيڪو منزل جو ڄاڻو هجي ۽ سفر پورو ڪري منزل تائين پهچي چڪو هجي." پاڻ خبردار ٿو ڪري تہ اهو رستو آفتن ۽ خطرن سان پريل آهي. جيڪڏهن تون واقفڪار بنا روحاني رستي تي هلڻ شروع ڪري ڏيندين تہ شيطاني طاقتون گمراهہ ڪري، اونهي کڏ ۾ اڇلائي ڇڏيندئي."•

ان جو ٻيو پاسو هي آهي، "جُو ليئي" مرشد کان روحاني شغل جو طريقو سکڻ ئي ڪافي ناهي. مرشد جي ٻڌايل طريقي مطابق روحاني شغل جي وسيلي سفر طئي ڪرڻ بہ ضروري آهي. گرو ارجن ديو انهن ٻنهي پاسن تي هيٺئن روشني ٿا وجهن:

• چُونکه کردی ذاتِ مُرشد را قبُول — هم خُدا در ذاتش آندبم رسول[58]

• دو مگو و دو مداں و دو مخواں، — بنده را در خواجهٔ خود محوداں
چُوں جُدا بینی زِحق ایں خواجه را، — گُم کُنی ہم متن وہم دیباجه را[59]

• پیر را بگزیں که بے پیرایں سفر، — ہست بس پُر آفت وخوف و خطر
ہر که اُوبے مُرشدے در راه شُد، — اُوزغو لاں گمره و در چاه شُد[60]

بھولے کو گُور مارگ پائیا، اور تیاگ ہر بھگتی لائیا
جنم مرن کی تراس مٹائی، گُور پُورے کی بے انت وڈائی[61]

يعني مرشد، غلط راهن تي ڀٽڪندڙ مريد (طالب) کي عبادت جو صحيح رستو ڏيکاريندو آهي ۽ ان تي سفر ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي، جنهن سان طالب خدا تعاليٰ سان وصال واري واٽ تي پهچي ويندو آهي ۽ ڀيهر جنم مرڻ جي چڪرن (آواگون) کان هميشہ لاءِ بچي ويندو آهي. اهي ڳالهيون ڪم صرف ساڳئي دؤر جي زندهہ مرشد جي رهنمائيءَ ۾ ئي ٿي سگهن ٿا.
ظاهر آهي تہ مرشد جو هئڻ بہ لازمي آهي ۽ مرشد جي هدايتن مطابق روحاني راهہ تي بہ سالڪ جو هلڻ بہ ضروري آهي. هر طرح جي تعليم صرف زندهہ استاد جي مدد سان ئي حاصل ڪري ٿي سگهجي. پي ايڇ ڊيءَ جي سند، پنهنجي وقت جي عالم جي نظرداريءَ ۾ پنهنجي ڪوشش سان حاصل ڪرڻي پوندي آهي. مريد کي جو ڪجهہ حاصل ٿيندو مرشد جي رهنمائي ۽ سندس هدايتن تي عمل ڪرڻ سان ئي ٿيندو. جيڪڏهن ڪوئي انسان پنهنجي دؤر يا گذريل دؤر جي مرشد ۾ اعتماد ڪرڻ بنا، منزل مقصود تائين پهچي سگهي ٿو تہ پوءِ دنيا جي سموري روحاني ادب تان مرشد جي رحم ۽ ڪرم، مريد جي مجاهدن ۽ عبادت جي اصولن کي ريٽي ڇڏڻو پوندو.

ٻيڙو پار اُڪاري هو:

بابا فريد وڏيڪ اشارو ڪيو آهي "بيڙے نُوں کپّر کيا کرے جے پاتن رہے سُچيت "[62] ٻيڙيءَ جو ملاح يا جهاز جو ڪپتان پنهنجي ذاتي قابليت ۽ سمجهہ سُرت سان ڪناري ٻيڙو ڪندو آهي. هن وقت سمنڊ جي ڪُن ۾ قاتل ٻيڙي هن دور جي هوشيار ملاح جي ضرورت آهي. اڳاٽي زماني جو ڪوئي ملاح يا ڪپتان اڄوڪي ٻيڙي کي پار نہ ٿو پهچائي سگهي. حال جي انڌيري کي اڄ جو سج روشنيءَ ۾ بدلائي ٿو سگهي. سوين سال اڳ وارو سج نٿو ڪري سگهي.
سرداز اقبال عليءَ چواڻي صوفي درويشن جو عقيدو آهي تہ جنهن خالق دنيا جي مخلوق کي هوا، پاڻي ۽ روشنيءَ جهڙيون نعمتون بنا تفريق عطا ڪيون آهن، اهو سندن روحاني ترقيءَ لاءِ بہ پنهنجي رحم ڪرم جي ونڊ ورڇ هڪ جيتري ڪندو آهي. جيئن دنيا جي ٻين مسئلن جي حل واسطي

ماڻهو وقت بوقت اسپتال ايندا رهندا آهن، ائين ماڻهن جي روحاني ضرورتن جي پڌرائي لاءِ وقت بوقت پيغمبر ايندا رهيا آهن.[63]

سردار اقبال علي مطابق صوفين درويشن پنهنجي تعليمات جي تائيد ۾ قرآن شريف مان حوالا ڏنا آهن. جن ۾ چيو ويو آهي تہ خدا تعاليٰ سيئي پيغمبر قومن جي روحاني ترقيءَ لاءِ ئي موڪليا آهن. قرآن شريف ۾ هدايت ڪئي وئي آهي تہ خلقڻهار پاران جدا جدا قومن ۽ زمانن ۾ موڪليل پيغمبرن ۾ فرق نہ ڪريو. هڪ ڇڏي رب تعاليٰ جي جوڙيل آئين مطابق سندس ڳولها ڪريو. علي ابن الحسين الحڪيم ترمذيءَ جو چوڻ آهي: "ڪو بہ سبب ناهي تہ خليفي حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عليءَ کان پوءِ ايندڙ ولي انهن جهڙا يا کانئن اعليٰ تي نٿا سگهن. زمان حال ۾ ماڻهن تي وارد ٿيڻ کان ڪين ڪير ٿو جهلي پلي سگهي؟ ماڻهو ائين ڇو سوچيندا آهن تہ ڪو بہ صديق، مقرب، مجتبيٰ يا مصطفيٰ دنيا ۾ ناهي."[64]

عشق مجازي:

'راحت القلوب' ۾ بابا فريد الله لاءِ سڏيندڙ مرشد/استاد جي جسماني شڪل جي فضيلت هيئن بڌائي آهي: "جيسين ڪوئي ماڻهو ڪنهن کي ڏسي نہ وٺي، ان سان محبت نہ ٿيندي آهي، اهڙيءَ طرح جيڪڏهن انهن سان محبت نہ ٿيندي تيسين رب تعاليٰ جي عبادت ۾ سچو شوق ۽ ذوق پيدا نہ ٿي سگهندو."[65] پاڻ فرمائي ٿو: "الله سڏي سڏيندڙن جي دوستي رسول الله جي دوستي آهي." علماءَ انبياءَ ۽ پيغمبرن جا وارث آهن ۽ خدا جا خاص ٻانها آهن. حضرت محمد ﷺ پنهنجي امت يعني پيروڪارن مان انهن ٻنهي تي فخر ڪيو آهي. اهي ٻئي دين جا ٿنيا آهن."[66] بابا فريد جو چوڻ آهي تہ "بيعت جو مطلب مرشد جو يقين، عقيدت ۽ محبت آهي. جنهن جي دل ۾ مرشد جي لاءِ عقيدت ۽ محبت ناهي، اهو سچو مريد ناهي."[67] "مريد کي گهرجي تہ هو سنت جي پيروڪار پير جي حڪم کي رسول الله ﷺ جو حڪم مڃي."[68] پاڻ تمثيل ڏيندي چيائين تہ: "هڪ پيري حضرت محمد ﷺ هڪڙي صحابي کي سڏ ڪيو. هو ان وقت نماز ۾ رڌل هو. هن ورندي نہ ڏني. ٿوري دير کان پوءِ هو جڏهن حضور جن جي آڏو آيو تہ پاڻ چيائونس تہ، جڏهن رسول الله ﷺ سڏي تہ نماز پيڇي جواب ڏجي، ڇاڪاڻ جو ائين ڪرڻ

نماز کان افضل مقام ٿو رکي. بابا فريد، حضرت بختيار ڪاڪيءَ جي باري ۾ چيو ته، "جڏهن پير آواز ڏئي ته نماز پڇي به جواب ڏيڻ گهرجي، ڇو ته ان جو اجر بندگيءَ جي برابر آهي. مفت ۾ ملندڙ ثواب هٿ سان وڃائڻ نه گهرجي."[69]

صوفي سنتن مرشد جي لاءِ گرو جوڳي، رانجها، عارف، ملاح، طبيب، ويد، ثالث، ڌوٻي، لوهار وغيره جهڙا استعار استعمال ڪري سندن وصفون ٻڌايون آهن. اهي سيئي وصفون وقت جي پير جي طرف اشارو ڪن ٿيون. سائين بلهي شاهه چوي ٿو:

جچر نه عشق مجازى لاگے، سوئى سيوے نه بن دماگے
عشق مجازى داتا ہے، جس پچھے مست ہو جاتا ہے
عشق جنہاں دى ہڈی پیندا، سوئى نر جيوت مرجاتا
عشق پتاتے ماتا ہے، جس پچھے مست ہو جاتا ہے•

پاڻ عشق مجازيءَ کي عشق حقيقيءَ تائين پهچائڻ واري پل چيو اٿس. عشق مجازي جو مطلب آهي مرشد جي مجاز يا جسماني صورت ۾ ظاهر ٿيندڙ عشق حقيقي. پاڻ خوبصورت انداز ۾ فرمائي ٿو ته "جيسين صورت جو عشق نه ٿئي ته بي صورت جو عشق ڪيئن سجاڳ ٿيندو؟ متشڪل جي عشق جو ڏاڳو نه هجي ته سئي غير صورت واري جو لباس ڪيئن سبي. جيسين مجاز جسم (سروپ گرو) داتا ٻڌجي نه اچي، عشق خدا جي ڏاهه ڪيئن نصيب ٿئي؟ ڪامل مرشد جي ذات جو عشق ئي خدائي عشق جو جنم داتا آهي. صوفي درويش فريد الدين عطار فرمائي ٿو ته" جيڪڏهن ڪنهن جي دل ۾ مرشد جي جسماني صورت سان عشق ٿي وڃي ته ان کي غنيمت◆ ڄاڻو ڇو ته عشق حقيقي تائين رسائيءَ جو وسيلو عشق مجازي آهي."

موليٰ مهر ڪر:

مرشد جي ضرورت جي باري ۾ مٿي ڄاڻايل خيالات کي بابا فريد جي ڪلام جي هن حوالي سان ڳنڍيو پوندو جنهن ۾ پاڻ فرمايو اٿس." ڪر ڪرپا

• عشق مجازيءَ ۽ عشق حقيقيءَ جي وضاحت لاءِ ڏسو: انور علي رهتڪيءَ جو ڪتاب "قانون عشق"[70]

◆ غنيمت دان اگر عشق مجازست - که از بهر حقيقت کارسازست[71]

پربھ سادھ سنگ ميلی، جا پھر ديکھاں تاں ميرا الله بيلی "[72] (مرشد جي خدمت مون کي ساڌ سنگت ساٺ ملايو پوءِ نظر ڪيم تہ الله تعاليٰ ئي منهنجو حامي آهي). خدا تعاليٰ جڏهن مهربان ٿيندو آهي تہ ڪنهن مرشد (ڪامل) سان ميلاپ ڪرائيندو آهي. مرشد جڏهن مهربان ٿيندو آهي تہ اهو خدا تعاليٰ سان ملائي ڇڏيندو آهي. سندس فرمان آهي تہ: " تيری پنه خُدا نے تُو بخشندگی،شيخ فريدے خير ديجئے بندگی "[73] يعني مرشد بہ خدا جي رحمت سان ملندو آهي ۽ خدا تعاليٰ سان ملائيندڙ سچي عبادت جي بخشش بہ خدا جي رحمت سان حاصل ٿيندي آهي. جيڪو ڪجھ ملندو آهي، اهو خدا جي رحمت سان ئي ملندو آهي ۽ اها رحمت وقت جي ڪامل درويشن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي.

بابا فريد سميت هر ڪامل درويش اهو مڃيو آهي تہ سچي مرشد ۽ سچي عبادت جو دارومدار خدا تعاليٰ جي رحم ڪرم تي آهي. جيڪڏهن ڪو پراڻي زماني ۾ ٿي گذريل پنهنجي وڻندڙ سنت، مهاتما، گرو يا پير وغيره ۾ اعتماد رکي پنهنجي دلپسند عبادت جي وسيلي خدا تعاليٰ سان وصال ڪري سگهجي ٿو تہ پوءِ خدا تعاليٰ جي رحمت جي ڪهڙي ضرروت آهي؟ ڪنهن بہ انسان کي ڪهڙي بہ وقت، ڪنهن مرشد جي پناهہ ۾ سچي عبادت جي وسيلي خدا تعاليٰ سان واصل ٿيڻو آهي، ان جو فيصلو بہ خدا تعاليٰ کي ڪرڻو آهي. انسان کي نہ گذريل زماني ۾ ٿيل پسنديده مرشد ۽ دل پسند عبادت جو اصول قبول ڪرڻ گهرجي. دنيا جي سڀني مذهبي ڪتابن ۽ دنيا جي سڀني ڪامل درويشن جي تعليم مان خدا تعاليٰ جي رحمت جي وسيلي خدا تعاليٰ سان ميلاپ ٿيڻ جي اصولن کي خارج ڪري ڇڏڻ جي برابر آهي. بابا فريد جي زندگيءَ جي حالات ۾ اسان ڏٺو آهي تہ سندس عبادت مان خوش ٿي حضرت معين الدين چشتيءَ جي حڪم سان حضرت بختيار ڪاڪيءَ رحمت فرمائي، سندس حواس کولي ڇڏيا ۽ سندس اندروني روحاني طبقات ۾ رسائي ٿي وئي ۽ کيس ڪامل درويش واري بلند روحاني ڪيفيت حاصل ٿي وئي. اهڙيءَ رحمت جي بخشش صرف وقت جو ڪامل مرشد ئي ڪري ٿو سگهي. ان ڪري خدائي رحمت جو وسيلو وقت جو زندهہ مرشد آهي.

ظاهر آهي تہ مرشد مان بابا فريد جو مطلب پنهنجي زماني جو اهڙو ڪامل درويش آهي، جو پنهنجي روح کي رب تعاليٰ ۾ جذب ڪري رب

سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿو. پوءِ پنهنجي رحمت، پنهنجي محبت ۽ پنهنجي رهنمائيءَ ۾ مريد کي بہ پنهنجو روح رب ۾ جذب ڪرڻ ۾ مددگار ٿئي ٿو.

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص488
(2) حضرت سُلطان باهو بيت172
(3) آد گرنٿ، ص622
(4) آد گرنٿ، ص864
(5) مولانا رومِ مثنوي5 ص253
(6) ديوانِ حافظ ص341
(7) آد گرنٿ، ص907
(8) حضرت سُلطان باهو بيت68
(9) آد گرنٿ، ص794
(10) آد گرنٿ، ص916
(11) آد گرنٿ، ص826
(12) آد گرنٿ، ص1005
(13) مولانا رُمِ مثنوي1 ص101
(14) آد گرنٿ، ص488
(15) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ64
(16) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ65
(17) ڪبير ساکي سنگرهہ ص50
(18) مولانا رومِ مثنوي6 ص521
(19) رتن ساگر، ص88
(20) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ116
(21) پلٽو صاحب. سنتون ڪي باني ص369
(22_23) آد گرنٿ، ص1076
(24) وسم گرنٿ، (بچتر ناٽڪ)54
(25) موجود ناهي
(26) آد گرنٿ، ص1365
(27) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ127
(28) آد گرنٿ، ص870
(29) آد گرنٿ، ص864
(30) آد گرنٿ، ص272
(31) آد گرنٿ، ص273
(32) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ42
(33) آد گرنٿ، ص550
(34) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ85
(35) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ86
(36) آد گرنٿ، ص1015
(37) آد گرنٿ، ص28
(38) شاهہ حسين، ڪهيا شاهہ حسين ني ڪافي115، ص73
(39) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ123
(40) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ87
(41) آد گرنٿ، ص1123
(42) آد گرنٿ، ص1348
(43) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ112
(44_46) آد گرنٿ، ص488
(47) ڪُليات، ص370
(48) ڪُليات، ص121
(49) ڪُليات، ص251
(50) گُور ديو سنگهہ ڪلام بلهي شاهہ ص92
(51) ڪُليات، ص232
(52) حضرت سُلطان باهو بيت339

(53) حضرت سلطان باهو بيت138

(54) حضرت سلطان باهو بيت139

(55) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ82

(56) راحت القلوب، ص26

(57) نظامي، ص33

(58) ڪتاب البيعت، ص8

(59) مولانا روم، مثنوي6 ص309

(60) مولانا روم، مثنوي1 ص308

(61) آد گرنٿ، ص864

(62) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ86

(63) سردار علي، اسلامڪ صوفي ازم، ص35

(64) رضوي، اي هسٽري آف صوفي ازم ان انديا1، ص41

(65) راحت القلوب، ص23

(66) راحت القلوب، ص129

(67) راحت القلوب، ص43

(68) راحت القلوب، ص43

(69) راحت القلوب، ص114

(70) راحت القلوب، ص137

(71) راحت القلوب، ص115

(72) ڪليات، ص95

(73) قانونِ عشق، ص65

(74) آد گرنٿ، ص794

(75) آد گرنٿ، ص488

10

جنهن کان وسريو نانءُ

بابا فريد جو ڪلام آهي:

دِلون محبّت جيں ہے ای سچّے آ
جَيں من ہور، مُکھ ہور، ہے کانڈھے کچّے آ۔

رتے عشق خُداءِ رنگ ديدار کے
وسريا جَيں نام تے بھوَیں بھار تھیئے۔

آپ ليئے لڑ لاءِ در درويش سے
تِن دھن جنيندی ماؤ آئے سپھل سے

پروردگار، اپار، اگم، بے انت تُوں
جنھاں پچھاتا سچ چُمّاں پیر موں

تیری پنه خُدا نے تُو بخشندگی
شيخ فريدے خير ديجئے بندگی (1)

هن ڪلام مان ڪجھ ويچار پيدا ٿا ٿين، اهي هي آهن:

(1) بابا فريد خدا جي محبت ۽ انسر جي محبت کي هڪجهڙي معنيٰ وارن لفظن طور استعمال ڪيو آهي ۽ خدا تعاليٰ جي محبت ۽ جلڪي جي محبت کي سچي درويشيءَ جو بنياد ڄاتو آهي.

(2) پاڻ خدا تعاليٰ جي نانءَ کي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابيءَ جو بنياد ٿو مڃي.

(3) پاڻ انسان جي بهتر، بدتر، يا ننڍ وڏائيءَ کي ان سان موسوم ٿو ڪري ته هو ڪلمه الاهيءَ سان وابسته آهي يا نه!

(4) پاڻ الله تعاليٰ جي محبت، خدا جي نانءُ ۾ سچي درويشي ڏنهي
کي خدا تعاليٰ جي رحمت تي ٻڌل مڃي ٿو.

ان مان ظاهر آهي تہ بابا فريد مطابق الله تعاليٰ جو نانءُ ئي خدا جي عبادت ۽ اطاعت ۽ خدا تعاليٰ جي حصول جو سچو ذريعو آهي.

خوفائتا ڇهرا:

فريدا تنهاں مکھ ڈراونے جنهاں وساريو ناؤں
ايتهے دُکھ گهنيرے آ اگے ٺهور نه ٺهاؤں[31]

بابا فريد جي ساري ڪلام جي تاڃي پيٽي ۾ 'هتي' ۽ 'اڳتي'،'دين ۽ دنيا' ۽ 'درگاهہ' جهڙا معنيٰ خيز حوالا آيل آهن. پاڻ چوي ٿو تہ دنيا ۽ پرلوڪ ٻئي سکيا بڻائڻ لاءِ هڪڙو ئي ذريعو خدا جو نانءُ آهي. جن بہ بدقسمت انسانن کي سچي نانءُ جي اڻ مول دولت حاصل ناهي، اهي دنيا ۾ بہ عذابن جي چڪيءَ ۾ پيسجندا آهن ۽ آخرت ۾ ملڪ الموت ۽ فرشتن جي مار کائيندا آهن. پاڻ پهرئين حوالي ۾ ڄاڻايو اٿس: 'وسريا جَيں نام تے بهَوِيں بهار تهيئے-'. هتي فرمائي ٿو 'فريدا تنهاں مکھ ڈراونے جنهاں وساريو ناؤں'(انهن جا ڇهرا ڊيڄاريندڙ جن وساريو نانءُ) پاڻ ٻنهي حوالن ۾ ڪلمي کي فراموش ڪرڻ جي بدقسمتيءَ کي دين ۽ دنيا جي تباهيءَ جو سبب ٿو ڄاڻائي، گرو امرداس چوي ٿو 'جِنی نام وِسارئيا سے مُئے مرجاه، هر رس ساد نه آئيو بِسٽا ماه سماه'[3] ۽ "نام وِسار چلهِه اَن مارگ انت کال پچهتابی"[4] ظاهر آهي تہ بابا فريد ۽ گرو صاحب رب جي سچي عبادت سان ميلاپ جو درست وسيلو ئي نانءُ کي ڄاڻن ٿا. دنيا ۽ عقبيٰ ٻنهي ۾ نانءُ کي ئي ڪاميابيءَ جو بنياد مڃيندا آهن. ان مان پروڙ پوي ٿي تہ پاڻ نانءُ (ڪلمہ الاهي) کي ڳوڙهي معنيٰ ۾ وٺن ٿا.

بابا فريد جي ڪلام ۾ نانءَ جي باري ۾ سڌا سنوان حوالا گهٽ آهن پر سندن وسيلي پرچار ڪيل ۽ پنهنجايل ۽ روحاني شغل جو اصل بنياد نانءُ ئي آهي. ان باري ۾ ان سچائيءَ کي نظر ۾ رکڻ انتهائي ضروري آهي تہ صوفي درويش ۽ سنت مهاتما فقط ڪلام يا ٻاڻيءَ ذريعي ئي نہ، حڪايتن يا وعظ جي ذريعي بہ پنهنجي خيالن جوا ظهار ڪندا آهن .دراصل سندن ڪلام سندن وعظ ۾ چيل خيالن جو معاون هوندو آهي، انهن جو بدل نہ.

سندن ڪلام مفصل هوندي بہ اشارن ۽ ڪناين تي ٻڌل هوندو آهي. مثال طور سندن ڪلام ۾ عام طور نانءُ يا اسم، رضا، نفس ۽ شيطان وغيره جهڙا الفاظ شامل هوندا آهن. ڪامل درويشن جو وعظ ٻڌڻ وارا، سندن هدايت مطابق عمل ڪندڙ حق جا ڳولائو انهن شلوڪن ۾ لڪل معنيٰ کي بخوبي ڄاڻي وٺندا آهن. فقط عام ماڻهن جي لاءِ انهن جي وضاحت ضروري آهي.

جاڳرو ڏَسي راھ:

باب ”جو گُورد سے واٽ“ ۾ اسان پڙهي آيا آهيون تہ طالب کي بيعت ڪرڻ وقت مرشد انهن روحاني شغلن جو طريقو سيکاريندو آهي. اهو طالب کي ان سچائيءَ کان باخبر ڪندو آهي تہ اسم ٻن قسمن جو آهي. اول تہ رب جي وصفن جا نالا اڻ ڳڻ آهن، مثال طور خدا، رحيم، ڪريم، خالق، مالڪ وغيره، جن کي اسم صفاتي چيو ويندو آهي. قرآن شريف ۾ انهن کي اسماءَ الحسنيٰ (خوبصورت نالا) چيو ويو آهي. اهي نالا لکيا، پڙهيا يا ڳالهايا ويندا آهن. اهي نالا وقت بوقت مختلف روحاني هستيون استعمال ڪنديون رهيون آهن، تنهن ڪري انهن جو تاريخي زمانو طئي ڪري ٿو سگهجي. ٻيا اسم اهي آهن، جن جو روح کي روحاني طريقي سان مشاهدو اکين جي پوپان ظاهر ٿيندڙ ڌن يا نور جي صورت ۾ ٿيندو آهي، ان ڪري خيال يا تصور کي اکين جي پوپان، يڪسو ۽ ساڪن ڪرڻ سان، آواز يا نور جي صورت ۾ حاصل ٿيندڙ اسم نہ تہ پنجن حواسن جو مضمون آهي، نہ ئي ڪنهن انساني دماغ جي ايجاد آهي. صفاتي نالن جي ڀيٽ ۾ هي نالو هڪڙو ئي آهي ۽ روح جي مشاهدي ۾ اچڻ واري عظيم حقيقت (پرم ستيہ) آهي. اهو ئي نانءُ هڪ اهڙي طاقت آهي، جيڪا خالق ۽ محافظ آهي ۽ ڪائنات جي ذري پرزي ۾ سمايل آهي. اهو اسم هر انسان جي اندر ۾ آهي ۽ اهوئي روح کي رب سان ملائڻ وارو سچو يا پختو وسيلو آهي.

ڪامل مرشد جي ذريعي طالب کي ذهن نشين ڪرائڻ واري روحاني شغل جا ٽي پهلو آهن: پهريون ’ذڪر‘ ٻيو ’تصور‘ ۽ ٽيون ڪلمو يا اسم اعظم اچارڻ سان دل جو لڳاءُ رکڻ. ذڪر ۽ تصور روح کي اکين جي پوپان يڪسو ڪرڻ جي ڪوشش آهي. بيعت وقت مرشد، طالب کي الله پاڪ جي ذڪر ۽ مرشد جي صورت جي تصور ۽ روح کي اسم اعظم سان لاڳاپيل رهڻ جو

عملي روحاني طريقو سيکاريندو آهي، جنهن کي صوفين جي اصطلاح ۾ علم سينہ چيو ويندو آهي. جيڪڏهن مرشد جي هدايت جي مطابق ڪيل ذڪر ۽ تصور جي شغل سان روح اکين پويان ساڪن رهي ٿو تہ اهو خدا تعاليٰ جي دربار مان ايندڙ اسم، ڪلام، ٻول، نانءُ يا اسم اعظم سان ڳنڍجي ويندو آهي.

ذڪر:

ذڪر يا سمرن نفس جي خواهشن کي دور ٿو ڪري ۽ روح کي اکين پويان ترسائڻ ۾ مدد ڪندو آهي. بابا فريد پنهنجي مرشد حضرت بختيار ڪاڪيءَ جي حوالي سان ٻڌايو آهي تہ: "جيسين انسان پنهنجي دل جي آئيني کي خدا جي ذڪر سان صاف نٿو ڪري تيسين خدا تعاليٰ جي محبت سان نفس تان پيائيءَ جي ڳٽ يا ڪثافت کي دُور نٿو ڪري، تيسين خدا ۾ فنا نٿو ٿي سگهي."[5] راحت القلوب جي ليکڪ مطابق، "بابا فريد الله تعاليٰ جي نانءَ جي ذڪر جي وضاحت هيٺئن بيان ڪئي آهي:

1ـ ذڪر زندگي آهي، ذڪر کي فراموش ڪرڻ موت آهي.[6]

2ـ دنيا جي ذڪر سان مئل نفس، کي الله تعاليٰ جي ذڪر سان زندهہ ڪريو. جڏهن دنيا جا ٻنڌڻ ڇڄي پوندا آهن، دل مان خواهشون ڪافور ٿي وينديون آهن تہ طالب، سچو ذاڪر بڻجي ويندو آهي ۽ سندس دل ذڪر جي نور سان زندهہ ٿي پوندي آهي.[7]

3ـ انسان کي اٿندي ويهندي، سُتي جاڳندي، ڏينهن رات، پاڪي يا ناپاڪيءَ ۾ الله تعاليٰ جي ذڪر کان غافل ٿيڻ نہ گهرجي. ان حد تائين جو خيال، ڪيل گناهن ڏانهن بہ مائل نہ ٿئي، دنيا جو ڪو بہ ڪم ذڪر کان مٿاهون ناهي. ذڪر جو قل، هر طرح جي خدمت کان وڏو آهي، جيڪو ذڪر کي دوست بڻائيندو، اهو رب تعاليٰ کي دوست بڻائي وٺندو آهي.[8]

4ـ رب جا محبوب ڪن پل لاءِ بہ ذڪر خدا کان غافل ٿي پون تہ چوندا آهن تہ اسين مرده ٿي ويا آهيون، جيڪڏهن زندهہ هجون ها تہ رب جي ياد کان غافل نہ هجون ها. رب جو ذڪر رب تعاليٰ ۾ ايمان جي نشاني آهي. ذڪر انسان کي شيطان ۽ دوزخ جي باهہ کان بچائيندو آهي. بدروح ذاڪر جي ويجهو نہ ايندا آهن.[9]

5ـ جڏهن رب تعاليٰ ڪنهن کي پنهنجو دوست بڻائڻ گهرندو آهي،
تہ ان تي پنهنجي ذڪر جو دروازو کولي ڇڏيندو آهي.[10]

حضرت بختيار ڪاڪيءَ پنهنجي پير خواجہ معين الدين چشتيءَ جي حوالي سان سمجهايو آهي تہ دل مرده بہ هوندي آهي ۽ زندهہ بہ. دنياوي عيش عشرت ۽ حواسن جي لذتن سان دل ڪاري ٿي ويندي آهي. جيئن زمين ۾ ڪلر جي گهڻائيءَ سبب زمين بنجر (مرده) ٿي ويندي آهي. ان ۾ ٻج نہ ڦٽندو آهي. ان طرح جيڪا دل نفساني خواهشن جي ڪري ڪاري ٿي چڪي هوندي آهي، اها مرده آهي. اهڙي مٿل دل ذڪر جي نور سان زندهہ ۽ روشن ٿي پوندي آهي.[11] چشتي سلسلي ۾ ذڪر جي اهميت جي باري ۾ محمد حسن صفدر لکي ٿو تہ: "ذڪر جي باري ۾ ان ڳالهہ جو خاص خيال رکيو وڃي تہ شروعات ۾ اهو ذڪر بہ ٽي ورهيہ هڪ هنڌ ويهي ڪرڻ گهرجي. ٽي سگهي ٿو تہ ڪمرو بند ڪري ذڪر ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ذڪر لاءِ بهتر ماحول بڻجندو آهي ۽ توجهہ نہ ڇڇندو آهي."[12]

ٽائيٽس برک هرڊ صوفين جو روحاني ذڪر جي اهميت ڏانهن اشارو ڪندي چيو آهي تہ. "ذاڪر ذڪر ۾ ان قدر محو ٿي ويندو آهي جو ان جا سڀ خيالات منجمد (ڄمي) ٿي ويندا آهن ۽ ذڪر سندس اندر وڃي غيبي ڪلمي جي وصال ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ ڪلمي جو ميلاپ خدا تعاليٰ جي ميلاپ ۾ تبديل ٿي ويندو آهي."[13] جان سبحان اشارو ڏنو آهي: "خدا تعاليٰ جي نانءَ جي ذڪر سان ذاڪر سلطان الاذڪار جي ڪيفيت حاصل ڪري وٺندو آهي. مطلب تہ ڪيس پنهنجي باطن ۾ الله تعاليٰ جو نانءُ، ٻول يا ڌن ٻڌڻ ۾ ايندي آهي."[14]

ڪامل درويشن جي ڪلام ۾ جتي ڪلمي، ٻول يا نانءَ جي رياضت ڪرڻ جي تعليم ڏني وئي آهي، اتي صفاتي نالن جي ورد ڏانهن توجهہ اندر اسم اعظم يا حقيقي ٻول سان گڏ وابستہ ڪرڻ جي ڳالهہ ڇيٽي وئي آهي. ٻول جي ان باطني شغل کي ئي شغل الاذڪار چيو ويندو آهي. شبير حسن چشتي لکي ٿو "ان شغل جي لاءِ لازمي آهي تہ شاغل ڪنهن نويڪلي جاءِ ۾ اوڪڙو ويهي پنهي آڱرين سان ڪن بند ڪري. ان عمل سان ڪنن ۾ آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. جنهن وقت اهو اواز ٻڌڻ ۾ اچي تہ شاغل پنهنجو سمورو ڌيان ان آواز ۾ جذب ڪري ڇڏي. اهو آواز هوريان هوريان ايترو تيز ٿي ويندو جو

اهو بازاري پيڙ هل هنگامي واري جاءِ تي بہ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، ان اپياس جو طريقو پنهنجي مرشد کان سکڻ گهرجي."[15]

تصور (ڌيان):

چشتيہ سلسلي ۾ تصور جي اهميت بابت رضوي لکي ٿو: "طالب جي لاءِ اهو لازم آهي تہ ذڪر ڪرڻ وقت ائين محسوس ڪري تہ سندس مرشد سندس سامهون آهي ۽ پاڻ سندس تصور جي رهنمائي ڪري رهيو آهي."• مطلب تہ ذڪر سان مرشد جو تصور وابستہ ٿي وڃي تہ روح باطن ۾ هڪ ڪرو ۽ ساڪن ٿي اسم اعظم سان جڙي وڃي ٿو.

شبير حسن چشتيءَ بابا فريد جي مرشد حضرت بختيار ڪاڪي ۽ چشتي سلسلي جي ٻين درويشن جي وسيلي پنهنجايل روحاني شغل ۾ مرشد جي پاران، جنهن کي هو شغل مرشد ٿو سڏي، اشارو ڪيو اٿس، سندس چوڻ آهي تہ "شاغل کي گهرجي تہ ٻئي اکيون بند ڪري مرشد جو تصور ڪري، مرشد جو تصور هميشہ باطن ۾ سمايل رهڻ گهرجي. شاغل ان حد تائين مرشد جو تصور ڪري جيئن هو پاڻ مرشد جو روپ ٿي وڃي."[17]

ڊاڪٽر نثار احمد فاروقيءَ پنهنجي ڪتاب "چشتي تعليمات" ۾ "خير المجالس" (ص:266) فوائد الفوائد (ص:110) ۽ "سير الاولياءَ (ص:266) جي حوالن سان شيخ جي تصور جي فضيلت ثابت ڪئي آهي. پاڻ حضرت نظام الدين اولياءَ جي وسيلي طالب کي تاڪيد ڪيو آهي تہ هو مرشد جي صورت جو تصور ڪري، باطني اکيون ان طرف رکي ۽ ائين خيال ڪري تہ مان الله تعاليٰ جو ديدار ڪري رهيو آهيان. باطني نظر آسمان ڏانهن رهي ۽ شاغل ائين محسوس ڪري تہ روح جسم کان ٻاهر اچي ويو آهي. آسمان کان اُڪري خدا ۾ جذب ٿي ويو آهي."[18]

اسم اعظم:

مٿي ڪيل ذڪر مان ظاهر آهي تہ صفاتي نالن جو ذڪر ۽ مرشد جو تصور هڪ ڪرائيءَ جي ذريعي سچي نانءَ سان لاڳاپيل آهي. ان تذڪري جي پس منظر ۾ بابا فريد جي ڪلام ۾ ظاهر نانءَ جي باري ۾ مختصر پر

• The preliminary requirement for the Zikr of a Chisti disciple was to imagine that his Shaikh was personally present before him, directing his contemplation.[16]

انتهائي اهم خيالن ۾ لڪل جوهر کي سمجهڻ ڪنهن حد تائين آسان ٿي پوندو آهي. پاڻ چوي ٿو:

فريدا! پڇهل رات نه جاڳيوں جِيوَندڙو مُويوں
جے تیں رب وساریا تَیں رب نه وسریوں(19)

جيڪو طالب رات جي پوئين پهر ۾ سجاڳ نہ ٿو رهي، اهو زندهہ لاش برابر آهي. رات جي پوئين پهر ۾ جاڳي شاغل ڇا ڪندو آهي؟ هو خدا تعاليٰ جي عبادت ڪندو آهي. الله تعاليٰ جي نالي، اسم اعظم جو ذڪر ڪندو آهي ۽ ان ڏانهن پنهنجو توجهہ ڪندو آهي. پاڻ چوي ٿو:

پہلے پہرے پُھلڑا، پھَل بھی پِچھّا رات
جو جاگن لہن سے سائیں کنُوں دات(20)

رات جي پهرئين ٽن پهرن ۾ تہ دنيادار، شهوت پرست ۽ چور بہ جاڳندا آهن. الله تعاليٰ جا درويش سڄي سڄي رات جاڳندا آهن. هو پهرين نانءَ جو ذڪر ڪندا آهن. جيڪو مڪڙين جي ٽڙڻ جيان آهي. چوٿين پهر ۾ جڏهن توجهہ باطن ۾ ڪلمي جي آواز (نانءَ ڏن) ۽ اُن جي نور سان جڙي ويندو آهي تہ روح کي ان مان اعليٰ ۽ پاڪ لذت حاصل ٿي ويندي آهي جنهن کي مٺن ميون جي حاصلات جو درجو ڏنو ويو آهي. بابا فريد ان کي گلَ مان ميوي ۾ تبديل ٿيڻ جو نانءُ ڏنو آهي. اها روح جي باطن ۾ مڪمل طور اسم اعظم ۾ جذب ٿيڻ جي بي مثال ڪيفيت آهي جنهن کي صوفين ۽ سنتن مڪمل طور ڏيان سان مراقبي جي ڪيفيت چيو آهي. ان ڪيفيت ۾ پهچي اندر (باطن) ۾ ڪلمي جو گلزار ٽڙي پوندو آهي. بابا فريد جو چوڻ آهي:

فريدا! رات کتُھوری ونڈیئے سُتیاں مِلے نه بھاؤ
جِنھاں نَین نِندراولے تنھاں مِلن کو آؤ(31)

يعني رات جي پوئين پهر ان خداوند ڪريم جي بارگاهہ مان اسم جي ڪستوري لهي ٿي، اها اهڙن خوش نصيب انسانن کي ملندي آهي، جيڪي ان ويل الله تعاليٰ جي نانءَ جي ذڪر ۾ رڌل رهندا آهن. جيڪي شاغل ڏيان ڏئي، چستائيءَ سان ذڪر ڪندا آهن، انهن جو اندر اسم جي ڪتوريءَ سان واسجي ويندو آهي. ننڊ ۾ مدهوش ماڻهو انهيءَ دان کان محروم رهجي ويندا

آهن. حضرت سلطان باهو جو چوڻ آهي:

1۔ الف الله چُمبے دی بُوٹی مُرشد من وچ لائی ہُو[22]

2۔ اندر بُوٹی مُشک مچایا جاں پُھلن تے آئی ہُو[23]

ڪامل مرشد پنهنجي مريد جي دل ۾ ڪلمي جو ٻج پوکيندو آهي، جڏهن شاغل پنهنجي مرشد پاران مليل اسم جو ذڪر ڪندو آهي ته سندس اندر ۾ خدا تعاليٰ جي سچي نانءَ جو چشمو ڦٽي نڪرندو آهي. جيئن ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ پري ڪان اچڻ لڳندي آهي، ائين شاغل جي رڳ رڳ ۾ ان نانءَ جي خوشبو پکڙجي ويندي آهي. گرو روي داس جي باڻي آهي:

پھل کارن پُھولی بن رائے، پھل لاگا تب پُھول بلائے
گیانے کارن کرم ابھیاس، گیان بھیا تھہ کر مھہ ناس
گھرت کارن دُدھ متھے سیان، جیوت مُکت سدا نِربان
کہہ رویداس پرم بیراگ، ردے رام کی نہ جپس ابھاگ[24]

ٻور ميوي خاطر ايندو آهي. ميوي جي اچڻ سان ٻور سڪي ويندو آهي. عورت مکڻ جي لاءِ ڏڌ ولوڙيندي آهي، جڏهن مکڻ نڪري ايندو آهي ته هوءَ مکڻ ڪيڻ ۾ مگن ٿي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح صفاتي نالن جي ذڪر جو اصل مقصد ڏيان سان، باطن کي اسم سان ڳنڍيٽو هوندو آهي. ڪامل درويشن، انهيءَ عمل کي ميوي ۾ بدلائڻ لاءِ، رات جي پوئين پهر ۾ بارگاهہ الاهيءَ مان ڪٿوڙيءَ واس ڦهلجڻ، کير مان مکڻ نڪرڻ ۽ چنبيليءَ جي ٻوٽي مان خوشبوءِ جي لهرن نڪرڻ جو نالو آهي.

پنهنجو پاڻ سجاڻ:

آپ سنوارہں مَیں مِلیں، میں مِلیاں سُکھ ہوءِ
فریدا! جے تُوں میرا ہو رہیں سبھ جگ تیرا ہوءِ[25]

ٻن مصرعن جي ان سادڙي شلوڪ ۾ بابا فريد ان روحاني رياضت جي وضاحت ڪري ڇڏي آهي جيڪا پاڻ الله تعاليٰ جي حصول خاطر پاڻ ڪئي ۽ طالبن کي به سيکاري. پاڻ آپ سنوارہں (تذڪيہ نفس) مان ملي جون علامتون، 'پنهنجو پاڻ سجاڻ'، يا 'سچي مان' جي سجاڻ لاءِ استعمال ڪيون

آهن. انسان جي اصل "انا" ۽ سندس اصل "مان" يا ان جي اصل هستيءَ جو بنياد روح آهي. موجوده حالت ۾ انسان حواس، نفس ۽ روح جو مرڪب آهي. هن وقت اسان جا حواس سفلي لذتن جي تابع آهن. نفس حواسن جي وس ۾ آهي ۽ اڳتي هلي روح نفس جي اثر هيٺ ٿي چڪو آهي. سنت چرن داس جو چوڻ آهي:

اِندرئين کے بس من رہے من کے بس رہے بُدھ
کہو دمیان کیسے لگے ایسا جہان وِرُدھ[26]

خدائي عظيم جوهر نفس ۽ حواسن جو بيان ناهي. صرف روح ان جو مشاهدو ڪري سگهي ٿو پر جيسين روح، نفس ۽ حواسن جي لذتن ۾ ڦڌل آهي، اهو ان اعليٰ شعور ۽ لطيف اللطيف، اصل جوهر جو مشاهدو ماڻي نه سگهندو. بابا فريد هي ٿو چوڻ چاهي ته تون مرشد جي ٻڌايل شغل جي وسيلي روح ۽ نفس کي اکين پويان يڪسُو ڪر ته ان وسيلي جسم جو هيٺيون حصو بي حس ۽ چرپر کان خالي ٿي ويندو. نفس ۽ روح، حواس ۽ سفلي لذتن جي ڪثافتن کان پاڪ ۽ صاف ٿي ويندا. جنهن جي نتيجي ۾ اکين پويان ساڪن نفس ۽ روح جي ڪلمي (اسم) جي سهاري اندروني روحاني مقامن ۾ اڏام شروع ٿي ويندي، نفس ٻئي روحاني مقام کان آيو آهي. جڏهن روح اسم جي وسيلي ان مقام کان اڪري ٽئين مقام تي پهچي ويندو ته نفس ٻئي مقام تي پنهنجي اصل مرڪز ۾ سمائجي ويندو. ائين روح نفس جي باقيات کان پاڪ ٿي ويندو.

نفس ۽ حواسن جي ڪثافتن کان پاڪ روح کي پنهنجو پاڻ کي سنواريل روح، پنهنجو پاڻ کي سڃاتل روح، پنهنجي مان کي سڃاڻي ورتل روح يا پنهنجي اصل ۽ سچي صورت اختيار ڪيل روح چئي سگهبو. ان طرح پنهنجو اصل آپو حاصل ڪيل روح، اسم جي سهاري بلنديءَ ڏانهن اڏام ڪندو. نيٺ ان مالڪ الڪل جنهن جو هي جز آهي، ان ۾ سمائجي ويندو آهي. "جے تُوں میرا ہو رہیں سبھ جگ تیرا ہوءِ "معنيٰ ڦڙو سمنڊ ۾ ملي سمنڊ بڻجي پوندو آهي. روح مالڪ الڪل ۾ سمائجي، مالڪ الڪل جو روپ (صفتن جو روپ) بڻجي پوندو آهي. ان حالت ۾ جيڪو ڪجهه به مالڪ الڪل جو آهي، روح ان جو وارث بڻجي ويندو آهي.

بابا فريد جو چوڻ آهي: "آج مِلاوا شيخ فريد ٹاکم کُوجڑيا منہہ مچندڑيا"[27] جيڪڏهن تون سفليات کي پڙڪائڻ وارن حواسن تي قابض ٿي ويندين تہ اڄ ئي تنهنجو الله تعاليٰ سان ميلاپ ٿي ويندو. هتي پاڻ هڪڙي لطيف نڪتي ڏانهن اشارو ٿو ڪري، اهو هي تہ جيڪڏهن تون مرشد جي هدايت مطابق روحاني شغل جي وسيلي نفس ۽ روح کي اڪين پويان ساڪن ڪرين، باطن مان ايندڙ الله تعاليٰ جي اسم سان لاڳاپجي وڃين تہ نفس ۽ حواس تنهنجي وس ٿي ويندا ۽ الله تعاليٰ سان تنهنجو باآساني ميلاپ ٿي ويندو.

جيئري مرڻ:

متي ڏنل ٻئي شلوڪ بابا فريد جي هيٺين شلوڪن سان ملائي پڙهڻ گهرجن:

1- فريدا! کوٹھے منڈپ ماڑیاں ایت نہ لائیں چِت
مِٹی پئی اَتولوِیں کوئے نہ ہوسی مِت[28]

2- فریدا! منڈپ مال نہ لاءِ مرگ ستانی چت دھر
سائی جاء سمھال جتھے ہی تؤ ونجنا[29]

پهرئين شلوڪ ۾ بابا فريد فرمائي ٿو تہ ' ايت نہ لائيں چِت' تون محلن ماڙين سان پنهنجي دل نہ لڳاءِ. ٻئي شلوڪ ۾ فرمائي ٿو: 'مرگ ستانی چِت دهر' ان سچائيءَ کي پنهنجي دل ۾ ويهاري ڇڏ. ڇو تہ موت زوراور ۽ اٹل آهي. 'سائی جاء سمہال جِتھے ہی تؤ ونجنا' تون اهائي جاءِ سنڀالي وٺ، جنهن ڏانهن موت کان پوءِ توکي وڃڻو آهي. ان جي مٿاڇري معنيٰ هيءَ بيهي ٿي تہ تون پنهنجي عاقبت سنوارڻ ڏانهن ڌيان ڌر. ان جي اصطلاحي ۽ ڳوڙهي معنيٰ بہ آهي. بابا فريد هيئن نہ ٿو چوي تہ تون زندهہ ئي قبر ۾ هليو وڃ. پاڻ اها سچائي ذهن نشين ٿو ڪرائي تہ جيڪا ڪيفيت موت کان پوءِ حاصل ڪرڻ ٿو گهرين، اها حياتيءَ ۾ ئي حاصل ڪري وٺ. انهيءَ ڪيفيت کي پارتي سنتن، مهاتمائن ۽ صوفي درويشن، جيئري مرڻ جو نالو ڏنو آهي. جيئري مرڻ يا زندهہ هوندي مرڻ، روحاني شغل جي هڪڙي ڪيفيت آهي. جنهن طالب خدا تعاليٰ جي اسم جي ذڪر وسيلي پنهنجي روح کي اکين پويان ۽ وچ ۾

ساڪن ڪري ورتو آهي. ان عمل سان اکين کان هيٺ جسم جو حصو بي حس يا مرده ٿي ويندو آهي ۽ روح اندروني روحاني دنيا ۾ داخل ٿي ويندو آهي. ان شغل ۾ زندگي ۽ موت جو عمل گڏوگڏ هلندو آهي يعني اکين کان هيٺيون حصو مرده ٿي ويندو آهي پر اکين جي مٿان روح شعوري حالت ۾ هوندو آهي. ان ڪري ان شغل کي 'جيئري مرڻ' چيو ويو آهي.

موت اسان جي مرضيءَ سان نہ ايندو آهي، نہ ئي ان تي اسان جو ڪو وس هلي ٿو سگهي. ان ڪانسواءِ هڪڙو ڀيرو مري ويل انسان ٻيهر پنهنجي جسم سميت هن دنيا ۾ اچي نہ ٿو سگهي. پر روحاني شغل ۾ روح کي اکين پوءِ ساڪن ڪندڙ انسان، جيتري دير روحاني شغل جاري رکندو آهي، اوتري دير سندس جسم جو هيٺيون حصو بي حس ۽ ساڪن رهندو آهي. شغل کان پوءِ روح واپس جسم جي هيٺئن حصي ۾ لهي ايندو آهي ۽ جسم وري ساڳي حالت ۾ اچي پنهنجو معمول شروع ڪندو آهي.

'زنده مرڻ' مڪمل ۽ لڳاتار مراقبي کي بہ چئبو آهي جنهن ۾ روح کي اندران مالڪ الڪل جي بارگاهہ ايزديءَ مان ايندڙ ڪلام يا اسم جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ۽ اسم جو نور جيڪو مالڪ جي بارگاهہ مان لهندي نظر ايندو آهي، روح ان آواز کي جهٽي، ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجو سفر طئي ڪندو نيٺ مالڪ جي بارگاهہ ۾ پهچي ويندو آهي، جتان اهو آواز ۽ روشني اچي رهي آهي.

بابا فريد جي چوڻ مطابق، 'سائی جاء سمہال جِتھے ہی تؤ ونجنا' کي گرو نانڪ صاحب جي هيٺ ڏنل ٻاڻيءَ سان ملائي پڙهڻ وڌيڪ فائدي مند ثابت ٿيندو.

مُئیا جِت گھر جا ہیئے تِت جیو دیا مرمار
انحد شبد سہاوے پائیے گُور وِیچار[30]

مطلب تہ جيئري ئي مرڻ جي حالت ۾ توجهہ باطن ۾ انحد (لامحدود ڪلمي)سان ملي ويندو آهي تہ ان گهر ۾ پهچي ويندو آهي يا اها جاءِ سنڀالي وٺندو آهي، جتي موت کان پوءِ وڃڻ لاءِ بي تاب رهندو آهي.

بابا فريد موت جي اٽلتا جو خيال دهرائيندي انسان کي روحاني شغل سان زنده رهندي، پنهنجو ڏيان اکين پويان بيهاري ڏيان ڏري ڪلمي سان

جوڙڻ جي هدايت ٿو ڪري، جيئن طالب ان زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي روح کي الله تعاليٰ ۾ جذب ڪري وٺي. سنت نام ديو جو چوڻ آهي، "مُوئے هُوئے جؤ مُکت دیهۀ کے مُکت نه جانے کوئلا"[31] يعني تون موت کان پوءِ نجات حاصل ڪرڻ جي اميد نہ رک، جيڪو زندگيءَ ۾ اڻ ڄاڻ آهي، ان کي مرڻ کان پوءِ بي اي، ايم اي جي سند ملي نہ سگهندي، جيڪو حياتيءَ ۾ چوڙ ڊاڙيل آهي، اهو موت کان پوءِ سنت، مهاتما نٿو بڻجي سگهي. اسين جيڪي ڪجهہ حاصل ڪندا آهيون، اهو جيئري جاڳندي ئي حاصل ڪري سگهندا آهيون. بابا فريد، گرو نانڪ ۽ سنت نامديو جو چوڻ آهي: جيڪا ڪيفيت تون موت کان پوءِ حاصل ڪرڻ ٿو گهرين، اها ڪيفيت جيئري ئي روحاني ذڪر وسيلي حاصل ڪر. حضرت سلطان باهو ان سلسلي ۾ فرمائي ٿو: "نام فقير تِنا دا باهُو قبر جِنہاں دی جِیوے ہُو"[32] قبر جيئي، جو اشارو جيئري مرڻ ڏانهن آهي، ان ڪيفيت ۾ اکين کان هيٺ جسم جو حصو شعوري حالت ۾ هوندو آهي. پاڻ ان ڪيفيت کي "مرن توں پہلے مرنا" ۽ 'حیاتی وچ مرنا' جي ڪيفيت جو نالو ڏنو اٿس.

١. مرن تواگے مرگئے باہُو، تاں مطلب نوں پایا ہُو[33]

٢. واه نصیبه اوہندا جہڑا وچ حیاتی مردا ہُو[34]

سائين بلهي شاهہ روح جي، جسم جي هيٺين حصي مان سِر کي اکين جي پويان ساڪن ۽ يڪسُو ٿيڻ جي ڪيفيت کي 'سچي هجرت' ۽ 'سچي اسلام' ۾ داخل ٿيڻ سڏيو آهي. سچو ذاڪر پنهنجي اندر اسم سان لؤن لڳائي، ان سان وابستہ ٿي بي مثال ڪيفيت حاصل ڪري سگهي ٿو.

بُلهیا ہجرت وچ اِسلام دے میرانت ہے خاص آرام
نت نِت مراں تے نِت نِت جِیواں میرا نِت نِت کُوچ مقام[35]

'نِت نِت مراں تے نِت نِت جیواں': نهايت معنيٰ خيز آهي. جڏهن ذڪر ۽ تصور ۾ مهارت ٿي ويندي آهي تہ ذاڪر آسانيءَ سان روح کي اکين پويان ساڪن ڪري دنيا خاطر مرده ٿي ويندو آهي ۽ ذڪر کان پوءِ روح کي اکين کان هيٺين حصي ۾ آڻي ۽ وري دنيا ۾ زندهہ ٿي ويندو آهي. اهڙو ذڪر ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ڪري ٿو سگهجي. سائين بلهي شاهہ حديث جي

حوالي سان چوي ٿو جيئري ئي مرڻ واري ڪيفيت حاصل ڪندڙ ذاڪر ئي الله تعاليٰ جي حضور ۾ رسائي جو سرور حاصل ڪري سگهندو آهي.

مُوتو اقبل ان تمو توا ہو یاں، مویاں نُوں پھیر جوالی او یار
بُلها شوه میرے گھر آیا، کر کر ناچ وِکھا لی او یار[36]

پاڻ هدايت ٿو ڪري تہ:

کراں نصیحت وڈی ے کوئی، سُن کر دِل تے لاویں گا
موئے تاں روزے حشر نُوں اُٹھن، عاشق نه مرجاویں گا
ے تُوں مریں مرن توں اگے، مرنے دا مُل پاویں گا[37]

ذاڪر جيئري مرڻ جي ڪيفيت حاصل ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندو آهي، ڇو تہ ان عمل سان ئي سچو عاشق بڻجي سگهندو آهي ۽ سندس بندگي ۽ رياضت ثاب پوندي آهي ۽ هو حياتيءَ ۽ موت جي چڪر مان آزاد ٿي سچي نجات يا دائمي زندگي حاصل ڪري سگهندو آهي.

بابا فريد ۽ اسم جو حصول:

بابا فريد جي زندگيءَ جي حاصلات جو مطالعو ڪنديء اسان ڏٺو تہ هُن مرشد جي صحبت ۾ اچي، دل ۽ جان سان مرشد جي هدايت مطابق عبادت ڪئي. جڏهن پاڻ مرشد پاران ٻڌايل ڪلمي (اسم) جي ورد ڪرڻ ۾ نمايان ترقي حاصل ڪري ورتائين تہ هڪ اهم واقعو ٿي گذريو. سندس مرشد حضرت بختيار ڪاڪيءَ جو پير مرشد خواجہ معين الدين چشتي دهليءَ ۾ آيل هو. فريد بندگي ۽ عبادت ۾ رڌل رهڻ ڪري ڏاڍو نبل ٿي ويو هو. خواجہ صاحب سندس حالت ڏسي چيو "بختيار هن ڪي ڪجهہ ڏي" حضرت ڪاڪيءَ وڏي عاجزيءَ سان ورانئيس "حضور اوهان جي هوندي مان ڪيس ڏيڻ وارو ڪير ٿيندو آهيان." خواجہ صاحب جي حڪم سان حضرت ڪاڪيءَ فريد جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليو ۽ سندس ٻيو هٿ خواجہ معين الدين پنهنجي هٿ ۾ ورتو پنهي پيرن مالڪ جي دران دعا گهري تہ "هن نوجوان کي ڪامل درويش جو درجو عطا ڪيو وڃي." شبير حسن چشتي نظامي لکي ٿو:

"ان وقت آسمان مان آواز آيو تہ اها دعا قبول پئي." اهو غيبي آواز ٻڌي، حضرت بابا فريد تي خاص ڪيفيت طاري ٿي وئي.

حضرت قطب بختيار ڪاڪيءَ بابا فريد کي اسم اعظم تعليم فرمايو تہ هن تي علم لدني ظاهر ٿي پيو ۽ حجابن جو پردو کڄي ويو. ان کان پوءِ سرڪار غريب نواز حضرت معين الدين، حضرت بابا فريد کي خاص فرقو عطا ڪيو. حضرت قطب الدين دستار ۽ بيا لوازمات ڏئي خلافت ڏئي خلافت عنايت ڪئي."[38]

مٿين تحرير مان هيٺيان اشارا ملن ٿا:

1ـ ٻن ڪامل درويشن جي رحمت ٿيڻ ڪري بابا فريد تي عجب ڪيفيت طاري ٿي وئي.

2ـ سندس مرشد کيس اسم اعظم جي تعليم ڏني.

3ـ هن تي علم لدني ظاهر ٿيو.

4ـ اهڙي ڪيفيت جي حاصلات تي کيس خلافت سان نوازيو ويو. ڪيفيت معنيٰ مڪمل يڪسوئي يا مراقبي واري حالت. ان کي 'جيئري مرڻ' جي ڪفيت چيو ويندو آهي، ان ڪيفيت جي حاصلات کان پوءِ روح کي بارگاه الاهيءَ مان ايندڙ آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، جنهن کي اسم اعظم، الاهي ٻول، اسم يا نانءُ سڏبو آهي. مرشد پاران بابا فريد کي اسم اعظم جي تعليم ڏيڻ جو مطلب هي آهي تہ مرشد سندس روح کي باطن ۾ ان آواز سان ملائي ڇڏيو جنهن جي ڪري سندن مرشد ۽ حضرت بختيار ڪاڪيءَ جي مرشد (خواجہ معين الدين چشتيءَ) کيس خلافت، درويشي ۽ پيري عطا ڪرڻ جي قابل ڄاتو.

ڊاڪٽر ظهور الحسن اهو واقعو هن ريت بيان ڪيو آهي:

"حضرت معين الدين چشتي اجمير کان دليءَ آيل هو. هُن پنهنجي مريد بختيار ڪاڪيءَ جي سڀني مريدن تي نظر وڌي، فريد هڪ حجري ۾ بندگيءَ ۾ رڌل هو. پاڻ ان حجري ۾ اندر هليا آيا. پاڻ فريد کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ بارگاه الاهيءَ ۾ دعا گهريائين: رب اعليٰ! اسان جي فريد کي قبول ڪر ۽ کيس ڪامل درويش جي مرتبي تي پهچائي ڇڏ. غيب مان آواز آيو. "اسان فريد کي قبول ڪيو" ان تي خواجہ صاحب حضرت بختيار ڪاڪيءَ کي حڪم ڏنو. اسم اعظم جو جيڪو راز

چشتي درويشن جي سيني در سيني هلندو پيو اچي، فريد کي عطا ڪريو. جڏهن ڪين اسم اعظم سان نوازيو ويو تہ هن تي علم لدني جو ظهور ٿيو ۽ بيائيءَ جا سڀ پردا چاڪ ٿي پيا.“[39]

ان بيان مان اشارو ملي ٿو تہ اسم اعظم جو علم سينہ آهي، علم سفينہ ناهي. هي نفس ۽ حواسن سان حاصل ٿيندڙ ظاهري علم ناهي پر روح جو باطني مشاهدو آهي. فوائد الفواد، سير الاوليا، اسرار الاوليا، راحت القلوب ۽ جواهر الفريدي وغيره جي ملفوظات ۾ هر هر ذڪر ڪيو ويو آهي تہ جڏهن بابا فريد تي يڪسوئي جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي تہ ڪيترائي ڪلاڪ ۽ ڪڏهن تہ ڏينهن جا ڏينهن مدهوش ٿي ويندا هئا. هڪ پيريءِ پاڻ ستن ڏينهن تائين عالمِ تغير (حيرت واري ڪيفيت) ۾ رهيو ۽ کيس کاڌي پيتي جي بہ ضرورت محسوس نہ ٿي.[40] اهڙي مراقبي جي حالت ۾ توجهہ اکين ۾ويان مرڪوز ٿي، باطني طور اسم سان وابستہ ٿي ويندي آهي. اهائي بابا فريد ۽ اصل صوفي درويشن جي تعليم آهي.

خواجہ مُعين الدين چِشتي ۽ ڪلمو (اسم):

اسين ڄاڻون ٿا تہ بابا فريد جو تعلق صوفين جي چشتي سلسلي سان آهي. پارت ۾ ان سلسلي جو موجد خواجہ معين الدين چشتي ڪلمي يا نانءَ جي باري ۾ فرمائي ٿو:

١ رُبود جان و دلم را جمالِ نامِ خُدا نواخت تشنه لباں رازُ لالِ نامِ خُدا

٢ وِصال حق طلبی بمنشینِ نامش باش به ین وِصال خُدا دروِصال نامِ خُدا

٣ میانِ اسم و مُسَمیٰ چو فرق نیست به ین تُو در تجلّیٰ اسماء کمالِ نامِ خُدا

٤ یقین بداں که تُو باحق نشتهٔ شب و روز چُو ہم نشینِ تُو باشد خیالِ نامِ خُدا

٥ تُرا سزدِ طیران در فضائے عالمِ قُدس بشرطِ آن که به پری ببالِ نامِ خُدا

٦ چُو نام اُوشنوم گربُو دمرا صد جان فِدائے اُوست بعز و جلالِ نامِ خُدا

٧ معین زِگُفتنِ نامش ملول کے گِردد که از خُداست ملالت ملالِ نامِ خُدا[41]

1۔ نامِ خدا جو حسن منهنجي دل ۽ جان کي وٺي ويو نامِ خدا جي آب حيات سان منهنجي اُڃارن چپن سان سيراب ڪري ڇڏيو.

2۔ جيڪڏهن توکي خدا جي وصال جي آرزو آهي تہ الله تعاليٰ جي اسمر سان ڳنڍجي وڃ. الله جي نانءَ ۾ جذب ٿي وڃ. نامِ خدا سان جذب ٿي وڃڻ ئي خدا جي وصال جو مشاهدو آهي.

3۔ تون اسمر ۽ مسميءَ ۾ فرق نہ ڏس. خدا جي نانءَ سان تون خدا تعاليٰ جي نور تائين پهچي ويندين.

4۔ ﭘﻚ ڄاڻ تہ تون رات ڏينهن، اٺ ئي پهر خدا جي حضور ۾ هوندين. جيڪڏهن تون خدا جي نانءَ سان جڙيل رهندين.

5۔ تون عالمِ قدس (بهشت) ۾ اڏامندين. جيڪڏهن تون خدا جي نانءَ جي پرن سان ڳنڍيل رهندين.

6۔ جيڪڏهن مان سندس نانءَ ٻڌي وٺان تہ سوين حياتيون هن تان نڇاور ڪري ڇڏيان. خدا جي نانءَ جي حُسن (نور) تان مان پاڻ کي قربان ڪري ڇڏيان.

7۔ اي معين! تون خدا جي اسم جي ذڪر کان منهن ڇو ٿو ڦيرين. خدا جي نانءَ کان منهن موڙڻ خدا کان منهن موڙڻ جي برابر آهي.

مٿي ڏنل حوالن مان ظاهر آهي تہ پاڻ اسمر ۽ مسمي (نامي يعني خدا) ۾ ڪو بہ فرق نہ ڄاڻندا آهن. خواجہ صاحب اسمر اعظم کي خدا تعاليٰ جي وصال جو اصل ذريعو ڄاڻندا آهن ۽ اسمر سان وابستہ ٿي وڃڻ کي الله تعاليٰ سان وصال ڄاڻندا آهن. مطلب تہ اسمر ئي روح کي پنهنجي روحاني باطني طبقات ۾ وٺي وڃڻ وارو اصل ذريعو آهي ۽ اسمر ئي روح کي پنهنجي اندر جذب ڪري، خدا تعاليٰ ۾ جذب ڪندو آهي. اسمر اعظم سان چاهت الله تعاليٰ سان چاهت آهي. اسمر اعظم کان پري هجڻ الله تعاليٰ کان پري ٿيڻ جي علامت آهي. پاڻ ٻئي حوالي سان چوي ٿو:

نامِ اُو بر دم اوّل تا چُناں شُد عاقبت
کہ چُو شِیر اندر رگِ جانمر رواں شُد عاقبت
عادِ اُوبا جان چُناں آمیخت کز فرطِ طلب
یادِ اُو اُوگشت اُودر جان نہاں شُد عاقبت[42]

جڏهن مان اول کان آخر تائين، هن جو نانءَ ٿو وٺان تہ منهنجي بدن جي رڳن ۾ کير جون نديون جاري ٿي وڃن ٿيون. سندس ديدار جي طلب، هن

جي ياد، ان طرح منهنجي روح ۾ جذب ٿي وئي آهي، جو هن جي ياد سدا لاءِ سندس روپ بڻجي وئي آهي.

چشم بکشای که آفاق پُر از نُورِ خُداست
خالی از نُورِ خُدا در ہمه آفاق کُجاست
طبلِ عِشقت که در کون و مکان می گویند
پنبه از گوش بُرون کن بشنو کیں چه صد است(43)

تون اکيون کول ۽ ڏس تہ ساري ڪائنات خدا جي نور سان پرپور آهي. ساري ڪائنات ۾ اها ڪهڙي جڳهہ آهي، جتي هن جو نور ناهي. هن جي حسن جو نغارو ٻنهي جهانن ۾ وڄي رهيو آهي. ڪنن مان ڪپهہ (ٻوڙا) ڪڍي ٻڌي ڏس تہ ڪهڙي صدا اچي رهي آهي.

پاڻ وڌيڪ فرمائي ٿو تہ:

بگوشِ جانِ من آمد نِدائے عالمِ غیب
زخوانِ وصل شنیدم صلائ عالمِ غیب
ندائے عالمِ غیب ارزحق نمی شنوی
شنو ز لفظِ پیمبر صدای عالمِ غیب(44)

منهنجي روح جي ڪنن ۾ عالمِ غيب مان صدا اچي رهي آهي، ڄڻ تہ مون کي محبوب جي وصال جي سيج تي سڏيندي هجي. جيڪڏهن ان عالمِ غيب مان ايندڙ آواز ٻڌڻ ۾ نٿو اچي تہ پيغمبر (مرشد) جي هدايت موجب عالم غيب مان ايندڙ آواز ٻڌ.

سندس مراد آهي تہ صفاتي اسم جو ذڪر اسم اعظم ۽ الله تعالىٰ جي ذات جي پُرسرور حصول جو وسيلو بڻجي ويندو آهي.

امير خسرو جو ڪلمو (اسم):

بابا فريد جي جانشين حضرت نظام الدين اولياءَ جي مريد امير خسرو ڏيان جي ڪيفيت ۾ حاصل اسم اعظم جي مشاهدي جو بيان هن ريت ڪيو آهي:

ایکی بھنّور کُنجار سی دُوجے کھنگرُ وہوء
تیجے شبد سنکھ کا چوتھے گھنته ہوء
پانچویں تال جو باجے، چھٹے سومرلی ناتھ

ساتویں بھیر جاگا ہے، اٹھویں شبد مردنگ کا
نویں نفیری ٹال، دسویں گرجے سِندھ ساس خُسرو کوبھہ تال
دس پرکار انحد بجے جِت جوگی بولینِ
اندری تھکی منُو اَ تمکے خُسرو نے کہہ دِین
انحد باجے باجن لاگے، چور نگریا تج تج بھاگے
گُورو نظام کی بھئی دُہائی، خُسرو نے انترلِو لائی۔ (45)

پوري ڳالهہ ’خُسرو نے انترلِو لائی‘ جي چوڌير ڦري ٿي، پاڻ فرمائي ٿو تہ يڪسوئي جي ڪيفيت ۾ من ۽ روح اڪين جي پويان ساڪن ٿي ويندا آهن تہ اندر انحد شبد جا منتڙا سُر ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. انهن نغمن جي سرن ۾ بي پناهہ لطف ۽ سرور، امن ۽ سڪون آهي. انهن الاهي نغمن جو آب حيات پي نفس ۽ حواس جي باقيات ۽ ڪدورتون ختم ٿي وينديون آهن ۽ روح پاڪ ۽ صاف ٿي، خُدا سان وصال جي قابل ٿي ويندو آهي.

حضرت محمد ﷺ، صوفي ازم ۽ ڪلمو (نام):

محمد دارا شڪوه لکي ٿو تہ: اسم جي رياضت سڀ کان اعليٰ آهي. رسول ڪريم ﷺ بابت، بيبي خديجہ، حضرت غوث الثقلين ۽ حضرت ميان مير جي حوالي سان چوي ٿو تہ، ”حضرت محمد ﷺ رسالت کان اڳ اسم جي آواز جو شغل ڪندا هئا. مٿن جيڪا وحي نازل ٿيندي هئي، اها ان ڪيفيت ۾ نازل ٿيندي هئي.

This practice of hearing the Voice of the Silence is path of the Faqirs, the Sultan-ul-azkar or the king of the pracrices.

This sound existed from before the creation of the worlds, and exists even now and will continue to exist even when the worlds enter into non-existence. This sound is called the infinite and absolute sound. There is practice higher than of hearing this sound.

From many authentic traditions, collected in the six authentic Hadis, Volumes, we learn that our Prophet (may the blessing and peace of God be on him) was devoted to this practice, both before and after his attaining the rank of the prophet-hood. But none of the learned men

have found out the secret of this mystery, and have not consequently tried to practice it.

Hazrat Mianji used to say that Ghau-us-Saqlain related, "Our Prophet was in the cave of Hurrah for six years, plunged in this meditation of Sultan-ul-azkar, and I myself have been in that cave for twelve years engaged in the practice of this meditation, and many wonderful and mighty things have been revealed to me." [46]

ٻيا صوفي ڏرويش ۽ اسم:

خواجگانِ چشت وٽ ٿي نہ پر ٻين ڪامل فقيرن، گرو ۽ پيرن وٽ جيڪو باطني راز هوندو آهي، اهو اسم اعظم، شبد يا نانءُ هوندو آهي، مريد جي روح کي اندران اسم اعظم سان ڳنڍڻ، مرشد جي رحمت جي انتها آهي. خدا جي هستيءَ جي علامت اهو اسم اعظم انسان جي اندر ۾ آهي. حضرت سلطان باهوءَ جو فرمان آهي، "اندر ڪلمه ڪل ڪل ڪردا"[47] سندس مطابق مرشد پنهنجي مريد کي ان اسم سان ڳنڍيندو آهي جيڪو بنا زبان جي پڙهجندڙ ۽ بنا ڪنين ٻڌجندڙ سبق آهي.

مُرشد بادی سبق پڑھایا، پڑھیو بِنا پڑھیوے ہُو
اُنگلیاں وِچ کنّاں دیتاں، سُنویوں بِنا سُنیوے ہُو[48]

اهو حقيقي ڪلمو بي زبانيءَ جي زبان آهي. ان جو راز ڪامل عارفن وٽ آهي.

1۔ چھوڑِ صِفاتی جِس لدھیوس ذاتی۔[49]
2۔ صِفت ثنائیں مُول نہ پڑھدے، جو ہیتے وِچ ذاتی ہُو۔[50]
3۔ ز۔ زبانی کلمہ ہر کوئی پڑھدا، دِل دا کلمہ کوئی ہُو

جِتھے کلمہ دِل دا پڑھیئے، مِلے زبان نہ ڈھوئی ہُو
دِل دا کلمہ عارِف پڑھدے، جانے کیا گلوئی ہُو۔[51]

سچو ڪلمو ئي انسان جي نجات جو اصل ذريعو آهي. اهو ئي ذاڪر کي ولي يا مرشد بڻائڻ واري طاقت آهي. سچو اسم ئي ڪل ڪائنات ۽ ديني ڪتابن جو بنياد آهي:

1ـ کلمے لکھ کروڑاں تارے، ولی کیتے سے راہی ہُو۔[52]

2ـ چوداں طبق کلمے اندر، چھڈ کتاباں علماں ہُو۔[53]

هڪ هنڌ ڏيان واري حالت ۾ باطن ۾ ٻُرندڙ ان اسم کي صوفي درويشن ڪلام الاهي، سلطاني سڏ، صوت سرمدي، آواز مستقيم وغيره ڪيترن ئي نالن سان سڏيو ويو آهي. ڪنهن درويش پنجن اندروني، ڪنهن ستن، ڪنهن چوڏهن آسمانن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هر مقام تي ڪلمي جي جدا جدا آوازن جو اشارو ڏنو آهي. سائين بلهي شاھ جو چوڻ آهي:

اس بنسی دے پنج ست تارے، آپو آپنی سُر بھر دے سارے
اِک سُر سبھ وچ دم مارے، ساڈی اِس نے ہوش بُھلائی
بنس کا بن اچرج بجائی[54]

يعني بارگاھ خدا مان اسم جي ايندڙ هڪ ئي صدا ڌار ڌار منڊلن (طبقات) ۾ ڌار ڌار لئي ۾ ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. مولانا روم جو چوڻ آهي:

خاموش پنج نوبت بِشنو زِ آسمانے
کاں آسمانے بیرُوں ز آں ہفت ایں شش آمد۔[55]

پنهنجي توجھ کي ساڪن ڪري آسمان مان ايندڙ پنجئي نوبتون ٻڌ، ڪهڙي آسمان تان؟ اهو جيڪو ڇهن پاسن ۽ ستين آسمان کان مٿاهون آهي. پاڻ ان خيال جي وضاحت ڪندي چوي ٿو ته اهي پنج نوبتون هن مادي دنيا جي ڇهن پاسن کان مٿي، اڪين پويان قائم ستين آسمان ۾ ڌيان کي جاڳتو ڪرڻ سان ٻڌڻ ۾ اينديون آهن.

به ہفتم نوبت پنج داری
چُو خیمه زِ شش جہت برکنده باشی[56]

هاٿرس جو ڪامل درويش حضرت تلسي داس هڪ مسلمان طالبِ حق شيخ تقيءَ کي سمجهائيندي چوي ٿو:

1. قُدرتی کعبے کی تُو محراب میں سُن غور سے
آرہی دُھر سے صدا تیرے بُلانے کے لئے[57]

2. گوشِ باطن ٻوں ڪُشاده جو ڪرے ڪچھ دِن عمل
لاالٰه الله ہُو اڪبر په جانے ڪے لئے[58]

پاڻ فرمائي ٿو جيڪو ذاڪر مرشد جي ٻڌايل طريقي مطابق روح ڪي جسم جي اڪين ڪان، هيٺين حصي ۾ ساڪن ۽ يڪسو ڪري وٺندو آهي، جنهن ڪي پاڻ قدرتي ڪعبي جو محراب ٿو سڏي، ان ڪي مالڪ جي درگاھ ڪان روح ڪي مقامِ حق ۾ واپس وڃڻ خاطر اسم اعظم جو ايندڙ آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. اهو ئي الله تعاليٰ سان وصال جو ذريعو آهي. بابا فريد بہ الله تعاليٰ سان وصال جي لاءِ اسم اعظم، ڪلمي يا نانءَ جهڙي ان ذريعي جي تلقين ڪئي آهي.

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص38
(2) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ106
(3) آد گرنٿ، ص429
(4) آد گرنٿ، ص1153
(5) بابا فريد گنج شڪر، ص87
(6) راحت القلوب، ص39
(7) راحت القلوب، ص17
(8) راحت القلوب، ص65
(9) راحت القلوب، ص63_64
(10) راحت القلوب، ص60
(11) راحت القلوب، ص16_17
(12) تصوف هماري نظر ۾، ص64
(13) برڪر ڊٽاينس، اين انٽروڊڪشن ٽو صوفي ڊاڪٽرِن، ص125_128
(14) سبحان، صوفي ازم، ص100
(15) خواجہ قُطب الدين بختيار ڪاڪي، ص149_150
(16) رضوي، اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا1، ص218
(17) خواجہ قُطب الدين بختيار ڪاڪي ص105
(18) خواجہ نظام الدين اولياء، ص24
(19) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ107
(20) آد گرنٿ، ص1384: : شلوڪ112
(21) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ80
(22_23) حضرت سُلطان باهو بيت1
(24) آد گرنٿ، ص1167
(25) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ95
(26) چرن داس ڪي باني، ڀهاگ1، ص16
(27) آد گرنٿ، ص488
(28) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ57
(29) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ58
(30) آد گرنٿ، ص21
(31) آد گرنٿ، ص1292
(32) حضرت سُلطان باهو بيت49، 93، 151

(33) حضرت سلطان باهو بيت59
(34) حضرت سلطان باهو بيت63
(35) ڪُليات، ص367
(36) ڪُليات، ص103
(37) ڪُليات، ص113
(38) بابا فريد گنج شڪر، ص15
(39) خمخانه تصوف، ص59
(40) هشت بهشت، اسرار الاولياء، ص22
(41) ديوانِ غريب نواز ص17
(42) ديوانِ غريب نواز ص46
(43) ديوانِ غريب نواز ص37
(44) ديوانِ غريب نواز ص27
(45) تذڪرة الاولياء، ص332
(46) محمد دار اشڪوه، رساله حق نما، 16_19
(47) حضرت سلطان باهو بيت16
(48) حضرت سلطان باهو بيت171
(49) حضرت سلطان باهو بيت53
(50) حضرت سلطان باهو بيت113
(51) حضرت سلطان باهو بيت103
(52) حضرت سلطان باهو بيت148
(53) حضرت سلطان باهو بيت16
(54) ڪُليات، ص47
(55) ديوان شمس تبريز، ص138
(56) ڪُليات شمس تبريز، ص824
(57_58) سنت ٿلسي صاحب (هندي) ص72

11

نمازِ معڪُوس

ڪجھ تاريخدانن لکيو آهي تہ بابا فريد نماز معڪوس ادا ڪندو هو "معڪوس" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'ابتو يا ئيڙو' اونڌو لٽڪي ادا ڪيل نماز کي نماز معڪوس چيو ويو آهي. ان حالت ۾ روح اکين جي هيٺين حصي مان نڪري اکين جي ڀوڻان هڪ هنڌ ساڪن ٿي ويندو آهي ۽ اسم اعظم يا نانءَ سان ملي روحاني سفر طئي ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. مٿي ڄاڻايل بيان جي پسمنظر ۾ بابا فريد جي زندگيءَ سان وابستہ ان واقعي کي سمجهڻ آسان ٿيندو تہ ٻارهن سڄي سڄي رات نماز معڪوس ادا ڪندو هو. پوئين باب ۾ اسان ٻڌايو آهي تہ صوفي سالڪ روح کي جسم جي نون لنگهن ڏي اونڌو ڪري، اندر اکين جي ڀوڻان مرڪوز ڪري، ان کي اسم اعظم يا سچي نانءَ سان جوڙيندا هئا. انهيءَ مجاهدي کي 'نرگڻ وادي'سنتن، سرتِ جوڳ، شبدُ سڏيو آهي. (ساڃاھ ڏيندڙ نانءُ) يوڳي ان کي سُرت ابتي ڪرڻ جي ڪوشش يا ابتي مشق جو نانءُ ڏيندا آهن. چشتيہ سلسلي جي درويشن جي چوڻ مطابق، پنهنجايل انهيءَ روحاني شغل جي باري ۾ صوفي درويشن مثال طور شيخ رڪن الدين ۽ شيخ عبدالقدوس جي حوالن سان ڊاڪٽر رضويءَ نهايت اهم تذڪرا ڪيا آهن، جن جو احوال هن ريت آهي:

چشتيہ سلسلي جا صوفي درويش، سج لٿي جي نماز کان پوءِ سڄي رات نماز معڪوس ۾ رڌل رهندا آهن، جنهن کي حضرت محمد ﷺ کان وراثت ۾ مليل رياضت تسليم ڪندا آهن. بابا فريد بہ اهڙي قسم جي نماز ڪيترن ورهين تائين ادا ڪندو رهيو آهي. عام ماڻهو نماز معڪوس جو مطلب اونڌو لٽڪي ذڪر ڪرڻ کي سمجهندا آهن پر شيخ عبدالقدوس ان کي الٽي ساڌنا جو نالو ڏنو آهي، جنهن سان ذاڪر جي اندر سلطان ذڪر (سلطان الاذڪار يا اسم اعظم) واري ڪيفيت پيدا ٿي ويندي آهي. ان طرح ذاڪر

جو ٻاهر ويندڙ ڏيان اندر طرف موٽي ايندو آهي ۽ جسم جي حس ۽ حرڪت (سن) ٿي ويندي آهي ۽ سندس باطن ۾ ناد (اسم اعظم) ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. اهو فنا الفنا واري ڪيفيت حاصل ڪري وٺندو آهي.

After performing the evening Namaz he would begin the zikr-i-jahr. Those who joined him would tire, but the sheikh's absorption in the Wahdat-ul-Wajud failed to quench his enthusiasm. For years after the evening namaz he would perform the namaz-i-makus. Although Chishtis believed this type of namaz to be legacy from the Prophet, as pointed out earlier, Sheikh abu sa'id bin abi al khair was the first known to have practiced it; the first Indian sufi to perform it was Baba Farid. Shaikh abdul Quddus considered it to be the counterpart of ulti sadhna. Continued performance of namaz-e-makus produced in the sheikh in the condition he called sultan-i-zikr in which one experienced strange changes in the physical and spiritual condition including a deprivation of the senses and lack of consciousness. Repeated appearances of the sultan-i-zikr led to the state of fana'al-fana. A description of this spiritual experience, given by Sheikh Ruknu'd-Din whould tend to indicate that sultan-i-zikr was comparable to the Nath Siddha's nad, and that fana'al-fana was state experienced by the jivan-mukta.

a Going against the current (ujana sadhna) or a 'regressive' process, implying a complete 'inversion' of all psycho-physiological process.

b A mystical voice.

"سج لٿي جي نماز پوري ٿيڻ سان ئي سندس نماز جهرَ شروع ٿي ويندي هئي. ان نماز ۾ جيڪي ٻـ ساٿس شامل هوندا هئا تـ اهي سڀ ٿڪجي پوندا هئا پر مرشد جي وحدت الوجود ۾ گم ٿي وڃڻ ڪري، سندس اڃ ان جوش جي ڪري اڃامي ئي نـ سگهندي هئي. ڪيترن ئي ورهين کان هو (بابا فريد) نماز معڪوس، سج لٿي جي نماز کان پوءِ ادا ڪندو هو. جيئن تـ

چشتي درويشن ۾ نماز معڪوس جي لاءِ اهو عقيدو آهي تہ اها نماز ڪين رسول ڪريم جن ڪان ورثي ۾ مليل آهي جنهن جي نشاندهي اڳ ئي ڪيل آهي. شيخ ابو سعيد ابي الخير پهريون شخص هو جيڪو اها نماز ادا ڪندو هو. شيخ عبدالقدوس ان کي ابتو ٿي عبادت ڪرڻ جي متبادل ٿو سمجهي. نماز معڪوس جي مسلسل ادا ڪرڻ سان بابا فريد پاڻ ۾ اهڙي حالت پيدا ڪئي، جنهن کي سلطانِ ذڪر چئجي ٿو. هن حالت ۾ اها نماز ادا ڪندڙ کي، اڻ ڄاتل تبديليون پنهنجي جسماني ۽ روحاني حالت مان گذرندي محسوس ٿينديون آهن، جنهن ۾حواس بند ٿي، مدهوشيءَ واري حالت طاري ٿيو وڃي. هر هر سلطانِ ذڪر ڪرڻ سان انسان تي فنا الفنا واري حالت طاري ٿيو وڃي. شيخ رڪن الدين جي چوڻ مطابق اهو روحاني تجربو سڌانت جي برابر چئي سگهو ٿا. فناالفنا جو تجربو جيون مڪتيءَ سان پيٽي سگهجي ٿو.

أ. ساڌنا جي مخالفت ۾ پوئتي موٽندڙ جي ابتڙ آهي. نفسياتي جسماني حالت جي بنهہ مخالف آهي.

ب. هڪ صوفياڻو آواز آهي."

سُنهو پنڊت اچارج نسبدے، سبد سمائے
سبدے ردھی سدھی سبدے سُکھ مُکتی سبدا نُو ترسائے

حضرت محمد ﷺ تي سلطان الاذڪار جي ڪيفيت ۾ وحي نازل ٿي هئي. ان ڪيفيت ۾ ذاڪر کي پهرين باطن ۾ هلڪي گهنٽي ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. پوءِ هوريان هوريان اهو آواز وڌو ٿيندو ويندو آهي (گهڙيال جيان) شيخ عبدالقدوس مطابق اها ناد (اسم اعظم) جي ڪيفيت آهي جيڪو اعليٰ درجي صوفين کي ئي محسوس ٿيندو آهي.

Shaikh Ruknu'd-Din then compared the condition of sultan-i-zikr with that experienced by the Prophet Muhammad (PAH) when he received wahi. In short, he added that at commencement of sultan-i-zikr, the meditator felt as if he were listening to the humming of a bell whose sound then gradually became hunderous. According to Shaikh Abdu'l-Quddus this had special relevance to Nad and was a privilege of

only a few outstanding sufis.

a. Inspiration received from the angle Gabriel by the ears of the Prophet Muhammad (PAH) the occasion engendered a supernatural condition in the Prophet.

"شيخ رڪن الدين ذڪرِ سلطان کي رسول اللهﷺ جي ڪيل ذڪر سان ڀيٽيو آهي، جڏهن مٿن وحي نازل ٿيندي هئي. هن چيو ته شروعات ۾ سلطان الاذڪار جي گهنڊ جي هلڪي گونج ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. اهو آواز هوريان هوريان گجگوڙ وانگر ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.شيخ عبدالقدوس جي چوڻ مطابق اهو آواز قدرتي ناد صرف مخصوص درويش ئي ڪنائي سگهندا آهن.

أ. وحي جبرائيل ﷺ پاران نبيﷺ کي ڪنن جي وسيلي حاصل ٿيندو هو.ڪڏهن مافوق الفطرت واري حالت به رسول ڪريم تي طاري ٿيندو هو."

موجوده حالت ۾ اسان جي خيال جي وهڪ مٿان کان هيٺ ۽ اندر کان ٻاهر جي طرف وهي رهي آهي. جڏهن ان کي اونڌو ڪري اندرئين طرف نه آڻيندا سون ۽ اندر آڻي اسم اعظم يا الله تعاليٰ جي اسم سان نه ملائيندا سون. روح مقامِ حق ۾ واپس وڃي نه سگهندو.

اڪين مان هيٺين طرف ۽ اندر کان ٻاهر وهندڙ خيالن جي ڌارا کي سنتن ۽ مهاتمائن 'قلب ڪنول جو اونڌو ٿيڻ' چيو آهي. ان کي ٿانءُ اونڌو ٿيڻ جو نالو به ڏنو ويو آهي. جيسين ٿانءُ اونڌو پيو آهي ته ان ۾ بارش جو هڪڙو ڦڙو به اندر وڃي نه سگهندو. جيڪڏهن ٿانءُ کي سڌو ڪيو وڃي ته هوريان هوريان ڀرجي ويندو آهي. سائين بلهي شاهه اشارو ٿو ڪري:

ملی ہے بانگ رسول دی، پُھل کِھڑیا میرا
سدّاہویا میں حاضری، ہاں حاضر تیرا(2)

پاڻ پارتي سنتن جيان 'پُھل کِھڑیا' جي تمثيل جي ذريعي 'ہردے ڪنول' جو سڌو ٿي وڃڻ سڏيو آهي. جڏهن دل جو ڪنول سڌو ٿي وڃي ٿو ته ذاڪر کي اسم اعظم جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، جنهن کي پاڻ بانگِ رسول سان ڀيٽيو اٿس. ان عمل سان مريد هميشه جي لاءِ خدا جي حضور

پھچي ويندو آهي. اها ٻانگ مرشد يا رسول جي وسيلي روح کي مقامِ حق کان سڏ آهي.

دراصل انهيءَ 'اُلٽي سادهنا' يا 'نماز معکوس' جي وسيلي دنيا ۾ جسم جي لُوں لُوںءَ ۾ ڦهليل روح کي ٻاهر کان اندر جسم جي هيٺئين حصي کان مٿي اکين جي ڀرپاسي اونڌو ڪري اندر خدا تعاليٰ جي درٻار مان ايندڙ سلطان ذڪر سان ڳنڍڻ جو تعلق. جسم کي اونڌو ڪرڻ سان نہ. خيال يا توجهہ يعني ساچاهہ جي ڌارا کي ابتو ڪرڻو سان آهي. جسم جي ساڌنا, هٺ مارگ آهي. جڏهن تہ هن آتما جي خواهش سهج مارگ آهي. درجات علوي جي صوفين جسم کي تڪليف ۾ وجهڻ جي تائيد نہ ڪئي آهي. هنن تہ نفس ۽ روح جي مجاهدي جو تاڪيد ڪيو آهي. اهو اونڌو مجاهدو صوفي درويشن جي مجاهدن ۽ ڀارتي سنتن جي روحاني مجاهدن کي پاڻ ملائيندڙ پختي ڪڙي آهي.

سائين بلهي شاهہ هڪڙي ڪافيءَ ۾ اشارو ڪيو آهي:

اُلٹی گنگ بہائیو رے سادھو، تب ہری درشن پائے
پریم کی پُونی ہاتھ میں لیجے، گُجھ مروڑی پڑنے نه دیجے
گیان کا تکلا، دھیان کا چرخه، اُلٹا پھیر بُھوائے
اُلٹے پاؤں کنبھ کرن جائے، تب لنکا کا بھید او پائے
دبسر لُٹیا ہُن لچھمن باقی، تب انحد ناد بجائے
ایہه گت گورو کی پیرس پاوے، گور سیوک تبھی سدائے
امرت منڈل مُوں تب تاری دے کے، ہری ہر ہو جائے
اُلٹی گنگ بہائیو رے سادھو، تب ہری درشن پائے(3)

پاڻ ساڌن جي ٻولي استعمال ڪندي, جنهن ۾ جوڳين جي اصطلاحي ٻوليءَ جو انگ نمايان آهي, روح کي ٻاهران اندر ۾ هيٺان کان مٿي آڻي, خدا تعاليٰ سان ملائڻ جي سموري عمل کي 'الٽي گنگا وهائڻ' 'اُلٹی پھیر بُھو آنا' ۽ 'اُلٹے پیر کنبھ' ڪرڻ چيو آهي- پاڻ اشاري ۾ هيئن چيو اٿس تہ مرشد ڀاران ڏنل اسم اعظم دلي ڌيان سان ذڪر ۽ مرشد جي تصور سان دنيا ۾ جسم جي رڳ رڳ ۾ روںءَ روںءَ ۾ وڪريل روح کي اونڌو ڪري اندر ۾ ٻاهر آڻيو. اهو ئي سچو ڪنڀ, حج ۽ تيرت ياترا آهي. ان سان جسم نما لنڪا ۾ رهندڙ نفس

روپي راوڻ مري ويندو ۽ لنڪا فتح ٿي ويندي ۽ روح حوضِ ڪوثر ۾ وهنجي پاڪ صاف ٿي هريءَ ۾ سمائجي، هريءَ روپ ٿي ويندو. ڀڳت ڪبير چوي ٿو:

سو گُور کربه جے بُہر نه کرنا، سو پدر وبه جے بُہر نه رونا
سو دهيان دهربه جے بُہر نه دهرنا، ايسے مربه جے بُہر نه مرنا
اُلٹی گنگا جُمن ملاوؤ، بِن جل سنگم من مهہ نهاوؤ
لوچا سمسر ايهہ بيوہارا، تت بيچار کيا اور بيچارا[4]

پاڻ اشارو ٿو ڪري تہ جڏهن مرشد جي هدايت مطابق، ذڪر ۽ تصور جي مدد سان روح کي، اکين کان هيٺئين حصي ۾ اونڌو ڪري اکين جي پويان ساڪن ۽ هڪ هنڌ بيهاريندا تہ جيئري ئي مرڻ جي لاثاني ڪيفيت حاصل ڪري وٺندا. جنهن سان حيات ۽ موت جي قيري کان سدا لاءِ ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺندا. پاڻ ان خيال کي مختلف طريقن سان ورجائي ٿو:

تن میں ہوتی کوٹ اُپادهی، اُلٹ بهئی سُکهہ سہج سمادهی
آپ پچهانے آپے آپ، روگ نه بیاپے تینوں تاپ
اب من اُلٹ سنا تن ہُوا، تب جانیا جب جیوت مُو آ
کہو کبیر سُکهہ سہج سماوؤ، آپ نه ڈرؤ نه اور ڈراوؤ[5]

”الٹ بهئی“ ۽ 'اب من اُلٹ سنا تن ہوا': جو مطلب آهي جيسين نفس ۽ روح جو منهن مٿي کان هيٺ ۽ اندر کان ٻاهر آهي، جسم ۽ حواس اڻ ڳڻ خواهشات جو ديرو ٻڌيل آهن. جيستائين روحاني ذڪر جي ذريعي نفس ۽ روح کي باطن ۾ مٿئين پاسي لڙڪايو تہ نفس ”سناتن“ ٿي ويو. يعني پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي ويو مٿس چڙهيل نفساني خواهشات ۽ عمل ۽ تاثرات جي ڪدورت لهي وئي. اهو ٿنهي بخارن مان آزاد ٿي ويو ۽ مراقبي جي ڪيفيت حاصل ٿي وئي. جنهن سان آواگون، من ۽ مايا ۽ ڪال جي هر قسم جي اذيت کان هميشہ لاءِ ڇوٽڪارو ملي ويو. گرونانڪ جي ٻاڻي آهي:

سُکهمن کے گهر راگ سُن، سُنّ منڈل لِوَ لائے
اکتهہ کتها بیچاریے منسا منہہ سمائے
اُلٹ کمل انمرت بهریا ایهہ من کتہونه جائے
اجپا جاپ نه وِسرے آد جُگاد سمائے[6]

گرونانڪ بہ روحاني رياضت کي، 'اُلٽا ڪمل انمرت ڀريا' واري تشبيهي اشاري سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پاڻ چوي ٿو تہ، جڏهن روح شاهہ رڳ ۾ پهچي اسم سان رابطو جوڙي وٺندو آهي تہ هيٺيان سيئي روحاني طبقات عبور ڪندو خدا تعاليٰ جي لابيان وعظ يعني الاهي ڪلمي (اسم) ۾ جذب ٿي ويندو آهي.

گوسوامي تلسي داس لکي ٿو:

اُلٽا نام جپت جگ جانا
بالميک بھئے برہم سمانا(7)

عام خيال آهي تہ مهارشي والميڪ 'رام رام' جي ذڪر بجاءِ 'مرا مرا' جي ذڪر (ورد) وسيلي نجات حاصل ڪئي. 'الٽا نام' جي ذڪر جو اصل مقصد هي آهي تہ جڏهن ڪائنات ءِ جسم ۾ وکريل روح جي شعوري ڌارا کي ٻاهر کان اندر اکين جي هيٺئين حصي ۾ مٿئين طرف اونڌو ڪري اندر اسم (الاهي ڪلمي) جي ڌارا سان ملايو ويندو آهي، تہ اسم جي ڌارا ان کي پرماتما (خدا تعاليٰ) ۾ سمائي ڇڏيندي آهي. هاٿرس جو عظيم سنت تلسي داس صاحب ان نڪتي کي هيئن واضح ٿو ڪري:

اُلٹ چڑھے سوئی برہم کہائی
بِن اُلٹے بہہ مان بڑائی(8)

يعني روح کي جسم جي هيٺئين حصي کان اونڌو ڪري، اکين پويان يڪسو ءِ ساڪن ڪرڻ سان ئي ان کي خدا (برهما) ۾ جذب ڪري ٿو سگهجي. خواجہ حافظ جو فرمان آهي: جيسين تون طبيعت (حواس ءِ جسم) مان ٻاهر نٿو اچين، تہ تون حقيقت جي گهٽيءَ ۾ ڪيئن اچي سگهندين.

تُو کزسرائے طبیعت نمی روی بیروں،
کُجا بکُوئے حقیقت گذر توانی کرد۔(9)

هڪڙو درويش افسوس ظاهر ڪندي چوي ٿو:

حیف در بندِ جسم درمانی،
نشنوی صوتِ پاکِ رحمانی(10)

يعني جسم جي نون دروازن ۾ بند هجڻ جي باوجود، انسان پنهنجي

اندران (اکين پويان) الله تعاليٰ جي پاڪ آواز کي ٻڌي نہ ٿو سگهي.

ظاهر آهي تہ مٿي بيان ڪيل ڳالهين ۾ ذڪر ۽ تصور جي شغل وسيلي روح کي اکين جي هيٺئين حصي کان اونڌو ڪري باطن ۾ اکين جي پويان ساڪن ڪري الاهي اسم سان ڳنڍڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي. اهو ذڪر ئي چشتيہ، قادريہ ۽ سهرورديہ وغيره سلسلن جي صوفي درويشن جي تعليم جو خاصو رهيو آهي. بابا فريد جي ذريعي ادا ڪيل 'نماز معڪوس' جو اشارو انهيءَ ذڪر طرف آهي. ڪين ان طريقي جي ذڪر سان خدا سان وصال جي عظمت حاصل ٿي.

حوالا

(1) رضوي، اي هسٽري آف صوفي ازم ان انڊيا1، ص342

(2) ڪليات، ص277

(3) ڪليات، ص26

(4_5) آدگرنٿ، ص327

(6) آدگرنٿ، ص1291

(7) مانَس 4:193:2

(8) ٿلسي صاحب، پدم ساگر، ص6

(9) ديوانِ حافظ ص122

(10) ديوانِ نياز بريلوي، ص90

12

ٻيڙو ٻريو ٻيٺو آ

بابا فريد جو ڪلام آهي:

ٻيڙا بندھ نہ سکیوں بندھن کی ویلا
بھر سروَر جب اُچھلے تب ترن دُہیلا
ہتھ نہ لاء کسنبھڑے جل جاسی ڈھولا

اِک آپی نے پت لی شَوہ کیرے بولا
دُدھا تھنی نہ آوِئی پھر ہوئے نہ میلا

کہے فرید سہیلیو شَوہ اُلائیسی
ہنس چلسی ڈُمنا، ایہہ تن ڈھیری ہوسی[1]

هن ٻول ۾ پاڻ آگاهہ ٿو ڪري تہ هر ڪم جو وقت مقرر آهي. درياهہ ڪان پار وڃڻ جو خواهش مند، وقت ڪان اڳ ٻيڙو تيار ڪندو آهي، جيڪڏهن درياهہ ۾ چاڙهہ اچي وڃي تہ ان مهل ٻيڙو ڪيئن تيار ڪري سگهبو؟ ان طرح گذريل جواني موٽي نہ ايندي آهي. جڏهن بارگاهہ الاهيءَ ڪان سڏ اچي ويندو آهي تہ روح روپي هنج پڇتائيندو پر ان وقت ڪجهہ نہ ٿيندو هي جسم مٽيءَ جي ڍيري بڻجي ويندو ۽ زندگيءَ جو اصل مقصد حاصل نہ ٿي سگهندو. آخرت ۾ جڏهن اعمال جي پڇا ٿيندي تہ روح وٽ ڪو بہ مناسب جواب نہ هوندو.

گرونانڪ صاحب جو هيٺيون ٻول، بابا فريد جي مٿئين ڪلام جي ترجماني ڪري ٿو:

جب تپ کا بندھ بیڑُ لا جِت لنگھہہ وہیلا
نہ سروَر نہ اُوچھلے ایسا پنتھ سُہیلا

تيرا اڪ نام منجيٺهڙا رتا ميرا چولا سد رنگ ڍولا۔
ساجن چلے پيارئيا ڪئو ميلا ہوئی
جے گُن ہو وبه گنتهڑ بے ملے گا سوئی
آواگون نوارئيا ہے ساچا سوئی
ہوَمَے مار نواريا سيتا ہے چولا
گُور بچنی پهل پائيا سبه کے انمرت بولا
نانک کہے سہیلیهو سبه کهرا پيارا
ہم سبه کير ياداسيا ساچا خصم ہمارا(2)

پاڻ فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن پوري وقت تي خدا تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت جو ٻيڙو تيار ڪري وٺو تہ دنيا جي بحر ۾ ان جي طوفانن جو ڀؤ نہ رهندو. اهڙيءَ صورت ۾ رستو آسان ۽ سفر سک سان گذرندو آهي ۽ روح روپو عاشق، سچي محبوب سان وصال ڪري وٺندو آهي.

بابا فريد ۽ گرونانڪ اسان کي آگاهہ ٿا ڪن تہ زندگيءَ جو اصل مقصد خدا جي عبادت يا نانءُ (اسم اعظم) جي رياضت جي وسيلي الله تعاليٰ سان وصال ڪرڻ آهي. انهيءَ ڪم ۾ سُستي ڪرڻ نہ جڳائي ڇو تہ زندگيءَ جو ڪو بہ ڀروسو ناهي. موت جو اعتبار ناهي تہ ڪڏهن ۽ ڪٿي اچي سهڙي. اسان دنياوي ڪم ڪار ڪرڻ خاطر، پوري طرح تيار رهندا آهيون پر خدا تعاليٰ جي عبادت ۽ اسم اعظم جي رياضت کي، جيڪو زندگيءَ جو اصل ڪم آهي، هميشہ ٽاريندا ۽ درگذر ڪندا رهندا آهيون. اسان ڪيترائي منصوبا ٺاهيندا آهيون تہ اول گهڻي دولت ڪمائي وٺون، ٻارن جون شاديون ڪرائي وٺون، وڏيڪ سڀ دنياوي ڪم پورا ڪري وٺون، پوءِ الله تعاليٰ جي عبادت ڪنداسون. حق جا درويش خبردار ٿا ڪن تہ جيڪو ڪجهہ ڪرڻو آهي اهو اڄ ايا بہ هاڻ ئي ڪريو سڀاڻي جي آسري ۾ رهندؤ تہ پڇتائڻو پوندو. ٻڍاپي ۾ جسم جي طاقت ختم ٿي پوندي آهي. ان وقت الله تعاليٰ جي بندگي يا ڪلمي جي رياضت ڪرڻ ممڪن نہ ٿيندو. اهو بہ تہ ٻڍاپو ڪنهن ڏٺو آهي؟ ڪنهن کي خبر تہ ان درگاهہ مان ڪنهن کي سڏ اچي وڃي ۽ اسان کي هتان لڏڻو پوي. ان ڪري عبادت ڏانهن تڪڙ ۾ مشغول ٿيو يا ان طرف وڌيڪ توجهہ ڏيڻ گهرجي.

هلڻ هارا سپرين:

کتک کُونجاں، چيت ڏونّهہ، سَاون بجليان
سيالے سوہنديان پر، ڳل باہڙيان
چلے چلنہار وچاراں لیئے منوں
گنڈهينديان چھ ماه تڑنديان ہک کھِنو
زمی، پُچھے اسماں، فريدا، کھيوٹ کن گئے
جالن گوراں نال اُلاہمے جِيا سہے [48]

سندن چوڻ آهي تہ هر شيءِ جو وقت مقرر آهي. سرديءَ جي موسم ۾ پري پري کان اڏامي آيل ڪونجڙيون دل موهينديون آهن. چيٽ جي مهيني ۾ جهنگلن ۾ باهہ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. سانوڻ ۾ آسمان ۾ کنوڻ کجندي آهي. سرد موسم ۾ سهاڳڻ جون ٻانهون سهاڳ جي ڳچيءَ ۾ وراڪي جيان پونديون سُوهنديون آهن. جيئن وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اهي سڀ تبديليون ٿينديون رهنديون آهن، ائين دنيا جا انسان پنهنجو وقت گذاري هتان لاڏاڻو ڪري ويندا آهن. جنهن شيءِ جي تڪميل ۾ وڏو وقت لڳندو آهي، ان جي ختم ٿيڻ ۾ هڪ پل مس لڳندو آهي. زندگي موت ۾ بدلجي ويندي آهي. انسان کي قبر ۾ ويٺو پوندو آهي. سندس روح کي عذابن سان منهن ڏيڻو پوندو آهي. بابا فريد تنبيهہ ٿو ڪري تہ دنيا ۾ هميشہ رهڻ جي اميد رکڻ نہ گهرجي ۽ نہ ئي برن ڪمن ڪرڻ کان اڻ ڄاڻائي جو شڪار ٿيڻ گهرجي ۽ نہ ئي ڪڏهن زندگيءَ جي نصب العين کي فراموش ڪرڻ گهرجي. پاڻ فرمائين ٿا:

جے جاناں مَر جايئے گُهم نه آيئے
جهوٹهی دُنيا لگ نه آپ ونجايئے [4]

’جے جاناں مَر جايئے‘: جيڪڏهن انسان ان سچائيءَ کي چڱيءَ طرح سمجهي وٺي تہ موت اٽل آهي، انساني زندگيءَ جو هي سونهري موقعو وري ملي يا نہ ملي تہ هو ڪڏهن بہ هن فاني ۽ ناپائيدار دنيا سان دل لائي ’جهوٹهی دُنيا لگ‘ پنهنجي انمول زندگيءَ کي ناحق برباد نہ ڪري ’نه آپ ونجايئے‘ پاڻ آگاهہ ٿو ڪري:

فريدا! ڪالِين جنهين نه روايا دَمولِين راوے کو
ڪر سائين سِيؤن پِرهڙي رنگ نويلا هو.[5]

'ڪالِين جنهين نه روايا' ڪارا وار جوانيءَ ۾ اڇا وار ٻڍاپي جي نشاني هوندا آهن. پاڻ هوشيار ٿو ڪري تہ توهان ان وهم جو شڪار نہ ٿجو ته جوانيءَ کي حواسن جي لذت ۾ ڦاسائي ڇڏيو ۽ پوءِ ٻڍاپي ۾ خدا جي عبادت ڪريو. 'دَمولِين راوے کو' جنهن طرح جو خيال زندگي ڀر ٻڌبو رهندو اهڙي طرح ئي پيريءَ ۾ بہ قائم رهندو. ٻڍاپي ۾ پهچي، الله تعاليٰ جي بندگي ڪرڻ ناممڪن نہ ئي سهي پر دشوار ضرور آهي. ان ڪري اڄ ۾ هاڻ دل کي حقيقي محبوب جي رنگ ۾ رڱي ڇڏڻ گهرجي. اڳتي پاڻ فرمائن ٿا:

فريدا! سِر پليا داڑهی پلی، مُچھاں بھی پلیاں
رے من گہلے باولے مانیں کیا رلیاں؟[6]

اي پلا انسان! تو گهڻو عرصو حسي لذتن ۾ عيش عشرت ۾ دنيا جي رنگ تماشن ۾ گذاري ڇڏيو. هاڻ جڏهن ٻڍاپو اچي سهڙيو اٿئي، آخري وقت ويجهو اچي پيو اٿئي، گهٽ ۾ گهٽ هاڻي تہ پاڻ سنڀال ۽ زندگيءَ جي اصل مقصد کي پورو ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڏر.

ڏينهن مڙوئي ڏُون:

فريدا! جاں تُو کھٹن ويل تاں تُوں رتّا دُنی سيوں،
مرگ سوائی نِينّه جاں بھريا تاں لديا۔[7]

'جاں تُو کھٹن ويل'. انسان کي مقرر وقت ڪاڻ دنيا ۾ موڪليو ويو آهي. وقت اهو ئي آهي، پوءِ پاڻ کي دنيا جي رنگ ۾ رنگي ڇڏ يا ان کي مالڪ جي رنگ ۾ رنگي ڇڏ. مهاتما ڄلهن چواڻي، "چھوٹے ہُندے ڈمگے چارے، وڈے ہوکے ہل واہيا، بُڈھے ہوکے مالا پھيری، رب دا اُلانبھا لاہيا" اهڙي خيال کي دل ۾ ٻنهه نہ اچڻ ڏجي تہ دنيا ۾ عيش عشرت ڪجي، ٻڍاپي ۾ الله تعاليٰ جي عبادت ڪبي، جيڪڏهن دنياوي ترقيءَ لاءِ جوانيءَ جي اوستا اعليٰ وهي هوندي آهي تہ الله تعاليٰ جي بندگيءَ لاءِ بہ اها جوانيءَ واري وهي ئي بهترين وقت آهي. اهو فيصلو اسان کي پاڻ ئي ڪرڻو آهي. انهيءَ وقت کي پنهنجي ڪاميابيءَ خاطر ئي خرچ ڪرڻو آهي يا روحاني ترقيءَ خاطر

’مرگ سوائي: موت ڏاڍو زوراور آهي.‘ هو وات پٽيو تيز رفتاريءَ سان اسان طرف اچي رهيو آهي. زندگيءَ جي ٻيڙي وڏي تڪائيءَ سان پرجي رهي آهي. نہ ڄاڻ ڪهڙي ويل، ڪهڙي پل ٻيڙي ٻڏي پوي. پاڻ آگاهہ ٿو ڪري:

فريدا! درياوے ڪنّهِ بگلا بيٹھا کيل کرے
کيل کريندے ہنّجهہ نوں اچنتے باز پئے
باز پئے تِس رب دے، کيلاں وسرياں
جو من چِت نہ چيتے سن سو گالی رب کياں(9)

انسان اصل زندگيءَ کي وساري هميشہ دنيا جي رنگ تماشن، نفساني خواهشن ۾ شراب ڪباب جي لذتن ۾ غرق لڳو پيو آهي. هو بنهہ وساري ويهندو آهي تہ هڪڙي ڏينهن موت جو باز جهڙپ هڻي ڪائنس زندگي جهٽي ويندو. ان وقت پڇتائڻ مان ڪو بہ فائدو نہ ٿيندو. ان ڪري دنيا ۾ اچڻ واري اصل ڪم کي اڄ ۾ هاڻ ئي پورو ڪرڻ گهرجي. بابا فريد انسان کي تنبيهہ ڪندي چوي ٿو:

جِت دہاڑے دھن وری ساہے لئے لکھاءِ
مَلَک جے کنّی سُنیندا مُونہہ دِکھالے آءِ
جِنَد نِمانی کڈّھیے ہڈّاں کُوں کڑکاءِ
ساہے لکھے، نہ چلّنی، جِندُو کُوں سمجھاءِ
جِنّد ووہٹی، مرن وَر، لَے جاسی پرناءِ
آپن ہتّھی جول کے کَیں گل لگے دھاءِ
والوں نِکّی نِکی پُرسلات کِنّیں نہ سُنی آءِ
فریدا کِڑی پَوَندی اِی، کھڑا نہ آپ مُہاءِ(10)

’ساہے لکھے، نہ چلّنی، جِندُو کُوں سمجھاءِ‘ پاڻ چوي ٿو جيئن وهانءَ جو مهورت بدلجي نہ سگهندو، ائين موت جو وقت بہ ٽاري نٿو سگهجي. موت سان ڪا بہ روز زبردستي نہ هلندي آهي، نہ ئي چالاڪي. موت جو فرشتو هڪڙو دم بہ وڌيڪ ڪٽڻ نہ ڏيندو. جيئن گهوٽ روئندڙ ڏوئندڙ ڪنوار کي پيڪي گهران وٺي ويندو آهي، ايئن ملڪ الموت بہ روئڻ ۾ دانهڻ جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪندو اهو جسم مان زبردستي روح کي ڪڍي ويندو. ’والوں نِکّی نِکی پُرسلات کِنّیں نہ سُنی آءِ‘. موت کان پوءِ روح کي ڏکيا رستا ۾ پهاڙيون

ڏٺيون پونديون آهن ۽ ڪيل گناهن جي بدلي ۾ اذيتون برداشت ڪرڻيون پونديون آهن. فريدا! ٻئي طرفان سڏ ٻجهي رهيو آهي. ان ڪري وقت وڃائڻ نہ گھرجي.

جو ڪچھ بنے سوا بھی بناؤ،
پھر کا کچھ نہ بھروسہ دمرنا[11]

سوامي مهاراج تاڪيد ٿو ڪري تہ زندگيءَ جو اصل ڪم بنا دير مڪمل ڪري ڇڏڻ گھرجي.

ساھ تي ويساھ ڪھڙو:

فريدا ڄے جاناں تِل تھورڑے سنَبھل بُک بھریں،
ڄے جاناں شَوہ ننڈھڑا تھوڑا مان کریں۔[12]

هتي پاڻ بہ خوبصورت اشارا ڪيا اٿس. پهريون 'تل ٿوڙڙي' يعني ساهن جي پونجي ٿوري آهي، ٻيو 'سھ ننڍڙا' تہ هو بي پرواھ البيلو محبوب پنهنجي موج جو مالڪ آهي، هو اسان جي مرضي پوري ڪرڻ جي لاءِ مجبور ۽ لاچار ناهي پر اسان سندس رضا مڃڻ لاءِ مجبور آهيون. "ٿوڙا مانِ ڪري' اسين حسن ۽ جواني، ڌن دولت، جاھ ۽ حشمت تي ناز ڪري ٿا سگهون. اسين هي شرط نٿا رکي سگهون تہ پهرين دنياوي ڪم ڪاريون پورا ڪري وٺون، پوءِ هن جي عبادت ۽ رياضت ڪنداسون. جيترو جلد هن جي عبادت ۽ رياضت ۾ لڳي پونداسون اسان جي حق ۾ اهوئي بهتر آهي. پاڻ آگاھ ٿو ڪري:

فريدا! کوٹھے ڈُمکن کیتڑا؟ پر نِندڑی نِوار
جو دینھ لدھے گانویں گئے وِلاڑ وِلاڑ[13]

انساني زندگي گهر جي ڇت جي ڏور جيان آهي. ان انسان جي سمجھ ٻوجھ جي متعلق ڇا چئجي، جيڪو اکيون بند ڪري ڇت تي ڊوڙي رهيو هجي. 'پر نِندڑي نِوار' افسوس جو انسان ان محبوب کان اکيون بند ڪيو ويٺا آهن. ان مالڪ ڪل کان منهن موڙي ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي مرضيءَ واري رستي تي بي تهاشا ڊوڙندو ٿو وڃي. 'جو دينھ لدھے گانويں' زندگيءَ جا ڏينهن، ڪٽيل آهن ۽ وڏي تيزيءَ سان گذرندا پيا وڃن. 'گئے وِلاڑ وِلاڑ' پلائي

ان ۾ آهي تہ پنهنجي اصلي ڪم ڏانهن ڌيان ڌريو وڃي.

ديکھ فريدا جو تهِيا: داڑهی ہوئی بُهور،
اگّا نيڑے آئيا پِچهّا رہيا دُور۔[14]

پاڻ تنبيھ ٿا ڪن تہ تو اڄ سياڻي ڪندي سڄي عمر فضول ضايع ڪري ڇڏي، 'پڇا'يعني زندگيءَ جو ڪنارو پري رهجي ويو آهي ۽ 'اگلا' يعني موت جي منزل ويجهي اچي وئي آهي. جواني گذري وئي، ٻڍاپو ويجهو اچي سهڙيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن سبب ڪانِ اڳ ۾ خدا جي عبادت ڏانهن ڌيان نہ ڏنو اٿو تہ هاڻ تہ ان طرف ڌيان ڌريو.

بي قدري لوهر جو قصو:

کندم کُہاڑا سِر گھڑا، وَن کے سر لوہار
فریدا! ہوں لوڑی شَوہ آپنا، تُوں لوڑیں انگیار[15]

هتي هو دنياوي ۽ روحاني رجحان وارن انسانن جو فرق بيان ٿو ڪري. فرمائي ٿو تہ اڪثر ماڻهو لوهر جيان آهن. جيڪي دنياوي جهنگ ۾ قتل ساهن جا وڻ ساڙي ان مان ڪوئلا ٺاهيندا ٿا رهن. ان جي برعڪس روحانيت طرف مائل انسان پنهنجي ساهہ جي پونجي، خدارتي محبوب جي ڳولا ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا آهن.

بابا فريد انسان کي خبردار ٿو ڪري تہ ساهن جي پونجي مقرر آهي. چاهي اها مادي لذتن يا دنياوي ساز و سامان جي اگھرن گڏ ڪرڻ ۾ وڃائي ڇڏيو چاهي اها خدا جي عبادت ۽ رياضت جا هيرا جواهر گڏ ڪرڻ ۾ خرچ ڪري ڇڏيو. ان جي باري ۾ روحاني ادب ۾ هيٺيون مثال اچي ٿو:

"هڪڙي راجا ڪنهن لوهر جي ڪم کان خوش ٿي، کيس چندن جي وڻن وارو هڪڙو باغ انعام طور ڏنو. لوهر چندن جي وڻن جي مُلهہ کان اڻ واقف هو. هو وڻ وڍي، ان مان ڪوئلا ٺاهي بازار ۾ وڪڻڻ لڳو. هوريان هوريان سمورو باغ ختم ٿي ويو. اوچتو هڪ ڏينهن ان راجا جو اتان لنگهڻ ٿيو. راجا ڄاتو ٿي تہ لوهر هاڻ تہ ڪافي مالدار ٿي ويو هوندو پر هو اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ لوهر جي حالت اڳ جهڙي ئي آهي. راجا جي پڇا ڪرڻ تي لوهر سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايس. راجا پڇيس تہ ڪو ڪاٺيءَ جو ٽڪرو بچيل اٿئي؟ لوهر ٻڌايس تہ

صرف ڪهاڙيءَ جو ڳڻ بچيل آهي. راجا ڪيس چندن جي سوداگر ڏانهن، اهو ڪهاڙيءَ جو ڳڻ وڪڻڻ لاءِ موڪليو. لوهار کي ان ڳڻ جا سوين روپيا ملي ويا ۽ ڪيس پنهنجي غلطيءَ جو احساس ۽ پڇتاءُ ٿيو. هن راجا کي عرض ڪيو تہ هڪ ڀيرو ٻيهر اهڙو انعام عطا ڪيو وڃي. راجا ورائيس تہ اهڙو تحفو هر هر نہ ملندو آهي.

ڪبير ڀڳت جو چوڻ آهي:

کہتا ہُوں کہہ جات ہوں، کہوں بجائے ڈھول
سوا سا خالی جات ہے، تین لوک کا مول[16]

گرو ارجن ديو خبردار ٿو ڪري:

بھئی پراپت مانکھ دیہریا، گوبند ملن کی ایہہ تیری بریا
اور کاج تیرے کتے نہ کام، مل سادھ سنگت بھج کوبل نام
سرنجام لاگ بھو جل ترن کے، جنم برتھا جات رنگ مایا کے[17]

ٻيڙو ٻُڪاري پاتڻيڪڙا پڪاري پاتني: (ملاح ٻيڙو سڏي)

فریدا! ڈُکھاں سیتی دینھُ گیا، سُولاں سیتی رات
کھڑا پُکارے پاتنی: بیڑا کپرَ وات![34]

دنيا وارن کي ڏکن جي چڪيءَ ۾ ٻري طرح پيڙبو ڏسي، گرو يا پير (پاتڻي) کين خبردار ڪري رهيو آهي تہ اوهان جي زندگيءَ جي ٻيڙي، حياتيءَ جي سمنڊ جي خوفناڪ ڪُن ۾ ڦاسي پئي آهي. توهان پنهنجي ٻيڙيءَ کي بچايو. بچاءُ جو ذريعو بہ ٻڌائين ٿا تہ:

لَمی لَمی ندی وہے، کندھی کیرے ہیت
بیڑے نُوں کپَر کیا کرے جے پاتن رہے سُچیت[19]

جيڪڏهن تون ڪنهن سچيت مرشد ڪامل جو سهارو وٺندين تہ ٻيڙي صحيح سلامت پار پهچي ويندي. سندس مطلب آهي تہ جيڪڏهن زندگيءَ جي بازي کٽڻ ٿا چاهيو تہ جلدي جلدي نفس جو چيو ڇڏي مرشد جي پناهہ ۾ اچي وڃو.

پکيئڙا ويندا اڏامي:

فريدا! پنکھ پراہُنی دُنی سُہاوا باغ
نوبت وَجّی صُبح سِیوں چلَن کا کر ساج[20]

باغ پل ڪيترو ئي وڻندڙ هجي، باغ ۾ رات جو واهيرا ڪندڙ پکي، صبح ٿيندي ئي اڏامي ويندا آهن. انسان باغ جهڙي دنيا ۾ هڪڙي رات آيو آهي. مسافر ڪڏهن بہ اوطاق (سراءِ) کي پنهنجو گهر نہ ٺاهيندا آهن. 'صبح سئو چلن کا کر ساج' جنهن مسافر کي ڊگهي سفر تي وڃڻو هوندو آهي، اهو سفر جي پوري تياري ڪندو آهي ۽ رستي جو پورو سامان کڻي هلندو آهي.

مسافر جهڙي روح کي بہ آخرت جي سفر جي مڪمل تياري ڪرڻ گهرجي. اها تياري خدا تعاليٰ جي عبادت آهي.

گرو ارجن ديو جو چوڻ آهي:

جیسے رین پراہنے اُٹھ چلہہ پربہات
کیا تُوں رات گِرست سئو سبھ پُھلا کی باگات[21]

بابا فريد بہ خبردار ٿو ڪري:

وات ہماری کھری اُڈینی، کھنّیوں تِکھی بہت پئینی
اُس اُوپر ہے مارگ میرا، شیخ فرید پنتھ سمہار سویرا[51]

راهہ مختصر ۽ آسان هجي، منزل ويجهي هجي، اسان وٽ وقت جي کوٽ نہ هجي تہ جڏهن وٽي سفر شروع ڪري ٿو سگهجي پر اسان جي حالت بنهہ مختلف آهي. عمر مختصر آهي، زندگي غير يقيني آهي. رستو اڻ سڌو ۽ خطرناڪ آهي. رستو تلوار جي ڌار کان تکو ۽ وار کان وڌيڪ سنهڙو آهي ۽ منزل ڪافي پراهين آهي. ان ڪري پنهنجو سفر اڄ ۽ هن مهل ئي شروع ڪري ڇڏڻ گهرجي پر سفر انتهائي خبرداري، ڌيان، همت سان جلد کان جلد طئي ڪرڻ گهرجي. ڪبير صاحب بہ خبردار ٿو ڪري:

بھجہہ گوبند بھول مت جابہہ، مانس جنم کا ایہی لابہہ
جب لگ جرا روگ نہیں آئیا، جب لگ کال گرسی نہیں کائیا
جب لگ بکل بھئی نہیں بانی، بھج لیہہ رے من سارنگ پانی

اب نه بهجس بهجس کب بهائی، آوے انت نه بهيجا جائی
جو کچهہ کربہ سوئی اب سار، پهر پچهتابہ نه پاوبه پار[23]

ظاهر آهي تہ بابا فريد ۾ پين سنتن مهاتمائن قسم قسم جون تنبيهون ۽ هدايتون ڏئي انسان کي دنيا ۾ اچڻ جو اصل مقصد سمجهڻ ۽ ان تي بنا دير عمل ڪرڻ ۾ وڌ کان وڌ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي.

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص794
(2) آد گرنٿ، ص729
(3_4) آد گرنٿ، ص488
(5) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ12
(6) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ55
(7) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ8
(8) موجود ناهي
(9) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ99
(10) آد گرنٿ، ص1377: شلوڪ1
(11) سار بچن نظ 15:14:9
(12) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ4
(13) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ56
(14) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ9
(15) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ43
(16) ڪبير ساکي سنگرهہ، ص89
(17) آد گرنٿ، ص12
(18) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ85
(19) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ86
(20) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ79
(21) آد گرنٿ، ص50
(22) آد گرنٿ، ص794
(23) آد گرنٿ، ص1159

13

ڦيرو ڪج فضل جو

بابا فريد جو ڪلام آهي:

تپ تپ لُوہ لُوہ ہاتھ مروڑو، باوَل ہوئی سو سَوہ لوڑُو
تَیں شَوہ من مَنّہ کیا روس، مُجھ اوگن شَوہ نایں دوس
تَیں صاحب کی میں سار نہ جانی، جوبن کھوءِ پاچھے پچھوتانی[1]

روح پنهنجي دکدائڪ ڳالھ ٻڌائي چوي ٿو: مان محبوب جي ڳولا ۾ ڏاڍو پريشان ۽ بي قرار آهيان. منهنجو محبوب مون کان خفا آهي. ان جي لاءِ مان پاڻ ئي تصور وار آهيان. منهنجو محبوب نہ. مان دنيا جي شڪل صورت، ساز و سامان ۾ ان حد تائين گم ٿي ويس جو مان پنهنجي محبوب کان اڻ ڄاڻ ٿي ويس. اڳتي هلي روح چوي ٿو:

پربہ ہِون کتہہ سُکھ پائے، جاہو نے کرپال تا پربھو ملائے[2]

منهنجي ڏک درد جي هڪڙي ئي دوا آهي تہ خدا وند ڪريم مون تي ڪرم فرمائي، موت کي پاڻ ساڻ ملائي ڇڏي. مون ۾ ايتري طاقت يا عقل فهم ڪٿي، جو مان پاڻ ان محبوب تائين رسائي ڪري سگهان. هو افضل ترين آهي، مان انتهائي ڪريل ۽ ادنيٰ آهيان. هو لطيف اللطيف (پاڪن پاڪ) ۽ مان ڪثيف الڪثيف (پليتن پليت) آهيان. هو قادر ۽ قدير آهي، مان انتهائي عاجز ۽ بي سهارا آهيان. هو سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ آهي ۽ مان جهالت جي انڌيري ۾ ٿاٻا کائي رهيو آهيان. هو سينگار کان اعليٰ ۽ مبرا آهي پر منهنجي لوءَ لوءَ دنيا جي لڳاءَ ۽ مايا ڄار ۾ ڦاٿل آهي. منهنجي ڇوٽڪاري جو فقط هڪڙو ئي ذريعو آهي تہ اهو محبوب پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان مون کي پاڻ سان ملائي ڇڏي.

پرين! پنهنجو ڪرم ڪر:

وِدمن کُهوبِی مُندھ اکیلی
نه کو ساتهی نه کو بیلی
کر کرپا پربھ سادھ سنگ میلی
جا پھر دیکھاں تاں میرا الله بیلی[3]

روح روپي عورت چوي ٿي مان دنيا جهڙي انڌي کوهہ ۾ ڪري پئي آهيان مان بلڪل اڪيلي ۽ بي سهارا هيس. منهنجو ڪو بہ يار و مددگار ناهي. اهڙي ويچاري حالت ۾ خدا تعاليٰ مون تي رحم ڪرم فرمائي. منهنجي ملاقات پنهنجي سچي عابد ۽ عارف ڪامل سان ڪرائي. نتيجو هي نڪتو جو منهنجو پنهنجي محبوب سان ميلاپ ٿي ويو. بابا فريد هيءَ ڳالهہ سمجهائڻ ٿو گهري تہ جيئن کوهہ ۾ ڪريل انسان پاڻ کوهہ مان ٻاهر نڪري نہ ٿو سگهي، اهڙيءَ طرح بحر حيات ۾ غوطا کائيندڙ انسان پنهنجي طاقت ۽ عقل ۽ دانش سان ان کي پار ڪري نٿو سگهي. اهو ڪم خدائي ٻاجهہ سان پورو ڪري ٿو سگهي. اسان پڙهي آيا آهيون تہ اهو خالق پاڻ پنهنجي رضا سان اسان کي اهڙي درويش سان ملائيندو آهي ۽ اهڙي ڪامل درويش سان ملاقات ئي خدا تعاليٰ سان وصال جو ذريعو بڻبي آهي. هتي ان اصول تي ان پاسي کان سوچ ويچار ڪرڻ ضروري آهي تہ رحمت رباني، خدا تعاليٰ جي رحم ڪرم جي اصل معنيٰ ڪهڙي آهي.

ربي رحمت جو اصول روحانيت جو اهم جزو آهي، جنهن کي عقل ۽ دليل سان سمجهڻ ممڪن ناهي. ان سلسلي ۾ صرف هيءَ ڳالهہ نظر ۾ رکڻي پوندي تہ ربي رحمت جو تعلق رب جي پنهنجي اصل رضا، خوشي ۽ موج سان آهي، انسان جي صلاحيت سان ناهي. جيڪا شيءِ اسان کي پنهنجي ڪوشش ۽ اوصافن جي ڪري ڏني ويندي آهي، ان تي اسان جو حق هوندو آهي، ان ۾ ڏيڻ واري جو احسان نہ هوندو آهي، ان جي ڀيٽ ۾ 'ڪرپا' (مهرباني) يعني عنايت ڪيل ڪا بہ شيءِ عنايت ڪندڙ جي خوشيءَ تي ٻڌل هوندي آهي، گرو نانڪ صاحب جو چوڻ آهي تہ 'کرنی آوے کپڑا ندری موکھ دو آر'[4] يعني روح کي اعمال آڌار جسم جو لباس مطلب سرير يا قالب ملي ٿو پر نجات جو دارومدار خدا جي رحمت تي آهي. سائين بلهي

شاھ جو چوڻ آھي: ’عدل ڪرے تاں جا نہيں ڪائی، فضلوں بخرا پاوے‘[5] جيڪڏھن رب تعاليٰ صرف عادل ھجي تہ انسان ڪڏھن بہ ساڻس ميلاپ جي اميد ڪري نٿو سگھي. ”تلسي داس جو چوڻ آھي: ’بن ڪارن دين ديال ہتنگ‘[6] ھو پالڻھار بي سبب ديا يا مھر نہ ڪندو آھي. برف ٿڌي ڇو آھي؟ ان ڪري جو ٿڌ برف جو گڻ آھي. سج گرم ڇو آھي؟ ڇو جو گرمي سج جي قدرتي وصف آھي. الله تعاليٰ رحمان ان ڪري آھي، ڇو جو ھو رحمت جو مجسمو آھي. اسين جنھن کي محبت ڪندا آھيون، ان کي ھميشہ ڪجھ نہ ڪجھ ڏيڻ گھرندا آھيون. خدا تعاليٰ رحم ڪرم ان ڪري نہ ڪندو آھي تہ اسين رحم ۽ ڪرم جي لائق يا حقدار آھيون. ھو رحم ڪرم ان لاءِ ڪندو آھي ڇو تہ محبت ۽ رحمت، ھن جي فطرت، ھُن جي ذات ۾ شامل آھي.

سخي پينوءَ جا گڻ ڏسي، ان کي خيرات نہ ڏيندو آھي. ھو خيرات ان لاءِ ڏيندو آھي، ڇو تہ خيرات ڏيڻ سندس فطرت آھي ۽ کيس خيرات ڏيڻ ۾ خوشي محسوس ٿيندي آھي. گرو ارجن ديو جو چوڻ آھي: ’اڪ جا چڪ منگے دان ڏارے، جا پربھ بھاوے تا ڪر پا دمارے‘[7] فقير خيرات گھرندو آھي. جيڪڏھن سخي ان سان خوش آھي تہ گھرندڙ جي جھولي پري ڇڏيندو آھي. گرو نانڪ صاحب سمجھائي ٿو ’جيوڏ آپ تيوڏ تيری دات‘[8] سخي تہ ان ڪٽا، روپيو پيسو ڪپڙا لٽا، مادي شيون خيرات ڪندو آھي پر ھو مالڪ ڪل اھڙي نرالي رحمت ڪندو آھي جو پنھنجو پاڻ کي انسان صفت پينوءَ جي حوالي ڪري ڇڏيندو آھي. چوڻي آھي تہ ’داتا اوه نه منگيئے پھر منگن جائيے‘ دنيا جو ڪو بہ سخي اسان کي اسان جي گھرڻ واري مجبوريءَ کان سدائين واسطي فارغ ڪري نٿو سگھي پر جڏھن مالڪ الڪل پنھنجي رحمت جي جوش ۾ ايندو آھي تہ ايڏو وڏو دان ڏيندو آھي جو اسان کي پاڻ سان گڏائي فقير مان سخي بڻائي ڇڏيندو آھي.

’فريدا ڪنت رنگا ولاوڏا وے مُحتاج‘[9] ھو الک، بي پرواھ خدا تعاليٰ پنھنجي رضا جو مالڪ آھي. ’داتی صاحب سنديا ڪيا چلے تس نال، اڪ جاگندے نه لہن اڪنا سُتيا دے اُٺھال‘[10] ھو مالڪ الڪل جيڪو ساري ڪائنات کي ڏيندڙ آھي، جنھن جي دين انمول آھي، بخشش ڪندي ويل ڪنھن جو ڳڻ يا اوڳڻ ڏسندو ناھي. نہ ئي پنھنجي بخشش جو عيوض چاھيندو آھي. اسان ڏسندا آھيون تہ ڪيترا ئي پيرا وڏا وڏا صالح، عارف،

گياني سخي ۽ نيڪ ڪردار الله تعاليٰ جي سچي عبادت کان محروم ٿي ويندا آهن. جڏهن تہ گنهگار، بدڪار، بداخلاق، قاتل ۽ نيچ ترين ماڻهو مالڪ الڪل جي عابدن جي صحبت ۾ اچي اعليٰ عابد ۽ زاهد بڻجي ويندا آهن. اهو سڀ خدا تعاليٰ جي رضا ۽ رحمت جو ڪرشمو آهي.

جي محب ڪري منظور:

آپنا لايا پريم نه لگّی جے لوچے سبھ کوءِ
ايه پرم پيالا کهسم کاجَيں بهاوے تَيں دے[11]

اسان جي اندر خدا جي سچي محبت ڪڏهن پيدا ٿيندي؟ ان جو تعلق اسان جي مرضيءَ سان ناهي، خدا تعاليٰ جي رضا سان آهي. ان محبوب حقيقيءَ کي جڏهن منظور ٿيندو آهي تڏهن ئي هو ڪنهن کي پنهنجي محبت جو آب حيات پياريندو آهي. بابا فريد جو چوڻ آهي:

ناتی دهوتی سنبہی سُتی آئے نچند
فريدا رہی سو بيڑی ہنجهہ دی گئی کتهوری گندھ[13]

عورت جو وهنجڻ ۽ سينگار ڪرڻ روح روپي محبوبہ جو پنهنجي محبوب حقيقيءَ سان ميلاپ ڪرڻ لاءِ ڪيل من پسند طرح طرح جي عبادت جون علامتون آهن. محبوبہ اهو چئي نہ ٿي سگهي تہ مون ايترا پيرا سينگار ڪيو. ان ڪري منهنجو پيتار مون کي سيني سان لائيندو. اهڙي طرح ڪو بہ انسان، روزا، نمازون، زڪوات، حج، ذڪر اذڪار، پوڄا پاٺ، پُن دان، تيرت برت، ڌرمي ڪتابن جي تلاوت، ويچار، طرح طرح جي لباس يا زهد وغيره جي زور تي ان حقيقي محبوب سان وصال جو حق جتائي نٿو سگهي. اهڙا عمل ڪرڻ سان خوديءَ جي بدبوءِ ۾ واڌارو ٿيندو آهي پر عاجزي ۽ انڪساري، محبت ۽ پاڻ ارپڻ جي خوشبوءِ پيدا ٿي نہ سگهندي. پيتار سان ميلاپ عورت جي خوبصورتي ۽ ان جي سينگار ۽ لباس تي ناهي، پيتار جي خوشيءَ تي ٻڌل آهي. بابا فريد سان گڏ گرو امر داس پنهنجي هڪڙي شلوڪ ۾ فرمائي ٿو: "نانک سو سہاگنی جو بهاوے بے پروا"[14] ان حقيقي پيتار سان وصال ڪري سچي سهاڳڻ اهائي بڻجي سگهي ٿي، جنهن کي هو خوش ٿي، پاڻ سان ملائڻ ٿو گهري.

فريدا! گرب جنهاں وڈيائياں، دمن جوبن آگاه
خالی چلے دهنی سيوں ٹبّے جيوں مينّہاه[15]

بابا فريد خبردار ٿو ڪري ته جيڪي ماڻهو مادي، دماغي، اخلاقي ۽ روحاني وڏائين تي ناز ڪندا آهن ته اهي رحمٰن جي رحمت کان محروم ٿي ويندا آهن. جيئن ڏڙا برسات جي پاڻيءَ کان خالي رهجي ويندا آهن.

قرآن شريف ۾ ان مالڪ الڪل کي رحمٰن رحيم سڏيو ويو آهي. هو رحمت جو بحر بي ڪنار آهي. هميشه رحمت جي بارش ڪندو آهي. گرو نانڪ ديو جو چوڻ آهي: 'سچ کهنڈ وسے نر نکار. کر کر ديکھے ندر نہال'[16] مقامِ حق ۾ مقيم اهو خداوند ڪريم هر وقت پنهنجي ڪائنات تي رحمت جي بارش ڪري رهيو آهي. اسان اڻ ڄاڻ ماڻهو ان جي رحمت کي محسوس ڪري نه سگهندا آهيون. هن جي رحمت کي سمجهي نه سگهندا آهيون پر هن جي رحمت جي برکا هر وقت جاري آهي. گرو امر داس جو فرمان آهي:

'داتے دات رکھی ہتھ اپنے'[17]

داتا جي خوشي کهڙي ڳالهه ۾ آهي، اهو داتا ئي ڄاڻي ٿو ڪهڙي منگتي کي دان ڏيڻو آهي، ڪنهن کي نه. ڪنهن گهرندڙ کي ڇو؟ ڪڏهن ۽ ڪيئن خيرات ڏيڻي آهي، اهو راز صرف داتا ئي ڄاڻندڙ آهي. گرو نانڪ ديو مطابق: 'اِکنا حُکمی بخسيس اِک حُکمی سدا بهوانی ابه'[18] هڪڙا اهڙا انسان آهن جي رضا الاهيءَ جي ڪري ڪائنات ۾ رلندا رهندا آهن، ٻيا اهڙا آهن جيڪي هن جي رضا ۽ رحمت سان سندس فيض ۽ وصل حاصل ڪري وٺندا آهن. اهو مالڪ الڪل ئي بهتر ڄاڻندو آهي ته ڪهڙي انسان جو هن ڪائنات جو حصو ٿي رهڻ بهتر آهي ۽ ڪنهن جي لاءِ هن ڪائنات کان آزاد ٿي. خالق ۾ سمائجي وڃڻ جو وارو اچي سهڙيو آهي، پاڻ فرمائي ٿو : 'کہو نانک کرتے کیا باتا جو کچھ کرنا سو کر رہیا'[19] خالق جي ڪمن جو صرف خالق کي ئي علم آهي.

خدا جي رحمت جي حصول لاءِ اهڙو فارمولا ٻڌائي نٿو سگهجي ته فلاڻي طريقي سان سندس مهر و ڪرم حاصل ٿي ويندي. جيڪڏهن خدا جي حصول لاءِ ڪوئي مخصوص طريقو طئي ڪري سگهجي ته خدا ان وسيلي جو مطيع ٿي ويندو. خدا تعاليٰ جي رضا يا رحمت کي سندس خوشيءَ بنا،

ڪنهن بہ شيءِ جي طابع ڪري نٿو سگهجي. حقير ۽ ڪمزور انسان پنهنجي ڪوشش جي وسيلي نہ. خدا تعاليٰ جي رحمت سان ئي ان سان واصل ٿي سگهي ٿو. انسان جي نجات ان ڪري ممڪن آهي تہ حقير، ادنيٰ ۽ گنهگار انسان بہ ان رحيم ۽ ڪريم خدا تعاليٰ جي رحمت جي اميد ڪري ٿو سگهي ۽ هن جي حضور ۾ رحم ۽ ڪرم جي لاءِ التجا ڪري ٿو سگهي.

سچ جو سهارو:

سروَر پنکھی ہیکڑو پھاہیوال پچاس
اِیھہ تن لہریں گڈ تِھیا، سچّے تیری آس[19]

’سروَر‘ مان مراد آهي دنيا جو بحر. پنکي هيڪڙو مان مراد آهي عاجز، مسڪين، حقير، هيچ ۽ بي سهارو انسان. ڦاهي وال پچاس جو اشارو نفس، ماديت، شهوت، غيض و غضب، طمع، تڪبر، اميد ۽ خواهش وغيره ڏي آهي. انهن مڙني مخالف طاقتن طرفان انسان جو گهيراءُ ڪيو ويو آهي. ’ايهہ تن لهري گڏ ٿيا‘ روح بري طرح دنياوي رغبت ۽ اعمال جي ڏهڻ ۾ ڦاسي ويل آهي. روح ان ڏهڻ مان جيترو نڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، اوترو ان ۾ ڦاسندو ٿو وڃي. خدا جي حصول جي رستي جو علم نہ هئڻ ڪري انسان ڪهڙا ڪهڙا عمل نہ ٿو ڪري

سڄي دنيا هڪڙي ئي وهڪري ۾ وهندي پئي وڃي. ماڻهو جد امجد جي رسمن ريتن جو ٻانهو بڻجي چڪو آهي. لڪين ماڻهو مندرن، مسجدن ۽ گردوارن ۾ نرڙ گسائڻ جي لاءِ تيار آهن پر انهن جڳهن تي وڃي پيرن فقيرن جي تعليم مطابق عمل ڪري پنهنجي زندگيءَ جو رويو بدلائڻ لاءِ تيار ئي نٿا ٿين. جتي انهن پيرن فقيرن ڏکيون رياضتون ڪيون آهن، اڻ ڳڻ ماڻهو ڪوهن جا سفر طئي ڪري مقدس مقامن جي زيارت ڪرڻ لاءِ تہ بيتاب هوندا آهن. پر انهن پيرن فقيرن جي هدايت مطابق پنهنجو ڌيان باطن ۾ ڪلمي (اسم اعظم) سان جوڙڻ لاءِ ڪيترا ماڻهو بي قرار آهن؟ ڌرمي ڪتابن جي پڙهڻ لاءِ تہ لکين ماڻهو تيار آهن پر انهن مذهبي ڪتابن ۾ آيل تعليم جي مطابق پنهنجي نفس ۽ حواسن کي دنياوي لذتن کان موڙيو، پنهنجو توجهہ ان اسم ڏانهن ڪرڻ جي لاءِ ڪيترا ماڻهو ڪوشش ڪندا آهن؟ ماڻهو مندرن، گرو دوارن ۾ ڏيئا يا ميڻ بتيون ٻارڻ لاءِ تہ تيار آهن پر ڇا

روحاني رياضت ۽ مجاهدن وسيلي نفس کي اکين پويان ساڪن ۽ يڪسو ڪري باطن ۾ ازخود روشن 'جوت' جو ديدار ڪرڻ جي لاءِ ڪيترا ماڻهو شائق آهن؟ اڪثر قومون، مذهب ۽ ملڪ خدا تعاليٰ جي سچي عبادت جي چاڻ نتا رکن. اهو مالڪ جيڪو انسان تي مهر ۽ ڪرم ڪري ٿو صرف ان جو خيال ٻاهرين خيالن ۽ عملن ۽ جهالت کان پاڪ ٿي باطن ڏانهن ڏيان ٿو ڏرائي بابا فريد جو ڪلام آهي:

ڪُجهہ نہ بُجهّي، ڪُجهہ نہ سُجّهي دُنيا گُجّهي بهاه
سائيں ميرے چنگا ڪِيتا نئيں تاں ہنّبهي وجهاں ٻا[21]

ڀاڻ چوي ٿو تہ مان دنيا جي لڪل ٻاهہ ۾ وڪوڙجي چڪو هوس، مون کي ان مان نڪرڻ جو رستو ئي نہ ٿي مليو. الله تعاليٰ مون تي رحم ڪري مون کي ان ٻاهہ مان بچائي ورتو. اهو مالڪ ئي انسان کي نفساني خواهشن جي ٻاهہ کان بچائي ٿو سگهي. ورنہ انسان جو ان ٻاهہ ۾ سڙي خاڪ ٿيڻ يقيني آهي. بابا فريد جا لفظ انتهائي ساده پر وڏا معنيٰ خيز آهن. اسان مان ڪيترا ماڻهو اهڙا هوندا جيڪي دنيا ۾ پکڙيل شيطان ۽ مايا جي ڄار کان باخبر آهن؟ ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن جيڪي حواسن جي خواهشن تي ضابطو ڪري نہ سگهيا آهن پر خواهشون ۽ حواس کين ضابطي ۾ آڻي چڪا آهن. ڪيترا ماڻهو آهن جيڪي اها ڳالهہ ڄاڻن ٿا تہ دنيا جي شڪل صورت تي اسين قابض ناهيون بلڪ اهي سڀ اسان تي قابض آهن. ڪيترا ماڻهو آهن جيڪي هر پل ان ڳالهہ کي ڌيان ۾ رکندا آهن تہ هر عمل جو دير سوير ڦل ڀوڳڻو پوندو آهي. در اصل اسان پرائي تن ۽ ڌن، ٻين جي نندا، چغلي، شراب ڪباب جي لذت کي سُک جو سامان سمجهي، بي تهاشا انهن جي پويان ڊوڙي رهيا آهيون. اسان کي ان ڳالهہ جو احساس نہ هوندو آهي. دراصل هي سڀ اسان جي جسماني، اخلاقي ۽ روحاني تباهيءَ جو سبب آهي. "سائين ميري چنگا ڪيتا. ناهي تہ هون ٻي وجهان آهہ." اها سڄاڻ ان رحيم ڪريم الله تعاليٰ جي رحمت سان ملندي آهي. بابا فريد مٿئين خيال کي ٻين لفظن ۾ هيئن سمجهائي ٿو:

ديکهہ فريدا جو تهِيا: سکّر ہوئی وِس،
سائيں باجهوں آپنے ويدن کہنے کِس۔[22]

’سگر ہونی وِس‘ دنياوي لذتون بظاهر منيون ٿينديون آهن پر انهن جو اثر زهريلو هوندو آهي. گرو نانڪ سمجهائي ٿو، ’بہُه سادہُه دُوکھ پراپت ہووے، بھوگہه روگ سوانت وگووے‘[23] جيترا ڀوڳ (خواهشون) اوترا روڳ، جيترا روڳ اوترا سوڳ، جيتري لذت اوتري تڪليف، جيترو ڏک اوتري پيڙا. جهالت انسان جي سڀ کان وڏي دشمن آهي. جو ته اها اڻ ڄاڻائيءَ ۾ اهڙا اهڙا عمل ڪندو ٿو رهي. جيڪي سندس دين دنيا کي تباه ڪري ڇڏيندا آهن. ان اڻڄاڻائيءَ کان ڇوٽڪارو ڪير ڏياري؟ ’سائيں باجهوں آپڻے ويدن کہڻے کِس.‘ هو مالڪ پاڻ ئي رحم فرمائي، اسان کي انڌيري مان روشنيءَ ۾ آڻي ته آڻي، ٻي صورت ۾ اسان جي نجات جو ڪو ٻه وسيلو ناهي.

رحمت پريو مقدر:

فريدا! دِل رتّا دُنی سيوں، دُنی نه کِیتے کم
مثل فقيراں گاکھڑی سو پائيے پُور کرم[16]

اسان دنيادارن جي دل هن دنيا داريءَ جي چاهت ۾ پوري طرح لڳي ٿي رهي. اسان جي لاءِ دنياوي چاهت ترڪ ڪري درويشن يا سچن عابدن واري ڪيفيت حاصل ڪري وٺڻ مشڪل ئي نه پر ناممڪن آهي، ’سو پائي پور ڪرم‘، اهڙي ڪيفيت جو حصول مقدر ۾ خدا تعاليٰ جي رحمت تي ٻڌل آهي. ’ڪرم‘ عربيءَ ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جو مطلب آهي بخشش، عنايت آهي. هتي ’پور اڪرم‘ ان اصل خالق جي وسيلي روح کي هن ڪائنات ۾ موڪلڻ کان اڳ لکيل رحمت آميز مقدر آهي. پاڻ اشاري ۾ فرمائي ٿو روح پنهنجي ڪوشش ۽ جدوجهد سان نه. ’آد ڪرتا‘ جي وسيلي لکيل رحمت پرئي مقدر وسيلي ئي ڪائنات جي بندشن کان آزاد ٿي، مالڪ الڪل سان وصال ڪري سگهندو آهي.

خدائي عشق جي خيرات:

دِلوں محبّت جِيں سَے اى سچّے آ
جَيں من ہور، مُکھ ہور، سَے کانڈھے کچّے آ۔

رتے عشق خدائے رنگ دیدار کے
وسریا جنہاں نام تے بُھئے بھار تھیئے[36]
آپ لیئے لڑ لاءِ در درویش سے
تِن دمن جنیندی ماؤ آئے سپھل سے
پروردگار، اپار، اگم، بے انت تُوں
جنھاں پچھاتاسچ چُمّاں پیر موں
تیری پنہ خُدا نے تُو بخشندگی
شیخ فریدے خیر دیجئے بندگی[25]

بابا فريد جو چوڻ آهي، جنهن جي دل ۾ خدا جي سچي محبت آهي اهو ئي سچو عابد يا درويش آهي. سچا درويش اهي ئي ٻڌجي سگهن ٿا، جن کي مالڪ پنهنجي رحمت سان پنهنجي پناهه ۾ آڻي ڇڏيندو آهي. مالڪ جو سچو عابد اهو ئي ٿي سگهي ٿو جنهن کي مالڪ پاڻ بڻائيندو آهي.

مٿئين ڪلام مان پڪو اشارو ٿو ملي ته پاڻ سموري روحاني عمل ۽ فعل ۽ حاصلات جو انحصار خدائي رحمت کي ڄاڻائي ٿو. خدا جي عبادت الله تعاليٰ جو عشق ۽ اسم سان جڙيل آهي. خدا تعاليٰ جو عشق، ان جو نالو ان جي عبادت ۽ ان جي درويشي جي خيرات يا بخشش آهي.

سلج تنهن سلوڪ:

'جو گُر دسے واٹ فریدا جولئے' جي بابا ۾ فريد جي هيٺ ڏنل شلوڪ تي وڌيڪ غور ضرورت آهي.

مَیں جانا وڈ ہنس ہے، تاں مَیں کِیتا سنگ
جے جانا بگ بپُڑا، جنم نہ بھیڑی انگ[26]

هنن ٻولن ۾ پاڻ اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس ته صرف ڪامل درويش جي صحبت ڪرڻ گهرجي، ڇو ته اسان انهن جي صحبت ۽ سندن عنايت سان ئي مالڪ جي سچي عبادت ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهون ٿا. ٻگهه جهڙن ڀڳتن يعني اڌورن يا نام نهاد ڀڳتن کان پري رهڻ گهرجي، ڇو ته ان طرح اسان جون ڪيتريون املهه زندگيون ضايع ٿي وڃن ٿيون. سندس هن شلوڪ سان شامل پنهنجي شلوڪ ۾ گرو نانڪ فرمائي ٿو:

کيا ہنس کيا بگُلا، جا کُو نظر دھرے
جے تِس بھاوَے نانکا، کاگوں ہنس کرے[28]

نہ هنج پنهنجي مرضيءَ سان هنج بڻيا آهن ۽ نہ ئي ٻگھہ پنهنجي مرضيءَ سان ٻگھہ بڻيا آهن. جڏهن ان مالڪ جي رحمت ٿيندي آهي تہ هو ڪانون (نفس پرستن) کي بہ هنج (مرشد پرست) بڻائي ڇڏيندو آهي.

رضا ۽ رحمت:

بابا فريد ان ڪان اڳ اشارو ڪندو آيو آهي:

1۔ آپ ليئے لڑ لاءِ در درويش سے
کر کرپا پربھ سادھ سنگ ميلی
جا پھر ديکھاں تاں ميرا الله بيلی

2۔ تيری پنه خُدا نے تُو بخشندگی

3۔ جا ہوئے کرپال تا پربھو ملائے

گرو نانڪ صاحب بہ بابا فريد جي خيال کي اڳتي وڌائيندي فرمائي ٿو تہ مرشد پرستيءَ جو حصول رضاءِ رب تي منحصر آهي. نفس پرستيءَ جو سبب بہ رضا الاهيءَ تي آهي.

پاڻ پھرئين مصرع ۾ 'جا کُو نظر دھرے' ۽ ٻئي ۾ 'جے تِس بھاوَے نانکا' جو اشارو ڏنو اٿس، جيڪو غور طلب آهي. نظر عنايت خيرات يعني بخشش ۽ رضا مهر و ڪرم ۽ حڪم رباني يعني مهر ۽ حڪم سڪي جا بہ پاسا آهن. ڪل ڪائنات هڪ ئي خالق ۽ قادر مطلق جي تابع آهي، سندس رحمت جو روپ آهي. سندس رضا بي رحم يا وهمي ناهي پر رحمت سان پرپور آهي، دراصل ربي رضا سان وجود ۾ آيل ڪائنات سندس رحمت سان قائم آهي. اهو درست آهي تہ رب قادر مطلق ۽ عليم آهي ۽ سندس رضا قادر قدير آهي. طاقت، علم ۽ رضا کي تہ ڪنهن جي خلاف فنا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿو. جڏهن تہ رحمت ان کان ڇٽل آهي. هو مالڪ الڪل پنهنجي بي پناهہ طاقت، علم ۽ رضاءِ مطلق کي ڪائنات جي ڀلائيءَ لاءِ استعمال ڪندو آهي. مخلوق جي نجات جو دارومدار سندس رحم ۽ ڪرم تي آهي. هن جي لامحدود بخشش بہ سندس محبت آميز رحمت جي هڪڙي

شاخ آهي. بنا رحمت جي معافي ملي نہ ٿي سگهي، بنا معافي انسان بخشيا نہ ويندا.

'رباني رضا جو هڪڙو پاسو ان جو حڪم آهي ۽ حڪم ئي الاهي قانون آهي، جنهن جي آڌار ساري ڪائنات روان دوان آهي. هن جو حڪم آئين يا قانون سندس پيار پريل رحمت سان ٽمٽار آهي. بابا فريد جو چوڻ آهي تہ:

فريدا! دُکھ سُکھ اِک کر، دِل تهيں لاه وِکار
الله بهاوے سو بهلا تاں لبّهی دربار [28]

مطلب تہ ڏک سک ۾ فرق نہ ڪريو. پنهنجي دل کي پوريءَ طرح الله تعاليٰ جي رضا جي حوالي ڪريو. ائين ڪرڻ سان خدا تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ رسائي حاصل ڪري وٺندؤ. سندس مطلب هي آهي تہ جڏهن اسان رباني رضا جي دائري ۾ داخل ٿي ويندا آهيون تہ سندس رحمت حاصل ڪري وٺندا آهيون. اسان جي ڀلائي ان ۾ آهي تہ اسان پنهنجي مرضي ڇڏي رباني رضا ۾ اچي وڃون. اهو مالڪ الڪل ۽ سندس رضا، طاقت ۽ علم جو ئي نہ پر عشق ۽ رحمت جو بہ مجسمو آهي. ان ڪري سندس هر ڪم رحمت سان ڀرپور هوندو آهي. جيڪي ڳالهيون مادي نظرئي سان دکدائڪ هونديون آهن يا ظلم سان ڀرپور معلوم ٿينديون آهن، اصل ۾ ان جي پويان بہ رحمت رباني ڪم ڪندي رهندي آهي. اسان جي نظر جي آڏو سچائي جو هڪڙو ننڍو حصو هوندو آهي. ان ڪري اسين حال جي واقعن جو اصل سبب ۽ ان جي اهميت کي صحيح طرح ٿي ڏسي ۽ سمجهي نہ سگهندا آهيون. جيڪڏهن پوئين جنمن جي مڙني عملن جو مڪمل ڏيک اسان جي سامهون اچي تہ اسان کي حال ۾ ٿيندڙ واقعن جو اصل سبب سمجهڻ ۾ مدد ملندي گرو نانڪ صاحب فرمائي ٿو:

کيتيا دُکھ بهوکھ سد مار۔ ايہہ بهی دات تيری داتار [29]

اسان اهو سوچي حيران ٿي ٿا وڃون تہ ڏک، بک ۽ بيماري رحمت ڪيئن ٿي سگهي ٿي! پر اهي سچ پچ خدا تعاليٰ جي رحمت سان ڀرپور عنايتون آهن:

1۔ گرو نانڪ صاحب فرمائي ٿو تہ: 'دُکھ سُکھ پُرب جنم کے کیئے، سو جانے جن داتے دیئے [30] دُکھ سُکھ دِيا جها کيا۔ [31] ڏک سک، بک، بيماري وغيره اسان جي عملن جو ثمر آهن پر اهي سڀ ان

داتا جي رحمت آميز رضا جي شڪل ۾ ايندا آهن. شاهوڪار جو قرض ادا ڪرڻ ۾ وقت ضرور لڳندو آهي، پر قرض ادا ڪرڻ تي قرضدار سرخرو ٿي ويندو آهي. هر عمل ۽ فعل روح تي پيپل پٽر جيان آهي. اعمال جي جيتري پوڳنا هوندي آهي، اوترو وزن روح تان لهي ويندو آهي. اوترو ئي روح جي نور ۾ اضافو ٿيندو ويندو آهي.

2ـ گرو ناناڪ صاحب جو ڪلام آهي: 'دُکھ دارو سُکھ روگ بھيا جا سُکھ تام نه ہونی'[32] جيڪڏهن زندگيءَ ۾ سک ئي سک هجن ته خدا تعاليٰ جي ياد نہ ايندي آهي. ان لحاظ کان اهڙو سک بہ ڏک آهي. بابا فريد ان کان اڳ سمجهايو آهي ته جيڪي نفساني لذتون ڳُڙ جهڙيون مٺيون لڳنديون آهن، اصل ۾ اهي زهر جو اثر رکنديون آهن. جو ته اهي اسان کي مادي ڪائنات ۾ ڦٽڪائي پنهنجي اصل مقام جي اعليٰ لطف ۽ سُرور کان پري رکنديون آهن. هڪڙي مهاتما جو چوڻ آهي: 'بلہاری وه دُکھ کے جو پل پل نام جپائے'[33] ڏک ۾ اسان جو نفس عاجز ٿي ويندو آهي، پل مجبوري جي ڪري ئي سهي، اسان جو توجهہ مالڪ الڪل طرف ٿي ويندو آهي. تلسي داس چوائي: 'تلسی اپنے رام کو بھجوریجھ جاکھیجھ، کھیت پڑا سب نیجے، اُلٹا سُلٹا بیج'[34] مناسب ته اهو ئي آهي ته محبت ۽ سچيءَ دل سان پنهنجي حقيقي محبوب جو تصور ڪريو پر مجبوري ۽ لاچاري حالت ۾ بہ ان طرف مائل ٿيڻ ان کان بي خبر رهڻ کان گهڻو ئي بهتر آهي.

3ـ دنيا جا سڀ فقير درويش چون ٿا ته رب رحيم ۽ ڪريم آهي. جيڪڏهن هو سچ پچ رحيم ۽ ڪريم آهي ته ان جو ڪو بہ ڪم يا عمل رحمت کان خالي ٿي نہ ٿو سگهي. سوامي مهاراج جو چوڻ آهي: 'سُکھ دُکھ دیں کے حکمت دمار'[35] داتا جيڪو بہ سک ڏک ڏئي ٿو اهو انسان جي روحاني بهتريءَ لاءِ هوندو آهي. اسان واقعات ۽ سچائين کي، جسماني، حسي يا مادي نظرئي سان ڏسڻ جا عادي آهيون. اسان ۾ ڏسڻ ۾ ايندڙ منظرن جي پويان اصل سبب کي ڏسڻ واري لطيف ۽ پاڪ روحاني نظر جي کوٽ آهي. ٿي سگهي ٿو

تہ ڪم علميءَ جي ڪري اسان کي گهٽو ڪجهہ نہ رڳو دکدائي پر ظالماڻو بہ محسوس ٿئي ۽ ڪائنات ۾ ڪئي قسم جون ڪوتاهيون ۽ خاميون نظر اچن پر عرفان جي نظر سان ڏٺو وڃي تہ خبر ٿي پئي تہ هيءَ مخلوق ان مالڪ الڪل جي لاءِ لامحدود طاقت، مڪمل علم، موثر رضا ۽ پيار سان پرپور رحمت جي اظهار جو وسيلو آهي. اهو علم بہ ان رحمٰن ڏٺيءَ کان ئي حاصل ٿيندو آهي.

حوالا

(1_3) آد گرنٿ، ص794
(4) آد گرنٿ، ص2
(5) آد گرنٿ، ص148
(6) مائٿس 11:110:6
(7) آد گرنٿ، ص1076
(8) آد گرنٿ، ص349
(9) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ108
(10) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ113
(11) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ4
(12) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ12
(13) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ33
(14) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ31
(15) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ105
(16) آد گرنٿ، ص8
(17) آد گرنٿ، ص604
(18) آد گرنٿ، ص1
(19) آد گرنٿ، ص469
(20) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ125
(21) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ3
(22) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ10
(23) آد گرنٿ، ص1034
(24) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ111
(25) آد گرنٿ، ص488
(26) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ123
(27) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ124
(28) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ109
(29) آد گرنٿ، ص5
(30) آد گرنٿ، ص1030
(31) آد گرنٿ، ص581
(32) آد گرنٿ، ص469
(33) موجود ناهي
(34) موجود ناهي
(35) سار بچن نظم 18:8:3

14

صُوفي فلسفو ۽ گرو مت يا سنت مت

بابا فريد جو تعلق صوفين جي چشتيہ سلسلي سان آهي. سندس ڪلام شري آدگرنت ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ان ڪري صوفي فلسفي ۽ گرو مت جي وچ ۾ لاڳاپي بابت ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جي خواهش جو پيدا ٿيڻ غير فطري ناهي.

آد گرنٿ ۾ ڇهن گرو صاحبن جي ڪلام سان گڏ اوڻٽيهن سنتن جو ڪلام شامل آهي جن ۾ بابا فريد، گرو نانڪ کان ٽي سئو سال ۽ سنت نامديو جن کان ٻہ سئو ورهيہ اڳ ٿي گذريو آهي. بابا فريد مسلمان گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. ٻين سنتن مهاتمائن جو تعلق جدا جدا مذهبن ۽ علائقن سان هو. گرو ارجن ديو جن جو چوڻ آهي، 'مارگ پربھ کا ہرکيا سنتن سنگ جاتا"[1] سندن مطلب هي آهي تہ الله تعاليٰ سان وصال جو ڪو خاص وقت، مخصوص مذهب و ملت، قوم يا مُلڪ جي ڪنهن بہ روحاني شخصيت جي وسيلي وسيلو بڻايو نہ ويو آهي. اهو رستو مالڪ الڪل پاڻ جوڙيو آهي ۽ ازل کان اهو ئي هڪڙو حقيقي وسيلو يا رستو هلندو ٿو اچي.

حضرت عيسيٰ ؑ جو فرمان آهي، "منهنجي تعليم منهنجي ناهي. پر مون کي موڪلڻ واري جي آهي."[2] قرآن پاڪ ۾ فرمان آهي: " (ڪين) چئو تہ اسين الله کي مڃيون ٿا ۽ (پڻ) جيڪو (قرآن) اسان ڏانهن لاٿو ويو آهي ۽ جيڪي (صحيفا) ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جي اولاد ڏانهن لاٿا ويا آهن ۽ جيڪي موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ڏنو ويو ۽ جيڪي ٻين پيغمبرن کي سندن پالڻهار کان ڏنو ويو. تنهن (سڀ) کي (مڃيون ٿا) منجهائن ڪنهن هڪ جي وچ ۾ فرق نٿا پائيون ۽ اسين اُن (هڪ الله) کي مڃيندڙ آهيون."[3] دادو صاحب جو چوڻ آهي:

جو پہنچے تے پُوچھیئے تِن کی ایکا بات
سبھے سیانے ایک مت اُنکی ایکا جات[4]

يعني: جيڪي پهتا تن ڪان پڇو انهن جي هڪڙي ڳالهہ سيئي سياڻا، هڪڙو عقل (علم) سندن هڪڙوئي قبيلو.

مولانا رومؒ جو چوڻ آهي: "اهي خبرون (روحاني اسرار ۽ تجربا) ۽ سچيون روايتون (روحاني اصول ۽ حڪايتون) جن جو مون ذڪر ڪيو آهي، لکين پير ان سان متفق آهن. انهن بزرگن ۾ انهن متعلق ڪو بہ اختلاف ناهي، جيئن ظني علمن يعني عقلي علوم ۾ هوندو آهي."

اين خبر باويں روايات محق — صد ہزاراں پیر بر وے متفق
یک خلافے نے میان این عیون — آن چنا که ہست در علم ظُنُون۔[5]

ان سلسلي ۾ آد گرنٿ ۾ آيل گرو ارجن ديو جي هيٺ ڏنل ٻول تي نظر ٿا وجهون، ان ٻول ۾ هن گرومت جي نظرئي سان اسلام ۽ صوفي فلسفي جي پوري اصول جو اظهار ٻڌائيندي، مڙني مذهبن جي اونهائيءَ ۾ لڪل سچي روحانيت جي مختلف پاسن تي روشني وڌي آهي:

الله اگم خدائی بندے — چھوڈ خیال دنیا دے دھندے
بوئے پے خاک فقیر مسافر — اہه درویس قبول درا
سچ نواج یقین مصلّا — مارِ نِوارِیه آسا منسا
دیہه مسیت، من مولانا — کلم خُدائی پاک کھرا
سرع سریعت نے کمَاوہه — طریقت ترک کھوج ٹولا وہه
معرفت من ماریہه ابدالا — ملہه حقیقت جت پھر نه مرا
قرآن کتیب دِل مابہه کمابی — دس عورات رکھہه بدرابی
پنج مرد صِدق لے بادمہه — خیر صبوری قبول پرا
مکّه مہر، روزه پے خاکا — بہشت پیر لفظ کمائے اندازه
حور نور مُسک خدانیا — بندگی الله اعلیٰ حجره
سچ کماوے سوئی قاضی — جو دل سودھے سوئی حاجی
سو ملّا ملعون نوارے — سو درویس جِس صفت دمرا
سبھے وکھت سبھے کر ویلا — خالق یاد دِلے مہه مولیٰ
تسبیح یاد کریہه دس مردن — سُنَت سِیل بندمان برا
دل مہه جانھو سبھ فی الحالا — خِلخانه برادر ہمُوں جنجالا
مِیر ملک، اُمرے فانائیا — ایک مُقام خدائے درا

اوّل صِفت ڈوجی صابُوری تیجے حلیمی چوتھے خیری
پنجویں پنجے اِکت مقامے ایہا پنج وکھت تیرے اپر پرا
سگلی جان کریہ مودیفا بد عمل چھوڈ گریہ بتھ کُوزہ
خدائے ایک بجھ دیوبہ بانگاں بُرگُو برخُوردار کھرا
حق حلال بخور بو کھانا دل دریاؤ دھو وہو میلانا
پیر پچھانے بہشتی سوئی عزرائیل نہ دوج تھرا
کائیا کردار عورت یقیناً رنگ تماشے مان حقینا
ناپاک پاک کر حدور حدیثا ثابت صورت دستار سرا
مسلمان موم دِل بووہے انتر کی مل دل تے دھووے
دنیا رنگ نہ آوے نیڑے جیُوں کُسم پاٹ گھیئو پاک ہرا
جاکو مہر مہر مہر وانا سوئی مرد مرد مردانا
سوئی سیخ مسائل حاجی سو بندہ جس نظر نرا
قدرت قادر کرن کریما صفت محبت اتھاہ رحیما
حق حُکم سچ خدایا بُجھ نانک بند خلاص ترا۔(6)

ان ڪلام جي معنيٰ سمجهڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون:

الله اگم خدائی بندے چھوڑ خیال دنیا دے دھندے
ہوئے پے خاک فقیر مسافر اہئہ درویس قبول درا

اي انسان! تون جيڪڏهن ان الک (اڻ ڏِس) اگم (عقل ۾ نہ ايندڙ) الله تعاليٰ جو سچو عاشق بڻجڻ ٿو چاهين تہ هن فاني دنيا ۽ ان جي ڌنڌن سان لڳاءُ ڇڏي ڏي، تون سچي فقير جيان، پيرن جي خاڪ بڻجي وڃ ۽ مسافر جيان هميشہ پنهنجي نظر منزل ڏانهن ڏر جيئن تون ان مالڪ جي گهر ۾ قبول پئجي وڃين.

سچ نِواج یقین مُصلّا منسا مار نِواریہ آسا
دیہہ مسیت، من مولانا کلم خُدائی پاک کھرا

تون الله تعاليٰ جي ايمان جو مصلو وڇائي، پنهنجي اندر جي تار پرما تمارو پي سچ سان ملائي ڇڏڻ واري نماز ادا ڪر. تون اميد ۽ خواهش ڇڏي جسم روپي مسجد ۾ داخل ٿي وڃ ۽ نفس روپي مولانا کي باطن ۾ جاري الله تعاليٰ جي پاڪ ڪلام (اسم اعظم) سان ملائڻ جي هانگ ڏي، سندن مطلب

آهي پنهنجي ڏيان کي اکين جي پويان آڻي، اندر خدا تعاليٰ جي سچي ڪلمي سان ڳنڍڻ ئي خدا تعاليٰ جي سچي عبادت آهي.

سرع سريعت لے کما بنه طريقت ترک کهوج تولا وبُه
معرفت من مارسنه ابدالا ملہنه حقيقت جت پهرنه مرا

ان مالڪ الڪل جي پنهنجي اندر ۾ ڳولها ڪرڻ لاءِ تون هن دنيا، ان جي اميد ۽ خواهش ۽ ان جي عيش عشرت جي تمنا ترڪ ڪري ڇڏ. اها ئي سچي شريعت ۽ طريقت آهي. نفس کي قابو ڪرڻ ئي سچي معرفت آهي. روح کي الله تعاليٰ ۾ جذب ڪري فنا في الله واري ڪيفيت حاصل ڪرڻ ئي حقيقت سان ميلاپ ٿيڻ آهي. ان عمل سان روح حيات ۽ موت جي چڪر کان نجات حاصل ڪري وٺندو آهي.

قرآن کتيب دِل مابه کماہی دس عورات رکهیه بدراہی
پنج مرد صِدق لے بادمہه خير صبوری قبول پرا

تون الهامي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ تائين پاڻ کي محدود نہ ڪر. تون قرآن، تورات زبور ۽ انجيل جي تعليم کي دل ۾ وهاري، پنهنجي زندگي ان مطابق بسر ڪج. سچو مسلمان بڻجڻ لاءِ ڏهہ عورات (ڇهہ حواس ظاهري ۽ ڇهہ حواس باطني) کي بداعمالن کان پَلِ. تون شهوت، ڪاوڙ لالچ، لڳاءُ ۽ تڪبر روپي پنجن ئي دشمنن (پنج مرد) کي صدق جي ڏوريءَ سان ٻڌي ڇڏ ۽ الله تعاليٰ جي بارگاهہ مان صبر ۽ شڪر جي خيرات حاصل ڪر. جيئن تون سچو درويش بڻجي الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ قبول پئجي وڃين.

مکّه مہر، روزه پے خاکا بہشت پير لفظ کمائے اندازه
حور نور مُسک خدائيا بندگی الله اعلیٰ حجره

جيڪڏهن تون سچو حاجي بڻجڻ ٿو گهرين تہ عجز ۽ انڪساريءَ جو روزو رکي خدا تعاليٰ جي مڪي ۾ داخل ٿي وڃ. تون مرشد جي هدايت تي پوري طرح عمل ڪرڻ کي سچو بهشت مڄ. تون مرشد جي ٻڌايل روحاني شغلن جي وسيلي، پنهنجو توجهہ پنهنجي اکين جي مٿئين حصي پيشانيءَ واري اعليٰ حجري ۾ ترسائي. يڪدل ٿيءُ اهڙيءَ طرح تون روحاني طبقن ۾ داخل ٿي ويندين، اتي توکي الله تعاليٰ جي پاڪ نور جي خوشبو حاصل ٿي ويندي.

سچ کماوے سوئی قاضی جو دل سودھے سوئی حاجی
سو ملّا ملعون نوارے سو درویس جِس صفت دمرا

جيڪو رب روپي جي سچ سان لنئون لڳائيندو اهو ئي سچو قاضي ٿيندو جيڪو پنهنجي نفس جون ڪدورتون صاف ڪندو آهي، اهو ئي سچو حاجي آهي. جيڪو نفس مردود کي قابو ڪندو ۽ ذڪر ربيءَ ۾ مگن رهندو اهوئي سچو درويش آهي.

سبھے وکھت سبھے کر ویلا خالق یاد دِلے مہہ مولیٰ
تسبیح یاد کرہہ دس مردن سُنّت سِیل بندمان برا

سچو فقير اهو آهي جيڪو هر وقت پنهنجو توجهه باطن ۾ خدا تعاليٰ سان جوڙي رکندو آهي، هر دم موليٰ جي ياد ۾ خوش گذاريندو آهي. سندس تسبيح مسلسل خدا تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ آهي. ذهن ئي حواسن کي دنيا جي لذتن کان پري رکي، ان جي اها سچي تقويٰ آهي. نفس ۽ حواسن کي وس ۾ رکڻ، سندس سچي سُنت آهي.

دل مہہ جانہو سبھ فی الحالا خِلخانه برادر ہمُوں جنجالا
مِیر ملک، اُمرے فانانیا ایک مُقام خدائے درا

رب جو سچو عاشق، عابد يا درويش ٿيڻ جي خواهشمند کي گهرجي تہ سڀ کان پهرين هيءَ ڳالهه سمجهي وٺي تہ ڪٽنب، گهر ۽ سڳا رشتا، سڀ روح کي دنيا ۾ ٻڌي رکندڙ بکيڙا آهن. انهن کي اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ مير بادشاهه يا امير امراءَ سڀ فاني آهن، هڪڙي رب جي دربار کي ڇڏي، دنيا جي ڪهڙي بہ جاءِ تي موت جي چنبي کان ڪو بہ بچي نٿو سگهي.

اوّل صِفت دُوجی صابُوری تیجے حلیمی چوتھے خیری
پنجویں پنجے اِکت مقامے اہا پنج وکھت تیرے اپر پرا

خدا تعاليٰ جي سچي عاشق، عابد، درويش جي لاءِ لازم آهي تہ اهو خدا جو ذڪر، صبر ۽ شڪر ۽ عاجزي سان ڪري، زڪوات يا دان ڏيڻ واريون صفتون اختيار ڪري ۽ مرشد جي ٻڌايل روحاني شغل جي ذريعي پنهنجي ڌيان کي اڪين پويان ساڪن ڪري مقام حق تائين پهچ حاصل ڪري، جتي پنجئي ڪلما هڪ تي ويندا آهن، جن جي ڪري پنجئي وقت اعليٰ ترين نماز ادا ڪرڻ جو فرض پورو ٿي ويندو آهي.

سگلی جان کریہہ مودیفا بد عمل چھوڈ گریہہ ہتھ کُوزہ
خدائے ایک بجھ دیوبہ بانگاں بُرگُو برخُوردار کھرا

پکي پکڻ انسان اچا ٻه ڪائنات جي هر شيءِ ۾ هڪڙي الله تعاليٰ کي جلوه گر ڏسڻ سچي درويش جو سچو وظيفو آهي، برين عادتن کان پري ٿي وڃڻ، فقير جو سچو وهنوار آهي، پنهنجي روح کي خدا تعاليٰ جي بارگاهه مان ايندڙ ٻانگ سان لاڳاپجندڙ شاغل خدا تعاليٰ جو سچو فرمانبردار يا عابد بڻجي پوندو آهي.

حق حلال بخور ہو کھانا دل درباؤ دھو وہو میلانا
پیر پچھانے بہشتی سوئی عزرائیل نہ دوج تھرا

سچو ساڌو هميشه حق حلال جي روزيءَ تي گذر بسر ڪندو آهي، هو فراخدلي، رحم، صبر ۽ تحمل جي وصفن سان حسد ۽ ساڙ جي گند کي ڪڍي دل پاڪ ڪندو آهي، اهو روحاني شغل وسيلي، پنهنجي مرشد کي اندر ٻاهر پسندو آهي، جنهن ڪري هو صرف عزرائيل جي عذاب کان بچي ويندو آهي، پر رب جي درگاهه جهڙي سچي بهشت تائين پهچ حاصل ڪري وٺندو آهي.

کائیا کردار عورت یقیناً رنگ تماشے مان حقینا
ناپاک پاک کر حدور حدیثا ثابت صورت دستار سرا

فقط اهو ئي روح رب روپي مڙس جي محبوبه بڻجي سگهي ٿو جيڪو صرف ان هڪ تي اعتماد ڪندو آهي ۽ سواءِ ان هڪ جي ٻئي جو خيال ٻه دل ۾ اچڻ نه ڏيندو. هو خدا روپي مڙس جي وصال کي سچي سرور جو چشمو مڃي ٿو جيڪو طالب اهڙي سچي محبت جي وسيلي، پنهنجي نفس کي دلي لڳاءَ جي گندگي کان پاڪ ڪري، ان محبوب جي حضوريءَ ۾ پهچي ويندو آهي. اهو ئي اصل ۾ حديث جي مطابق عمل ٿو ڪري، اهو ئي پنهنجي صورت ثابت رکڻ ۽ پنهنجي پڳ بچائڻ جي قابل ٿيو وڃي. مطلب اهو ته مٿي بيان ڪيل وصفن جي مطابق زندگي بسر ڪندڙ شاغل ئي امن، سڪون ۽ سچي عزت ۽ آبروءَ سان خدا تعاليٰ جي درٻار ۾ داخل ٿيڻ جو حقدار آهي.

مسلمان موم دل ہووہے انتر کی مل دل تے دھووے
دنیا رنگ نہ آوے نیڑے جیُوں کُسم پات گھیئو پاک ہرا

جيڪو رحمدل هوندو ۽ پنهنجي نفس کي دنياوي لڳاءَ ۽ نفساني ڪثافتن کان پوري طرح پاڪ رکي، اهو ئي سچو مسلمان يا مومن آهي. هو دنياوي لاڳاپن جي گندگيءَ کان ان طرح پاڪ ۽ صاف رهي، جهڙي طرح ريشم، گل، گيهہ ۽ سائو گاهہ جيڪو ڪڏهن ناپاڪ نہ ٿيندو آهي.

جاکو مہر مہر مہر وانا سوئی مرد مردانا
سوئی سیخ مسائل حاجی سو بندہ جس نظر نرا

وڏو بهادر اهو آهي، جنهن مالڪ الڪل جي مهر ۽ ڪرم سان پنهنجي نفس کي دنياوي چاهتن جي گندگيءَ کان پاڪ رکيو. جنهن کي خدا روپو شهنشاهہ (الله تعاليٰ) پنهنجي رحمت سان پنهنجو غلام بڻائي اهو ئي سچو پير، درويش، سالڪ ۽ سچو مومن آهي.

قدرت قادر کرن کریما صفت محبت اتھاہ رحیما
حق حُکم سچ خدایا بُجھہ نانک بند خلاص ترا۔(6)

ڪائنات ان قادر مطلق جي قدرت آهي. ان رحمٰن جي صفت ۽ محبت لامحدود ۽ بي بيان آهي. هو پاڻ سچو آهي، ان جي رضا بہ سچي آهي. ان خداوند سان ئي لاڳاپجي انسان نفس ۽ ماديت جا بندڻ ڇني نجات حاصل ڪري سگهي ٿو.

گرو صاحب صوفي ۽ اسلامي اصطلاحن جو استعمال ڪندي، سچي روحانيت جي مختلف پاسن تي روشني وڌي آهي. ان طرح سندن بيان ڪيل نظريو ئي سچو گرومت يا سنت مت آهي. اهو صوفي فلسفو آهي ۽ اهو ئي مڙني مذهبن ۾ آيل سچي روحانيت جو نچوڙ آهي. ان بابت درويش تلسي (1763_1893ع) جو هڪ غزل آهي:

دل کا حجرہ صاف کر جاناں کے آنے کے لئے،
دمیان غیروں سے ہٹا اس کے بٹھانے کے لئے۔
چشم دل سے دیکھ یہاں جو جو تماشے ہو رہے،
دل ستاں کیا کیا ہے تیرے دل ستانے کے لئے۔
ایک دل لاکھوں تمنا اس پہ اور زیادہ ہوس،
پھر ٹھکانا ہے کہاں، اس کے ٹھکانے کے لئے۔
نقلی مندر، مسجدوں میں جائے صد افسوس ہے،

قدرتی مسجد کا ساکن، دکھ اٹھانے کے لئے۔

قدرتی کعبے کی تو محراب میں سن غور سے،
آرہی دھر سے صدا، تیرے بلانے کے لئے۔

کیوں بھٹکتا پھر رہا تو اے تلاش یار میں،
راسته شهه رگ میں ہے دلبر په جانے کے لئے۔

مرشد کامل سے مل، صدق اور صبوری سے تقی
جو تجھے دے گا فہم، شہه رگ کے پانے کے لئے۔

گوش باطن ہوں کشاده، جو کرے کچھ دن عمل،
لااله الله اکبر په جانے کے لئے۔

یه صدا تلسی کی ہے عامل، عمل کر دمیان دے،
کن قرآن میں ہے لکھا، الله اکبر کے لئے۔(7)

هي غزل هڪ مسلمان طالب شيخ تقيءَ کي مخاطب ٿي چيو ويو آهي. ان مختصر غزل ۾ سڄي روحاني فسلفي جو نچوڙ نهايت ئي خوبصورت پيرائي ۾ سمجهايو ويو آهي.

دل کا حجره صاف کر جانان کے آنے کے لئے،
دمیان غیروں سے ہٹا اس کے بٹھانے کے لئے

تلسي داس، شيخ تقيءَ سان مخاطب ٿي فرمائي ٿو: اي تقي تون جيڪڏهن پنهنجي باطن ۾ ان محبوب حقيقيءَ جو ديدار ڪرڻ ٿو گهرين تہ سڀ کان پهرين پنهنجي دل جو حجرو صاف ڪر. هن ويل تنهنجي دل دنيا جي ڪوڙ ۽ فاني شين ۽ ساز و سامان سان لڳاءَ جي ڪري خراب ۽ پليت ٿي چڪي آهي. تون پنهنجي دل کي گندگي ۽ پليتيءَ کان پاڪ ڪر. پاڻ هڪڙي رب کانسواءِ ہي هر شيءِ جي پيار کي، غيرن سان چاهت چئي رهيو آهي، اسلام ۾ هڪڙي رب کان سواءِ ہي هر شيءِ سان پيار کي ڪفر يا شرڪ سڏيو ويو آهي.

چشم دل سے دیکھ یہاں جو جو تماشے ہو رہے،
دل ستاں کیا کیا ہے تیرے دل ستانے کے لئے۔

پاڻ هدايت ٿو ڪريس تہ دل جي اک سان ان محبوب جو نظارو ڪرڻ

جي ڪوشش ڪر. دنيا جون جيڪي بہ شيون ڏيکاري ڏين ٿيون. بظاهر وڏيون پرڪشش ۽ خوبصورت ڏسڻ ۾ اينديون آهن. پر اهي نيٺ سک جي بدران ڏک جو سبب بڻجي پونديون آهن. بابا فريد بہ دنيا جي مال ۽ اسباب کي، ڪنڊ گاڏڙ زهر جون ڳُڙيون سڏيو آهي. حق تعاليٰ جا درويش اهو سمجهائڻ ٿا گهرن تہ دنيا جي ظاهري ڏيک ويک کي ڏسي دوکو کائڻ نہ گهرجي. دنيا ۽ ان جي صورتن ۽ ساز سامان ۾ سچو سک ناممڪن آهي. سچو سک فقط مالڪ الڪل جي محبت ۽ ان جي وصال ۾ ئي ملي سگهي ٿو.

ايک دل لاکهوں تمنا اس په اور زياده ہوس،
پهر ٹهکانا ہے کہاں، اس کے ٹهکانے کے لئے۔

جيسين اسان جي دل دنياوي خواهشن سان ڀريل آهي، تيسين ان خداوند ڪريم جي رهڻ لاءِ ڪا بہ جاءِ ڪانهي جيڪو ٿانءُ اڳ ۾ ئي ڀريل هجي، ان ۾ وڌيڪ ڪا بہ شيءِ ڪيئن ٿي وجهي سگهجي؟ ان ڪري 'تلسي' اسان کي ٻڌائي ٿو تہ جيسين دل دنياوي شڪلين، صورتن ۽ ان جي ساز سامان جي پيار سان پُر ٿيل آهي تيسين ان ۾ الله تعاليٰ جو نور ڪيئن ظهور ڪندو؟

نقلی مندر، مسجدوں میں جائے صد افسوس ہے،
قدرتی مسجد کا ساکن، دکھ اٹھانے کے لئے۔

تلسي انساني وجود کي قدرتي مسجد يا مندر ۽ ٻاهرين مندر، مسجد، گرجا گهرن کي نقلي ٿو سڏي. گڏوگڏ افسوس جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو تہ جنهن جسماني مسجد يا مندر کي الله تعاليٰ پاڻ جوڙيو آهي، جنهن ۾ هو پاڻ رهائش پذير آهي، اسين ان قدرتي مسجد، مندر ۾ کيس ڳولڻ بدران سندس ڳولا ۾ ٻاهرين دنيا ۾ ڀٽڪي رهيا آهيون. خدا تعاليٰ جڏهن بہ ملندو جسماني مسجد ۾ ئي ملندو باقي ٻاهر نہ ڪو ڪنهن کي مليو آهي، نہ ئي ملي ٿو سگهي. بابا فريد اڳ ئي چيو آهي:

فريدا! جنگل جنگل کيا بهوِيں؟ وَن کنڈا موڑيں
وسی رب ہيلا ليئے، جنگل کيا ڈهوڈهيہ[8]

انسان جي اندر رهندڙ خدا تعاليٰ کي ٻاهر ڳولڻ ۾ سواءِ دربدري ۽ پريشانيءَ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ ملندو.

قدرتی کعبے کی تو محراب میں سن غور سے،
آرہی دھر سے صدا، تیرے بلانے کے لئے۔

مسلمان ياتر حج ڪرڻ لاءِ مڪي شريف ويندا آهن، اتي ڪعبو آهي، جنهن جي محراب ۾ بيهي ملان بانگ ڏيندو آهي. تلسي صاحب پهرين مصرع ۾ انساني قالب کي مسجد سان تعبير ڪيو آهي. هاڻ ان کي ڪعبي سان تشبيهه ٿو ڏئي. دراصل پاڻ اشاري سان اها ڳالهه سمجهائڻ ٿو گهري ته انساني قالب ۾ اکين جي مٿان وارو حصو محراب آهي، جنهن ۾ خدا تعاليٰ جي بارگاهه مان روح کي واپس ڪوٺڻ جي لاءِ ڪلمي (اسم) جي سچي بانگ مسلسل اچي رهي آهي، جنهن کي صوفي درويشن بانگ الاهي، نداءِ سلطاني، آواز مستقيم، صداءِ سرمدي، صوت سرمدي، نغمهءِ الاهي وغيره جهڙا نالا ڏنا آهن. سندس چوڻ آهي ته جيڪڏهن تون خدا تعاليٰ جي حضوريءَ جو سچو حج ڪرڻ ٿو گهرين ته پنهنجي جسم جي ڪعبي ۾ ان الاهي آواز کي ٻڌ.

ڪامل درويش سمجهائين ٿا ته جڏهن روح کي اکين پوپان ۽ وچ ۾ آڻي بيهاربو ته مڪمل هڪجهڙائيءَ واري ڪيفيت ۾ روح کي مقامِ حق مان ايندڙ آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. اهو آواز روح کي مقام حق ۾ واپس ورڻ جو خدا تعاليٰ پاران پيغام آهي. روح اهو آواز ٻڌي، ياد رکي آسانيءَ سان مقامِ حق يعني پنهنجي اصل جاءِ تي پهچي سگهندو. گرو نانڪ صاحب جي جنم ساکي ۾ چيل آهي ته گرو صاحب کان مڪي شريف جي سفر دوران قاضي رڪن الدين، الله تعاليٰ سان وصال بابت پڇا ڪئي هئي، پاڻ چيائونس:

اُوپر خاصے محل پر دیوے بانگ خُدائے
سُتے بانگ نہ سُن سکن رہیا خدائے جگائے
سُتی پئی نبھاگ بس سئے نہ بانگاں کوئے
جو جاگے سیئی سئے سائیں سندی سوئے[9]

هن جسم واري محل جي مٿئين حصي ۾ خدا تعاليٰ جي بارگاهه مان هر پل الاهي آواز اچي رهيو آهي. جن بدنصيب ماڻهن جو ڌيان جسم جي نون دروازن جي وسيلي دنيا ۾ پکڙيل آهي، انهن کي اها بانگ ٻڌڻ ۾ نٿي اچي، جيڪي خوش قسمت انسان پنهنجي ڌيان کي اکين جي هيٺئين

حصي مان سهيڙي روح کي اکين جي پوپان ۾ وچ ۾ ساڪن ۾ ڏيان هڪ جاءِ ڪندا آهن. اهي الاهي آواز کي جهٽي، آسانيءَ سان مقامِ حق يعني پنهنجي اصل مقام تي پهچي خدا تعاليٰ سان واصل ٿي ويندا آهن.

کیوں بھٹکتا پھر رہا تو تلاش یار میں
راستہ شہہ رگ میں ہے دلبر پہ جانے کے لئے

پاڻ چوڻ ٿو گهري تہ دنيا ۾ اکين جي هيٺئين حصي ۾ خدا تعاليٰ کي ڳولڻ اجايو آهي. خدا تعاليٰ جي بارگاهہ جو رستو شاهہ رڳ مان گذرندو آهي، هتي شاهہ رڳ مان مراد ساهہ جي رڳ ناهي پر اها لطيف رڳ آهي، جنهن کي پيرن فقيرن، شاهہ رڳ، سُشمنا يا سکمنا وغيره چيو آهي. قرآن شريف ۾ اچي ٿو: 'نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ'[10] (الله تعاليٰ شهہ رڳ کان بہ ويجهو آهي) سنت بينيءَ جو ڪلام آهي:

اڑا پنگلا اور سُکھمنا تین بسہہ اک ٹھائی
بینی سنگم تہہ پراگ من مجن کرے تتھائی
سنتہہ تہا نرجن رام ہے[11]

جنهن جاءِ ڪابي طرف جي لطيف رڳ اِڙا آهي، ساڄي طرف لطيف رڳ پنگلا ۾ وچ واري لطيف اللطيف رڳ سکمنا، پاڻ ۾ ملن ٿيون، اتي اسم (نام) جي آب حيات جو تالاب آهي، جنهن کي پيرن فقيرن، ميلاپ، پراگ، تربيني، امرت ۾ حوضِ ڪوثر وغيره چيو آهي. آپ حيات جي جهرڻي ۾ وهنجي نفس ۾ روح جون مڙيئي غلاضتون ڌوپي وينديون آهن ۾ روح کي مالڪ الڪل جو ديدار ٿي ويندو آهي. قرآن شريف ۾ ان باطني رستي کي صرات المستقيم چيو ويو آهي.

مرشد کامل سے مِل، صِدق اور صبُوری سے تقی
جو تجھے دے گا فہم، شہہ رگ کے پانے کے لئے

پاڻ چون ٿا تہ توجهہ اکين جي پوپان بيهاري، يڪسُو ڪري، شاهہ رڳ يعني صرات المستقيم تي هلڻ جو طريقو مرشد ڪامل وٽان ملندو آهي. ڪامل مرشد، مريد جي روح کي باطن ۾ الاهي آواز سان ڳنڍي ڇڏيندو آهي ۾ الاهي آواز اڳتي وڃي الله تعاليٰ سان ملائيندو آهي. مرشد ڪامل بذات

خود روحاني شغل جي وسيلي پنهنجي روح کي الاهي آواز سان جوڙي ڇڪو هوندو آهي ۽ اهو ئي مريد کي ساڳئي طريقي مطابق روحاني رياضت ڪرائيندو آهي تہ ان جو روح بہ الاهي آواز جي سهاري، مالڪ الڪل جي بارگاهہ ۾ رسائي حاصل ڪري وٺندو آهي.

گوشِ باطن ہوں کُشادہ، جو کرے کچھ دِن عمل،
لا اِلٰہ اللہ اکبر پہ جانے کے لئے

پاڻ چوي ٿو تہ اي تقي! جيڪڏهن تون مرشد ڪامل جي ٻڌايل ترڪيب جي مطابق روح کي اکين جي پوپان يڪسُو ڪري وٺندين تہ تنهنجا اندروني ڪن کلي ويندا ۽ تون خدا جي بارگاهہ مان ايندڙ آواز يا بانگ ٻڌي سگهندين. ان آسماني آواز جي سهاري تنهنجو روح الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ پهچي ويندو. سنتن مهاتمائن روح جي ٻڌڻ واري قوت کي 'سرت' ۽ ڏسڻ واري قوت کي'نرت' چيو ويو آهي. سنت مهاتما اندروني ڪنن سان الاهي آواز جي ڌُن کي جهٽڻ ۽ اندروني اک سان ان نور کي ڏسڻ جي تعليم ڏيندا آهن. صوفي درويشن اندروني اک کي 'چشم باطن'، ديده دل، ديده باطن ۽ غيبي اک وغيره چيو آهي. پارتي سنتن مهاتمائن ان کي "شوَ نيتر" دِويہ چڪشو دويہ درشتي وغيره ڪوٺيو آهي. تلسي صاحب اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرائڻ ٿو گهري تہ مڪمل يڪسوئي واري ڪيفيت ۾ روح کي باطن ۾ خدا جي بارگاهہ مان ايندڙ ڪلمي جي ڌن ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. ان ڪلمي (اسم) جي وسيلي روح اندروني طبقات ڏانهن رجوع ٿيندو ويندو آهي ۽ اسم جي نور جي وسيلي اندروني سفر طئي ڪندي آخرڪار مالڪ الڪل جي بارگاهہ ۾ پهچي ويندو آهي.

یہ صدا تُلسی کی ہے عامل عمل کر دمیان دے،
کُن قرآن میں ہے لکھا اللہ اکبر کے لئے

سندس چوڻ آهي اي تقي! مون توکي درويشان حق جو لب لباب ٻڌائي ڇڏيو آهي. هاڻ تون نهايت غور سان مرشد جي ٻڌايل طريقي مطابق روحاني شغل ڪر. ان شغل ۾ ڪاميابي حاصل ٿيڻ تي تنهنجو الله تعاليٰ سان وصال ٿي ويندو ۽ توتي ڪُن فيڪون جو راز کلي ويندو. قرآن شريف مطابق تہ خدا

تعاليٰ حڪم ڏنو هو تہ ”ٿي پئہ“ تہ سڄي ڪائنات ٿي پئي. تلسي صاحب سمجهائي رهيو آهي تہ ’ڪُن‘ الاهي ٻول، شبد يا لفظ جي علامت آهي ۽ الاهي ٻول خدا تعاليٰ جو روپ آهي. ان ڪري روح جو ’ڪُن‘ ٻول، شبد، نانءُ ۾ سمائجي وڃڻ اصل ۾ الله تعاليٰ ۾ حل ٿي وڃڻ آهي. تلسي صاحب ان نڪتي تي روشني ٿو وجهي تہ قرآن شريف ۾ بيان ڪيل، صوفي پيرن فقيرن جي ذريعي تبليغ ڪيل حقيقت جو بيان جدا جدا لفظن ۾ آهي پر انهن لفظن جي وسيلي بيان ڪيل حقيقت هڪڙي ئي آهي. تلسي صاحب هڪ ٻئي غزل ۾ شيخ تقيءَ کي روحاني تعليم جي باري ۾ ٻڌائي ٿو:

سُن اے تقی نہ جائیو زِنہار دیکھنا
اپنے میں آپ جلوۂ دلدار دیکھنا
پُتلی میں تِل ہے تِل میں بھرا راز کُل کا کُل
اِس پردۂ سیاہ کے ذرا پار دیکھنا
چو دہ طبق کا حال عیاں ہو تجھے ضرُور
غافل نہ ہو خیال سے ہُشیار دیکھنا[13]

سندن چوڻ آهي، اي تقي! تون ٻاهرين ڏيک ويک کي ڇڏي، پنهنجي باطن ۾ ان محبوب حقيقيءَ جي جستجو ڪر. تون هيءَ ڳالهہ ڌيان سان سمجهي ڇڏ تہ باطن ۾ رهندڙ حقيقي محبوب جي وصال خاطر تصور کي اکين جي پوپان ۾ وچ ۾ ترسائي ساڪن ڪرڻ ضروري آهي. سڀئي روحاني راز ٻنهي اکين جي ماٿڪين پوپان هڪڙي ڪاري نقطي ۾ لڪل آهن. جڏهن تون ان نقطي کان ٽپي، شهہ رڳ ۾ داخل ٿيندين تہ توکي لامڪان يعني مقامِ حقؐ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. ان آواز کي جهٽي، تون جڏهن مٿي اڏام ڪندين تہ تنهنجي آڏو چوڏهن طبق هڪ ڪتاب جيان کلي پوندا. يعني توتي چوڏهن طبقن جو راز عيان ٿي ويندو. پوءِ تون آخري مقام ۾ پهچي الله تعاليٰ ۾ سمائجي ويندين.

مٿي تلسي صاحب روحاني سفر ۾ ايندڙ ڪيترن مقامن ڏانهن اشارو ڪيو آهي. آگري جي سنت سوامي شو ديال سنگهہ صاحب جنهن کي تسلي صاحب جي وسيلي روحاني روشني ملي هئي، انهن روحاني طبقات جي باري ۾ چوي ٿو تہ:

لامقام پايا لاہوت، چھوڑا ناسوت• ملکوت جبروت
ہاہوت کا جائے کھولہا دوآرا، ہوتُ الہُوت اور ہوت سمہارا
ہوت مقام فقير اخيری، روح سرت جہاں ديتی پھيری(14)

روح، ناسوت، ملڪوت، جبروت کان ٽپي، مقام لاهوت ۾ وڃي پهچندو آهي. ان کان پوءِ هاهوت ۽ هوت الهوت کي پار ڪري مقام هوت ۾ وڃي پهچندو آهي ۽ ڪامل فقير جو اصل مقام اهو چيو ويندو آهي. پاڻ وڌيڪ چيو اٿس:

الله ہُو ترکٹی لکھا، جائے لکھا ہاسن
شبدا نابو پائيا، بهنور گپھا کی دمن
حق حق ست نام دُمن، پائی چڑہ سچ کھنڈ
سنت فقر بولی جُگل، پد دوؤ ايک اکھنڈ(15)

جن روحاني طبقات کي پارتي سنتن، ترڪٽي، سُن، ۽ ڀنور گفا ڪوٺيو آهي. صوفي درويشن، انهن طبقات ۾ ہڌڻ ۾ ايندڙ ٻول جي آواز کي ترتيبوار 'الله هُو'، 'ها' ۽ 'اناهو' جو نالو ڏنو آهي. جنهن مقام يا منزل کي پارتي سنت، سچ کنڊ، ست لوڪ، ست نام چوندا آهن. صوفي درويش انَ کي مقام حق چوندا آهن. 'فقر سنت بولی جُگل، پد دوؤ ايک اکهنڈ' سنتن ۽ فقيرن جي ٻولي، جيڪڏهن جدا جدا آهي پر انهن جنهن سچ جو اظهار ڪيو آهي، اهو هڪڙو ئي آهي.

دنيا جي مختلف ملڪن مذهبن ۽ دورن جي درويشن جي وچ ۾ هزارين ورهين، هزارين ميلن ۽ مختلف ٻولين جي وٿيءَ جي باوجود سندن تعليم ۾ نمايان هڪجهڙائيءَ جو سبب، سندن روحاني مشاهدن جي هڪجهڙائي هوندي آهي. سنتن، مهاتمائن جي وسيلي بيان ڪيل سڏانت کي صوفي فلسفو گرومت، سنت مت، پريما ڀڳتيءَ جو مقام، ٻول مقام وغيره ڪو بہ نالو ڏئي ٿو سگهجي پر اها سڏانت هڪ ازلي ۽ سرب ساجها (ابدي) آهي. ان کان اڳ ان ۾ نہ ڪائي تبديلي آئي آهي ۽ نہ ايندڙ وقت ۾ ٿي ٿيندي

• ناسوت: جسم جو هيٺيون مقام يعني مول چڪر، خواهش جو چڪر، دن جو چڪر.
ملڪوت: دل جو چڪر، نڙ گهٽ جو چڪر. جبروت: دل جو مقام. جبروت: دل ڪنول لاهوت ترڪٽي، هاهوت ڏهون در هوت الهوت: ڪن جو غار هوت: سچ جو مقام اصل ۾ اهي صوفين جا مقام آهن. جيڪي پاڻ ۾ موجود آهن. (ستار)

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص1122
(2) جان 7:16
3) سورة البقره، آيت136
(4) دادو صاحب جي باني، ڀاڱ1، ص143
(5) مولانا روم، مثنوي6 ص396
(6) آد گرنٿ، ص1083
(7) ٽلسي صاحب (پنجابي)، ص84
(8) آد گرنٿ، ص1378؛ شلوڪ19
(9) جنم ساکي، ص132
(10) سورة ق، آيت16
(11) آد گرنٿ، ص794
(12) سورة ياسين، آيت82
(13) ٽلسي صاحب (پنجابي) ص83
(14) سار بچن نظم 30_36:6:28
(15) سار بچن نظم 32_36:6:31

15

لُب لُباب

(اصل مقصد)

بابا فريد جي ڪلام تي ڀيهر نظر وجهڻ سان، ڪجهه سچايون اُڀري اڳيان اچن ٿيون:

1. بابا فريد الله تعاليٰ ۾ يقين رکندڙ خدا تعاليٰ جي اطاعت ڪندڙ الله جو ڪامل درويش آهي، پاڻ رب ۽ روح جي هستيءَ کي سچ ٿو مڃي، انسان جي نجات مادي ۽ دنياوي ترقيءَ بدران، رب سان روح جي وصال ۾ ڏسي ٿو. پاڻ رب سان عشق ۽ رب سان وصال کي دين ۽ دنيا ۾ انسان جي سچي ڪاميابي ۽ امن سڪون جو بنياد تسليم ٿو ڪري.
2. هو مالڪ الڪل ۽ اڪمل، قائم دائم ۽ لافاني آهي، دنيا تبديليءَ سان لاڳاپيل ۽ فاني آهي، تنهن ڪري ان جا سک بہ اڌورا ۽ ڪجهه ڏهاڙن لاءِ آهن، جنهن دنيا کي الله تعاليٰ زوال پذير بڻايو آهي، انساني ڪوشش سان ان ۾ ثبات ڪيئن حاصل ٿي سگهندي؟ هيءَ دنيا ڪيئن مڪمل ٿي سگهندي؟ هيءَ دنيا اڄ تائين ڪڏهن بہ سک جي نگري بڻجي نہ سگهي آهي ۽ نہ ئي بڻجي سگهندي، ان ۾ هڪ طرف شيطان، نفس ۽ ماديت انسان کي گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي، ٻئي طرف ان ۾ پيدايش، موت ۽ تباهيءَ جي حڪمراني آهي. فقط ڪامل ۽ مڪمل قائم بالذات رب تعاليٰ جي وصال سان ئي مڪمل ۽ دائمي سڪون ميسر ٿي سگهي ٿو.
3. روح رب تعاليٰ جو جز آهي، اهو پنهنجي اصل کان هن وقت وڇڙيل آهي، ان جي اندر پنهنجي اصل سان ملڻ جي تڙپ موجود آهي، اهو پنهنجي اصل ۾ سمائجي ئي سچي خوشي حاصل ڪري ٿو سگهي.
4. بابا فريد جي تعليم آهي تہ جنهن الله تعاليٰ هن ڪائنات ۽ انسان جي تخليق ڪئي آهي، ان انسان کي هن ڪائنات ۾ موڪلڻ ويل پاڻ اهو فرض لاڳو ڪري ڇڏيو هئائين تہ هو ان رب تعاليٰ جي

عبادت ۽ اطاعت جي وسيلي واپس ساڻس وصال ڪندو. انساني زندگيءَ جو اصل مقصد ان فرض جي ادائيگي آهي، ان کان سواءِ زندگي اجائي آهي.

5. انسان جنهن رب تعاليٰ جي ڳولا ۾ سرگردان آهي، اهو تہ سندس باطن ۾ موجود آهي، ان سان وصال ۽ حاصلات جو وسيلو ۽ رستو بہ انسان جي باطن ۾ئي آهي، ٻاهر ڳولڻ بي فائدي آهي.

6. رب تعاليٰ جي حصول لاءِ ڪنهن بہ مذهب. هلت يا شريعت کي پنهنجائڻ يا ان کي ڇڏڻ جي ضرورت ناهي، اصل ضرورت تہ پنهنجي رجحان کي بدلائڻ ۽ دنيا سان چاهہ کي ترڪ ڪرڻ ۽ رب تعاليٰ سان پيار ڪرڻ جي آهي. رب تعاليٰ سان وصال جي خاطر ڪنهن ظاهري لباس يا عمل وغيره سان بہ ڪو لاڳو ناهي، ان جو تعلق نفس جي پاڪائي يعني اندر جي صفائي ۽ ڪلمي (نام) جي شغل آهي.

7. پنهنجي زندگيءَ جي طريقي کي پنهنجي نصب العين مطابق هلائڻ ضروري آهي، رب تعاليٰ جي حصول جي مقصد کي نظر ۾ رکندي هلڻ واري انسان کي، دنيادارن جي هلت کي ڇڏي، سچي درويش واري زندگي پنهنجائڻ گهرجي. حق حلال جي زوري، پاڪ ۽ صاف هلت چلت. سچائي، خدمت. محبت. عاجزي ۽ بردباري. حليمي، معافي، صبر و شڪر ۽ رب تعاليٰ جي رضا تي راضي رهڻ وغيره ان زندگيءَ جي وهنوار جا اهم جزا آهن.

8. هيءَ دنيا عمل جو ميدان آهي، انسان کي دير سوير پنهنجي عمل جو ڦل چکڻو پوندو آهي، ٻڌايل اصولن مطابق انسان کي بدعمل ڇڏي سٺا عمل ڪرڻ گهرجن پر نيڪ عمل نہ بداعمال جو ردعمل آهن ۽ نہ ئي نيڪ عمل خدا تعاليٰ سان وصال جو وسيلو. عملن جو خاتمو ۽ رب پاڪ سان اصل وصال جو ذريعو رب تعاليٰ جي بندگي يا ڪلمي (نام) جي رياضت آهي. اهڙيءَ طرح بداعمال کان پاسيرو ٿيندي، رب تعاليٰ جي عبادت ۽ ڪلمي (نام) جي رياضت طرف توجهہ ڪرڻ گهرجي.

9. رب جي بندگيءَ جو صحيح طريقو ۽ اُن طريقي مطابق طلب ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ خاطر ڪنهن مرشد ڪامل جي سهاري ۽ مدد جي ضرورت آهي. رب تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ رسائي حاصل ڪيل مرشد ئي طالب کي رب تعاليٰ سان ملائي سگهي ٿو.
10. خدا تعاليٰ سان وصال جي لاءِ مرشد پنهنجي مريد کي ڪلمہ الاهي (نام) جي ورد جو طريقو سمجهائيندو آهي. مريد کي گهرجي تہ مرشد جي هدايتن مطابق روحاني شغل وسيلي پنهنجي توجهہ کي اکين پويان بيهاري، يڪسُو ڪري، پنهنجي روح کي اندرئن، رب تعاليٰ جي بارگاهہ مان ايندڙ ٻول سان لاڳاپي ڇڏي، جيئن اهو پنهنجو روحاني سفر طئي ڪندي پنهنجي اصل مقام تي پهچي سگهي.
11. بابا فريد مطلع ٿو ڪري تہ انساني زندگي ڪجهہ ڏينهن آهي، موت ئي اٽل آهي. موت جو وقت ڪنهن کي بہ معلوم ناهي ان ڪري انسان کي گهرجي تہ پنهنجي خيال کي هر طرف کان پري ڪري دلي طور جلد ئي خدا تعاليٰ جي سچي عبادت ۾ مشغول ٿي وڃي، جيئن هو خدا تعاليٰ سان واصل ٿي هميشہ جي لاءِ مادي دنيا کان نجات حاصل ڪري، جيڪو سندس زندگيءَ جو اصل مقصد آهي.
12. خدا تعاليٰ جي حڪم سان مقام حق کان دارالفاني ۾ پهتل روح صرف خدائي همت سان ئي واپس پنهنجي حقيقي ملڪ ۾ پهچي سگهي ٿو خدا تعاليٰ جي سچي عبادت ڪرڻ جو راز ڏيڻ وارو مرشد خدا تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان ئي ملندو آهي ۽ پوءِ خدا تعاليٰ جي بندگيءَ سان ئي سچي مقام جو راز بہ خدا تعاليٰ جي رحمت سان ئي ملندو آهي، خدا تعاليٰ جي بندگي ۽ رياضت ۾ ڪاميابي سندس مهر ۽ ڪرم سان ئي نصيب ٿيندي آهي، جيتوڻيڪ الله تعاليٰ جي محبت ان جي عبادت ۽ وري ساڻس وصال جا سيئي رستا ملڻ بہ الله تعاليٰ جي رحمت تي منحصر آهن.
13. بابا فريد انسان جي حسب نسب، مذهب، ملت، ملڪ، قوم، علم، مال ۽ اسباب وغيره کي ان جي فضيلت جو بنياد نٿو مڃي، پاڻ انسان جي ننڍ وڏائي، اعليٰ ۽ ادنيٰ هجڻ ۽ ان جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو

دارومدار ڪنهن به قسم جي ٻاهرين حالتن تي نه پر ان ڳالهه تي مدار رکي ٿو ته خدا تعاليٰ جي عشق ۾ اسم جي رنگ ۾ رنگيل يا دنياوي رنگ ۾ رنگيل آهي.

14. بابا فريد خدا تعاليٰ جي عابد کي هيءَ تعليم ڏني آهي ته خدا جي مخلوق جي محبت خدا تعاليٰ سان محبت جو لازمي جزو آهي، خدا جو عاشق ڪل ڪائنات يعني پنهنجي خالق جي ساري مخلوق کي خدا جو روپ ٿو مڃي، هو ڪڏهن پل ۾ به ڪنهن جي دل نه ڏکائيندو آهي، ڇاڪاڻ جو هو ڄاڻي ٿو ته ايئن ڪرڻ سان مالڪ الملڪ سائنس ناراض ٿي ويندو خدا تعاليٰ جو عاشق پنهنجي دل ۾ ڪنهن کان به بدلي جي اميد نه رکندو آهي، هو پنهنجي مخالفن ۽ دشمنن سان به نرمي، معافي ۽ محبت سان پيش ايندو آهي.

15. بابا فريد چواڻي: انسان انسان جي وچ ۾ ڀائيچاري جو بنياد خدا جي ڪري آهي، جيسين ڪوئي انسان عبادت ۽ اطاعت جي ذريعي خدا تعاليٰ کي ڪائناتي ڪٽنب جي نگران جي روپ ۾ ڏسي نه وٺندو ان جي دل ۾ خلق خدا جي لاءِ احساس ۽ ڀائيچارو پيدا نه ٿيندو ڀائيچاري جو احساس ته احساس ولديت جو قدرتي حصو آهي، پر احساس ولديت بنا احساس ڀائيچارو نامڪمل آهي، اهوئي سبب آهي ته سندس ڪلام ۾ سڀ کان وڌيڪ زور خدائي عشق ۽ خدا تعاليٰ جي عبادت جي وسيلي حصول خدا تي زور ڏنو ويو آهي.

16. بابا فريد جي تعليم جا ٽي پاسا خاص ڪري توجهه طلب آهن:

پهريون پاسو

١. دِلوں محبّت جیں سَے ای سچّے آ
جَیں من ہور، مُکھ ہور، سَے کانڈھے کچّے آ۔ (1)

٢. فریدا تنہاں مکھ ڈراونے جنہاں وساریو ناؤں)

٣. فریدا! جنھیں کمَیں نایں گُن تے کمڑے وِسار
مت شرمندہ تھیوَیں سائیں دے دربار(3)

٤. فريدا چارگوائيان ہنڈھ ڪِ، چار گوائيان سَمّ
ليکها رب منگيسيا: تُو آيون ڪهڙے ڪمّ؟[4]

ٻيو پاسو

1. بولے شيخ فريد پيارے الله لگے[5]
2. جو گُر دسّے واٹ فريدا جو ليئے[6]
3. شيخ فريد پنتھ سمہار سويرا[7]

ٽيون پاسو

١. پروردگار، اپار، اگم، بے انت تُوں
جنهاں پچهاتاسچ چُمّاں پير موں[8]

٢. آپ ليئے لڑ لاءِ در درويش سے
تِن دمن جنيندی ماؤ آئے سپهل سے[9]

بابا فريد جو پيغام جيترو سندس زماني ۾ ڇاڻ ڏيندڙ ۽ نجات ڏياريندڙ هو اوترو اڄ به آهي.

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص488
(2) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ106
(3) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ59
(4) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ38
(5_6) آد گرنٿ، ص488
(7) آد گرنٿ، ص794
(8_9) آد گرنٿ، ص488

حصونيون

كـــــلام

(1)

جِت دہاڑے دمن وری ساہے لئے لکھاءِ
مَلَک جے کنّی سُنیندا مُونھ دِکھالے آءِ
جند نِمانی کڈھیے ہڈاں کُوں کڑکاءِ
ساہے لکھے، نه چلنی، جِندُو کُوں سمجھاءِ
جند ووہٹی، مرن وَر، لَے جاسی پرناءِ
آپن ہتھی جول کے کَیں گل لگے دھاءِ
والوں نِکّی پُرسلات کنیں نه سُنی آءِ
فریدا کِڑی پَوَندی اِی، کھڑا نه آپ مُہاءِ [10]

لفظي معنيٰ: دمن=عورت، وري=پرڻائبي، ساهي= شاديءَ ويل ملڪ= ملڪ الموت، ساہے لکھے، نه چلنی= لکيو ڪڏهن نہ ٽرندو، جِندُو ڪُون= روح کي، مرن ور = موت جو گهوٽ، لَے جاسی پرناءِ= پرڻائي وٺي ويندو، والوں نِکّی = وار کان سنهڙي، پرصلاط =پل صراط کِڑی پَوَندی = آواز ٻڌهن ٿا نه آپ مُہاءِ = پاڻ کي پاڻ دوکو نہ ڏي

مفهوم: انسان جو وهاڻ يعني موت جو وقت مقرر آهي، موت جي جنهن فرشتي جي باري ۾ اڪثر ٻڌندو هئين، پوئين وقت اهو اڌو اچي بيهندو ۽ اهو هڏا تڙڪائي روح کي جسم مان ڪڍي ويندو آهي، بلڪل ايئن جيئن گهوٽ روئندي ڪنوار کي پاڻ سان وٺي ويندو آهي، روح کي بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ اهو (مقرر) وقت ٽاري نٿو سگهجي- جسم روح کي الوداع چئي بيڪار بڻجي ڪنهن سان ڀاڪر پائي روئي (غم جو اظهار ڪري) ڪنهن جو سهارو ڳولي؟ پر ڳالهہ اتي ئي پوري نٿي ٿئي، موت کان پوءِ روح کي پل صراط تان لنگهڻو پوندو آهي، جيڪا وار کان بہ سنهڙي آهي- انسان کي هٿي طرف کان سڏ پيا ٿين، ان ڪري ڪيس پنهنجو قيمتي وقت وڃائڻ نہ گهرجي.

بابا فريد جو چوڻ آهي تہ موت اٽل آهي ۽ ان جو وقت تبديل ڪري نٿو سگهجي- مٿين ٻولن ۾ روحاني راز لڪل آهي تہ جيڪي ماڻهو زنده هوندي،

خدا تعاليٰ جي بندگيءَ جي وسيلي، پنهنجو ڏيان جسم جي نون دروازن مان سهيڙي اکين پويان جامد ڪرڻ جي رياضت نٿا ڪن. انهن جو موت تڪليف ڏيندڙ ٿيندو آهي، سندن روح جسم کي ڇڏڻ نہ چاهيندو آهي، پر عزرائيل روح کي زبردستي ڪڍندو آهي، ان سان جيڪا تڪليف روح کي ٿيندي آهي، ان کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ناهي. ان سان گڏ ئي بابا فريد، انسان کي آگاهہ ڪرڻ ٿو چاهي، تہ موت سان ڏکن ڏوجهرن جو خاتمو نہ ٿيندو آهي، جيڪي ماڻهو زندگيءَ ۾ خدا تعاليٰ جي بندگي نہ ڪندا آهن، گناهہ تي گناهہ ڪندا رهندا آهن، انهن کي موت کان پوءِ وڏين تڪليفن وارن رستن تان گذرڻو پوندو آهي، کين پنهنجي عملن جو ڪيتو لوڙڻو پوندو آهي ۽ کين دوزخ جي باهہ ۾ سڙڻو پوندو آهي.

(2)

فريدا! در درويشى گاكهڑى چلاں دُنيا بهَت،
بنّهہ اُٹهائى پوٹلى کِتهے وَنجاں گهت۔[18]

لفظي معنيٰ: گاكهڑى=مشڪل، بهَت= ان جيان، بنّهہ = ٻڌي ڪري، وَنجاں = وڃان

مفهوم: بابا فريد چوي ٿو تہ خدا تعاليٰ جي درگاهہ جو سچو درويش بڻجڻ ڏکيو ڪم آهي، مون پنهنجي مٿي تي دنياداري ۽ برائين جي ڳنڍڙي کنئي آهي، اها اڇلائي ڪيڏانهن وڃان؟ مطلب تہ خدا تعاليٰ سان عشق ۽ دنيا سان محبت، ٻئي گڏوگڏ هلي نہ ٿا سگهن. سچو درويش بڻجڻ جي لاءِ، دنيا سان لاڳاپا ٽوڙي، اندر ۾ خدا تعاليٰ جو عشق پيدا ڪرڻ ضروري آهي.

(3)

كجهہ نہ بُجهے، كُجهہ نہ سُجّهے، دنيا كُجّهى بهاه،
سائيں ميرے چنگا كيتا، نئيں تاں ہنبهى وجّهاں ہا

لفظي معنيٰ: كُجّهى بهاه= ڳجهي باهہ، ہنبهى= مان بہ، وجّهاں = سڙي پوان

مطلب: بابا فريد سمجهائي ٿو تہ هن دنيا جي اندروني اصليت، ان جي ظاهري صورت کان بنهہ نرالي آهي- حواسن جون لذتون، دنياوي عيش عشرت، شان و شوڪت، ظاهري سکن جا ذريعا معلوم ٿين ٿا پر هيءَ دراصل اهڙي لڪل باهہ آهي، جيڪا انساني جسماني، دماغي ۽ روحاني تباهي جو سبب

ٻڌبي آهي. بابا فريد چوي ٿو تہ مالڪ الڪُل مون تي رحم ڪرم ڪري مون کي ان باهہ کان بچائي ورتو ورنہ مان ان باهہ ۾ سڙي خاڪ ٿي ويجان ها.

(4)

فريدا! ڄے جاناں تِل تھوڑڑے سنّبھل بُک بھریں،
ڄے جاناں شَوہ ننڈھڑا تھوڑا مان کریں۔

مطلب: مون کي جيڪڏهن خبر هجي ها زندگيءَ جا دم تمام ٿورڙا آهن، هيءَ زندگي ڪجهہ ڏينهن آهي تہ مان سوچي سمجهي اهي استعمال ڪريان ها. مان انهن کي دنياوي ڏنڌن ۾ عيش عشرت ۾ برباد نہ ڪريان ها.
روح روپي عورت چوي ٿي: جيڪڏهن مون کي پروڙ پئجي وڃي ها تہ منهنجو مڙس (خدا) بي پرواهہ ۽ پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي، تہ مان پنهنجي وصفن تي غرور نہ ڪريان ها.
بابا فريد آگاهہ ٿو ڪري تہ انسان کي ڳڻ جيترا پَل مليا آهن، انهن کي فضول وڃائڻ نہ گهرجي پر زندگيءَ جي ڪارج کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي انسان کي پنهنجي وصفن تي مغرور ٿيڻ نہ گهرجي، پر هن (خدا تعاليٰ) جي رحمت جو سهارو وٺڻ گهرجي. روح جي نجات سندس خوبين ۾ ناهي، خدا تعاليٰ جي رحمت سان ممڪن آهي، پنهنجي وصفن يا خوبين تي غرور پاڻ پٽو آهي، انا انسان کي ان کان ڏکي پري ٿي ڪري، بابا فريد جو ٻول آهي:

ناتی دھوتی سنبھی ستی آئے نچند،
فریدا! رہی سوہیڑی ہنجھ دی گئی کتھوری گندھ

جنهن بدنصيب پنهنجي خوبصورتي ۽ ناهہ نوهہ تي ناز ڪيو تہ ان جي انانيت جي بدبوءِ سندس محبوب کان جدائيءَ جو سبب ٻڻجي وئي، بابا فريد جو ٻول آهي:

فریدا! گرب جنہاں وڈیائیاں، دھن جوبن آگاہ
خالی چلے دھنی سیوں ٹبّے جیوں مینّہاہ[9]

پاڻ اشارو ٿو ڪري تہ جن پنهنجي وصفن، ڏن، جوبن وغيره جو غرور ڪيو اهي ان محبوب حقيقيءَ سان واصل نہ ٿي سگهندا.

(5)

جے جاناں لڑچھجنا پیڈھی پائیں گنڈھ،
تیں جی وڈ میں نہ کو، سبھ جگ ڈِٹھا ہنڈھ۔

لفظي معنيٰ: لڑچھجنا = دامن چاڪ ٿيڻ. پيڈھی = پڪي

مطلب: روح جهڙي ڪنوار چوي ٿي جيڪڏهن اها پروڙ هجيم ها تہ خدا جهڙي مڙس سان منهنجو نڪاح ٿئي پوڻ جو ڊپ آهي، تہ مان ان سان پيار جي پڪي ڳنڍ ٻڌان ها. مون سڄي دنيا ۾ ڳولي ڏٺو منهنجو ور سڀني کان عظيم آهي، ان جو ڪو بہ ثاني ناهي. سلطان باهو بہ اها ڳالهہ هن ريت ٿو ٻڌائي.

تَیں جہا مینوں ہور نہ کوئی، میں جہاں لکھ تینوں ہو[1]

بابا فريد جو چوڻ آهي تہ خدا روپي محبوب سان ڏيکاءُ واري محبت نہ، سچي باطني محبت جو رشتو قائم ڪرڻ گهرجي، جيئن زال جي لاءِ مڙس ئي هڪڙو سهارو هوندو آهي، ايئن ئي روح جو اڪيلو سهارو اهو قادر مطلق الله تعاليٰ ئي آهي.

(6)

فریدا! جے تُوں عقل لطیف، کالے لِکھ نہ لیکھ،
آپنڑے گریوان میں سِر نیواں کر دیکھ۔

لفظي معنيٰ: عقل لطيف= باريڪ عقل، عقل سليم. گريوان = گريبان

مطلب: اي پلا انسان، جيڪڏهن تون صحيح معنيٰ ۾ عقلمند آهين تہ گناهن کان پاسو ڪر. تون پنهنجي اندر جهاتي پائي ڏس تہ تو وٽ گناهن جا ڪيڏا ڍير گڏ ٿي ويا آهن. اڳتي جي لاءِ سوچي سمجهي پير کڻ. توکي خبر هجڻ گهرجي تہ دير سوير توکي تنهنجي عملن جي سزا ڀوڳڻي آهي.

گرو نانڪ صاحب جو چوڻ آهي:

جت کیتا پائیے آ پنا سا گھال بُری کئو گھالیئے
مندا مُول نہ کیچئی دے لمی ندر نہالیئے[2]

انسان کي سوچ سمجهہ کان ڪم وٺڻ گهرجي، جنهن شيءِ جي حاصلات جو انجام خراب هجي، ان جي حصول کي زندگيءَ جو مقصد بڻائي ويهڻ عقلمندي ناهي، بيوقوفي آهي.

(7)

فريدا! جے تَيں مارن مُکّياں تنهاں نه مارں گُهمّ،
آپنے گهر جاپئے پَير تنهاں دے چُمّ۔

لفظي معنيٰ: گُهمّ= موٽي، واپس. جواب ۾ آپنے گهر جاپئے =اصل گهر وڃڻ ٿو گهرين

مطلب: هن دوهي ۾ بابا فريد، درويش جي لاءِ تحمل، بردباري ۽ معافيءَ جو هڪڙو اعليٰ معيار قائم ڪيو آهي. پاڻ سمجهائي ٿو ته اي خدا تعاليٰ جا عاشق! جيڪڏهن ڪوبه توکان ناراض ٿي، توکي گاريون ڏئي يا تو سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي وڃي. تڏهن به موت ۾ توکي ڪيس بدشد نه ڳالهائڻ گهرجي ۽ نه ئي هن تي اُلر ڪرڻ گهرجي. تو لاءِ لازم آهي ته تون هن جي قدمن تي هٿ رک ۽ کانئس معافي گهر ته اي ياءِ! غلطي منهنجي ٿي آهي، منهنجي خطا معاف ڪر! يعني پنهنجي مخالف سان به نيڪ سلوڪ ڪرڻ جڳائي.

ڊاڪٽر نذير احمد هن دوهي جي تشريح سان گڏ حضرت عيسيٰ ؑ جي قول جو هي حوالو ڏنو آهي، "جيڪڏهن ڪوئي تنهنجي ڳل تي چماٽ هڻي ته تون ٻيو ڳل به هن جي آڏو ڪري ڇڏ."[3]

اها وصف تحمل ۽ معافيءَ جو مجسمو بڻيل ڪنهن سچي درويش ۾ ئي ملي سگهي ٿي، ڪبيرداس به چيو آهي: 'ڇِهما سادهو کا کهيل هے'. (نوڙت ساڌوءَ لاءِ راند آهي.)[4]

(8)

فريدا! جاں تُو کهٽن ويل تاں تُوں رتّا دُنی سيوں،
مرگ سوائی نِينّه جاں بهريا تاں لديا۔

لفظي معنيٰ: کهٽن ويل = ڪمائڻ وقت، مرگ= موت، سوائی نِينّه= موت جو بنياد پڪو ۽ وسيع ٿيندو ويو جاں بهريا تاں لديا= ٻيڙو پرجي ويو ته هلي پيو.

مطلب: جڏهن تنهنجو خدا جي بندگيءَ جي دولت گڏ ڪرڻ جو وقت هو ته تون دنيا جي رنگن ۾ گم هئين، نتيجو هي نڪتو ته موت اچي سهڙيو ۽ توکي خالي هٿين دنيا مان وڃڻو پيو.

بابا فريد اشارو ٿو ڪري ته خدا تعاليٰ انسان کي دنيا ۾ پنهنجي بندگي ۽ عبادت جي دولت گڏ ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو هو پر انسان پنهنجو قيمتي وقت دنيا

جي ڪمن ڪارين ۾ وڃائي ٿو ڇڏي، آخري وقت تي دنيا جي دولت ساڻس گڏ نہ ويندي پر هو گناهن جي پڃري پاڻ سان ضرور گڏ کنيو ويندو آهي.

(9)

ديکھ فريدا جو تھِيا: داڑهی ہوئی بُھور.
اگّا نیڑے آئیا پِچھّا رہیا دُور۔

لفظي معنيٰ: اگّا = ايندڙ وقت، موت جو وقت، پڇها =ٻاراڻي ۽ جوانيءَ وارو وقت

مطلب: اي انسان! ڏس توتي ڇا ڪجھ گذري چڪو آهي، تنهنجي ڏاڙهي سفيد ٿي وئي آهي، تنهنجي ٻاراڻيءَ ۽ جوانيءَ جون بهارون پٺتي رهجي ويون، تنهنجو آخري وقت ويجهو آهي. افسوس! جو تو سڄي عمر اجائي وڃائي ڇڏي.

بابا فريد انسان کي آگاهہ ٿو ڪري تہ توکي زندگيءَ جي اصل مقصد کي ڇڏي ڏيڻ نہ گهرجي، سدائين جواني نہ رهندي آهي، ٻڍاپو اچڻ ۽ جسم جو بيڪار ٿيڻ قدرتي عمل آهي، جيڪو لازم و ملزوم آهي، ان ڪري عاقبت لاءِ سامان جلد کان جلد تيار ڪرڻ گهرجي.

(10)

ديکھ فريدا جو تھِيا: سکّر ہوئی وِس،
سائیں باجھوں آپنے ویدن کہئے کِس۔

لفظي معنيٰ: جو تهِيا = جيڪو ٿيو، وِس= زهر، وِيدن= ڏک سور.

مطلب: اي انسان! ڏس ڇا منجهان ڇا ٿي ويو جيڪي ڪم ڪنڊ جيان مٺا لڳندا هئا، اڄ انهن جو اثر زهريلو ٿي ويو آهي. ان رحيم ۽ ڪريم خداوند کان سواءِ ڪنهن جي آڏو فرياد ڪجي. هن کان سواءِ اسان جي ڏک جو داستان ڪير ٻڌندو؟

بابا فريد هڪڙي ٻول ۾ دنيا کي لڪل باهہ سان تشبيهہ ڏني آهي، هتي پاڻ هن مادي دنيا جي ڪل جوڳي حالت تي روشني وجهي رهيو آهي تہ حسي لذتون، دنياوي عيش و عشرت جا سامان وغيره ظاهر ۾ تہ ڪنڊ جهڙا مٺا ٿا لڳن، پر انهن جو اثر زهريلو ۽ تباهہ ڪن هوندو آهي، اهي مادي لذتون انسان جي جسماني، دماغي ۽ روحاني تباهيءَ جو سبب تہ بڻجڻ ٿيون پر انهن ۾

ڦاسي وڃڻ سبب انسان مالڪ الڪل پاران دنيا ۾ موڪلڻ واري اصل مقصد کي وساري پنهنجي عاقبت بہ برباد ڪري ڇڏي.

(11)

فریدا اکھیں دیکھ پتینیاں سُن سُن رِینے کنّ،
ساکھ پکندی آئی آ، ہور کریندی ونّ۔

لفظي معنيٰ: پتينياں= ڪمزور ٿي ويون آهن. رِينے= خالي يعني ٻوڙا ٿي ويا. ساکھ= ٽاري. ون=رنگ

مطلب: جيئن وڻ جون ٽاريون جيڪڏهن سڪي وڃن تہ اُن جي ساوڪ ۽ لچڪ ختم ٿي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح وڏڙي عمر ٿي وڃڻ ڪري اکين جي نظر گهٽجي ويندي آهي ۽ ڪن ٻوڙا ٿي پوندا آهن. جسم گهنجڻ سان پرجي ويندو آهي ۽ جسم جا عضوا جواب ڏئي ڇڏيندا آهن. ان وقت عبادت رياضت ڪرڻ مشڪل ٿي نہ پر ناممڪن ٿي پوندي آهي. ڪبيرداس جو دوهو آهي:

چرن سیس کر کنپن لاگے نینی نیرا سار بہے
جہبا بچن سُدھ نہیں نکسے تب رے دھرم کی آس کرے[5]

(12)

فریدا! کالیں جنھیں نہ راویا دَھولیں راوے کو
کر سائیں سِیوں پِریہڑی رنگ نویلا ہو

لفظي معنيٰ: ڪاليں= جڏهن وار ڪارا هئا. جواني هئي. راويا= پيار ڪيو. دَھوليں = جڏهن وار سفيد ٿيا. ٻڍاپو آيو پر ہڑی= پيار. نويلا= نئون.

مطلب: جن ماڻهن ڪارن وارن هجڻ وقت، (جوانيءَ ۾) هن محبوب کي ياد نہ ڪيو اهي ٻڍاپي ۾ (سفيد وارن ويل) هن کي ڪيئن ياد ڪري سگهن ٿا؟ پاڻ دنيا وارن کي مشورو ڏين ٿا. تہ جن جي جواني قائم آهي تہ ڪين ان ويل خدا جي بندگي ۽ عبادت طرف ڌيان ڌرڻ گهربو هو ڇو تہ روح جي خوبصورتيءَ جو تعلق جسم جي حوالي يا ٻڍاپي تي ناهي. محبت جي جواني يا ٻڍاپي تي آهي، جنهن اندر جڏهن بہ الله تعاليٰ جي ياد پڙڪي اٿي تہ ان جي حالت تبديل ٿي ويندي آهي.

(13)

فريدا! ڪالِين ڏَمولِين صاحب سدا ٻہ ڄے کو چت کرے
آپنا لایا پریم نه لگّی ڄے لوچے سبھ کوءِ
ایه پرمِ پیالا کهسم کاجَیں بھاوے تَیں دے

لفظي معنيٰ: چِت ڪرے= ڌيان ڏئي، پريم = پيار محبت، ڄے= جنهن کي، تے= ان کي.

مطلب: اهو شلوڪ گرو امر داس جو آهي. پاڻ بابا فريد جي مٿئين شلوڪ جي تشريح ڪندي چوي ٿو ته جواني هجي يا ٻڍاپو جڏهن ٻه خدا جي بندگي ۽ عبادت طرف ڌيان ڏريو وڃي، اهو درست آهي پر اها ڪنهن انسان جي وس جي ڳالهه ناهي، اهو پيار جو پيالو ان داتا جي هٿ ۾ آهي، اهو مالڪ جنهن کي عطا ڪندو آهي، ان کي ئي ملي سگهندو آهي، اهو جوانيءَ جو دور هجي يا ٻڍاپي جو، جڏهن چاهي هو نوازي ٿو سگهي، پيارجو تعلق انساني ڪوشش يا حاصلات سان نہ پر مالڪ جي بخشش ۽ رحمت سان ٿيندو آهي.

(14)

فریدا جن لوئن جگ موہیا سے لوئن میں ڈِٹھ
کجّل ریکھ نه سہندیاں سَے پنکھی سُوئے بہٹھ

لفظي معنيٰ: لوئن= اکيون، سوئے =ٻار ڏنا آهن، ٻهٺه =وهڻ جي جاءِ

مطلب: حسن ۽ جوانيءَ تي ناز ڪرڻ بي سود آهي، جن خوبصورت اکين جوانيءَ واري اوستا ۾ دنيا کي پاڻ ڏانهن مائل ڪيو هو مون اهي اکيون ڏٺيون آهن، اهي اکيون جيڪي ڪجل جي ريک برداشت ڪري نہ سگهنديون هيون، موت وقت انهن جي هيءَ حالت آهي تہ انهن ۾ پکي آکيرا ناهي ٻچا ڏئي رهيا آهن. ان ٻول سان هڪڙو داستان لاڳو آهي، جنهن جو ذڪر صفحي 99 تي ڪيو ويو آهي.

(15)

فريدا! کو کینَدیاں چانکینَدیاں مِتّیر، دینَدیاں نِت
جو شَیطان ونَجایا سے کِت پھیرے چِت

لفظي معنيٰ: کو ڪينديان چانڪينديان =چيخ پڪار ڪندو هر هر سمجهائيندو متين ڏينديان = هدايت ڪندو تنبيهه ڪندو شيطان = شيطان نفس، ونجايا= گمراهه ڪيو ويو.

مطلب: بابا فريد جو چوڻ آهي تہ فقراءَ اسان کي بار بار تنبيهه ڪن ٿا تہ شيطان جهڙي نفس جي ڀنيلائڻ کان پاڻ بچايو ۽ پنهنجي زندگيءَ کي حواسن جي لذتن ۽ نفساني خواهشن ۾ برباد نہ ڪريو پر دنيا جي "کون سنتا ہے طوطی کی نقار خانے میں" جهڙي حالت آهي. نفس جهڙي شيطان جي چنبي ۾ آيل انسان فقراءَ جي سمجهاڻي نہ ٻڌندا آهن.

عيسائي مذهب ۽ اسلام ۾ هي مڃيو ويو آهي تہ الله تعاليٰ جنت ۾ آدم عليہ السلام ۽ حوا کي هڪڙي مخصوص وڻ جو ميوو کائڻ کان جهليو هو خدا تعاليٰ جي هدايت جي باوجود شيطان جي برغلائڻ تي آدم ۽ حوا اهو ميوو کاڌو جنهن جي نتيجي طور کين بهشت مان تڙيو ويو بابا فريد آگاهہ ٿو ڪري تہ شيطان هن دنيا ۾ بہ انسان جي پٺ نہ ڇڏي آهي، اهو نفس جي صورت ۾ هر انسان جي اندر ۾ ويٺو ڪيس گمراهہ ڪري رهيو آهي. سنت مهاتمائن ۽ ڌرم گرنٿن جي هدايت جي باوجود اڄاڻ انسان نفس روپي شيطان جي ڀنيلاءَ ۾ اچي، ان طرح مادي لذتن ۾ گم ٿي ويو جو هو ميثاق واري ڏينهن الله تعاليٰ سان ڪيل واعدو وساري ويٺو آهي، مالڪ الڪل انسان کي پنهنجي عبادت ۽ اطاعت جي لاءِ دنيا ۾ موڪليو هو پر هتي اچي شيطان جهڙي نفس جو غلام بڻجي ويو آهي. نتيجو هي نڪتو جو انسان انساني جنم جو اُملهہ موقعو ضايع ڪري ڇڏيو سندس روحاني زندگي تباهہ ۽ برباد ٿي وئي ۽ هو پوري حياتي آواگون (جنم جنم جي ڦيري، هندن جي عقيدي مطابق 84 هزار جنم آهن) ۾ پيڙبو ٿو رهي. بابا فريد اهو سهڻو اشارو ٿو ڪري جيسين انسان الله تعاليٰ جي حڪم کي نہ سڃاڻيندو الله تعاليٰ جي بارگاهہ مان ڌڪجڻ واري زماني کان شروع ٿيل سندس ڏک ۽ مصيبتن جي ڊگهي فهرست ختم نٿي ٿي سگهي.

(16)

فريدا! تهيو پواہی دَبھ، جے سائیں لوڑیں سبھ
اک چھجّے بیا لتاڑئیے تاں سائیں دے در واڑئیے

لفظي معنيٰ: تهيو= ٿي ويو پوا هی= پيرن جي، دبهہ= هڪ قسم جو گاهہ.

ڄي سائين لوڙين = جيڪڏهن تون گهرين، سبھ = هر جاءِ، اڪ چهچّ = پهرين گاهہ لٽيو ويندو آهي، بيا لتاڙيئي = وري ان کي لتاڙيو ويندو آهي، سائين دے در واڙيئے = پوءِ ڪيس الله جي دربار ۾ داخل ڪيو ويندو آهي.

مطلب: بابا فريد الله تعاليٰ سان وصال جي تمنا رکندڙ انسان کي چوي ٿو ته "سائين دے در واڙيہين" جيڪڏهن تون هر جاءِ محبوب حقيقيءَ کي ڏسڻ ٿو گهرين ته "تهيو پوا هی دبھ" ته پيرن هيٺان ايندڙ گاهہ جهڙو ٿي وڃ (عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪج)، گاهہ کي پهرين لٽبو آهي، پوءِ ان کي پيرن هيٺان لتاڙيو ويندو آهي، پوءِ ڪٽي ڪٽي ان کي نرم ڪريو ان مان تؤنريون ٺاهيون وينديون آهن، جيڪي عبادتگاهن ۾ وڇايون وينديون آهن. پاڻ سچي روحانيت جي طالب کي آگاهہ ٿو ڪري، جيڪڏهن تون گهرين ته بارگاهہ الاهيءَ ۾ قبول پوين ته تون ڏين جيان معمولي ۽ ڪمزور بڻجي وڃ، ياد رک جيسين تون دنيا طرفان مڪمل لاڳاپا نٿو لاهين يعني پنهنجي انا کي مڪمل ختم نٿو ڪرين ۽ هر طرح جي مشڪلات جي باوجود مالڪ جي بندگي ۽ عبادت جي وسيلي پاڻ کي تؤنريءَ جيان پوريءَ طرح هن جي قدمن ۾ وڇائجي نٿو وڃين، تيسين تون هن جي پاڪ قدمن جو ڇهاءُ ماڻي نہ سگهندين.

(17)

فريدا! خاک نه نندیئے! خاکو جیڈ نه کوءِ
جِيوَنديان پيران تلے، مویان اُپر ہوءِ

لفظي معنيٰ: خاڪ= مٽي، جيڊ= جيڏو وڏو.

مطلب: مٽيءَ کي گهٽ ڄاڻي ان جي بي ادبي ڪرڻ نہ گهرجي، ڇو ته انسان جي زندگيءَ ۾ اها سندس پيرن هيٺان ۽ موت کان پوءِ سندس مٿان پوندي آهي، زندگيءَ ۾ اها انسان کي بيهڻ لاءِ سهارو ڏيندي آهي ۽ موت کان پوءِ مثل جسم کي سندس مڙني ڪوتاهين سميت ڍڪي ڇڏيندي آهي.

پاڻ سورهين ٻول ۾ گاهہ جي ذريعي عاجزي ۽ انڪساريءَ جي تعليم ڏني هئي، هتي مٽيءَ جي مثال وسيلي بہ اهائي تعليم دهرائي اٿس. سندس سوانح حيات واري باب ۾ اسين پڙهي آيا آهيون ته پاڻ عاجزي ۽ انسڪاريءَ جو مجسمو هو. عاجزي ۽ انڪساري خدا تعاليٰ جي عابدن جو سينگار آهي ۽ اها ئي سندن سڃاڻ آهي.

ڊاڪٽر نذير احمد ان ٻول جي تشريح ڪندي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي نوڙت بابت سندس قول طرف توجهہ ڇڪايو آهي: "مبارڪ آهن عاجز انسان، ڇو تہ اهي زمين جا وارث هوندا." ان مان مراد هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ فقط عاجز ۽ مسڪين ئي رسائي حاصل ڪري سگهندا.

(18)

فريدا! جا لوبهہ تان نينهہ ڪيا؟ لُب تان ڪُوڙا نينهہ
ڪِچر جهَٽ لنگهائيِي ڇهپَر تُٽَّ مينهہ

لفظي معنيٰ: لوبهہ =لوڀ، لالچ، نينهہ ڪيا= ڪهڙي شيءِ جو پيار، ڪُوڙا = ڪوڙو ڪِچر = ڪيستائين، ڪيتري دير تائين، جهَٽ لنگهائيِي =گذري سگهندي، ڇهپَرتُٽَّ مينهہ= جهوپڙي چنل ۽ مٿان مينهن.

مطلب: ٻاڻ چوي ٿو تہ پيار ۽ لالچ جيڪي ڏينهن ۽ رات جي وانگر آهن، اهي گڏجي هلي نہ سگهندا آهن. جيڪڏهن جهوپڙيءَ جي ڇت ڇنل هجي ۽ مٿان تيز بارش برسي رهي هجي تہ ان ۾ ڪيترو وقت رهي سگهبو؟ ان طرح پيار ۽ لالچ ڪيئن گڏجي هلندا.

سچو عاشق محبوب سان محبوب جي ڪري محبت ڪندو آهي، اهڙي طرح الله تعاليٰ جو سچو عاشق، عابد ٻڌجڻ لاءِ الله تعاليٰ خاطر پيار ڪندو آهي، دنياوي خواهشن جي پورائي لاءِ نہ. خواهشون دل ۽ نفس پيدا ڪندا آهن. انهن جي پورائي لاءِ خدا تعاليٰ سان پيار ڪرڻ، خدا تعاليٰ کي پنهنجي نفس جي تابع ڪرڻ آهي. سچو عابد الله تعاليٰ جهڙي محبوب جي رضا ۾ راضي رهندو آهي ۽ بنا خواهشن جي سائس پيار ڪندو آهي، گرو ارجن صاحب جو چوڻ آهي:

وِن تُدھ ہورچے منگنا سر دُکھا کے دُکھہ
دیہہ نام سنتوں کھیا، اُترے من کی بُھکھہ[7]

(19)

فريدا! جنگل جنگل کیا بھوِیں؟ وَن کنڈا موڑیں
وسی رب ہیلا لیئے، جنگل کیا ڈھوڈھیہ

لفظي معنيٰ: وَن كنڈا موڑيں= جنگل ۾ ڪنڊا لتاڙيندو وتين، وسى = رهي، ہيلا لپئے= هر دي، دل ۾.

مطلب: پهرين تہ اسين الله تعاليٰ جي بندگي ڪريون ٿي نٿا. جيڪڏهن ڪندا بہ آهيون تہ غلط جاين تي. ڪوئي جهنگن پهاڙن ۾ ڪيس ڳولي ٿو تہ ڪوئي ويرانن جي خاڪ ڇاڻيندو ٿو رهي، ڳالهہ تہ سڌي سنواٽي آهي، شيءِ جنهن جاءِ آهي، اها اتي ئي ملندي. بابا فريد افسوس سان چوي ٿو اي ڀلا انسانو! مالڪ جي ڳولها ۾ جهنگن ۾ ڇو ٿا پريشان رلو؟ ڇو اجايو ڪنڊن وارا ٻوڙا پيا لتاڙيو؟ انهن جاين تي طرح طرح جي تڪليفن سان منهن ڏيڻو پوندو، پر الله تعاليٰ سان وصال نہ ٿيندو. الله تعاليٰ هر انسان جي اندر ۾ آهي، باطن ۾ رهندڙ الله تعاليٰ سان باطن ۾ ئي وصال ڪري ٿو سگهجي.

(20)

فريدا اِنى نِكّى، جنگهيئں تهل ڈونگر بهوِيوم
اج فريدے كوجڑا سَے كوہاں تهيويوم

لفظي معنيٰ: اِنى نِكّى، جنگهيئں = هنن ننڍين ننڍين ٽنگن سان، ڈونگر = پربت، بهوِيوم= گهميو آهيان، كوجڑا = لوٽو ڪوئنرو.

مطلب: جسم تي زماني جا اثر ظاهر ڪرڻ لاءِ جواني ۽ ٻڍاپي جي ڀيٽ ٿو ڪري، پاڻ چوي ٿو جوانيءَ جي اوستا ۾ جسم ايترو حسين ۽ طاقتور هوندو آهي، جو انسان پنهنجي ننڍين ٽنگن سان وڏا ويڪرا ريگستان عبور ڪري سگهندو آهي ۽ اونچن اونچن پهاڙن جون چوٽيون سر ڪري وٺندو آهي. پوڙهائپ واري حالت ۾ ڪٿ پرسان رڪيل ڪوئنرو بہ ڪافي پري رڪيل ڏسڻ ۾ ايندو اٿس. مطلب تہ جوانيءَ جو زمانو اجاين ڪمن ۾ وڃائڻ بدران الله تعاليٰ جي عبادت، اطاعت ۽ اسم جو ذڪر ڪندي گذارڻ گهرجي. جسم بيڪار ٿي ويندو آهي ۽ انسان جي لاءِ الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت جي دولت حاصل ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ٿي پوندي آهي.

(21)

فريدا! راتِيں وڈّياں ڈُمكهہ ڈُمكهہ اُتهن پاس
دِمرگ تنهاں دا جِيوَيا جناں وِڈانى آس

لفظي معنيٰ: راتِيں = راتيون، پاس= پر، جسم جو پاسو وڈانى= پرائي، بيگاني.

مطلب: بابا فريد هن دوهي ۾ هڪ ڏکويل عورت جي ڏک ڀري ڪهاڻي ٻڌائي. پاڻ چوي ٿو: ڏکويل محبوبہ کي پنهنجي پياري جي جدائيءَ ۾ زندگي جو هڪڙو پل گذارڻ بہ ڏکيو هوندو آهي. ڪيس جدائيءَ واريون راتيون ڏگهيون محسوس ٿينديون آهن. جدائيءَ جو هڪڙو پل بہ ورهين برابر لڳندو آهي. اها سيج تي سُتي بہ پاسا ورائيندي گذاريندي آهي ۽ سندس پاسا سور ڪرڻ لڳندا آهن. اکين ۾ ننڊ جو نالو نشان بہ نہ هوندو اٿس.

پاڻ اشارو ٿو ڪري تہ برهہ جي باهہ ۾ برهڻ جو انگ انگ ٻري رهيو آهي. پر' پنهنجي محبوب جي ياد کان غافل نٿي رهي. هوءَ وڇوڙي جو ڏک ڏاڪڙو تہ سهي ٿي وڃي. پر خواب ۾ بہ پنهنجي محبوب جي يادگيري کان سواءِ ڪنهن غير جي لاءِ سوچي بہ نٿي سگهي. پاڻ چوي ٿو تہ لعنت آهي ان عاشق جي زندگيءَ تي جيڪو الله تعاليٰ جهڙي محبوب کان سواءِ ڪنهن غير ڏانهن ڌيان ٿو ڏري، يا ان مان ڪنهن بہ قسم جي اميد ٿو رکي. يعني محبوب جي هجر ۾ پاڻي بنا مڇيءَ وانگر تڙپي رهيو آهي. عاشق جي زندگي ان بدنصيب جي مقابلي ۾ لکين ڀيرا بهتر آهي، جيڪو پنهنجي محبوب کي وساري، دنيا ۽ ان جي رشتن ۽ مال اسباب ۾ سچي سک جي اميد رکيو ويٺو هجي. اهڙي بدنصيب جي زندگي موت کان بہ بدتر آهي. جيڪو روح محبوب لاءِ تڙپندو آهي ان جي جدائي ڪڏهن نہ ڪڏهن وصل جي ضرورت ۾ تبديل ٿي ويندي آهي پر جنهن کي محبوب جي سوجهہ ٻوجهہ ئي ناهي، اهو وصل جي اميد ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ بابا فريد پنهنجي هڪ ٻئي دوهي ۾ برهہ کي سلطاني جذبي جو نالو ڏنو آهي. جيڪو نيٺ وصل جوئي سبب بڻيو آهي. ان ٻول ۾ وڏي سچيتائي سان اهڙي خيال جي عڪاسي ڪئي وئي آهي.

(22)

فريدا جے ميں ہوندا واربا مِتّاں آيڑياں
ہيڑا جلے مجيٹھ جِيؤں اُپر انگاراں

لفظي معنيٰ: ہوندا واربا = جيڪڏهن قربان نہ ڪريان، يا ڪجهہ بہ لڪائي ڇڏيان. مِتّاں آيڑياں= آيل دوستن سان. ہيڙا =جسم، تن، دل. مجيٹھ جِيؤں = مجيٺ جيان.

مطلب: جيڪڏهن دوستن آڏو مان ڪائنن ڪجهه لڪائي ڇڏيان، ته منهنجو بدن ايئن سڙي وڃي جيئن ٽانڊن تي مجيٺ سڙندو آهي، سچو عاشق پنهنجي محبوب تي پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيندو آهي، ڪيس محبوب ڪي سڀ ڪجهه ڏيڻ ۾ خوشي ٿيندي آهي، هن ڪان ڪجهه لڪائڻ ۾ اهڙي خوشي نه ٿيندي

بابا فريد هتي پنهنجو خيال ٿو ظاهر ڪري، پاڻ اشارن ۾ اهو چوڻ ٿو چاهي ته عشق ۾ قربانيءَ جي پناهه طاقت هوندي آهي، عاشق لاءِ محبوب جي خوشي سڀ ڪان مٿانهين آهي، پنهنجو سک چين نه ان طرح مرشد جو طالب يا سچو عابد، مرشد يا الله تعاليٰ جي خاطر ڪجهه به ڪري ٿو سگهي، هو پنهنجي انا محبوب ۾ فنا ڪري ڇڏيندو آهي، پنهنجي پسند جي ڪمن جي جاءِ تي محبوب ڪي وڻندڙ ڪمن ۾ مشغول رهندو آهي. پاڻ ڪي نفس جي ماتحت ڪرڻ بجاءِ الله تعاليٰ جي رضا جي تابع ڪرڻ ۾ سچو سک محسوس ڪندو آهي.

(23)

فريدا! لوڑے داکھ بجوڑیاں، کِکر بیجے جٹ
ہنڈھے اُنّ کتائے دا، پیدما لوڑے پٹ

لفظي معنيٰ: داکھ بجوڑیاں= بجور جي علائقي جي ڊاک، ہنڈھے= ڦري ٿو ڪتائي دا= ڪتي ٿو پهرڻ گهري ٿو پٹ= ريشم.

مطلب: ڪيڏي نه حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه آهي ته جٹ ٻٻر جو وڻ پوکي، اعليٰ قسم جو انگورن جي اميد رکيو ويٺو آهي، هو اُن ڪتي رهيو آهي پر ريشم پائڻ ٿو گهري.

بابا فريد حيرانگي ظاهر ٿو ڪري ته دنيادار ڪهڙي قسم جي عقل جا مالڪ آهن، جيڪي برا عمل ڪري به بهتر اجر جي اميد رکيو ويٺا آهن. دنيادار عمل به پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪرڻ ٿا گهرن ۽ انهن جي جزا به پنهنجي پسند جي ٿا چاهين، اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ مرچن جي ٻج ڇٽي، صوف ڪائڻ جي تمنا ڪرڻ بنهه جهالت آهي. انسان ڪي هر عمل ۽ فعل سوچي سمجهي ڪرڻ گهرجي. عمل ۽ فعل جي آزادي سزا لوڙڻ جي مجبوريءَ ڪي جنم ڏيندي آهي. پنهنجي ڳچي، پنهنجي ڇري! انسان دنيا ڪي بيوقوف

ٻڌائي ٿو سگهي، پاڻ کي دوکو ڏئي ٿو سگهي . پر سندس اندر پيدا ٿيل عملن جي ميوي پيدا ڪرڻ واري طاقت کي دوکو ڏئي نٿو سگهي. الله تعاليٰ سان وصال جي ضرورت کي پاسيرو رکي، دنيا جو هر انسان جيڪڏهن ايتري ڳالهه سمجهي وٺي ته هو ڪيل عملن جي ڦل (نتيجي) کان بچي نٿو سگهي ته اڄ ئي پوري دنيا ۾ وڏي تبديلي اچي وڃي. افسوس جي ڳالهه آهي ته انسان هن دنيا جي حاڪمن ۽ منصفن کان ڊڄندو آهي پر پنهنجي اندر ۾ ويٺل ان قادر مطلق ۽ عادل الله تعاليٰ جي ڪائنات جي انتظام لاءِ جوڙيل عمل ۽ ان جي پوڄنا جي اڻل قانون کان نٿو ڊڄي، اهو ئي سبب آهي جو هو پنهنجو پاڻ ئي پنهنجي لاءِ عذابن جو سامان تيار ٿو ڪري ۽ دنيا کي به پنهنجي بدعملن سان پريشان ٿو ڪري.

(24)

فريدا! گليئں چِکڑ، دُور گھر، نال پيارے نينّھ
چلاں تاں بِھجّے کمبلی رہاں. تاں ٹُٹّے نينّھ

لفظي معنيٰ: رہاں= ترسان، ٹُٹّے= ٽٽي يا ڇڄي، نينّھ= پيار.

مطلب: منهنجي محبوب جي منزل پري آهي، مينهن وسي رهيو آهي، گهٽيءَ ۾ گپ آهي، پر منهنجو ته محبوب سان پيار آهي. جيڪڏهن وڃان ٿو ته ڪتي پُسي ٿي، جيڪڏهن نٿو وڃان ته پيار ٽٽي ٿو ۽ پيار تي داغ ٿو اچي. پاڻ هيٺين دوهي ۾ وڌيڪ وضاحت ڪئي اٿس.

(25)

بھجّو سِجّو کمبلی! الله ورسؤ مينھ!
جاءِ مِلاں تنہاں سجّناں، تٹو ناہيں نِينّھ

مطلب: هن ٻول جي پڙهڻ سان اها ڄاڻ پوي ٿي ته عاشق، اوڙڪون ڪنڌڙ مينهن ۽ معشوق طرف ويندڙ گهٽيءَ ۾ گپ جي ڪري ٻڌتر ۾ آهي ته هو معشوق سان ملڻ وڃي يا نه وڃي- هن ٻول مان اهو به ظاهر ٿو ٿئي ته عاشق جي دل ۾ معشوق سان ملڻ جو پختو ارادو آهي، مينهن جو وسڻ، گهٽيءَ ۾ گپ، رستي تي رنڊڪن ۽ چادر جو پسڻ، عاشق جي لاءِ ايندڙ تڪليفون آهن. بابا فريد جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن رب کي اهوئي منظور آهي ته برسات تيز وسي ۽ جسم پوريءَ طرح پڄي پوي ته مان به ان حال ۾ خوش آهيان، پر مان

بارش، گپ چڪ ۽ ڪپڙن پسڻ جي باوجود هر حال ۾ پنهنجي محبوب سان ملڻ لاءِ ويندس، جيئن منهنجي پيار جي ڏوري ڇڄي نہ پوي. سچو عاشق الله تعاليٰ کان مينهن بند ٿيڻ لاءِ دعا نٿو گهري پر هو سندس رضا تي راضي، پنهنجو پيار نباهي رهيو آهي. گرو امر داس جو چوڻ آهي:

جهکھڑ جھاگی میہہ ورسے بھی گور دیکھن جائی
سمند ساگر ہووے بہوکھارا گور مکھ لنگھ گور پہہ جائی
جنو پرانی جل بن ہے مرتا تئو سِکھ گور بن مرجائی
جئو دھرتی سوبھ کرے جل برسے تئو سِکھ گُور مِل بِکسائی[8]

(26)

فریدا! مے بھُلاوا پگ دا مت میلی ہوجاءِ
گَہلا رُوح نه جانئی سِر بھی مِٹی کھاءِ

لفظي معنيٰ: بھُلاوا = وهم، فڪر، رنج، پگ= پٽڪو دستار، گَہلا = غافل، بي خبر، اڻڄاڻ، نہ جانئی= نٿو ڄاڻي.

مطلب: غافل انسان ان فڪر ۾ رهندو آهي تہ سندس پڳ ميري نہ ٿئي، پڳ کي مٽي نہ لڳي، پر هو ان ڳالهہ کي سمجهڻ جي ڪوشش نٿو ڪري، تہ موت کان پوءِ جسم مٽيءَ ۾ پوريو ويندو پٽڪو ڇڏڻ وارو مٿو تہ مٽي کائي ويندي. بابا فريد جو مطلب هي آهي تہ جنهن جسم جي اسان ناهہ نُوهہ ڪريون ٿا، اهو هڪڙي ڏينهن مٽيءَ جي حوالي ڪيو ويندو ڪبير بہ خبردار ٿو ڪري:

1. لکڑی کہے لوہار سوں، تُو مت جارے موںھ
ایک دن ایسا ہوئے گا، میں جاروں گی تو ہوں[9]

2. ماٹی کہے کُمہار کو، کیا تو روندے موںھ
ایک دن ایسا ہوئے گا، میں روندوں گی تو ہوں[10]

(27)

فریدا! شکّر، کھنڈ، نِوات، گُڑ، ماکھیوں، ماجھا، دُدھ
سبھے وستُو متّھیاں رب نه پُجّن تُدھ

لفظي معنيٰ: نوات =نبات، ماکهيون= ماکي، پُڄَن تُدم= تنهنجو مقابلو ڪري نہ سگهن، ماجها، دُدم= مينهن جو کير.

مطلب: کنڊ، مصري، نبات، ڳڙ ۽ مينهن جو کير اهي سڀ دنياوي شيون مٺيون آهن، پر اي خداوند! اهي سڀئي تنهنجي مٺاس جو مقابلو ڪري نہ ٿيون سگهجن، پاڻ اهڙو ساڳيو خيال دوهي 89 ۾ بہ ظاهر ڪيو اٿس. فريدا! رب کهجُوريں پکياں ماکهياں نِئيں وہن - يعني رب ماکي ۽ کجور جهڙو مٺو آهي.

اسان دنياوي انسان مادي شين ۽ اسباب جي موهہ ۽ سک جي جار ۾ ڦاٿا پيا آهيون، اسان کي حواسن جون لذتون مٺيون لڳنديون آهن. بابا فريد سمجهائي ٿو تہ جڏهن توهين پنهنجو توجهہ پنهنجي باطن ۾ ڪلمہ الاهيءَ سان ڳنڍي ڇڏيندؤ تہ اوهان کي پاڻ ئي معلوم ٿي ويندو تہ دنيا جو ڪوبہ سک، الله تعاليٰ يا سندس نانءَ مان ملندڙ انوکي سرور جهڙو ٿي نٿو سگهي. بابا فريد ۽ ٻيا سنت مهاتما اهو نٿا چون تہ حواسن جي لذتن ۾ گهٽ سک آهي ۽ الله تعاليٰ جي نانءَ ۾ وڌيڪ. هو سک جي پيماني جو نہ، سک جي نوعيت ۽ ان جي انجام جي فرق کي ظاهر ٿا ڪن. نفسياتي لذتن مان حاصل ٿيندڙ سک مادي ۽ فاني آهن، الله تعاليٰ جي نالي مان ملندڙ سک مڪمل لطيف ۽ لافاني آهي. پاڻ اشارو ٿو ڪري تہ حواسن جي لذتن ۾ غلطان انسان پنهنجو پاڻ سان وڏي ناانصافي ڪري رهيو آهي، هو انهن لذتن ۾ ڦاسي پنهنجو پاڻ کي ان مڪمل سرور کان محروم ٿو ڪري ڇڏي جيڪو هن جي اندر ۾ آهي، جيڪا سندس اصل مُوڙي آهي، جنهن جي حاصلات لاءِ کيس هيءَ انساني زندگي عطا ڪئي ويئي آهي.

(28)

فريدا! روٹی ميری کاٹھ کی لاون ميرے بُھکھ
جِناں کھادی چوپڑی گھنے سہن گے دُکھ

لفظي معنيٰ: کاٹھ کی= ڪاٺيءَ جهڙي سڪل، لاون= ٻاجي، گھنے= گهڻا، چوپڑی= لذيذ ڪاڌو.

مطلب: بابا فريد هتي حلال جي نيڪ ڪمائي ۽ سادي زندگيءَ جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ منهنجي ماني سڪل ڪاٺيءَ جهڙي آهي، منهنجي بک ئي منهنجي لاءِ ٻاجي آهي، لذيذ ڪاڌا ۽ پيٽ ڀري کائڻ وارن

کي گهٽا ئي ڏک ۽ تڪليفون سهٽيون پونديون. سندس مراد هيءَ آهي تہ حق حلال جي روزي رکي سگهي ماني، بي ايمانيءَ سان ڪمايل رقم مان تيار ٿيل چٽيهن طعامن کان بهتر آهي. ان ئي خيال کي ايندڙ شلوڪ ۾ بہ واضح ڪيو ويو آهي:

(29)

رُکّی سُکّی کھاءِ کے ٹھنڈا پانی پیئو
فریدا! دیکھ پرائی چوپڑی نہ ترسائیں جیئو

مطلب: پنهنجي حق حلال جي روزيءَ تي صبر ۽ قناعت ڪرڻ بهتر آهي. پراڻن چٽيهہ قسم جي کاڌن کي ڏسي لالچ ۽ حسد ڪرڻ نہ گهرجي.

چوئيتاليهين شلوڪ ۾ بہ ان قسم جي خيال کي ظاهر ڪيو ويو آهي، ڪامل فقيرن حق حلال جي ڪمائيءَ مان حاصل ٿيندڙ رکي سڪي کاڌي جي تعريف ڪئي آهي. بابا فريد جي زندگيءَ جي حالات بابت 'سوانح حيات' واري باب ۾ اهڙن شلوڪن جي تفصيلي تشريح ڪئي وئي آهي.

(30)

اج نہ سُتّی کنت سیوں انگ مڑیں مُڑجاءِ
جاءِ پُچّھو ڈوہاگنی: تم کِیو رَین وہاءِ •

لفظي معنيٰ: سيوں = گڏ. انگ= جسم. مڑیں مُڑجاءِ= پڇي رهيا آهن. ڈوہاگنی= ڏهاڳڻ طلاق ورتل.

مطلب: درويشاڻي سهاڳڻ چوي ٿي: مون کي هر روز منهنجي محبوب جو وصول نصيب ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڏهاڙي ان سان منهنجو ميلاپ نہ ٿئي تہ منهن جي حالت خراب ٿي ويندي آهي. ڏهاڳڻين کان پڇيو وڃي تہ پنهنجي زندگيءَ جون ڏکيون راتيون ڪيئن ٿيون بسر ڪن؟ نفس پرست، انسان انهن ڏهاڳڻين جيان آهن. جيڪي حقيقي پيتار جي وصل جي لطف ۽ سرور کان سواءِ پنهنجي زندگي لاحاصل وڃائي ڇڏيندا آهن بابا فريد ايڪيهين شلوڪ ۾ هيئين ٿو چوي:

فریدا! راتیں وڈّیاں ڈُمکھ ڈُمکھ اُٹھن پاس
دِھرگ تنہاں دا جیوَیا جناں وِڈانی آس[24]

اهي ٻئي شلوڪ ساڳي خيال جي ترجماني ڪن ٿا، تہ روح نما عاشق، الله تعاليٰ جهڙي محبوب جي جدائيءَ ۾ تڙپي رهيو آهي، ڪيس جڏهن بہ سچو سک ملندو محبوب جي وصال ۾ ئي ملندو. محبوب جي محبت کان محروم ڏهاڳڻ جهڙي زندگي لعنت آهي. پاڻ ان ئي خيال کي ايندڙ شلوڪ ۾ اڳتي وڌائي ٿو.

(31)

سوہُرے ڈھوئی نہ لہے، پئیے ناہیں تھاؤں
پِر واتڑی نہ پُچّھہ ای، دھنّ سُہاگن ناؤں

لفظي معنيٰ: سوہُرے = ساهري (الله جي درگاهہ) ڈھوئی= سهارو پيئے= پيڪين، (هن دنيا ۾) واتڑی نہ پُچّھہ ای= ڪوبہ نٿو پڇي، ڪابہ پرواهہ نہ ٿا ڪن، دھن= زال، عورت.

مطلب: جنهن عورت (روح) جي عزت نہ هن دنيا ۾ آهي ۽ نہ ئي عقبيٰ ۾ آبرو جنهن جو پيتار سندس ڪابہ ڳالهہ نٿو مڃي، ڪوبہ سندس خبرگيري نٿو رکي، اها عورت پاڻ مرادو پاڻ کي پل سوين پيرا سهاڳڻ سمجهي، پر اها سهاڳڻ چوائڻ جي حقدار ناهي.

بابا فريد ان اشاري سان هيئن چوڻ ٿو گهري تہ روح نما عاشق دنيا ۽ آخرت ۾ امن، سڪون ۽ سچي عزت ۽ آبروءَ جي حاصلات جو ذريعو حقيقي محبوب جي محبت ۽ ان جو وصال آهي. مٿين ٻنهي شلوڪن ۾ ظاهر ڪيل خيال کي گرو نانڪ صاحب هيٺئين شلوڪ ۾ واضح ٿو ڪري.

(32)

سوہُرے پئیے کنت کی، کنت اگم اَتھاہ
نانک سو سوہاگنی جو بھاوے بے پرواہ

لفظي معنيٰ: اگم= پهچ کان پري، اتهاه= لامحدود، بي پايان، بھاوے بے پرواه= بي پرواهہ (مالڪ) کي بهتر لڳندو آهي.

مطلب: گرونانڪ جو چوڻ آهي، سچي سهاڳڻ اها آهي جيڪا ساهري ۽ پيڪين يعني دنيا ۽ آخرت ۾ حقيقي محبوب جي محبت ۾ رڱيل رهي ٿي. پاڻ چوي ٿو تہ اهو اگم (پهچ کان پري)، اٿاهہ مالڪ ڪل پنهنجي موج جو مالڪ آهي، ساڻس وصل جي فضيلت سندس رحمت ۽ بخشش تي ٻڌل

آهي، ان ۾ روح نما عاشق مجبور ۽ لاچار آهي. بابا فريد بہ چيو آهي 'آپ ليئے لڙ لائے در درويش سے'[11] جن کي هو پنهنجي رحمت سان پنهنجي دامن ۾ پناهہ ٿو ڏئي، اهي ئي سندس در جا سچا درويش آهن.

(33)

نهاتی، دهوتی، سنبهی سُتی آئے نچند
فريدا! رہی سُو بيڑی ہنگ دی، گئی کتهوری گندھ

لفظي معنيٰ: سنبهی= ٺهي سنبري، نچند= بي فڪر،بيڙی= لت پت، کتهوری= ڪستوري، خوشبو، گندھ= خوشبو.

مطلب: هن شلوڪ ۾ بابا فريد خوبصورت عورت جي تصوير ڪشي ٿو ڪري، جيڪا وهنجي سهنجي هار سينگار ڪري، سيج تي سمهي ٿي پوي، اها پنهنجي سونهن ۽ هار سينگار جي وهم ۽ گمان ۾ مبتلا آهي تہ هن جو عاشق اچي کيس سيني سان لائيندو. بابا فريد چوي ٿو تہ: ان عورت جي حالت اهڙي آهي جڻ هن مان ڪتوري جي مهڪ غائب ٿي وئي آهي ۽ هن مان هِڱ جهڙي بوءِ پئي اچي. مراد آهي تہ جيڪو سالڪ پنهنجي دل پسند شريعت تي نازان هوندو آهي تہ ان جي سهاري سندس الله تعاليٰ سان وصال ٿي ويندو تہ اهو حقيقي محبوب جي وصال کان محروم رهجي ويندو آهي. سندس انانيت جي بوءِ سندس هر طرح جي نيڪ عملن جي خوشبوءِ کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي.

ماڻهو متبرڪ مقامن جون زيارتون ڪري دريائن ۽ تالابن ۾ وهنجي پُن دان (ڏوهہ ڌوئي) ڪري بي فڪر ٿي ويندا آهن، تہ هنن پنهنجا گناه بخشرائي الله تعاليٰ کي راضي ڪري ڇڏيو آهي. بابا فريد جو چوڻ آهي: جن کي اهڙن ٻاهرين اعمالن تي فخر آهي، انهن مان سچي محبت، عجز ۽ انڪساريءَ جي خوشبوءِ جي بدران انانيت جي بدبوءِ ايندي آهي، پاڻ ايڪنيهين ۽ ٻٽيهين شلوڪ جيان هن شلوڪ ۾ بہ ظاهري عمل کي بيڪار چئي انهن جي ترديد ڪئي اٿن، روح روپي محبوبہ جي اصل ناهہ ٺوهہ جي سچاڻ ان جي محبت، عاجزي ۽ انڪساري ۽ محبوب حقيقيءَ جي رضا مطابق عمل ڪرڻ آهي، اسان جي من مرضيءَ واري عبادت ناهي.

(34)

جوبن جاندے نه ڈراں جے شوه پريت نه جاءِ
فريدا! کِتّي جوبن پريت بن سُک گئے کملاءِ

لفظي معنيٰ: شوه پريت = مڙس جي محبت، کِتّي = ڪيرائي، تمام گهڻا.

مطلب: مون کي جوڀن گذرڻ جو نه ان ڳالهه جو فڪر آهي ته منهنجو پيار مڪمل ٿي وڃي، ڇو جو مون پيار بنا ڪيترائي جوڀن ڪومائجندي ڏٺا آهن. مطلب ته انساني زندگي عالم شباب جيان آهي. ان جي اصل فضيلت محبوب حقيقيءَ جي محبت ۾ آهي.

ٽيٽيهين شلوڪ ۾ اشاري سان اها ڳالهه چئي وئي آهي ته روح جي سچي خوبصورتي محبت ۽ عاجزيءَ ۾ آهي. هن شلوڪ ۾ به ان طرف اشارو ڪيو ويو آهي ته محبت ئي عاشق جي زندگي آهي، بنا محبت جي هو زنده لاش مثل آهي.

(35)

فريدا! چِنت کهٹولا، وان دُکهه، بره وِڇهاون ليف
ايہه ہمارا جيونا، تُوں صاحِب سچّے ويکهه

لفظي معنيٰ: چنت= چنتا، فڪر، وڇهاون =وڇاڻ، بسترو.

مطلب: محبوب جي جدائيءَ ۾ بيقرار برهڻ چوي ٿي: مان ڏکن جي واڻ سان واڻيل کٽ تي سُتي پئي آهيان، جنهن تي برهه جي عذاب جو بستر وڇايل آهي. هوءَ محبوب کي التجا ڪري ٿي ته تون ڏس ته سهي ته تنهنجي جدائيءَ ۾ منهنجي ڪهڙي حالت ٿي وئي آهي، تون پنهنجي رحمت سان منهنجي جدائيءَ جي ڏک سور کي ختم ڪر ۽ پنهنجي وصل جي خوش نصيبي عطا ڪر.

چوٽيهين شلوڪ ۾ چيل آهي: محبوب حقيقيءَ جي محبت بنا زندگي بي سود آهي، هتي پاڻ (فريد) اهو خيال ظاهر ٿو ڪري ته محبوب حقيقي جي وصل بنا روح روپ محبوبہ جي زندگي اڻ ڳڻ ڏکن، عذابن جو هڪڙو ڏِگهو بيان آهي. ڪيس محبوب جي ميلاپ بنا سچو سک ملي نٿو سگهي. هن جو محبوب سان وصال فقط سندس لطف ۽ ڪرم سان ئي ممڪن آهي، جنهن ڪري هو محبوب کي منٿ ميڙ ٿو ڪري

(36)

بِرہا بِرہا آکھیے بِرہا تُوں سلطان
فریدا! جِت تن برہوں نه اُپجے سوتن جان مسان

لفظي معنيٰ: برہا= هجر، برهہ. آکھیے =چيو وڃي ٿو جِت تن =جنهن جسم ۾. برہوں = جدائيءَ جو ڏک، مسان =قبرستان.

مطلب: بابا فريد جو چوڻ آهي تہ جدائيءَ جي ڏک سور جي ڪري روئندڙ روح بيقرار ٿي جدائيءَ جي ڏک کي پاراتا ڏئي ٿو پر دراصل اهو برهہ تہ حقيقي محبوب سان وصال جي سيني ذريعن جو بادشاه آهي، اهو وصال جو اعليٰ ۽ افضل ذريعو آهي، جنهن دل ۾ برهہ جي تپش ناهي، اها دل قبرستان جي مثال آهي.

پنجٽيهين شلوڪ ۾ برهہ جو درد بيان ڪيو ويو آهي. هتي پاڻ برهہ جي وڏائي بيان ڪندي، ان کي محبوب سان وصل جو سڀ کان اعليٰ ذريعو ٿو سڏي، جيسين اسان ڪنهن شيءِ جي کوٽ محسوس نہ ڪندان، تيسين ان جي لاءِ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهيون، جدائيءَ جي ڏک جو احساس ئي وصل جي لاءِ تڙپ پيدا ٿيڻ جو ڏس آهي.

هن شلوڪ جي تشريح ڪندي ڊاڪٽر نذير احمد لکيو آهي تہ، ”صوفي درويش چوندا آهن تہ اندر ۾ جدائيءَ جي ڪري تڙپ ان ڳالهہ جي نشاني آهي تہ پاڻ کي ڪُل جو جزو ڄاڻي ٿي، ان سان وصال جي تڙپ سندس زنده هجڻ جو ثبوت آهي.“[12]

سيني ڪامل فقيرن برهہ کي خدا جي حصول جي لاءِ لازم و ملزوم قرار ڏنو آهي. برهہ محبت جو اظهار ۽ اقرار بہ ڪندو آهي ۽ ان کي پختو بہ ڪندو آهي، جنهن عاشق کي پنهنجي محبوب لاءِ سچي محبت آهي، جيسين سندس محبوب سان وصال نہ ٿيندو، تيسين هو وصال لاءِ ڦٿڪندو رهندو. اها بيقراري ئي عاشق جي راهہ طئي ڪري، محبوب جي منزل تائين پهچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي آهي، ڪبير داس جو دوهو آهي:

برہا موسے یُوں کہے، گاڑا پکڑو موہنه
چرن کمل کی موج میں، لے پہنچاؤں تو بنه[13]

(37)

فريدا! اے وِس گندلاں دھریاں کھنڈ لِواڑ
اک راھینّدے رہ گئے اک رادھی گئے اُجاڑ

لفظي معنيٰ: وِس =زهر، کهنڊ لواڙ =کنڊ گاڏڙ اک =ڪجھ ماڻهو راهينّدے گئے =تڪجي پيا،ختم ٿي ويا، هليا ويا رادهي=وڪاڻل، اجاڙ =اجاڙي، تباهہ ڪري

مطلب: بابا فريد ڏهين شلوڪ ۾ کنڊ گاڏڙ زهر ڏانهن اشارو ڪيو آهي. جيڪي لذتون بظاهر کنڊ جيان مٺيون آهن. انهن جو انجام زهريلو هوندو آهي، هن شلوڪ ۾ بہ پاڻ ان جي عڪاسي ڪندي چوي ٿو: مادي شيون کنڊ گاڏڙ زهر جي ڳڙين مثال آهن، حواسن جون لذتون ظاهر ۾ ڏاڍيون مٺيون ۽ سٺيون لڳنديون آهن، پر انهن جو اثر ڏاڍو زهريلو هوندو آهي، ان ۾ ڦاٿل انسان، جسماني، دماغي ۽ روحاني تباهيءَ جي ڪاهيءَ ۾ وڃي پوندو آهي ۽ پنهنجي زندگي اجائي وڃائي هٿان هٿين خالي هليو ويندو آهي. پاڻ چوي ٿو تہ جنهن دنيا جي لذتن ۽ عيش عشرت کي سچائي ورتو تنهن جڻ زنده هوندي روحاني پوک پچائي ورتي. باقي ماڻهو ماضيءَ جا جيڪي نيڪ عمل پاڻ سان کڻي آيا هئا، اهي بہ اجايو برباد ڪري هليا ويا. گرو امر داس جو شلوڪ آهي:

گورُ مُکھ لاہا لے گئے من مُکھ چلے مُول گوائے جیئو[14]

پاڻ ٻڌائي ٿو تہ دنيا ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن: ڪامل مرشد جا مريد (گورُ مُکھ) ۽ نفس جا پوئلڳ (من مُکھ) طالب مرشد جي هدايت مطابق، الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت جي وسيلي، هٿان روحاني نفعو حاصل ڪري، پنهنجي زندگيءَ کي ڪامياب بڻائي ويا. نفس پرست، پنهنجي نفس جي پويان، خواهشن ۽ اجاين ڪمن ۽ دنيا جي فضول ڪمن ڪارين ۾ گهيريل رهيا. هو پهرئين جنم جي نيڪ عملن جي پونجي، جيڪا ساڻ کڻي آيا هئا، ان کي وڃائي هليا ويا. سندس مطلب آهي تہ انهن کي پهرئين جنم جي نيڪ عملن عيوض انساني زندگيءَ جو نادر موقعو مليو هو جنهن کي هنن پنهنجي نفساني خواهشن جي ڪري فضول دنيائي ڌنڌن ۾ برباد ڪري ڇڏيو ڪبير داس جو چوڻ آهي:

من مُريد سنسار ہے، گورو مريد کوئے سادھ
جو مانے گور بچن کو، تاکا متا اگادھ[15]

(38)

فريدا! چارگوائياں ہنڈھ کے، چار گوائياں سَمّ
ليکها رب منگيسيا: تُو آيوں کيہڑے کمّ؟

لفظي معنيٰ: ہنڈھ =دنيا جي ڏنڌن ۾، سم=سمهي،منگيسيا =گهرندو آيوں =آيو هو.

مطلب: ستٽيهين شلوڪ ۾ انسان کي زندگيءَ جي اصليت سمجهائيندي، عاقبت خاطر پونجي گڏ ڪرڻ جي هدايت ڪيل آهي، هن شلوڪ ۾ بابا فريد تنبيهه ٿو ڪري تہ انسان الله تعاليٰ جي اصل بندگيءَ کي وساري، ڏينهن جا چار پهر دنياوي پيچ ڊڪ ۾ ۽ رات جا چار پهر سمهي وڃائي ٿو ويهي. هو اهو وساري ٿو ويهي تہ آخرڪار الله تعاليٰ انهيءَ جو حساب وٺندو تہ ڪيس جنهن ڪم لاءِ موڪليو ويو هو اهو ڇو نہ ڪيئي؟ ڪبير صاحب جو چوڻ آهي:

رات گنوائی سوئے کر، دِوس گوایؤ کھائے
ہیرا جنم امول تھا، کوڑی بدلے جائے[16]

گهڻائي ماڻهوان وهم ۾ ڦاٿل آهن تہ نہ ڪو دنيا کي خلقڻ وارو آهي ۽ نہ ئي پنهنجي مرضيءَ مطابق ان کي ڪوئي هلائڻ وارو آهي. سندن خيال آهي تہ وڌ کان وڌ مادي سک حاصل ڪرڻ ئي انساني زندگيءَ جو اصل مقصد آهي. ان کان هٽي ڪري فقراءَ انسان کي آگاهي ٿا ڏين تہ جنهن الله تعاليٰ ڪائنات خلقي آهي، ان انسان کي مخصوص مقصد پورو ڪرڻ لاءِ هتي موڪليو آهي، جيڪڏهن انسان باقي سڀ ڪجهہ ڪري ٿو پر جنهن ڪم جي لاءِ الله تعاليٰ ڪيس هن دنيا ۾ موڪليو آهي، ان طرف ڌيان نٿو ڏري تہ ڪيس پنهنجي رب جي حضور ۾ جواب تہ ڏيڻو پوندو.

(39)

فريدا! در دروازے جاءِ کے کِيو ڈِٹھو گھڑيال
ايہ ندوسا مارے، ہم دوساں دا کيا حال؟

لفظي معنيٰ: ڪِيو =ڪهڙو، ندوسا =بي قصور، مارِيے= ماري ڪائي ٿو.

مطلب: پراڻي زماني ۾ بادشاهي محلاتن جي دروازن تي لڙڪايل گهنڊن کي وڄائي وقت جي گذرڻ جو اطلاع ڏنو ويندو هو. بابا فريد سوال ٿو ڪري ته جڏهن بيقصور گهڙيال کي ايتري سزا ملي رهي آهي، ان تي هر هر ڌڪ لڳن ٿا ته اسان قصور وار ۽ گنهگار ماڻهن جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟ انسان کي آگاهه ڪيو ويو آهي ته عمل ۽ ڪم سوچي سمجهي ڪرڻ گهرجي، اهڙي ئي خيال کي هيٺئين شلوڪ ۾ به ظاهر ڪيو ويو آهي.

(40)

گهڙِيے گهڙِيے مارِيے پهرِيں لهے سزاءِ
سوبيڙا گهڙيال جيّوں ڈُکهی رَين وہاءِ

لفظي معنيٰ: گهڙِيے گهڙِيے=ڪلاڪ ڪلاڪ ڪان پوءِ، پهرِيں= هر پهر ڪان پوءِ، سوبيڙا =جسم، رين= رات، وہاءِ= گذري ٿي.

مطلب: جيئن گهڙيال کي هر گهڙي، هر پهر ڌڪ سهڻا پوندا آهن، اهڙي طرح خراب عمل ڪرڻ وارن جي زندگيءَ جهڙي رات عذابن ۾ گذرندي آهي.

(41)

بُڈها ہويا شيخ فريد، ڪنّبن لگی ديہہ
جے سو وَرهياں جِيونا بهی تن ہوسی کهيہہ

لفظي معنيٰ: ديہہ= جسم، بدن، ہوسی= ٿي ويندو، کهيہ =خاڪ.

مطلب: ٻڍاپي ۾ جسم ڪمزور ٿي ڏڪڻ لڳندو آهي، عمر ڀل سؤ ورهين جي ٿي وڃي، تڏهن به نيٺ مٽيءَ جو ڍير بڻجي ويندو. جوانيءَ واري طاقت سدائين رهندي ناهي. عمر ڀل ڪيڏي به وڏي هجي، موت اٽل آهي. مطلب ته جوانيءَ ۾ اهو سوچي الله تعاليٰ جي عبادت کي ڇڏي نه ڏيڻ گهرجي ته ٻڍاپي ۾ عبادت ڪنداسون. پيريءَ ۾ جسم نٻل ٿي پوندو آهي ۽ بندگي ۽ رياضت ڪرڻ ڪنهن حد تائين ڏکي ٿي پوندي آهي.

(42)

فريدا! بار پرائے بَيسنا سائيں مُجهے نه ديه
جے تُو ايويں رکهسی جِيو سرِيروں ليه

لفظي معنيٰ: بار =دروازي تي، بيسنا =ويهڻ، ايوين =ان طرح، ڇيو سرِيروں ليه= بدن مان ساهه ڪيئي ڇڏي.

مطلب: بابا فريد جي سوانح حيات ۾ اسان ڏٺو ته پاڻ ڪجيءَ جي ڦڙهن جون ڇپيون ٺاهي وڪڻندو ۽ روزي ڪمائيندو هو پاڻ نذراني ۾ آيل رقم مان پائي به پنهنجي ذاتي خرچ لاءِ پنهنجي ڪٽنب تي نه خرچيائين. هڪ سؤ اٺاويهين شلوڪ ۾ پاڻ چوي ٿو ته ان ہووڻے آپ ونڈائے . ڪو ايسا بھگت سوانے سچو عابد يا درويش پل ته غريب ۽ بي وس ڇو نه هجي، پنهنجي حق حلال جي ماني بين سان ونڊي ورهائي کائيندو آهي، ڪڏهن پرائي دولت کي هٿ به نه لائيندو آهي، هو پنهنجي کائڻ کان مرڻ کي بهتر ٿو سمجهي.

(43)

کندَھ کُہاڑا سِر گھڑا، وَن کے سر لوہار
فریدا! بوں لوڑی شَوہ آپنا، تُوں لوڑیں انگیار

لفظي معنيٰ: کندَھ =مڙس، مالڪ، لوڑی =ڳولي رهيو آهيان، انگيار=ڪوئلا.

مطلب: هن شلوڪ ۾ بابا فريد لوهار جي منظرنگاري ڪري رهيو آهي، جيڪو مٿي تي پاٽيءَ جو گهڙو ۽ ڪلهي تي ڪهاڙو کنيو بيٺو آهي. هو جهنگل ۾ وڻ وڍي ڪوئلا ٿو ٺاهي. ان منظر وسيلي بابا فريد اسان جو خيال انهن دنيادارن ڏانهن ٿو ڦيرائڻ گهري، جيڪي بنا سوچ سمجهه جي سنسار جهڙي جهنگ ۾ حواسن جي لذتن ۽ نفساني خواهشن جي پڙڪندڙ باهه ۾ پنهنجي ساهن کي ساڙي، انهن مان ڪوئلا ٺاهي رهيا آهن. ان سان گڏوگڏ هو الله تعاليٰ جي عابدن ڏانهن اشارو ٿو ڪري، جن کي الله تعاليٰ پاران هن دنيا ۾ موڪلڻ جو علم آهي، اهي الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت ۾ رڌل رهندا آهن.

ڊاڪٽر نذير احمد چوي ٿو ته "دنيا اهائي آهي پر هڪ انسان جي لاءِ اها خراب عمل گڏ ڪرڻ جو ذريعو ۽ ٻئي جي لاءِ الله پاڪ جي عبادت ۽ هيرن جواهرن جي واپار مثل آهي."[17]

(44)

فریدا! اِکناں آتا اگلا، اِکناں نابیں لون
اگّے گئے سنجاپسن، چوٹا کھاسی کون

لفظي معنيٰ: اگلا=گهڻو بي حساب، سنجاپسن= سڃاڻا ويندا، کهاسي=کائيندا.

مطلب: دنيا ۾ هڪ طرف اهڙا ماڻهو آهن، جن وٽ بي حساب نعمتون آهن، ٻئي پاسي الله تعاليٰ جا اهڙا عاشق آهن، جيڪي رکي سکي ماني کائي گذارو ڪري رهيا آهن. بابا فريد آگاهه ٿو ڪري ته الله تعاليٰ کان غافل مادي لذتن، عيش ۽ عشرت ۾ ٻڏل ماڻهن کي مالڪ جي دربار ۾ پهچي خبر پوندي آهي ته اتي دنيادارن ۽ الله تعاليٰ جي عاشقن مان ڪهڙن ماڻهن کي عملن جي سزا ڀوڳڻي پوندي آهي.

پاڻ ماڻهن کي وڏيڪ هيءَ آگاهي ڏيڻ ٿو گهري ته وقتي ۽ ڪوڙن سکن جي ڀويان ڊوڙندي پنهنجي زندگي قربان ڪرڻ نه گهرجي. سچا درويش هميشه حق حلال جي روزيءَ تي گذارو ڪندي، نيڪ ۽ پاڪ اخلاق رکڻ جي هدايت ڪندا آهن. انسان کي ڪوڙ بي ايماني، دوکي ۽ فريب ذريعي گڏ ڪيل ڌن دولت جي باري ۾ خبردار ڪندا آهن، ڇاڪاڻ جو آخرڪار الله تعاليٰ جي دربار ۾ هر ڪم جو حساب ڏيڻو پوندو ۽ خراب ڪمن (گناهن) جي سزا ڀوڳڻي پوندي.

(45)

پاس دمامے چھتُ سر، بھیری، سڈو رڈ
جائے سُتے جِیران میں تھِیے اَتیماں گڈ

لفظي معنيٰ: دمامے =دهل دماما، بهيرى =ڍولڪي، سڈو =جن جي تعريف ۾ قصيدا چيا ويندا آهن، رڈ =يٽ، جيران =قبرستان، اَتيماں=يتيمن جيان، تهيئے=ڪوڙيا ويا.

مطلب: پاڻ چوي ٿو ته جن ماڻهن واسطي دهل دماما وڄايا ويندا هئا، جن جي ثنا ۾ يٽ قصيدا ڳائيندا هئا، جن جي هٿان شاهي جهومر جهومندا هئا، اهي به نيٺ يتيمن جيان مٽيءَ ۾ ملي مٽي ٿي ويا. پاڻ آگاهه ٿو ڪري ته بادشاهن واري دنياوي عظمت ناٺ باٺ ۽ عهدا رتبا به انسان کي موت کان نٽا بچائي سگهن، آخري وقت ۾ ڌن دولت، شان شوڪت ڪم نه ايندا آهن، ان ويل انسان سڀ ڪجهه ڇڏي يتيمن جيان قبر ۾ هليو ويندو آهي. آخري وقت نيڪ اعمال ۽ الله جي بندگي ۽ عبادت جي دولت ئي ساٿس گڏ ويندي آهي.

(46)

فريدا! کوٹھے منڈپ ماڑیاں اُساریندے بھی گئے
کُوڑا سودا کر گئے، گوریں آءِ پئے

لفظي معنيٰ: منڈپ ماڑیاں =محلات، گوریں = قبر ۾.

مطلب: مٿي ڏنل شلوڪ جيان، هن شلوڪ ۾ بہ پاڻ دنيا جي ماڻهن جي حالت بيان ٿو ڪري عام ماڻهوءَ جي لاءِ چا چئجي، محل ماڙيون جوڙائڻ وارا راجا مها راجا بہ هن دنيا مان خالي هٿين هليا ويا. اهي نہ موت کان بچي سگهيا ۽ نہ ئي پاڻ سان ڪا شيءِ کڻي وڃي سگهيا، آخرڪار قبرن ۾ سمائجي ويا. هنن الله تعاليٰ جي اسم جو سچو سودو خريدڻ جي جاءِ تي دنياوي مال اسباب جي ڪوڙي سودي جو واپار ڪيو جيڪو نيٺ هتي ئي رهجي ويو.

(47)

فريدا! کِھنتھڑ ميکھا اگلياں، جند نہ کائی ميکھ
واری آپو آپنی چلے مشايخ شيخ

لفظي معنيٰ: کِھنتھڑ = گودڙي، ميکھا= ميک، ٽانڪو چتي، اگلياں= گھڻا، مشايخ = مشائخ.

مطلب: پاڻ تمثيل طور چوي ٿو تہ جيڪڏهن گودڙي هر هر ڦاٽي پوي تہ ان ۾ هر هر چتيون لڳايون وينديون آهن، جيڪڏهن زندگيءَ جي گودڙي هڪڙو ڀيرو ڦاٽي پوي تہ ان ۾ ڪابہ چتي هڻي نٿي سگهجي. '*واری آپو اپنی چلے مسائک شیخ*!' پاڻ هوشيار ڪندي چوي ٿو تہ، نہ رڳو عام ماڻهو پروڙي کان وڏا امير، علماءَ ۽ رهبر بہ هتي رهي نہ سگهيا. شلوڪ 45_ 47 ۾ بابا فريد تنبيهہ ڪري ٿو تہ ڌن دولت، شان شوڪت، راج ڀاڳ سڀ انسان کي موت جي منهن کان بچائي نٿا سگهن ۽ آخري وقت دنيا جي ڪابہ شيءِ انسان سان گڏ نہ ويندي، پاڻ موت جي اٽلتا ۽ زندگيءَ جي ناپائيداري ذريعي الله تعاليٰ جي بندگيءَ جو پيغام ڏئي رهيو آهي.

(48)

فريدا! دُو ديويں بَلَندياں، مَلَک بہنٹھا آء،
گڑھ لِيتا، گھٹ لُٹیا، ديوڑے گيا بجھاء

لفظي معنيٰ: ڏو ديوس بَلَنديان= ٻنهي اکين اڳيان. ٻهٿا آء= موت جو فرشتو اچي ساڻن ويٺو ڳڙهه = قلعو لِيتا= فتح ڪري ورتو گهٽ لُٽيا= اندروني سامان لُٽي ورتو.

مطلب: هن شلوڪ ۾ ٻه متين ٽنهي شلوڪن ۾ ظاهر ڪيل خيال کي اڳتي وڌايو ويو آهي. پاڻ ٻڌائي ٿو ته موت جو فرشتو وڏو جابر آهي. هن جي اڏو ڪنهن جي ٻه منٿ نه هلندي انسان جي ڏسندي موت جو فرشتو (عزرائيل) اچي سندس بدن ۾ ويهي رهندو آهي. هو جسم روپي قلعي تي قبضو ڪري روح روپي دولت لٽي ويندو آهي. هو روح تي قبضو ڪري اکين جا ڏيئا اجهائي ويندو آهي. هن جي آڏو ڪنهن جو ٻه وس ناهي هلندو هو علم، عقل، عهدي، دنيائي حاصلات وغيره ڪنهن شيءِ جي پرواهه ڪرڻ بنا مقرر وقت تي پهچي، جسم مان روح ڪيڏي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو آهي. سندس مطلب آهي ته موت کي وسارڻ نه گهرجي، جيڪو انسان موت کي هميشه ياد رکندو آهي، اهو گناهن کان بچيل رهندو آهي ۽ ان سان گڏ خدا تعاليٰ جي عبادت ۽ اطاعت جو سامان گڏ ڪندو رهندو آهي، جيڪو عاقبت ۾ سندس مددگار ٿيندو آهي.

(49)

فريدا! ويکھ ڪپاہے، جو تهيا جو سر تهيا تِلاں
ڪمادے اُر ڪاگدے ڪُنّے ڪوئليان
منّدے عمل ڪريندا! ايهه سزا تِنهاں

لفظي معنيٰ: جو = جو ڪجهه، سِر تهيا= مٿان گذري ڪُنے= ڪُنا، مٽيءَ جا ٿانوَ

مطلب: بابا فريد 39 ۽ 40 شلوڪ ۾ هر هر ڏک جهليندڙ گهنڊ جي مثال وسيلي، انسانن کي گناهن کان پري رهڻ جي هدايت ڏيو ڪري هتي پاڻ هڪڙو ٻيو مثال ڏئي رهيو آهي، چوي ٿو جيئن ڪپهه کي ويلڻ سان ويليو ويندو آهي، ڪاغذ ناهڻ لاءِ ڪانيءَ جو ٻورو ٻٽايو ويندو آهي ۽ ڪُني کي باهه تي چاڙهيو ويندو آهي، اهڙي طرح گناهن جو اجورو پوڳڻ لاءِ ڏکن ۽ عذابن جي چڪيءَ ۾ پيسجڻو پوندو آهي. ان ڪري پاڻ گناهن کان پاسي رهڻ جي تاڪيد ڏو ڪري، چو ته هر عمل ۽ فعل جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو آهي.

(50)

فريدا! کَنهہ مُصلّا، صُوف گل، دل کاتي، گُڙ وات
باہر دِسّے چاننا دل اندمياري رات

لفظي معنيٰ: کَنهہ = ڪلهي تي، مُصلّا= مصلو صُوف گل= ڳچيءَ صوفيءَ واري ڪفني.

مطلب: هتي هو هڪ نڙڪويءِ نام نهاد درويش جي حالت تي روشني وجهندي چوي ٿو تہ هن جي ڳچيءَ ۾ صوفين وارو چوغو ۽ ڪلهي تي مصلو رکيل آهي ۽ منڙي ٻوليءَ ۾ ديني حوالا بہ ڏئي رهيو آهي پر سندس دل ۾ لوڀ لالچ جي ڪاتي لڪل آهي. هن جي دل دنياوي لڳاءَ جي اونده سان ڀريل آهي. سندس مطلب آهي تہ انسان ظاهري ڏيک ويک يا ظاهري لباس سان درويش بڻجي نٿو سگهي. سچن درويشن واري فضيلت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دل، قول ۽ فعل ۾ هڪجهڙائي هجڻ ۽ باطن ۾ اسم جي ڪمائيءَ جو پيار پيدا ٿيڻ بہ ضروري آهي.

(51)

فريدا! رَتي رَت نہ نِکلے جے تَن چيرے کوءِ
جو تن رتے رب سيوں تِن تَن رت نہ ہوءِ

مطلب: جيڪي انسان الله تعاليٰ جي رنگ ۾ رنگيل آهن، انهن جو جسم چيرڻ کان پوءِ بہ منجهائنئن رت جو ڦڙو بہ نہ نڪرندو آهي، ڇو جو الله تعاليٰ جي عاشق جي بدن ۾ رتيءَ جيترو بہ رت نہ رهندو آهي. هن شلوڪ جو اصل مقصد گرو امر داس جي هيٺئين شلوڪ مان بہ واضح آهي.

(52)

ايہہ تن سبھو رت ہے، رت بِن تن نہ ہوءِ
جو شَوہ رتے آپنے تِت تن لوبھ رت نہ ہوءِ
بَھے پيئے تن کِھين ہوءِ، لوبھ رت وچوں جاءِ
جِيوں بَيسنتر دھات سُدھ ہوئے
تِيوں ہر کا بھَو دُر مت مَيل گواءِ
نانک تے جَن سوہنے جے رتے ہر رنگ لائے۔

لفظي معنيٰ: سبھو =سڄو سارو. سبھو رت = مالڪ جي رنگ ۾ رنگيل. تِت تن = ان بدن ۾. ڀَھِ ڀيئي = خوفزده. کِهِين = ڪمزور ٿي وڃي پري ٿي وڃي. ٿي. ٻَيسنتر =باهہ ۾ سُڌهہ ٿيڻ = پاڪ صاف ٿي وڃي.

مطلب: بابا فريد جي پوئين شلوڪ جو مطلب واضح ڪندي گرو امر داس چوي ٿو: هي جسم رت مان جڙيو آهي، رت بنا بدن جو تصور بہ ڪري نٿو سگھجي، جن الله تعاليٰ جي عاشقن جي دل ۾ پنهنجي سچي محبوب جي لاءِ سچو عشق آهي، انهن جي اندر لالچ روپي رت جو نالو نشان بہ نہ هوندو آهي. پاڻ مثال ٿا ڏين تہ جيئن باهہ ۾ ساڙڻ سان سون تان مير سڙي ويندو آهي ۽ سون بلڪل پاڪ صاف ٿي ويندو آهي، اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ جي ڊپ جي باهہ دنياوي هوا ۽ هوس يا نفس پرستيءَ جي ميراڻ کي ساڙي روح کي مڪمل طور پاڪ ڪري ڇڏيندي آهي. پاڻ وڌيڪ چون ٿا: جهڙيءَ طرح ميراڻ کان صاف ٿي سون چمڪڻ لڳندو آهي، اهڙي طرح نفس جي ڪدورت کان پاڪ ٿي روح روشن ٿي پوندو آهي، ان تي حقيقي عشق جو رنگ چڙهي ويندو آهي ۽ اهو پوري طرح صاف شفاف ٿي مالڪ ڪل ۾ سمائجي وڃڻ جي قابل ٿي ويندو آهي.

(53)

فريدا! سو اِي سرور ڍُونڍهہ ليهہ، جتهون لبهي وَٿهہ،
ڇهپڙ ڍُونڍهے ڪيا هوئے؟ چِڪڙ ڏُبي ہتهہ۔

لفظي معنيٰ: سرور= تلاءُ. وٿهہ =اصل شيءِ، جوهر.

مطلب: بابا فريد الله تعاليٰ جي طالب کي هدايت ٿو ڪري: اي پلا انسان! تون هن صاف شفاف جهرڻي ۾ اسم جي موتي ڳولهہ جتي هن جي ملڻ جو امڪان آهي. جيڪڏهن تون گندي پاڻيءَ جي ڍبي ۾ ان جي ڳولها ڪندين تہ تنهنجا هٿ گپ سان ٿڦجي ويندا پر هٿ ڪجهہ نہ ايندءِ. مطلب تہ اسم جهڙو بي بها موتي بدن جهڙي تالاب ۾ ملندو. ان جي ڳولها ۾ ٻاهر ڀٽڪڻ سان روح ڪثافتن کان بہ وڌ پليت ٿيندو پر خدا جو نام حاصل نہ ٿي سگھندو.

گرو رام داس جو چوڻ آهي: گھر رتن لال بھو مانک لادے من بھرميالہه نه سکاليئے[18] پرماتما انساني جسم روپي گھر ۾ اسم جهڙا اڻ لڀ خزانا رکيا آهن، پر نفس جي تابع شڪ شبهن ۾ ڦاٿل لاعلم انسان انهن جي ڳولها ۾ ٻاهرين دنيا ۾ ڀٽڪي رهيو آهي.

(54)

فريدا! ننڈھی کنت نه راويو، وڈی تھی موئياس
دُھن کُوکيندی گور ميں تيں شَوه نه مِلياس

لفظي معنيٰ: ننڈھی کنت نه راويو =جوان ڇوڪري مڙس جو پيار نـ ماڻيو وڈی تھی مئياس= پوڙهي ٿي مري وئي. دُھن کُوکيندی گور ميں= عورت قبر ۾ روئندي آهي. شَوه = اي منهنجا پيتار نامِلياس= مان تو سان ملي نـ سگهيس.

مطلب: جنهن روح روپي عورت، جوانيءَ ۾ خدا روپي، پيتار سان پيار نـ ڪيو اها ٻڍي ٿي قبر داخل ٿي ويندي آهي ۽ اتي روئندي، دانهون ڪندي ۽ پڇتائيندي آهي تـ هن مڙس سان زندگيءَ ۾ ميلاپ ڇو نـ ڪيو ۽ انساني جنم جو سونهري موقعو اجائي وڃائي ڇڏيو.

(55)

فريدا! سِر پليا داڑھی پلی، مُچھاں بھی پلياں
رے من گہلے باولے مانيں کيا رلياں؟

لفظي معنيٰ: پليا= سفيد ٿيا. گهلے= ڳهلي، غافل. باولے= ديواني. رلياں= رنگ رليون.

مطلب: پاڻ ڳهلي انسان کي آگاهـ ڪري ٿو تـ ڏس هاڻ تنهنجو ٻڍاپو اچي سهڙيو آهي، مٿو اچو ٿي ويو اٿئي ۽ ڏاڙهي مڇون بـ سفيد ٿي ويون اٿئي، پر اڃا بـ تنهنجي دل دنيا مان نـ ڀري آهي ۽ تون اڃا بـ رنگ رلين، هوا ۽ هوس ۾ ٻڏل آهين جيڪڏهن جوانيءَ ۾ الله تعاليٰ سان پيار ڪري نـ سگهئين تـ هاڻ ٻڍاپي ۾ تـ ان طرف ڌيان ڌر! گرو تيغ بهادر بـ انسان کي خبردار ڪندي چوي ٿو:

سِر کنپيئو پگ ڈگمگے نين جوت تے ہين
کہو نانک ايهه بِدهه بھئی تؤ نه ہر رس لين[19]

(56)

فريدا! کوٹھے دُھکن کيتڑا؟ پر نِندڑی نِوار
جو ديهه لدھے گانويں گئے وِلاڑ وِلاڑ

لفظي مُعنيٰ: دهکن =ڊوڙڻ. کيتڑا= ڪيترائي. نِندڑی نِوار= ننڊ نـ ڪر

=ڏينهن، لدھے = ليي، ڳانويں = ڳڻڻ جيترا، ولاڙ ولاڙ =تيزيءَ سان گذري ويا.

مطلب: بابا فريد، انسان کي هوشيار ٿو ڪري ته زندگي گهر جي ڇت تي ٻوڙ مثل آهي، زندگيءَ جا ڏينهن ڳڻيل آهن، جيڪي تيزيءَ سان گذرندا ٿا وڃن. پاڻ هدايت ٿو ڪري، اي پيلا انسان! تون محبوب حقيقي ڏانهن اکيون کول، تون اجائي سجائي دنياوي پيچ ٻوڙ ۾ لڳو ٿو رهين ۽ الله تعاليٰ لاءِ سنل آهين. اکيون کول، دنيا ۽ زندگيءَ کي سڃاڻ، زندگي گهر جي ڇت تي ٻوڙ مثل جلد پوري ٿي ويندي، تنهنجو خدا کان غافل رهڻ تولاء ئي نقصان ڪار آهي.

(57)

فريدا! کوٹھے منڈپ ماڑياں ايت نه لائیں چت
مِٹی پئی اَتولوِیں کوئے نه ہوسی مِت

مطلب: محل ماڙين سان دل نه لڳاءِ، اهي شيون عارضي آهن، آخري وقت ۾ اُهي ڪنهن جو ساٿ نه ڏينديون. سچ پڇو ته هي محل، ماڙيون مٽيءَ جي ڍيرن مثل آهن، آخري وقت ۾ دنياوي ڪا به شيءِ ساڻ نه کڻي ويجبي. مُردي جي لاءِ اعليٰ وکر به بي معنيٰ ٿي ويندا آهن. بابا فريد، انسان کي محل ماڙين ۽ دنيا جي ساز و سامان جي ناپائداريءَ ڏانهن متوجهه ٿو ڪرائي ۽ انهن لاثاني شين سان محبت جو ڏس ٿو ڏئي، جيڪي آخري لمحي روح جون همسفر هجن.

(58)

فريدا! منڈپ مال نه لاءِ مرگ ستانی چت دھر
سائی جاء سمهال جتھے ہی تؤ ونجنا

لفظي معنيٰ: مرگ =موت، ستاني =زور آور، طاقتور، ساني جاء = اها جاء، جتھے ہی تؤ ونجنا= آخر ۾ جتي توکي وڃڻو آهي.

مطلب: هن شلوڪ ۾ مٿئين شلوڪ جي خيال کي جاري رکندي، بابا فريد، انسانن کي آگاهه ٿو ڪري ته تون زورآور موت کي ڪڏهن نه وسار، زنده هوندي، ان منزل تي پهچڻ جي ڪوشش ڪر، جيڏانهن موت کان پوءِ وڃڻو آهي. پاڻ روحاني شغل جي ذريعي جيئري ئي موت جي لاثاني

ڪيفيت حاصل ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏئي، جنهن مان گذري انسان هميشہ جي لاءِ موت کان آزاد ٿي وڃي ٿو.

(59)

فريدا! جنهيں ڪمّيں نايں گُن تے ڪمڙے وِسار
مت شرمنده تهيوَيں سائيں دے دربار

مطلب: بابا فريد هدايت ٿو ڪري تہ جيڪي ڪم اجايا آهن، اهي وساري ڇڏ. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ آخري وقت ۾ مالڪ جي دربار ۾ شرمسار ٿيڻو پوئي. پاڻ انٽيهين شلوڪ ۾ چيو اٿس.

فريدا چارگوائيان ہنڈھ ڪے، چار گوائيان سَمّ
ليکها رب منگيسيا: تُو آيوں ڪهڙے ڪمّ؟

'جنہیں کمی نابہ گن' کي 'تُو آيوں کہڑے کمّ' سان ملائي پڙهڻ سان واضح ٿي وڃي ٿو تہ پاڻ انساني زندگيءَ ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهي، جنهن جي پورائي خاطر روح کي هن ڪائنات ۾ موڪليو ويو آهي ۽ اهو آهي جيئري ئي مالڪ سان وصال ڪرڻ.

(60)

فريدا! صاحب ڪی ڪر چاڪری دِل دی لاه بهرانّد
درويشاں نُوں لوڑيے رُکهاں دی جِيراند

لفظي معنيٰ: بهرانّد= ڀرم، وهم. لوڑيے=گهرجي. جِيراند= صبر، تحمل، بردباري

مطلب: بابا فريد ہتي هدايت ٿو ڪري، پهرين هيءَ تہ انسان کي پنهنجي دل مان سڀ وهم گمان ڪڍي، دل جي پختائيءَ سان الله تعاليٰ جي عبادت ۾ محو ٿي وڃڻ گهرجي، ٻيو هي تہ الله تعاليٰ جي سچي عابد يا درويش جي لاءِ اهو ضروري آهي تہ هن ۾ ٻوٽن ۽ وڻن جهڙو برداشت جو مادو هجي. وڻ کي پل وڍي وجهو اجا بہ ان کي ساڙيو پر هو ڪجهہ نہ چوندو. وڻن جي ٽارين کي وڍي انهن مان پچٽي جوڙيو يا ان جي ڇانءَ ۾ ويهي آرام ڪريو وڻ ڪجهہ بہ نہ ڪڇندو آهي. وڻ کي جيڪڏهن پٿر بہ هڻبو تہ هو جواب ۾ ميوو ڏيندو آهي، سندس مطلب هي آهي تہ هر قسم جا شڪ شبها ڪڍي دل ۽ جان سان الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مگن ٿي وڃجي، الله تعاليٰ جي درويش لاءِ

اهو ضروري آهي تہ هو مالڪ الڪل جي رضا ۾ راضي رهي. درويش زندگيءَ جي حالتن کان گهبرائجي بندگي ۽ عبادت ڪرڻ ڇڏي نہ ڏيندو آهي، اجا ڪيس جهڙي بہ حالت ۾ مالڪ رکندو آهي ان حال ۾ راضي برضا ۽ سندس عبادت ۾ رڌل رهندو آهي.

(61)

فريدا! ڪالے مَيڈے کپڑے، کالا مَيڈا وِيس
گُنہيں بھريا مَيں پِھراں لوک کہيں درويش

لفظي معنيٰ: مَيڈے = منهنجا، وِيس= لباس، گُنہيں = گنهگار.

مطلب: هي شلوڪ سندن عجز ۽ انڪساريءَ جو آئينہ دار آهي. پاڻ چوي ٿو تہ منهنجو لباس ڏسي ماڻهو مون کي درويش ٿا سمجهن، پر مان تہ ننهن کان چوٽيءَ تائين گناهن ۾ چور آهيان. ڪامل درويش حلم، بردباري ۽ انڪساريءَ جو مجسمو هوندا آهن.

گرو نانڪ جو چوڻ آهي:

کہو نانک ہم نيچ کرما۔ سرن پرے کی راکھہو سرما[20]

سورداس جو چوڻ آهي:

پتِتن ميں اک نانک کہيئے، نيچن ميں سردارو
کوٹ پاپی اِک پاسنگ ميرے، اجا مِل کون بچارو[21]

(62)

تتّی توءِ نہ پَلوے جے جل ٹُبھّی دے
فريدا! جو ڈوہاگن ربّ دی جُھوريندری جُھورے

لفظي معنيٰ: تتی= سڙيل، توءِ = ٿاري، پلوے= سائي ٿيندي آهي، ڏوہاگن = ڏهاڳڻ، بدنصيب.

مطلب: بابا فريد مثال ڏئي ٻڌائي ٿو تہ سڪل ٿاريءَ کي ڪيترو بہ پاڻي ڏنو وڃي، بيهر سائي ٿي نہ سگهندي اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ کان وڇڙيل روح روپي ڏهاڳڻ دنياوي سک آرام جي باوجود مڙس جي جدائيءَ ۾ بيچين ۽ بيقرار رهندي آهي، تنهن ڪري سندس دل ۾ خوشي نٿي اچي سگهي، پاڻ

هڪڙي ٻئي شلوڪ ۾ چيو اٿس:

کالی کوئل تُو کِت گُن کالی
اپنے پریتم کے ہؤ برِ ہے جالی[22]

روح روپي ڪوئل کان پڇيو ويو ته تون ڪاري رنگ جي ڇو آهين؟ هن ورائيو: مان پنهنجي محبوب جي جدائيءَ ۾ سڙي ڪاري ٿي وئي آهيان. بابا فريد ذهن نشين ڪرائڻ ٿو گهري ته حقيقي محبوب کان وڇڙيل روح ان جي فراق ۾ سدائين ڏکويل رهندو آهي. جيسين هو پنهنجي حقيقي محبوب سان واصل نه ٿي وڃي، تيسين هو ڪڏهن به صحيح معنيٰ ۾ سکي رهي نٿو سگهي.

(63)

جاں کُواری تاں چاؤ ووِاہی تاں ماملے
فریدا! ایہو پچھتاؤ وت کُواری نہ تھیئے

لفظي معنيٰ: ووِاہی =جڏهن پرڻي، ماملے= جنجال، جهنجهٽ، الجهڻ، وت= ٻيهر، نہ تھیئے= ٿي نه سگهي.

مطلب: هن شلوڪ ۾ بابا فريد، پاڻهين شلوڪ ۾ آيل خيال کي نئين انداز ۾ پيش ڪرڻ ٿو گهري، پاڻ چوي ٿو: ڪنواري ڇوڪريءَ کي وهانءَ جو شوق هوندو آهي پر جڏهن شاديءَ کان پوءِ الجهائن ۽ پريشانين سان منهن ڏيڻو پوندو اٿس، ته سندس زندگي ڪيس ٺي بار محسوس ٿيندي آهي. ڏکايل سوچيندي آهي ان کان ته هوءَ ڪنواري ٺي بهتر هئي، پر هاڻ هوءَ ڪنواري ٿي نه سگهندي اشاري سان پاڻ هي ٿو چوڻ گهري ته محبت جي شروعات ڏاڍي پرڪشش هوندي آهي پر محبت جي راهه ڏاڍي ڏکي لنگهي سگهبي آهي، ان راهه ۾ ڪيترائي امتحان آهن، جن کي پاس ڪرڻو پوندو آهي. جڏهن برهه جي ٻچ ٿيندي آهي ته عاشق روئندو آهي پر هو ڪڏهن به محبت جي رستي کان ٽڙي نه ويندو آهي. محبوب کان جدائيءَ جي باهه ڪيس هر لمحي ساڙيندي رهندي آهي پر محبوب کي ڇڏي ڏيڻ سندس وس ۾ نه هوندو آهي.

بابا فريد ڪيترن ئي شلوڪن ۾ هجر جي ڏکن جو ذڪر ڪيو آهي، هڪڙي شلوڪ ۾ پاڻ برهه کي محبوب سان وصال کي سڀ کان مٿاهين درجي وارو ٻڌايو اٿس، هتي به پاڻ نهايت سهڻي نموني اشارو ٿو ڪري ته

جيسين عاشق برهہ جي باهہ ۾ نتو سڙي تہ سندس محبوب سان وصال نتو ٿي سگهي پر ان جي لاءِ محبوب کان ڪن پل جي جدائي برداشت ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي.

جو میں ایسا جانتی رے، کہ پریت کئے دُکھ ہوئے
نگر ڈھنڈورا پھیرتی رے، پریت کرے مت کوئے[23]

گرو ارجن ديو جو شلوڪ آهي:

مو لالن سؤ پریت بنی
توری نہ تُوٹے چھوری نہ چُھوٹے ایسی مادھو کھنچ تنی[24]

اي محبوب! تون محبت جي اهڙي ڳنڍ ٻڌ جيڪا ڇنڻ سان نہ ڇڄي ۽ کولڻ سان نہ کُلي.

بابا فريد بہ ان خيال جو اظهار ٿو ڪري تہ جيڪڏهن عورت هڪڙو ڀيرو نڪاح جي بندڻ ۾ ٻڌجي ويندي آهي تہ اها ڪڏهن بہ ان محبت کي ڇڏي بيوه رهڻ پسند نہ ڪندي.

(64)

کلّر کیری چھپڑی آءِ اُلتھے ہنّجھ
چنجو بوڑن نہ پیویں اُڈن سندی ڈنّجھ

لفظي معنيٰ: کلّر کیری =ڪاري پاڻي جي، آءِ اُلتھے = مٿان لهي آيا، ہنّجھ = هنجهہ، چنجو بوڑن نہ پیویں ،= نڪا چهنب ٻوڙين نہ پاڻي پيئن، ڈنّجھ = ڏک، تڪليف.

مطلب: هن شلوڪ ۾ ڪامل درويش کي هنجهہ سان تشبيهہ ڏني وئي آهي، هنجهہ مانسرور کان ايندا آهن. الله تعاليٰ جا سچا عابد درويش يا سنت مقام حق کان هن دارالفنا ۾ ايندا آهن. مادي دنيا ڪاري پاڻيءَ جي ڍنڍ جيان آهي، هنجهہ موتي چڳندا آهن، پٿر نہ. الله جا عابد دنيا روپي ڍنڍ جي ڪپر تي رهندا آهن، پر ان جي گندگيءَ کان پاڻ بچائيندا آهن. هو دنيا سان محض رسمي طور رابطو رکندا آهن ۽ مالڪ الڪل جي طرفان سونپيل ڪم پورا ڪري، پنهنجي هنجهہ جهڙي پاڪ حالت ۾ پنهنجي اصل گهر

ڏانهن پرواز ڪرڻ لاءِ سدائين آتا رهندا آهن. هو دنيا ۾ رهندي دنيا کان بي نياز هوندا آهن. سندن ڏيان ان مالڪ ڏانهن هوندو آهي.

(65)

بنس اُڏر کودمرے پیا لوک وِڏارن جاءِ
گَہلا لوک نه جاندا ہنس نه کودمرا کھاءِ

لفظي معنيٰ: اُڏر =اڏامي، کودمرے = هڪ ٿلهي ٻج جو اناج، پيا =وڃي پيو وِڏارن =اڏائڻ جي لاءِ، گَہلا =گهلو نادان.

مطلب: مٿئين شلوڪ ۾ دنيا کي ڪاري ڍنڍ چيو ويو آهي، هن شلوڪ ۾ هن دنيا کي ڪوڏري جي ٻوڪ سان تشبيهه ڏني وئي آهي، پاڻ اشاري ۾ چوي ٿو تہ ماڻهو ٻڇن ٿا تہ سنت مهاتما يا گرو پير سندن مال ملڪيت نہ ڪسي وٺن. مورک ماڻهو اهو نہ ٿا ڄاڻن تہ ڪامل سنت يا ڪامل فقراءَ روپي هنجهہ اسم اعظم جو موتي (ورد ڪندا آهن) چڳندا آهن. دولت مندن وارا ڪوڏرا نہ کائيندا آهن.

(66)

چل چل گئیاں پنکھیاں جنهیں وسائے تل
فریدا! سر بھریا بھی چلسی تمکے کنّول اِکل

لفظي معنيٰ: وسائے تِل= ڍنڍن ڪنارا وساياڻون، سر بهريا =پريل ڍنڍ، چلسى=سڪي ويندي، تمڪے= ٽڪل، مرجهايل، اِکل =اڪيلو.

مطلب: بابا فريد مثال ڏئي سمجهائي ٿو تہ هيءَ دنيا ڍنڍ مثل آهي ۽ روح ان جي ڪنارن تي ويٺل پکين جيان آهن، جن روح روپي پکين جي قطارن جي هوندي، دنيا روپي ڍنڍ بارونق ۽ سهڻي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، اهي هڪ ٻئي پويان اڏامي ويندا. هڪڙي ڏينهن اها پريل ڍنڍ بہ سڪي ويندي ۽ ان ۾ بيٺل ڪنول جا گل بہ مرجهائجي ويندا. پاڻ ان سچائيءَ ڏانهن اشارو ڪري رهيا آهن تہ نہ صرف دنيا پر دنيا جا سڀ ساز و سامان فاني آهن.

(67)

فریدا اِٹ سرہانے بھوئیں سَوَن کیڑا لڑیو ماس
کیتڑیاں جُگ واپرے اِکتُ پیاں پاس

لفظي معنيٰ: اِت سرہاڻے =متي هيٺان سِر. اِڪٺ پياں پاس= هڪ پاسي ستل رهڻ سان.

مطلب: پوئين شلوڪ ۾ انساني زندگي ۽ دنيا جي ناپائيداريءَ جو ذڪر ڪيل آهي، ان خيال کي اڳتي وڌائيندي بابا فريد هن شلوڪ ۾ ٻڌائي ٿو تہ انسان موت کان پوءِ قبر ۾ وڃي آرامي ٿيندو وهاڻي بدران سندس متي هيٺان سِر هوندي، ڪيئان سندس گوشت پٽي پٽي کائيندا. قيامت تائين هو ايئن ستل رهندو.

پاڻ خبردار ٿو ڪري تہ انسان پنهنجي سڄي زندگي جسم جي آرام ۽ ناهہ نوهہ ۽ ان جي سک ۽ آرام جي لاءِ طرح طرح جا بندوبست ڪندو رهندو آهي، آخري وقت ۾ نازن سان پاليل جسم قبر ۾ هليو ويندو آهي. دنيا مان وڃڻ ويل، دنيا جي ڪابہ شيءِ ساڻس گڏجي نہ ويندي آهي.

(68)

فريدا! بھنَی گھڑی سَوَنوِی، ٹُٹی ناگر لجّ
عزرائیل فریشتہ کَیں گھر ناٹھی اج

لفظي معنيٰ: بهنَی گهڙی =جسم روپي گهڙو ڀڄي پوندو سَوَنوی= خوبصورت رنگ وارو ناگر =خوبصورت، لجّ= ڏور (هتي مطلب ساهہ جي ڏور آهي) ڪَيں گهر =ڪنهن جي گهر، ناڳی=مهمان

مطلب: هن شلوڪ ۾ ڇاهٺين ۽ ستهٺين شلوڪ جي مضمون کي اڳتي وڌايو ويو آهي، پاڻ هن شلوڪ ۾ موت جو نظارو پيش ڪري رهيو آهي. جڏهن موت جو فرشتو عزرائيل مهمان بڻجي، جسم روپي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي. تہ جسم جي خوبصورت ٿانءَ کي ڀڃي پورا ڪري ڇڏيندو آهي. ساهہ جي خوبصورت ڏوري ڇڄي پوندي آهي ۽ جسم بلڪل ناڪاره ٿي ويندو آهي.

(69)

فریدا! بھنَی گھڑی سَوَنوی ٹُٹی ناگر لجّ،
جو سجّن بھوئیں بھار تھے سے کیوں آویں اَجّ۔

مطلب: هن شلوڪ ۾ مٿين ٻن شلوڪن ۾ ظاهر ڪيل خيال کي جاري رکندي پاڻ چوي ٿو تہ جڏهن موت جو فرشتو جسم روپي خوبصورت گهڙي کي

پرزا پرزا ڪري ڇڏيندو آهي ته ساهه جي خوبصورت ڏوري ڇڄي پوندي آهي ۽ چست ۽ چالاڪ، گهمندڙ ڦرندڙ جسم بيجان ٿي زمين تي ڪري پوندو آهي، هميشه گڏ گڏ رهندڙ دوستن سان وري ڪڏهن ميلاپ نه ٿيندو آهي.

(70)

فريدا! بے نمازا کُتّیا، ایہہ نہ بھلّی رِیت
کبھی چل نہ آئیا پنجے وقت مسِیت

لفظي معنيٰ: بے نمازا = نماز يا عبادت کان محروم

مطلب: ' بے نمازا کُتّیا ' مان مراد اهڙو بدقسمت انسان جيڪو الله تعاليٰ جي نعمت ۽ بخشش کان محروم آهي. بابا فريد ان لاءِ ڏکايل لهجي ۾ چوي ٿو لعنت آهي ان انسان جي زندگيءَ تي، جنهن جو الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت طرف ايترو به ڌيان ناهي جو هو گهٽ ۾ گهٽ پنج وقت نماز ئي ادا ڪري، حقيقت ۾ اهو انسان چوائڻ جي به قابل ناهي. هن جي زندگي حيوانن جهڙي آهي، الله تعاليٰ جي بندگي ئي انسان کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بڻائيندي آهي.

(71)

اُٹھ فریدا! وضو ساز، صُبح نماز گُزار
جو سِر سائیں نہ نِوے سو سِر کپّ اُتار

لفظي معنيٰ: وضو ساز= نماز لاءِ جسم جي مخصوص عضون کي پاڻيءَ سان ڌوئڻ، کپّ =ڪاٽڻ

مفهوم: مسلمان پاڻر صبح جو اٿي وضو ڪري، نماز ادا ڪندا آهن، پوئين شلوڪ ۾ ظاهر ڪيل خيال کي وڌيڪ اڳتي وڌائيندي نصيحت ٿو ڪري ته اي انسان! تون صبح جو سويل وضو ڪري عبادت گذار، اهو مٿو جيڪو مالڪ جي حضور سجدو نٿو ڪري، اهو مٿو ڪپي ڇڏڻ گهرجي.

(72)

جو سِر سائیں نہ نویں سو سِر کیجے کاءِ
کُنّے ہیٹھ جلائیے بالن سنّدے تھاءِ

لفظي معنيٰ: کيجے کاءِ= ان جو ڇا ڪجي، کُنّے ہیتھ جلائیے بالن سنّدے

تهانء= ان کي ديڳڙي هيٺان ٻارڻ واري هنڌ رکي ساڙي ڇڏجي.

مفهوم: هن شلوڪ ۾ ظاهر ڪيل خيال جي لفظي معنيٰ بدران هن ۾ سمايل گهري اندروني پيغام کي سمجهڻ گهرجي. ان کان اڳ ٻن شلوڪن جي خيال کي اڳتي وڌائيندي بابا فريد جو چوڻ آهي تہ جيڪو مٿو مالڪ الڪل جي بندگيءَ ۾ نٿو جهڪي، اهو ڪاٽين جيان هنديءَ جي هيٺان ٻاري ڇڏڻ جي قابل آهي.

سيني سنتن، مهاتمائن ۽ سچن درويشن روحاني ورد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مرشد جي قدمن ۾ پهچي، ڪانئس ذڪر جو طريقو سکڻ ئي ڪافي ناهي، ان تي دل ۽ جان سان عمل ڪرڻ بہ ضروري آهي. ان ڪري بابا فريد، مٿين ٽنهي شلوڪن ۾ ذڪر نہ ڪندڙن جي لاءِ ڏاڍا سخت لفظ استعمال ڪيا آهن.

گروارجن ديو جو چوڻ آهي:

نين نه ديکھ سادھ سے نين بِہالیا
کرن نه سُنہی نادکرن مُند گھالیا
رسنا جپ نه نام تِل تِل کر کٹئیے
ہر ہاں جب بسرے گوبند رائے دنوں دن گھٹیئے[25]

معنيٰ: جيڪي اکيون سچن درويشن جو ديدار نٿيون ڪن، اهي اکيون ڪنهن ڪم جون ناهن، جيڪي ڪن الاهي آواز (اسم اعظم) نٿا ٻڌن، اهي بند ڪري ڇڏڻ گهرجن، جيڪا زبان حق تعاليٰ جو ذڪر نہ ٿي ڪري، ان کي ٽيمو ڪري ڇڏجي.

(73)

فريدا! کتھے تیڈے ما پے آ جنھی تُوں جنیوں
تَیں پاسوں اوہ لدگئے تُوں اجے نه پتینوں

لفظي معنيٰ: تُوں جنيوں= توکي ڄڻيو لدگئے =لڏي ويا، تُوں اجے نه پتينوں =توکي اڃا تائين يقين نہ آيو آهي.

مطلب: هن شلوڪ ۾ موت جي اٽلتا جو خيال ياد ڏياريندي چوي ٿو تہ اي انسان! تنهنجا ماءُ پيءُ جن توکي پيدا ڪيو اڄ اهي ڪٿي آهن؟ اهي

تنهنجو ساٿ ڇڏي ويا. ڇا تو انهن جو موت ڏسي اهو نہ ڄاتو تہ هتي ڪوبہ سدائين جي لاءِ رهي نٿو سگهي؟ جيڪڏهن هتي ڪوبہ رهي سگهي ها تہ اسان جا ابا ڏاڏا هتان ڇو وڃن ها؟ جيڪڏهن اهي هتي رهي نہ سگهيا تہ اسين ڪيئن ٿا رهي سگهون؟

(74)

فريدا! من ميدان کر ٹوئے ٹبے لاه
اگے مَوُل نه آؤسی دوزخ سندی بهاه

لفظي معنيٰ: ٽوئے ٽبے لاه= هيٺ مٿاهين جڳهہ کي هموار ڪر. دوزخ سندی بهاه= دوزخ جي باهہ

مطلب: پاڻ نصيحت ٿو ڪري: اي انسان! تون پنهنجي دل مان نفساني خواهشون، لالچ، دنيا سان چاهت، تڪبر، خودي وغيره جي ڪڍن کي لٽي ڇڏ ۽ اهي سڌيون سنواتيون ڪري ڇڏ. تون تڪبر کي ڇڏي عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪر. پاڻ کي مالڪ الڪل جي بندگيءَ ۾ غرق ڪري ڇڏ. جيڪڏهن تون ايئن نہ ڪندين تہ تون دوزخ جي باهہ ۾ سڙندين.

(75)

فريدا! خالق خلق ميں، خلق وسّے ربّ مانہِ
مندا کِس نُوں آکھیے جاں تِس بِن کوئی ناںہِ

لفظي معنيٰ: وسّے ربّ مانہِ= رب ۾ وسي ٿي، مندا=برو، خراب، تس بن=تنهن کان سواءِ

مطلب: هن شلوڪ ۾ بابا فريد چوي ٿو: سڄي ڪائنات جو هڪڙو ئي خلقيندڙ آهي ۽ اهو خالق پنهنجي پيدا ڪيل خلق ۾ ئي رهندو آهي، سڄي مخلوق ان خالق جو عڪس آهي، ان ڪري ڪنهن کي برو يا چڱو چوڻ نہ جڳائي، سيئي انسان هڪڙي ئي قادر جي قدرت آهن. سيني ۾ هڪ ئي الله تعاليٰ جو نور آهي، ان ڪري سيئي هڪ جهڙي پيار ۽ عزت جي قابل آهن.

ڊاڪٽر نذير احمد هن شلوڪ جي حوالي سان صوفي درويش غلام فريد جي ڪلام جي تائيد ڪئي آهي، 'ہر صورت وچ ديدار ڏٺم، کل يار اغيار کُوں يار ڏٺم'[26] يعني پنهنجي پرائي، دوست دشمن، سيني کي ان محبوب حقيقيءَ جو روپ ڏٺم.

(76)

فريدا! جيں دينّھ نالا کپّيا جے گل کپّيں چُکھ
پَوَن نه اِتّی ماملے، سہاں نه اِتّی دُکھ

لفظي معنيٰ: جيں دينّھ = جنهن ڏينهن. چکھ = ٿورو. اِتّی = ايترا

مطلب: بابا فريد جو چوڻ آهي تہ منهنجي ڄمڻ ويل جڏهن منهنجي اور ڪپي وئي، ان ويل منهنجو ڳلو گهٽيو وڃي ها تہ مون کي ايترن خطرن مان لنگهڻو نہ پوي ها ۽ نہ ئي ان حد تائين ڏک برداشت ڪرڻا پون ها. پاڻ ڪيترن ئي شلوڪن ۾ اهڙو خيال ورجايو اٿس تہ انساني روح جي سيني ڏکن، عذابن جو اصل سبب هن جي الله تعاليٰ کان جدائي آهي. پاڻ هن شلوڪ ۾ ان ئي ڳالھ جو ورجاءُ ڪيو اٿس تہ الله تعاليٰ روبي ماءُ کان ڌار ٿيڻ بدران ڪيترو نہ بهتر ٿئي ها جو منهنجي هستي ئي ميساري وڃي ها. پاڻ پنهنجي مخصوص انداز ۾ اهو خيال ذهن نشين ڪرائي رهيو آهي تہ الله تعاليٰ کان جدائي روح جي لاءِ سڀ کان وڏو عذاب آهي. حقيقي محبوب کان ڌار رهڻ موت جي برابر آهي.

(77)

چَبن، چلن، رتَن، سے سُنیئر بھی گئے
ہیڑے مُتّی دماہ سے جانی چل گئے

لفظي معنيٰ: چَبن= ڏند. چلن=ٽنگون. رتن= اکيون. سُنيئر =ڪن. ہیڑے مُتّی دماہ = جسم واويلا مچائي.

مطلب: پيريءَ ۾ ڏند، ٽنگون، اکيون ۽ ڪن وغيره. جسم جو انگ جواب ڏئي بيهندو آهي. جسم جڙ واويلا مچائيندو آهي: هاءِ! منهنجا پيارا ساٿي منهنجو ساٿ ڇڏي ويا. بابا فريد جو چوڻ آهي تہ جڏهن جسم جا عضوہ جسم جو ساٿ ڏيڻ کان نابري واري ڇڏيندا آهن تہ جسم بہ پنهنجو نہ ٿيندو آهي: تہ پوءِ دنيا ۾ بيو ڪهڙو سهارو پڪو ۽ سچو ٿي سگهي ٿو.

(78)

فريدا! بُرے دا بھلا کر، غُصه من نه ہنڈھاء
دیہی روگ نی لگئی پلے سبھ کچھ پاء

لفظي معنيٰ: نه ہنڈھاء= نہ اختيار ڪر

مطلب: اي فريد! تون بري سان بہ ڀلائي ڪر، ڪاوڙ نہ ڪر، ايئن ڪرڻ سان تون جسماني، روحاني روڳن کان بچيل رهندين ۽ تنهنجو ان مالڪ سان وصال ٿي ويندو ڀاڻ سٺين شلوڪ ۾ بہ ان طرح جو خيال ظاهر ڪيو اٿس:

فريدا! جے تَيں مارن مُکّياں تنهاں نه مارِں گُهمّ،
آپنے گهر جائيے پَير تنهاں دے چُمّ

(79)

فريدا! پنکهہ پرابُنی دُنی سُہاوا باغ
نوبت وَجّی صُبح سِيوں چلَن کا کر ساج

لفظي معنيٰ:پنکهہ=پکي، نوبت =نقارو ساج=بندوبست، تياري

مطلب: بابا فريد ڇاهٺين شلوڪ ۾ فرمايو آهي: دنيا روپي تالاب جي ڪنڌيءَ لٿل روح روپي پکين جون قطارون، هتان اڏامي ويندين آهن. هڪ ڏينهن هي تلاءُ بہ سڪي ويندو ۽ ان ۾ ڪڙيل ڪنول جا گل بہ مرجهائجي ويندا. ڀاڻ تمثيل طور سمجهائي ڏئي ٿو تہ هيءَ دنيا باغ مثل آهي، هتي روح، بصورت پکي فقط رات بسر ڪرڻ ايندا آهن ۽ صبح ويل نقارو وڄندي ئي هتان اڏامي ويندا آهن، جهڙي طرح پکي باغ ۾ گلن ميون کي ڏسي، ان کي پنهنجو گهر جوڙي هميشہ جي لاءِ هتي نہ رهندا آهن، اهڙيءَ طرح انسان کي بہ اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ موت جو بگل وڄندي ئي هتان اُسهڻو پوندو ان ڪري هتان وڃڻ جو سامان جلد کان جلد تيار ڪرڻ گهرجي. وڃڻ ويل گڏ ويندڙ سامان مان مراد الله تعاليٰ جي بندگي ۽ رياضت جي وسيلي گڏ ڪيل آخرت جو سامان آهي.

سائين بلهي شاهہ پنهنجي ڪافي، ڪر ڪتَن ول دميان کُڙے' ۾ اشارو ڪيو آهي

ديوا اپنے پاس جگاويں، کت کت سُوت بهڑولی پاويں
اکهيں وچوں رات لنگها ويں، اَوکهی کر کے جان کڑے[27]

تون الله تعاليٰ جي پيارن دوستن سان ملي، الله تعاليٰ جي بندگي يا اسم اعظم جي ذڪر جو سٽ ڪت. تون ڏکي سکي، جيئن بہ ٿي سگهي، هوندي زندگي هي ڪم پورو ڪري وٺ، ڇو تہ آخري وقت اهو ئي تو سان گڏ ويندو گرو ارجن ديو جو چوڻ آهي:

سنت جنهوں مل بھائیہو سچا نام سَمال
توسه بندھہو جِنیه کا ایتھے اوتھے نال[28]

(80)

فریدا! رات کتُھوری ونڈیئے سُتیاں مِلے نه بھاؤ
جِنھاں نَین نِندراولے تنھاں مِلن کو آؤ

لفظي معنيٰ: نِندراولے =ننڊ جا خمار. مِلن کو آؤ= ڪيئن حاصل ٿيندو.

مطلب: پاڻ چوي ٿو تہ رات جي وقت بارگاه الاهيءَ مان عابدن تي اسم (الاهي ڪلمي) جو آب حيات وسندو آهي، جيڪو عابد يا ذاڪر هوشياريءَ سان رات جي هيڪلائيءَ ۾ پنهنجو ناتو نام سان جوڙي رکندا آهن، انهن جي اندر اسم اعظم جي ڪستوري، اُبڙي نڪرندي آهي. ان جي مقابلي ۾ جيڪي ماڻهو غفلت جي ننڊ ۾ رات گذاريندا آهن، انهن کي ان ڪستوريءَ مان حصو ڪيئن ملي سگهندو؟

(81)

فریدا! میں جانیا دُکھ مُجھی کو دُکھ سبھائے جگ
اُچے چڑھ کے دیکھیا تاں گھر گھرا ہیا اگ

لفظي معنيٰ: سبھائے جگ =سموري جگ کي چڑھ کے = اٿي بيهي، چڙهي

مطلب: اوچائيءَ تي چڙهي ڏٺم، هر ڳوٺ جي گهر مان دونهون اٿي رهيو هو پاڻ چوي ٿو: جيسين مان عام سطح تي هوس تہ مان پنهنجي زندگيءَ جي باري ۾ ئي سوچيندو هوس، پر جڏهن مان مٿاهين روحاني منزل تي پهتس تہ مون کي خبر پئي تہ سڄي دنيا ڏکن جي باهہ ۾ سڙي رهي آهي.

ڪبير داس جو دوهو آهي:

چلتی چکی دیکھ کے، دیا کبیرا روئے
دُئے پاٹن بھیتر آئے کے ثابت گیا نه کوئے[29]

سڄي دنيا عمل ۽ قل جي جانده ۾ پيسجي رهي آهي. سڄي دنيا، بيماري، ٻڍاپي ۽ موت جو عذاب لوڙي رهي آهي.

(82)

فريدا! ڀُوم رنگاولي منّجهہ وِسولا باگ
جو جَن پِير نواجيا تنهان آنّچ نه لاگ

لفظي معنيٰ: ڀُوم =ڌرتي (دنيا) رنگاولي =رنگ برنگي، خوبصورت، وِسولا =زهر، نواجيا = نوازيو، آنّچ = تپش

مطلب: هيءَ دنيا ڏاڍي رنگارنگ ۽ خوبصورت نظر تي اچي، پر هن ۾ وک وک زهريلا ٻوٽا ڦٽي آيا آهن. دنيا ۾ چوڌاري دولت جي باهہ ڀڙڪي رهي آهي، جيڪي ماڻهو مرشد جي پناهہ ۾ اچي ويندا آهن ۽ مرشد کين باطني طور تي نانءُ روپي آب حيات سان لاڳو رهڻ سيکاريندو آهي، تہ انهن تي دنيا جي زهريلي باهہ اثر نہ ڪندي آهي.

ان ڳالهہ جي گرو نانڪ هيٺئن تصديق ٿو ڪري:

ايسا کربه بيچار گياني ۔ جاتے پايئے پدنِر باني
ايک بغيچه پيڈ گھن کرئيا ۔ انمرت نام تہا مہه پھليا
آس پاس بکھُو آ کے کنتا ۔ بيچ انمرت ہے بھائی رے۔ رباؤ
سِنچن ہارے ايکے مالی ۔ خبر کرت ہے پات پت ڈالی
سگل بنسپت آن جڑائی ۔ سگلی پُھولی نِپھل نه کائی

انمرت پھل نام جن گورتے پائيا
نانک داس تری تن مائيا(31)

دنيا ۾ جتي ڪٿي زهر جا ڪوهہ پريا پيا آهن. هر انسان جي اندر نانءَ روپي امرت جو تلاءُ آهي، جيڪو انسان ڪامل مرشد سان باطني طور تي اسم اعظم جو امرت پيئڻ سکي وٺندو آهي، اهو آسانيءَ سان مايا روپي زهريلي باهہ اُڪري پار پوندو آهي. سيني سنتن مهاتمائن جو چوڻ آهي تہ اسان دنيا جي چمڪدار جار ۾ گرفتار انسان ان حد تائين ڪمزور آهيون جو پنهنجي طاقت ۽ ڪوشش سان، مايا جي باهہ کي اجهائي نٿا سگھون، نہ ئي مايا جي زهر کي ختم ڪري ٿا سگھون. پر ڪامل مرشد جي پناهہ ۾ اچي اسم (ذڪرالاهي) جي شغل سان مايا جو زهر يا باهہ اسان تي اثرانداز نٿي ٿي سگھي.

گرو ارجن ديو جو ان باري ۾ چوڻ آهي:

تاتی داؤ نہ لگئی پاربرہم سرنائی
چؤگرد ہمارے رام کار دُکھ لگے نہ بھائی
ستگُور پُورا بھیٹیا جن بنت بنائی
رام نام اوکھد دیا ایکا لِو لائی[32]

جيڪڏهن اسان پرم پتا پرماتما جي پناهہ ۾ اچي وڃون تہ مايا (ڌن، دولت) جي باهہ تہ هڪ پاسي، پر ان جي گرم هر بہ اسان تائين پهچي نہ سگهندي، ستگرو اسان جي چوڏاري نام (ڪلمي) جو دائرو گهمائي ڇڏيندو آهي، جنهن سان ڏکن ۽ عذابن جو سيڪ پهچي نہ سگهندو آهي.

گرو امر داس جي ٻاڻي آهي:

جیسی اگن ادرمہہ تیسی باہر مانیا مانیا اگن سمجھ اِکو جیہی کرتے کھیل رچانیا
جا تس بھانا تا جمیا پروار بھلا بھائیا لو چھُڑکی لگی ترسنا مانیا امرور تائیا
ایہہ مانیا جت ہر وِسرے موہ اُپجے بھاؤ دُوجا لائیا
کہئے نانک گُور پر سادی جِناِلو لاگی تنی وچے مانیا پائیا[33]

گرونانڪ صاحب جو چوڻ آهي تہ جهڙيءَ طرح ماءُ جي پيٽ ۾ جنرا اگني (نطفو) هوندي آهي، اهڙي طرح دنيا ۾ مايا جي باهہ پڙڪي رهي آهي، اها مايا جي ئي راند رچايل آهي تہ دنيا ۾ پيدا ٿيندي ئي انسان جي پرماتما سان لوڇجي ٿي پوي ۽ هو پرماتما زوبي سچ کي وساري، مايا جهڙي ڪوڙ ۾ ڦاسي پوندو آهي پر خوش نصيب ماڻهو مرشد جي هدايتن تي عمل ڪندي، پنهنجي لو توجهہ/ ڌيان اندر پرماتما سان وابستہ ڪري ڇڏيندا آهن. اهي مايا جي فريب کان بچي ويندا آهن ۽ الله تعاليٰ سان واصل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن.

(83)

فریدا! عُمر سُہاوڑی سنگ سُونڑی دیہہ
وِرلے کوئی پائیں جنہاں پیارے نینہہ

لفظي معنيٰ: سُہاوڑی =سهڻي، سک واري، سُونڑی =خوبصورت پائیں =ملي، نينهہ= پيار.

مطلب: هن شلوڪ ۾ بابا فريد، چوي ٿو جن چند خوشنصيب ماڻهن

جو حقيقي محبوب سان پيار تي ڇڪو آهي ۽ سندن ڏيان ان محبوب ڏانهن تي ويو آهي، انهن جي زندگي سک شانت سان گذرندي ۽ جسم خوبصورت تي ويندن.

(84)

کندھی، وہن! نه ڈھاه، تُوں بھی لیکھا دیونا
جِدھر رب رضاءِ وہن تداؤں گوکرے

لفظي معنيٰ: رب رضاءِ =رب جي رضا مطابق. تداؤں = تنهن طرف. گوکرے= رستو ناهي.

مطلب: ڪپر ۽ درياهہ جي وهڪري کي چوي ٿو تہ تون مون کي نہ لوڙهہ يا ٻوڙ توکي بہ ان جو ليکو ڏيڻو پوندو. درياهہ جواب ٿو ڏئي: منهنجي وس ۾ ڪجهہ ناهي، جنهن پاسي الاهي رضا آهي، منهنجو وهڪرو اوڏانهن آهي. انسان ڏکن کان گهبرائجي، عرض ڪندو آهي تہ سندس ڏک ڏور ٿي وڃن. هو اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو ئي ناهي تہ ڏکن جي ٻوڏ بہ مالڪ جي رضا سان ايندي آهي. انسان جي ڀلائي رب جي رضا ۾ راضي رهڻ سان آهي.

(85)

فریدا! دُکھاں سیتی دینھُ گیا، سُولاں سیتی رات
کھڑا پُکارے پاتنی: بیڑا کپرّ وات!

لفظي معنيٰ: دُکھاں سیتی = ڏکن ڏني، دینھُ= ڏينهن. سُولاں سیتی رات =رات سورن واري، پاتنی= پاتڻي، ملاح. کپرَ = ڪن يا لهر.

مطلب: انسان کي نہ ڏينهن جو سک آهي ۽ نہ رات جو قرار. سندس ڏينهن ۽ راتيون ڏکن ۾ گذرن ٿيون. ملاح يا مرشد کي آگاهہ ٿو ڪري: اي سهڻا سڄڻ! منهنجي زندگيءَ جي ٻيڙي ڪنن ۾ ڦاسي پئي آهي، ان کي پار اُڪار.

(86)

لمَی لمَی ندی وہے، کندھی کیرے ہیت
بیڑے نُوں کپرّ کیا کرے جے پاتن رہے سُچیت

لفظي معنيٰ: لمَی لمَی ندی وہے وڏو درياهہ وهي رهيو آهي، کندھی کیرے ہیت ڪنارن کي ڀائي رهيو آهي.

مطلب: بابا فريد جو چوڻ آهي تہ نيڪ آهي تہ بحر حيات اونهو ۽ خوفائتو آهي، انساني زندگيءَ جي ٻيڙي، ان جي ڪنن ۾ ڦاسي پئي آهي پر انسان کي جيڪڏهن ڪامل مرشد روپي ناکئو يا ملاح ملي وڃي تہ حياتيءَ جي درياهہ جون ڏيچاريندڙ ڇوليون، ان جي ٻيڙيءَ کي ڪوبہ نقصان نہ رسائينديون.

گرو نانڪ صاحب جي ٻاڻي آهي:

بِکھ بوہتھا لادیا دِیا سُمند منجھار
کندھی دِس نہ آوئی نہ اُروار نہ پار
ونجھی ہاتھ نہ کھیوٹُو جل ساگر اسرال
بابا جگ پھاتھا مہا جال۔
گُور پسادی اُبرے سچا نام سمال(34)

معنيٰ: عملن جي زهر سان ڀريل زندگيءَ جي ٻيڙي حياتيءَ جي درياهہ ۾ لڏي لمي رهي آهي، ان ۾ نہ ڪو ملاح آهي. نہ ئي ڪو وانجهي آهي، جيڪڏهن مرشد روپي ملاح ڪيس ملي وڃي تہ هو اسم اعظم سان لوڻ لڳائي، سولائيءَ سان ان اونهي، خطرناڪ حياتيءَ جي درياهہ مان اُڪري پار پوي

(87)

فریدا! گلّیں سو سجّن ویہہ، اِک ڈھونڈمیندی نہ لہاں
دُھکّھاں جیوں مالیہہ، کارن تنہاں ما پِری

لفظي معنيٰ: گلّیں = ڳالهين، ڳالهين سان ٻنيلائڻ وارا. اِک = اصل سجڻ دُھکّھاں جیوں مالیہہ= چيٽن جيان اندران سڙي رهي آهيان. ما پِری= منهنجو پيارو.

مطلب: متئين شلوڪ ۾ چيو ويو آهي تہ جيڪڏهن ڪامل مرشد ملي وڃي تہ زندگيءَ جي درياهہ جا طوفان ڪجهہ نہ ڪري سگهندا. هن شلوڪ ۾ پاڻ چوي ٿو: خالي ڳالهين سان ريجهائڻ وارا مرشد. سنت تہ بيشمار آهن. پر الله تعاليٰ جي بندگي ۽ اطاعت جو طريقو ٻڌائڻ وارو ڪامل مرشد نٿو ملي، ان ڪري مرشد جي ڳولها ۾ انساني روح. چيٽي جيان اندر ئي اندر سڙي رهيو آهي، نہ هن جي اميد پوري ٿي ٿئي ۽ نہ ئي سندس ڏک ڏور ٿا ٿين.

(88)

فريدا! ايهه تن بهَوكنا نِت نِت ڏُکهي کَون
کِنّين بُجّے دے رباں کِتّی وَگّے پَون

لفظي معنيٰ: بهَوڪنا =جنهن کي ڀئونڪڻ جي عادت هجي، ڏُکهي کَون= ڪير ڏکوئبو رهي، کِتّی = ڪيتري، پَون= هوا

مطلب: بابا فريد جو چوڻ آهي تہ اسان جي بدن ۾ نفس روپي ڪتو هميشہ ڀؤنڪندو رهندو آهي، هو روز روز نيون خواهشون پيدا ڪري، اسان کي عبادت ڪرڻ کان گمراهہ ٿو ڪري. نفس خواهشن جا ڪيترائي طريقا اختيار ڪري پر مان پنهنجي ڪنن ۾ ٻوڃ وجهي ڇڏيندس، يعني نفس کي بنهہ نہ ٻڌندس.

تصوف جي ادب ۾ نفس کي اڪثر ڪُتي سان مشابهہ ڪيو ويندو آهي، جنهن جي نفساني خواهشن جي بک ڪڏهن ختم نہ ٿيندي آهي، بابا فريد جي مراد آهي تہ نفس جي خواهشن جو ڪو ڳاٽيتو ئي ناهي. باهہ ۾ جيترو ٻارڻ وجهبو اوتري وڏيڪ ڀڙڪندي، نفس جون جيتريون بہ خواهشون پوريون ڪريون، اهو اوتريون وڏيڪ خواهشون پيدا ڪندو رهندو نفساني خواهشن جي باهہ کي صبر، قناعت ۽ اسم (ڪلمہ الاهي) جي آب حيات سان اجهائي ٿو سگهجي.

(89)

فريدا! رب کهجُوريں پکياں ماکهياں نِئيں وہن
جو جو ونّجے ڈیہڑا سو عُمر ہتھ پوَن

لفظي معنيٰ: ماکهياں نِئيں وہن= ماکيءَ جي وهندڙ نديءَ، ڈیہڑا = ڏينهن، ڏهاڙا.

مطلب: ڪامل فقيرن الله تعاليٰ کي هست بالذات (سچو روپ) علم بالذات (حکمت طرع°) ۽ مسرور بالذات (خوشي روپ) مڃيو آهي، پاڻ هتي الله تعاليٰ جي مسرور بالذات هجڻ جو خيال ظاهر ڪيو اٿس. رب تعاليٰ پڪل ڪجور ۽ ماکيءَ جي وهندڙ نديءَ جيان مٺو لطف بالذات (رس روپ) ۽ مسرور بالذات آهي.

بابا فريد ستاويهين شلوڪ ۾ چيو آهي: کنڊ، مٺائي، مصري، ڳڙ ماکي

۾ مينهن جو ڪير وغيره جيتوڻيڪ سڀ شيون منيون آهن پر اهي الله تعاليٰ جي محبت جي مٺاس جو مقابلو نٿيون ڪري سگهن. هتي پاڻ الله تعاليٰ جي، پڪل ڪجور ۾ ماکيءَ جي وهندڙ نديءَ سان ڀيٽ ڪري رهيو آهي. انهن ٻنهي شلوڪن ۾ اهو سمجهائڻ ٿو گهري ته سڀني ۾ سڀني طعام جو ذائقو به هن سان وصال جي اعليٰ ترين سرور جو مقابلو نٿو ڪري سگهي، اهڙي مسرور بالذات الله تعاليٰ جي حصول ۾ سستي ڪرڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته جيڪو ڏينهن گذرندو ٿو وڃي، اهو موت کي اوڏڙو ڪندو ٿو وڃي، يعني عمر هر روز گهٽندي ٿي وڃي ۽ موت ويجهو ٿيندو ٿو وڃي.

(90)

فريدا! تن سُکا پِنجر تهيا تليان کهُونڌن کاگ
اجے سو رب نه بَوهڙيو ديکهہ بندے کے بهاگ!

لفظي معنيٰ: پِنجر تهيا = تن سڪي هڏن جو ڍانچو بڻيو کهُونڌن = ٺهنگا هڻندو آهي

مطلب: سندس چوڻ آهي، شيطان روپ ڪانءَ جسم جو ماس پٽي پٽي هڏن جو ڍانچو ڪري ڇڏيو آهي پر انسان جي بدنصيبي ڏسو ته ڪيس اڃا به الله تعاليٰ جو وصال نصيب نه ٿيو آهي.

(91)

کاگا کرنگ ڈهنڈوليا سگلا کهايا ماس،
اے دُو نيناں مت چُهوہيو پير ديکهن کی آس

لفظي معنيٰ: ڪرنگ= ڪِرِو هڏن جو ڍانچو

مطلب: پاڻ فرمائي ٿو ته ڪال يعني شيطان روپي ڪانءَ منهنجي جسم کي پٽي پٽي هڏن جو پڃرو ڪري ڇڏيو آهي، پر عاشق جي دل ۾ پنهنجي معشوق سان ملڻ جي آس جيئڻ جو تيئڻ قائم آهي، هو ڪانءَ کي منٿ ٿو ڪري ته هن اکين کي نه پٽجانءِ جو مون کي حقيقي محبوب جي ملڻ جي اميد آهي. سندس مطلب هي آهي ته الله تعاليٰ سان وصال ۾ سندس حساب سان ڪجهه دير به لڳي ٿي سگهي، پر سچي عاشق جي دل ۾ وصال جي اميد ۽ امنگ سدائين قائم رهندي آهي، ڊاڪٽر نذير احمد هن شلوڪ

جي وضاحت ۾ اڪبر بادشاهہ جي زماني جي هڪ صوفي رسخان جي هيٺ ڏنل شعر جو حوالو ڏنو آهي.

ڪاگا رے تُم بی بھلے، چُن چُن کر کھایؤ ماس
دو نیناں مت کھایؤ، موہے پیا مِلن کی آس[35]

(92)

ڪاگا چونڈ نه پنجرا، بس اے تاں اُڈ جا
جِت پنجرے میرا شوہ وسے ماس نه تدوں کھا

لفظي معنيٰ: بسے =جيڪڏهن ٿي سگهي، تدوں =ان منجهان

مطلب: مٿئين شلوڪ واري موضوع کي اڳتي وڌائيندي، پاڻ چوي ٿو: اي ڪانءَ! منهنجي جسم جو ڍانچو نہ پٽ، ٿي سگهي تہ هتان اڏامي وڃ، ڇاڪاڻ جو هي منهنجو جسم منهنجي حقيقي محبوب جو مسڪن آهي، ان ڪري تون ان جو گوشت پٽي نہ کاءُ! روح روپي عاشق ان ڪري ڊنل آهي تہ ڪٿي حقيقي محبوب سان وصال کان اڳ ئي زندگي نہ ختم ٿي وڃي.

(93)

فریدا! گورِ نمانی سڈ کرے: نِگھریا گھر آؤ
سر پر مَیں تھے آونا مرنوں نا ڈریاؤ

لفظي معنيٰ: گورِ نمانی =قبر ويچاري، سڈ کرے= سڏ ڪري، نِگھریا =بي گهر سرپر= ضرور، مَیں تھے =مون وٽ

مطلب: نماڻي قبر انسان کي سڏي چوي ٿي تہ هيءَ دنيا تنهنجو اصل وطن ناهي، جيڪڏهن اها تنهنجو اصل وطن هجي ها تہ موت کان پوءِ توکي اوڏانهن ڇو وڃڻو پوي ها؟ تنهنجو مون وٽ اچڻ لازم آهي، تون مون وٽ اچڻ کان نہ ڊڄ.

انسان موت کان خوفزده آهي، پر موت تہ اٽل آهي. زندگيءَ جو انجام ئي موت آهي. هڪ نہ هڪ ڏينهن سڀني کي مٽي يا باهہ جي حوالي ٿيڻو آهي. بابا فريد هن شلوڪ ۾ زندگيءَ جي فنا ۽ موت جي اٽلتا جي خيال کي ذهن نشين ڪرائي رهيو آهي.

(94)

ايہنيں لوئنيں ويکھدياں کيتی چل گئی
فريدا! لوکاں آپو آپنی مَيں آپنی پئی

لفظي معنيٰ: ايہنيں لوئنيں =انهن اکين سان، کيتی =ڪيترا، تمام گهڻا
مطلب: هنن اکين سان ڏسندي ئي ڪيترا ماڻهو هن دنيا کي خيرباد چئي هليا ويا. بابا فريد چوي ٿو تہ ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي دنياوي ڪمن ڌنڌن لاءِ افراتفري متي پئي آهي، پر مون کي تہ پنهنجي روحاني مقصد جي پورائي جو فڪر لڳل آهي.

(95)

آپ سنوارہں مَيں مِلیں، میں مِلیاں سُکھ ہوءِ
فریدا! جے تُوں میرا ہو رہیں سبھ جگ تیرا ہوءِ

مطلب: هن شلوڪ ۾ گوڙهي ۽ لطيف روحاني راز تي روشني وڌل آهي، سندس چوڻ آهي، پنهنجو پاڻ کي سنوارڻ سان پنهنجي اصل انا جي ڄاڻ ملي ٿي، جڏهن انسان کي پنهنجي ان انا جي ڄاڻ پوندي آهي تہ خدا سان سندس ميلاپ ٿي ويندو آهي ۽ هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي پوندو آهي.

ان جي مراد هيءَ آهي تہ انسان جي هستيءَ جو جوهر روح آهي، موجوده حالت ۾ حواس، نفس ۽ روح جي پاڻ ۾ ڳنڍ پڏل آهي، اهي ٽئي پاڻ ۾ سلهاڙيل آهن. جڏهن روحاني شغل جي وسيلي نفس ۽ روح اکين پويان ساڪن ۽ يڪ ڌيانو ٿي پوندو آهي، تہ نفس ۽ روح جسم کان ڌار ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ ئي روحاني پهچ وسيلي، نفس کي باطن ۾ ٻئي روحاني مقام ۾ جذب ڪيو ويندو آهي تہ نفس ۽ روح جي ڳنڍ کلي ويندي آهي، اهڙي حالت ۾ جسم ۽ نفس کان جدا ٿيل روح، پنهنجي اصل خالص روحاني صورت حاصل ڪري خدا ۾ سمائجي ويندو آهي. جڏهن هي خدا ۾ سمائجي ان جي صورت ٿي ويندو آهي تہ جو ڪجهہ خدا جو آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ هن جو بہ ٿي ويندو آهي. ان کي روحاني اصطلاح ۾ نفس جي سڃاڻ يا روح جي سڃاڻ وسيلي، خدا جي سڃاڻ چيو ويندو آهي.

(96)

کندهی اُتے رُکهڑا، کچرک بنّے دِھیر
فريدا! کچے بهانڈے رکهئیے کچر تائیں نیر

لفظي معنيٰ: کندهی اُتے رُکهڑا= ڪناري تي بيٺل وڻ، کچرک بنّے دِھیر= ڪيتري دير تائين صبر ڪري ٿو سگهجي.

مطلب: پاڻ انساني زندگيءَ جي ناپائيداري جو ذڪر ڪري رهيو آهي، مثال ڏئي سمجهائي ٿو ته درياهه جي ڪنڌي تي وڻ، گهڻي دير تائين رهي نه سگهندو پاڻيءَ جي تکي وهڪري جي ڪري ڪنڌي ڪاٽجندي رهندي آهي. هڪڙي ڏينهن اهو وڻ پاڻيءَ جي وهڪري کي نه سهي، پاڻيءَ ۾ ڪري پوندو آهي. پاڻ ٻيو مثال ڪچي دلي جو ٿو ڏئي، ڪچي گهڙي ۾ رکيل پاڻي گهڻي دير تائين رهي نه سگهندو آهي ڇو جو ڪچو گهڙو جلد ڳري ويندو آهي ۽ پاڻي وهي ويندو آهي، انهن مثالن جي ذريعي هو سمجهائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، ته انساني زندگي نديءَ ڪناري بيٺل وڻ برابر آهي ۽ ساهن جي پونجي ڪچي گهڙي ۾ رکيل پاڻيءَ جيان آهي، جنهن تي ڪو اعتبار ئي ناهي.

(97)

فريدا! محل نسکّهن ره گئے واسا آیا تَل
گوراں سے نِمانیاں بہسن رُوحاں مل
آکهیں شیخا بندگی! چلن آج که کل

لفظي معنيٰ: نسکّهن = خالي، واسا آيا تَل= زمين دوز ٿي ويا، گوراں = قبرون، بہسن =ويهي وڃن، مل= قبضو ڪري.

مطلب: بابا فريد دنيا جي حسرتناڪ خاتمي کان انسان کي آگاهه ڪندي چوي ٿو ته سيئي محلاتون ويران ٿي ويون آهن، انهن ۾ رهندڙ نيٺ زمين ۾ هليا ويا، اهي قبرون جن جي ڪابه قدر قيمت ناهي، آخري وقت ۾ انساني روحن جي رهائش ٿي ويون، اي دوست، تون خدا تعاليٰ جي بندگيءَ ۾ رڌل رهه، ڇو جو آخرڪار هن دارالفنا مان اڄ يا سڀاڻي هليو وڃڻو آهي.

(98)

فريدا! موتے دا بنّا ايوں دِسے جيوں درياوے ڈهاهَ
اگے دوزخ تپيا سنئے ہول پوے کہاهَ
اِکنا نُوں سبھ سُوجھی آئی، اک پھر دے وے پرواهَ
عمل جو کيتے دُنی وچ سے درگاه اوگاه

لفظي معنيٰ: ايوں = هن طرح، کہاهَ= هاهاڪار دُنی =دنيا اوگاه= گواهہ
مطلب: جهڙيءَ طرح درياهہ پنهنجي ڪنارن مان وهي رهيو آهي، اهڙي طرح موت بہ تيز رفتار اچي رهيو آهي. موت کان پوءِ روح کي (اسان جي) بدعملن ڪري دوزخ ۾ ويڙهو پوندو آهي، جتي طرح طرح جون اذيتون سهندي روح تڪليف مان ڪنجهي رهيا آهن. ڪجهہ ماڻهو ان سچائيءَ کي سمجهي ويا آهن، پر ڪجهہ ماڻهو غافل ۽ بي پرواهہ آهن. اها ڳالهہ جيتري جلد سمجهہ ۾ اچي وڃي، اوترو ئي بهتر آهي تہ عملن جو نتيجو هر حال ۾ ڀوڳڻو پوندو آهي. دنيا ۾ انسان جا عمل ئي نيٺ بارگاهہ الاهيءَ ۾ سندس خلاف گواهي ڏيندا آهن، تنهن ڪري انهن جي انجام کان بچڻ ممڪن ئي ناهي.

(99)

فريدا! درياوے کنّے بگلا بيٹھا کيل کرے
کيل کريندے ہنّجھ نوں اچنتے باز پئے
باز پئے تِس رب دے، کيلاں وسرياں
جو من چِت نہ چيتے سن سو گالی رب کياں

لفظي معنيٰ: کنّے = ڪناري تي، کيل = وات خوري، اچنتے =اوچتو جو من چِت نہ چيتے = جيڪا خواب خيال ۾ بہ نہ هئي، گالی= ڳالهيون.
مطلب: روح جو بگهہ زندگي ۽ حيات جي نديءَ ڪناري اجايون ڏاڍوڻ هڻي رهيو آهي، کيڏڻ ۾ مگن بگهہ اوچتو موت جي چنبي ۾ اچي تو وڃي، جيئن ئي هن تي موت جو باز جهٽ تو هڻي، تہ انساني روح کان سڀ رانديون وسريو وڃن. جيڪا ڳالهہ سندس خواب ۽ خيال ۾ بہ نہ هئي نيٺ اها تي. اها سموري الله تعاليٰ جي رضا سان ٿي آهي.
بابا فريد آگاهہ ٿو ڪري تہ نہ ڄاڻ موت ڪڏهن ۽ ڪهڙي هنڌ ۽

ڪهڙي حالت ۾ اچي پهچي. انسان عيش و عشرت ۽ رنگ رلين ۾ مگن رهي، موت ۽ دنيا ۾ اچڻ جي اصل مقصد کي وساري ٿو ويهي، جڏهن موت جو باز هن تي اوچتو اچي ٿو ڪڙڪي تہ ڏسندي ڏسندي سموري راند ختم ٿيو وڃي. موت جو وقت مقرر آهي، پر ان وقت جي ڪنهن کي بہ ڪل ڪانهي، ان ڪري الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت ترڪ ڪرڻ نہ گهرجي، يعني سياڻي تي پاڻي نہ گهرجي.

(100)

ساڈھے ترے من دیہڑی، چلے پانی اَن،
آیؤ بندہ دُنی وچ وَت آسو نی بنھ
ملک الموت جاں آوسی سبھ دروازے بھن
تنھاں پیاریاں بھائیاں اگے دِتّا بنّھ
ویکھو بندہ چلیا چوہنّھ جنیاں دے کنّھ
فریدا! عمل جو کیتے دُنی وچ درگاہ آئے کمّ

لفظي معنيٰ: ديہڑی= جسم، بدن، وت =وڏي، آسو نی بنھ= اميدون رکي، کنھ= ڪلهي تي.

مطلب: بابا فريد چوي ٿو: انسان جو ساڍا ٽي مڻ پاليل جسم دنيا ۾ داڻي پاڻيءَ لاءِ سرگردان آهي. هو دنيا ۾ گهڻيون ئي اميدون رکي اچي ٿو اوچتو ملڪ الموت اچي ٿو سهڙي ۽ جسم جا سڀ دروازا ڀڃي ٿو ڇڏي، جسم جا نَو دروازا آهن، ٻہ اکيون، ٻہ ڪن، ٻہ ناسون، وات بہ اخراج جا دروازا. روح ڦهرئين هٿن پيرن ۾ جڪڙيل آهي پوءِ ڏڙ ۾ ۽ آخر اکين جي رستي جسم کي ڇڏي راهي ٿيو وڃي، جسم جي جنهن حصي ۾ روح سمائجي ٿو. اهو دروازو ڀڃي ٿو پوي محبت جي ڪري، اهو پنهنجي جن لاڳاپن تي پنهنجي جان بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهندو هو اهي ڪيس پنهنجي ڪلهن تي کڻي قبرستان يا شمشان گهاٽ پهچائيندا آهن. جيڪو انسان اڳ چست ڦڙت هو اهو چئن ماڻهن جي ڪلهن تي سوار ٿي قبرستان يا شمشان گهاٽ هلي ويندو آهي. وڃڻ ويل هو پاڻ سان ڪجهہ کڻي وڃي نہ سگهندو آهي، هو صرف پنهنجي نيڪ، عمل بندگي ۽ عبادت سان الاهي دربار ۾ وڃي سگهي ٿو جيڪي ئي سندس مددگار ٿي سگهندا.

(101)

فريدا! ہوں بلہاری تنهاں پنکهیاں جنگل جنهاں واس
ککر چُگَن، تهل وسَن، ربّ نه چهوڑن پاس

لفظي معنيٰ: ہوں =مان، بلہاری = ٻلهاري، قربان، ککر= پٿريون، تهل= زمين، ڌرتي، وسن= رهن. ربّ نه چهوڑن پاس= الله تعاليٰ جي پر نٿا ڇڏن.

مطلب: هتي پکيءَ جو مطلب درويش ۽ جهنگل جو مطلب اڪيلائي آهي. پٿريون چونڊڻ يا چڳڻ مان مراد رکي سگهي ٿو ڪائي گذارو ڪرڻ آهي، ڌرتيءَ تي رهڻ مان ڳالهه کلي تي پوي، "انهن درويشن جو ذڪر ٿو ڪري، جيڪي اڪيلائيءَ ۾ رهندا آهن، جن جو وڇاڻو ڌرتي آهي ۽ اهي رکي سگهي ڪائي زندگي گذاريندا آهن ۽ پوءِ به الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت ۾ رڌل رهندا آهن. بابا فريد چوي ٿو ته مان اهڙن درويشن تان قربان، جيڪي صبر ۽ قناعت، سادگي ۽ گوشه نشينيءَ ۾ زندگي گهاريندي الله تعاليٰ جي عبادت ۾ رڌل رهندا آهن.

(102)

فريدا! رُت پهِری وَن کنّبیا پت جهڑیں جهڑ پائیں
چارے کُنڈاں ڈُهونڈمیاں رہن کِتهاؤں ناہیں

لفظي معنيٰ: وَن کنّبيا =جهنگل ڏڪي ويا، رہن =رهڻ، ناپائداري، کِتهاؤں ناہیں= ڪٿي به ناهي.

مطلب: زندگيءَ سان گڏوگڏ موت جو طوفان به هلندو رهيو آهي، دنياوي جهنگ ۾ انسان، حيوان، پکين پکڻن جهڙا پن، ڪرندا رهيا آهن. مون ان جهنگل ۾ چئني پاسي ڏسندي ڳولا ڪئي، مون کي ڪوبه رهائش پذير نه مليو ڪٿي به اهڙو ڪو وڻ نه مليو جنهن کي ڪڏهن به خزان نه ستيو هجي، موت هر جاءِ تي اچڻو آهي، پائيداري ۽ نهراءُ يا سدائين زندگي ڪٿي به ناهي، هتي پاڻ موت جي اٽلتا جو مطلب ٿو ڄاڻائي.

(103)

فريدا! پاڑ پٹولا دمج کریں، کمبلڑی پہرئیو
جنهیں ویسی شَوہ ملے سے ای ویس کرئیو

لفظي معنيٰ: پٽولا =ريشمي لباس، دمج ڪرس= ليڙون ليڙ ڪري، جنهين وِسي شَوه مِلے = جهڙي بہ ويس ۾ محبوب سان وصال ٿئي.
مطلب: الله تعاليٰ جي ڳولا ڪندڙ عاشق چوي ٿو: ريشمي لباس ڇيهاڙيون ڪري فقيرن واري گودڙي پائڻ لاءِ تيار ٿي. يعني مان اهو لباس پائڻ شروع ڪرڻ ۽ زندگيءَ جو اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ ۽ ان رستي تي هلڻ جي لاءِ تيار آهيان، جنهن جي وسيلي منهنجو حقيقي محبوب سان وصال ٿئي.

(104)

ڪائے پٽولا پاڑتی ڪمبلڑی پہرے
نانک گهر ہی بيٹهياں شَوه مِلے،
جے نِيت راس ڪرے

لفظي معنيٰ: ڪائے= ڇالاءِ، پاڑتی =پاڙين ٿو راس =صاف.
مطلب: هي شلوڪ گرو بابا امر داس جو آهي. پاڻ بابا فريد جي مٿئين شلوڪ ۾ ظاهر ڪيل تياڳ جي باري ۾، پنهنجو خيال ٿو ظاهر ڪري. خدا تعاليٰ روبي مڙس جي حاصلات ڪارڻ، نہ تہ ريشمي لباس ڦاڙڻ جي ضرورت آهي ۽ نہ ئي فقرائي ڪتي ۽ ڪي گهر بار تياڳي ٻيلن ۽ بيابانن ۾ ڀٽڪڻ جي ضرورت آهي. اصل ضرورت نيت جي صفائي ۽ دنيائي لاڙي ڪي روحانيت ڏانهن موڙڻ جي آهي. تياڳ جو تعلق نفس جي نيت يا دل جي لاڙي تي آهي. ضرورت دلي لاڙي ڪي بدلائڻ جي آهي. زوريءَ دنيائي تياڳ جي ناهي.

(105)

فريدا! گرب جنہاں وڈيائياں، دهن جوبن آگاه
خالی چلے دهنی سيوں ٹِبّے جيوں مينّہاه

لفظي معنيٰ: گرب = تڪبر، آگاه =ٿاهہ، تمام گهروٹِبّے= چوٽيون، سيوں = الله ڪان، مينّہاه = مينهن سان.
مطلب: هن شلوڪ ۾ بابا فريد چوي ٿو: جهڙي طرح بارش ڪان پوءِ متاهين ڪان پاڻي هيٺ وهي ويندو آهي ۽ دڙا پاڻيءَ ڪان خالي ٿي ويندا آهن، اهڙيءَ طرح جن ڪي دولت، حسن، جواني ۽ دنياوي عزت احترام، وڏائيءَ جو

تڪبر هوندو اهي حقيقي رحمت ۽ بخشش ۽ سندس وصال کان محروم ٿي ويندا آهن.

پاڻ متين ٻن شلوڪن ۾ بيان ڪندي ٻڌائي ٿو ته دنياوي لاڙي وارا انسان، ڌن، دولت، حسن جواني ۽ مان شان ۾ مگن ٿي، خدا جي بندگي ۽ عبادت جي سچي دولت کان محروم ٿي ويندا آهن.

(106)

فريدا تنهان مکھ ڊراونے جنهان وساريو ناؤں
ايتھے ڈُکھ گھنيرے آ اگے ٺهور نه ٺهاؤں

لفظي معنيٰ: ايتھے =هن دنيا ۾ گھنيرے =جهجهو تمام گھڻو اگے ٺهور نه ٺهاؤں= ڪوبہ رهيو ناهي.

مطلب: بابا فريد انسان کي آگاهه ڪندي چوي ٿو: بدنصيب دنيادار ماڻهن مالڪ الڪل جو نالو وساري ڇڏيو آهي، انهن جا چهرا بدصورت ۽ ڊيڄاريندڙ آهن. اهي هن جهان ۾ ڏک ڏسندا آهن ۽ ايندڙ جهان ۾ مالڪ الڪل جي بارگاهه ۾ ڪين جاءِ نہ ملندي پاڻ سمجهائي رهيو آهي ته دنيا ۾ عاقبت ٺهڻي ۾ ڪاميابي ۽ اصل وڏائيءَ جو ذريعو الله تعاليٰ جو نالو آهي.
هيٺ ڏنل شلوڪ ۾ پاڻ چوي ٿو:

دِلوں محبّت جيں سے اى سچّے آ
جَيں من ہور، مُکھ ہور، سے کانڈھے کچّے آ۔

رتے عشق خدائے رنگ ديدار کے
وسريا جنہاں نام تے بُھئے بهار تھيئے[36]

ڊاڪٽر نذير احمد هن شلوڪ ۾ قرآن شريف مان حوالو ڏنو آهي:
ياد رکو تہ الله تعاليٰ جي ياد سان دل کي راحت ملندي آهي.[37]

(107)

فريدا! پچھل رات نه جاگيوں جِيوَنڈڑو مُويوں
جے تيں رب وساريا تَيں رب نه وسريوں

مطلب: پاڻ هوشيار ٿو ڪري تہ اي نيڪ انسان! جيڪڏهن تون صبح

سويل جاڳي الله تعاليٰ جي بندگي يا نانءَ جو ذڪر نٿو ڪرين تہ تون چوڻ لاءِ تہ زنده آهين پر اصل ۾ مردي جي برابر آهين. جيڪڏهن تون الله تعاليٰ کي وساري ويٺو آهين، ان جو اهو مطلب ناهي تہ الله تعاليٰ بہ توکي وساري ڇڏيو آهي. هو هر وقت تنهنجي عمل ۽ فعل تي نظر رکيو ٿو اچي.

(108)

فريدا! کنت رنگاولا وڈا بے محتاج
الله سيتی رتّيا ايہہ سچاوا ساج

لفظي معنيٰ: کنت = مڙس، مالڪ. رنگا والا =خوش مزاج. الله سيتی رتّيا =الله تعاليٰ جي پيار ۾ رنگيل. ساج= سينگار.

مطلب: هن شلوڪ ۾ بابا فريد چوي ٿو تہ منهنجو حقيقي مالڪ ڏاڍو خوش مزاج ۽ بيپرواهہ آهي، هو پنهنجي مؤج جو مالڪ آهي. پنهنجو پاڻ کي سندس پيار ۾ رنڱي ڇڏڻ ئي سچو روحاني سينگار آهي.

(109)

فريدا! دُکھ سُکھ اِک کر، دِل تهيں لاہ وِکار
الله بھاوے سو بھلا تاں لبّھی دربار

لفظي معنيٰ: وِکار= گناهہ. الله بھاوے =جيڪو مالڪ کي منظور

مطلب: هن شلوڪ ۾ بہ بابا فريد رب جي رضا تي راضي رهڻ جي هدايت ٿو ڪري، پاڻ چوي ٿو: اي درويش! تون ڏک ۽ سک ٻنهي کي الله تعاليٰ جي عطا يا بخشش ڄاڻ ۽ پنهنجي دل جا وهم هٽائي ڇڏ. جڏهن تون اهڙي روحاني ڪيفيت ۾ پهچي ويندين. جتي ڏک ۽ سک هڪ جهڙا هوندا تہ تون هن جي دربار ۾ قبول پوندين.

(110)

فريدا! دُنی وجائی وجدی، تُوں بھی وجّيں نال
سوئی جيو نہ وَجّدا جس الله کردا سار

لفظي معنيٰ: دُنی=دنيا. وجدی= پڄندي

مطلب: بابا فريد جو چوڻ آهي تہ مايا (دولت) جيئن تيئن دنيا جا ماڻهو

نچي رهيا آهن. يعني سچي دنيا دولت جي تابع ٿي الله تعاليٰ کان پري وڃي رهي آهي. صرف اهي ئي ماڻهو دولت جي اثر کان بچي سگهن ٿا جن کي مالڪ پاڻ بچائي ٿو.

(111)

فريدا! دِل رتّا دُنی سيوں، دُنی نه کِيتے کم
مثل فقيراں گاکھڑی سو پائِيے پُور کرم

لفظي معنيٰ: گاکھڑی =مشڪل، ڏکي. نه ڪِيتے کم= ڪنهن جي ڪم جا ناهن. پُور کرم= بي پناهه ٻاجهه رحمت.

مطلب: بابا فريد مٿئين شلوڪ ۾ واضح ڪري چڪو آهي، تہ پوري دنيا هڪڙي وَهه ۾ وهي رهي آهي، جيڪڏهن مالڪ جي رحمت ۽ بخشش ٿي وڃي تہ انسان پنهنجي اصل مقصد کي سڃاڻي، ان کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هن شلوڪ ۾ بابا فريد مٿئين شلوڪ جي خيال کي اڳتي وڌائيندي چوي ٿو: دنيادار ماڻهن جي دل فاني دنيا جي ڏسڻ ۾ اينڌڙ عڪسي صورتن ۽ ساز و سامان جي چاهت ۾ اڙيل آهي، جنهن ڪري ڪين پنهنجي دل الله تعاليٰ جي رنگ ۾ رنگي، سچي درويش واري زندگي پنهنجائڻ ۾ ڏکيائي پيش ايندي آهي. اها حالت پنهنجي وڏي خوشنصيبي ۽ الله تعاليٰ جي بي پناهه رحمت جي ڪري حاصل ٿيندي آهي.

ڊاڪٽر نذير احمد هن شلوڪ جي تشريح ۾ درويش شاهه حسين جي ڪلام مان حوالو ڏنو آهي:

پلّے جنہاں دے پئی فقیری، بھاگ تنہاں دے چنگے[38]

(112)

پہلے پہرے پُھلڑا، پھَل بھی پِچھّا رات
جو جاگن لہن سے سائیں کنُوں دات

لفظي معنيٰ: پُھلڑا= خوبصورت ميوو پِچھّا رات = رات جي پوئين پهر.

مطلب: جيڪي عابد رات جي پوئين پهر الله تعاليٰ جو ذڪر ڪندا آهن، تہ سندن ذڪر قل دائڪ ٿي ويندو آهي. اهي ذاڪر، ذڪر کي چوٿين پهر تائين جاري رکندا آهن. اهڙن ذاڪرن جو گل ميوي ۾ تبديل ٿي ويندو

آهي. بابا فريد اٺويهين شلوڪ ۾ ٻڌايو آهي تہ رات جي پوئين پهر ۾ الله تعاليٰ جي رحمت جي خوشبو ورهائي ويندي آهي، اهي انسان جيڪي ان وقت ۾ هوشيار ٿي ڏٺي تعاليٰ جي نانءَ جو ورد ڪندا آهن، اهي انهيءَ رحمت مان فيضياب ٿيندا آهن. جيڪي ماڻهو ننڊ ۾ الوٽ ٿيا پيا هوندا آهن، اهي ان جي رحمت کان محروم رهجي ويندا آهن. پاڻ هڪ سؤ ستٽيهين شلوڪ ۾ چئي آيو آهي: جيڪي ماڻهو رات جي پوئين پهر ننڊ ۾ مدهوش ٿيا ستا پيا رهندا آهن، اهي جسماني طور تي زنده رهندا آهن پر روحاني طور تي مئل آهن. سندن چوڻ آهي تہ الله تعاليٰ جي بندگي جهڙي بہ وقت ڪئي وڃي، فائدي ۾ آهي پر رات جي پوئين پهر واري عبادت خاص طور تي فائدي مند هوندي آهي، جيڪي ماڻهو انهيءَ ويل پنهنجو ڏيان اسم اعظم جي ورد ۾ لڳائيندا آهن، مالڪ الڪل اهڙن ماڻهن کي پنهنجي رحمت سان پُر ڪري ڇڏيندو آهي.

ان شلوڪ جي وضاحت ڪندي ڊاڪٽر نذير احمد، علامہ اقبال جي شعر جو حوالو ڏنو آهي:

افلاک سے آتے ہیں، نالوں کے جواب آخر
اُٹھتے ہیں حجاب آخر، کرتے ہیں خطاب آخر[39]

آسمانن مان فريادن جا جواب ايندا آهن، انهيءَ ويل پردا لهي ويندا آهن ۽ تخاطب ٿيندو آهي: انهن ماڻهن کي جيڪي رات جو جاڳي الله تعاليٰ کي پڪاريندا آهن، نيٺ سندن آهہ و زاري الله تعاليٰ تائين پهچي ويندي آهي، ان ويل عابد ۽ معبود جي وچ وارا سڀ پردا لهي ويندا آهن.

(113)

داتیں صاحب سنّدِیاں کیا چلے تِس نال!
اِک جاگندے نه لہن اِک سُتیاں دیے اٹھال*

لفظي معنيٰ: داتیں =بخشش، کیا چلے تِس نال= هن کي ڪير ٿو مجبور ڪري سگهي.

مطلب: گرو نانڪ ديو متئين شلوڪ کي واضح ڪندي چوي ٿو رات

* سي ستائي سونهن، ننڊ عبادت جن جي. (شاهہ لطيف)

جو جاڳڻ الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ ضروري آهي، پر انسان کي جو ڪجهه بہ ملندو اهو مالڪ جي رحمت ۽ بخشش سان ئي ملندو. الله تعاليٰ پنهنجي رضا جو مالڪ آهي، اسين پنهنجي عملن جي زور تي ڪانئس ڪجهه حاصل ڪري نٿا سگهون، اسان تہ بهتر عمل بہ تڏهن ئي ڪري سگهون ٿا جڏهن سندس رضا شامل هوندي، تي سگهي ٿو تہ ڪجهه ماڻهو رات جو جاڳڻ جي باوجود سندس رحمت کان محروم ٿي وڃن ۽ هو ٻين کي جاڳائي کين مالامال ڪري ڇڏي. مالڪ جو ڪجهه ڪندو آهي، ان ۾ ئي انسان جي ڀلائي آهي. الله تعاليٰ جي بندگي ۽ سندس حاصلات جو دارومدار سندس موج، رضا ۽ رحمت تي ٻڌل آهي.

گرو صاحب جو چوڻ آهي تہ انسان کي پنهنجي پاران وڏيڪ ڪوشش ۽ جدوجهد عاجزي ۽ انڪساريءَ سان ڪندو رهڻ گهرجي ۽ يقين جي دانهون نہ ڇڏڻ گهرجي، چو تہ روحانيت ۾ ڪاميابيءَ جو نتيجو الله تعاليٰ جي رحمت ۽ بخشش تي ٻڌل آهي.

(114)

ڈُھوڈھیندیئے سُہاگ کُوں! تو تن کائی کور
جنھاں ناؤں سُہاگنی تنھاں جھاک نہ ہور

مطلب: بابا فريد انسان کي خبردار ڪندي چوي ٿو تہ سهاڳ خاطر پريشان، جيڪڏهن تنهنجو پنهنجي پيتار سان اجا تائين وصال نہ ٿيو آهي تہ تون سمجهہ تہ تنهنجي محبت ۾ اجا ڪا کوٽ آهي، اها کوٽ هيءَ آهي تہ تون پنهنجي محبوب جي عاشق هجڻ جي مذاق تي ڪرين پر تنهنجي اندر ۾ ڪا ٻي خواهش يا اميد آهي. سچي سهاڳڻ اها آهي جيڪا خواب ۾ بہ پنهنجي گهرواري کان سواءِ ٻئي جي خواهش نہ رکي. اسلام ۽ تصوف جي ادب ۾ هڪ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن غير الله سان چاهت رکڻ ڪفر، شرڪ ۽ گناهہ آهي. ٻين سيني سنتن ۾ مهاتمائن بہ نفس کي دنيا روپي غير سان پيار ڪرڻ کان منهن موڙي، الله تعاليٰ سان چاهت رکڻ لاءِ هدايتون ڪيون آهن.

(115)

صبر منجھ کمان اے، صبر کا نہنو
صبر سنَدا بان، خالقِ خطا نہ کری!

مطلب: بابا فريد 115 ۽ 117 شلوڪن ۾ صبر ۽ قناعت جي تعريف ڪري آيو آهي. صبر ۽ قناعت هڪ سچي درويش جي وصف ڄاڻندي پاڻ چوي ٿو تہ اي طالب! تون صبر جي سينگ مضبوط جهل ۽ ان سان گڏ قناعت بہ ڪر. ڇو جو صبر جي تير ڪي مالڪ نشانيءَ کان خطا نہ ڪندو آهي.

(116)

صبر اندر صابری، تن ایویں جالین
ہون نجیک خُداءِ دے، بھیت نہ کسے دین

مطلب: بابا فريد چوي ٿو تہ الله تعاليٰ جا سچا عابد سدائين صبر ۽ تحمل سان عبادت ۽ اطاعت ڪندا رهندا آهن. اهي عبادت جو ڏيکاءُ ڪڏهن بہ نہ ڪندا آهن. انهن کي الله تعاليٰ سان ڪيتري بہ ويجهڙائي ٿيو وڃي، تہ هو ڪڏهن پنهنجي اندروني اعليٰ ۽ پاڪ روحاني ڪيفيت کي ظاهر نہ ڪندا آهن. جنهن وٽ هيرو هجي، اهو ان کي دنيا جي نظرن کان لڪائي رکندو آهي. ان جو ڏيکاءُ نہ ڪندو آهي، جيڪڏهن اسان الله تعاليٰ جي رحمت ۽ بخشش کي پاڻ ۾ جذب ڪريون تہ هو اجا بہ وڌيڪ رحمت ۽ بخشش عطا ڪندو آهي.

(117)

صبر ایہہ سُآؤ، جے تُوں بندہ دِڑ کریں
ودھ تھیویں درباؤ، تُٹ نہ تھیویں واہڑا

لفظي معنيٰ: سُآؤ= پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ. دِڑ = پڪو واہڑا =واهڙ.

مطلب: اي عابد! تون جيڪڏهن صبر ۽ تحمل جي دامن مضبوطيءَ سان جهليندين تہ تنهنجي عبادت، جيڪا هن وقت هڪڙي واهڙ جيان آهي تہ اها وڏي سمنڊ جي شڪل اختيار ڪري ونندي. پوءِ اهو واهڙ نہ رهندو.

(118)

فریدا! درویشی گاکھڑی، چوپڑی پریت
اِکن کنھے چالی اے درویشاوی ریت

لفظي معنيٰ: گاکھڑی= ڏکي. چوپڑی =ظاهري، ڏيکاءَ لاءِ. اِکن کنھے چالی اے =ان طريقي واري زندگي، ڪنهن ڪنهن اختيار ڪئي.

مطلب: سچي درويشي ڏاڍي ڏکي آهي. ظاهري ۽ ڪوڙي محبت تي ٻڌل درويشي ڪنهن ڪم جي ناهي. سچيءَ دل سان الله تعاليٰ محبت ڪندڙ ۽ سچي درويش واري زندگيءَ جو طريقو ڪو ڪوئي اختيار ڪري سگهندو.

ڊاڪٽر نذير احمد هن شلوڪ جي تشريح ڪندي، خيال ظاهر ڪيو آهي ته بابا فريد جي زماني ۾ ئي نه پر عرب جي مشهور صوفي ۽ عالم امام غزالي (450_ 505ھ) جي دور ۾ به اهڙن نقلي صوفين جي ڀرمار هئي، جن جي باطني حالت سندن ظاهري لباس جي بلڪل برعڪس هئي. امام غزاليءَ اهڙن صوفين جي سخت مذمت ڪئي آهي.(40)

(119)

تن تپے تنّور جِيُوں بالن ہڈّ بلن

پَیرِیں تهکّاں سِرِیں جُلاں جے مُوں پِری مِلن

مطلب: باب فريد شلوڪ نمبر 103 ۾ چيو آهي ته حقيقي محبوب سان وصال خاطر، مان بدن جي لباس کي ڦاڙي درويشي خرقو پائڻ لاءِ تيار آهيان. پاڻ چوي ٿو ته جيڪڏهن هن طريقي سان، منهنجو محبوب سان وصال نه ٿئي ته مان پنهنجو بدن تنور جيان تپائي ۽ هڏن کي ٻارڻ جيان ٻارڻ لاءِ تيار آهيان. جيڪڏهن مان محبوب جي ڳولا ۾ پنڌ ڪندي ٿڪجي پوان ته مان مٿي ڀر هلڻ شروع ڪندس.

(120)

تن نه تپاءِ تنُور جِيوں بالن ہڈ نه بال

سِر پَیرِیں کیا پھیڑیا، اندر پِری نِہال

لفظي معنيٰ: پهيڙيا =ڊاهڻ يا بگاڙڻ

مطلب: گرو امر داس شلوڪ 104 ۾ چيو آهي ته الله تعاليٰ سان ميلاپ لاءِ لباس بدلائڻ جي ڳالهه ناهي، نفس جي لاڙي کي بدلائڻ جي ضرورت آهي. هن شلوڪ ۾ پاڻ بابا فريد جي مٿئين شلوڪ جو اصل مقصد سمجهائيندي چوي ٿو ته سچو عاشق حقيقي محبوب سان ميلاپ خاطر هر طرح جي قرباني ڏيڻ جي لاءِ تيار رهندو آهي. پر محبوب حقيقي ته باطن ۾ رهي ٿو ان سان ميلاپ خاطر، بدن کي تڪليف ۽ مجاهدن جي وسيلي اذيت پهچائڻ جي ضرورت ناهي پر پنهنجو توجهه ٻاهران ڦيرائي اندر طرف موڙڻو آهي.

(121)

هَون ڏهونڍيندی سجنّاں، سجَن میڈے نال
نانک اَلکھ نہ لکھیے، گُرمُکھ دیئے دِکھال

مطلب: شلوڪ نمبر 103، 104، 119 ۽ 120 ۾ بيان ڪيل خيال هن شلوڪ ۾ هڪ ٽي ٽو وچي، گرو امر داس هن شلوڪ ۾ چوي ٿو انساني روح جنهن محبوب کي ٻاهر ڳلي ڳليءَ ۾ ڳولي رهيو آهي، اهو تہ سندس اندر (قلب) ۾ آهي. اندر ۾ محبوب جي هوندي بہ ان کي ڏسي يا سڃاڻي نٿو سگهجي، پر جڏهن انسان ڪنهن ڪامل درويش جي ٻڌايل طريقن ۽ ان جي هدايت جي مطابق عمل ڪندو آهي تہ ان کي پنهنجي باطن ۾ ئي محبوب جو ديدار ٿي ويندو آهي.

(122)

ہنساں دیکھ ترنّدیاں بگاں آیا چاؤ
ڈُب مُئے بگ بپُڑے، سِر تل اُپر پاؤ

لفظي معنيٰ: ترنّدياں = ترندي ڏسي، بپُڑے = ويچارا، سِر تل اُپر پاؤ= اُنهن جا مٿا هيٺ ۽ پير مٿي هوندا.

مطلب: هنج يعني ڪامل درويش کي زندگي جي سمنڊ ۾ پار ٿيندي ڏسي نفس پرستن جي دل ۾ بہ زندگي جي سمنڊ پار ٿيڻ جو شوق پيدا ٿيو پر انهن پاڻ ئي اڪيلي سر پار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. نتيجو اهو ٿيو جو هُو مٿي پر ڪري پيا ۽ ٻڏي ويا. مطلب اِهو آهي تہ مرشد ڪامل يا رهبر جي بغير پنهنجي ڪوشش سان ڪنهن بہ پار نہ ٿا وڃي سگهون.

(123)

مَیں جانا وڈ ہنس ہے، تاں مَیں کِیتا سنگ
جے جانا بگ بپُڑا، جنم نہ بھیڑی انگ

لفظي معنيٰ: وڈ ہنس =وڏو هنجهہ ڪامل درويش، جنم =ازل کان، نہ بھیڑی انگ= ان جي ويجهو نہ وڃان ها.

مطلب: انساني روح چوي ٿو تہ مون اهو سمجهي هن سان محبت ڪئي آهي تہ هو ڪوئي ڪامل درويش ئي هوندو جيڪڏهن مون کي اها پروڙ

هجي ها تہ اهو ٻگھہ ڀڳت معنيٰ ڪو ڪوڙو آهي تہ مان پل ۾ بہ هن ڏانهن نہ وڃان ها. بابا فريد هيءَ سچائي ذهن نشين ٿو ڪرائي تہ مرشد جو هجڻ ڪافي ناهي، مرشد ڪامل هجڻ لازمي آهي. سيڪڙات يا غير درويش جي صحبت پل ۾ بہ ڪرڻ نہ گھرجي.

گرونانڪ صاحب جي ٻاڻي آهي- ڪاچے گرو تے مُکت نه ہو[41]

گرو امر داس چوي ٿو:

گُورو جِنا کا اندملا سِکھہ بھی اندھے کرم کرین
اوئے بھانے چلن آپنے نِت جُھوٹھو جھوٹھ بولین
کُوڑ کُست کماو دے پرنندا سدا کرین
اوئے آپ ڈُبے پرنند کا سگلے کُل ڈوبین[42]

يعني اڌورو مرشد پاڻ پار پهچي نہ سگهندو ان جا مريد غلط رستي تي هلندي پيو ساگر ۾ ٻڏي مرندا آهن. گرو ارجن ديو جي ٻاڻي آهي:

ست پُرکھہ جِن جانیا ستگور تِس کا ناؤ
تِس کے سنگ سِکھہ اُدھرے نانک ہرگُن گاؤ[43]

پاڻ اشارو ٿو ڪري تہ صرف اهڙو ڪامل انسان ئي ڪامل مرشد آهي، جيڪو پنهنجو روح الله تعاليٰ ۾ جذب ڪري چڪو آهي. صرف اهڙي ڪامل مرشد جي هدايت موجب، بندگي ڳولي لهڻ وارو طالب ئي بحر حيات مان اُڪري مالڪ الڪل سان وصال ڪري سگهندو آهي.

(124)

کیا ہنس کیا بگُلا، جا کُو نظر دھرے
جے تِس بھاوَے نانکا، کاگوں ہنس کرے

لفظي معنيٰ: نظر =رحم جي نظر

مطلب: هن شلوڪ ۾ گرو نانڪ سمجهائي ٿو تہ پنهنجي پاران هر انسان هنجھہ (سچو گورو) سچو درويش يا سچو (سنت) بڻجڻ ٿو گهري، پيو اهو تہ ان خالق مطلق جي هٿ ۾ آهي تہ هو ڪنهن کي ڪڏهن نفس پرست تہ ڪڏهن ڪامل عارف ڪري ڇڏيندو آهي، اها روحاني فضيلت، جڏهن بہ ملندي، تہ الله تعاليٰ جي رحمت ۽ رضا سان ئي ملندي.

(125)

سروَر پنکھی ہیکڑو پھابیوال پچاس
اِیہہ تن لہرِیں گڈ تِھیا، سچّے تیری آس

لفظي معنيٰ: سروَر =ڍنڍ يا تالاب. پھابيوال =شڪاري. لہرِیں گڈ تِھيا= لهرن ۾ قاتل

مطلب: انساني روح، دنيا جي تالاب ۾ اڪيلي شيطان، نفس مايا وغيره جي طاقتن ۾ قاتل آهي. اهو شهوت، غصي، حرص و هوس، تڪبر، دنيا جي چاهت ۽ اميدن ۽ خواهشن وغيره جي خوفناڪ لهرن ۾ قاتل آهي. اهڙي نااميدي ۽ لاچاريءَ جي حالت ۾ انسان کي صرف رحمان الرحيم جي رحمت جو سهارو آهي. سندس مراد هيءَ آهي تہ سواءِ الله تعاليٰ جي رحمت ۽ بخشش جي، انسان جي پنهنجي همٿ سان ان خوفناڪ زندگيءَ جي سمنڊ کي پار ڪرڻ ممڪن ناهي.

(126)

کوَن سُو اکھَر، کوَن گُن، کون سو منیا منّت
کوَن سُو ویسو ہوں کِری جِت وس آوے کنت

لفظي معنيٰ: منيا منت=وڏو منتر. سو ويسو =اهڙو ڪهڙو لباس، ہوں کِری = مان اختيار ڪريان.

مطلب: هن شلوڪ ۾ هڪڙو طالب اهو سوال ٿو ڪري تہ اهي ڪهڙا لفظ ۽ ڪهڙو لباس آهي يا ڪهڙيون صفتون آهن، اهو ڪهڙو ذڪر آهي. جنهن جي وسيلي مان ان حقيقي مالڪ تائين رسائي حاصل ڪري سگهان.

(127)

نِون سُو اکھَر کھَون گُن، جِیبھا منیا منّت
اے تَرے بھَینے ویس کر تاں وَس آوی کنت

لفظي معنيٰ: کھوَن=عاجزي، انڪساري جِيبها = زبان

مطلب: مٿئين شلوڪ ۾ ڪيل سوال جي جواب ۾ بابا فريد چوي ٿو تہ اهڙا ٻول عجز، آزيءَ جا لفظ آهن يا علم جا طريقا آهن، اهي ذڪر اذڪار منڙي ٻوليءَ ۾ آهن، انهن ٽنهي سان سينگاريل اهو ويس آهي، جنهن جي

وسيلي ان حقيقي محبوب کي پنهنجائي سگهجي ٿو.

هنن ٻنهي شلوڪن ۾ استعمال ڪيل لفظ 'ويس' ڏانهن اشاري جو مطلب هي آهي تہ اوهان ڪو مخصوص لباس، اوصاف ۽ شريعت اختيار ڪرڻ جي نہ پر انسان کي پنهنجي اندر عجز ۽ انڪساري، مٺڙي ٻولي ۽ ڳالهائڻ ۾ مٺاس پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. شريعت جو اصل مقصد، انسان کي روحاني ۽ الاهي اوصاف پنهنجائڻ ۾ مدد ڪرڻ آهي. جيڪڏهن شريعت کي انهن اوصاف جي پورائي لاءِ وسيلو بڻايو وڃي تہ اها شريعت مبارڪ آهي. جيڪڏهن شريعت کي ئي سچي روحانيت ڄاڻي ويهي رهبو تہ منزل جي توڙ تائين پهچائڻ بدران، اها رستي جي رڪاوٽ بڻجي پوندي آهي، انهن ٻنهي شلوڪن کي مٿين ٻنهي شلوڪن سان ملائي پڙهڻ سان خبر پوندي تہ بابا فريد انسان کي پنهنجو نظريو بدلائڻ ۽ زندگي اهڙيءَ طرح گذارڻ جي تلقين ڪري رهيو آهي، جنهن سان هو الله تعاليٰ جو سچو عاشق بڻجي ٿو سگهجي.

(128)

مت ہوندی ہوئے ایانا، تان ہوندے ہوئے نِتانا
اَن ہوندے آپ ونڈاوئے: کو اَیسا بھگت سدائے

لفظي معنيٰ: تان = طاقت، ايانا= اياڻو بي عقل

مطلب: مٿئين شلوڪ ۾ عبادت گذار کي عاجزي، حليمي، بردباري ۽ مٺڙي ٻولي اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪيل آهي. هن شلوڪ ۾ طالب کي ڪجھ وڌيڪ اوصاف حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو. 'کو ايسا بهگت سدائے' الله تعاليٰ جو بندو عابد چوائڻ جو حقدار ئي آهي، جيڪو سالم عقل جو مالڪ، يعني پورو گياني هوندي بہ ٻارڙن جيان معصوميت ڀريل رهندو آهي. جيڪي بي پناھ طاقت جا مالڪ هوندي بہ ان جو نماءُ نہ ڪندا آهن، اهي غريبي ۽ تنگ دستيءَ ۾ بہ ڏيندڙ ۽ سخي هجن، پينو نہ هجن.

(129)

اِک پھِکّا نہ گالائیں، سبھنا میں سچا دھنی
ہیاؤ نہ کہیں ٹھاہیں، مانک سبھ اَمولویں

لفظي معنيٰ: نہ گالائيں= نہ چئو نہ ڳالهايو هياؤ= دل، من،ڪيهي= ڪنهن جو ٺاهيں= ڏڪوئڻ

مطلب: پاڻ هدايت ٿو ڪري تہ ياد رکو تہ هو صاحبِ قدرت ۽ نعمت اوهان جي ئي دل ۾ ٿو وسي، انهيءَ ڪري ڪنهن سان تلخ نہ ڳالهايو ڪنهن جي دل کي نہ ڏکويو سڀيئي دليون، اڻ لڀ موتي آهن.

(130)

سبهناں من مانک، ٹھاہن مُول مچانگوا
جے تَو پریا دی سِک ہیاؤ نه ٹھاہیں کہیں دا

لفظي معنيٰ: سبهناں = سڀني جو ٹھاہن = ڏکوئڻ، مُول = ٿورڙي، مچانگوا= سٺو ناهي.

مطلب: مٿئين شلوڪ جي خيال کي اڳتي وڌائيندي چوي ٿو سڀني انسانن جون دليون موتين جيان اَملهہ آهن، ان ڪري ڪنهن جي دل ڏکائڻ بهتر ناهي، جيڪڏهن توکي ان محبوب حقيقيءَ سان وصال جي تڙپ آهي تہ ڪنهن جي بہ دل نہ ڏکاءِ.

(1) 'جے تَو پریا دی سِک' جيڪڏهن توکي الله تعاليٰ سان وصال جي تڙپ آهي تہ ياد رکج تہ 'سبهنا میں سچا دمنی' سڀني ۾ سچو ڌڻي ٿو وسي، اهو مالڪ حقيقي ڪنهن هڪڙي مذهب ۽ قوم جي پوئلڳن ۾ ئي ناهي، پر اهو هر ڪنهن جي اندر ئي آهي. هو صرف انسانن ۾ ئي نہ پر حيوانن پکين، ۽ نباتات وغيره ۾ بہ ۽ ان جي حد تائين تہ مڙني مخلوقات اندر سمايل آهي.

(2) 'مانک سبھ امولوے' ۽ 'سبهنا من مانک'، سڀني انسانن جون دليون املهہ موتي آهن، ڪنهن بہ خاص ڌرم يا مذهب ۽ قوم جا ماڻهو ئي نہ، دنيا جي سڀني مذهبن جا ماڻهو ان مالڪ جي پيار جا حقدار آهن، ڇو جو جنهن الله تعاليٰ جي ميلاپ لاءِ اسين سڀ بي چين آهيون، اهو سڀني ۾ وسي ٿو.

بابا فريد، انسان جي انسان سان پائپي ۽ پوري احساس جو حامي آهي، جيسين ڪوئي انسان، روحاني ذڪر کان سواءِ الله تعاليٰ جو مڙني کان وڏي طور مشاهدو نٿو ڪري، تيسين هو ٻين انسانن کي پائر پينر تسليم ناهي ڪندو پائپيءَ جي احساس لاءِ پدري (والد) احساس جو هئڻ لازمي آهي، پر پدري احساس بنا پائپيءَ جو احساس ممڪن ناهي.

جڏهن ڪو به انسان پنهنجي اندر الله تعاليٰ جي نور جي چٽڻنگ ڏسي وٺندو آهي، ان کي هر انسان ۾ ان حد تائين ته ڪائنات جي ذري پرزي ۾ الله تعاليٰ جو نور تجلا ڏيندو نظر ايندو آهي. ان حالت ۾ نه ته اهو ڪنهن کي خراب ڄاڻندو آهي ۽ نه ئي ڪنهن سان اڻنگي هلت هلندو آهي. الله تعاليٰ جا سچا عاشق فطرتي طور انسانيت جا سچا دوست خدمتگار ۽ همدرد ٿي پوندا آهن.

ہزار زہد و عبادت ہزار استغفار ہزار روزہ و ہزار روزہ را نماز ہزار
ہزار طاعتِ شبہا ہزار بیداری قبُول نیست اگر خاطر بیا زاری[44]

صوفي درويش حضرت مغربيءَ جو چوڻ آهي، ڪو به انسان ڀل هزارها ڀيرا عبادت ڪري، ڀل هزارها ڀيرا توبه ڪري، هزارها ڀيرا روزا رکي ۽ هر روزي ۾ هزارها ڀيرا نماز ادا ڪري، هزارها راتيون، الله تعاليٰ جي بندگيءَ ۾ گذاري ڇڏي پر جيڪڏهن هو هڪڙي انسان جي دل ٿو ڏکوئي ته ان مالڪ الڪل کي سندس ڪجهه قبول ناهي.

مے خورد مصحف بسوز و آتش اندر کعبه زن
ہر که خوا ہی کُن و لیکن مردُم آزاری مکُن[45]

خواجه حافظ جو چوڻ آهي، شراب پيئڻ، قرآن پاڪ کي ساڙڻ ڪعبت الله کي باهه ڏيڻ، اهي مها گناهه آهن، پر ڪنهن انسان جي دل ڏکوئڻ، اهڙو گناهه آهي جيڪو الله تعاليٰ به معاف نٿو ڪري.

عشق الاهي ۽ خدمت خلق، حق جي سيني درويشن، اولياءَ الله پيغمبران دين ۽ سنت مهاتمائن جي تعليم جو به حرفي اصول آهي، 'فريدا! خالق خلق سے خلق وے رب ماہیدا،'[46] سيئي ڪامل درويش انسانن سان اُنس ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ کي الله تعاليٰ سان پيار ۽ محبت تسليم ڪندي ان جي تبليغ ڪندا آهن، انهن جي چوڻ آهي ته سڄي مخلوق ۾ الله تعاليٰ جو نور سمايل آهي، ان ڪري الله تعاليٰ جي مخلوق جي خدمت کي ئي الله تعاليٰ سان محبت سمجهڻ گهرجي.

(1)

دِلوں محبّت جیں سَے ای سچّے آ
جَیں من ہور، مُکھ ہور، سَے کانڈھے کچّے آ[۱]

رتے عشق خُداءِ رنگ ديدار کے
وسريا جَين نام تے بھَوَين بهار تهيئے۔ (۲)

آپ ليئے لڑ لاءِ در درويش سے
تِن دمن جنيندى ماؤ آئے سپهل سے (۳)

پروردگار، اپار، اگم، بے انت تُوں
جنهاں پچهاتاسچ چُمّاں پير موں (۳)

تيرى پنه خُدا نے تُو بخشندگى
شيخ فريدے خير ديجئے بندگى (47)

لفظي معنيٰ: دِلوں محبّت جين =جيڪي تهہ دل محبت ڪن ٿا، ڪانڌھے= چيا ويندا آهن، جنيدى =ڄڻيندي، پنه= پناھ، موں = مان، آئون

مطلب: جيڪي الله تعاليٰ سان دل ۾ جان سان محبت ڪندا آهن، اهي سندس سچا عاشق، عابد ۽ درويش آهن. درويشيءَ جو صرف نماءُ ڪندڙ دنيادار يا ڪچا عاشق آهن.

سچا عاشق اهي آهن، جن جي دل ۾ سواءِ الله تعاليٰ جي ديدار کان سواءِ ٻي ڪا بہ خواهش ناهي، اهي ماڻهو جن اسم اعظم وساريو آهي، اهي هن ڌرتيءَ تي بار آهن.

دراصل درويش اهي آهن، جن کي مالڪ الڪل پنهنجي پناھ ۾ آڻي ڇڏيندو آهي. مبارڪ آهي ان ماءُ کي جنهن اهڙي درويش کي پيدا ڪيو اهڙي درويش جو دنيا ۾ اچڻ سنو سنؤڻ آهي.

اي پروردگار! تون لامحدود آهين، عقل ۽ فهم کان مٿانهون ۽ لاحد آهين، تون قائم دائم ۽ اصل حقيقت آهين، جن انهيءَ سچائيءَ کي ڄاڻي ورتو مان انهن جا قدم چمان ٿو.

اي خدا! مان تنهنجي پناھ ۾ آيو آهيان، تون غفار رحيم ۽ ڪريم آهين، منهنجون خطائون معاف ڪري ڇڏ، مان تنهنجي در جو پينو آهيان، مون تي مهر ڀري نظر وجهہ مون کي پنهنجي بندگي ۽ اطاعت عطا ڪر.

(2)

بولے شيخ فريد پيارے الله لگے
اِيهه تن ہوسى خاک نمانى، گور گهرے (۱)

آج مِلاوا شيخ فِريد
ٺاکم کونجڙيان، منون مچندڙيان(۲)

ڄے جاناں مَر جاپئے گُھم نه آپئے
جھوٹھی دُنيا لگ نه آپ ونجاپئے(۳)

بولیے سچ دمرم، جُھوٹھ نه بولیے
جو گُر دسّے واٹ مُريداں جو لیئے(۳)

چھیل لنگندے پار، گوری من دِميريا
کنچن وَتے پاسے کلوت چيريا(٤)

شيخ حياتی جگ نه کوئی تِهر رہيا
جس آسن ہم بيٹھے کيتے بيس گيا(٥)

کتک کوُنجاں، چيت ڈونّھ، ساون بجلياں
سيالے سوہنديان پِر گل باہڑيان(٦)

چلے چلنہار وچاراں لیئے منون
گنڈميندياں چھ ماه تڑنديان بک کھِنو(۷)

زمی، پُچھے اسماں، فريدا، کھيوٹ کن گئے
جالن گوراں نال اُلاہمے جِيا سہے(48)

لفظي معنيٰ: ٺاکم =ضبط ۾ رک. جهلي ڇڏ. کونجڙيان= اندريان حواس. منون مچندڙيان= نفساني خواهشن کي اپارڻ. جو ليئے= هلڻ گهرجي. چهيل =بهادر. گوری من دميريا= بهادر جي دل صبر تي ڪري. کنچن وتے پاسے =سون جي چمڪ دمڪ. کلوت چيريا= ڪارائيءَ سان چيريو ويو. چيت =چيٽ. سوہنديان =سهڻا لڳندا آهن. پر گل باہڑيان =مڙس جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهڻ. کھيوٹ =ملاح. جالن گوراں نال =قبرن ۾ سندن روح تڪليفون برداشت ڪري رهيا آهن.

مطلب: اي دوستا! انساني زندگيءَ مان فائدو وٺندي، الله تعاليٰ سان لئون لڳاءِ، ڇو جو هڪڙي ڏينهن هي جسم قبر ۾ وڃي ڏوڙ ٿي ويندو ۽ قبر ئي تنهنجي جاءِ ٿي ويندي، ان ڪري جهان مان لاڏاڻو ڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجو

ڪم پورو ڪري وٺ. الله تعاليٰ سان ميلاپ مشڪل ناهي، جيڪڏهن تون پنهنجي نفساني خواهشن کي پلي سگهين تہ اچ، اچا بہ هاڻ ئي تنهنجو الله سان ميلاپ ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ جو روح ۽ الله تعاليٰ جي وچ ۾ اصل رنڊڪ نفس ۽ حواسن جي آهي، گرو نانڪ جو چوڻ آهي: 'من جيتي جگ جيت'.[(49)]

اسان کي يقين آهي تہ موت يقيني آهي، ان ڳالهہ جو بہ ڪو ڀروسو ناهي تہ اسان کي موت کان پوءِ انساني جسم ملندو يا نہ. ان ڪري فاني دنيا ۾ گمراهہ ٿيڻ نہ گهرجي.

ناپائيدار شين جي چاهت ڇڏي ڏيڻ گهرجي. ڪوڙي رستي کي ڇڏي ڏيڻ گهرجي، حقيقي محبوب سان صدق سان دل لڳائڻ جي ڪوشش ڪجي، اهائي سچي طريقت آهي، اها ئي هر انسان کي اختيار ڪرڻ گهرجي. ان راهہ تي هلڻ جو طريقو ڪامل مرشد وٽان ملندو آهي. مرشد کان ٻڌل رستي تي هلندي، حقيقت تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

بابا فريد مٿي چئي آيو آهي تہ جيڪا واٽ مرشد ڏسيندو آهي، مريد کي ان تي هلڻ گهرجي. هاڻ پاڻ چوي ٿو تہ جيڪي انوکي سالڪ يا مرشد تي يقين ٿا رکن ۽ سندس ٻڌايل واٽ تي قدم کڻندا هلندا رهندا آهن، اهي ئي پار پهچي ويندا آهن. انهن کي ڏسي نبل ۽ ڪمزور دل انسانن جي همٿ افزائي ٿيندي آهي، پوءِ اهي بہ مرشد پاران ٻڌايل رستي تي هلندي، روحانيت جي راهہ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. ان جي ڀيٽ ۾ جن جو خيال دولت ۾ قائل آهي ۽ اهي عيش عشرت ۽ عزت ناموس ۾ قائل رهندا آهن. انهن کي موت کان پوءِ ڪرتن سان ڇيرايو ويندو يعني انهن جي روحن کي اذيتون پوڳڻيون پونديون آهن. "جگ نه کوئی تهر رہیا" دنيا ۾ هميشہ جي لاءِ نہ ڪوئي رهيو آهي ۽ نہ ڪوئي رهندو. اسين جنهن جاءِ تي ويٺا آهيون، ڪيترائي ماڻهو اسان کان اڳ هتي رهجي چڪا آهن. مطلب تہ اسان کان اڳ ڪيترائي انسان هتان هليا ويا، هڪ ڏينهن اسان بہ هليا وينداسون.

زماني جي ڦيري ۾ جڪڙيل دنيا اڳتي ئي اڳتي وڌندي ٿي وڃي. پوهہ جي مهيني ۾ ڪونجون ڏسڻ ۾ اينديون آهن. چيٽ جي مهيني ۾ جهنگلن ۾

باهہ پڙڪي پوندي آهي. • سانوڻ جي مهيني ۾ ڪنوڻ ڪجندي آهي. گرميءَ جي موسم ۾ شادي شده عورت جون ٻانهون، پنهنجي ور جي ڳچيءَ ۾ پوندي خوبصورت لڳنديون آهن. جهڙيءَ ريت تبديليءَ جو سلسلو جاري آهي، اهڙيءَ طرح موت ۽ حيات جو سلسلو بہ جاري آهي. جو جڙيو آهي، اهو ڀڄندو جيڪو آيو آهي، هڪڙي ڏهاڙي ان کي وڃڻو آهي، هتي ڪابہ شيءِ هميشہ لاءِ رهڻي ناهي. ڪيڏي حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ آهي تہ ظاهر ٽيڻ ۾ ڪيتري دير ٿي لڳي، پر فنا ٿيڻ ۾ صرف هڪڙو پل ٿو لڳي.

زمين، آسمان ڪان ٿي پڇي تہ اهي ملاح ڪيڏانهن ويا جيڪي پنهنجي وڏائيءَ تي آڪڙ ڏيکاريندا هئا ۽ ماڻهن کي درياهہ پار اڪاريندا هئا؟ آسمان وراڻي ٿو ڏئي تہ اهي قبرن ۾ پوريا پيا آهن ۽ سندن روح دنيا ۾ ڪيل عملن جي ميوي جو ساءُ وٺي رهيا آهن ۽ لعنت ملامت بہ سهي رهيا آهن.

(3)

تپ تپ لُوہ لُوہ ہاتھ مروڑو
باوَل ہوئی سو سَوہ لوڑُو

تَیں شَوہ من مَنَّہ کیا روس
مُجھ اوگن شَوہ نابیں دوس

تَیں صاحب کی میں سار نہ جانی
جوبن کھوءِ پاچھے پچھوتانی

کالی کوئل تُو کِت گُن کالی
اپنے پریتم کے ہَوں برہے جالی

پِرہے بِہُوں کِتھ سُکھ پائے
جاں ہوءِ کرپال تا پربھو ملائے

وِدمن کُھوہی مُندھ اکیلی
نہ کو ساتھی نہ کو بیلی

• ڊاڪٽر نذير احمد چيتُرَ جو مطلب هيئن ڪيو آهي: جيئن تہ چيٽ جي مهيني ۾ جهنگل ۾ ٻانت ٻانت جا گل ڦٽندا آهن، اهي باهہ جيان روشن ڏسڻ ۾ ايندا آهن.(50)

کر کرپا پربھ سادھ سنگ میلی
جا پھر دیکھاں تاں میرا اللہ بیلی

واٹ ہماری کھری اُڈینی
کھنّیوں تِکھی بہت پئینی

اُس اُوپر ہے مارگ میرا
شیخ فرید پنتھ سمہار سویرا(51)

لفظي معنيٰ: تپ تپ =ڏکي ٿي، سڙندڙ لُوہ لُوہ =تڙڦندي، باتھ مروڙو =افسوس جا هٿ ملڻ، باوَل ہوئی =ديواني ٿي، لوڙو =ڳولهيندي وتي، شَوہ = حقيقي مڙس، ہوں= مان، جالی=سڙيل، پِربھ ہِہوں = محبوب کان وڇڙيل، وِدمن کُھوہی = ويران کوهي، کھری اُڈینی= ڏاڍي ڏکي، کھنّیوں تِکھی =تلوار جي ڌار کان تيز، بہت پئینی= گهڻي تکي ڌار واري.

مطلب: روح جهڙو عاشق چوي ٿو تہ مان محبوب حقيقيءَ جي وڇوڙي ۾ سڙندي افسوس جا هٿ ملي رهيو آهيان ۽ پاڳلن جيان هن جي ڳولا ۾ آهيان. اي منهنجا محبوب! تون مون کان خفا آهين، اهو منهنجي ئي خرابين جو نتيجو آهي، ان ۾ توهان جو ڪوئي بہ تصور ناهي. مون ئي تنهنجو قدر نہ ڪيو ڪوڙي دنيا جي چاهت جي جار ۾ ڦاسي پيس ۽ پنهنجي جواني ايئن ئي برباد ڪري ڇڏيم. هاڻ مان پنهنجي پورڙائي تي پشيمان آهيان.

روح روپي ڪوئل کان پڇيو ويو. تنهنجو رنگ ايترو ڪارو ڇو آهي؟ ڪوئل جواب ڏنو تہ محبوب کان جدا ٿي هجر ۽ فراق جي باهہ ۾ سڙي ڪاري ٿي وئي آهيان. ها! اها ڳالهہ تہ درست آهي تہ محبوب کان ڌار ٿي ڪوبہ عاشق سک ۾ ڪيئن رهي سگهندو؟ جيڪڏهن هن جو محبوب سندس حالت تي رحم ڪري کيس پاڻ سان ڳنڍي ڇڏي تہ کيس محبوب جي وصال جو سرور ملندو. روح روپي عورت، دنيا روپي خوفناڪ کوهہ ۾ هيڪلي ڪري پئي هئي، سندس ڪوبہ همدرد يا مددگار نہ هو جيڪو کيس کوهہ مان ڪڍي سگهي. الله تعاليٰ ان تي رحم ڪري کيس مرشد ڪامل جي صحبت عطا ڪئي تہ هوءَ ڏسي ٿي تہ الله تعاليٰ سندس دوست بڻجي ويو آهي.

حقيقي محبوب جي گهر جو ڏگ ڏکيو ۽ تڪليف ڏيندڙ آهي، اهو رستو بنهہ سنهو ۽ تلوار جي ڌار کان بہ تکو آهي. انسان کي آخرڪار اهو رستو طئي ڪرڻو پوندو آهي، ان ڪري ٿي بابا فريد آگاهہ ٿو ڪري تہ اهڙي طويل ۽ ڏکئي رستي کي عبور ڪرڻ لاءِ توکي بنا دير سفر شروع ڪرڻ گهرجي.

(4)

بيڑا بندھ نه سکيوں بندمن کی ويلا
بهر سروَر جب اُچھلے تب ترن دُبيلا
ہتھ نہ لاء کسنبھڑے جل جاسی ڈھولا

اِک آپی نے پت لی شَوه کيرے بولا
دُدما تھنی نه آويئی پھر ہوئے نه ميلا

کہے فريد سہيليو شَوه اُلائيسی
ہنس چلسی ڈُمنا، ايہه تن ڈھيری ہوسی[52]

لفظي معنيٰ: بيڑا بندھ نه سکيوں =بيڙا تيار نہ ڪر، بندمن کی ويلا =تياري ڪرڻ جو وقت هو بهر سروَر جب اُچھلے =جڏهن سمنڊ ۾ طوفان اچي ويو ہتھ نہ لاء کسنبھڑے = ڪسمبڙي کي هٿ نہ لاءِ، جل جاسی ڈھولا= پيارا تنهن جا هٿ سڙي پوندا. سہہ کيرے بولا =سندس مڙس ڪيئن ڳالهائي، دُدما تھنی نه آويئی پھر ہوئے نه ميلا= ٿڻن مان نڪتل کير جيان، ٻيهر زندگي نہ ملندي، شَوه اُلائيسی= حقيقي مڙس سڏيندو ڈُمنا= ٻڏتر.

مطلب: اي پيارا روح! تون مايا روپي ڪسمبڙي کي هٿ نہ لائجانءِ، هن ڏانهن ڏيان نہ ڏرجانءِ، تنهنجا هٿ سڙي پوندا. ڪسمب جا گل ڏسڻ ۾ سهڻا لڳندا آهن پر جلد ئي مرجهائجي ويندا آهن، انهن جو رنگ ڪچو هوندو آهي، ڪسمب جا سنهڙا ڪنڊا هٿن ۾ چڀي ويندا آهن، جنهن ڪري هٿن ۾ ساڙو ٿيندو آهي، ان ڪري سندس چوڻ آهي تہ "جل جاسی ڈھولا"

پاڻ سمجهائي رهيو آهي تہ اي پيارا روح! تون ڪسمبڙي روپ مايا سان دل نہ لائج، ان بدران الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت جو ٻيڙو تيار ڪري وٺ، جڏهن ٻڍاپو ايندءِ ۽ موت جو ٻيڙو تيار ٿي ويندو تہ ان ويل ٻيڙو تيار

ڪرڻ ممڪن نہ رهندو. جيڪڏهن تون ٻيڙو تيار ڪري، بروقت پار نہ پهچندين تہ حقيقي محبوب سان ڪيئن وصال ٿيندو.

بابا فريد روح روپي عورت کي آگاهہ ٿو ڪري تہ جيڪڏهن تون مايا جي ظلم ستم جي ڪري ڪمزور ٿي اوصافن کان خالي رهندينءَ تہ تنهنجو حقيقي وَر سان ميلاپ ڏکيو ٿي پوندو ۽ تنهنجي جواني ۽ زندگاني ضايع ٿي ويندي، گرو نانڪ جي ٻاڻي آهي:

سيگار مِٹھ رس بھوگ بھوجن سبھ جُھوٹھ کِٹے نه ليکھے
ميں مَت جوبن گرب گالی دُدما تھنی نه آوئے[53]

يعني جوين، هار سينگار ۽ مايا جا مزا سڀ ڪوڙا آهن. جيسين روح الله تعاليٰ سان واصل نہ ٿيندو تيسين تون سدا سهاڳڻ نٿي چوائي سگهين. ان ڪم لاءِ عطا ڪيل انساني زندگيءَ جو سونهري موقعو وري ٻيهر ناهي ملندو.

بابا فريد هدايت ٿو ڪري تہ، آخر ۾ حقيقي مڙس جو روح روپي ڪنوار کي سڏائي نہ ٿيندو جيڪڏهن اهو مايا جي ڄار ۾ ڦاٿل رهيو ۽ اسم جي رياضت جي وسيلي عاقبت جو سامان تيار نہ ڪيو تہ آخري وقت ۾ روح روپي هنجهہ ٻڌتر ۾ اچي ويندو. روح دنيا مان وڃڻ نہ گهرندو پر اهو هتي بہ رهي نہ سگهندو. ان وقت اهو پڇتائيندو تہ مون وقت سارو مايا کان منهن موڙ نہ ڪئي ۽ الله تعاليٰ جي عشق ۽ اسم جي ذڪر جي وسيلي حقيقي وَر سان وصال ڇو نہ ڪيو پر ان ويل پڇتائڻ بي سود ٿيندو پاڻ خبردار ٿو ڪري تہ پوئين پهر ۾ ساڻ هلڻ واري اڪيلي شيءِ عشق خدا ۽ الله تعاليٰ جي بندگي آهي، جيڪي ماڻهو وقت سر اها دولت گڏ نہ ڪندا آهن، انهن کي پوئين پهر پڇتائڻو پوندو آهي.

حوالا

(1) حضرت شلطان باهو بيت108
(2) آد گرنٿ، ص474
(3) نذير احمد، ڪلام بابا فريد شڪر گنج، ص79
(4) ڪبير ساکي سنگرهہ ص122
(5) آد گرنٿ، ص479
(6) نذير احمد، ڪلام بابا فريد شڪر گنج، ص85
(7) آد گرنٿ، ص958
(8) آد گرنٿ، ص757

(9_10) ڪبير ساکي، ص256
(11) آدگرنٿ، ص488
(12) نذير احمد، ڪلام بابا فريد شڪر گنج، ص93
(13) ڪبير ساکي سنگرهه، ص40
(14) آدگرنٿ، ص74
(15) ڪبير ساکي سنگرهه، ص146
(16) ڪبير ساکي سنگرهه، ص56
(17) نذير احمد، ڪلام بابا فريد شڪر گنج، ص96
(18) آدگرنٿ، ص1179
(19) آدگرنٿ، ص1428
(20) آدگرنٿ، ص12
(21) سنت باني سنگرهه، ڀاڱو2، ص56
(22) آدگرنٿ، ص794
(23) ميرا سندهو ساگر، ص444
(24) آدگرنٿ، ص827
(25) آدگرنٿ، ص1362
(26) نذير احمد، ڪلام بابا فريد شڪر گنج، ص110
(27) ڪليات، ص187
(28) آدگرنٿ، ص49
(29) ڪبير ساکي سنگرهه، ص66
(30) ڪبير ساکي سنگرهه، ص63
(31) آدگرنٿ، ص385
(32) آدگرنٿ، ص819
(33) آدگرنٿ، ص921
(34) آدگرنٿ، ص1009
(35) نذير احمد، ڪلام بابا فريد شڪر گنج، ص117
(36) آدگرنٿ، ص488
(37) نذير احمد، ڪلام بابا فريد شڪر گنج، ص106
(38_39) نذير احمد، ڪلام بابا فريد شڪر گنج، ص127
(40) نذير احمد، ڪلام بابا فريد شڪر گنج، ص131
(41) آدگرنٿ، ص932
(42) آدگرنٿ، ص951
(43) آدگرنٿ، ص286
(44) موجود ناهي
(45) موجود ناهي
(46) آدگرنٿ، ص1381: شلوڪ75
(47_48) آدگرنٿ، ص488
(49) آدگرنٿ، ص6
(50) نذير احمد، ڪلام بابا شڪر گنج، ص140
(51_52) آدگرنٿ، ص794
(53) آدگرنٿ، ص242

ضميمو

شعري صلاحيت

شعري صلاحيت

هن ڪتاب لکڻ جو مقصد بابا فريد شڪر گنج جي ڪلام جو ادبي جائزو وٺڻ ناهي، پر سندن ڪلام جي ادبي نقطۂ نظر کان غور ۽ اوک ڊوک جي خيال ۽ شائقن جي سهولت جي ڪاڻ، هن ڪتاب جي ڪجھ ادبي پاسن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

الهامي ڪلام:

بابا فريد جهڙا حق جا درويش، شعوري ۽ لاشعوري ڪلام جي تخليق ڪندا ناهن، پر هنن تي اهڙو ڪلام الله تعاليٰ پاران نازل ٿيندو آهي، گرو نانڪ جو چوڻ آهي: ”جيسى مے آوے خصم کى بانى تيسڑ اکرى گيان دے لالو“[1] ۽ ” ہؤ آپہو بول نه جان داہے کہيا سبھ حُکماؤ جنو“[2] ڪامل فقراءَ يا ولي الله مجدديت جي ڪيفيت ۾ جيڪو ڪلام پنهنجي واتان ادا ڪندا آهن، سندن معتقد اهو ڪلام لکندا ويندا آهن، اهڙو ڪلام ذهن جي زور تي ڏٺي چيو نہ ويندو، پر بهتر حالتن ۾ الله تعاليٰ پاران نازل ٿيندو آهي، صوفين جي اصطلاح ۾ ان کي الهامي ڪلام چيو ويندو آهي.

دنيا ۾ جي فقيرن جيان بابا فريد جو ڪلام بہ الهامي ڪلام آهي، ان ڪلام جي تخليق جو مقصد، انسان جي ڀلائي ۽ ذهني واڌاري خاطر آهي، ان ڪري پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ هر هنڌ عوام کي اڻڄاڻائي ۽ ڪاهليءَ جي اوندھ مان ڪڍي، عرفان جي روشنيءَ ۾ پيير پائڻ لاءِ ڏس ڏنو آهي.

اڄ اسين فقيرن جي ڪلام جي ادبي نظرين مطابق اوک ڊوک ڪرڻ جا عادي ٿي چڪا آهيون پر بابا فريد جهڙن ڪامل درويشن جي ڪلام تي تحقيق جو اصل مقصد اظهارِ فن ناهي، ڪامل انسان الله تعاليٰ جي بندگي ۽ عبادت سان اعليٰ روحاني ڪيفيت حاصل ڪري وٺندا آهن، اهي انسان جي ڀلائيءَ خاطر پنهنجي روحاني تجربن ۽ مشاهدن جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪندا آهن، جيئن حق جا طالب ان مان حظ حاصل ڪري سگهن، هو پنهنجي

ڪلام ۾ انهن ڇهن رنڊڪن يا ڏکيائين جو بہ ذڪر ڪندا آهن. جيڪي هنن آڏو روحاني عبادت ۽ رياضت ڪرڻ ۾ ايندڙيون آهن. انهن ترڪيبن ۽ طريقن جو بہ ذڪر ڪندا آهن. جن جي مدد سان اهي ڇهہ ئي رنڊڪون ٽپي منزل مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن.

اسان پنهنجي تحرير ڪي هر هر پيهر سنواريندا رهندا آهيون. ڪامل درويش جو بہ ڪلام چوندا آهن. اهو قدرتي طور فن تي پورو هوندو آهي، پنجابيءَ جو مشهور شاعر پروفيسر پورن سنگهہ. جيڪو پاڻ بہ لُدني راهہ جو پانڌيئڙو هو ان لکيو آهي تہ "مشرق ۾ صرف صوفين جي شاعريءَ کي سچي شاعري يا اعليٰ ادب ڪري مڃيو ويندو آهي، باقي جيڪو ڪجهہ بہ آهي، صرف لفظن جي هيرا ڦيري آهي."* سندس مطلب هيءَ آهي تہ سنت مهاتمائن يعني ڪامل درويشن جا ٻول علم لدنيءَ تي ٻڌل هوندا آهن. سندن هر ٻول علم الاهيءَ جي حيثيت رکندو آهي، سندن اقوال پيغام عوام تائين پهچائڻ جو وسيلو هوندا آهن. گرو ارجن ديو جي ٻاڻي آهي: " باني اُچر بهہ سادهہ جن اميؤ جلهہ جهرنے"(4) يعني سنتن جي ڪلام ۾ جهرڻي جهڙو وهڪرو هوندو آهي، اهڙو ڪلام آبحيات جو ختم نہ ٿيڻ وارو خزانو هوندو آهي. سنسڪرت جي قديم گرنٿن ۾، ساهت (ادب) جي لاءِ ستيم، شوم، سندرم جو معيار قائم ڪيو هو سنتن جي ٻاڻي ان تي پوري ٿي بيهي. ان جو هي مطلب آهي تہ بابا فريد جهڙي درويش جو ڪلام، جيترو سچائيءَ سان پُر ٿيل هوندو آهي، اوترو ئي سرور ۽ انساني ڀلائيءَ سان ٽمٽار آهي.

تعليمي ڪلام:

بابا فريد جي ڪلام کي متاڇري نظر سان ڏسڻ سان اها خبر پوي ٿي تہ سندن ڪلام تعليمي آهي، پاڻ عوام کي خاص پيغام ڏيڻ ٿو گهري، تنهن ڪري سندن ڪلام ۾ گهڻيون ئي نصيحتون، هدايتون ۽ هوشيار ڪرڻ جا نڪتا شامل آهن. جنهن سان حق جي پانڌيئڙن کي خاص طرف ڌيان ڏيڻ جي ترغيب ملي ٿي.

سندس ڪلام انسان جي موجوده حالات جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن دنياوي ماحول ۾ انسان وڪوڙيل آهي، ان جي اهليت کي روشن ٿو

---

* تفصيل لاءِ ڏسو: "ڪهلي ليکهہ" هکوتا لاهور بڪ شاپ لڌيانہ 1971. (3)

ڪري ۽ ان جي وسيلي ۽ رستي کي روشنيءَ سان نکاري ٿو ان سان انسان پنهنجي زندگيءَ جي مقصد يا منزل ماڻڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ٿو سگهي. سندس ڪلام مان چند شعر حوالي طور ڏسڻ سان اها ڳالهه واضح ٿي وڃي ٿي ته سندس ڪلام به تعليمي ۽ ترغيبي آهي:

1۔ بولے شیخ فرید پیارے اللہ لگے
اِیہہ تن ہوسی خاک نمانی، گور گھرے [5]

2۔ بولیئے سچ دھرم جُھوٹھ نہ بولیئے،
جو گُر دسے واٹ مُریداں جو لیے۔ [6]

3۔ فریدا! جے تُوں عقل لطیف، کالے لِکھ نہ لیکھ،
آپنے گریوان میں سِر نیواں کر دیکھ۔ [7]

4۔ فریدا! جے تَیں مارن مُکّیاں تنہاں نہ مارِیں گُھمّ،
آپنے گھر جائیے پَیر تنہاں دے چُمّ۔ [8]

5۔ فریدا! تھیو پواہی دَبھ، جے سائیں لوڑیں سبھ
اک چھجّے بیا لتاڑیے تاں سائیں دے در واڑیے [8]

6۔ فریدا! جنگل جنگل کیا بھَویں؟ وَن کنڈا موڑیں
وسی رب ہیلا لیئے، جنگل کیا ڈُھوڈھیہہ [10]

7۔ رُکھّی سُکّھی کھاءِ کے ٹھنڈا پانی پیئو
فریدا! دیکھ پرائی چوپڑی نہ ترسائیں جیئو [11]

8۔ فریدا! سو ای سروَر ڈھونڈھ لیھ، جتھوں لبھّی وَتھ،
چھپڑ ڈُھونڈھے کیا ہوئے؟ چِکڑ ڈُبّے ہتھ۔

9۔ فریدا! جنہی کمی ناہہ گُن تے کمڑے وسار،
مت سرمِندا تھیوہی سائیں دے دربار۔ [13]

10۔ فریدا! بے نمازا کُتّیا، ایہہ نہ بھلّی رِیت
کبھی چل نہ آئیا پنجے وقت مسِیت [14]

11_ فريدا! من ميدان كر ٹونے ٹبے لاه
اگے مَوُل نه آؤسی دوزخ سندی بهاه [15]

12_ فريدا بُرے دا بهلا كر غُصه من نه ہڈھاء
دیہی روگ نه لگئی پلے سبھ کچھ پاء [16]

13_ فريدا! محل نسکّھن ره گئے واسا آيا تَل
گوراں سے نِمانیاں بہسن رُوحاں مل
آکھیں شیخا بندگی! چلن آج که کل [17]

14_ نِون سُو اکھَر کھَون گُن، جِیبھا منیا منّت
اے تَرے بھَینے ویس کر تاں وَس آوی کنٹ [18]

15_ اِک پھکانه گالائے سبهنامے سچا دهنی
بیاؤ نه کیہی، ٹهاہه مانک سبھ امولوے۔ [19]

مضمون جو مقصد:

ٻين كامل درويشن جيان بابا فريد شڪر گنج بہ مادي دنيا يا دنياوي موضوعن جي بدران باطني يا روحاني موضوعن جي چونڊ ڪئي آهي. مادي ادب ۾ انسان جي ڪنهن خاص ملڪ ۽ زماني جي باري ۾، خاص طور تي دنياوي، نسلي، سماجي ۽ سياسي مسئلن وغيره تي بحث ڪيو ويندو آهي ۽ انهن مسئلن جو حل پيش ڪيو يا تلاش ڪيو ويندو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ روحاني ادب ۾ دنيا جي اصليت، انساني زندگيءَ جو حاصل مقصد، روح ۽ رب تعاليٰ جو پاڻ ۾ واسطو ۽ الله تعاليٰ سان وصال جو رستو ڏيکارڻ بابت بيان ڪيو آهي. جنهن رستي تي هلندي هر انسان پوءِ اهو ڪهڙي بہ هنڌ يا زماني سان واسطو رکندڙ هجي، الله تعاليٰ سان واصل ٿي، مڪمل امن ۽ اطمينان دل ۾ دائمي سڪون حاصل ڪري سگهي. ان ڪري فقراءَ ڪامل جي ڪلام جا موضوعات وقتي ۽ تبديليءَ جي ڦيري کان بچندي، قائم دائم ۽ ڦير گهير کان مٿاهان هوندا آهن.

بابا فريد پنهنجي ڪلام ۾ خاص ڪري الله تعاليٰ،الله تعاليٰ جي بندگي

۽ عبادت انساني زندگيءَ جو اصل مقصد، دنيا جي فنائيت، موت جي اٽلتا، پيانڪ ۽ عمل جو اصول الله تعاليٰ مرشد ۽ اسم سان چاهت وغيره. ڪيترن ئي موضوعن تي روشني وڌي اٿس. انهن سان گڏ پاڻ هڏاپي جي اهنجن، برهه جي ڏک، الله تعاليٰ جي رحمت ۽ پناهه، سچن درويشن جي اوصاف وغيره جهڙن ڪيترن ئي موضوعن تي خيالن جو اظهار ڪيو اٿس. پاڻ انسان کي دنيا جي اصليت جي باري ۾ آگاهه ڪندي، اهڙو زندگيءَ جو طريقو اختيار ڪرڻ جي تعليم ڏني اٿس، جنهن سان الله تعاليٰ جو سچو عاشق بڻجي، ان جي عبادت وسيلي، ان سان واصل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃجي.

ٻولي:

جهڙي طرح نرگڻ وادي سنتن سنسڪرت جي بدران ساڌن جي ٻوليءَ کي پنهنجايو آهي. اهڙيءَ طرح نرگڻ وادي سنتن کان گهڻو اڳ بابا فريد عربي فارسيءَ جي بدران، ساڌن جي ٻوليءَ کان متاثر پنجابيءَ ۾ پنهنجو پيغام ڏنو ان ڪري بابا فريد شڪرگنج پهريون رهنما ڄاتو ويندو آهي، عوام کي سندن پنهنجي ٻوليءَ ۾ روحاني تعليم ڏيڻ وارين هستين مان ڪيس اعليٰ مقام حاصل آهي. ٻوليءَ جي نظريي کان سندس هيٺين شلوڪن تي ويچار ٿا ڪريون.

دِلوں محبّت جیں سے ای سچّے آ
جَیں من ہور، مُکھ ہور، سے کانڈھے کچّے آ۔

رتے عشق خُداءِ رنگ دیدار کے
وسریا جَیں نام تے بھوَیں بھار تھیئے
آپ لیئے لڑ لاءِ در درویش سے
تِن دھن جنیندی ماؤ آئے سپھل سے
پروردگار، اپار، اگم، بے انت تُوں
جنھاں پچھاتا سچ چُمّاں پیر موں
تیری پنہ خُدا نے تُو بخشندگی
شیخ فریدے خیر دیجئے بندگی (12)

هنن شلوڪن ۾ دل، عشق، خدا، رنگ، ديدار، درويش، پروردگار، پناهه، بخشندگي وغيره الفاظ عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جا استعمال ٿيل آهن ۽ اچار

بيحد اگر (عقل ۽ نهم کان مٿاهون) بي انت (لاحد ۽ بي شمار) لفظ سنسڪرت ٻوليءَ مان ورتا اٿس. اهي سيئي لفظ پنجابي ٻوليءَ ۾ اهڙي طرح رل مل ٿي ويا آهن. جو ان ٻوليءَ جا اصل جزا لڳي رهيا آهن. اها ئي بابا فريد جي استعمال ڪيل ٻوليءَ جي سڀ کان وڏي خوبي آهي.

بابا فريد هڪ پاسي ملڪ. مالڪ الموت. سلطان. وضو. مرشد. عقل. لطيف. شيخ. مشائخ. حياتي. درويش. در درگاهه. بندگي. دوزخ. صبح. مسيت ۽ رضا وغيره اسلامي پسمنظر واري عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جا لفظ استعمال ڪيا آهن. ته ٻئي پاسي چار پهر. آسڻ. جڳ. من. مک. نام. ڪروت. ڪنچن. ڪاڳ. هنس. گن. منت. پنٺ ۽ چت وغيره گهڻي ئي الفاظ ڀارت جي ڌارمڪ پسمنظر مان ورتا آهن. انهن مان من. چت. ڌرم. جڳ. منت. پنٺ. ناڌ. گور. ڪرپا. ساڌ سنگ ۽ آسن وغيره الفاظ خاص ڌيان طلب آهن. ڇاڪاڻ جو اهي سڀ الفاظ اصطلاحي آهن. انهن مان خبر ٿي پوي ته بابا فريد اهڙي عام فهم ٻولي تيار ڪري رهيو هو جيڪا هڪڙي ئي دؤر ۾ هندن ۽ مسلمانن کي هڪڙي ئي گڏيل باطني تعليم سان مانوس ڪرائي ڇڏي ۽ جيڪا ٻنهيءَ جي ماضي ۽ حال ۽ عوام جي شعور سان ڳوڙهي طور وابسته هجي. ڀاڻ سهاڳڻ. ڊهاگن. ساهرا گهر. پيڪا گهر. ساهي پيدي گنڌ. گنڍ. ڇتاوا ۽ وهڻي وغيره. ڪيترين ئي تشبيهون ۽ استعارا استعمال ڪيا آهن. جيڪي ڀارتي تهذيب ۽ تمدن سان مليل جليل جزا آهن. انهن سان گڏوگڏ ڀاڻ فرشتي کي فريسته. وقت کي وخت. مسجد کي مسيت. نماز کي نواج. وضو کي اُضو حيات کي حياتي. پل صراط کي پرصلات وغيره جي صورتن ۾ بدلائي استعمال ڪيو اٿس. جيئن عوام کي اهي الفاظ سمجهڻ ۾ ئي نه پر انهن کي عام ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪرڻ ۾ ڏکيائي نه ٿئي. ان سلسلي ۾ سندس هيٺ ڏنل شلوڪن تي ويچار ڪيو ويندو.

تپ تپ لُوه لُوه ہاتھ مروڑو، باوَل ہوئی سو سَوه لوڑُو
تَیں شَوه من مَنَہ کیا روس، مُجھ اوگن شَوه نایں دوس
تَیں صاحب کی میں سار نہ جانی، جوبن کھوءِ پاچھے پچھوتانی
کالی کوئل تُو کِت گُن کالی اپنے پریتم کے ہَوں برہے جالی
برہے ہِہُوں کِتھ سُکھ پائے جاں ہوءِ کرپال تا پربھو ملائے
ودمن کُھوہی مُندھ اکیلی نہ کو ساتھی نہ کو بیلی

کر کرپا پربھ سادھ سنگ میلی جا پھر دیکھاں تاں میرا اللہ بیلی
واٹ ہماری کھری اُڈینی کھنّیوں تِکھی بہت پئینی
اُس اُوپر ہے مارگ میرا شیخ فرید پنتھ سمہار سویرا[51]

هن ۾ بيان ڪيل تڪرا مثال: 'ہاتھ مروڑو'، 'سو سَوہ لوڑو'، 'کیا روس'، 'ناہیں دوس'، 'سار نہ جانی'، 'پاچھے پچھوتانی'، 'کِت گُن کالی'، 'پریتم کے ہَوں برہے جالی'، 'پربھ بِہوں کِتھ سُکھ پائے'، 'جاں ہوءِ کرپال تا پربھو ملائے' وغيره کڙي ٻولي يا هندوستاني ٻوليءَ جي بنھ ويجھا آهن. اهي سنت نامر ديو ڪبير داس، سنت رويداس، گرونانڪ، گرو تيغ بهادر وغيره نرگڻ وادي سنتن جي وسيلي استعمال ٿيل ٻوليءَ سان ان جي حد تائين هڪ جهڙائي رکن ٿا. جيڪڏهن شلوڪ جي آخر ۾ ڪنهن ٻـ سنت جو نالو لکي ڇڏجي تہ سڃاڻڻ ۾ ڏکيائي ٿي پوندي تہ شلوڪ ان سنت جو آهي يا بابا فريد جو. مٿين ٻولن ۾ استعمال ڪيل الفاظ باول (بانوري ديواني) سهہ (مڙس) من (دل)، روس (رنج) گن (خوبي، ڳڻ) پريتم (محبوب) سک، ڪرپال (رحيم، ڪريم) پربو ڪرپا (فيض بخشش) ساڌ سنگ، مارگ پنٿ، سويرا، خاص طور تي ڌيان طلب آهن ۽ انهن جو تلفظ نرگڻ وادي سنتن وارو آهي، نہ ئي بابا فريد جي خيالن ۾ ڪوئي ڪٽر پڻو آهي ۽ نہ ئي تنگدلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، نہ سندس ٻولي ۽ نہ وري انداز بيان ۾.

عام فهم ڪلام:

بابا فريد جو ڪلام ڪنهن ٻـ هڪڙي مذهب، قوم يا فرقي جي ماڻهن جي لاءِ ناهي، پر پوري دنيا کي سولي ٻوليءَ ۾ الله تعاليٰ سان عشق ۽ انساني محبت جو پيغام ڏئي ٿو پاڻ ڪبير داس، سنت رويداس، ۽ گرو نانڪ وغيره سنتن کان لڳ ڀڳ ٽي سؤ ورهيہ اڳ پنهنجي ڪلام کي اهڙي طريقي ۽ ٻوليءَ ۾ استعمال ڏکڻ هندستان جي هڪ وڏي حصي ۾ آسانيءَ سان سمجهي ويندي هئي، جنهن پوءِ ايندڙ صوفين ۽ نرگڻ وادي سنتن جي لاءِ نئين راهہ ٺاهي، ان کان اڳ صرف سنسڪرت عربي ۽ فارسي وغيره جهڙين قديم ٻولين کي روحاني تربيت جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. جنهن طريقي سان بابا فريد ٻوليءَ کي استعمال ڪيو آهي، ان مان پتو ٿو پوي تہ اها ٻولي دنيا جي اعليٰ روحاني تعليم ۽ تبليغ جي قابل آهي.

لفظن جي جوڙڪ ۽ انهن جو استعمال:

بابا فريد پنهنجي ڪلام ۾ جن لفظن جو استعمال ڪيو آهي، انهن جي جوڙجڪ بہ ڪئي اٿس. سندس شاعرانہ فن ۾ اهڙا خوبصورت لفظ مڙهيا اٿس ۽ انهن کي نيون معنائون ڏنيون اٿس. مثال 'فريدا سکهى ديکهہ پتينياں سُن سُن رہنے کنَ'[22] "اک جو جمع، اکي" رات مان رتي، گل مان گالي، يا گلين جهڙي لفظن کي ڏسي سگهجي ٿو. پاڻ وڌيڪ حوالو ڏنو اٿس، 'فريدا! کالِيں جنهيں نہ روايا دَھولِيں راوے کو'[23] هتي ڪالي (ڪاري) ۽ دهولي (سفيد) جي جمع طور آندا اٿس. انهن جو تلفظ ڪالين ڪارن ڪڪرن (وارن) جي لاءِ دهولين سفيد بادلن جي لاءِ استعمال ڪيا ويا آهن. سندس مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن ڪارن ڪڪرن جي رهندي الله تعاليٰ جي عبادت نہ ڪئي تہ سفيد وار ٿيڻ ويل (ٻڍاپي ويل) عبادت ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو پهرئين "ڪاليءَ کي ڪالين" ۽ دهوليءَ کي دهولين" ٺاهيو ويو آهي ۽ وري اهي ٻئي لفظ تشبيهہ جي طور تي جواني ۽ ٻڍاپي واري حالت جي ڪيفيت.

پاڻ وڌيڪ چيو اٿس، 'فريدا! سِر پليا داڑهی پلی، مُچهاں بهی پلياں'[24] هي لفظ " پلياں" کي وارن جي سفيد ٿيڻ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. پاڻ اڳتي چوي ٿو 'ساکهہ پکندی آئی آ، ہور کرېندی ونَ'[25] هتي ميوي جي پچڻ مان بہ نئون استعارو جوڙيو اٿس. 'فريدا جے مے بودا وار يا متا آنزياں'[26] مين لفظ واريا کي نئين معنيٰ ڏئي وري جانا جي بدران استعمال ڪيو اٿس. پاڻ چوي ٿو 'جو سجّن بهوئيں بهار تهے سے کيوں آويں اَجَ'[27] هن مصرع ۾ زمين تي هلندڙ ڦرندڙ انسان کي 'بهوئيں بهار تهے' (زمين تي بوجهہ) جو اڇوتو مثال ڏنو اٿس. پاڻ لکيو اٿس، 'فريدا! بهنَی گهڑی سَوَنوِی، ٹُٹَی ناگر لجَ'[28] هن بعد ۾ "ون (رنگ) کي سونوي" (رنگ برنگي يا خوبصورت) جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو اٿس. اهي لفظ جوڙ خوبصورت ۽ موزون بناوتون آهن ۽ "ميں" پنجابي بوليءَ موجب آهي. سندس ٻاڻين ۾ لفظن جي جوڙجڪ جي لاءِ اهڙا ڪيترائي نمونہ ڏسي سگهجن ٿا. سندس هڪڙو دوهو آهي:

چَبن، چلن، رتَن، سے سُنیئر بهی گئے
ہیئڑے مُتّی دماہ سے جانی چل گئے[16]

هن دوهي ۾ ”چبن، چلن، رتن ۽ سينئر“ جهڙا لفظ ترتيب وار ڏندن، ٽنگن، اکين ۽ ڪنن جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيا ويا آهن ۽ انهن کي انساني جسم جا ”جاني“ يعني دوست چيو ويو آهي.

پنجابي ادب ۾ ٻوليءَ کي اهڙي خوبصورتيءَ سان استعمال ڪرڻ جو مثال مشڪل سان ملندو آهي.

بابا فريد ”ڪوزي کي (ڪوڌڙا) ڪميليءَ کي (ڪميلڙي) توڙي کي (تورڙي) وات کي (واتڙي) ڪم کي (ڪمڙي) ڪيتي کي (ڪيتڙيا) خاڪ کي (خاڪو) متران کي (متان) آئيان کي (آئڙيان) ڪوئلان کي (ڪولگيان) ۾ بدلائي ڇڏيو اٿس، اهڙي بيان ۾ نزاڪت، لچڪ ۽ خوبصورتي پيدا ٿي پئي آهي. اهڙيءَ طرح بابا فريد پوام، ٿيوم، ٿيسي، هوسي، ڪاسي، آوسي، کي خالص ملتاني ٻوليءَ ۾ فعل جي طور استعمال ڪيو آهي، اهو مقامي ٻوليءَ جي استعمال جو خوبصورت نمونو آهي جنهن سان ان دؤر جي قديم ٻوليءَ (اپ ڀرنش) جي لفظن جي ڄاڻ ملي ٿي، جنهن سان لکت ۾ خوبصورتي اچي وئي آهي.

محاورن جو استعمال:

بابا فريد پنهنجي ڪلام ۾ ان دور ۾ رائج محاورن کي به استعمال ڪيو آهي ۽ انهن سان گڏ نون محاورن جي جوڙجڪ به ڪئي اٿس. پاڻ محاورن جو استعمال وڏي خوبي ۽ خوبصورتيءَ سان ڪيو اٿس، جو متاڇري نظر سان ڏسڻ ۾ پتو پوندو ته عام لفظن کي استعمال ڪيو پيو وڃي، يا محاورن کي، ان سان گڏ سندس ڪلام قولن سان ڀرپور آهي، جيڪو اڳتي هلي محاوراتي ٿي استعمال ٿيو آهي، مثال طور سندس ٻول آهن:

1۔ جے جاناں لڑچھجنا پیڈھی پائیں گنڈھ[30]

2۔ فریدا! جے توں عقل لطیف، کالے لِکھ نہ لیکھ۔
آپنے گریوان میں سِر نیواں کر دیکھ۔[31]

3۔ رُکھی سُکھی کھاءِ کے ٹھنڈا پانی پیئو
فریدا! دیکھ پرائی چوپڑی نہ ترسائیں جیئو[32]

4۔ کندھی اُتے رُکھڑا، کچرک بنے دِھیر
فریدا! کچے بھانڈے رکھیئے کچر تائیں نیر[33]

5- جاں کُواری تاں چاؤ وِواہی تاں ماملے
فریدا! ایہو پچھتاؤ وت کُوآری نہ تھیئے[44]

لفظن جي نقاشي ۽ معنيٰ:

بابا فريد جو ڪلام رنگ برنگي لفظن جي تصوير ڪشي ۽ عجيب غريب وڏو تصوير گهر (Art Gallary) آهي، جن ۾ احساس، منظر، موسيقي، بوءِ ۽ چهاءَ جي خوبصورت نقشا ڪشي ڪئي وئي آهي، مثال طور:

کنّدھ کُہاڑا سِر گھڑا، وَن کے سر لوہار
فریدا! ہوں لوڑی شَوہ آپنا، تُوں لوڑیں انگیار[35]

لوهر جي ڪلهي تي ڪهاڙو، مٿي تي دِلو جهنگ ۾ وڃي. پهرين مصرع ۾ سڄو منظر اکين جي آڏو اچي ويندو ٻول جي ٻي مصرع ۾ بيان نئين رنگ ۾ ڪيو اٿس، ان ۾ سندس ساهن جيپهونجيءَ کي ڪوئلو تاهيندڙ دنيادار الله تعاليٰ جي عابد سان هڪ جهڙائي ڪندا آهن، جيڪو پڙهندڙن کي پاڻ تعليم طرف متوجه ڪندو آهي. ٻئي منظر پاڻ ۾ ملي هڪ ڳوڙهي معنيٰ ۽ اصول تخليق ٿو ڪري، پاڻ وڏيڪ چوي ٿو:

فریدا اَکھیں دیکھ پتینیاں سُن سُن رِینے کنَ،
ساکھ پکنّدی آئی آ، ہور کرینّدی ونَ۔[36]

هن شلوڪ ۾ پاڻ هڪڙي وڏڙي ڄمار واري مور جي تصوير پيش ٿو ڪري، جيڪو اکين ۽ ڪنن ڪان وڏو آهي. پاڻ سندس شخصيت کي هڪ سڪل تاريءَ سان مشابه ڪيو آهي، جنهن جي ساوڪ ختم ٿي چڪي آهي تصوير ۾ هڪڙو ڏيک به آهي، پر ان ۾ اونهي ڏک سور جو احساس لڪل آهي، پاڻ ٻئي شلوڪ ۾ چوي ٿو:

تتّی توءِ نہ پَلوے جے جل تُبھَی دے
فریدا! جو ڈوہاگن ربّ دی جُھوریندری جُھورے[37]

هن شلوڪ ۾ هڪ نرم نازڪ ڪوئنپل جي تصوير آهي، جيڪا اس وگهي سڙي چڪي آهي ۽ هاڻ ٻيهر سائي نہ ٿي سگهندي، هن استعاري ۾

محبوب جي برهہ جي باهہ چاهيندڙ بيتاب ڏهاڳڻ جو منظر پيش ڪيو ويو آهي، اهڙيءَ طرح پاڻ حسي مناظر کي معنيٰ خيز مناظر ۾ بدلائي ڇڏيو اٿس، جيڪا سندن ڪلام جي هڪڙي وصف آهي.

هڪ ٻئي شلوڪ جي پهرين مصرع ۾ چئي ٿو: "فريدا کن مصلا صوف گل دل کاتی گزوات" ان شلوڪ ۾ هڪڙي اجاڻ درويش جي منظر ڪشي ڪئي اٿس، جنهن جي ڪلهي تي مصلو گيڙو رتو لباس پهريل آهي. هو واتان سهڻا لفظ ادا ڪري ٿو پر سندس من ۾ مڪر ۽ فريب جي قئنچي آهي، ان شلوڪ جي ٻي مصرع ۾ پاڻ چوي ٿو 'باہر دسے چاننا دل اندهاری رات'[38] هن مصرع ۾ درويش تي طاري صورت جي دلي حالات سان پيٽ ڪري ٿو.

وڏيڪ ٻئي شلوڪ جي پهرئين مصرع ۾ چوي ٿو: 'فريدا! سِر پليا داڑهی پلی، مُچهاں بهی پلياں' ان مصرع مان هڪ اهڙي انسان جي تصوير ڏسڻ ۾ ٿي اچي، جنهن جي مٿي، ڏاڙهي ۽ مڇن جا وار سفيد ٿي چڪا آهن. ٻي مصرع 'رے من گہلے باولے مانيں کيا رلياں؟'[39] هن کي معنيٰ خيز منظر ۾ بدلائي ڇڏيو اٿس. وري چوي ٿو:

ناتی دھوتی سنبھی ستی آئے نچند،
فريدا! رہی سوبيڑی ہنجھہ دی گئی کتھوری گندہ[40]

جواني جي نشي ۾ پُرباش، الهڙ ڇوڪري هار سينگار ڪري، بي فڪر ٿي سيج تي سمهي پوي ٿي، انهيءَ آس ۾ تہ سندس جواني، خوبصورتي ۽ سجاوٽ کي ڏسي سندس ور ڪيس سيني لائيندو پر سندس جواني، خوبصورتي ۽ سينگار جي ڪٿوريءَ جهڙي مهڪ، سندس خودي جي هِڱ جهڙي بوءِ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي، جنهن ڪري هوءَ ور جي وصال کان محروم ٿي ويندي آهي، هن شلوڪ ۾ بظاهر هڪڙي نازنين جو داستان بيان ڪيو ويو آهي، جيڪا پر اسرار نموني ۾ اهڙي محبت کان خالي آهي. هن شلوڪ ۾ ڏسڻ لاءِ تہ هڪڙي نازنين جو قصو بيان ڪيو ويو آهي جيڪا پراسرار نموني ۾ ان محبت کان خالي روح جي حڪايت آهي، جيڪو پنهنجي نيڪ عملن جي غرور ڪري حقيقي محبوب جي وصال کان محروم رهجي ٿو وڃي، ڪٿوري ۽ هڱ جي مشابهت سان لڪل خوشبو ۽ ناخوشگوار بوءِ

جي منظرڪشيءَ جون ٻہ صورتون جذباتي حالتن جون مظهر آهن. وري چوي ٿو:

اج نه سُتي ڪنت سيوں انگ مڑيں مڑجاءِ
جاءِ پُچّهو ڈوہاگنی: تم ڪِيو رَين وباءِ[41]

هن شلوڪ ۾ بہ فنڪاراڻي ترڪيب ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن ۾ ظاهري عمل ۽ فعل جسماني طور ٿي رهيا آهن. اصل ۾ جسماني ڪيفيتون جذباتي ڪيفيتن جو راز ٻڌجي وڃن ٿيون ۽ ڏهاڳڻ (نفس پرست) ۽ سهاڳڻ (خدا پرست) جي خيالن جي عڪاسي ڪن ٿيون. جسماني عمل ۽ فعل جڏهن روحاني صورت اختيار ڪري وڃن ٿا، يعني روحاني تصور ۾ داخل ٿي ويندا آهن تہ تصور هڪ غلط فلسفي کي جنم ڏيندو آهي. اهي سڀ عمل ۽ فعل پل ڇڪ ۾ ۽ قدرتي ٿي ويندا آهن. بابا فريد جو چوڻ آهي:

فريدا! درياوے ڪنّے بگلا بيٹها ڪيل ڪرے
ڪيل ڪريندے ہنَجھ نوں اچنتے باز پئے
باز پئے تس رب دے، ڪيلاں وسرياں
جو من چِت نه چيتے سن سو گالی رب ڪياں[42]

هن شلوڪ جي پهرين مصرع ۾ حيات ۽ موت جي درياهہ ڪناري راند ۾ مگن روح روپي بگهہ جي تصوير ڪشي ڪئي آهي. ٻي مصرع ۾ ان بگهہ مٿان ملڪ الموت جي باز جي اوچتي جهڙپ جي منظر ڪشي ڪئي اٿس، چوٿين مصرع "جو من چِت نه چيتے سن سو گالی رب ڪياں"جي وسيلي سڄي منظر کي دنيا جي رنگ رلين ۾ هن دنيا ۾ مست دنيادار سان ملايو ويو آهي، جنهن تي موت جو فرشتو اچانڪ اچي ڪيس ڪنيي ويندو آهي، ايئن ڪيترائي ننڍا ننڍا منظر ملي، هڪ وسيع منظر جي تخليق ڪندا آهن. اهي سڀ مناظر متحرڪ آهن. اهي سڀ فلم جيان بہ آهن ۽ بيانيہ بہ آهن. گڏوگڏ هي احساسن ۽ فلسفن جي تخليق بہ ڪندا آهن. سندس هڪڙو شلوڪ آهي:

بُڈها ہويا شيخ فريد، ڪنّبن لگی ديہه
جے سو وَرمياں جِيونا بھی تن ہوسی کهيہه[43]

پهرين مصرع ۾ منظر ڪشي ڪئي وئي آهي. ٻي مصرع ۾ هوان کي محسوسات ۽ فلسفي جي رنگ ۾ رنگي ٿو پاڻ وڏيڪ چوي ٿو:

جاں کُواری تاں چاؤ ووِاہی تاں مامِلے
فریدا! ایہو پچھتاؤ وت کُوآری نہ تھیئے [44]

هن شلوڪ ۾ پرڻيل ۽ ڪنواريءَ جي لفظن سان هڪ الهڙ ڇوڪريءَ جي ظاهري حالت جي بيان جو شڪ ٿئي ٿو پر اهي ٻئي الڳ الڳ ڪيفيتن جا مظهر آهن.

ظاهر آهي تہ بابا فريد وٽ لفظي تصويرن کي جذبات جي منظرڪشيءَ ۾ بدلائڻ ۽ انهن جي وسيلي ڳوڙهن روحاني خيالن جي دلڪش منظرن جي پيش ڪرڻ جي ٻي پناهہ صلاحيت آهي، جيڪا کيس دنيا جي اعليٰ ترين، درويش، اديبن جي پهرين صف ۾ آڻي بيهاري ٿي.

استعارا، تشبيهون، تمثيلون:

اڻڪٽ هيرن جواهرن سان جڙيل استعارا، تشبيهون، تمثيلون ۽ منظر بابا فريد جي ڪلام کي خوبصورت بڻائين ٿا. سندس شلوڪ آهي، "فريدا! عُمر سُہاوڑی سنگ سُونڑی دیہہ، وِرلے کوئی پائیں جنھاں پیارے نہہ"[45] هن شلوڪ ۾ گهٽي، گپ، ڪتي، گهر وغيره جا استعارا استعمال ڪيا اٿس، ان کان پهرئين شلوڪ ۾ "درياوے کنے بگُلا" درياهہ ٻگهہ باز وغيره جا استعارا استعمال ڪيل آهن. ’جے جانا تِل تھوڑ ڑے، میں تھوڑے تل‘ ۽ سرهہ ننڍڙا استعارا آهن. ان طرح پاڻ "سهري پيڪي سهاڳڻ ڏهاڳڻ ڪنوار ور شڪر، وس (زهر) وِس گنديلان (زهر جون ڳڙيون) نہ ترسي مهمان، ڪتولا، واڻ، سوڻ هنجہ ورڻ ڪچو گهڙو ڪنڌا، پيڙي، پاٽي، ڪن ڪانءُ، ڪانڌي پاڻي، پکي ٻگهہ هنجهہ ڪونچڙيون هِڳہ جوان، ڇوڪري وغيره ڪيترائي استعارا ۽ تشبيهون استعمال ڪيون اٿس، جيڪي سندس ڪلام جي فلسفيانہ فنڪارانہ ۽ قدرتي صلاحيت ۾ واڌارو ڪري رهيا آهن.

ساهري ۽ پيڪين، سهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ جون علامتون جيڪي بابا فريد استعمال ڪيون آهن. جيڪي ان کان پوءِ صوفين، درويشن ۽ نرڳڻ وادي

سنڌتن جي لاءِ رستي جي ڏياتي ٻڌجي پيون. روح ۽ رب جي پاڻ ۾ سنبنڌ کي زال ۽ مڙس جي مائٽيءَ جي اظهار جي وسيلي پاڻ صوفي ادب ۾ عشق حقيقي جي تصور کي عشق مجازيءَ طور پيش ڪندي اچڻ واري زماني ۾ تسليم ڪيل حقيقي شاعريءَ کي هڪ نرالو فنڪاراڻو انداز عطا ڪيو. هيءَ ڳالهه غور طلب آهي تہ پاڻ ٻاهرين (ايراني) صوفين جيان جام، صراحي، پيالو شراب، مئي خانو رند ۽ زلف وغيره جي استعارن جي جاءِ تي خالي ديسي زندگي ۽ عوام جي شعور سان جڙيل علامتون، استعمال ڪيون اٿن. سندس ڪلام مان چند مثال ڏنا ٿا وڃن، جيڪي مختلف حالتن ۾ انسان جي خوبصورت عڪاسي ڪري رهيا آهن.

1- سرور پنکھی ہیکڑو پھاہیوال پچاس۔ (46)

2- ودھن کھوہی منّدھ اکیلی،
نہ کو ساتھی نہ کو بیلی۔ (47)

3- کالی کوئل تُو کِت گُن کالی،
اپنے پریتم کے ہوں برہے جالی۔ (48)

4- جِند ووہٹی، مرن وَر، لَے جاسی پرناءِ۔ (49)

5- فریدا! جو ڈوباگن ربّ دی جُھوریندری جُھورے۔ (50)

6- اج نہ سُتّی کنت سیوں انگ مڑیں مُڑجاءِ

7- جوبن جاندے نہ ڈراں جے شوہ پریت نہ جاءِ (52)

8- جے جاناں شَوہ نندَڑا تھوڑا مان کریں۔ (53)

9- اِک آپی نے پت لی شَوہ کیرے بولا۔ (54)

10- مُجھ اوگن شَوہ ناہیں دوس۔ (55)

11- دُمن کُوکیندی گور میں تیں شوہ نہ مِلیاس۔ (56)

12- بنس چلسی دُمنا، ایہہ تن ڈھیری ہوسی۔ (57)

13- کیل کریندے ہنجھ نوں اچنتے باز پئے

بابا فريد عابد يا درويش جي لاءِ سهاڳڻ، هنجھ ۽ نفس پرست يا دنيادار جي لاءِ ڏهاڳڻ ۽ ٻگهہ جا استعارا استعمال ڪيا آهن. جيڪي پوءِ نرگڻ

وادي سنتن ۾ ڪافي مقبول ٿيا. پاڻ دنيا کي "ڪلر واري زمين ۾ ڪوڏري جو فصل، چيو اٿس. ان جي مادي سببن کي ڪسمپڙي جا گل ۾ ڪنڊ ۾ ملايل زهر جي ڳڙين سان تشبيهه ڏني آهي. سندس شلوڪ آهي: 'فريدا! ڪو ڪينديان چانڪينّديان مِتِين ديندّيان نِت.جو شَيطان ونّجايا سے ڪِت پهيرے چِت'[59] جنهن جو شيطان جي چنبي ۾ قاتل روح جي دردناڪ حالت جي تصوير ڪشي ڪئي اٿس. فقراءَ جي بار بار آگاهه ڪرڻ جي باوجود انسان تي سندس هدايت جو ڪوبہ اثر نٿو ٿئي، هو بنا سوچي ڄاڻي حواسن جي لذت ۾ هوس ۾ ٻڌو پيو آهي، هو ويچارو پنهنجي پاران انهن لذتن کي منو ڄاڻي انهن ۾ مگن رهندو آهي، پر انهن جو اثر زهريلو هوندو آهي، 'ديکهه فريدا جو تهِيا: سکّر هوئی وِس،سائين باجهوں آپڻے ويدن کہڻے کِس'[60] هتي ڪنڊ ۾ زهر جي لذتن جي صورت ۾ انهن جي اندروني فطرت جون علامتون ظاهر ڪيل آهن، سندس شلوڪ آهي:

1- فريدا! جا لوبهہ تاں نينهہ کيا؟ لُب تاں کُوڑا نينّهہ
کِچر جهٿ لنگهائيے چهپّر ٹُٹّے مينهہ [61]

2- فريدا! ويکهہ کپاہے. جو تهيا جو سر تهيا تِلاں
کمادے اُر کاگدے کُنّے کوئلياں
منّدے عمل کريندِيا! ايهہ سزا تِنہاں[62]

انهن حوالن ۾ پاڻ مثال ڏئي سمجهائي ٿو تہ جيئن جُهريل جهوپڙي اوڙڪون ڪنڌڙ مينهن جي ست نہ سهي سگهندي، اهڙيءَ طرح حرص ۾ هوس محبت کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن. ٻئي مثال جيان پاڻ سمجهائين ٿا تہ جهڙيءَ طرح تِر، ڪپهه ۾ ڪمند پيڙيا ويندا آهن. جيئن ڪاغذ ناهڻ لاءِ ڪاٺيءَ جو ٻورو ناهڻو پوندو آهي، جيئن ٿانءَ کي باهه تي تپايو ويندو آهي، اهڙي طرح گنهگار کي مختلف طريقن سان عذاب ڏنا ويندا آهن. سندس ڪيترن ئي شلوڪن ۾ تمثيل جي وسيلي اصل مدعا کي ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

گهاگهر ۾ ساگر:

بابا فريد جو پيغام انهن ماڻهن لاءِ آهي جن ۾ ڪيترن کي اسڪول وڃڻ

جو موقعو ئي نہ مليو نہ ئي ڪين ادبي روايتن بابت ڪا ڄاڻ آهي. پاڻ پنهنجو پيغام اهڙن ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ شلوڪن جي هلڪي ڦلڪي شعري صورت جي چونڊ ڪئي. سندس اڪثر شلوڪ ٻن (دوهن) مصرعن جا آهن. وڏا شلوڪ اٺن مصرعن جا بہ آهن. بہ شلوڪ ٽن ٽن مصرعن جا آهن. ٽن مصرعن جي شلوڪن ۾ هڪڙو ئي خيال ادا ڪرڻ ۾ ڪين دسترس آهي. سندس شلوڪ آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچڻ جهڙا آهن. جيڪي آسانيءَ سان ياد ڪري سگهبا آهن. جيئن سنسڪرت جي وڏن شاعرن سوتر لکيا هئا. اهڙيءَ طرح بابا فريد پنهنجي ڪلام ۾ لفظن کي اهڙي طرح استعمال ڪيو آهي، جو اهو هڪڙي سوتر يا فارمولا جو درجو رکي ٿو: مثال طور:

1- نِون سُو اکھَر کھَون گُن، جِیبھا منیا منَت
اے تَرے بھَیئے ویس کر تاں وَس آوی کنت [63]

2- مت ہونّدی ہوئے ایانا، تان ہوندے ہوئے نِتانا
اَن ہوندے آپ ونڈاوئے: کو اَیسا بھگت سدائے [64]

بابا فريد پنهنجي ذاتي تجربي جي ڪري روحانيت جي جواهر پارن کي لعلن جيان وڏي ملهہ اجا بہ املهہ خيالن کي سادن شلوڪن کي آسان بامعنيٰ شعري انداز ۾ انتهائي ڪاميابيءَ سان ادا ڪيو آهي. اديبن سندس ڪيترن ئي شلوڪن ۾ قرآن شريف جي آيتن وارو رنگ ڏٺو آهي.

سندس شلوڪ آهي: "فريدا جن لوئن جگ موہیا سے لوئن ڃے ڈٹھہ، کجل دیکھہ نا سہہ یاں سے پلکاں. سوئے بہتھہ" [65] پاڻ انهن ٻن مصرعن ۾ ان نازڪ بدن نازنين جي پوري زندگيءَ جو پورو داستان قلمبند ڪيو آهي، جيڪا پنهنجي حسن ۽ ناز ادا سان پوري دنيا کي مائل ڪري ٿي وجهي، پر هن جون اکيون ڪجل جي ريک بہ سهي نٿيون سگهن. موت کان پوءِ ان جي اهڙي حالت ٿي وئي جو سندس ڪوپري پکين جو آکيرو بڻجي وئي، پاڻ وڏي خوبيءَ سان هڪ ڏکي ڪهاڻيءَ کي ٻن مصرعن ۾ بيان ڪري ڇڏيو سندس هڪڙو شلوڪ آهي:

ساڈھے تَرے من دیہڑی، چلے پانی اَن،
آیؤ بندہ دُنی وچ وَت آسو نی بنھہ

ملک الموت جاں آوسی سبھ درواجے بھن
تنہاں پیاریاں بھائیاں اگے دِتّا بنّھ
وِیکھو بندہ چلیا چوہنّہ جنیاں دے کنّھ
فریدا! عمل جو کیتے دُنی وِچ درگاہ آئے کمّ (66)

هن شلوڪ مان ظاهر آهي تہ پاڻ انساني زندگيءَ جي مڪمل روئداد کي چند مصرعن ۾ بيان ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ هو انسان ڪيترين ئي قسمن جون خواهشون کڻي دنيا ۾ اچي ٿو ۽ سڄي عمر زندگيءَ جي جفاڪشيءَ ۾ مصروف رهندو آهي. زندگيءَ جي پوئين پهر ۾ سندس ساهہ نڪري ويندو آهي ۽ هو آگر بہ لوڏي نہ سگهندو آهي، هو ٻين جي ڪلهن تي سوار ٿي قبرستان راهي ٿيندو آهي ۽ سندس روح سندس ڪيل عملن جو حساب ڏيڻ لاءِ محشر جي عدالت ۾ پهچايو ويندو آهي. دنيا کان عاقبت تائين هڪڙي ڏکهي سفر جي روئداد خوبصورت انداز ۾ بيان ڪئي اٿس، هڪ انسان جي ڏک ڀري ڪهاڻي، هر انسان جي ڏک ڀريل ڪهاڻي آهي. اهو شلوڪ انساني مقدر جي هڪڙي عالمگير ۽ دائمي احساس جي عڪاسي ڪري ٿو.

مٿئين شلوڪ جي پڇاڙيءَ واري مصرع ۾ " فريدا! عمل جو کيتے دُني وِچ درگاہ آئے کمّ " هڪڙو پيغام بہ آهي ۽ آگاهي ۽ تنبيهہ بہ آهي. سندس چوڻ آهي تہ انسان ساري حياتي خواهشن جي پورائي لاءِ پريشان رهندو آهي ۽ پوءِ اهڙا عمل ڪري ويهندو آهي، جن جو قيامت جي ڏينهن حساب ڏيڻو پوندو آهي، ظاهر آهي تہ هي شلوڪ انساني زندگيءَ جو افسوسناڪ پهلو پيش ڪري ٿو ان افسوسناڪيءَ کان بچاءَ جي لاءِ روحاني تدبير ڏانهن اشارو بہ ڪري ٿو بابا فريد جي ڳالهہ ڪيڏي نہ سولي ٿي لڳي اصل ۾ انتهائي پر معنيٰ آهي، پاڻ فرمائي ٿو:

فریدا! رُت پھِری وَن کنّبیا پت جھڑیں جھڑ پائیں
چارے کُنڈاں ڈُھونڈمیاں رہن کِتھاؤں ناہیں (67)

هن شلوڪ ۾ بہ مٿئين شلوڪ وارو رنگ نمايان آهي، هن ۾ وڻن جي پنن ڇڻن واري ڏيکاءَ جي وسيلي موت جي جٽي ڪٽي موجودگي ۽ اٽل پڻ جو احساس ڏياريو ويو آهي، ٻن مصرعن جي ننڍڙي شلوڪ ۾ پڙهندڙن آڏو

روحاني دائمي ڪاميابيءَ سان پيش ڪرڻ بابا فريد جي شعري فن جي مخصوص وصف آهي. پاڻ چوي ٿو:

پاس دمامے چھتُ سر، بھیری، سدو رڈ
جائے سُتے جِیران میں تھِیے اَتیماں گڈ[68]

جن راجائن مهاراجائن جي مٿان ڇٽ جهولندا هئا. جن جي شان ۾ شرنايون وڄايون ويندڙيون هيون ۽ قصيده چيا ويندا هئا. اهي اڄ بي يارو مددگار قبر ۾ ستل آهن. شلوڪ ۾ هڪ ڏکهو داستان چند لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. داستان ۾ پهرئين حال ۽ پڇاڙي بہ آهي ۽ ان سان گڏ داستان جي بڌايل ڪهاڻي بہ آهي. بابا فريد پنهنجي فطري رواني‎ءَ جي آب حيات کي شلوڪ جي ننڍڙن پيمانن ۾ سنڀالي ٿو رکي، سندس لکڻي سنجيده بہ آهي ۽ وڻندڙ پڻ. پاڻ الله تعاليٰ جي باري ۾ چوي ٿو: ”فریدا رب کھجوریاں پکیاں، ماکھے نئی وہن“[69] دنيا جي ڪنهن بہ شاعر شايد ئي الله تعاليٰ کي ڇهن لفظن جي مصرع ۾ پڪل کتل ۽ ماکيءَ جي ندي چئي ان جي مناس جو ذڪر ڪيو هجي. پاڻ هڪ ٻئي شلوڪ ۾ چوي ٿو: ” فریدا! شکّر، کھنڈ، نِوات، گُڑ، ماکھیوں، ماجھا، دُدھ، سبھے وستُو مٹھیاں رب نہ پُجّن تُدھ“[70] هتي رب تعاليٰ کي سڀ کان وڌو سڪون، اعليٰ ترين لذت دار ۽ خوشيءَ جو وهندڙ چشمو سڏيو اٿس. هي بيان اديبن يا فلسفين جهڙو ڏکيو نہ پر عام انسان جي تجربي جي سطح جو مظهر آهي. هڪڙي شلوڪ ۾ پاڻ الله پاڪ سان مخاطب آهي:

آپ سوارہ میں ملاں میں ملیا سکھ ہوئے
فریدا! جے توں میرا ہوئے رہ سب جگ تیرا ہوئے۔[71]

ساري دنيا جا ماڻهو الله تعاليٰ سان وصال جي وسيلي جي ڳولا ۾ مشغول آهن. الله تعاليٰ پنهنجي وصل جو طريقو سمجهائيندي فرمائي ٿو: اي بهتر انسان، ان کان اڳ جو تون مون کي سڃاڻي سگهين، اول پنهنجو پاڻ کي سڃاڻ، اول تون پنهنجو ٿي، پوءِ تون منهنجو بڻجي سگهندين. جڏهن تون پنهنجو ٿي پوءِ منهنجو ٿي پوندين تہ تون مون کي پنهنجو بڻائي وٺندين تہ سموري ڪائنات تنهنجي ٿي ويندي.

ان سادي سودي بيان جي اونهائي ۾ هيءُ روحاني راز ۽ عظيم اصول لڪل آهي تہ انساني وجود جي جوڙجڪ محض جسم ۽ نفس ناهي، روح بہ آهي. موجوده حالت ۾ روح، جسم ۽ نفس ڳنڍيل آهي، ان کي پنهنجي بي پناهہ طاقت جو اندازو آهي، اهو الله تعاليٰ جي باري ۾ ڇا ٿو ڄاڻي؟ پاڻ هندستاني سنت مهاتمائن وسيلي پيش ڪيل غير شعوري ۽ ذي شعوريءَ جي ڳنڍ کولڻ جو عظيم فلسفو سمجهائيندي انسان کي ٻڌائي رهيو آهي تہ اول نفس کي جسم ۽ حواسن کان ڌار ڪر. پوءِ روح کي نفس کان جدا ڪر. تڏهن روح الله تعاليٰ سان واصل ٿي سگهندو. گرو امر داس جو چوڻ آهي، 'آپ پہچان پر پاوے سوئے'[72] ۽ 'اپنے آپ کو پہچانو (سقراط)'[73] روح کي الله تعاليٰ سان واصل ٿيڻو آهي، جسم کي نہ. جيسين روح جسم ۽ نفس جي تابع آهي اهو رب جي دربار ۾ داخل نہ ٿي سگهندو پاڻ چوي ٿو:

فريدا! در درويشی گاكهڑی چلاں دُنيا بهَت،
بنّهہ اُٹهائی پوٹلی كِتهے وَنجاں گهت۔[74]

مطلب تہ جيسين روح جي مٿان عملن جي ڳوري ڳنڍ آهي، هو انهن عملن سببان جڳ يا ڌرم جي چنبي ۾ آهي. هي مقام حق ۾ رهندڙ مالڪ الڪل سان ڪيئن وصال ڪري سگهندو؟ بابا فريد اشارن ۾ چوي ٿو تہ رب ۽ روح جي هڪڙي ئي ذات هجڻ جي ڪري ٻنهي جي پاڻ لاءِ ڇڪ موجود آهي، پر جيسين روح جسم، حواسن ۽ نفس جي ڪثافت کان پاڪ نٿو ٿئي، تہ اهو خالص روحاني ٻڄي نٿو سگهي ۽ جيسين اهو پاڪ ۽ صاف نٿو ٿئي، الله تعاليٰ ۾ سمائجي نٿو سگهي، (ڳنڍن ڪانہ سُئِي، تہ ڪا سَگهِي ڳڏِي سَڄڻين. شاهہ)

هن سٽن جو اهو شلوڪ ٻولي ۽ چوڻ ۾ ڪيترو نہ سادڙو آهي پر مقصد جي حساب سان ڪيترو ڳوڙهو ۽ وسيع آهي، ان شلوڪ تي تہ ڪتاب جو پورو باب لکي ٿو سگهجي ۽ هڪڙو سڄو ڪتاب لکي ٿو سگهجي. بابا فريد جو اهو شلوڪ هڪڙي ٻار جيان معصوم، پورڙو ۽ برائيءَ کان پاڪ آهي، ان جي باوجود ان ۾ پهاڙ جيڏي اونچائي ۽ سمنڊ جهڙي گهرائي ۽ وشالتا آهي.

حاصل مقصد:

- بابا فريد جي ڪلام ۾ سندس ذاتي مشاهدن جو نظارو پسي سگهجي ٿو. ان ۾ بارش جهڙو تسلسل، جهرڻي جهڙي قدرتي رواني ۽ پاڪيزگي نمايان آهي، سندس ڪلام شاعراڻي فنائتي گهاڙيتي کان آزاد فن جو هڪڙو اعليٰ مثال آهي، جيڪو بناوت ۽ ٺاهہ ٺوهہ کان مٿانهون آهي.
- بابا فريد جي ڪلام ۾ سندس ذاتي شخصيت جهڙي سادگي نروار آهي. هي ڪلاڪ فقيراڻي سادگي ۽ سنجيدگيءَ سان پريل آهي، سندس ڪلام جيترو سادڙو ۽ سولو سلوڻو آهي اوترو ئي وسيع ۽ اونهو بہ آهي.
- بابا فريد جو ڪلام تعليمي ۽ تبليغي آهي. هيءُ زندگيءَ جا ڪيترائي راز کولي ٿو ۽ سمجهائيندي سلجهائي ٿو. ان سان گڏوگڏ بي شمار لطيف روحاني رمزن سان ڀرپور آهي.
- بابا فريد جي ڪلام ۾ احساس، فلسفي، فڪر ۽ فن جي خوبصورت مناسبت نمايان آهي، ان ۾ معنوي حسن، ٻوليءَ جو ميناج ۽ ٻڌائڻ ۾ رواني وغيره سڀئي اوصاف گڏوگڏ هلن ٿا. ان ۾ استعارن، ڪناين، علامتن ۽ تمثيلن کي مفهوم جي ادائيگيءَ جو اهم ذريعو بڻايو ويو آهي.
- بابا فريد ۾ ٻارڙن واري معصوميت آهي. سندس سولا سلوڻا ٻول، بي ساختہ اندر ۾ پيهي ٿا وڃن. سندس ٻول جلد ئي زباني ياد ٿيو وڃن، انهن کي ٻڌي يا پڙهي وسارڻ ڪنهن جي بہ وس جي ڳالهہ ناهي، جيڪو بہ هڪڙو ڀيرو بابا فريد جو ڪلام پڙهي ويو يا ٻڌي ورتائين تہ هو سندس معتقد ٿي ويندو ۽ بابا فريد ۽ سندس ڪلام سدائين لاءِ سندس ٿي ويندا.
- بابا فريد شاعرن جو شاعر هجڻ سان گڏوگڏ عوام جو پسنديده شاعر بہ آهي، جيڪو پنهنجي مقدس ٻولن جي وسيلي نهايت سادي طريقي سان عوام کي الله تعاليٰ روپي حقيقي محبوب جي رستي جي اهڙي رمز سمجهائي ٿو جيڪا سندن دلين کي روشن بہ

ڪري ٿي ۽ سندن آڏو هڪڙو اعليٰ نصب العين بہ پيش ڪري ٿي، انهن لاءِ هڪڙو مخصوص زندگيءَ جو طرز عمل جي تخليق بہ ڪري ٿي ۽ ان کي راحت بہ پهچائي ٿي.
بابا فريد پنجابيءَ جو پهريون مهان شاعر آهي ۽ پنجابيءَ جو پهريون صوفي شاعر آهي. بابا فريد پنجابيءَ جي صوفياڻي شاعري ۾ نرگن وادي ڪلام، فڪر، خيال ۾ بيان کي ٻنهي پاسن کان ملائيندڙ پل آهي. بابا فريد جي شاعري هن کان پوءِ ايندڙ زماني ۾ صدين تائين مشعل راهہ بڻيل رهندي بابا فريد جي ادبي فضيلت سندس ڪم جي حيرت انگيز فني عظمت ۾ سندس پيغام جي لامحدود نجات ڏياريندڙ تاثير سان ملي، ان کي اعليٰ مقام تائين وٺي ٿي وڃي ۽ انهيءَ عظمت کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ئي ناهي.

حوالا

(1) آد گرنٿ، ص722
(2) آد گرنٿ، ص763
(3) ڪلبي ليڪ، ڪوِتا، ص21
(4) آد گرنٿ، ص320
(5_6) آد گرنٿ، ص488
(7) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ6
(8) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ7
(9) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ16
(10) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ19
(11) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ29
(12) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ53
(13) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ59
(14) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ70
(15) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ74
(16) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ78
(17) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ97
(18) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ127
(19) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ129
(20) آد گرنٿ، ص488
(21) آد گرنٿ، ص794
(22) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ11
(23) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ12
(24) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ55
(25) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ11
(26) آد گرنٿ، ص1379 : شلوڪ22
(27) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ69
(28) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ68
(29) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ77
(30) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ5
(31) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ6

(32) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ29
(33) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ96
(34) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ63
(35) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ43
(36) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ11
(37) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ62
(38) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ50
(39) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ55
(40) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ33
(41) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ30
(42) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ99
(43) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ41
(44) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ63
(45) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ24
(46) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ125
(47_48) آد گرنٿ، ص794
(49) آد گرنٿ، ص1377: شلوڪ1
(50) آد گرنٿ، ص1381: شلوڪ62
(51) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ30
(52) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ34
(53) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ4
(54_55) آد گرنٿ، ص794
(56) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ54
(57) آد گرنٿ، ص794
(58) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ99
(59) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ15
(60) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ10
(61) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ18
(62) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ49
(63) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ127
(64) آد گرنٿ، ص1384: شلوڪ128
(65) آد گرنٿ، ص1378: شلوڪ14
(66) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ100
(67) آد گرنٿ، ص1383: شلوڪ102
(68) آد گرنٿ، ص1380: شلوڪ45
(69) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ89
(70) آد گرنٿ، ص1379: شلوڪ27
(71) آد گرنٿ، ص1382: شلوڪ95
(72) آد گرنٿ، ص423
(73) موجود ناهي
(74) آد گرنٿ، ص1377: شلوڪ2













Sindhica سنڌيڪا

سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار